مَهان ماڙهو ميهڙ جا

[پاڳو پهريون]

محقق

مولانا اعجاز علي سوڍر

SHAD شاد
PUBLICATION
پبليڪيشن حيدرآباد

مَهان ماڻهو ميهڙ جا

محقق

مولانا اعجاز علي سودير

HOMOEOPATHIC
DR. AHMED RAZA AGRO
D.H.M.S, R.H.M.P
Bagh-e-Madina Colony, MEHAR
Mob: No. 0307-2688799



شاد پبليڪيشن حيدرآباد، سنڌ

ارپنا

انهن عظيم هستين (ابو امان) جي
نانءُ جيڪي منهنجي وجود جو
ڪارڻ بڻيا ۽ پنهنجي وڏي ڀاءُ ڊاڪٽر
الله بخش سوڍر جي نانءُ جنهن
جيئڻ جو مطلب سيکاريو.

قَلِيْلٌ عُمْرُنَا فِیْ دَارِ دُنْيَا
وَ مَرْجِعُنَا اِلٰی بَيْتِ التُّرَابِ
اَلَا يَا سَاكِنَ الْقَصْرِ الْمُعَلّٰى
سَتُدْفَنُ عَنْ قَرِيْبٍ فِی التُّرَابِ



****

عاشق عامل عادل

ميهڙ منجهه ماڻهو، مون ڀَهان مليا
موچارا مير معتبر، مارو مٽ مليا
اڪير الفت آهي، انهن اباڻن ايتري
جو جيءُ جليو، جان جيرا جليا
ڪدورت ڪلفت ڪينو، ڪين ڪماين
همٿ هوش هشمت، هينئن هنداني هليا
نياز نور نوڙت، نينهن نڀائي ناميارا
پيار پارس پريت، پيغام پهچائڻ پليا
عالم عارف عابد، عاشق عامل عادل
سونهن سندرتا ساراهه، سينو ساهي سليا
بالا بخت برڪت، بصير بدر بديع
رباني رهبر رهنما، رفاقت روح رليا
انمول ايمان امن، ايڪتا ادب افق
ڪرم ڪبير ڪلام، ڪمال ڪليم ڪليا

مولانا اعجاز علي سودر

ڪتاب جو نالو: مهان ماڻهو ميهڙ جا
موضوع: سوانحي خاڪا
محقق: مولانا اعجاز علي سوڍر
ڇاپو: جنوري ٢٠٢١ع
تعداد: ١٠٠٠
قيمت: ٥٠٠ روپيا
ٽائيٽل ڊزائننگ: امين سولنگي
ڪمپوزنگ: ڊاڪٽر نويد احمد سوڍر
ڇپائيندڙ: شاد پبليڪيشن حيدرآباد
ڇپيندڙ: ايڊوانس پرنٽنگ ايجنسي گاڏي کاتو حيدرآباد



شاد پبليڪيشن حيدرآباد، سنڌ
0333-7211286 | 03043018400

فهرست

پبلشر پاران

ميهڙ جي ذرخيز زمين تي ڪيترن ئي عظيم شخصيتن جنم ورتو آهي جن جي تمام ڊگهي فهرست آهي. انهن منجهان ڪجهه حال حيات ۽ ڪجهه هن فاني دنيا مان رخصت فرمائي ويون آهن، جڏهن ته ان فهرست ۾ ڪافي گم نام شخصيتون پڻ آهن جيڪي پنهنجي خدمتن ۽ روشن خياليءَ جي ڪري اڄ به ماڻهن جي دلين ۾ زنده آهن. اهڙن ماڻهن لاءِ لطيف سرڪار فرمائي ٿو ته:

مرڻا اڳي جي مئا، سي مري ٿيا نه مات،
هوندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جيئا.

اهڙين شخصيتن جي سوانح حيات ۽ خدمتن تي اسان جي پياري دوست مولانا اعجاز علي سوڍر هي ڪتاب مرتب ڪيو آهي ميهڙ جا اهي عالم، اديب، سالڪ، ڏاها، ادب پرور انسان جن کي ميهڙ جي اديبن ته وساري ڇڏيو پر اسان جي هن دوست انهن شخصيتن کي مان ڏيندي وڏيون ڪوششون ڪري محنتن ۽ جفا ڪشيءَ سان هڪ هڪ شخصيت جي زندگيءَ بابت حقيقي ڄاڻ حاصل ڪري گلدستي جيان هي ڪتاب" مهمان ماڻهو ميهڙ جا " جي صورت ۾ اوهان پڙهندڙن تائين پهچايو آهي. مونکي يقين آهي ته ادب شناس ماڻهو مولانا اعجاز علي سوڍر جي هن پورهئي جي داد رسي ضرورڪندا بقول هن شعر جي ته:

داد داناءَ ڏيندا ڪاوشن کي ڏسي،
بيوقوفن تي ذرو ئي ڪين ڏبي ميار.

(قاضي)

جيڪو انسان همت ۽ حوصلي سان پنهنجي منزل مقصود لاءِ ڪوشان رهي ٿو، اهو نيٺ هڪ ڏينهن منزل ضرور ماڻي ٿو. مولانا اعجاز علي سوڍر هڪ جاکوڙي، باصلاحيت ۽ سچو انسان آهي. مونکي يقين آهي ته ايندڙ وقت ۾ سندس نالو سنڌ ليکڪن جي لسٽ ۾ نمايان هوندو. مون کي ان ڳالهه جي بيحد خوشي آهي ته هي ڪتاب شاد پبليڪيشن حيدرآباد پاران ڇپرائي اوهان پڙهندڙن آڏو پيش ڪيو ويو آهي.

محبت پاڻي من ۾، رنڌا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اڻ توريو ئي اگهائيو.
(شاهه)

ادب جو خادم
ديدارشادگوپانگ
شاد پبليڪيشن حيدرآباد

تقريظ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

نحمدالله العظيم و نصلی علی رسوله الکريم

سوانح حيات تي ضابط طريقي سان لکڻ ڏکيو ڪم آهي. مان پاڻ انهيءَ مرحلي مان گذريو آهيان. جڏهن سنڌ جي چوڏهين صدي جي علماء تي مون قلم کنيو سو به تقريبًا اڌ سنڌ جي علماء تي لکيم. مون کي انهيءَ سلسلي ۾ ڳوٺ ڳوٺ به وڃڻو پيو. ڪٿي تعارف مليو ته ڪٿان ڪابه موٽ نه ملي، بهرحال جڏهن نمبر (شريعت سوانح نمبر) جي ڇپائي جو مرحلو آيو ته مون کي خرچ پوري ڪرڻ لاءِ پنهنجي زرعي زمين وڪڻي پئي، جيڪا اڳ ۾ مون وٽ ٿوري هئي. اهو هن ڪري لکان ٿو ته جيئن خبر پوي ته تحقيق ڪرڻ هڪ مرحلو آهي ۽ ان کي منظر عام تي آڻڻ اڃان به وڌيڪ ڏکيو مرحلو آهي.

محترم اعجاز علي سودر صاحب وڏي همٿ ڪري "مَهان ماڻهو ميهڙ جا" هڪ اهم تاريخ مرتب ڪئي آهي. ميهڙ سان منهنجو تعلق رهيو آهي. مولانا قاري محمد ميهڙ وارا اسان جي مشائخ ۾ شامل آهن. قاري شير محمد شاهه جيلاني گهوٽڪي وارا قاري محمد جا استاد هئا ۽ هئي فن قرائت و تجويد جا وڏا استاد هئا. مولانا عبدالقيوم جوهر بروهي منهنجي مدرسه قاسم العلوم گهوٽڪي ۾ مون وٽ پڙهيو آهي، بلڪ بقول جوهر بروهي جي ته هن وقت منهنجي استادن مان هڪ استاد حال حيات آهي. استادن ۾ منهنجو نالو ڪٿندو آهي. بيو منهنجو شاگرد مرحوم مولانا محمد اسماعيل بروهي هو. جنهن جي دستاربندي واري جلسي جي تاريخ ۽ ان جي شادي جي تاريخ ساڳي هئي. مان چيومانس ته تون شادي ڪرڻ وڃ، الله تعالىٰ ڪندو ته توکي دستاربندي مان ڪرائيندم. مولانا مفتي ڪريم بخش مگسي سان مون ملاقات ڪئي ته ساٿس صاحب فراش، ملاقات ۽ زيارت ٿي ۽ بيو به اسان جو دوست آهي ميهڙ جو پروفيسر عبدالمجيد چانديو، اهي سڀ ميهڙ سان منهنجون وابستگيون آهن. بهرحال محترم اعجاز علي سودر وڏي همٿ ۽ جاکوڙ سان ميهڙ جي اهم ماڻهن جي تاريخ لکي آهي. مون هن ڪتاب جو سرسري جائزو ورتو آهي ته سٺي ۽ عمدي پيرا ۾ لکيل آهي.

حضرت مولانا مفتي عبدالوهاب چاچڙ
شيخ الحديث جامعه عربيه دارالعلوم الشرعيه روهڙي
چيف ايڊيٽر ماهوار شريعت

ٻه اکر

الحمد لله رب العالمين والصلاة والسلام على من لا نبي بعده وعلى آله

وصحبه ومن والاه وبعد.

ابن خلدون چواڻي "تاريخ قومن جو حافظو هوندي آهي" مسلمان آڳاٽي زماني کان تاريخ سانديندا پئي آيا آهن. مسلمان جڏهن سنڌ ۾ آيا ته هتان جي تاريخ سانڍڻ جو به کين اعزاز حاصل ٿيو. مؤرخن تاريخ سانڍڻ ۽ محفوظ ڪرڻ جا مختلف طريقا ۽ منهج پئي اختيار ڪيا آهن، جن مان اهم شخصيات ۽ بااثر ماڻهن جي سوانح حيات، اٿڻي ويهڻي، سيرت ڪردار، سياسي، سماجي، معاشي، تعليمي ۽ علمي ڪارنامن کي سانڍڻ ۽ محفوظ ڪرڻ به هڪ اهم طريقو ۽ منهج رهيو آهي، انهيءَ طريقي ۽ منهج کي اهل علم تذڪره نگاري يا علم الرجال به سڏين ٿا. وڏن ماڻهن جي زندگي ۽ سندن ڪارناما ايندڙ نسلن لاءِ نه رڳو ڪجهه ڪري ڏيکارڻ جو جذبو پيدا ڪندڙ هوندا آهن بلڪ ماضيءَ جي روشنيءَ ۾ مستقبل جي تعمير ۽ ترقيءَ جا گس به ٻڌائيندا آهن.

ميهڙ، ضلعي دادو ۾ واقع سنڌ جو هڪ اهم تاريخي ۽ ثقافتي شهر رهيو آهي، جنهن مختلف ميدانن ۾ تمام وڏا ۽ بااثرماڻهو پيدا ڪيا آهن، جن کي ڏسي ۽ پڙهي ڪو به ماڻهو تاريخ، علم، ادب ۽ سياست ۾ ميهڙ جي اهميت، مقام ۽ مرتبي جو اندازو لڳائي سگهي ٿو.

مولانا اعجاز علي سوڍر جي هن ڪتاب کان اڳ ميهڙ جي ديني ادارن تي ڪي قدر ڪم ٿيل آهي ۽ ڪجهه اتان جي شخصيات تي ڏار ڏار مقالن ۽ مضمونن جي صورت ۾ به ڪم ڪيو ويو آهي. منهنجي ڄاڻ مطابق ميهڙ تي ڪُل ٻه چار ڪتاب لکيا ويا آهن. هن وقت سنڌ يونيورسٽي جي اسلاميات واري شعبي ۾ ميهڙ جي ٻن اهم علمي ۽ ديني شخصيتن مولانا قاري محمد ڏيروؒ تي مولانا اعجاز علي سوڍر صاحب ۽ مولانا قاري سعيد احمد ڏيروؒ تي حافظ امجد علي هالو

صاحب ايم فل ڪري رهيا آهن.

مولانا اعجاز علي سوڍر سان ايم فل جي دوران ئي منهنجو رابطو ۽ تعلق قائم ٿيو. مولانا اعجاز علي سوڍر صاحب ڪئين خوبين ۽ وصفن جو مالڪ آهي، وڏائي ۽ ڦوندڙ کان بالڪل پري، نوڙت ۽ نياز سان سينگاريل آهي، جنهن کان ڪو بہ ماڻهو متاثر ٿيڻ ڪانسواءِ رهي نٿو سگهي. مسلڪي تعصب ۽ گروهي مت ڀيد کان مٿاهون شخص آهي. ڪيس سدائين علم حاصل ڪرڻ ۽ مختلف موضوعن خاص طور ميهڙ تي لکڻ ۽ تحقيق ڪرڻ جو ڏاڍو شوق اٿس.

سندس ڪتاب "مُهان ماڻهو ميهڙ جا" ميهڙ تي اڳ ۾ ٿيل علمي ڪم ۾ هڪ اهم واڌارو آهي. اعجاز علي صاحب ڳولهي ڦولهي هن ڪتاب ۾ ميهڙ جي هڪ سؤ ڏهہ (۱۱۰) شخصيات تي تمام سٺو ڪم ڪيو آهي. انهن شخصيات ۾ ستر (۷۰) ڪن تہ اهڙيون شخصيتون آهن، جن تي منهنجي ڄاڻ مطابق اڳ ۾ ڪو بہ ڪم نہ ٿيو آهي، جيڪو سچ پچ هڪ واڌارو ۽ وڏو ڪم آهي. سنڌ جي هر پرڳڻي، واهڻ ۽ وستيءَ جي ماڻهن جي تاريخ سانڍي محفوظ بنائڻ ۽ ان کي ايندڙ نسل تائين پهچائڻ هتان جي ماڻهن جي ذميواري آهي، جيڪا اسان جي مولانا اعجاز علي صاحب سهڻي نموني نڀائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. الله سائين سندس اهو علمي پورهيو مقبول ۽ منظور فرمائي. (آمين)

ڊاڪٽر حافظ مختيار احمد ڪانڌڙو
شعبو تقابل اديان ۽ ثقافت اسلامي
سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو
۲۴ ڊسمبر ۲۰۲۰ع مطابق ۸ جمادي الاول ۱۴۴۲ھ

ٻه اکر

ڪيتري ئي وقت کان اسان وٽ جن ٻه عالمن، بزرگن تي لکيو ويو آهي، اهو بار بار پڙهيو ويندڙ. اتاريل ۽ هڪ ٻئي جي ڪاپي پيسٽ تي آڌاريل هو، اهو ڪم چند ليکڪن ڪانسواءِ سيني پئي ورجايو آهي. توڙي جو ميهڙ تعلقي جي عالمن، بزرگن تي ايترو سوانحي ڪم نه ٿيو آهي پر جيڪو ڪم مليو، اهو مواد ۾ موجود لاتعداد غلطين، تواريخ جي بي ترتيبي ۽ سنوار سُڌار کان عاري مليو!

ڪلهوڙن جو دور هجي، ميرن جي صاحبي هجي يا انگريز راڄ ان سڄي عرصي ۾ سنڌ جي عالمن پاڻ نڀايو آهي، ها ڪن پنهنجي منصب ۽ مڪتب جا غلط استعمال ٻه ڪيا هوندا پر گهڻي ڀاڱي هتان جي بزرگ عالمن عوام جي ذهنن کي ٿاهيو ضرور آهي، جو فارسي کان ويندي عربي جي ٻولي تائين هنن اسان جي عوام کي واقف ڪيو، جنهن ۾ تقريبًا ٻولين جو علم ترجمي جي روپ ۾ اچي چڪو هو. آخر اهو سلسلو انگريز راڄ تي ختم ٿيو جو انهن هڪ نئون تعليمي سرشتو متعارف ڪرايو ۽ مقامي ٻولين پنهنجو سفر شروع ڪيو، گڏوگڏ هڪ نئي ٻولي جي اهميت ٻه پنهنجي جاءِ تي برقرار رهي. هاڻي جيسيتائين ان نئين دور کي سمجهڻ ۾ وقت لڳي اتي اڳئين دور جي ان رائج علم ئي رهنمائي پئي ڪئي. ان ڪري مٿين ٽنهي دورن جي عالمن جي ڪاوشن کي ڪنهن ٻه حالت ۾ رد نٿو ڪري سگهجي. هر دور جون ضرور پنهنجون تقاضائون هونديون آهن، اڳيون دور ويو نئون دور آيو پر اڳئين دور ۽ موجوده دور ۾ جن پُل جو ڪردار ادا ڪيو انهن مَهان شخصيتن جي تاريخ ۽ سوانح تي ڪم ٿيڻ ٻه تاريخ جي اسان مٿان اهم ذميواري آهي، جنهن جي ڪري هن ڪتاب "مَهان ماڻهو ميهڙ جا" جي گهرج واقعي ٻه ضروري هئي.

اسان جي ڪاهوڙي دوست جناب مولانا اعجاز علي سوڍر صاحب گهڻي وقت کان پوءِ ان ڪوٽ کي پوري ڪرڻ واسطي پنهنجو هيءُ ڪتاب سامهون آندو آهي. جنهن ۾ هن انهيءَ گهرج کي ترتيب ۽

سنوار سان ڪافي حد تائين بهتر ڪرڻ جي ڪوشش ضرور ڪئي آهي. هن ليکڪ وٽ مطالعي ۽ حوالي جي کوٽ تہ محسوس نہ ٿي ٿِي، پر وري بہ گهٽي ۾اڳي اڳئي مواد جي سهاري وٺڻ جي ڪوشش ضرور ڪئي اٿس، پر هتي اهو ضرور چئبو تہ هن جيڪو طريقو ورتو آهي اهو صحتمند ضرور لڳو. جنهن مان سندس نيڪ نيتي ظاهر ٿئي ٿي ۽ هڪ سٺي ليکڪ هجڻ جي هن وٽ صلاحيت پڻ موجود آهي. "مَهان ماٺهو ميهڙ جا" ڪتاب ۾ ميهڙ جي انهن عالمن بزرگن جا بہ سوانحي خاڪا ڏنا ويا آهن جيڪي هڪ تعلقي نہ بلڪ پوري برصغير جي عالمن جي پيٽ ۾ وقت جي مجيل عالمن بزرگن جيترا مَهان هيا. هن انهن عالمن جا بہ حوالا قلمبند ڪيا آهن جن تي ڪُن ساڙ سڙين قلم نہ کنيو. مجموعي طور هي ڪتاب اسان جي نئين نسل لاءِ پنهنجي ماضيءَ جي شاندار جهلڪ محسوس ٿيندو جنهن ۾ عالمن جي هڪ وڏي کيپ موجود هئي. انهن جيڪا پنهنجي دور ۾ جستجو ڪئي، محنت ڪئي، جفاڪشي ڪئي ان مان مليل ثمر بين تائين بہ منتقل ڪيو. انهيءَ لاءِ اسان کي بہ جيڪو علم، چاڻ حاصل ٿئي پنهنجي ايندڙ وقت جي پيڙهيءَ لاءِ وقف ڪرڻ جو اعلىٰ ظرف هجڻ گهرجي. جنهن جي ڪري مولانا اعجاز علي سوڍر کي جَس ڏيڻ گهرجي ۽ کيس مان اها اميد پڻ رکڻ گهرجي تہ هو آئنده بہ اهڙي نموني پنهنجي صلاحيتن جو ڀرپور استعمال ڪري هر عام و خاص ۾ اهي گُرَ پيدا ڪري سگهندو تہ جيئن هو ماضي کان سکڻ جو ڏانءُ حاصل ڪري سگهن. اسان جون نيڪ تمنائون ساڻس گڏ آهن.

عدنان مخدوم
۱۳ ڊسمبر ۲۰۲۰ع
قاضي عارف تعلقو ميهڙ

پنهنجي پاران

سڀ تعريفون ان مالڪ کي سونهن ٿيون جيڪو جهانن جو پالڻهار آهي. الله رب العزت جي تخليق جو نادر نمونو حضرت انسان خود آهي. انسان جي تخليق فرمائڻ کان اڳ ئي سندس خدمت ۽ حفاظت لاءِ هڪ انمول نظام جوڙيائين. ان مالڪ جي احسانن کي شمار نه ٿو ڪري سگهجي. مالڪ ڪائنات جي احسانن منجهان هڪ احسان انسان کي عطا ڪرده علم ۽ عقل به آهي. جنهن جي ڪري انسانيت اشرف المخلوقات جو درجو ماڻيو. سيني انسانن کي هڪ ئي جان منجهان پيدا فرمايائين ته جيئن پاڻ ۾ انس ۽ محبت سان رهي سگهجي. بعد ۾ مختلف قومن ۽ ذاتين ۾ ورهايو ويو ته جيئن سڃاڻپ حاصل ٿي سگهي. هر اها قوم جيڪا ڪامياب سمجهي وڃي ٿي، ان جي ڪاميابيءَ جو هڪ سبب پنهنجي ماضيءَ کي ياد رکڻ به آهي. جن قومن پنهنجي تاريخ کي ياد رکيو سي ڪامياب رهيون ۽ جن پنهنجي تاريخ کي وساري ڇڏيو، اهي جهالت جي انڌيري ۾ گم ٿي ويون. اسان سنڌ وارن جو ماضي ڏاڍو شاندار رهيو آهي. اسان جي سرزمين سنڌ کي باب الاسلام هئڻ جو عظيم اعزاز پڻ حاصل آهي. هن مقدس سرزمين تي عظيم انسانن جنم ورتو آهي. اسان جا آباء و اجداد دين اسلام جا سچا ۽ عظيم سپاهي ٿي گذريا آهن. اسان انهن جي باقيات آهيون، پر اڄ افسوس سان اهو چوڻو پوي ٿو ته اسان پنهنجي ماضيءَ کي وساري ويٺا آهيون.

راقم جو تعلق دادو ضلعي جي تعلقي ميهڙ سان آهي. پنهنجي ايم فِل جي مقالي لاءِ پنهنجي استاد محترم ڊاڪٽر حافظ مختيار احمد ڪانڊرو صاحب (شڪارپور) ايسوسي ايٽ پروفيسر سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي مشوري سان ميهڙ جي عظيم شخصيت حضرت مولانا قاري محمد ڏيرو صاحبؒ جي سوانح ۽ خدمات کي موضوع منتخب ڪري موجوده ۽ ايندڙ نسل لاءِ هڪ آرسي طور پيش ڪرڻ جي نيت سان تحقيقي ڪم شروع ڪيو. ان تحقيق دوران اها ڳالهه روز روشن جيان سامهون آئي ته اسان جو ماضي ڏاڍو پرعظمت شخصيتن سان ڀريو پيو آهي. هتي ڪافي مَهان شخصيتون جنم وٺي چڪيون آهن. انهن ناياب انسانن جي سوانح حيات ۽ خدمات کان اسان بي خبر رهجي ويا آهيون. هنن بزرگن منجهان صرف چند بزرگن جون زندگيون قلمبند ڪيون ويون آهن. اهو به سندن شاگردن احسان

ڪيو جو پنهنجن استادن جي باري ۾ ڪجهه رقم طرازي ڪري اسان لاءِ ڪجهه مثالي زندگين جا نمونا پيش ڪري چڪا آهن. اسان باقي گمنام رهي خدمت ۾ مصروف زندگيون گذاري دارالبقا جي طرف راهي ٿيڻ وارن کان اڻ ڄاڻ رهجي وياسين. دل ۾ هڪ درد جاڳيو ته ڇونه انهن بزرگن جي سوانحن ۽ خدمات کي موجوده نسل ۽ ايندڙ نسل لاءِ بطور مثالي زندگين جا نمونا پيش ڪرڻ جي جسارت ڪجي. ان سلسلي ۾ پنهنجي ماضيءَ جي ڪجهه ورق گرداني ڪري تحقيقي خدمت کي لڳي ويس. اهڙن گمنام عالمن سگورن جي باري ۾ معلومات کي حاصل ڪرڻ ڏاڍو مشڪل ڪم محسوس ٿيو. انهيءَ جو هڪ سبب هيءُ آهي ته انهن بزرگن جي باري ۾ معلومات حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ جڏهن سندن اولاد وٽ حاضر ٿيس ته اڪثر اتان سواءِ مايوسي جي ٻيو ڪجهه به حاصل نه ٿيو. ڪين پنهنجن وڏڙن جي باري ۾ ڪابه معلومات نه هئي. صرف اها معلومات وٽن هئي ته اسان جا وڏڙا عالم سگورا هئا. پنهنجي وقت جا مُدرس رهيا آهن. عبادت ۾ به هڪ نمايان مقام حاصل هئن. بس، باقي وڌيڪ تفصيل ڪين به معلوم نه هو. ٻيو سبب ته ڪجهه الله وارن جي اولاد کي اڻ پڙهيل ڏٺم، جنهن ڪري ڪين صرف پنهنجن وڏڙن جا نالا ئي ياد رهيا. اڪثر عالمن سگورن جي اولاد کي علم کان بلڪل ڪورو پاتم. ڏاڍو ڏک ٿيو ته عظيم انسانن جو نسل علم کان صفا وانجهيل رهيو. جنهن ڪري اتان ڪابه معلومات حاصل نه ٿي سگهي. ٽيون اڪثر ماڻهن کي پنهنجن وڏڙن جي باري ۾ معلومات ڏيڻ جي سلسلي ۾ ڪنجوس ۽ لاپرواهه ڏٺم. ڪٿي ڪٿي ته بلڪل ايئن محسوس ٿيو ته اسان جو اچڻ ڪين تمام برو لڳو يا هو اسان جي اچڻ تي ناگواري محسوس ڪري رهيا هئا. ڪٿي ته وري بار بار منٿن ڪرڻ جي باوجود ڪجهه معلومات ملي ته ان کي قلمبند ڪندي پڙهندڙن جو خوف ٿيو ته هو هنن ڳالهين کي محض افسانو يا وڏائُ سمجهندا، ان ڪري ان مواد کي لکڻ وقت تمام گهڻي احتياط جي ضرورت پئي. ڪجهه اهڙا به هئا جن اسان جي اچڻ کي پنهنجي لاءِ قابل فخر ۽ اعزاز سمجهيو. انهن ڏاڍي عزت ۽ احترام سان هر ممڪن سهڪار ڪيو. تحقيقي ڪم ۾ ڪيترين ڏکيائيون ۽ مشڪلاتون درپيش هونديون آهن، انهن جو صحيح اندازو هڪ محقق ئي ڪري سگهي ٿو. خير مون هي ڪم محض پنهنجي آخرت لاءِ ذخيري جي

نيت سان ٿي ڪيو آهي. هن مواد کي جمع ڪرڻ جي سلسلي ۾ پنهنجي ٿر جي اڪثر ڳوٺن ۽ شهرن ڏانهن پنڌ ڪري مواد جمع ڪرڻ شروع ڪيم. هن مواد کي ٻين ڳوٺن يا شهرن ۾ رهندڙ عمر رسيده اهل علم ماڻهن کان حاصل ڪيم. هن مواد کي گڏ ڪندي اهو محسوس ٿيو ته اسان جو ضلعو اهڙين عظيم شخصيتن سان مالا مال آهي، اگر صرف انهن جي سوانحن ۽ خدمتن کي جمع ڪجي ته ڪئي جلدن تي مشتمل هڪ ڪتاب مرتب ٿي ويندو. سو معاشي حالتن کي مدِ نظر رکندي پاڻ کي صرف ميهڙ تعلقي جي شخصيتن تائين محدود ڪرڻ جو ارادو ڪيم. ايندڙ وقت ۾ ان شاء الله ٻين تعلقن جي خدمت جو موقعو نصيب ٿيو ته اها سعادت سمجهي ضرور ڪبي. هن مواد کي سهيڙڻ لاءِ ڪيترن ئي ڳوٺن ۽ شهرن جا سفر ڪرڻا پيا، بلڪ ڪن علائقن ۾ ته بار بار به وڃڻ ٿيو، ان لاءِ به خرچ جي ضرورت پوندي هئي. اهو سمورو خرچ راقم جي وڏي ڀاءُ ڊاڪٽر الله بخش سوڍر صاحب خوشي خوشي برداشت ڪيو ۽ راقم کي دنياداريءَ جي ڪئي ڪمن کان آجو رکيو. ان سان گڏ پنهنجي پياري دوست محترم رستم علي لاشاري (پرائمري اسڪول ٽيچر ميهڙ) جو به نهايت شڪر گذار آهيان جنهن منهنجي هن تحقيق ۾ ڪافي مدد ۽ حوصلا افزائي ڪئي. هن جستجو ۾ منهنجو همسفر محترم سائين محمد موسىٰ ڪوسو (پرائمري استاد فريدآباد) مون سان ٻانهن ٻيلي رهيو. پاڻ پنهنجو قيمتي وقت ڪڍي مون سان اڪثر پنڌن ۾ بنا ڪنهن عذر پيش ڪرڻ جي گڏ رهيو. ان کان علاوه ڪتابن جي ڳولها ۽ مواد جي سلسلي ۾ ٻين ضلعن ۽ شهرن جي سفر ۾ حافظ امجد علي هالو (ايم فل ريسرچ اسڪالر ۽ پرائمري استاد ميهڙ) مون سان همسفر رهيو. انهن ٻنهي دوستن جا به احسان آهن ۽ هن محنت ۾ سندن به ڪافي حصو شامل آهي. مون هي ڪتاب الله وارن جو تذڪرو ڪري ذخيره آخرت جي نيت سان لکيو ۽ ترتيب ڏنو آهي، ته جيئن قيامت جي ڏينهن پنهنجي رب جي اڳيان اهو چوڻ جي لائق بڻجي سگهان ته: " اي منهنجا مالڪ ٻيو ڪو خاص عمل ته ڪونه اٿم، پر عالمن سڳورن ۽ تنهنجي نيڪ بندن جون جتيون سِڌيون ڪرڻ جي اڻ پوري ڪوشش ڪئي اٿم." دعا آهي ته مالڪ ڪائنات جي دربار ۾ راقم جي هيءَ محنت شل قبول پوي. آمين

هن ڪتاب تي تقريظ لکڻ لاءِ پاڪستان جي مشهور ۽ معروف

علمي شخصيت حضرت مولانا مفتي عبدالوهاب چاچڙ صاحب جن کي عرض ڪيم. سائين جن پنهنجي بيحد مصروفيت ۽ ضعف جي باوجود هن ناچيز جي محنت جي حوصلہ افزائي ڪندي پنهنجي قلم سان چند جملا لکي عنايت ڪيا. ان کان علاوه پنهنجي استاد محترم حضرت مولانا ڊاڪٽر محمد ادريس سومرو صاحب (ڪنڊيارو) کي هن ڪتاب جو مهاڳ لکڻ لاءِ عرض ڪيم. الحمد لله شيخ صاحب جي تمام گهڻي مصروفيت جي باوجود منهنجي لاءِ مهاڳ لکڻ جو وقت عنايت ٿي ويو. منهنجو ٻيو استاد محترم ڊاڪٽر حافظ مختيار احمد ڪانڌڙو صاحب (شڪارپور) کي هن ڪتاب تي ٻه اکر لکڻ لاءِ ڪيل عرض ٻه ڏادي پيار ۽ پاٻوهہ سان قبول ٿيو. هن بزرگ شخصيتن"سلمهم الله تعالیٰ عليهم اجمعين" جي مصروفيتن جو اندازو خوب چڱيءَ ريت اٿم پر پوءِ ٻہ پنهنجي هن ڪاوش کي اعزاز ڏيارڻ لاءِ ڪانئن حجت ڪري وقت ورتم. سندن هن مهربانيءَ تي سندن بيحد شڪريو ادا ڪريان ٿو. سندن هي احسان ناچيز هميشہ ڳائيندو رهندو. سندن لاءِ دعاگو رهندو تہ الله رب العزت ڪين دنيا ۽ آخرت جي نعمتن سان مالامال ڪري ۽ پنهنجي رضا نصيب ڪري. آمين.

هن ڪتاب جو هي پهريون ڀاڱو پڙهندڙن لاءِ حاضر خدمت آهي. هن ڪتاب ۾ هرهڪ شخصيت تي مضمون سندس نالي جي اعتبار سان الفابيٽ جي ترتيب کي مدِنظر رکي ترتيب ڏنو آهي. هن ڪتاب ۾ حاصل ڪيل معلومات مطابق مضمون ترتيب ڏنا اٿم، ان شاءَ الله هن جو ٻيو ڀاڱو ٻہ جلد پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس. آخر ۾ پڙهندڙن لاءِ گذارش آهي تہ هيءَ راقم جي محنت توهان جي سامهون آهي. هن ۾ اهل علم ماڻهن کان حاصل ڪيل معلومات ۽ ڪتابن منجهان معلومات کي سهيڙي گڏ ڪيو آهي. حتیٰ الامڪان غلطين کان بچڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پر پوءِ ٻہ اگر ڪا غلطي ٿي وئي هجي يا حاصل ڪيل معلومات درست معلوم نہ ٿئي تہ درگذر کان ڪم وٺندا ۽ اصلاح جي نيت سان آگاهہ ڪندا تہ جيئن ٻيهر ڇپرائي ۾ اهڙين غلطين کان بچڻ جي ڪوشش ڪجي.

اعجاز علي سوڍر
پرائمري اسڪول ٽيچر ۽ ريسرچ اسڪالر ميهڙ
aijazsodhar58@gmail.com 0301-3349366 0346-3087790

بسم الله الرحمٰن الرحيم

چڱا اکر

شخصيتن (جن ۾ اولياء، علماء، صلحاء، اطباء، شعراء، ادباء، وزراء، امراء، مؤرخين، سائنسدان، سياستدان ۽ ٻين فنن جا ماھر اچي وڃن ٿا) جا تذڪرا تاريخ جي علم ۾ اھم جاءِ والارين ٿا. اھڙن تذڪرن ۾ "وفيات الاعيان" لابن خلڪان (ت:٦٨١ھ) وڏي شھرت ماڻي، جنھن جا دنيا جي مختلف ٻولين ۾ ترجما پڻ ٿيا. پر اھو عمومي تذڪرو آھي، جنھن ۾ ڇھين صدي ھجريءَ تائين شھرت ماڻيندڙ شخصيتن جو ذڪر بھترين انداز ۾ ڪيل آھي. ڪنھن ھڪ شھر سان لاڳاپيل شخصيتن بابت بہ دنيا ۾ ڪيترا تذڪرا لکيا ويا آھن، لکجي رھيا آھن ۽ لکيا ويندا پر جيڪا شھرت "تاريخ دمشق" لابن عساڪر (ت:٥٧١ھ) ۽ "تاريخ بغداد" للخطيب البغدادي (ت: ٤٦٣ھ) کي ملي سا وري ڪنھن کي نہ ملندي. دمشق سان واسطو رکندڙ انبياء سڳورن، صحابہ ڪرام، تابعين عظام، محدثين ۽ فقھاء وغيرہ جي تذڪري تي مشتمل "تاريخ دمشق" ٨٠ اسي جلدن ۾ ڇپجي آيو آھي. (راقم الحروف (ڊاڪٽر مولانا محمد ادريس سومرو) وٽ بہ موجود آھي.)

سنڌ جي مختلف شھرن سان لاڳاپيل شخصيتن جا تذڪرا انھن شھرن جي لکيل تاريخ جو اھم حصو ھوندا آھن. جھڙوڪ: لاڙڪاڻہ بابت جيڪو لکندو تہ لازمًا ان ۾ لاڙڪاڻہ سان وابستہ شخصيتن لاءِ الڳ باب قائم ڪندو. پر رڳو ھڪ شھر يا ھڪ ضلعي سان وابستہ شخصيتن بابت مستقل ڪتاب ھجن، سو اھڙن ڪتابن جي بہ سنڌ جي تاريخي ادب ۾ کوٽ ناھي مثال طور:

١. مشاھير جيڪب آباد. عبدالرزاق پٽ عبدالوھاب قريشي ١٩٧٣ع ٢. منڙا مارو(ضلع جيڪب آباد جي نامور شخصيتن جو مختصر تعارف) ڊاڪٽر محمد خادم بروھي ٢٠٠٢ع ٣. چڪ جا چندن ھار. آزاد بخاري ٢٠١۴ع ۴.تذڪرہ مشاھير ڳڙھي ياسين. حاجي عبدالحميد سومرو ٢٠٠۴ع ۵. سکر جا مسلمان ۽ ھندو بزرگ. مولائي شيدائي ٢٠٠٧ع ٦. گھوٽڪيءَ جا گھوٽ. مولوي عبدالحق لنڊ ٢٠٠۴ع ٧. لاڙڪاڻو، امر شخصيتون. عبدالستار پتي٢٠٠٠ع ٨. لاڙڪاڻي ضلعي جون اھم شخصيتون. نظام عباسي ١٩٩١ع ٩. شھداد ڪوٽ جا قلمڪار ۽ شاعر. سيد گل محمد شاھ بخاري ٢٠٠٠ع

١٠.سوڀي ديري جا ڏات ڌڻي. خاوند ڏنو لاڙڪ ٢٠٠٩ع ١١. ساهتيءَ جا سروڻ. جمال الدين مؤمن ١٩٨٧ع ١٢. ساٽيهه جا سينگار (ضلعي شهيد بينظيرآباد / نوابشاهه جا مڃيادار ماڻهو). خادم حسين چانڊيو ٢٠١٥ع ١٣. سيتا جا سدا بهار ماڻهو. بلوچ صحبت علي ٢٠٠٤ع ١۴. جوڳيئڙا جهان ۾ (مشاهير دادو). محمد امين مگسي ١٩٩٧ع ١٥. ڏاها ڏات ڌڻي (دادو ضلعي جي عالمن، اديبن ۽ شاعرن جي ڊائريڪٽري). بشير سيتائي ٢٠٠۴ع ١٦. تذڪره مشائخ سيوستان. عبدالغفور بن حيدر سيوستاني/ نياز همايوني٢٠١٠ع ١٧. سنڌڙيءَ جا سرجڻهار. اڪبر ايس مگريو ٢٠١٣ع ١٨. تذڪره مشاهير هالا. خادم حسين علوي ٢٠١٥ع ١٩. سجڻ ۽ ساٽيهه (تعلقي ڏڪڙيءَ جي نامور شخصيتن جو تعارف). محمد حسن زاهد ڪنڀار ٢٠. مهراڻ جا مور، معمور يوسفاڻي ٢٠١٠ع ٢١. ٿرپارڪر جا سياستدان. وشنداس وڪيل ٢٠١٢ع ٢٢. لڙي جيءَ ۾ جهوري (ماتليءَ جا اديب). عبدالجبار قاسم نظاماڻي ٢٠٠٥ع ٢٣. ڪراچيءَ جا اديب ۽ شاعر. ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو ٢٠٠٧ع

اهي نالا رڳو نموني ڪاڻ ڏنا اٿم، ورنہ تہ اهڙن ڪتابن جو ڳاڻيٽو گهڻو ٿي آهي.


دادو ضلعي جي تاريخ ۽ شخصيات جي تذڪري ۾ جيڪي ڪتاب لکيا ويا آهن، جن ۾ ميهڙ ۽ ميهڙ جون شخصيتون بہ اچي وڃن ٿيون، باقي خاص ميهڙ يا ميهڙ جي متعلقات ۽ شخصيات بابت منهنجي ڄاڻ مطابق هيليتائين (بالترتيب) هيٺيان ڪتاب شايع ٿيا آهن.

١. وڻ وڻ ٽاري. علي انور جوکيو. جيڪو پهريون ڀيرو بزم لطيف ميهڙ پاران ڇپرو ٿيو. جنهن ۾ ميهڙ جي مختصر تاريخ سان گڏ ميهڙ سان لاڳاپيل چند واقعا ۽ چاليهه کن شاعرن جي مختصر سوانح ۽ شاعريءَ جو نمونو پيش ڪيو ويو آهي.

٢. ميهڙ جون ديني درسگاهون. حضرت قبله مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب. جيڪو مدرسه عربيه اڪبريه دارالقرآن ميهڙ طرفان ٢٠١٥ع ۾ شايع ٿيو. جنهن ۾ مدرسن جو تذڪره دوران شخصيتن جو مختصر تعارف بہ ضمن ۾ ڏنو ويو.


٣. ميهڙ جي ديروي (ڏيرا) خاندان جون علمي، ادبي خدمتون. از حبيب الله ڏيرو عرف حبيب حصوري. جيڪو علامہ آءِ آءِ قاضي اڪيڊمي ميهڙ طرفان


عالم سگورا


مولانا عبدالوحيد چانڊيو



مولانا عبدالڪريم مگسي


مولانا عبدالغفور سيتائي


مولانا عبدالحي مهيسر



مولانا قاري محمد ڏيرو



مولانا قاري سعيد احمد ڏيرو



مولانا غلام محمد گرامي


مولانا غلام محمد سوڍر


مولانا محمد بچل چانڊيو



مولانا محمد اسماعيل بروهي


مولانا ڪفايت الله هرڙو


مولانا قاضي جان محمد عارفي


مولانا نظير احمد ڳورڙ


مولانا محمد عثمان چانڊيو


مولانا جوهر بروهي


پروفيسر ڊاڪٽر حافظ زين العابدين سوڍر


مصنف جو ننڍو پٽ عاقب سوڍر


مصنف پنهنجي اولاد ۽ پاڻتين سان گڏ


مولانا بدرالدين آگرو


مولانا يارمحمد جويو


عالم سگورا



علامہ شمس الدين بلبل


سيد علي اڪبر شاھ ميهڙ



مولانا محمد صالح مهيسر (دوم)



مولانا محمد صالح سوهو



مفتي عبدالله چانڊيو


مفتي عبدالرحمان چانڊيو


محمد نواز ٻتي


حاجي غلام نبي مهيسر


مفتي محمد مهيسر



مفتي ڪريم بخش مگسي



مفتي غلام مصطفيٰ چانڊيو



مفتي غلام حسين ڪارو چانڊيو


مولانا حامد الله آگرو



مولانا حاجي بخشل سوڍر


حاجي رسول بخش ڏيرو


مولانا اعجاز علي سوڍر (مصنف)



مولانا عبدالحليم سوڍر


مولانا عبدالجليل ڏيرو



مولانا دين محمد فيروزشاهي



مولانا حبيب الله ڏيرو


ادبي، سياسي، سماجي ۽ معزز ماڻهو


الهرکيو ڳورڙ



ڊاڪٽر ممتاز علي سوڍر



اعجاز علي هالو


اسحاق راهي



آخوند عبدالرسول لاکير



حاجي بخشل سوڍر
مصنف جو والد محترم


حاجي محمد سوڍر


حاجي محمد ايوب ڪوسو


امام بخش سوڍر


الهي بخش چانڊيو


پروفيسر عبيدالله لاکير


حاجي نور محمد لاشاري



رستم علي لاشاري


حاجي غلام محمد سوڍر



حاجي عبدالڪريم ٻگهيو


ڊاڪٽر آفتاب احمد چانڊيو


حسين بخش ڳورڙ


حافظ عزيزالله مهيسر



حافظ امجد علي هالو



انور علي جوکيو


ڊاڪٽر وزيراحمد لُنڊ


الله ڏنو سوڍر



ڊاڪٽر محمد خان شيخ


ڊاڪٽر امداد علي چانڊيو


علي گوهر لاشاري

ادبي، سياسي، سماجي ۽ معزز ماڻهو



ضياءُ الدين ضيا


سعدالله سومرو


سيد عبدالرحيم شاه


عبدالحميد جتوئي


مانجهي خان هالو



شفيق احمد چنو


سيد غلام رسول شاه


سيد غلام حسين شاه



سرائي محمد حسن



سيد اعظم علي شاه



ڊاڪٽر الله بخش سوڍر


عبدالله سوڍر



زبير احمد پرت



سڪندر علي سوڍر



شمس ابن ضياء


محمد صديق هالو


محبوب ڏيپر


ذوالفقار علي عباسي


قاضي شفيق احمد مهيسر


قادربخش چانديو


ناظم منگي


منور علي هٽ


خير محمد سوڍر


محمد منل هٽ


محمد عمر سوڍر

٢٠١٥ع ۾ ڇپيو. ان ڪتاب ۾ به ان خاندان سان وابسته ڪيترين ئي علمي شخصيتن بلڪه شاگردن جي وڏي تعداد جو تذڪرو موجود آهي.

پر ميهڙ جهڙي مٽيادار شهر ۽ ان جي شخصيتن تي اڃان وڏيڪ لکڻ جي ضرورت آهي. اسان جي علمي دوست مولانا اعجاز علي سوڍر صاحب انهيءَ کوٽ کي ڪجهه پورڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ جنهن "مَهان ماٺهو ميهڙ جا" نالي هي ڪتاب لکي ڪري نه صرف هڪ عظيم ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي پر ان ۾ تذڪري هيٺ آيل هڪ سؤ ڏهه ١١٠ شخصيتن کي دوام بخشيو آهي. اسان سندس هن عمل کي نه صرف ساراهيون ٿا، پر ان سان گڏ ٻين شهر واسين اديبن کي اپيل ڪريون ٿا ته اعجاز صاحب وانگر اهي به اڳتي اچن ۽ پنهنجي پنهنجي ڳوٺن، شهرن ۽ علائقن جي شخصيتن جا تذڪرا لکن ۽ سنڌ جي تاريخ ۾ ان ڏس ۾ موجود اثاث کي پورو ڪن.

ميهڙ جي شخصيتن جي احوال تي مشتمل مولانا سوڍر صاحب جو وڏي محنت سان تيار ڪيل هيءُ تذڪرو، اڳتي هلي سنڌ جي تاريخي ادب منجهه اهم جاءِ والاريندو ۽ سنڌي شخصيتن جي حوالي سان مصادر (Basic resources) ۾ ڳڻيو ويندو

اسان مولانا اعجاز علي سوڍر صاحب کي واڌاين ڏيڻ سان گڏ، ڪائنس اميد رکون ٿا ته اهڙين علمي ۽ تاريخي ڪاوشن جو سلسلو جاري رکيو اچي ۽ دادو ضلعي جي شخصيتن بابت به هڪ ڀرپور ڪتاب لکي، جيئن ان ڏس ۾ اڳ جي رهيل ڪسر به پوري ٿئي، ته سنڌ جي تاريخي ادب ۾ به هڪ نادر ڪتاب جو واڌارو ٿئي.

قاله بلسانه وكتبه ببنانه
ڊاڪٽر مولانا محمد ادريس السندي
قاسميه لائبريري، ڪنڊيارو
ضلع نوشهروفيروز سنڌ
١٧ ڊسمبر ٢٠٢٠ع ڀهرين جمادي الاول ١٤٤٢ھ

١ مولانا احمد آگرو

ميھڙ جي مٽي جيڪي املھ ماڻڪ موتي پيدا ڪيا آھن انھن ۾ ھڪ چمڪندڙ موتي ميان احمد آڳرو جيڪو احمدي آڳرو جي لقب سان مشھور ۽ معروف ٿيو آھي. ميھڙ جي مردم خير خطي جي ڳوٺ قائم شاھ آڳرو ۾ پھرين مارچ ١٨٦٧ع مطابق ٢۴ شوال ١٢٨٣ھ جمعي جي ڏينھن مولانا حامد الله آڳرو جي گھر ۾ جنم ورتائين. پاڻ شروعاتي تعليم پنھنجي ڳوٺ ۾ مخدوم مسڪين محمدي ۽ پنھنجي والد محترم مولانا حامدالله آڳرو صاحب وٽ پڙھي مولانا محمد صالح مھيسر رھڙوي بزرگ جي خدمت ۾ تڪميل علم لاءِ حاضر ٿيو. علم حاصل ڪرڻ کان بعد پنھنجي ڳوٺ اچي تدريس جي خدمت ۾ لڳي ويو. پاڻ قابل ترين مُدرس جي روپ ۾ نروار ٿيو. پاڻ تدريسي ميدان ۾ خدمت ڪرڻ سان گڏ تصنيف جي سلسلي ۾ بہ ڪافي خدمت ڪيائين. سندس ھٿ سان لکيل ڪتاب علمي نوعيت جا ۽ پنھنجي فن جا شھپارا آھن، سندس ڪتابت بہ تمام سھڻي رھي، سندس اکر موتي داڻن جي مثل ھوندا ھئا. انھن قلمي نسخن جو تعداد ٢٧ کان مٿي آھي. سندس اھي ڪجھ ڪتاب سندس پونئيرن وٽ محفوظ رھيا ۽ ڪيترائي گم ٿي ويا. سندس قابليت قابل ديد ھوندي ھئي، سندس علمي استعداد جي ھاڪ ٻڌي پري پري جا طالب اچي وٽس علم حاصل ڪرڻ لڳا. کيس اڪثر ڪتاب زباني ياد ھوندا ھئا. پاڻ پنھنجي زمينن ۾ بہ ھارپو ڪندو رھيو. اڪثر مسئلن جون فتوائون زمين ۾ ڪم ڪار ڪندي ٻڌائي ڇڏيندو ھو. پاڻ اڪثر علمي بحثن ۾ مسند عالم جي حيثيت رکندو ھو ۽ سندس پختن دليلن جا سڀ عالم سگورا قائل ٿي ويندا ھئا. علمي بحث ۾ اڪثر سندس دليلن کي غور سان ٻڌو ويندو ھو ۽ کيس اھڙي علم تي داد ڏنو ويندو ھو. سندس ڪتابت جي محنت فشاني ۽ عرق ريزي جا زندھ ثبوت سندس ھٿ سان لکيل ڪتاب اڄ بہ محترم احمد رضا بن حزب الله آڳرو وٽ موجود آھن. سندس لکيل فتوائن جو تعداد بہ تمام گھڻو رھيو. پاڻ پنھنجي وقت جو مڃيل مفتي ٿي گذريو. علمي افق جي ھن روشن ستاري جو غروب ٧ سيپٽمبر ١٩١٠ع مطابق ٢ رمضان ١٣٢٨ھ بروز اربع تي ٿيو ۽ ميھڙ علمي افق جي ھڪ عظيم ستاري کان ھميشہ لاءِ محروم ٿي وئي. کيس ڳوٺ جي قديمي قبرستان ۾ ابدي ننڊ لاءِ سمھاريو ويو.

٢ مولانا الاهي بخش ايري

الله رب العزت جو فيصلو اڻ ٽر هوندو آهي. جنهن جي مقدر ۾ هدايت لکيل هوندي آهي، ان کي هر حال ۾ هدايت ملندي آهي، چاهي ڪوئي ڪجهه بہ ڪري. انسان پنهنجي سوچ ۽ سمجهه مطابق پنهنجو جيون گذاري رهيو هوندو آهي، اچانڪ ڪيس رب ڪريم طرفان ڪو اشارو ملندو آهي تہ پوءِ هو رب جي راهہ ۾ رب جو بندو بڻجي هلڻ شروع ڪندو آهي، سندس زندگي الله رب العزت جي چاهت ۽ رضا بڻجي ويندي آهي، هو الله رب العزت جي حڪمن ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جو زندهہ ثبوت بڻجي ويندو آهي، هن جي ڪردار ۽ هر هڪ عمل منجهان رب پاڪ جي منشا عيان نظر ايندي آهي، هن جي سامهون سمورا پردا کنيا ويندا آهن. ڪيس ٻئي جهان چٽا نظر ايندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن عطاءِ ربي جو ان جي مٿان خاص نظرِ ڪرم ٿيندو آهي. اهڙي سعادتمند شخصيت ميهڙ تعلقي جو مقدر بڻي. ميان عبدالحليم ايري بلوچ اصل ياڳناڙي جو رهاڪو هو، پر زماني جي گردش جي ڪري پنهنجي پياري وطن کي خيرباد چئي، اچي منگواڻي جي پرسان ڳوٺ ٻانهو لاڪير ۾ رهائش پذير ٿيو. ميان عبدالحليم صاحب کي اهڙي بابرڪت شخصيت مقدر ۾ ملي، جنهن سنت رسول ﷺ جو زندهہ عملي نمونو پيش ڪيو. ان پاڪيزه شخصيت جو نالو الاهي بخش هو. الاهي بخش ١٢٨٨ هجري مطابق ١٨٧١ع[1] ۾ ڳوٺ ٻانهون لاڪير ۾ جنم ورتو.[2] سائين الاهي بخش صاحب ننڍپڻ ۾ ئي ان وقت جي ڪامل صفات، باڪردار، پاڪدامن، پاڪيزه، باڪمال، عابده ۽ زاهده عورت مسمات فاطمہ لاڪير وٽ ڳوٺ صفر لاڪير نزد ڪولاچي ۾ قرآن مجيد پڙهي پور ـ ڪيو. ان کان بعد سندس ڳوٺ جي هڪ پيرسن حافظ فتح محمد جي همٿائڻ تي ڳوٺ روات خان لغاري جي اسڪول ۾ سنڌي پڙهڻ لڳو. سنڌيءَ سان گڏ فارسي جي قابل شاعر ۽ انشا پرداز ماستر محمد اعظم صاحب جيڪو سائين جي ايم سيد جو بہ استاد رهيو آهي[3]، وٽ فارسي بہ پڙهندو رهيو. ڇهن درجن سنڌيءَ سان گڏ فارسيءَ جا ڪيترائي ڪتاب پڙهي پورا ڪيائين. ڪيس انهيءَ دور ۾ عالمانہ شعور پيدا ٿيو. ايترو علم حاصل ڪرڻ جي باوجود ڪابہ نوڪري ڪرڻ پسند نہ ڪيائين. جيون گذارڻ خاطر پنهنجي خاندان سان گڏ هارپو ڪرڻ شروع ڪيائين. ان وقت عام رواجي زندگي بسر ڪري رهيو هو.

هارپو ڪرڻ ئي سندس ڪرت هئي. ڪافي وقت گذرڻ کان بعد اچانڪ سندس زندگيءَ ۾ هڪ ڏينهن اهڙو موڙ آيو، جنهن سندس مقصد حيات کي تبديل ڪري عاشق رسول ﷺ جي صف ۾ آڻي بيهاري ڇڏيو. پاڻ ديني تعليم حاصل ڪرڻ جو سلسلو ڪافي وقت تائين ڇڏي ڏنو هئائين.[٣]

سائين الاهي بخش صاحب جي پنهنجي زباني آهي: ”مان ۽ منهنجو پاءُ بيل (ڏاند) گاڏيءَ ۾ پاڻ (بنيءَ ۾ ڇنڊڻ لاءِ) کنيون پئي وياسين تہ هڪ هنڌ گاڏي اٿلي پئي ۽ پاڻ هارجي ويو. گاڏي سڌي ڪري ان ۾ پاڻ پئي وڌوسين تہ اسان جي ڳوٺ جو هڪ نيڪ بخت اتان لانگهائو ٿيو. ان مون کي چيو تہ ’بابا الاهي بخش! تون تہ عالمن جهڙو داناءُ ۽ عزت وارو آهين، ڇو نہ ٿو عربي پڙهين؟ هن پاڻ ۾ پنهنجو حال تہ ڏس. تون ان لائق آهين؟........ افسوس!‘....“ بس اهو هڪ غيبي اشارو هو. سندس زندگي جي ڪايا پلٽجڻ واري هئي. انهيءَ ڏينهن ئي رخصت سفر ٻڌي آڳرن جي ڳوٺ فيض محمد آڳري ۾ مولانا محمد آڳري صاحب وٽ ويو، پر مولانا صاحب ان وقت بيمار هو ۽ پڙهائڻ جهڙو نہ هو. تنهن ڪري اتان رخصت وٺي مولانا عطاءُالله فيروزشاهي وٽ پهچي ويو. اتي پڙهڻ شروع ڪيائين. مولانا صاحب الاهي بخش صاحب جي ذهانت کان ڏاڍو متاثر ۽ خوش ٿيو. هڪ دفعي ڪيس فرمايائين تہ: ”اسان وٽان ٿوري کان ٿوري عرصي ڇهن سالن ۾ مولوي محمد ملوڪ تحصيل ڪري ويو آهي. هن بہ وڏي عمر ۾ اسان وٽ ” الف با تا “ کان پڙهڻ شروع ڪيو هو، پر توکي ٻارهن مهينن ۾ مولوي ڪندس.“ مولانا صاحب وٽ شاگردن کان گهٽ ڪم ورتو ويندو هو ۽ سبقن ۾ بہ ناغو ٿيندو رهندو هو. پاڻ پنهنجي سبقن جي ناغي جي باري ۾ پنهنجي استاد کي عرض ڪيائين. مولانا عطاءُالله صاحب اها ڳالهہ ٻڌي ڪيس فرمايو تہ اگر هتي نہ ٿو پڙهڻ چاهين تہ پوءِ منهنجو مشورو اٿئي تہ سوڍاريءَ ۾ مولانا مسجدي صاحب وٽ وڃ. ان ڪري هڪ دفعي اڌ رات جو اتان نڪري سڌو اچي سوڍاري مسجد پهتو، جتي مولانا شفيع محمد سوڍر ”مسجدي“ صاحب جي شاگردن ۾ اچي تحصيل علم ڪي لڳي ويو.[٥] مولانا عطاءُالله فيروزشاهي جي دعا ۽ مردم شناسي سچي ثابت ٿي. مولانا الاهي بخش صاحب مولانا مسجدي وٽ پندرهن مهينا عربي پڙهي ۽ دستار فضيلت ٻڌي. ان کان بعد پنهنجي ڳوٺ ٻانهو لاکير ۾ پڙهائڻ لڳو. وٽس پري پري کان

شاگرد تحصيل علم لاءِ اچڻ شروع ٿي ويا. انهن ۾ ڪجهه پنهنجي وقت جا بهترين مدرس ٿي گذريا آهن. سندس شاگردن ۾ فقيه العصر استاد العلماء والصلحاء محقق دانشور علم تجويد ڪي عام ڪرڻ جو پايو وجهندڙ مسلّم ولي الله ۽ مستجاب الدعوات حضرت مولانا عبدالڪريم ڏيرو (ديروي)، مولانا عبدالحليم بلوچ، مولانا نورمحمد صاحب، مولانا شفيع محمد ڳوٺ عرضي نائچ، مولانا محمد ابراهيم جمالي صاحب، مولانا مير محمد قريشي صاحب ۽ مولانا دين محمد "اديب" فيروزشاهي، سيد علي اڪبر شاهه (پير آف ميهڙ) ۽ مولانا عبدالڪريم مگسي جهڙا نالا سرفهرست آهن.[٦]

مولانا الاهي بخش صاحب شاگردن کي مطالعي جو سختيءَ سان تاڪيد ڪندو هو ۽ کين چوندو هو تہ مطالعي بنا ڪوبہ سبق نہ پڙهو ۽ نہ پڙهايو. مطالعي سان علم ايندو آهي. مولانا صاحب تڪراري ملڪيت جا فيصلا ڌرين جي رضامندي سان تمام قابليت سان ڪندو هو، جيڪي ڌرين کي قبول ڪرڻا پوندا هئا. مولانا صاحب وٽ هڪ دفعي گڏيل ملڪيت جو فيصلو آيو. پاڻ فيصلو ڪيائين. سندس فيصلي تي هڪ پوڙهي عورت جيڪا ان ملڪيت تي قبضو ڪيون ويني هئي، مولانا صاحب جي فيصلي مطابق ڪيس تمام ٿورڙو جصو مليو. ان فيصلي تي تمام درد ۽ ڪاوڙ ۾ مولانا صاحب کي چيائين تہ "اڙي مولوي صاحب! توکي قرآن پڄندو. تو مون سان ظلم ڪري ڇڏيو آهي!" اها ڳالهہ ٻڌي مولانا صاحب جواب ڏنس تہ "پوڙهي، توکي بہ قرآن پڳو آهي، تون تہ ناحق پرائو مال ڦٻايون ويني هئينءَ". مولانا ميرمحمد نورنگي صاحب جو ڪنهن مسئلي تي هڪ عالم سان بحث ٿي پيو. اهو بحث تمام گهڻو ڊگهو ٿي ويو. آخرڪار مولانا الاهي بخش صاحب کي گهرائي ٻنهي جا بحث ٻڌايا. مولانا صاحب پنهنجي استاد الاستاد مولانا ميرمحمد نورنگيءَ کي عرض ڪيو تہ سائين حق توهان جي مخالف طرف آهي، جنهن ڪري توهان کي اهو بحث ختم ڪرڻ گهرجي. مولانا نورنگي صاحب اها ڳالهہ ٻڌي هار تسليم ڪري ان عالم جي ڳالهہ سان اتفاق ڪيو.[٧] مولانا ايري صاحب کي فارسي نثر و نظم تي ڏاڍي دسترس هئي. مولانا محمد حسن پاٽائي صاحب مولانا ايري صاحب کي فرمايو تہ ادا منهنجي پٽن جي نوڪريءَ جو مسئلو مختيارڪار ۾ ڦاٿل آهي، مهرباني ڪري منهنجي ڪري ڪيس روينيو جو رڪارڊ فارسيءَ منجهان سنڌيءَ ۾

ترجمو ڪري ڏيو. مولانا صاحب سندس چوڻ موجب دادو جي مختيارڪار ڪي روينيو جو ڏهن سالن جو سمورو رڪارڊ بنا ڪنهن معاوضي جي فارسيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڏنو. ان کان بعد خيرپورناٿن شاهه جي مختيارڪار کيس حڪم ڪيو ته اچي اسان کي به ڪم ڪري ڏيو. ان تي مولانا صاحب کانئس معاوضو گهريو پر مختيارڪار معاوضي ڏيڻ کان انڪار ڪيو ۽ کيس ڌمڪيون ڏيڻ لڳو. بالا آخر مولانا صاحب اهو رڪارڊ به بنامعاوضي ترجمو ڪري ڏنو اهڙي طرح ميهڙ جي ڊپٽي ڪليڪٽر به ميهڙ جو سڀ فارسي دفتر کانئس سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرايو. آخر ۾ ان جي عيوض کيس هڪ ريشمي لنگي ۽ آفرين نامو ڏنائين. مولانا صاحب جي صحبت هر عام و خاص ماڻهو سان هئي پر خاص صحبت ۽ دوستي مولانا محمد علي ڏيرو (ڳوٺ رضا محمد ڏيرو)، مولانا الهه بخش مهيسر (پيري مهيسر) ۽ مولانا محمد سليمان واعظ (ٽڙڙي محبت) سان هوندي هئس. مولانا صاحب نهايت ذهين هوندو هو. پاڻ فرمائيندو هو ته ”پڙهڻ بابت مون کي ڪنهن به استاد نه چنبيو آهي.“

مولانا صاحب هڪ سچو عاشق رسول ﷺ هو. سندس روحاني پرواز به بلند هوندي هئي. سندس روح ۾ صفائي هوندي هئي. اگر مولانا صاحب جي روحاني پرواز کي ڏسڻو پوي ته سندس شاگرد مولانا عبدالڪريم ڏيرو (ديروي) جي روحاني پرواز جي بلنديءَ کي ڏسي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته جنهن هستيءَ جا مولانا ديروي جهڙا شاگرد هجن ته سندس خود جو عالي مقام ڇا هوندو؟ مولانا صاحب کي اڪثر خواب ۾ حضور اڪرم ﷺ، صحابه ڪرام رضي الله عنهم اجمعين ۽ اولياء ڪرامن جي زيارت نصيب ٿيندي هئي. جهڙا استاد عظيم تهڙا انمول شاگرد رهيا. مولانا ايري صاحب عشق جي اعلىٰ پرواز تي فائز رهيو. هي بحرالعلوم عالم جنون جي حد تائين جو عاشق انسان سيرت صحابه جو زنده مثال هو. سعادتمند آهن اهي شاگرد جن اهڙين هستين کان علم حاصل ڪيو ۽ جن صحابه ڪرام رضي الله عنهم اجمعين جي دور جو عملي نمونو پيش ڪيو. اڄ جي دور ۾ اهڙا انسان اڻ لڀ آهن، پر سندن علمي ۽ عملي زندگيءَ کي نئين نسل تائين پهچائڻ جي سخت ضرورت آهي. هي اهي ڪامل انسان آهن جن جي سيرت تي سرزمين سنڌ جيترو به ناز ڪري اهو گهٽ هوندو.

آقا ﷺ جن جو فرمان عاليشان آهي تہ : تَسَمَّوْا بِاسْمِي، وَلَا تَكْتَنُوا بِكُنْيَتِي، وَمَنْ رَآنِي فِي الْمَنَامِ فَقَدْ رَآنِي، فَإِنَّ الشَّيْطَانَ لَا يَتَمَثَّلُ فِي صُورَتِي، وَمَنْ كَذَبَ عَلَيَّ مُتَعَمِّدًا فَلْيَتَبَوَّأْ مَقْعَدَهُ مِنَ النَّارِ [٨]

ترجمو: ”منهنجو نالو پنهنجي اولاد مٿان رکو، مگر منهنجي ڪنيت نہ رکو، جنهن مون کي خواب ۾ ڏٺو بيشڪ ان مون کي ئي ڏٺو، ڇو تہ شيطان منهنجي صورت اختيار ڪري نہ ٿو سگهي ۽ جنهن ڄاڻي واڻي منهنجي مٿان ڪوڙ ڳالهايو اهو دوزخ ۾ پنهنجي جڳهہ تلاش ڪري.“ هڪ دفعي حضور اڪرم ﷺ جن ڪيس خواب ۾ فرمايو: ”غفلت ڇڏ“. انهيءَ واقعي کان بعد اڪثر ڪري روئندو رهندو هو. حافظ سعدي شيرازي خواب ۾ چيس تہ ”تو طلب ڪن وگرنہ من هستم“. مولانا صاحب کي حضرت قتادة رضي الله عنه خواب ۾ فرمايو تہ ” تون ’قصص الانبياء‘ ۾ مون کي قتاوه ڪري پڙهندو آهين، پر منهنجو نالو ” قتادة “ آهي“

مولانا صاحب کي حضور ﷺ جن جي عشق جي آگ اندر ۾ برندي رهندي هئي. سو دلبر جي در وڃي ديدار ڪرڻ جي نيت ۽ چاهت سان ڪٿان سؤ روپيہ اڌارا وٺي ڇڏيا هئائين. هڪ دفعي سندس عزيز حج تي وڃي رهيا هئا. پاڻ انهن سان ڪراچيءَ تائين موڪلائڻ جي بهاني سان آيو ۽ اتان وڃي حضور اڪرم ﷺ جن جي روضي مبارڪ جي زيارت ڪيائين، جتي سرور ڪائنات جن جي ڪيس دوباره زيارت نصيب ٿي. پاڻ چوندو هو تہ انهيءَ سفر ۾ مولانا عبدالرحمٰن سکر واري کي بہ ظاهر ظهور ڏٺم. (مولانا عبدالرحمٰن سکر وارو اڳ ۾ ئي وفات ڪري ويو هو.) ان سفر ۾ مولانا صاحب هڪ جاءِ تي ٽڪجي ساهہ کڻڻ لاءِ ڪنهن پاسي ٿي وينو. ٿڪاوٽ سبب ڳوڏن ۾ ڪنڌ هڻي وينو هو. اتي ويني ڪيس ايئن محسوس ٿيو ڄڻ تہ ڪو فرشتو آيو هجي ۽ هيءَ آيت پڙهي رهيو هجي: يٰدَاوُدُ اِنَّا جَعَلْنٰكَ خَلِيْفَةً فِي الْاَرْضِ فَاحْكُمْ بَيْنَ النَّاسِ بِالْحَقِّ وَلَا تَتَّبِعِ الْهَوٰى فَيُضِلَّكَ عَنْ سَبِيْلِ اللهِ ۚ اِنَّ الَّذِيْنَ يَضِلُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللهِ لَهُمْ عَذَابٌ شَدِيْدٌ بِمَا نَسُوْا يَوْمَ الْحِسَابِ ۝ [٩] ترجمو: اي داؤد! اسان توکي زمين تي خليفو ڪيو آهي پوءِ ماڻهن جي درميان حق جا فيصلا ڪر ۽ نفساني خواهشن جي پيروي نہ ڪر، ورنہ اهي توکي الله جي رستي کان گمراهہ ڪري ڇڏينديون، بيشڪ جيڪي ماڻهو الله جي رستي کان گمراهہ ٿي وڃن ٿا انهن لاءِ سخت عذاب آهي، ان ڪري جو انهن حساب جي ڏينهن کي

وساري ڇڏيو آهي. مولانا صاحب ان وقت عربي پڙهيل نہ هو، سو اها آيت پاڻ وٽ موجود ڪتاب ”دلائل الخيرات“ جي ڪنهن صفحي تي لکي ڇڏيائين تہ بعد ۾ ان جي معنيٰ ڏسندس. جڏهن ان آيت جي معنيٰ اچي ڏٺائين تہ ڪيس خيال ٿيو تہ پرينءَ جي پار ۾ اها بشارت ملي آهي سا ضرور سچي ثابت ٿيندي.[١٠]

هڪ دفعي ڪجهہ دوستن سان گڏجي پيدل خشڪيءَ رستي حرمين شريفين زيارت لاءِ نڪري پيو ۽ گهروارن کي ڪا خبر نہ ڪيائين. ڪراچي پهچي گهر اطلاع لاءِ خط لکي موڪليائين. اهو خط جيئن ئي ڳوٺ پهتو تہ خط پڙهڻ شرط سندس پاءُ عبدالله ڪيس واپس وٺي اچڻ لاءِ روانو ٿيو. ميان عبدالله ڪيس ڪراچي ۾ ڳولهيندو رهيو. آخرڪار ٽڪجي ڪراچي کي ڇڏي مڪران جي طرف روانو ٿيو. بالا آخر قرنطين وٽ هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ مولانا صاحب کي ڳولهي لڌائين، ڪيس واپس هلڻ لاءِ منٿ ڪرڻ لڳو. مولانا صاحب ڪاوڙجي پيو ۽ غصي ۾ ڪيس دمڪيون ڏئي واپس وڃڻ لاءِ چيائين. ميان عبدالله پاءُ جي انڪار تي ڏاڍو رنو. ساري رات روئندي گذاريائين. صبح جو ڳوٺ جا ڪجهہ ماڻهن مولانا صاحب کي سمجهائڻ لڳا تہ سائين توهان هڪ دفعو حج ڪري آيا آهيو. پوئتي ديني مدرسو اٿوَ، اهو بہ الله جي آسري توهان جي آسري آهي، ان کي نہ ڇڏيو. توهان جو پاءُ توهان کي ڪيتريون منٿون ٿو ڪري ۽ روئي روئي کهڙا حال ڪيا اٿئين، مٿس ڪجهہ رحم ڪائو، مهرباني ڪري هن سان گڏ واپس ڳوٺ وڃو. اها ڳالهہ ٻڌي مجبورًا مولانا صاحب واپس موٽي ڳوٺ آيو. پاڻ بہ نہ وڃي سگهڻ تي ڪافي رنو. پاڻ پنهنجي ان ڪيفيت کي هن نظم اندر بيان ڪيو اٿائين.

عشق عربي جام جي آڳيون اندر ۾ لائيون
جوش جانب جي سبب وسري ويون سڀ وائيون
ڪيئن ڪيان ڪاڏي وڃان دلبر بنا دم نا سري
درد ڪان دانهون ڪريان سجدي اندر سر نائيون
اي صبا! هن عاجزان جو عرض چؤ اندر حضور
سرور! لهہ سار تن گهورن اندر جي گهائيون
شل ملي او وقت جو سرمہ بدر سنجهي صبوح

خاڪ چانئٺ جي هجان ويني اکين ۾ پائيون
هن طرف جي حبِ دل تان وئي ڪجي هن وقت ۾
پار پرين جي سنديون ڳالهيون ڳڻڻ ۾ آئيون
يا "الاهي، بخش" امت کي محبت مصطفیٰ
تان سندن تعريف وينا رات ڏينهان ڳائيون.

مولانا صاحب وفات کان چند مهينا اڳ سيني شاگردن کي ڏار ڏار گهرائي ديني تعليم کي جاري رکڻ لاءِ تاڪيد ۽ وصيت ڪئي. مولانا دين محمد "اديب" فيروزشاهي کي ٻه ٻه دفعا تاڪيدي خط لکي گهرائي فرمايو ته "مون مولوي عبدالحليم کي به پڙهائڻ لاءِ تاڪيد ڪيو آهي ۽ توکي به چوان ٿو ته تجارت ۽ طبابت صرف روزگار جو ذريعو آهي، سو نه ڪجانءِ. هن دور ۾ ديني تعليم ئي بهترين جهاد آهي." مولانا صاحب خلافت تحريڪ جو به سرگرم ڪارڪن هو. تحريڪ کي زور وٺائڻ ۾ مشغول رهيو ۽ ان لاءِ به تمام گهڻو ڪوشان رهيو. ٢٧ رجب ١٣٣٨ هجري ۾ سيوهڻ شريف ۾ خلافت ڪانفرنس ٿي، پاڻ ان ۾ شريڪ ٿيو. اتان موٽي اچي خيرپور ناٿن شاهه ۾ خلافت ڪانفرنس ڪرايائين. ان ۾ به ڏاڍي جانفشاني ڪيائين. جنهن ڪري بيمار ٿي پيو آخر رمضان شريف ١٣٣٨هه الموافق ١٩٢٠ع ۾ جان جانان جي سپرد ڪيائين[11]. ڪيس سندس ڳوٺ جي پرسان قبرستان ۾ مٽيءَ حوالي ڪيو ويو. وفات وقت سندس عمر پنجاهه سالن جي لڳ ڀڳ هئي.

مولانا صاحب ساري زندگي سيرت مصطفیٰ ﷺ جو عملي نمونو رهڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي ۽ [illegible] جي زندگي پيش ڪئي. پاڻ علم تي عمل ڪرڻ واري شخصيت هو. مولانا ايري صاحب هڪ سچو عاشق رسولﷺ ۽ صحابه ڪرامن رضي الله عنهم اجمعين جو ديوانو هوندو هو. سندس زندگي سادگيءَ سان ڀرپور هوندي هئي. مولانا صاحب سنڌي ۽ فارسيءَ ۾ بهترين شاعري به ڪئي آهي. پاڻ ڪئي ڪتاب تصنيف ڪيائين. نيڪ صلاح (رسمن جي اصلاح بابت، جنهن جو خلاصو "رسومات تباهي" مرحوم علي خان ابڙي ڪيو)، بهشتي باغ (اسلامي عقائد ۾)، ضرورت پرده، آرين جي رد ۾ هڪ رسالو ۽ تعليم تي هڪ رسالو (اهو هڪ ماڻهوءَ ڇاپڻ لاءِ ورتو، مگر مورڳو رسالو ئي گم ٿي ويو). ان کان سواءِ

تدريس ۽ فتوا نويسي، مختصر طب گاهي ۾ به فائق رهيو. مولانا صاحب بهترين واعظ به ڪندو هو. پاڻ چوندو هو ته جوانيءَ ۾ مون سرائڪي زبان ۾ ديوان جوڙيو هو، جو به گم ٿي ويو. ان مان هي شعر ٻڌائيندو هو:

"جو ملاوي مئڪون منا محبوب   اڪبري حج دا ٿويس ثواب"

سندس سنڌي نظم مٿين ڪتابن ۾ لکيل آهن. فارسي ڪلام منتشر آهي، ڪيس ارادو هوندو هو ته يا قرآن شريف جو تفسير لکان يا "فتاويٰ عالمگيري" سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪريان، پر عمر وفا نه ڪئي. انهن مان ڪتاب "ضرورت پرده" قاري محمد ڏيرو المدني ڇپرايو. جنهن جي هڪ ڪاپي راقم وٽ موجود آهي. مولانا صاحب شاعري ۾ به ڪمال رهيو. سندس شاعري ڪافي مقبول رهي. سندس لکيل هڪ مراقبي جو شعر اڪثر پڪن پوڙهن ۽ ٻارن ڪي به برزبان ياد هوندو هو. اهو شعر هي آهي.

ٿلهه: هتان جڏ ويل هيءَ ويندئي، ڪندي پو هاءِ هَئي هَئي هَئي.
جدا جانب سيئي ٿيندئي، ڪندي پو هاءِ هَئي هَئي هَئي.

ادا جاٽج عمر فاني، جنبي ڪر جار ڪو جاني،
اڳيان ٿئي وير ويراني، ڪندي پو هاءِ هَئي هَئي هَئي.

هئڻ ناهي هميشه هت، اڳتي وڃڻو اٿئي البت،
منا سٽج هي مت، ڪندي پو هاءِ هَئي هَئي هَئي.

وڃائي ويا ڪُلئي وارا، نه رهڻو آهه تو يارا،
چلڻ جا ڳولهه ڪي چارا، ڪندي پو هاءِ هَئي هَئي هَئي.

نه هلندئي دوست دلبر ڪو، اڪيلو آهه وڃڻو تو،
ڪرين جيڪي ته ڪر اڄ سو، ڪندي پو هاءِ هَئي هَئي هَئي.

اِهو اولاد ۽ دولت، جنهين سان تو رکي محبت،
ڦري تو لئه ٿين فتنت، ڪندي پو هاءِ هَئي هَئي هَئي.

جنهين سان تو عمر گهاري، ڪندا تنهنجي نه پوئواري،
ڇڏيندي هتي سنگت ساري، ڪندي پو هاءِ هَئي هَئي هَئي.

اول سڪرات جي منزل، اها آهي گهڻي مشڪل،
بلو ڪر تنهن سندو بلڪل، ڪندي پو هاءِ هَئي هَئي هَئي.

قبر جي پيڙ تنهن ڪان پو، ٻجهي جنهن ۾ وڏو ڊپ ٿو،
انهيءَ جو خوف اڄ ڪر ڪو، ڪندي پو هاءِ هَئي هَئي هَئي.

قيامت جو اڳيان ڪاڙهو، لنگهڻو پُل جو اٿئي لاڙو،
عمل ڪر تان ٿيئي چاڙهو، ڪندي پو هاءِ هَئي هَئي هَئي.

سٽي دوزخ سندي هشمت، گذارين چو اندر غفلت،
سگهو ٿي جلد ڪر سنبت، ڪندي پو هاءِ هَئي هَئي هَئي.

پراهين ديس جي ويندي، ڪندي جيڪي اهو نيندي،
عمل ٻاجهئون ڏکيو ٿيندي، ڪندي پو هاءِ هَئي هَئي هَئي.

خوشي ۾ هت گذارين ٿو، نه اڳ جو خوف ڌارين ٿو،
گناهن منجهه گهارين ٿو، ڪندي پو هاءِ هَئي هَئي هَئي.

سدا رک شوق سرور جو، محمد مير انور جو
وسار نه يار دلبر جو، ڪندي پو هاءِ هَئي هَئي هَئي.

الاهي بخش آزي ڪر، ڇڏڻ ڪُل ڪوڙ بازي ڪر،
روئڻ سان رب راضي ڪر، ڪندي پو هاءِ هَئي هَئي هَئي.

٣ مولانا الهه بخش مهيسر

ڪي انسان تاريخ کي سهيڙيندا آهن ته وري ڪي خود تاريخ بڻبا آهن. هر هڪ انسان جي پنهنجي هڪ خاص قسم جي مهڪ ۽ خوشبوءِ هوندي آهي. ڪجهه ماڻهو پنهنجي مهڪ سان پوري علائقي کي معطر بڻائي ڇڏيندا آهن. ڪجهه ماڻهو نالي ۽ شهرت لاءِ هر سودو ڪري گذرندا آهن ته وري ڪي شهرت کي بلڪل به پسند نه ڪندا آهن. بس چپ چاپ پنهنجي ڪم ۾ مگن رهي، پنهنجي رب جي رضا ۽ آخرت جي تياري ۾ مصروف عمل هوندا آهن. اهي گمنام ٿي رهي پنهنجي رب جي طرف راهي ٿي ويندا آهن.

اهڙن گمنام الله وارن جي فهرست ۾ هڪ چمڪندڙ نالو مولانا الهه بخش مهيسر صاحب جو به آهي. مولانا الهه بخش بن وڏيرو محمد عمر مهيسر صاحب جي ولادت ميهڙ شهر جي اوپر ڏکڻ ۾ واقع ڳوٺ پپري مهيسر ۾ ٿي.[١٢] سندس ٻچپن به ڏاڍو سادو ۽ محبت ڀريو گذريو. هي ٻار جڏهن پڙهڻ جي عمر کي رسيو ته کيس مولانا عبدالرحمٰن فيروزشاهي جي دڙس ۾ ويهاريو ويو. اتي بنيادي ديني تعليم حاصل ڪندو رهيو. اڪثر ديني تعليم اتان ٿي حاصل ڪيائين. وڌيڪ علم کي پختو ڪرڻ ۽ وڌيڪ ڪتاب پڙهڻ جي سلسلي ۾ مولانا عبدالغفور همايون جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. اتان کان بعد آخر ۾ مولانا ميرمحمد نورنگي صاحب جي خدمت ۾ ڳوٺ نورنگ ۾ پهچي تعليم جي تڪميل ڪيائين. مولانا الهه بخش صاحب کي شروع کان ئي ڪمالبب حاصل ڪرڻ جو شوق هو، جنهن ڪري علم حاصل ڪرڻ ۾ ڏاڍي جانفشاني ڪيائين. ڏاڍي جوش ۽ ولولي سان سبق حاصل ڪندو ۽ مطالعو ڪندو هو. ڪتابن پڙهڻ جو جنون سوار هوندو هئس. ايئن محسوس ٿيندو هو ته ڄڻ ڪتابن کان سواءِ سندس رهڻ مشڪل بلڪ ناممڪن هجي. انهيءَ شوق جي زير اثر پڙهڻ دوران به هر وقت ڪنهن نه ڪنهن ڪتاب جي مطالعي ۾ مستغرق رهندو هو. راتين جو ننڊون قربان ڪري ڪتابن جي مشڪل مقامات کي حل ڪرڻ ۽ وڌ کان وڌ مطالعو ڪري ڪماليت حاصل ڪرڻ جي ڌن ۾ رهيو. علم جي تحصيل کان فراغت حاصل ڪرڻ کان پوءِ واپس اچي پنهنجي ڳوٺ پپري مهيسر ۾ هڪ مدرسي جو بنياد رکيائين.[١٣] مولانا صاحب علم فقه، حديث، تفسير ۽ منطق جو قابل

ماهر هو ته ان سان گڏ فارسي ۽ عربي لغت جو به قابل ترين شخص هو. پنهنجي مدرسي ۾ تدريس جي خدمت سرانجام ڏيڻ سان گڏ ڪتابن جو مطالعو به وسيع پيماني تي ڪرڻ لڳو. تدريسي دور ۾ به ڪماليت ڪي رسڻ واري شوق ۾ گهٽتائي نه آئي. هر وقت مسائل جي تحقيق ۾ مستغرق رهندو هو. ڪتابن جي مشڪل مقامات کي حل ڪرڻ جي شوق ۾ تمام گهڻن ڪتابن جو مطالعو ڪندو هو. ان جي نتيجي ۾ سندس مطالعو وسيع کان وسيع تر ٿيندو ويو. اتي تدريس سان گڏ فتوىٰ جو ڪم به شروع ڪيائين. ڪجهه ئي وقت ۾ سندس فتوائن جي علمي نوعيت ڏسندي انهن جو چرچو ٿيڻ لڳو. سندس علمي استعداد جي ڳالهه ڏورانهن علائقن تائين مشهور ٿيڻ لڳي. ٿورڙي ئي عرصي ۾ پاڻ هڪ مفتي جي حيثيت سان مشهور ٿي ويو. سندس علم جي هاڪ ٻڌي پري پري کان شاگرد سندس وٽ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ حاضر ٿيڻ لڳا. سندس مدرسي ۾ آسپاس جي شاگردن سان گڏ بلوچستان، ملتان، بهاولپور ۽ خراسان تائين جا شاگرد به پڙهڻ لاءِ حاضر خدمت ٿيڻ لڳا.[١٤]

مولانا صاحب تقوىٰ ۽ فتوىٰ ٻنهي شعبن ۾ به مثالي هوندو هو. اهو به وقت هو جڏهن پيري مهيسر ۾ هڪ عاليشان مدرسو نروار ٿيو. اتي شاگردن جي پيهه شروع ٿي. مولانا صاحب پنهنجي معاونت لاءِ ٻين استادن کي به مقرر ڪيو. پاڻ طبيعت جو نهايت خوش مزاج، ملڻهار، محبت ڪندڙ ۽ همدرد شخص هو. خلق خدا سان بلا تمييز مذهب ۽ مسلڪ محبت ڪرڻ جو مثالي نمونو پيش ڪيائين. سندس مدرسي ۾ موجود شاگردن جو تعداد تمام گهڻو هوندو هو. جنهن ڪري اخراجات به تمام گهڻا هئا پر پاڻ رضا الٰهي خاطر پنهنجو سڀ ڪجهه خلق خدا تي لٽائيندو رهيو. مولانا الهه بخش صاحب تقوىٰ جي اعلىٰ مقام تي فائز هو. ڪيس حلال ڪائڻ ۽ ڪارائڻ جو ئي فڪر هوندو هو. حرام کان تمام گهڻو ڊڄندو هو، حتىٰ ڪه مشتبه شين کان به حد درجي جي پرهيز ڪندو هو. پنهنجي والد صاحب جيڪو ڳوٺ جو وڏيرو هو، ان کان ڪابه ملڪيت يا پئسو وغيره نه وٺندو هو ۽ چوندو هو ته توهان جي ملڪيت الائي جي ڪيئن حاصل ٿيل آهي ۽ ان ۾ حرام شامل آهي، مون کي ان جي ڪابه ضرورت نه آهي ته حرام جه سلاوٺ ٿيل ملڪيت کي استعمال ڪريان. هميشه ڳوٺ مان خيرات جي ساني وٺي پاڻ به

ڪائيندو رهيو ۽ پنهنجي مدرسي جي شاگردن کي به اها ماني ڪارائيندو رهيو. وفات تائين برابر ايئن ڪندو رهيو. پنهنجي گهرواريءَ کي وصيت ڪري ڇڏي هئائين ته جڏهن منهنجي وفات ٿي وڃي ته جيڪا خيرات جي ماني ملئي منهنجي ايصال ثواب لاءِ ان منجهان ڪجهه ڏجانءِ. مولانا صاحب وٽ جن به ڪثرت ۾ پڙهڻ ايندا هئا. ڪيترائي عالم سڳورا ٻڌجي مدرسي منجهان فاضل ٿيا. هڪ دفعي مدرسي لاءِ بتي جو تيل ڪونه هو، ايتري ۾ هڪ ڄڻ گاسليٽ جو ڊبو کڻي آيو. ڪائنس استفسار ڪيائين ته هي ڪٿان آندو اٿئي؟ ان تي ڄڻ وراڻيو ته سائين هي فلاڻي هنڌان کڻي آيو آهيان. اهو ٻڌي مولانا صاحب ڪيس حڪم ڪيو ته اسان کي پرايو حق نه کپي، هي کڻ ۽ واپس ساڳي جاءِ تي رکي اچ.[١٥] پاڻ هڪ محبت ڪندڙ شخص هو. پاڻ مسلم توڙي غيرمسلم ماڻهن سان ڏاڍو احترام ۽ محبت سان پيش ايندو هو. جلد ئي سندس اها خوبي عام ۽ مشهور ٿيڻ لڳي. ان جي نتيجي ۾ ڪيترائي غيرمسلم سندس رويي ۽ ڪردار کان متاثر ٿي اسلام جي آغوش ۾ پناهه گزير ٿيا. سندس هي ڪارنامو به مثالي رهيو. پاڻ انسان کي اتم ۽ اعلىٰ سمجهندو هو. هندو توڙي مسلم سان خدمت ۽ ملڻ ۾ ڪو فرق نه رکندو هو. مولانا صاحب فرمائيندو هو ته "ٻار بالغ ٿيڻ کان اڳ مائٽن جو مذهب قبول ڪندو آهي، مگر سندس اصل مذهب بلوغت کان بعد وارو هوندو آهي." مولانا صاحب بلا تميز مذهب ۽ مسلڪ جي هر ڪنهن جي مدد ڪندو هو. پاڻ سچ ۽ حقيقت کي پسند ڪرڻ وارو انسان هو. منجهس مسلڪي سختي بلڪل به نه هوندي هئي، جنهن ڪري پاڻ هر مسلڪ ۽ هر مذهب وارن ۾ مقبول ۽ قابل احترام رهيو. اڪثر ماڻهن جا جهڳڙا ۽ فيصلا وٽس ايندا هئا. پاڻ ملڪيت جا فيصلا، مذهبي اختلافن جا حل ۽ شرعي فتوائون ڏيڻ ۾ ڪنهن جو به لحاظ نه رکندو هو. ڌرهي چاهي مسلمان هجي چاهي غيرمسلم مگر فيصلو حق جو ۽ سزا برابر مقرر ڪندو هو. مولانا جا هزارين شاگرد ان مدرسي منجهان فاضل ٿيا، پر افسوس جو تاريخ جي ورقن ۾ انهن کي محفوظ نه ڪيو ويو. البته انهن منجهان ڪجهه نالا جيڪي ملي سگهيا آهن انهن ۾ مولانا عبدالواحد لاشاري، مولانا جان محمد بروهي اوستہ محمد وارو ۽ مولانا محمد لاڙڪ شامل آهن. مولانا الهه بخش صاحب جي باري ۾ مولانا دين محمد اديب فيروزشاهي رقم طراز آهي ته "مولانا

صاحب ڏاڍو متقي ۽ نيڪ بخت بزرگ هو. منجهس ولين جهڙيون صفتون ۽ خوبيون هيون. مولانا صاحب نهايت سهڻو جوان ۽ قداور شخص هو. طبيعت جو ڏاڍو نرم هوندو هو."[١٦]

مولانا موصوف شريعت تي سختيءَ سان ڪاربند رهيو. توحيد جو متوالو ۽ شرعي پردي جو سختيءَ سان قائل رهيو. حق جي راهه تي هلندي ڪنهن جي بہ ملامت ۽ دشمني جي پرواهه نہ ڪندو هو. مولانا دين محمد "اديب" هڪ واقعو هن ريت لکيو آهي"هڪ دفعي هڪ آنرري مئجسٽريٽ مولانا الهه بخش صاحب کان هڪ ناجائز فتويٰ وٺڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي. پاڻ اهڙي فتويٰ ڏيڻ کان صاف انڪار ڪيائين. اها خبر جڏهن سندس والد وڏيري محمد عمر صاحب کي پئي تہ پاڻ پنهنجي پٽ کي چيائين تہ پٽ اسان جا ڪيترائي ڪم ڪار مئجسٽريٽ سان پون ٿا. بهتر اهو ٿيندو تہ تون ان جو ڪجهہ رايو رک. اها ڳالهہ ٻڌي مولانا صاحب پنهنجي والد صاحب کي فرمايو تہ بابا سائين هڪ مئجسٽريٽ کي خوش ڪرڻ خاطر الله تعاليٰ جي ڪاوڙ ۽ ناراضگي کڻڻ عقلمندي نہ چئبي. هي تہ هڪ مئجسٽريٽ جي ڳالهہ آهي. اهڙن هزارين مئجسٽريٽن جي مخالفت بہ رب پاڪ جي هڪ حڪم تي عمل پيرا رهڻ جي بدلي قبول ڪندس پر پنهنجي مالڪ جي مرضيءَ خلاف ڪابہ فتويٰ نہ ڏيندس."[١٧] هن ڳالهہ منجهان مولانا صاحب جي شريعت مطهره تي استقامت صاف ظاهر ٿئي ٿي. اهو سندس بي باڪي، جرئت، انصاف پسندي ۽ حق جي حمايت جو اعليٰ مثال آهي. هن بزرگ دين متين جي خدمت خاطر پنهنجو پورو جيون وقف ڪري ڇڏيو هو. الله رب العزت سندس هن حسن عمل جي بدلي ۾ کيس هڪ ولي الله صفت پٽ عطا ڪيو. مولانا صاحب کي پهريان هڪ نياڻي هئي، سندس زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ سندس اهليہ پنج مهينن جي حامله ٿي تہ کيس فرمايائين تہ "ياڳن پري ان شاءَ الله هي پٽ ٿيندو ۽ سندس نالو "محمد" رکجانءِ. شايد مان پنهنجي هن ٻچي کي ڏسي نہ سگهندس، سو کيس ديني تعليم ڏيارجانءِ." سندس اهليہ محترمہ اجان حامله ئي هئي تہ مولانا صاحب راهه رباني اختيار ڪئي. جڏهن هن ٻچڙي جي ولادت ٿي تہ سندس امڙ پنهنجي خاوند جي حڪم موجب سندس نالو "محمد" رکيو. هن ٻچڙي پنهنجي والد صاحب کي ڪونہ ڏٺو هو پر سندس جي ڪتابن جو هڪ تمام وڏو تعداد کيس نصيب ٿيو، جن جو

اڪثر مطالعو ڪندو رهندو هو. سنڌس هن فرزند شرعي علوم ۾ اهڙو نالو ڪمايو جو سنڌس دور ۾ ميهڙ تعلقي ۾ اهڙي باعلم ۽ عمل هستي راقم کي نظر نه آئي. هن نيڪ فرزند جي علم ۽ عمل جا معترف پنهنجن سان گڏ پراوا به آهن. مون هن بزرگ فرزند جو تذڪرو هڪ الڳ مضمون ۾ ڪيو آهي. مولانا الهه بخش صاحب جي مدرسي جي ان بهار کي سنڌس هن فرزند برقرار رکيو. مولانا الهه بخش صاحب اهڙو ته نمايان ڪردار ادا ڪيو جو صدين تائين هيءَ قوم هن محسن جي احسانمند رهندي ۽ صدين تائين ڪيس پنهنجي دلين ۾ زنده رکندي. هن جوان پنهنجي زندگيءَ جي هڪ هڪ لمحي کي قيمتي بڻائي پاڻ کي الله رب العزت جي دربار ۾ سرخرو بنائڻ سان گڏ عوام لاءِ هڪ بي بها نعمت ثابت ڪري ڏيکاريو. هن ولي الله ٦٣ سالن جي عمر ۾١٣٤٤ھ مطابق ١٩٢٦ع ۾ پنهنجي رب جي سڏ تي لبيڪ چئي راهه رباني اختيار ڪئي. سنڌس وڇوڙي هزارين شاگردن سان گڏ عوام جي هڪ تمام وڏي انگ کي اکين ۾ آب ڏئي هڪ درد دل ۾ سمائي ڇڏيو. رب جي رضا تي راضي رهي سنڌس حڪم ۾ حڪمت سمجهي خاموش رهڻ ۾ ئي ڀلائي آهي، ورنه اهڙين هستين جي وڇوڙي تي ماتم ڪرڻ لاءِ دل بي قرار ٿي ويندي آهي. ههڙيون هستيون اسان قومن لاءِ باعث فخر هونديون آهن ۽ ڳاٽ اونچو ڪرڻ جو سبب بڻبيون آهن. هي اهڙن وڏڙن ۾ شامل هستي آهي جنهن جي باري ۾ دل بي قابو ٿي هي چوڻ تي مجبور ٿي وڃي ٿي. ''اولئك آبآئي فجأني بمثلهم...'' مولانا صاحب خلافت تحريڪ ۾ به هڪ سرگرم ڪارڪن جي حيثيت سان ڪم ڪندو رهيو. انگريزن جڏهن ”تحقيق الخلافت“ نالي هڪ فتويٰ جاري ڪرائي. ان فتويٰ جو اصل مقصد تحريڪ کي ڪمزور ڪرڻ ۽ عوام ۾ ان بابت جوش کي گهٽائڻ هو. ان فتويٰ جي خلاف خلافتي عالمن سڳورن طرفان هڪ رد لکي شايع ڪرايو ويو. ان رد تي عالمن سڳورن کان تصديق ڪرائي وئي. مولانا الهه بخش صاحب به ان جي تصديق ڪري تحريڪ خلافت جي حمايت ڪئي. ان تحريڪ دوران ”جمعيت العلماءِ“ ۾ شامل ٿي وطن جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪرڻ لڳو. ان سلسلي ۾ ڪيتري ئي عرصي تائين ”جمعيت العلماءِ ميهڙ“ جو نائب صدر به ٿي رهيو.[١٨] مولانا صاحب تمام گهڻيون فتوائون تحرير ڪيون، سنڌس جا ڪيترائي بياض ۽ فتوائن جا دفتر قلمي صورت ۾ موجود آهن.

۴ مولانا حاجي بخشل سوڍر "غفاري"

مولانا حاجي بخشل بن عبدالحفيظ سوڍر ١٣١١ھ مطابق ١٨٩۴ع ۾ ڳوٺ سوڍاري مسجد ۾ جنم ورتو. پاڻ جڏهن پڙهڻ جي عمر کي رسيو ته کيس پنهنجي والد صاحب جي جدائي جو وڇوڙو نصيب ٿيو. پاڻ پنهنجي ابتدائي تعليم مولانا عبدالحڪيم سوڍر صاحب وٽان حاصل ڪيائين، فارسي جي تعليم حافظ نورمحمد منگي صاحب وٽان حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ علم صرف ۽ نحوَ ڳوٺ مرزا واهه ۾ مولانا حافظ عبدالله "رضي" صاحب وٽان حاصل ڪيائين. ان کان بعد پنهنجي ڳوٺ ۾ مولانا شفيع محمد سوڍر "مسجدي" صاحب جي مدرسي ۾ داخل ٿيو. اتي ئي تعليم جي تڪميل ڪيائين، سندس دستار بندي به انهيءَ مدرسي ۾ ٿي. تصوف جي سلسلي ۾ پاڻ سيد مصري شاهه سان بيعت ڪيائين. سيد صاحب جي وفات کان بعد خواجه ميان محمود لاڪير ٻوڙا لاڪير وارن سان بيعت ڪيائين. اتي پنهنجي مرشد جي صحبت ۾ ويندو رهيو. ميان محمود صاحب جي وفات کان بعد پير عبدالغفار المعروف پير مٺا سائين سان دست بيعت ٿيو. مٺا سائين جي وصال کان بعد خواجه الله بخش المعروف سهڻا سائين سان بيعت ڪيائين.[١٩] کيس خلافت مليل هئي. سندس ڪيترائي مريد ٿيا. پاڻ پنهنجي پوري زندگي ماڻهن کي واعظ ۽ نصيحت ڪندي گذاريائين. هر وقت ڪنهن نه ڪنهن علائقي ۾ تبليغي سفر تي هوندو هو. پاڻ پيرين پنڌ ڳوٺن ۾ وڃي واعظ ڪندو ۽ ماڻهن کي دين جون ڳالهيون سمجهائيندو هو. سندس محنت جو اندازو ان ڳالهه منجهان لڳائي سگهجي ٿو ته پاڻ پنهنجي ڳوٺ سوڍاري مسجد کان پيدل هلي مسلسل چوڏهن جمعا مخدوم بلال "باغ" ۾ تبليغ ۽ واعظ ڪندو رهيو. پاڻ ٻه حج ڪيائين هڪ پيدل ۽ ٻيو بحري جهاز ۾ ١٩٣٥ع ۾. پاڻ بهترين شاعر پڻ هو. سندس ڪافي ڪتاب قلمي صورت ۾ موجود آهن. سائين حاجي بخشل صاحب ٻه شاديون ڪيون. کيس الله رب العزت نوَ (٩) پٽ ۽ ڇهه نياڻين جو اولاد عطا فرمايو.

مولانا حاجي بخشل صاحب ٣ ربيع الاول ١۴٠٣ھ مطابق ٢٠ ڊسمبر ١٩٨٢ع بروز سومرتي ڏيپرن جي ڳوٺ ۾ تقرير ۽ واعظ ڪيو. رات جو آرام ڪرڻ کان بعد تهجد جي نماز پڙهيائين. نماز کان فارغ ٿي مريدن ۽ دوستن کي چيائين ته "ابا هاڻي الله تعالىٰ جا مهمان آهيون، پنهنجي حقيقي

مالڪ ڏانهن وڃي رهيا آهيون.“ ان وقت سائين تمام گهڻو خوش نظر ٿي آيو. مريدن عرض ڪيو تہ سائين توهان ڪي ڪا وصيت وغيره ڪرڻي هجي تہ توهان جي پٽن ۽ ڏيئرن کي سڏي وٺون؟ پاڻ انهن کي منع ڪري قرآن مجيد گهريائين، ڪابہ وصيت نہ ڪيائين. مريدن کي حڪم ڪيائين تہ الله تعاليٰ جو ذڪر ڪريو. قرآن مجيد سيني تي رکي پاڻ الله رب العزت طرف روانو ٿي ويو. سندس جنازي جي نماز خواجہ سهڻا سائين پڙهائي. سهڻا سائين ان وقت فرمايو تہ ”اسان جي ساڄي ٻانهن هئا.“ ايئن چئي اشڪبار ٿي ويو. مولانا حاجي بخشل صاحب کي فقيرپور ۾ دفن ڪيو ويو.

٥ مولانا بدرالدين آڳرو

هر انسان کي ڪنهن نہ ڪنهن شيءِ جو شوق ۽ ذوق هوندو آهي. هو حسب توفيق ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪرڻ جي جستجو ۾ مگن رهندو آهي. پنهنجي وس آهر پنهنجون ڪاوشون ڪندو رهندو آهي. ڪنهن کي تقرير جي ميدان ۾ خدمت ڪرڻ جو شوق هوندو آهي تہ ڪنهن کي تحرير جي ميدان ۾ پنهنجون صلاحيتون صرف ڪرڻ جي تمنا هوندي آهي. ڪو تدريس جو شوق رکندو آهي تہ ڪو تصنيف جو ذوق رکندو آهي. سندس شوق سندس چاهت بڻجي ويندو آهي. ميهڙ بہ اهڙن اتم انسانن سان سرسبز ۽ شاداب رهي آهي. تصنيف جي ميدان ۾ پنهنجون صلاحيتون صرف ڪرڻ وارن جي فهرست ۾ هڪ نالو مولانا حافظ بدرالدين آڳرو صاحب جو بہ آهي.

مولانا حافظ بدرالدين بن مولانا حامدالله آڳرو ڳوٺ قائم شاهہ آڳرو (نزد مشهور علمي ڳوٺ فيض محمد آڳرو) ۾ ١٣ ذوالحج ١٣٩٦هہ مطابق ٥ ڊسمبر ١٩٧٦ع بروز آچر تي جنم ورتو. سندس والد صاحب بهترين اهل علم و عمل عالم هو، جنهن ڪري سندس پرورش ديني ماحول ۾ ٿي. کيس پنهنجي ڳوٺ جي اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ ويهاريو ويو. اتان چار درجا سنڌي پڙهيو. ان کان بعد سندس والد صاحب کيس پنهنجي استاد محترم مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب جي خدمت ۾ ”مدرسه دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ“ ۾ وٺي آيو. مفتي صاحب پنهنجي شاگرد جي هن ٻچڙي کي ڏاڍو پيار ۽ پاٻوهہ سان پڙهائڻ لڳو. ١٩٩٣ع ۾ بدرالدين قرآن مجيد جو حفظ مڪمل ڪيو. حفظ قرآن مجيد کان بعد درس نظامي جي تعليم بہ اتي ئي شروع

ڪيائين. درس نظامي جا سڀ ڪتاب پڙهي مڪمل ڪيائين. مفتي صاحب سان گڏ سندس ٻيا استاد مفتي محمد عيسىٰ چنو، مولانا محڪم الدين سيال، تجويد ۾ قاري احمد ديروي ۽ قاري خدابخش (ڀان سيد آباد وارو) رهيا. سندس دستاربندي جو پروگرام طئي ڪرڻ جو ارادو ڪيو ويو، ان دوران مفتي صاحب دارالبقا جي طرف راهي ٿيو. جنهن ڪري سندس دستاربندي ٢٠٠٧ع ۾ مفتي صاحب جي چاليهي جي پروگرام ۾ ٿي. ميهڙ ۾ پڙهڻ دوران ميٽرڪ ۽ عالم فاضل جا امتحان پڻ پاس ڪيائين. ٢٠١۴ع ۾ تنظيم المدارس ۾ ايم اي اسلامڪ جو امتحان به پاس ڪيائين. ميهڙ ۾ تعليمي دور ۾ مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ لکندو رهيو. سندس ادب سان چاهت جي ڪري کيس "سنڌي ادبي سنگت پريس ڪلب ميهڙ" جي نمائندگي پڻ ملي. مولانا بدرالدين صاحب علم ميراث ۾ سراجي مفتي محمد مهيسر صاحب وٽ پڙهي. ٢٠١١ع ۾ کيس پنهنجي والد صاحب جي جاءِ تي مخدوم سعدي موساٽي ۾ اوقاف کاتي طرفان امام ۽ خطيب مقرر ڪيو ويو. اڄ تائين انهيءَ خدمت ۾ مصروف آهي. مولانا صاحب کي چار دفعا حرمين شريف جو سفر نصيب ٿيو آهي. پاڻ درگاهه خياري شريف ضلع نواب شاهه ۾ مخدوم رفيع الدين صاحب سان دست بيعت ٿيو.

مولانا بدرالدين آگرو صاحب کي تصنيف جي ميدان ۾ خدمت ڪرڻ جو تمام گهڻو شوق آهي. پاڻ اڪثر اخبارن ۾ ڪالم لکندو رهي ٿو. سندس سابق بزرگ ۽ عالمن سڳورن جي خدمات ۽ سوانح حياتن جا خاڪا ۽ ڪالم ڇپجندا رهن ٿا. پاڻ ڏاڍي محنت ۽ جفاڪشيءَ سان مولانا عبدالحي مهيسر (رهڙوي) ۽ مولانا عبدالڪريم مگسي صاحب جون فتوائون ۽ تحريرون گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ مرتب ڪيون اٿائين. ان کان علاوه علامه سيوطيءَ جو عالم برزخ جي حالات تي مبني ڪتاب پڻ ترتيب ڏئي رهيو آهي. سندس هي ٻئي ڪتاب ڇپائي جي مرحلي ۾ آهن. ان سان گڏ پاڻ قلمي نسخن کي سهيڙي گڏ ڪرڻ ۽ انهن کي ترتيب ڏئي ڪتابي صورتن ۾ آڻڻ جي جستجو ۾ پڻ رهي ٿو. مولانا صاحب وٽ پنهنجي هڪ بهترين ذاتي لائبريري پڻ موجود آهي. وٽس ڪافي ناياب ڪتابن جو ذخيرو ۽ قلمي نسخن جو به ڪافي تعداد موجود آهي. پاڻ جمعيت علماءِ پاڪستان نوراني گروپ ۽ انجمن طلباءِ اسلام جو سنڌ جو سيڪريٽري پڻ رهي چڪو آهي.

٦ مولانا قاضي جان محمد عارفي

مولانا قاضي جان محمد بن قاضي عبدالڪريم مهيسر سن ١٨٩٣ع ۾ ڳوٺ قاضي عارف ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ منجهان حاصل ڪيائين. ان ڪان پوءِ رهڙي شريف ۾ ديني تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ حاضر ٿيو. ان ڪان پوءِ نورنگ شريف ۾ پڙهڻ لاءِ ويو. اتي ئي درس نظاميءَ جي تڪميل ڪيائين. ان ڪان پوءِ علم طب حاصل ڪرڻ لاءِ اجمير شريف ويو. اتي ٽي سال رهيو. طب ۾ مهارت حاصل ڪري واپس موٽيو. قاضي عارفي صاحب علم ۾ قابل هو ته طب جو به قابل ۽ ماهر هو. مريض کي پري کان ڏسي سندس بيماري سڃاڻي وٺندو هو ۽ ان جو بهتر علاج تجويز ڪندو هو. پاڻ طب جي سلسلي ۾ في سبيل الله ماڻهن کي دوائون ناهي ڏيندو هو. پاڻ قاضي عارف جي زميندار گهراڻي جو فرد هو. دل ڪولي عوام جي مالي سهائتا به ڪندو رهيو. سندس دوستيءَ جو حلقو به تمام وسيع هوندو هو. پاڻ شروع ڪان ئي اوطاقي جوان ۽ سماجي خدمت ۾ اڳيرو رهڻ وارو هو. ڪيس ٻين جي مدد سان قلبي سڪون ملندو هو. غير مسلمانن سان هٿ به ملائڻ گواره نه ڪندو هو ته وري پنهنجي ڳوٺ ۾ رهڻ وارن غيرمسلمانن جي جان ۽ مال جو محافظ پڻ هوندو هو. قاضي عارفي صاحب کي ماڻهن جي درميان صلح ڪرائڻ جو ڪافي حرص هوندو هو. ٻين جي معاملن لاءِ پاڻ فڪرمند ٿي ويندو هو. پاڻ پخته گو شاعر به هو. سندس مسجد منزل گاه تي لکيل شعر پڙهڻ جهڙو آهي. پاڻ شاعري به ڪافي ڪئي اٿائين. سندس سارو مواد قلمي صورت ۾ قاضي عزيزالله مهيسر صاحب وٽ محفوظ آهي. سندس لکيل مضمون "ٽي ٽيڙو، ٻارهن ڪتيون" ميهڙ جي علمي ڳوٺن، عالمن ۽ اديبن تي لکيل "ماهوار نئين زندگي" ڊسمبر ١٩٥٧ع جي شماري ۾ ڇپيل آهي. اهو مضمون سندس علمي لياقت جو گواهه آهي. هن مضمون کي تمام مختصر پر جامع لکيو اٿائين. قاضي عارفي صاحب تصوف جي سلسلي ۾ خواجه محمد حسن جان سرهندي ٽنڊو سائينداد وارن سان دست بيعت ٿيل هو. سندس وفات ٣٠ جمادي الاول ١٣٨٤ھ مطابق ٧ آڪٽوبر ١٩٦٤ع بروز اربع تي ٿي.

٧ مولانا حامدالله آگرو

مولانا حامدالله بن غلام رسول آگرو ڳوٺ قائم شاهه آگرو ۾ ١٣٧٢ھ مطابق ١٩٥٣ع ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ جي مدرسي منجهان حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ ڪجهه وقت پوکي راهي ۾ مشغول رهيو. ان کان بعد ڪيس ديني علم حاصل ڪرڻ جو جذبو جاڳيو، جنهن ڪري ميهڙ ۾ مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب وٽ حاضر ٿي تحصيل علم ڪي لڳي ويو. اتان تڪميل علم ڪري مولانا فيض احمد اويسي وٽ خيرپور ناٿن شاهه ۾ سيد چنل شاهه صاحب جي مدرسي ۾ دوره تفسير پڙهيو. مولانا حامدالله صاحب ١٩٨٨ع ۾ مخدوم سعدي موسائٽي ۾ محڪمه اوقاف طرفان مُدرس مقرر ٿيو. ١٩٩٣ع ۾ اتي جامع مسجد جو پيش امام مقرر ٿيو. پاڻ جامع مسجد ۾ خطابت ۽ واعظ بہ ڪندو رهيو. اتي تدريسي خدمت ۾ مصروف رهندو هو. مولانا صاحب پير رفيع الدين خياروي صاحب سان دست بيعت ٿيو. مولانا حامدالله صاحب عملي زندگي ۾ ڪاميابي جو قائل هوندو هو. پاڻ فارغ ويهڻ کان ڪجهه ذڪر و فڪر ۾ رهڻ کي ترجيح ڏيندو هو. پاڻ مطالعو، ذڪر، تلاوت يا تبليغ ۾ مصروف رهندو هو. ان سان گڏ پنهنجي زمينن جي ديک ڀال بہ ڪندو هو. پاڻ ٻارڙن کي ڏاڍي محبت سان قرآن مجيد جي تعليم ڏيندو رهيو. اڪثر جامع مسجد ۾ ماڻهن کي ديني مسئلا سمجهائڻ، توحيد جي دعوت ڏيڻ، رسول الله ﷺ سان عشق ڪرڻ جي ترغيب، دل جي خوشي سان عبادت ڪرڻ، تلاوت ڪلام پاڪ ۽ ذڪر ڪرڻ کي زندگيءَ جو معمول بنائڻ، پاڻ ديني علم حاصل ڪرڻ، پنهنجي اولاد کي تعليم جي زيور سان سنوارڻ ۽ ديني ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ جو درس ڏيندو رهيو. مولانا حامدالله صاحب پنهنجي ديني خدمت ۾ زندگي بسر ڪندي ٦شعبان ١٤٣٢ھ مطابق ٨ جولاءِ ٢٠١١ع جمعي جي ڏينهن رب جي طرف راهي ٿيو.[٢٠]

٨ مولانا حبيب الله ڏيرو (حبيب حضوري)

مولانا حبيب الله بن محمد عثمان ڏيرو ميهڙ جي ان ڏيرا خاندان جو فرد آهي، جنهن خاندان جي هر هڪ فرد بلا تفريق بي بها ناياب هيرو ٿي جنم ورتو ۽ پنهنجي مقصد حيات کي بهترين نموني نيائي پاڻ تہ انشاءَ الله الله رب العزت جي دربار ۾ سرخرو تہ بڻجي ويا، پر ميهڙ وارن جو ڳاٽ هميشہ لاءِ اونچو ڪري ويا. هي خاندان اهل علم ولي الله شخصيات جو خاندان آهي. بلا مبالغہ هن خاندان پنهنجي دور جا عظيم انسان پيدا ڪري ميهڙ کي بہ امر بڻائي ڇڏيو. هن خاندان تي اسان جهڙن ناچيزن کي بہ فخر حاصل آهي. هي خاندان هندستان، پاڪستان، ايران، افغانستان ۽ سعودي عرب وارن جو استاد گهراڻو رهيو آهي. ان کان علاوه بين ڪيترن ئي ملڪن جي ڪافي عوام جو ڏاڏو استاد گهراڻو پڻ رهيو آهي. هي خاندان پنهنجي وقت جي وڏين وڏين درگاهن جي گادي نشينن، سجاده نشينن، خليفن، اهل تصوف شيوخن، وڏن وڏن مُدرسن، مهتممن، امام العصرن، فقيهن، قارين، حافظن، شيوخ الحديث، شيوخ القرآن، شيوخ التفسير، آفيسرن، محققن، دانشورن، سياستدانن، سماجي ورڪرن، مبلغن ۽ مقررن جو استاد گهراڻو رهيو آهي. هن خاندان جا امت تي عظيم احسان آهن ۽ بلا مبالغہ هر طبقي جو استاد گهراڻو رهيو آهي. امت جو غم خوار رهيو آهي. هن خاندان تي اسان کي ناز آهي ۽ هميشہ رهندو.

مولانا حبيب الله بن محمد عثمان ڏيرو ٨ ذوالحج ١٣٧٨ھ مطابق ١٥ جون ١٩٥٩ع بروز سومر ڪاڇي جي ڳوٺ لاڪو تڪيو تعلقو وارهہ ۾ جنم ورتو. پاڻ ابتدائي پرائمري تعليم مسلم پرائمري اسڪول محبوب لاشاري منجهان حاصل ڪيائين. ديني تعليم مولانا غلام حيدر چنو وٽان حاصل ڪيائين. اسڪولي تعليم جا سندس استاد محترم ماستر عبداللطيف سولنگي ڪنڊو واهہ وارو ۽ محترم ماستر جان محمد چانڊيو ڳوٺ گرڪڻ وارو هئا. پاڻ ست درجا پڙهيائين. ١٩٧٣ع ۾ سندس چاچي استاد القرآء شيخ العرب والعجم مولانا قاري محمد ڏيرو صاحب جي قائم ڪيل مدرسي "مدرسه عربيه دارالقرآن ميهڙ" ۾ داخل ٿيو. اتي سندس استاد سندس سوٽ مولانا قاري سعيد احمد بن قاري محمد ڏيرو، مولانا حافظ ابوبڪر رند، مولانا تاج محمد سڏايو ۽ مولانا محمد علي پنهور صاحب رهيا. ان کان بعد

سيد علي اڪبر شاهه صاحب جي قائم ڪيل مدرسي ”مدرسه دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ“ ۾ مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. جتي مولانا ڏٿي بخش لغاري، حافظ مولانا محمد طاهر سولنگي ۽ مفتي صاحب جن وٽ باقي ڪتاب پڙهي درس نظامي مڪمل ڪيائين. سندس دستاربندي انهيءَ ئي مدرسي ۾ ٿي.[٢١] ان کان بعد مولوي عالم فاضل جا امتحان حيدرآباد بورڊ مان پاس ڪيائين. ان کان پوءِ ميٽرڪ جو امتحان اورينٽل گروپ ۾ هاءِ اسڪول ون ميهڙ مان ١٩٨٣ع ۾ پاس ڪيائين. وري انٽر گورنمينٽ ڊگري ڪاليج خيرپور ناٿن شاهه مان ١٩٨٨ع ۾ بي اي ۽ ايم اي اسلامڪ ڪلچر جا امتحان شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس مان پاس ڪيائين. درس نظامي مڪمل ڪرڻ کان بعد شوقيہ طور تي جامعه مفتاح العلوم حيدرآباد ۾ دوره حديث پڙهڻ ويو. اتي وڏن عالمن کان حديث جا ڪتاب ٻيهر پڙهيو. ان مدرسي ۾ دورو مڪمل ڪري سند بہ حاصل ڪيائين. ان کان علاوه ١٩٩٢ع ۾ ”الشهادة العالمية“ جو امتحان پڻ پاس ڪيائين. ان کان بعد مدرسه دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ ۾ عربي جو استاد مقرر ٿيو. ١٩٨٠ع کان ١٩٨٣ع تائين پنهنجي استاد جي زير نگراني تدريس جي خدمت ڪندو رهيو. ١٩٨٣_١٠_٢٠ ۾ ڪيس تعليم کاتي ۾ نوڪري ملي. سندس پهرين پوسٽنگ هاءِ اسڪول سن ۾ ٿي. ان کان بعد آمري، مانجهند، ٻوبڪ، بوٿرو، فريدآباد، سنڌي ٻٽڙا ۾ نوڪري ڪندو رهيو. آخر ۾ هاءِ اسڪول ون ميهڙ ۾ عربي ٽيچر جي عهدي تي رهي تعليم ڏيندو رهيو. پاڻ ٢٠١٩_٦_١٤ تي هاءِ اسڪول ون ميهڙ مان ١٩ اسڪيل ۾ رٽائرڊ ٿيو.

پاڻ ”انجمن طلباءِ ڪريميه ميهڙ“ جو باني آهي. ان کان علاوه ”سيد علي اڪبر شاهه يادگار ڪاميٽي ميهڙ“ جو صدر، ”آرگنائيزنگ ڪاميٽي انجمن طلباءِ ڪريميه ميهڙ“ جو صدر، ”پنائي علمي ادبي سنگت ميهڙ“ جو صدر، ”علامه آءِ آءِ قاضي اڪيڊمي ميهڙ“ جو جنرل سيڪريٽري ۽ ”لغة الاسلام عربي تحريڪ“ صوبہ سنڌ جو جنرل سيڪريٽري پڻ آهي. ان کان علاوه گسٽا يونٽ هاءِ اسڪول ون ميهڙ ۽ سنڌ اورينٽل ٽيچرس ايسوسيئيشن (ساٽا) ضلع دادو جو صدر پڻ رهي چڪو آهي. مولانا صاحب بهترين مُدرس هئڻ سان گڏ بهترين محقق، مصنف، سوشل ورڪر، اديب، يار ويس ۽ مهمان نواز آهي. ان سان گڏ پلوڙ شاعر ۽ هردلعزيز شخصيت پڻ

آهي. مولانا صاحب ڪچهري جو مور ماڻهو، دوستن ۾ جلدي رل مل ٿي وڃڻ وارو انسان، همدرد ۽ سهڪار ڪرڻ وارو ماڻهو پڻ آهن. اسان جهڙن شاگردن کي علمي مواد جي طرف رهنمائي ڪرڻ، مواد تائين رسائي ڏيڻ، مواد مهيا ڪري ڏيڻ، لکڻ ۽ تصنيف ڪرڻ لاءِ هدايتون ڏيڻ ۽ همٿائڻ جهڙا ڪم ذاتي شوق ۽ جذبي سان ڪندو آهي. پاڻ هن وقت رٽائرمينٽ کان بعد علمي ادبي ڪم کي اڳتي وڌائي رهيو آهي، تحقيقي مواد گڏ ڪري تصنيف جي شغل ۾ مصروف رهي ٿو. ان سان گڏ مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ مختلف مضمون، مقالا ۽ ڪالم لکندو رهي ٿو. ان کان علاوه لاڙ ٽي.وي ويب جو ميهڙ ۾ عيوضي (نمائندو) پڻ آهي. ان سان گڏ سنڌ پريس ڪلب ميهڙ جو ١٩٩٥ع ۾ صدر بہ رهي چڪو آهي. ايتري ساري مصروفيات هوندي بہ علمي، ادبي ۽ سماجي شخصيتن سان رهاڻيون ملهائڻ، مشهور ۽ معروف شخصيات جون ورسيون ۽ سالگراهون ملهائڻ جو ڪم بہ ڪري ٿو. ان سان گڏ صحافت جو ڪم بہ بهتر نموني ڪري رهيو آهي.ڪيس سندس علمي پورهئي کي مان ڏيندي مهراڻ ٽي وي طرفان سيد علي اڪبر شاھ جي خدمات تي ”موهيا ڪنهن نہ مال“ ڪتاب مرتب ڪرڻ جي بدلي ٢٠١١ع ۾ ”شيلڊ“ سان نوازيو ويو. ڪيس ”مفتي ڪريم بخش مگسي“ مجتا ايوارڊ سان بہ نوازيو ويو. ان کان علاوه ٢٠٠٢ع ۾ هاءِ اسڪول ون ميهڙ جي هيڊ ماستر سيد عبدالرحيم شاھ صاحب ”بيسٽ ٽيچر“ جو سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنو. جيڪو سندس لاءِ ۽ سندس شاگردن لاءِ هڪ وڏو اعزاز آهي. مولانا حبيب الله ”حضوري“ هن وقت مسجد ”رياض الجنت“ باءِ پاس روڊ ميهڙ ۾ خطيب پڻ آهي. اها خدمت چاليهہ سالن کان مسلسل سرانجام ڏيندو پيو اچي. پاڻ هڪ بهترين محقق ۽ مصنف آهي. سندس تصنيفات ۾ : ١. موهيا ڪنهن نہ مال ٢. چهل آيات ٣. تنهائي جو تحفو ٤. ميهڙ جي ديروي (ڏيرا) خاندان جون علمي خدمتون ٥. قرآن مجيد ۽ شاھ لطيف ٦.پلا پونءِ نہ وسرن ٧.اسڪولي شاگردن لاءِ تقريرون ٨.سندا چولين چوھ ٩.جيجل جهولي ١٠.سوينئر ٢٠١٥ هاءِ اسڪول ون ميهڙ ڇپيل آهن. ان کان علاوه سندس ڪيترائي مضمون ۽ ڪالم مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيا آهن ۽ ڇپجندا رهن ٿا. وٽس ڪافي ڪتابن جو مواد قلمي صورت ۾ اجان بہ موجود آهي.

٩ مولانا خان محمد آڳرو

هي بزرگ ڳوٺ فيض محمد آڳري جو رهاڪو هو. سندس ٻچپن سادگيءَ سان گذريو. پاڻ پنهنجون مينهون چاريندو هو. مينهون چاريندي ڪيس تعليم حاصل ڪرڻ جو شوق جاڳيو. ان ڪري پنهنجي ڳوٺ جي عالم مولانا محمد آڳري صاحب وٽ وڃي ڪائنس سبق وٺندو هو. سبق ڪنهن پٽيءَ وغيره تي لکرائي ايندو هو. جهنگ ۾ مينهون چاريندي سبق ياد ڪندو هو. شام جو موٽي پنهنجي استاد کي سبق ٻڌائيندو هو. ايئن ڪندي پاڻ علم حاصل ڪيائين. وقت گذرندو رهيو. پڙهائي دوران ڪيس وڌيڪ پڙهڻ جو شوق جاڳيو، جنهن ڪري ٻين وڏن عالمن سڳورن جي خدمت ۾ حاضر ٿي پڙهندو رهيو. [٢٢] سندس استادن ۾ مولانا غلام نبي آڳرو، مولانا محمد ڪامل نابين سنهڙي وارو، مولانا محمد صالح گاجي کهاوڙ وارو، مولانا محمد پاٽ شريف وارو، مولانا اميد علي چنو جيڪب آبادي ۽ مولانا مير محمد نورنگي جن رهيا. آخر هڪ وڏي عالم جي روپ ۾ نروار ٿيو. معقولات جو تمام وڏو ماهر هو. پڙهائيءَ کان بعد مطالعو شروع ڪيائين. پاڻ ايتري قدر هوشيار ٿي ويو جو ڪجهه مضمونن ۾ پنهنجي استاد کان بہ فائق رهيو. پاڻ نهايت خنده پيشاني وارو بزرگ ۽ عمده اخلاق وارو انسان هو. تحصيل علم کان بعد پنهنجي ڳوٺ، وڳڻ، فيروزشاهہ، گنهڙ، لالورائنڪ ۽ ڪافي عرصو پاٽ شريف ۾ پڙهايائين. پاڻ معقولات جو ماهر هو، صاحب فتوىٰ هو. ماڻهو سندس علم ۽ اخلاق جا گرويده هوندا هئا. سندس مشهور شاگردن ۾ مولانا نظام الدين ثاني، مولانا ڪريم بخش آڳرو، مولانا يارمحمد جويو ۽ سندس صاحبزادو مولانا محمد پريل آڳرو مشهور آهن. مولانا صاحب پنهنجي زندگي قال الله و قال رسول ﷺ جون صدائون بلند ڪندي سن ١٣٨٨هہ الموافق ١٩٦٨ع تي پوري ڪئي.

١٠ مولانا درمحمد پنهور

مولانا درمحمد بن حاجي امام بخش پنهور سدير عاليوال ۾ پيدا ٿيو. ڪيس تعليم جي سلسلي ۾ مولانا عبدالڪريم ديروي صاحب جي درس ۾ ويهاريو ويو. پاڻ وٽس ڳوٺ رضامحمد ڏيرو ۽ گاهي مهيسر ۾ پڙهيو. ١٩٣٢ع ۾ سندس دستاربندي ٿي. فراغت ڪان بعد ڪجهه وقت پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهائيندو رهيو. ان ڪان بعد ڳوٺ گاهي مهيسر ۾ ڪافي عرصو پڙهايائين. اتي تقريبًا ١١ سال تدريس جي خدمت ڪيائين. بعد ۾ ڳوٺ گرڪڻ ۾ تدريسي خدمت ڪندو رهيو. اتي ئي رهائش اختيار ڪيائين. اتان ڪان بعد جامع مسجد ميهڙ واري مدرسي "دارالقرآن" ۾ پڙهائڻ لڳو. وري ڪجهه وقت گرڪڻ پڙهائڻ لڳو. ان ڪان بعد حاجي رسول بخش صاحب جي مدرسي ۾ فريدآباد پڙهائيندو رهيو وري جڏهن قاري محمد ڏيرو صاحب پنهنجو مدرسو قائم ڪيو تہ اتي اچي تدريس ڪندو رهيو. اتان حج لاءِ ويو. حج ڪان واپسي تي بيمار ٿي پيو. بيماريءَ جي حالت ۾ بہ تعليم جاري رکيائين. آخر ۴ شوال ١٣٩٦ھ مطابق ٢٧ سيپٽمبر ١٩٧٦ع بروز سومر تي وصال ڪيائين.

سندس هزارين شاگرد ٿيا. انهن ۾ سندس فرزند مولانا محمد علي پنهور، مولانا عبدالله "ورنا" (نال، بلوچستان)، مولانا الاهي بخش بلوچستان، حافظ محمد صادق شيخ نصيرآبادي ۽ مولانا حافظ محمد ابراهيم چنو (ڪرخ) سرفهرست آهن. مولانا درمحمد پنهور صاحب هڪ بهترين شاعر پڻ هو. پاڻ سنڌي ۽ فارسيءَ ۾ شاعري ڪئي اٿائين. سندس تصنيفات ۾ امدادالصرف، نحو ۾ هداية المنظور ۽ فقه جي مسئلن تي مبني بہ رسالا بہ لکيائين[٢٣] شامل آهن.

١١ مولانا دين محمد"اديب"فيروزشاهي

ميهڙ جي مٽيءَ جيڪي املهه ماڻڪ پيدا ڪيا آهن، انهن جي علمي مقام ۽ عملي ڪردار تي اسان کي هميشہ ناز هوندو. هي هستيون آهن بہ اهڙيون جو هنن تي ناز ڪري سگهجي ٿو. ڪجهه هستون ديني تعليم ۾ مهارت حاصل ڪري پنهنجي خوشبوءِ سان گلشن مهڪائينديون رهيون آهن تہ ڪجهه هستيون ديني ۽ دنياوي تعليم جو سنگم رهيون. اهڙين سنگم پري شخصيتن ۾ مولانا دين محمد "اديب" فيروزشاهي جو نالو بہ پهرين صف ۾ شامل آهي. مولانا دين محمد صاحب جو تخلص "اديب" تاريخي نالو "منظور حسن" اٿس. سندس ولادت شب جمعہ، ١٥ شوال ١٣١٤هه مطابق ٢١ مارچ ١٨٩٧ع ۾ ٿي.[٢٢] تعلقي ميهڙ جي عظيم ديني درسگاهہ فيروزشاهہ بي بها ناياب انسان پيدا ڪيا. ميهڙ جي مٽيءَ ۾ جن نامور شاعرن، اديبن، اهل قلم ۽ فاضل شخصن جنم ورتو انهن ۾ مولانا "اديب" هڪ خاص خصوصيت جو حامل آهي. سندس نسبي تعلق حضرت مخدوم عبدالله صاحب عرف "پِيرُوِجُ" اُچ واري سان لڳي ٿو. مخدوم پيروج کي الله رب العزت وڏي ڄمار عطا فرمائي. ڪيس ١٢٥ سال دنيا ۾ رهڻ جو موقعو مليو. مخدوم صاحب جو ٻيو نمبر فرزند مخدوم احمد هڪ وڏو عالم ۽ درويش هو. پاڻ مخدوم محمد عثمان درٻيلي واري جو شاگرد هو. سندس اولاد ۾ بہ وڏا متبحر عالم پيدا ٿيا آهن. مولانا عبدالمجيد صاحب جيڪو مخدوم محمد عثمان شهيد متعلويءَ جو شاگرد هو اهو بہ وڏو عالم ٿي گذريو آهي. مخدوم ميان خير محمد بن مولانا عبدالمجيد فيروزشاهي جو فرزند علامہ دوران مولانا عطاء الله فيروزشاهي جيڪو پنهنجي وقت جي عالمن سڳورن ۾ هڪ جيد عالم ۽ سيني فنن ۾ ماهر هو. ڪيس استاذ العلماء جو لقب حاصل آهي. مولانا عطاءالله فيروزشاهي، سنڌ جي وڏن عالمن مان هڪ وڏو عالم هو. سندس پهريون ۽ مشهور شاگرد حديث ۽ فقه جو ماهر مولانا حاجي حامدالله ميمڻ صاحب (ٻيلي، تعلقي سجاول جو) آهي. ان کان سواءِ ٻيا بہ ويهارو کن سندس فارغ التحصيل شاگرد آهن، جن سنڌ جي مختلف علائقن ۾ وڃي الله رب العزت جي آسري تي ديني مدرسا کولي قرآن مجيد، حديث رسول ﷺ ۽ علم فقه جي خدمت ڪئي. مولانا دين محمد "اديب" فيروزشاهي بہ مخدوم احمد صاحب جي اولاد مان آهي ۽ ان علمي ۽

روحاني خاندان جو روشن چراغ هو. مولانا اديب صاحب ابتدائي تعليم مولانا عطاءالله صاحب جي مدرسي ۾ حاصل ڪئي ۽ اتي ئي فارسي پڙهڻ شروع ڪئي. مولانا عطاءُالله جي وفات کان بعد سندس مدرسي ۾ ئي مولانا عبدالرحمان صاحب وٽ ”پند نامه“ ۽ ”تحفه نصائح“ تائين پهتو. پوءِ سنڌ جي مشهور عالم بزرگ مولانا الاهي بخش ايري صاحب وٽ ڳوٺ ٻانهو لاکير مدرسي ۾ داخل ٿيو. مولانا الاهي بخش صاحب تعليم جي فن ۾ هڪ مجيل استاد ۽ ماهر هو. مولانا ايري صاحب فارسيءَ ۾ يگانهء وقت هو، پاڻ شاعر به هو، اديب به هو ته ان سان گڏ عالم باعمل، متشرع ۽ فقيه دوران به هو. سندس شاگردن ۾ استاذ العلماءِ و الصلحاءِ مولانا عبدالڪريم صاحب ديروي‌ءَ جهڙو يگانهء عصر عالم، صوفي، محقق ۽ فقيه به شامل آهي ته جناب سيد حاجي علي اڪبر شاهه صاحب باني ”مدرسه دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ“ جهڙو عظيم سياستدان، ابوالبيان، فصيح اللسان، اديب، مقرر ۽ مذهبي پيشوا به شامل آهي. مولانا اديب صاحب مولانا ايري صاحب جي شهرت ۽ شفقت، ڪمالات علمي ۽ فيوضات باطني ڏانهن ڇڪجي آيو. مولانا اديب صاحب ننڍپڻ کان ونی ڏاڍو ذهين ۽ صالح طبيعت وارو هو، تنهنڪري ايترن سارن ڪتابن کي مطالب ۽ معاني، بديع ۽ بلاغت سميت تقريرن ۽ تشريحن سان پڙهي، فارسيءَ ۾ وڏو استعداد حاصل ڪيائين. ڪجهه وقت ۾ ئي تحرير ۽ تقرير تي عبور حاصل ڪري، فارسيءَ ۾ شعر گوئي به شروع ڪيائين. ان کان پوءِ عربيءَ جو مروج نصاب شروع ڪري، شوال ١٣٣۴هه ۾ پنجن سالن جي مسلسل محنت شاقه کان پوءِ دستاربنديءَ تائين پهتو.

مولانا اديب جي صحبت جن جن بزرگن سان رهي، سي پنهنجي زماني جا نه فقط عالم ۽ عارف هئا، پر وڏا شاعر، اديب، سخن سنج ۽ سخن شناس به هئا.[٢٥] مولانا عطاءالله کان بعد مولانا الاهي بخش صاحب وڏو عالم ۽ شاعر هو، جنهن جي شاعرانه فيوضات ۽ اديبانه ڪمالات مولانا اديب جي لڪيل ادبي قوتن کي زندگي بخشي ۽ گوشهء عافيت مان ڪڍي بزم شاعريءَ ۾ آندو. مولانا الاهي بخش صاحب جي فارسي توڙي سنڌي تحرير ڏاڍي شائسته هئي. سندس ڪلام ۾ ڏاڍي فصاحت ۽ بلاغت هئي، سلاست ۽ رواني هئي، شگفتگي ۽ سادگي هئي. هي اهي جوهر هئا جيڪي مولانا

اديب کي سندس شاگرديءَ ۾ نصيب ٿيا. تحصيل علم کان فراغت حاصل ڪرڻ کان پوءِ مختلف عربي مدرسن ۾ پاڻ تدريس جي خدمت سرانجام ڏيندو رهيو. خاص طور پاٽ شريف ۾ مخدوم مولانا محمود صديقي صاحب جهڙي عالم ۽ عارف جي ڪشش ۽ محبت ڪيس پاٽ ۾ ڪافي وقت رهايو. اتي عربي نصاب پوريءَ طرح پڙهايائين ۽ علوم عربيه تي عبور حاصل ڪيائين. ان سان گڏ، تحرير ۽ فتوىٰ نويسي به شروع ڪيائين. مولانا اديب جي ڪمالات علمي لاءِ ٻهراڙيءَ جي محدود زندگي موزون ۽ موافق نه هئي، قدرت گهريو ٿي ته سندس جوهر باطن ۽ ڪمالات علمي مان ادب ۽ اهل ادب مستفيد ٿين، تنهنڪري ڪنهن جسماني عارضي جي علاج خاطر حيدرآباد ۾ آيو ۽ آيو به اهڙو آيو، جو وري موٽڻ جو نالو نه ڪنيائين. نور محمد وڪيل صاحب مولانا کي پنهنجي هاسٽل ۾ پيش امام مقرر ڪيو. اتي ساڍا ٽي سال امامت ۽ خلق جي خدمت جا فرائض انجام ڏيندو رهيو. حيدرآباد سنڌ جي شهري زندگي، جديد علوم ۽ فنون ۽ مغربي تهذيب جي مصنوعي چمڪ دمڪ مولانا تي ڪو اثر نه ڪيو. هي پاڪ نهاد، صوفي طبع، عارفن ۽ عالمن جو صحبت يافتو، صالح مرد، جيڪو به وقت حيدرآباد ۾ مقيم هو اهو دين جي شغف، مطالعهء ڪتب، مصروفيت اوراد و اشغال ۽ صالحن جي صحبت ۾ گذاريندو رهيو. سندس دل ۾ الله جي سچي محبت ۽ رسول الله ﷺ جن جي والهانه محبت پيدا ٿي. ان زندگيءَ ۾ ٻيهر حيدرآباد کي ڇڏي، نور محمد جي والد صاحب جي استدعا تي نور محمد جي ڳوٺ واپس آيو. ذڪر ۽ فڪر سان گڏ ديني ڪتابن جي مطالعي ۽ نصاب نظامي جي درس و تدريس، امامت، خطابت ۽ خدمتِ خلق ۾ وقت گذارڻ لڳو. حيدرآباد مان هجرت ۽ ڏُوري نورمحمد لاءِ ناقابل برداشت رهي، پنهنجي ننڍڙي ڳوٺ جي اصلاح ۽ ديني خدمت جي بجاءِ مولانا کي هميشه لاءِ انگريزي دان گروهه جي اصلاح ۽ ديني تربيت لاءِ واپس حيدرآباد آندو ۽ اهو سلسلو شروع ڪيو. مولانا اديب حيدرآباد ۾ نورمحمد هاءِ اسڪول ۾ عربي جو استاد ٿيو ۽ اتان ئي رٽائرڊ ٿيو.[٢٦] مولانا اديب مولانا اشرف علي ٿانويؒ جهڙي عارف ۽ روحاني حڪيم جو نه فقط معتقد هو پر مريد صادق به هو. سندس اخلاقي ۽ اصلاحي مواعظ ۽ رسالاجات جي مطالعي ڪرڻ سان ساڻس روحاني تعلقات پڪا پيدا ٿيندا ويا. پاڻ ارڙهن سالن جي عمر ۾ ٿاڻه پون پهتو ۽

حضرت جي دست بوسيءَ ۽ صحبت مان مستفيد ٿيو. بيعت لاءِ درخواست ڪيائين جا ڪن مصلحتن ۽ طالب العلمي جي مناسب نہ هجڻ سبب قبول نہ پئي پر دور طالب العلمي کان پوءِ قبول ٿي. پاڻ مولانا ٿانوي صاحب جن جو مريد هو، جنهن ڪري سندس ڪلام ۾ هڪ انفرادي رنگ موجود آهي.

فارسيءَ سان گڏ سنڌيءَ ۾ بہ شاعري شروع ڪيائين. اڪثر ڪري نعتيہ ڪلام چيائين. ان کان پوءِ اصلاحي، قومي، اخلاقي ۽ تاريخي ڪلام چيائين، جيڪو ان وقت جي سنڌي رسالن ۽ اخبارن "آفتاب"، "الحق"، "الامين"، "الاسلام" ۽ "الڪاشف" ۾ شايع ٿيندو رهيو. فن تاريخ گوئيءَ ۾ پاڻ عديم المثال هو. سر زمين سنڌ ۾ اهڙو تاريخ گو شاعر ڪين ٿيو آهي. سندس جا "مادهاي تاريخي" (تاريخ جا مادا ڪڍڻ) جا سوين مثال موجود آهن، جيڪي لاجواب آهن. اهڙا اهلِ فن هندستان ۾ بہ ٿورا ملندا. مولانا جي همہ دانيءَ جو اهو هڪ دليل آهي. اڄڪلهہ غزل چوڻ تي شاعريءَ جو ڪمال آهي، پر مولانا غزل کي بہ افاديت لاءِ استعمال ڪيو. ان سان گڏ مثنوي، تاريخ، قطعہ، مسدس، ترجيع بند ۽ ترڪيب بند ۾ بہ يدطوليٰ رکندو هو. مرثيہ گوئي ۽ واقعي نگاريءَ ۾ بہ بيمثال هو. سندس نور محمد تي چيل مرثيو هندستان جي وڏن وڏن مرثيہ نويس شاعرن کان بہ مٿي آهي[٢٧] مولانا اديب جي منظوم ڪلام جا جملي بيت تقريبًا ايڪيتهہ هزار کان بہ وڌيڪ آهن. چويهہ هزار ڇهہ سؤ ۽ سٺ بيت "مثنوي" جي ترجمي جا، ٻارهن سؤ اختتام "مثنوي" جا، ڏيڍ هزار سنڌيءَ ۾ مختلف نظمن جا، هڪ سؤ بيت عربيءَ جا، ڏيڍ سؤ بيت اردوءَ جا، هڪ سؤ ايڪيهہ بيت "چهره ڪشاي مثنوي" جا ۽ ڏيڍ هزار فارسي بيت[٢٨].

سندس تصنيفات ۾ ١.جزاء الاعمال ٢.بهشتي ڪوثر ٣.علاج القحط والوبا ۴.زاد السعيد في الصلواة علي النبي الوحيد ٥.نورٌ عليٰ نور ٦.علم الاخلاق عرف اسلامي اخلاق ٧.چهره ڪشاي مثنوي، ترجمہ رونماي مثنوي ٨.اختتام مثنوي ٩.حيات المسلمين ١٠.منع الانام عن وضع الايدي علي الاقدام ١١.مجموعة الاشعار (فارسي) ١٢.بهشت جي ڪنجي- نماز ۾ ١٣.معلم الاسلام ١۴.چاليهن دعائن جو ترجمو ١٥.ڪليات اديب، نظم ١٦.صبح ۽ شام جون دعائون ١٧.خلفاء راشدين ١٨.ڪشف المحجوب جو ترجمو ١٩.اخلاق النبي ٢٠.اشرف العلوم شامل آهن.

علم جو هي روشن ستارو ٢٣ محرم ١٣٩٣ھ مطابق ٢٧ فيبروري ١٩٧٣ع بروز سومر دنيا جي افق تان غائب ٿي ويو.[٢٩] سندس وڇوڙي سان علم جو هڪ شاندار باب بند ٿي ويو. سندس وڇوڙي جي سبب پيدا ٿيل خال شل پرجي سگهي.

١٢ مولانا حڪيم رحيم داد رند

ميهڙ جي انيڪ اعليٰ ماڻهن منجهان مولانا حڪيم رحيم داد رند صاحب بہ هڪ هو. مولانا صاحب ڳوٺ رئيس ميون خان رند ڪاڇو ۾ محترم محمد هاشم رند صاحب جي گهر ۾ جنم ورتو. پاڻ تعليم جي سلسلي ۾ مولانا ميان محمود پاتائي صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪراچيءَ جي علائقي ڪارادر جي مدرسي ۾ داخل ٿيو. اتان تعليم حاصل ڪري دهلي روانو ٿيو. اتي علي ڳڙھ ڪاليج منجهان طب جي سند حاصل ڪيائين ۽ ان سان گڏ دهلي جي مدرسي ۾ تعليم پڻ حاصل ڪندو رهيو. مولانا رند صاحب اتي چار سال تعليم حاصل ڪري سَنَدون حاصل ڪري واپس سنڌ موٽيو. هتي اچي ڳوٺ يارو لاڪير ۾ شفاخانو کولي خدمت ڪي لڳي ويو. شفاخاني سان گڏ اتي هڪ مدرسو قائم ڪري درس و تدريس جي خدمت شروع ڪيائين. وٽائنس ڪيترائي شاگرد تحصيل علم ڪري ويا. انهن ۾ سندس فرزند حڪيم سعيد رند ميهڙ، غلام صديق لاڪير لاڙڪاڻو، سلطان احمد ناريجو، علي احمد ناريجو ہٹي ٹرڙي محبت، ماستر احمد خان ملاح، عبدالڪريم ملاح، ولي محمد ملاح، عبدالله رند، حاجي محمد عرس سولنگي، وڏيرو خان محمد لاڪير، پير گلاب دادو، صدرالدين ۽ نظام الدين شامل آهن. مولانا پيرمحمد سهارڻ صاحب بہ وٽس پڙهيو ۽ حڪمت سکيائين.[٣٠] تدريس دوران دين پور شريف ۾ پير عبدالغفار المعروف پير مٺا سائين سان دست بيعت ٿيو. طب ۽ تدريس سان گڏ تبليغ جو ڪم بہ سرانجام ڏيندو رهيو. ڪجهه وقت بعد کيس پير صاحب کان خلافت پڻ ملي. مولانا صاحب خوبصورت، عمده اخلاق وارو، هنڌوڪي، سخي جوان ۽ فياض دل وارو هو. الله رب العزت کيس ڊگهي عمر عطا فرمائي. مولانا صاحب تقريبًا ١٠٩ سالن جي عمر ۾ ٢٧ ربيع الثاني ١٤٣٣ھ مطابق ٢١ مارچ ٢٠١٢ع بروز اربع وفات ڪئي.

١٣ علامه پروفيسر حافظ ڊاڪٽر زين العابدين سوڍر

پروفيسر ڊاڪٽر حافظ زين العابدين بن مولانا حاجي بخشل سوڍر جو جنم ٢٠ ذوالقعد ١٣٨٥ھ مطابق ١٢ مارچ ١٩٦٦ع بروز ڇنڇر ڳوٺ سوڍاري مسجد ۾ ٿيو. پاڻ پنھنجي ڳوٺ ۾ حافظ محمد رمضان ساھڙ صاحب (ڳوٺ منگواڻي) وٽ قرآن مجيد ناظره پڙھي پورو ڪيائين. ان کان پوءِ "مدرسه دارالقرآن جامع مسجد ميھڙ" ۾ مولانا حافظ سيد غلام مصطفیٰ شاھ (ڳوٺ سوجھرو ڳورڙ) صاحب وٽ قرآن مجيد جو حفظ مڪمل ڪيائين. اتي ئي فارسي مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب وٽ پڙھيائين. ١٩٨١ع ۾ "دارالعلوم نعيميه ڪوئٽه" ۾ مولانا فيض محمد اويسي صاحب وٽ دوره تفسير پڙھڻ ويو، ان دوري ۾ سندس استاد مولانا سيد غلام مصطفیٰ شاھ صاحب به ساڻس شريڪ سبق ھو. ان کان بعد درس نظامي پڙھڻ لاءِ "دارالعلوم امجديه " بھادرآباد ڪراچيءَ ۾ پڙھڻ ويو. آخر ۾ دوره حديث "مدرسه رڪن الاسلام" ھيرآباد حيدرآباد ۾ پڙھي ١٩٨٦ع ۾ دستاربندي ڪيائين. انھيءَ تعليم دوران عصري تعليم به حاصل ڪندو رھيو. ١٩٨٠ع ۾ ميٽرڪ طالب المولیٰ ھاءِ اسڪول دادو، ١٩٨٢ع ۽ ١٩٨٤ع ۾ B.A استاد بخاري ڊگري ڪاليج دادو منجھان پاس ڪيائين. ١٩٨٦ع ۾ ايم اي عريبڪ ۽ ١٩٩٠ع ۾ ايم اي اسلامڪ ڪلچر سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو منجھان پاس ڪيائين. وري ٢٠٠٣ع ۾ ايم اي اسلامڪ اسٽڊيز "تنزيل المدارس لاھور" منجھان پاس ڪيائين. ١٩٩٥ع ۾ بي ايڊ ۽ ١٩٩٧ع ۾ ايم ايڊ سنڌ يونيورسٽي اولڊ ڪيمپس حيدرآباد منجھان پاس ڪيائين. ٢٠٠٥ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ منجھان "ٺٽي جي علماء جون عربي ۽ اسلامي علوم ۾ ديني خدمتن جو تحقيقي جائزو" جي عنوان تي P.H.D مڪمل ڪري ڊگري حاصل ڪيائين. جامعه عربيه حيدرآباد منجھان ١٩٨٤ع ۾ مولوي عربي، ١٩٨٥ع ۾ عالم عربي ۽ ١٩٨٦ع ۾ فاضل عربي جا امتحان پاس ڪيائين. ١٩٩٥ع کان ١٩٩٩ع تائين "سنڌ طبيه ڪاليج حيدرآباد" منجھان فاضلِ طب وجراحت جو چارساله ڪورس مڪمل ڪيائين. ڊاڪٽر زين العابدين صاحب جي ھن تعليمي سفر جي دوران پاڻ ٢ جون ١٩٨٨ع ۾ اورينٽل عربي ٽيچر طور ڀرتي ٿيو. سندس پھرين پوسٽنگ ۽ جوائننگ ٽريننگ ڪاليج سانگھڙ ۾ ٩ اسڪيل ۾ ٿي. ان کان پوءِ مختلف وقتن تي مختلف ڪاليجن ۾ تدريسي

خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. ان دوران ٽريننگ ڪاليج دادو، ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۽ ٽريننگ ڪاليج منياٽي ۾ تدريسي خدمت ڪندو رهيو. ١٨ اپريل ١٩٨٩ع ۾ سندس پروموشن ١٥ اسڪيل ۾، ١٦ جون ١٩٩١ع ۾ ١٦ اسڪيل ۾، ۴ نومبر ١٩٩۴ع ۾ ١٧ اسڪيل ۾ ۽ ۵ اپريل ١٩٩٨ع ۾ ١٨ اسڪيل ۾ ٿيو. ٢٩ آگسٽ ٢٠٠۵ع ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ذريعي اسسٽنٽ پروفيسر جو امتحان پاس ڪري سانگهڙ جي ٽريننگ ڪاليج ۾ بحيثيت پرنسيپال جوائننگ ڪيائين. ان کان پوءِ O.P.S (On Pay Scale) تي ١٩ اسڪيل ۾ پروموٽ ٿيو. ٧ فيبروري ٢٠٠٧ع ۾ ”پوسٽ گريجوئيٽ ڪاليج جامعه مليه ڪراچي“ ۾ تدريس ڪندو رهيو. ٩ نومبر ٢٠١٢ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي عربڪ ڊيپارٽمينٽ ۾ اسسٽنٽ پروفيسر طور مُدرس ٿي آيو. هتي تدريس ڪندي ١ مارچ ٢٠١٩ع ۾ انسٽيٽيوٽ آف لينگويجز جو انچارج ڊائريڪٽر مقرر ٿيو. پاڻ انهيءَ عهدي تي تاحال خدمت سرانجام ڏئي رهيو آهي.

ڊاڪٽر صاحب عصري علوم جي تدريس ڪرڻ سان گڏ ديني تدريس جي خدمت بہ ڪندو رهيو آهي. پاڻ درس نظامي جي ڪورس جا اڪثر ڪتاب پڙهائي چڪو آهي. پاڻ درگاهه فقيرپور ۾ ٦ مهينا، مرزا واهه (ميهڙ) ۾ هڪ سال، مدرسه المصطفیٰ ڄامشورو بئراج ڪالوني ۾ ٣ سال، جامع مسجد نوري قاسم آباد حيدرآباد ۾ هڪ سال، جامع مسجد قاسم آباد حيدرآباد جو مُدرس ۽ پيش امام ٦ مهينا، ٽنڊو آغا ۾ هڪ سال تدريس ۽ امامت، غوثيه ڪالوني ڪوٽڙي جي غوثيه مسجد ۾ ٣ سال تدريسي خدمت سرانجام ڏئي چڪو آهي. ان سان گڏ پاڻ حافظ قرآن هئڻ ڪري رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ تراويحن ۾ ختم القرآن تاحال پڙهائيندو رهيو آهي. پاڻ سينڊل مهيسر (ميهڙ) ۾ هڪ ختم شريف، پٺائي ڪالوني ڪوٽڙي ۾ ٣ ختم القرآن، نسيم نگر حيدرآباد جي جامع مسجد ۾ بہ ختم القرآن ۽ جامع مسجد المرتضیٰ حسينيه قاسم آباد ۾ ١۴ ختم القرآن پڙهائي چڪو آهي.

پاڻ ڪجهه ادارن ۾ مختلف عهدن تي رهي تاحال خدمت ڪري رهيو آهي. انهن ۾ دارالعلوم عربيه بخشيه سوڍاري مسجد جو باني، اسلاميات، بيورو آف ڪريڪيولم اينڊ ايڪسٽينشن ونگ ڄامشورو (باءِ اسلام آباد) جو چيئرمين، جامعة العربيه زين العلوم دادو ۽ مدرسه

دارالقرآن عربيه دادو جو ڊائريڪٽر، حسيني ايجوڪيشن سوسائٽي ڄامشورو ۽ حسيني پبلڪ هاءِ اسڪول ڪوٽڙي جو چيف ايگزيڪيوٽو، بي ايڊ، ايم ايڊ ۽ ايم اي جو علامه اقبال اوپن يونيورسٽي ريجن ڪراچيءَ جو سپروائيزر ۽ بي ايڊ ۽ ايم ايڊ ٿيسس، ڪاليج آف ايجوڪيشن ڪراچي جو ڪراچي يونيورسٽيءَ طرفان پروفيسر سپروائيزر مقرر آهي. ان ڪان علاوه ڪيترين ئي تعليمي ايسوسيئيشنز جو سنڌ يونيورسٽي ۽ شاهه لطيف يونيورسٽيءَ جو ميمبر ۽ ڪجهه ٻين سماجي تنظيمن ۾ ميمبر جي حيثيت سان خدمتون ڪندو رهي ٿو. سندس خدمتن ۽ ڪردار کي مدِنظر رکندي حيدرآباد جي مشهور و معروف شخصيت صاحبزاده ڊاڪٽر ابوالخير زبير صاحب کيس سَند حديث (اجازت حديث) اعزازي طور عطا ڪئي. ڊاڪٽر صاحب جي سموري زندگي تدريسي ۽ علمي خدمت ڪندي گذري آهي. پاڻ ٻنهي (عصري ۽ ديني) علمن جو بهترين مُدرس رهيو آهي.

ڊاڪٽر زين العابدين سوڍر صاحب ننڍپڻ کان ئي ڪافي ذهين ۽ محنتي رهيو آهي. سندس ذهانت جو اندازو ان ڳالهه منجهان لڳائي سگهجي ٿو ته پاڻ سموري تعليمي رڪارڊ ۾ سڀ ڊگريون ۽ سرٽيفڪيٽ 1st ڪلاس ۾ حاصل ڪيا اٿائين. پاڻ ڪافي وقت کان وٺي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ معلوماتي ۽ علمي مضمون لکندو رهيو آهي. انهن منجهان اخبارِ تعليم، روزنامه آفتاب حيدرآباد، ماهوار صراط الهدىٰ، جماعت اهل حديث حيدرآباد، ماهانه دعوت اهل حديث حيدرآباد ۽ عبرت ميگزين سرفهرست آهن. هنن مذڪوره اخبارن ۽ رسالن ۾ سندس ڇپيل مضمونن جو مجموعي تعداد ٦٠ کان وڌيڪ آهي. سندس H.E.C کان ريڪگنائيز ٿيل تحقيقي رسالن منجهه ڇپيل تحقيقي مضمونن جو تعداد ٣٦ کان مٿي آهي ته سندس ٧ تحقيقي مضمون انٽرنيشنل جنرلس منجهه ڇپيل آهن. ڊاڪٽر زين العابدين صاحب ٻن ڇپيل ڪتابن "عارف بالله" ١٩٩٩ع ۽ "قرآن ۾ شق القمر" ٢٠٠٧ع ۾ ۽ ١٥ کان وڌيڪ اڻ ڇپيل ڪتابن جو مصنف پڻ آهي. سندس ماتحت ايم فل جا ٦ ۽ پي ايچ ڊي جا ۴ شاگرد پنهنجون ٿيسس مڪمل ڪري چڪا آهن. ڊاڪٽر صاحب جو گهراڻو مذهبي ۽ علمي گهراڻو رهيو آهي. سندس والد محترم مولانا حاجي بخشل صاحب پنهنجي وقت جو مسلَم ولي الله، عارف بالله، سالڪ ۽ باعمل عالم گذريو آهي. راقم پنهنجي وڏڙن، رشتيدارن ۽

آسپاس جي اهل علم عمر رسيده بزرگن کان سندس باري ۾ تمام گهڻا تعريفي ڪلمات ٻڌا آهن. مولانا صاحب جي عبادت ۽ علم جي چرچو عام هوندو هو. ان عظيم بزرگ جو اثر سندس اولاد تي بلڪل عيان نظر اچي ٿو. سندس سمورو اولاد اهل علم ۽ ديني خدمتن سان سرشار آهي تہ ان سان گڏ علمي خدمتگار پڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ان بزرگ هستيءَ جي دعائن جو نتيجو آهي جو سندس هن فرزند جو علمي خدمت ۾ هڪ نمايان حصو نظر اچي ٿو. ڊاڪٽر زين العابدين صاحب يارويس طبيعت جو مالڪ، مهمان نوازيءَ ۾ مور، سماجي ۽ فلاحي ڪمن ۾ وڏي حصو وٺڻ وارو، ٻين جو درد دل ۾ محسوس ڪري ان کي دور ڪرڻ جي جستجو ۾ رهڻ وارو ۽ علمي ميدان ۾ نمايان خدمت سرانجام ڏيڻ وارو انسان آهي. الله رب العزت سندس عمر ۽ علم ۾ برڪت عطا فرمائي تہ جيئن سندس خدمتن منجهان اجان بہ ٻيا مستفيد ٿي سگهن.

١٤ مولانا قاري سعيد احمد ڏيرو

مولانا قاري محمد صاحب جو هي فرزند پنهنجن سيني ڀائرن کان عمر ۾ وڏو هئڻ سان گڏ علم ۾ بہ بالاتر رهيو. مولانا قاري سعيد احمد ٢٧ رمضان المبارڪ ١٣٦٦هه مطابق ١٤ آگسٽ ١٩٤٧ع بروز خميس شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. ان وقت قاري محمد صاحب مدرسه اشرف العلوم شڪارپور ۾ استاد جي حيثيت سان خدمت سرانجام ڏئي رهيو هو. قاري سعيد احمد صاحب اجان ننڍپڻ جي عمر ۾ ئي هو تہ سندس امڙ وفات ڪري وئي. ڪيس شڪارپور ۾ ئي دفن ڪيو ويو. قاري سعيد احمد صاحب پنهنجي ابتدائي تعليم پنهنجي والد صاحب کان مدرسي اشرف العلوم شڪارپور ۾ حاصل ڪئي. ان کان بعد پنهنجي والد صاحب سان گڏ ميهڙ شهر جي جامع مسجد جي مدرسي دارالقرآن ۾ داخل ٿيو. جتي پنهنجي والد صاحب سان گڏ ان وقت جي مايناز عالمن سگهورن کان علم حاصل ڪيائين. ١٩٧١ع ۾ حرمين شريفين جو سفر ڪيائين. جامعه اسلاميه مدينه منوره سان منسلڪ مدرسه دارالحديث ۾ داخلا ورتائين. اتان ١٩٧٥ع ۾ فراغت حاصل ڪري واپس پاڪستان اچي وفاق المدارس ۾ ”الشهادة العالمية“ جو امتحان ڏئي سند حاصل ڪيائين. ١٩٨٧ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ڪيس مساوي ايم اي

عريبڪ ۽ ايم اي اسلامڪ اسٽڊيز جو سرٽيفڪيٽ ڏنو.[۴۱] مولانا قاري سعيد احمد صاحب کي علم القرآئت ۽ تجويد جو شوق ۽ ان ميدان ۾ خدمت ڪرڻ پنهنجي والد محترم کان وراثت ۾ مليو هو. پاڻ پنهنجي والد صاحب کان ابتدائي ديني تعليم ۽ علم تجويد جي تعليم حاصل ڪيائين. ان کان بعد مختلف مدرسن ۾ بين استادن کان تعليم حاصل ڪندو رهيو. ان سان گڏ مختلف شهرن ۾ مختلف استادن طرفان منعقد ٿيندڙ دوره تفسير، دوره علم ميراث ۽ دوره صرف و نحو وغيره ۾ به شريڪ ٿيندو رهيو. پاڻ پنهنجي والد وٽ پڙهيو، پر ان باوجود سندس والد محترم جي اها تمنا هئي ته سندس هي پٽ بحرالعلوم هجي، مون کان به وڌو ماهر قرآن هجي. ان سلسلي ۾ کيس سعودي عرب ۾ مدينه يونيورسٽي ۾ پڙهڻ لاءِ داخل ڪرايو ويو. سندس والد صاحب ان وقت سعودي عرب ۾ مڪي شريف جي حرم اندر مدرسه دارالارقم جي ماتحت حفظ القرآن ۽ تجويد جو مُدرس مقرر هو، جنهن ڪري قاري سعيد احمد صاحب کي مدينه يونيورسٽي ۾ داخلا وٺڻ ۽ رهائش جي ڪا ڏکيائي پيش نه آئي. اتي تعليم حاصل ڪرڻ بعد اتي ڪجهه وقت مُدرس ٿي رهيو. پاڻ هڪ حافظ، بهترين قاري بلڪه سبعه عشر قاري، سبعه عشر قرائتن جو مُدرس، شيخ القرآن، شيخ الحديث، شيخ التفسير ۽ قابل فقيه هو. سندس والد محترم ۽ سندس استاد صاحبان سڀ مسلڪ اهل السنت والجماعت (ديوبندي جماعت) سان وابسته هئا، جنهن ڪري پاڻ اهل السنت والجماعت مسلڪ جي مروجه درس نظامي جا سڀ ڪتاب پڙهيو، بلڪه انهن ۾ به مهارت حاصل ڪيائين. سندس والد صاحب اهو عظيم مُدرس هو جنهن علم تجويد ۽ قرائت جي زيور سان پوري سنڌ، پنجاب، بلوچستان، ايران، افغانستان ۽ سعودي عرب جي اهل علم حضرات کي نوازيو. سنڌ اندر علم تجويد کي جهرجهنگ عام ڪرڻ جو باني سندس والد محترم هو. سندس والد صاحب سنڌ اندر علم تجويد جا انقلابي دورا منعقد ڪرائي پڙهائيندو رهيو، اهو سندس هڪ تجديدي ڪارنامو هو. سندس والد صاحب ۱۹۳۹ع کان ۱۹٦٦ع تائين سنڌ اندر هر سال باقائدگيءَ سان مختلف شهرن ۽ مدرسن ۾ تجويد جا دورا پڙهائيندو رهيو. جڏهن ۱۹٦۷ع ۾ سعودي عرب هجرت ڪري هميشه لاءِ رهائش اختيار ڪيائين ته علم تجويد جي دورن جو سونهري دور ڪجهه وقت لاءِ بند ٿي ويو. ان کان

پوءِ قاري محمد صاحب جو مايا ناز شاگرد مولانا قاري عبدالقادر لغاري صاحب (١٩٢٢_١٩٩٨) (داد لغاري) ۽ مولانا قاري حافظ نثار احمد منگي (ولادت ١٩٣٧ع) (شڪارپور) قاري صاحب جي شروع ڪرايل تجويد جي دورن کي جاري ڪيو. ان دورن جي ڪاميابيءَ پنيان بہ قاري محمد صاحب جي محنت ۽ دعائون شامل هيون. مولانا قاري سعيد احمد صاحب سن ١٩٨٣ع کان پنهنجي والد محترم مولانا قاري محمد صاحب جي دورن جي تسلسل کي واپس شروع ڪيو. سندس جا دورا بہ ڏاڍا ڪامياب رهيا. انهن دورن ۾ بہ پري پري کان اهل علم حضرات، عالم سڳورا، طلباءِ ڪرام ۽ عوام ڏاڍي چاهہ ۽ شوق منجهان شريڪ ٿي قرآن مجيد صحيح تلفظ سان پڙهڻ جي سعادت حاصل ڪئي. مولانا قاري سعيد احمد صاحب هڪ ڪامياب مُدرس هو تہ ان سان گڏ سندس دورن جي ڪاميابي بہ قابل ديد هئي. قاري سعيد احمد صاحب انهن دورن سان گڏ علم تجويد ۽ قرائت سبع عشر جا اسباق بہ باقاعدگيءَ سان پڙهائيندو رهيو. پاڻ پنهنجي والد صاحب جي قائم ڪيل "مدرسه عربيه دارالقرآن ميهڙ" جو مهتمم ۽ صدر مُدرس رهيو. ان مدرسي کي ڪاميابيءَ سان همڪنار ڪيائين. ميهڙ ۾ پنهنجي والد محترم جي مدرسي کي سٺي رونق بخشائين.

سيد پير بديع الدين شاهہ راشدي صاحب جي صحبت ۾ رهندي مسلڪ اهل الحديث جو مطالعو ڪيائين. ان کان پوءِ باقاعده طور مسلڪ اهل حديث کي قبول ڪرڻ جو اعلان ڪيائين. اعلان ڇا ڪيائين! بس هر طرف کان سندس مخالفت شروع ٿي. سندس والد محترم، سندس اساتذه ڪرام، مدرسه عربيه دارالقرآن ميهڙ جي مجلس شوره ۽ مُدرس سڀ مسلڪ اهل السنت والجماعت (ديوبندي جماعت) سان وابستہ هئا. جنهن ڪري سيني ڪانئس منهن موڙيو. ايتري ۾ بس نہ ٿي بلڪ سندس مخالفت شروع ڪيائون. مخالفت ۾ بحث مباحثہ ٿيڻ لڳا. جنهن ڪري ڪيس تعليمي ميدان ۾ ۽ ديني خدمت ڪرڻ ۾ ڪافي ڏکيائي پيش آئي. سندس ڪجهہ استادن ۽ جماعت جي پراڻن دوستن سندس والد محترم کي شڪايتي خط لکيا. مولانا قاري محمد صاحب انهن کي اهو ئي جواب ڏيندو رهيو تہ اها سندس تحقيق آهي ۽ اگر ڪو عالم پنهنجي علم ۽ تحقيق جي آڌار تي سنت نبوي ﷺ ۽ حديث رسول ﷺ تي عمل ڪرڻ چاهي ٿو تہ ان مسئلي

۾ سندس مخالفت ڪرڻ نه گهرجي، اگر دل چاهي ته سندس اتباع ڪجي ورنه ان مسئلي ۾ خاموشي اختيار ڪرڻ هڪ بهترين رستو آهي. اسان جي اڪابرن ۾ به ڪافي بزرگ اهڙا گذريا آهن جيڪي ڪجهه مسئلن ۾ پنهنجي علم ۽ تحقيق مطابق ٻين بزرگن کان الڳ رهيا آهن. انهن کي سندن تفردات سمجهيو ويو. انهن جي ته ڪڏهن به ٻين اڪابرن مخالفت نه ڪئي ۽ نه ئي کين غلط سمجهيو ويو، ته پوءِ مولانا قاري سعيد احمد صاحب جي مخالفت ڪرڻ جي ڪابه وجه نظر نه ٿي اچي. مولانا قاري سعيد احمد صاحب پنهنجي والد گرامي وانگر علم قرائت ۽ تجويد جي خدمت ڪرڻ لاءِ مديني شريف وڃي اتان اهو علم حاصل ڪيو. مولانا قاري سعيد احمد صاحب سنڌ جي مختلف علائقن ۾ وڃي پنهنجي والد صاحب وانگر علم تجويد جا دورا منعقد ڪرائي پڙهائيندو رهيو. ١٩٨٢ع ۾ قاري سعيد احمد صاحب جماعت اهل الحديث ۾ شموليت جو باضابطه اعلان ڪيو. جنهن ڪري هر طرف کان سندس پرزور مخالفت ٿي. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو سندس والد صاحب طرفان برپا ڪيل مدرسه عربيه دارالقرآن ميهڙ جي قديمي جماعت ۾ فقه حنفيه جماعت جا ماڻهو شامل هئا، اهي ڪيس اڪيلو ڇڏي هليا ويا، پر مولانا قاري سعيد احمد پنهنجي موقف تي اٽل رهيو. سندس علمي بصيرت ۽ تحقيقي ڪم کي ڏسي کيس جماعت اهل الحديث دادو جو امير مقرر ڪيو ويو. مولانا قاري سعيد احمد صاحب تجويد جا ڪافي دورا پڙهايا. ١٩٩٦ع ۾ شيخ بديع الدين شاه راشدي صاحب سان گڏ افغانستان جي جهاد ۾ به حصو ورتائين. پاڻ ڪافي ڪتاب لکيائين جيڪي ڇپجي نه سگهيا. جن مان ڪجهه تي سيد بديع الدين شاه راشدي صاحب ۽ جامعه اسلاميه مدينه منوره جي استادن جون صحيحون ٿيل آهن. سندس تمام گهڻا شاگرد آهن. قاري سعيد احمد صاحب ٻين جنوري ٢٠٠٩ع بروز جمعو رات ٤:٣٠ بجي لاڙڪاڻي جي اسپتال "مهراڻ سينٽر" ۾ وفات ڪئي.[٣٢]

قاري سعيد احمد پنهنجي زندگي نه صرف درس وتدريس ۾ گذاري پر پاڻ واعظ، نصيحت ۽ خطابت کان علاوه ڪيترن ئي ڪتابن جي تصنيف پڻ ڪئي اٿائين ۽ ڪيترن ئي ڪتابن تي مقدمات ۽ تقريظات پڻ لکيا اٿائين.

١٥ مولانا شفيع محمد جلباڻي

مولانا شفيع محمد صاحب ڳوٺ مسو جلباڻي ۾ جنم ورتو. پاڻ ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ مولانا عبدالهادي جلباڻي ۽ مولانا غلام رسول جلباڻي جي مدرسي مان حاصل ڪيائين. هي ٻئي بزرگ پائي جيد عالم ۽ مُدرس هئا. ان کان پوءِ مولانا شفيع محمد جلباڻي صاحب مولانا دين محمد جلباڻي صاحب وٽ ڳوٺ الهرکيو جلباڻي متصل گاجي کهاوڙ ۾ پڙهيو. ان کان بعد پيري مهيسر ۾ مولانا الهه بخش مهيسر صاحب وٽ پڙهندو رهيو. آخر ۾ مولانا عبدالواحد مگسي صاحب وٽ ڳوٺ سوجهرو ڳورڙ جي مدرسي ۾ پڙهي ڪتاب پورا ڪري دستاربندي ڪيائين.

تڪميل علم کان بعد پنهنجي ڳوٺ جي مدرسي ۾ پڙهائڻ شروع ڪيائين. مولانا شفيع محمد صاحب بحرالعلوم عالم جي روپ ۾ نروار ٿيو. سندس ڪيترائي شاگرد عالم سگهورا ٿيا. سندس شاگردن ۾ محمد عيسيٰ سومرو ٽرڙي محبت، گل محمد بروهي، محمد موسيٰ بروهي خضدار، مولانا عبدالوهاب جلباڻي، مولانا محمد صديق سومرو ٽرڙي محبت ۽ محترم غلام مصطفيٰ خاصخيلي سابق هيڊ ماستر هاءِ اسڪول ٽرڙي محبت شامل آهن. مولانا شفيع محمد صاحب قابل طبيب به هوندو هو. پاڻ ٽرڙي محبت ۾ دواخانو کولي حڪمت جو ڌنڌو پڻ ڪندو رهيو. ان دوران ٽرڙي محبت ۾ عيد جي نماز به پڙهائيندو هو ۽ اتي جمعي جي نماز پڻ پڙهائيندو هو. پاڻ في البديع شاعر پڻ هو. ان کان علاوه تصنيفات به ڪندو رهيو. سندس قلمي مواد ڪافي هوندو هو، افسوس جو اهو بعد ۾ محفوظ نه رهي سگهيو. سندس ٽيهه اکري ۽ مناجات تي مبني هڪ ڪتاب ”رياض جنت“ ڇپيل آهي، جيڪو بعد ۾ ناياب ٿي ويو. ان جو هڪ نسخو هٿ ڪري سندس فرزند ڊاڪٽر خورشيد جلباڻي صاحب ڪمپوز ڪرائي ان جي پرنٽ پاڻ وٽ محفوظ رکي آهي. مولانا محمد سليمان نوناري ”واعظ“ جي جنازي نماز مولانا شفيع محمد جلباڻي صاحب پڙهائي. مولانا شفيع محمد صاحب ١٩٥٧ع يا ١٩٥٨ع ڌاري حج جي ارادي سان حرمين شريفين ويو. اتي اڪثر دوستن کي چوندو رهيو ته ادا خبر ناهي ماڻهو هتي اچڻ کان پوءِ ڪعبة الله جي دُوري ڪيئن ٿا برداشت ڪن. ڪيس به ڪعبت الله جي دُوري گواره نه ٿي ۽ اتي ئي وفات ڪيائين. ڪيس جنت المعليٰ ۾ دفن ڪيو ويو.

١٦ مولانا حاجي شفيع محمد "مسجدي" سوڍر

ڪجھ يادون اهڙيون هونديون آهن جيڪي انسان جو ڪنڌ اونچو رکنديون آهن. اهي يادون باعث فخر هونديون آهن. عرب جڏهن پنهنجن آباء و اجداد جي تعريف ڪندا هئا تہ چوندا هئا " اولئک آبآئی فجأنی بمثلهم " ترجمو: "اهي منهنجا ابا ڏاڏا آهن، اگر توهان وٽ انهن جهڙا آهن تہ پيش ڪريو". اڄ ناچيز راقم بہ اهي لفظ دهرائڻ چاهي ٿو. پنهنجي وڏڙن، ڳوٺن جي ڪجھ عمر رسيده مرد ۽ ڪجھ عورتن ۽ پنهجي پوري علاقي جي عمر رسيده اهلِ علم انسانن ۽ عالم سڳورن جيڪي اڄ جي دؤر جا مقدس ارواح آهن، تن جي زباني ۽ انهن جي زباني انهن جي اساتذه ڪرامن جا فرمان جيڪي مون ماضي جي ورق گرداني ڪرڻ جي ٿوري محنت جي نتيجي ۾ حاصل ڪيا، تن مون کي عربن وارا هي الفاظ چوڻ جي قابل بڻايو: اولئك آبآئي فجأني بمثلهم.... هنن علم جي روشن ستارن ۾ هنن اهل علم بزرگن موجب تقوىٰ، پرهيزگاريءَ ۽ علم ۾ سڀ کان روشن ستارا سائين شفيع محمّد (مسجدي) سوڍر ۽ مفتي غلام حسين ڪارو چانديو صاحب نور الله مرقدهما جن کي ڏٺم. اهڙا انسان صدين بعد پيدا ٿيندا آهن. آقاءِ نامدار حضرت محمّد مصطفىٰ احمد مجتبىٰ ﷺ جن جو فرمان آهي تہ: "إِنَّ الْعُلَمَاءَ وَرَثَةُ الْأَنْبِيَاءِ". ترجمو: علماءِ ڪرام نبين جا وارث آهن.[٣٣] اهڙي طرح سڀ علماءِ ڪرام قابل احترام آهن. اسان جي لاءِ سڀ قابل رشڪ آهن، پر ان جي باوجود هر ڪنهن جو الله رب العزت جي دربار ۾ الڳ الڳ مقام آهي. اها ڳالھ الله رب العزت کي حاضر ناظر ڄاڻي مان ناچيز عرض رکان ٿو تہ هي صرف منهنجي عقيدت يا ذات جو اثر نہ آهي بلڪ اها منهنجي تحقيق آهي ۽ اهلِ علم بزرگن جي گواهي آهي جيڪا مون هن ڪتاب کي مرتب ڪرڻ ۾ پنهنجي علائقي جي تقريبًا هر ڳوٺ، هر شهر جي اهل علم ۽ عمر رسيده بزرگن جي درن جي حاضري پرڻ جي نتيجي ۾ حاصل ڪئي.

سائين شفيع محمّد سوڍر علم ميراث ۽ ڪشف ۾ هڪ اعلىٰ درجو رکندو هو. سائين جن جي تقوىٰ ۽ پرهيزگاريءَ جا ان وقت جا علماءِ ڪرام بہ معترف آهن. راقم جو ڳوٺ سائين جي ڳوٺ کان اولھ طرف تقريبًا ٣ ڪلوميٽر جي فاصلي تي واقع آهي ۽ سائين جي برادري ۽ ذات

وارو هئڻ جي ڪري سائين جي باري ۾ بچپن کان ئي گهڻو ڪجهه ٻڌڻ نصيب ٿيو آهي. منهنجو ڏاڏو حاجي عبدالحميد سوڍر سائين شفيع محمد جو شاگرد به رهيو آهي. حالانڪ ڏاڏو سائين مڪمل دستاربند عالم ته نه ٿي سگهيو پر ان جي باوجود سائين شفيع محمد صاحب سان شاگرديءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو سائين جي وفات کان بعد ڏاڏو سائين اسان جي سوڍر برادري ۽ اوسي پاسي جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ ميت جي غسل ۽ تدفين و تڪفين جي خدمت بلا اجرت محض رب جي رضا خاطر ڪندو رهيو. ان سان گڏ عيدين ۽ جمع نماز جي امامت به ڏاڏي سائين جي ذمي هوندي هئي. ان ڪري مولانا صاحب جي باري ۾ مون پنهنجي والد صاحب کان به ڪافي ڪجهه تعريفي ڪلمات ٻڌا آهن. ڪجهه والد صاحب جي زباني ڪجهه ٻين اهل علم بزرگ حضرات جي زباني پيش خدمت آهي.

ميهڙ شهر کان اولهه طرف تقريبًا ١٢ ڪلوميٽرن جي پنڌ تي هڪ ڳوٺ سوڍاري مسجد آهي، جنهن کي سوڍاري مسيت به چوندا آهن. اهو ڳوٺ قاضي صاحبن جيڪي ذات جا سوڍر هئا ٻڌڻ شروع ڪيو. سڀ کان پهريان هڪ مسجد جوڙائي وئي، تنهن کان بعد گهرن جي اڏاوت جو ڪم شروع ڪيو ويو. ڳوٺ اڏڻ وارا سوڍر ذات جا هئا ۽ سڀ کان پهريان مسجد جي تعمير ڪئي وئي، ان نسبت سان ان ڳوٺ جو نالو "سوڍاري مسجد" سڏجڻ لڳو. ان کان بعد آهستي آهستي ان ڳوٺ ۾ ماڻهو آباد ٿيندا ويا.[٣٢] اتي ڪجهه سيد گهراڻا به اچي آباد ٿيا. ان سان گڏو گڏ ان ڳوٺ جي پر پاسي ۾ الڳ الڳ گهراڻا به اچي آباد ٿيا. اهي يا ته ساڳئي نسل ۽ ذات وارا هئا يا ڪجهه ٻي ذات وارا جيڪي پنهنجن سان اٽت ٻٽت جي ڪري يا قحط سالي ۽ بک بدحالي جي ڪري اچي آباد ٿيڻ لڳا. چوندا آهن ته يا جوان ٿجي يا جوان جي پاڙي ۾ رهجي. سو ان ڳوٺ کي تعمير ڪرڻ وارا واقعي جوان ۽ جوڌا هئا ته ان سان گڏوگڏ دين اسلام جا سچا سپاهي ۽ سچا معتقد به هئا. جن وڏڙن ڳوٺ ٻڌو هو اهي ان ڳوٺ جا معزز ۽ منصف هئا. ڪين علم ۽ قضا ورثي ۾ ملندي آئي. انهن جي قضا ۽ علم ڏيري ڏيري مشهور ٿيڻ لڳو، جنهن ڪري پنهنجي تر ۾ قاضي سڏجڻ لڳا. آس پاس جي ڳوٺن جي قضا جو ذمو به هنن معززن تي پيو. وقت پنهنجي رفتار سان هلندو رهيو ۽ پنهنجي دور جي امين ۽ بهادر انسانن جو نالو نشان به ميٽيندو رهيو.

افسوس جو ان وقت جي انهن وِيرن جي ڪارنامن کي قلمبند نہ ڪيو ويو، جنهن ڪري هو تاريخ جي ورقن ۾ امر ٿي نہ سگهيا. ان دور ۾ اهڙو شعور ان ڳوٺ ۽ آس پاس جي ڪنهن نفس اندر نہ هو، جنهن ڪري اڄ اسان انهن جي باري ۾ ڪجهہ نہ ٿا ڄاڻون. ايتري قدر جو سندن نالن ڪان بہ بي خبر آهيون. جيڪي عظيم انسان ان خاندان جا گذريا تن بابت تفصيلي معلومات کان بہ اڻ ڄاڻ آهيون.

اوڻويهين صدي جي آخري چوٿائي جو زمانو هو، جڏهن ان قاضي گهراڻي جي فرزند جناب ولي محمد سوڍر جي گهر ۾ هڪ ٻار جنم ورتو. افسوس جو ان ٻار جي ڄمڻ جي صحيح تاريخ بہ معلوم نہ ٿي سگهي.[٣٥] پر اندازو اهو آهي تہ اهو دور اوڻويهين صدي جي آخري چوٿائي وارو دور هوندو. ان ٻار جو نالو شفيع محمد رکيو ويو. ان ٻار جي پرورش بهترين نموني ڪئي وئي. اهي پيءُ ماءُ ڪيڏي بالا بخت وارا هوندا جن جي مقدر ۾ شفيع محمد جهڙو ٻار مقدر بڻيو. هي انمول انسان پنهنجي ٻچپن جا ڏينهن سوڍاري مسجد جهڙي پسمانده ڳوٺ ۾ نصيب وارن والدين جي جهولي منجهہ پليو.

ننڍڙو شفيع محمد جڏهن پڙهڻ جي عمر کي رسيو تہ کيس پڙهڻ لاءِ ڳوٺ اشرف سوڍر[٣٦] موڪليو ويو. ان ڳوٺ ۾ان وقت ٽي(٣) وڏا جيد عالم، بزرگ ۽ ولي الله رهندا هئا. اهي ٽئي پاڻ ۾ ڀائر هئا ۽ اتي ئي علم جي خدمت ۾ مصروف رهندا هئا. اهي ڀائر مولانا غلام رسول، مولانا غلام نبي ۽ مولانا غلام محمد سوڍر هئا. ٽئي ڀائر تمام وڏا بحر العلوم هئا. اهي ٽئي عالم عربي ۽ فارسيءَ جا ماهر هئا. "ٽي غلام ڀائر" جي لقب سان مشهور هئا. سائين مولانا غلام رسول ۽ مولانا غلام محمد بهترين شاعر بہ هئا. مولانا غلام رسول جو عربي خطبو مشهور آهي. مولانا غلام محمد مجذوب قسم جو درويش ۽ ولي الله هو. ان وقت هنن ٽنهي عظيم استادن وٽان ڪيترائي ماڻهو پنهنجي علم جي اڃ اجهائيندا ۽ فيض حاصل ڪندا هئا. ننڍڙي شفيع محمد اتي قرآن مجيد مڪمل پڙهيو ۽ فارسي جي تعليم بہ حاصل ڪئي.[٣٧] ان کان بعد شفيع محمد حافظ عبدالله ڏيهر "رضي" (مرزا واهہ وارو) نابينا وٽ ڳوٺ ڀهري مهيسر واري مدرسي ۾علم صرف ۽ ڪجهہ علم نحو پڙهيو. حافظ صاحب ظاهري بصارت کان معذور (مطلب

نابين) هو، مگر خدا جي فضل سان باطني بصارت سان معمور ۽ پر نور هو. وري ڪجهه عرصو رهڙي شريف ۾ به تعليم حاصل ڪندو رهيو. تنهن کان بعد شفيع محمد ميهڙ (جي اوبر طرف ڪچي جي علائقي) ۾ سعدي موسائي جي پرسان ڳوٺ فيض محمد آگري ۾ وڏيڪ تحصيل علم جي سلسلي ۾ مولانا محمد پريل آگري جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. مولانا محمد پريل وڏو فقيه ۽ نحو جو ماهر هو. اتي علم منطق، ڪجهه علم فقه ۽ ڪجهه علم نحو پڙهيائين. سائين جن کان رخصت وٺي شفيع محمد تعلقي قنبر جي ڳوٺ نورنگ ۾ آيو. جتي مولانا ميرمحمد نورنگي جيڪو تمام وڏو عالم باعمل، معقولات جو ماهر ۽ فقه ۾ فائز ترين بزرگ هو. سندس خدمت ۾ رهي اتي باقي رهيل ڪتاب پڙهي پورا ڪيا ۽ اتي ئي دستاربندي ڪيائين. ڳوٺ نورنگ واري زماني ۾ ڪجهه وقت منطق مولانا محمد اسماعيل ابڙن واري وٽ به پڙهيو. اتي "ميبذي" وغيره پڙهيائين. مولانا شفيع محمد تحصيل علم جي فراغت کان پوءِ اچي پنهنجي ڳوٺ سوڏاري مسجد ۾ في سبيل الله متوڪلاً علی الله علم ۽ دين جي خدمت ڪرڻ لڳو. اتي ئي سائين درس ڏيندو رهيو. تدريس سان گڏ تحرير ۽ فتويٰ نويسي جو ڪم به ڪندو رهيو. علم ميراث، علم فقه، حڪمت، فلسفي، شاعري، عربي، فارسي ۽ سنڌي ۾ ماهر هو. سائين شاعري ۾ پنهنجي لاءِ "مسجدي" جو تخلص استعمال ڪندو هو. تنهن ڪري سائين مولانا مسجدي جي لقب سان بيحد مقبول و مشهور ٿيو. سائين مسجدي وٽ تمام پيچيده پيچيده مسئلا ايندا هئا، انهن کي خداداد لياقت ۽ الله رب العزت طرفان عطا ٿيل علمي صلاحيت سان حل ڪري وٺندو هو. سائين مولانا مسجدي ميراث جي مسئلن ۾ امين مقرر ڪيو ويندو هو. سائين مولانا مسجدي پنهنجي ابائي منصب قضا کي به عروج تي پهچائي ڇڏيو. ساري علائقي جا وڏيرا ۽ سردار ڪيس ميراث جي مسئلن ۾ امين مقرر ڪري سندس فتويٰ مطابق فيصلو ڪندا هئا يا ان مسئلي کي سائين مولانا مسجدي ڏانهن حل ڪرڻ لاءِ موڪليندا هئا. وڏين وڏين خانقاهن منجهان به مائهن کي سائين مولانا مسجدي جي طرف موڪليو ويندو هو ته جيئن سندن مسئلا سائين حل ڪري. جيستائين ڪنهن تحرير تي سائين مولانا مسجدي جي تصديق ٿيل نه هوندي هئي تيستائين ان تي اعتماد نه ڪيو ويندو هو. سائين مولانا

مسجدي ان وقت ميراث جي علم ۾ سڀ کان وڌيڪ ماهر سمجهيو ويندو هو.[٣٨] سندس فتوىٰ نويسي جو اهو عالم هو جو ماڻهو پوري هندستان ۽ خراسان منجهان شرعي مسئلن جي حل جي سلسلي ۾ فتوىٰ وٺڻ لاءِ حاضر ٿيندا هئا.

مولانا مسجدي صاحب انتهائي اهم، پيچيده ۽ منجهيل مسئلن کي آسانيءَ سان حل ڪري وٺندو هو. تر جا سردار، وڏيرا ۽ خاندان ملڪيت جي ورهاست لاءِ ڪيس امين مقرر ڪندا هئا. سندس ٻولي پختي ۽ سنجيده هوندي هئي. پاڻ عربي، فارسي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ پختہ شاعري بہ ڪندو هو. سائين مولانا مسجدي شب و روز درس ۽ تدريس ۾ مشغول رهيو. ڪيترائي ماڻهو سندس فيض جي سرچشمي مان سيراب ٿي ويا. خاص ڪري هيٺ ذڪر ڪيل وٽس دستاربند ٿيا:

١. مولانا حاجي الاهي بخش ايري مُدرس ڳوٺ ٻانهو لاڪير، تعلقو ميهڙ ٢.مولانا محمد عالم سومرو، وينل پنهور، تعلقو ميهڙ ٣. مولانا الاهي بخش بروهي، ساڪن نال ٤. مولانا حبيب الله پيرزادو، وينل سيد جو ڳوٺ، تعلقو ميهڙ ٥. مولانا عبدالرحمان تيوٽو، ساڪن ڳوٺ باگو تيوٽو، تعلقو ميهڙ ٦.مولانا غلام حسين، خلف مولانا الاهي بخش، ٻانهي لاڪير وارو ٧. مولانا عبدالواحد مگسي، وينل ڳوٺ ساهڙ ٨. مولانا محمد بروهي، خراسان ٩.مولانا محمد محسن تيوٽو، ڳوٺ مرزا جو واهہ (ميهڙ) ١٠. مولانا نظام الدين بلوچ مرڙاٽي، ڳوٺ مرزا جو واهہ[٣٩]

مولانا مسجدي صاحب جي زندگيءَ جي پڇاڙي واري دور ۾ سندس فتوائون تمام گهڻو مشهور ٿيون. سندس فتوائون پنهنجو مٽ پاڻ هيون. ان دور ۾ مولانا جي فتوائن جو چرچو ڏورانهن علائقن ۽ شهرن ۾ ٿيڻ لڳو.[٤٠] سائين مولانا مسجدي کي بہ شاديون ٿيل هيون. ڪيس پهرين گهر واريءَ منجهان بہ صاحبزادا ٿيا، ميان محمد شافع ۽ ميان ولي محمد. ميان ولي محمد جوانيءَ کان پهريان گذاري ويو، باقي ميان محمد شافع ڪجهہ تعليم حاصل ڪئي ۽ سندس منجهان سائين مولانا مسجدي جو نسل هلندو رهي ٿو. آس پاس ۽ برادري ۾ سندس خاندان جو لقب ”ميان“ سان مشهور آهي. سائين مولانا مسجدي جي ٻي شادي سندس استاد مولانا غلام رسول سوڍر جي نياڻيءَ سان ٿيل هئي. ڪيس ان منجهان ڪو اولاد نہ ٿيو. هيءَ جي

جي صاحبہ پختہ عالمہ ۽ شريعت جي سخت پيروڪار هئي. سائين مولانا مسجدي جڏهن ڪنهن مسئلي جي حل جي سلسلي ۾ يقيني طور مطمئن نہ هوندو هو تہ ان مسئلي جي حل لاءِ پنهنجي ان گهر واريءَ جي طرف رجوع ڪندو هو.[41] عظيم پيءُ جي ڌيءُ عظيم نياڻي علم جي ان منصب تي فائز هئي، جيڪو اڄ جي دور جي عورتن ڪي قسمت سان ئي نصيب ٿيندو آهي. جي جي صاحبہ تمام گهڻي متقي ۽ پرهيزگار هوندي هئي. تمام وڏي عالمہ هئي پر عورت هئڻ ڪري ۽ پردي جي سخت پابند هئڻ ڪري پاڻ پنهنجي زندگيءَ کي عبادت جي لاءِ وقف ڪري ڇڏيائين، ڇاڪاڻ تہ علمي خدمت جو فرض ادا ڪرڻ لاءِ سندس مڙس پنهنجو پاڻ ان خدمت کي ارپي چڪو هو. سائين عبدالمجيد[42] بن حاجي بخشل سوڍر اگهاماڻي وارو پنهنجون ساروڻيون ساريندي، آب اکين مان هاري ٻڌايو تہ "واقعي تقويٰ، پرهيزگاري، علم ۽ عبادت ۾ سائين مولانا شفيع محمد جهڙو ٻيو نہ ڏٺم. سائين جي ننڍي گهرواري جيڪا مولانا غلام رسول سوڍر جي نياڻي هئي، سا پردي جي معاملي ۾ نهايت محتاط رهندي هئي. اسان ان خاندان جا ٻار هئاسين. سائين شفيع محمد جي وفات ڪان بعد ان عورت کي مصلي ڪان پري نہ ڏٺوسين. عمر رسيده ٿي چڪي هئي مگر پوءِ بہ ڪڏهن اسان سندس چهرو نہ ڏٺوسون. هر وقت پردي ۾ رهندي هئي. مصلي ۽ قرآن مجيد ڪان پري ويندي ئي نہ هئي. هر وقت ذڪر، تلاوت، نماز ۽ فڪر آخرت ۾ روئڻ ئي سندس مشغلو هوندو هو. اڪثر روئندي رهندي هئي تہ اڳتي اڙانگو سفر آهي، بنا ٿمر جي ڪيئن ڪندس؟ هڪ دفعي گهر جي ڪنهن ڇوڪريءَ پنهنجي ڪان پائڻ لاءِ هڪ چادر خريد ڪئي، جيڪا ڪجهہ سنهي ڪپڙي جي هئي. ان چادر تي جڏهن جي جي صاحبہ جي نظر پئي تہ زارو قطار روئڻ لڳي. ڪافي وقت روئندي رهي. شام جو جڏهن سائين محمد شافع گهر آيو تہ امڙ کي گهڻو روئندو ڏسي پڇيائين تہ امڙ ايترو روئڻ جي وجہ ڪهڙي آهي؟ ان سوال تي جي جي صاحبہ وراڻيو تہ پٽ! مون کي منهنجي اباڻن ۾ ڇڏي اچ، هاڻي هن گهر ۾ رهي ڪين سگهندس، ڇو جو اڄ اسان جي هن گهر ۾ اهو ڪپڙو آيو آهي جيڪو رنڊيون پائينديون آهن. ايئن چئي جي جي صاحبہ بي تحاشا روئڻ لڳي. سائين محمد شافع پنهنجي امڙ جي اصرار تي کيس سندس اباڻن وٽ ڳوٺ اشرف سوڍر ۾ ڇڏي آيو. جتي جي جي صاحبہ

پنهنجي زندگيءَ جا باقي ڏينهن پورا ڪيا.“

سائين جي گهر جي ڪا بہ عورت جڏهن مٽن مائٽن جي ملاقات جي لاءِ گهر کان ٻاهر نڪرندي هئي تہ ان دؤر ۾ ڏاند گاڏيون هونديون هيون. ان ڏاند گاڏيءَ کي چوڌاري پردو لڳايو ويندو هو تہ جيئن پردي جو پورو انتظام ٿي سگهي. مولانا صاحب پردي جو نهايت سخت هوندو هو. سائين مولانا مسجدي صاحب ڪشف ۽ الهام بزرگ هو. تمام سادگيءَ ۾ زندگي گذاريندو هو. سائين کي پنهنجي موروثي ملڪيت ۾ تمام گهڻي زمين مليل هئي، مگر شروعات ۾ پاڻيءَ جي کوٽ هئڻ ڪري زمينون آباد ڪونہ ٿينديون هيون تہ بہ صبر سان وقت گذاريندو هو. هڪ دفعي پنهنجي شاگرد، استاذالعلماء مولانا الاهي بخش ايري صاحب ڏانهن انهيءَ قسم جو خط لکيائين، ان جي پڇاڙيءَ ۾ هي فقرو لکيائين: ”فَلاَ شکویٰ فَاَنَّ خَيۡرَالزَّادِ التقویٰ“ (تنگدستيءَ جي ڪري شڪايت ڪرڻ نہ گهرجي، چو تہ بهترين توشو تقويٰ آهي.) نيٺ انهيءَ تقويٰ جي برڪت ڪري پوئين وقت سندس زمينون سر نالي (واهہ) جي نڪرڻ ڪري آباد ٿيون ۽ سندس تنگي خوشحاليءَ ۾ بدلجي ويئي. تڏهن بہ سندس سادگيءَ ۾ ڪا تبديلي نہ آئي. ايڏي وڏي شهرت هوندي ۽ ايڏي وڏي علمي منصب تي فائز هئڻ جي باوجود بہ ائين رهندو هو جيئن ڪو غريب هاري رهندو آهي. تمام سادا ڪپڙا پهريندو هو، پنهنجو مال مينهون وغيره بہ پاڻ چاريندو هو پر پردي، صفائي سٿرائي، علم ۽ شريعت جي معاملي ۾ نهايت سخت هوندو هو. سائين سخاوت ۽ مهمان نوازي ۾ بہ پري پري تائين مشهور هوندو هو. ائين چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو تہ پنهنجي وقت جو حاتم هو. هر ڪنهن جي بنا فرق جي مدد ڪندو رهندو هو، تمام گهڻو ملنسار هوندو هو، پاڻ غريبن تي هر وقت مهربان هوندو هو، ڪوبہ ضرورتمند جڏهن وٽس ايندو هو تہ ان جي هر طرح مدد ڪندو هو، مسافر پناه جيڪي پنهنجي روزي روٽي خاطر گهور جو ڪم ڪندا هئا ۽ بروهي جيڪي مزدوري خاطر رستن يا زمينن جو ڪم ڪندا هئا تن کي پنهنجي اوطاق تي ماني کارائيندو هو. رمضان ۾ تہ کارائڻ جو تمام گهڻو اهتمام ڪندو هو. ١٩٤٢ع واري ٻوڏ ۾ پنهنجو سڀ ڪجهہ متاثرن تي خرچ ڪيائين.

مشهور آهي تہ هڪ سيلاني فقير سائين جي گهر جي عمارت جي

زبون حالي ڏسي ڪيس سَون ناهڻ جو طريقو ڏسيو، ڪجھ سالن بعد جڏهن سندس اتان گذر ٿيو تہ گهر جو ساڳيو حال ڏسي سائين ڪان پڇا ڪيائين تہ سائين مسجدي صاحب وراڻيس تہ ادا دولت قارون جو حصو آهي ۽ علم موسىٰ عليه السلام جو، سو اسان کي جيڪو رب عطا ڪيو آهي ان تي راضي آهيون. بس رب پاڪ شل آخرت ۾ ڪامياب فرمائي. سائين مولانا مسجدي جيترو بلند مرتبو علم ۾ رکندو هو ايترو بلند درجو تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ ۾ بہ رکندو هو. قدرت واري جا ڪرم هئا جو آقا ﷺ جن جو ديدار جاڳندي بہ نصيب ٿيندو هيس.[٤٣] مولانا عبدالله چانديو[٤٤] صاحب ۽ مولانا محمد بچل چانديو صاحب جن ِ پنهنجي استادِ محترم مولانا مفتي غلام حسين (ڪارو) چانديو (ڳوٺ سيد پور) جي زباني هي لفظ ٻڌايا تہ "اهڙو وقت بہ گذريو آهي جو اسان جي پوري علائقي ۾ ڪو بہ ڳوٺ يا ڪابہ ذات اهڙي نہ آهي جنهن ۾ ڪو مستند عالم نہ گذريو هجي. هر عالم جو علم ۽ پرهيزگاري پنهنجي جاءِ تي مسلَّم آهي پر جيڪو علم ۽ پرهيزگاري مولوي مسجدي جي ڏٺي ۽ ٻڌي ان جهڙي ڪنهن ٻئي جي نہ ڏٺي ۽ نہ ٻڌي." سائين مولانا مسجدي خلافت تحريڪ جو بہ سرگرم ڪارڪن ۽ مبلغ رهيو. مختلف هنڌن تي وڃي تحريڪ جو پرچار ڪندو هو.[٤٥] پاڻ سياست ۾ بہ ڪافي دلچسپي رکندو هو. روزانہ اردو اخبار "مدينہ" جيڪا ان وقت هندوستان ۾ صحافت جي نقطہ نظر کان بلند درجو رکندي هئي، سا پڇاڙيءَ تائين گهرائيندو رهيو. ٻي عظيم جنگ جي وقت، هٽلرشاهيءَ جي فتحن ڪرڻ ڪري دنيا جي ملڪن ۾ جيڪا ردوبدل ٿيندي پئي رهي، ان کي ڄاڻڻ ۽ وقت ۽ حالتن جي جائزي وٺڻ خاطر سندس اوطاق ۾ ايشيا، يورپ ۽ دنيا جا نقشا ٽنگيل نظر ايندا هئا. هڪ دفعي، پنهنجي عقيدتمند ماستر يار محمد پنهور طرفان جنگ متعلق پڇڻ تي فرمايائين، "ابا! هي ظالم ناري دنيا مٿان وري ٻيهر غلاميءَ جو دور مڙهڻ ٿا چاهين. خدا کين شڪست ڏئي ۽ برباد ڪري"[٤٦]! مولانا مصري شاهہ هالن مان فارغ التحصيل ٿي اچي "سوڍاري مسجد" ۾ پڙهائڻ لڳو. ان وقت هنن ٻنهي جيد عالمن جي درس ۾ طالب علمن جو هڪ وڏو تعداد زير تعليم رهندو هو. سائين مولانا مسجدي شاهہ ولي الله محدث دهلويؒ کي پنهنجو روحاني امام تسليم ڪندو هو ۽ سندس طريقہ فڪر جو پيرو هو. فرمائيندو هو تہ "شاهہ

ولي الله جي فڪر پڙهڻ ڪان پوءِ قرآن ۽ حديث جي سمجهڻ ۾ ڪا بہ دقت نہ ٿي ٿئي.“ سائين مولانا مسجدي نثر ۽ نظم ۾ ماهر هو. عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ ۾ بي تڪلف پختا شعر چوندو هو، پُرگو ۽ پختہ گو هو. ٽنهي زبانن جي شعر جو نمونو عرض آهي:

لَقَد ضَاقَت عَلَى الارضِ طرّاً، وَ اَهلُ الارضِ مَا عَرَفوا دَوَائِ
قَدِ انقَطعَ الرَّجآءُ فَقُلتُ رَبِي، رَجآئِ انتَ، حَقق لِي رَجَائِ

خوش قسمت آنڪه شبليءِ دوران بداو رسيد،
آري جنيدِ وقت حسن جان من بود.
پيوستہ باد رونق اسلام اي خدا،
تا آسمان ست ماه درخشانِ من بود.
زين هرج ومرج باد مهون ”مسجدي“ ڪزان،
مانندِ بيدِ لرزه بايمان من بود.

عمر منهنجي وئي هلي مون ڪونہ ڪو توشو ڪيو،
جن ڪمن کان جهل هئي تن کان نہ مون گوشو ڪيو.
سڀ ڪنهن جي ٻارِ ۾ نيڪيءَ سندو انبار آهہ،
ڪم نصيبيءَ کان ميسر مون نہ هڪ خوشو ڪيو.
ڪاميابي ”مسجدي“ تو کي اگر منظور آهہ،
وٺ روش ۽ راهہ تن جي، جن عمل توشو ڪيو.

هي ناز پريو دلبر فتان تہ ناهي،
آدم جي شڪل منجهہ سو شيطان تہ ناهي
گفتار سندس چٽڪ گلقند نباتون،
دجال دغا باز ۽ ڪهان تہ ناهي
دهمان دلاسي سان ڪسي نقد ورع جو،
پئسن جي ڦرڻ ڪاڻ ڪو ديوان تہ ناهي
جي يار هٿون آهہ شهادت تہ شڪر ٿيو،

ارمان اهو آهه ته مروان ته ناهي
دجال جي آرام ۾ اسلام اچي ويو،
اسلام جو اطفاء ۾راسان ته ناهي
اسلام فروش آهه اهو مسلم مڪار،
غيرت جي بنا شوڪت ايمان ته ناهي
جوهر ۽ جواهر ۾ فرق ”مسجدي“ آهي،
وحدت جو ٿيڻ ڪثرت نقصان ته ناهي.

١٩٤٢ع ۾ سندس ڳوٺ ۽ علائقي ۾ وڏي ٻوڏ آئي. ان ٻوڏ جي نسبت پڻ سنڌيءَ ۾ هڪ بهترين نظم لکيو هئائين. اهو شعر ٩٧ بَندن تي مشتمل آهي ۽ راقم وٽ تحريري صورت ۾ محفوظ آهي. مولانا مسجدي صاحب کي تصوّف سان به گهڻي دلچسپي هُئي. تصوّف جا ڪتاب ”احياءالعلوم“، ”فتوحات مڪيه“ وغيره، سدائين سندس مطالعي ۾ رهندا هئا. اڪثر اوقات سندس گفتگو جو موضوع تصوّف جون ڳالهيون ئي هونديون هيون. ڪيس هميشه آخرت جو فڪر ۽ الله رب العزت جي رضا حاصل ڪرڻ جو فڪر لاحق هوندو هو. هڪ ناقص صوفيءَ (سنڌ جو مشهور و معروف پير) سان ظاهري توجهه جي تاثير ڪري (جنهن کي عام طرح ڪمال جي علامت سمجهي ويندي آهي) مُريديءَ جو تعلق پيدا ڪيائين، پر جيئن ته هو بعضي فرضن ۾ قاصر هو، ڪانئس اهو تعلق ڇني ڇڏيائين.

١٩٣٨ع ۾ حج جي سعادت به حاصل ڪيائين. ان حج جو قصو ڪجهه هن ريت آهي ته پاڻ ميهڙ جي جامع مسجد ۾ سيد علي اڪبر شاهه صاحب سان ڪچهري ۾ ويٺو هو ته سيد صاحب چيو ته سائين اسان حج لاءِ تيار آهيون. توهان به اسان سان رفيق بڻجي پئو. اها ڳالهه ٻڌي مولانا مسجدي صاحب ڳوٺان تي اچڻ جي اجازت گهري. پاڻ سڌو ڳوٺ آيو ۽ محترم نورمحمد سوڍر (ڳوٺ ٺڙ نزد قاضي عارف) کي گهرائي مسجد ۾ ئي ويهي پنهنجي نياڻيءَ جو ساڻس نڪاح ڪرائي، سفر رخصت ٻڌائين. پاڻ جڏهن ميهڙ پهتو ته سيد صاحب پڇيو ته سائين سامان گهرائي وٺون ها! توهان پنڌ چو ڪيو. ان تي جواب ڏنائين ته سائين جوان نياڻي گهر ۾ موجود هئي ۽ مناسب رشتو به موجود هو، سو مناسب نه ڄاتم ته آقا ﷺ جي دربار ۾ وڃان ۽ پنيان جوان ساماڻي نياڻي جو مون مٿان بار هجي، ته رسول الله

ﷺ جي سامهون شرمنده ٿي پوان. ان ڪري اهو بار لاهي آيو آهيان. مولانا مسجدي صاحب فرمائيندو هو تہ ”حج جي سفر ۾ مصري منهنجي ڏاڙهي چمندا هئا ۽ چوندا هئا تہ مصر ۾ فقط هڪ شيخ الاسلام ڪي ڏاڙهي آهي، بيا مولوي تہ ڏاڙهيءَ جو بار گِران ڪڻي نٿا سگهن. ڇيائون تہ مصر يا ٻين ملڪن جا چڱا مولوي بہ قصر نماز جي احڪامن کان پوريءَ طرح واقف نہ هئا (اهي غير مقلد هئا) مون انهن کي چيو تہ فقه جو هڪ ڪتاب قدوري پڙهي ڇڏيو، تہ ههڙي معمولي غلطي اوهان کان نہ ٿيندي.“

مولانا مسجدي صاحب بروز سومر ١٣ رمضان مبارڪ ١٣٦٤ ھ موافق ٢٠ آگسٽ ١٩٤٥ع ۾ وفات ڪئي. اهو ٻوڏ جو زمانو هو، جنهن ۾ زمين وارن تي آسمان جا دروازا ڪليل هئا، جابجا هر طرف موج در موج هئي، بحرن کي بُحران هو، طوفان کي طغيان هو، اوچتو داعي اجل جو سڏ ٿيو، جنهن تي مولانا صاحب جان جانان کي سُپاري. سندس آخري آرامگاهہ سندس ڳوٺ سوڍاري مسجد ۾ سندس جوڙايل مسجد جي ڏکڻ ۾ آهي. وفات وقت مولانا مسجدي صاحب جي عمر سٺ ۽ ستر جي وچ ۾ هئي. شل مٿس رحمت جا مينهن سدائين وسندا رهن ۽ سندس اولاد کي علم ۽ عمل جو ورثو عطا ٿيندو رهي!

١٧ رئيس القلم علامہ شمس الدين ابڙو ”بلبل“

الله رب العزت انسان سان ڏاڍو پيار فرمائي ٿو. حضرت انسان سندس تخليق جو نادر نمونو ۽ شاهڪار آهي. ڪيس پنهنجي مخلوقات منجهان اشرف المخلوقات جو درجو پڻ عطا فرمايو. ان ٻاجهاري رب ڪريم انسان ذات جي بهبود ۽ رهنمائي لاءِ انبياء ڪرام عليهم الصلوٰت والسلام جو هڪ مقدس سلسلو جاري فرمايو. ان عظيم مالها جو آخري موتي امام الانبياء، سيد الڪونين، رحمت اللعالمين، سيدالمرسلين، خاتم الانبياء، محمّد مصطفیٰ احمد مجتبیٰ ﷺ جن کي مبعوث ڪري مڪمل فرمائي. نبوت جو سلسلو تہ اختتام پذير ٿي چڪو آهي. هاڻي رهندي دنيا تائين ڪو نبي يا رسول تہ اچڻو ناهي پر حضرت انسان جي رهنمائي، فلاح و بهبود ۽ ننڍن ڪمن جي لاءِ پنهنجي ٻندن منجهان ڪن کي هن عظيم ڪارِخير جي لاءِ منتخب ڪري ڪين پنهنجي فضل و ڪرم سان اهي ملڪ ۽ اهي خوبيون

عطا فرمائيندو آهي جيڪي کين ان ذميواري پوري ڪرڻ ۾ معاون ۽ مددگار ثابت ٿيندا آهن. هي عطائون کين الله رب العزت طرفان ڏات طور مليل هونديون آهن. رب ڪريم جنهن بندي کان جهڙي نوعيت جو ۽ جهڙي شعبي اندر خدمت وٺڻ چاهيندو آهي ته کيس ان مطابق خوبيون ۽ خاصيتون عنايت ڪري ڇڏيندو آهي. انهن عطائن جي ڪري اهو بندو بين ۾ نمايان نظر ايندو آهي. اهڙن منتخب ٿيل نيڪ صالح بندن جي فهرست ۾ رئيس القلم رئيس شمس الدين ابن بهادر خان شينو (ابڙو) به سر فهرست آهي.

رئيس بلبل صاحب جنهن دؤر ۾ جنم ورتو اهو دؤر انگريز سرڪار جو دؤر هو. ان دؤر ملڪ کي بهترين ۽ مايا ناز ماڻهو عنايت ڪيا. هند ۾ سرسيد احمد خان (١٨١٧_١٨٩٨)، الطاف حسين حالي (١٨٣٧_١٩١٤)، شبلي نعماني (١٨٥٧_١٩١٤)، اڪبر الهه آبادي (١٨٤٦_١٩٢١)، نواب وقارالملڪ (١٨٤١_١٩١٧) ۽ نواب محسن الملڪ (١٨٣٧_١٩٠٧) جنم ورتو ته سنڌ اندر جناب حسن علي آفندي (١٨٣٠_١٨٩٥)، سيد الهندو شاهه (١٨٦٤_١٩١٩)، رئيس بلبل ۽ مولانا تاج محمود امروٽي (١٨٥٨_١٩٣٠) جهڙا جوڌا جوان پيدا ٿيا.

اوڻويهين صدي جڏهن پنهنجي شروعات ڪئي ته ان وقت ميهڙ شهر هڪ ننڍڙو ڳوٺ هو. ميهڙ جي مٽي ڏاڍي مردم خيز رهي آهي. اها سعادت به ميهڙ جي مقدر ۾ لکيل هئي جو جناب رئيس بهادر خان شينو ابن ڪمال خان اتر بلوچستان ياڳ ناڙي جي ڳوٺ ڪمال خان کان آيو ۽ اچي ميهڙ کي پنهنجو مسڪن بڻايو. رئيس بهادر خان زميندار گهراڻي جو فرد هئڻ سان گڏ نهايت متقي ۽ پرهيزگار به هوندو هو. کيس علم ۽ تصوف سان ڏاڍو شغف هوندو هو. رئيس بهادر خان کي ميهڙ ۾ ڪافي زمين هوندي هئي. سندس ڪرت زميننداري ۽ عبادت هوندي هئي. کيس پنجن پٽن جو اولاد ٿيو. ننڍڙو پٽ يعني پنجون نمبر پٽ ميهڙ شهر ۾٢٦ جمادي الثاني ١٢٧٣هه مطابق ٢١ فيبروري ١٨٥٧ع بروز ڇنڇر پيدا ٿيو. سندس نالو محمَد پريل رکيو ويو. رئيس بهادر خان جو سالو آخوند نهال خان ميهڙ جو مشهور عالم فاضل جڏهن سندس گهر آيو ته هن الله واري جي نظر جڏهن ننڍڙي محمَد پريل تي پئي ته کيس ان معصوم ٻار جي اندر لڪيل جوهر ۽ ڪمالات نظر آيا. رئيس بهادر خان کي چيائين ته هي ٻار وڏي ڀاڳ وارو ٿيندو. ان ڪري هن جو نالو شمس الدين رکو. ان وقت کان وٺي سندس نالو

شمس الدين سنڀالڻ لڳو. ننڍڙي شمس الدين جي پالنا ۽ پرورش ڏاڍي چاهه سان رئيس بهادر خان جي نگرانيءَ ۾ ٿي. جڏهن تعليم جي عمر کي رسيو ته کيس ديني تعليم ڏياري وئي. سندس استادن ۾ مولانا عصمت الله پيرزادو جيڪو شهداد ڪوٽ جي مشهور و معروف ديني درسگاهه جو فاضل ۽ ڳوٺ شيخ ماڏو جو رهاڪو هو، رهڙو شريف جو مولانا محمد صالح (١٢٤٢هه_١٣١٨هه) ۽ باغو تيوٽو جو مولانا نبي بخش مهيسر رهيا. ان کان بعد کيس پاٽ شريف ۾ مولانا مخدوم فضل الله صديقي وٽ تحصيل علم لاءِ موڪليو ويو ۽ اتي ئي دستارِ فضيلت ٻڌائين. ان دوران رئيس بهادر خان کيس داغِ مفارقت ڏئي هميشه لاءِ رب ڪريم جي دربار طرف راهي ٿيو. رئيس شمس الدين ١٨٧٢ع ۾ ٿوري وقت لاءِ داروغي جي ننڍڙي نوڪري به ڪئي. اتي سندس مزاج کي ڏسندي هڪ انگريز انجنيئر کيس شاهنامه فردوسي جو هڪ نسخو جيڪو سونهري حرفن ۾ لکيل هو، اهو تحفي طور ڏنو. جيڪو هاڻي دهلي جي عجائب خاني ۾ رکيل آهي.

جناب بهادر خان کان بعد سندس سارو ذمو رئيس شمس الدين صاحب جي وڏي ڀاءُ رئيس پير بخش خان جي ڪلهن تي پيو ۽ هو زمينون ۽ راڄ سنڀالڻ لڳو. رئيس شمس الدين صاحب کي شعر لکڻ جو شوق هوندو هو. ١٨٧٣ع ۾ رئيس پير بخش خان پنهنجي مرضي مطابق ڳوٺ ڪنڊيور (نزد ٺرڙي محبت) جي هڪ سنڌي پناڻ گهراڻي جي نياڻي سان رئيس شمس الدين صاحب جي مرضي خلاف سندس شادي ڪرائي. پاڻ نه چاهيندي به ان وقت وڏي ڀاءُ اڳيان ڪجهه ڪڇي ڪين سگهيو. ان کي رب جي رضا سمجهي خاموشي اختيار ڪئي پر سندس دل ۾ پنهنجي پسند جي شادي ڪرڻ جي تمنا وقتًا فوقتًا ڪر کڻندي رهي. جناب رئيس شمس الدين صاحب کي ان اهليه محترمه جي بطن منجهان ٽي نياڻيون ۽ هڪ پٽ جو اولاد ٿيو. وڏي صاحبزادي کان علاوه باقي سڀ ٻار ننڍي ڄمار ۾ ئي رب ڪريم واپس گهرائي ورتا. سندس وڏي نياڻي جي وفات ١٩٦٦ع ۾ بلبل هائوس ميهڙ ۾ ٿي. هيءَ نياڻي تمام سليقه شعار، پابند ۽ برادري جي هر نيڪ ڪم ۾ پهل ڪرڻ واري، همدرد ۽ مددگار هئي. سڀ سندس عزت دل سان ڪندا هئا. رئيس شمس الدين صاحب پنهنجي دل جي تمنا کي پورو ڪرڻ لاءِ حاجي خان محمد شيخ جي نياڻي سان پنهنجو جيون جوڙڻ چاهيو. حاجي خان محمد

(عرف خانڻ شيخ) بہ تمام سنو زميندار هو. کيس ميهڙ ۾ ١٥٠٠ ايڪڙ کان مٿي زمين هئي. رئيس شمس الدين صاحب پنهنجي خاندان کان چڱي ريت واقف هو سو حاجي خان محمد ۽ سندس گهر وارن جي مرضي مطابق پنهنجي پائرن کي خبر ڪرڻ بنا ان گهر جي نياڻي محترمہ گل خاتون عرف گل سان نڪاح ڪيو. اها خبر جڏهن رئيس شمس الدين صاحب جي پائرن کي پئي تہ سندس گهر جو ماحول نهايت ڪشيده ۽ مشڪل ٿي پيو. ان صورتحال کي ڏسي پاڻ پنهنجي ان اهليہ گل خاتون کي ساڻ ڪري سنڌ کي خيرآباد چئي ١٨٦٩ع ۾ لاهور پهتو. اتي پيو کو ذريعہ معاش نہ هئڻ ڪري اخبارن ۾ لکڻ ۽ صحافت کي پنهنجو پيشو بڻايو. سال کن اتي رهڻ کان بعد وري سال کن دهلي ۾ رهيو. اتي بہ صحافت سندس پيشو هوندو هو. وري حيدرآباد دکن مستقل رهڻ لاءِ روانو ٿيو. اتي بہ اخبارن ۽ رسالن ۾ لکڻ ۽ ايڊيٽري ڪرڻ کي پنهنجي معاش جو ذريعو بڻايو. سندس لکٽي ۾ رب جي ذات برپا هئي، جنهن ٿوري عرصي ۾ کيس سيني جي دل ۾ جڳهہ ناهي ڏني. اتي تمام گهڻو مشهور و معروف ٿيو. اتي اخبار سان منسلڪ ماڻهن ۽ سياستدانن سان سندس واقفيت وڌي. حيدرآباد دکن ۾ ڪافي عرصو رهيو. لاهور واري عرصي دوران بلبل صاحب پنجۂ فولاد لاهور، انتخاب لاجواب لاهور، پئسہ لاهور ۽ زميندار لاهور اخبارن ۾ نوڪري بہ ڪندو رهيو ۽ ڪالم ۽ مضمون بہ لکندو رهيو.[٢٧] انهن اخبارن جي ايڊيٽرن ۽ مالڪن سان بلبل صاحب جي ڄاڻ سڃاڻ ٿيڻ کان بعد دوستي ٿي. انهن بلبل صاحب جي قابليت ڏٺي. پنجۂ فولاد لاهور اخبار ۾ بلبل صاحب جي مڪمل سوانح تصويرن سان گڏ ٧ مئي ١٩٠٦ع ۾ شايع ٿي. ان مضمون کان متاثر ٿي مسٽر گپت راءِ مئنيجر ”البرٽ پريس سکر“ وري بلبل صاحب جي سوانح انگريزي زبان ۾ لکي شايع ڪرائي. ان سوانح جو بعد ۾ سنڌي زبان ۾ ترجمو بلبل صاحب پاڻ ڪيو. بلبل صاحب جي سوانح سنڌي، اردو ۽ انگريزي زبانن ۾ لکيل ۽ ڇپيل آهي. حيدرآباد دکن ۾ دهلي پنچ، خيرخواه عالم ۽ ڪشف العلوم اخبارن ۾ نوڪري بہ ڪيائين. اتي دکن پنچ جو سب ايڊيٽر ۽ خورشيد دکن جو ايڊيٽر ٿي رهيو. اهي پنچ نالي واريون سڀ اخبارون طنزيہ ۽ مزاحيہ قسم جون اخبارون هيون، جن ۾ بلبل صاحب پنهنجي قلم جا جوهر ڏيکاريا.

رئيس شمس الدين صاحب جو مزاج ظرافت جي طرف مائل هو ۽ ڪجهه طنزيه ۽ مزاحيه قسم جي اخبارن ۾ لکڻ جو ڪيس جڏهن موقعو مليو ته پاڻ اتي پنهنجا جوهر ڏيکارڻ شروع ڪيائين. حيدرآباد دکن واري عرصي دوران پاڻ پنهنجي ايڊٽ ڪيل اخبارن جا پرچا باقاعدگيءَ سان پنهنجي وڏي ڀاءُ کي موڪليندو رهيو. اتي اخبار جي دنيا توڙي علم و ادب، شعر و شاعري ۽ سياسي بصيرت رکندڙ شخصيت جي حيثيت سان وڏي شهرت حاصل ڪيائين. شمس الدين منجهان تخلص شمس جو استعمال ٿيڻ ته سمجهه ۾ اچي ها پر شمس الدين منجهان بلبل، ڳالهه ڪجهه رمز واري نظر آئي پر اها به اظهر من الشمس وانگر صاف آهي ته رئيس شمس الدين صاحب پنهنجي دلي تمنا جي پورائي خاطر پنهنجي خاندان جو غصو ۽ بغاوت پنهنجي سر تي جنهن نازنين ۽ مه جبين خاطر ڪنيو، ان جو نالو گل هو، ته گل جو ديوانو ۽ مستانو بلبل ئي ٿي سگهي ٿو. رئيس شمس الدين صاحب پنهنجي شاعري ۽ ذوق ۾ پنهنجو تخلص بلبل منتخب ڪيو. بلبل صاحب گل جو پروانو هو، سو شاعري لکڻ شروع ڪيائين، جنهن ۾ گل سان سندس عشق واضع نظر اچي ٿو. اخباري دنيا سان وابستگيءَ جي ڪري سندس شاعري مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجندي رهي. شاعري سان گڏ نثر ۾ به يد طوليٰ جو مالڪ هو. حيدرآباد واري عرصي ۾ سندس دوستي ۾ خواجه الطاف حسين حالي، مولانا شبلي نعماني، اڪبر الهه آبادي، مولانا محمد علي جوهر (١٨٧٨_١٩٣١)، سر شاهنواز ڀٽو (١٨٨٨_١٩٥٧)، مولانا ظفر علي خان (١٨٧٣_١٩٥٦)، مرزا ڪاظم علي غازي، سر سيد احمد خان، نواب سليم الله خان (١٨٧١_١٩١٥)، جناب وقار الملڪ ۽ جناب محسن الملڪ جا نالا سر فهرست آهن. بلبل صاحب کي محترمه گل منجهان صرف هڪ ئي پٽ پيدا ٿيو، جنهن جو نالو عبدالفتاح هو. عبدالفتاح به پنهنجي وقت جو نهايت عمدو شاعر، اديب ۽ صحافي ٿي گذريو آهي. عبدالفتاح جي وفات ١٧ جنوري ١٩٣١ع ۾ ٿي.

اڪثر ڪري ان ڳالهه جو مشاهدو ٿيو آهي ته اگر ڪو شخص تقرير ۾ ماهر هوندو آهي ته سندس تحرير ان حيثيت جي نه هوندي آهي، اگر تحرير ۾ ماهر هوندو ته سندس تقرير ان ليول جي نه هوندي آهي. اهو تمام گهٽ ٿيندو آهي ته سندس تقرير ۽ تحرير هڪ ئي پائي جون هجن. بلبل

صاحب جو شمار بہ انهن گهڻ ماڻهن ۾ ٿئي ٿو. جهڙي سندس تحرير تِکي هوندي هئي تهڙي سندس تقرير بہ فصيح هوندي هئي، جو هر ٻڌندڙ تي پنهنجو سحر طاري ڪري ڇڏيندي هئي. بلبل صاحب سنڌ ۾ اخباري دنيا جو بي تاج بادشاهہ متفق طور تي تسليم ڪيو ويو ۽ کيس صحافت جو ڏاڏو آدم ۽ امام مڃيو ويو. اخباري زبان کي سليس بنائڻ جو موجد تسليم ڪيو ويو. بلبل صاحب کان پهريان سنڌ اندر جيڪي بہ سنڌي اخبارون شايع ڪيون وينديون هيون، انهن اخبارن جي عبارت فارسي زبان جي طرز تي ڪافي مشڪل ۽ ڏکي هئي. اها تحرير عام ماڻهو جي سمجهہ کان پري هئي. باقي جيڪي ماڻهو پارسي زبان جا ماهر هئا، اهي ئي ان لکت کي آسانيءَ سان پڙهي سگهندا هئا. ان زماني ۾ سرڪاري ٻولي بہ پارسي هئي، جنهن کي بعد ۾ انگريز سرڪار تبديل ڪيو. بلبل صاحب هن قسم جي طرز تحرير کي شروع ڪري سنڌ اندر رواج ڏيارڻ سان گڏ ان طرز تحرير کي ڪمال جي درجي تائين پهچايو. رئيس بلبل صاحب پنهنجي قلم سان معاشري جي تمام سٺي نموني عڪاسي ڪئي. معاشري ۾ موجود ظلم خلاف تہ سندس قلم پڙڪا ڪائي اٿندو هو. الله رب العزت کيس جيڪا قلم جي قوت عطا فرمائي هئي ان کي صحيح سمت ۾ استعمال ڪيائين، قلم سان غريبن جو آواز بڻيو. معاشري ۾ موجود برن غنصرن خلاف قلم سان جهاد ڪرڻ سان گڏ پنهنجي تعلقات سان انهن جو خاتمو ڪيائين. پاڻ هڪ مرد مجاهد جي صورت ۾ منظرعام تي آيو. سندس خداداد صلاحيتن کيس واقعي رئيس بڻايو. پاڻ مظلوم جو آواز ئي هوندو هو. سنڌ ۾ جيڪي بہ قومي جلسا، جلوس يا ميٽنگون منعقد ٿينديون هيون، تہ قوم جا اڳواڻ توڙي عوام بلبل صاحب جي هجڻ کي ضروري سمجهندا هئا. رئيس پير بخش خان علالت سبب پنهنجي ياءُ کي واپس اچڻ لاءِ اصرار ڪندو رهيو. جنهن ڪري بلبل صاحب سن ١٨٨٨ع ۾ حيدرآباد دکن کي ڇڏي ميهڙ آيو. اتي ڪجهہ ڏينهن رهي ڪراچيءَ طرف راهي ٿيو. ڪراچي ۾ اچڻ شرط جناب حسن علي آفندي صاحب جيڪو رئيس بلبل صاحب جي خوبين ئي خصلتن جو اڳي ئي گرويده هو تنهن پنهنجي "سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي" کي درپيش مسئلن جي ختم ڪرڻ ۾ مددگار ۽ معاون بنائڻ لاءِ کيس پنهنجي اخبار "معاون" جي ادارت سونپي. ان وقت مسلمان انگريزي تعليم

حاصل ڪرڻ کي ڪفر سمجهندا هئا. ان مسئلي جي حل لاءِ رئيس بلبل صاحب مسلمانن کي انگريزي تعليم جي حصول تي آماده ڪيو ته وري اهو مسئلو ڪڙو ٿيو ته ڪجهه مسلمان يورپ جي رسم و رواج ۽ ثقافت جا دلداده ٿي انهن جي طريقن کي اپنائڻ لڳا. مسلمانن کي پنهنجي مذهبي ثقافت سان جڙيل رکڻ لاءِ به بلبل صاحب پنهنجو ڪردار احسن طريقي سان ادا ڪيو. بلبل صاحب ڪراچيءَ ۾ پنهنجي خدمتن جي ڪري تمام گهڻو مشهور ٿي ويو. سندس قلم کي رب ڪريم اها طاقت عطا ڪئي جنهن جو اندازو ان وقت جي ڪاميابين کي ڏسي ڪري لڳائي سگهجي ٿو.

بلبل صاحب جناب خانبهادر حسن علي آفندي جو سدائين دست بازو ٿي رهيو. آفندي صاحب سندس ذهانت، ذڪاوت ۽ قابليت جو ايترو ته دلداده ۽ قائل هو جو تقريبًا هر اهم ڪم ۾ ڪيس پاڻ سان گڏ وٺي هلندو هو ته متان ڪٿي ساڻس مشاورت جي ضرورت پوي ته هو موجود هجي. ساڻس اڪثر مشاورت ڪندو هو. آفندي صاحب چوندو هو ته ”مون کي عجب ٿو لڳي ته اهڙو انسان هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ ڪيئن پيدا ٿيو؟“ دکن ائگريڪلچرل رليف ائڪٽ سنڌ سان لاڳو ڪرائڻ ۾ حسن علي آفندي صاحب تمام گهڻي ڪوشش ڪئي. ان پوري ڪم ۾ بلبل صاحب به ساڻس ٻانهن ٻيلي رهيو. سموري سنڌ جي زميندارن ۽ آبادگارن جي قرضن جي انگن اکرن کي گڏ ڪرڻ جو سارو ذمو بلبل صاحب تي ئي رکيل هو. بلبل صاحب سموري سنڌ جي زميندارن جو سارو احوال ثبوتن سميت گڏ ڪري آفندي صاحب کي ڏنو. ان سلسلي ۾ پونا شهر ۾ ڪميشن ويني. آفندي صاحب ان سفر ۾ به بلبل صاحب کي ساڻ وٺي ويو. ثبوتن پيش ڪرڻ وقت بلبل صاحب به سندس پر ۾ ويٺل رهيو ته مباده ڪنهن وقت ڪا ڳالهه پڇي وڃي ته هو جواب ڏيڻ وقت موجود هجي. آفندي صاحب ان مقصد ۾ ڪامياب ٿيو ۽ دکن رليف ائڪٽ سنڌ سان لاڳو ٿيو[٢٨]. ان ائڪٽ جو فائدو اڄ تائين سنڌ جا آبادگار وٺي رهيا آهن ۽ جنهن جي افاديت ۽ اهميت کان هر مسلمان وڪيل چڱيءَ ريت واقف آهي.[٢٩] بلبل صاحب جي سيني ۾ قوم جو حقيقي درد هو. سندس شاعري ۽ نثر صرف قوم لاءِ وقف هئا. جهڙو بي باڪ سندس قلم هو تهڙو بي باڪ سندس ڪلام هوندو هو. بيان ۾ تمام اعليٰ ۽ عمده هو. پرجوش تقرير ڪندو هو. ١٩١٣ع ۾ رئيس بلبل صاحب

جي لکڻ تي "انجمن هلال احمر" جو وفد ترڪيءَ لاءِ امداد حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ سر حاجي عبدالله هارون (١٨٧٢_١٩٤٢) جي سرڪردگيءَ ۾ ميهڙ ۾ آيو ته پاڻ سيني زميندارن ۽ آفيسرن کي گهرايائين. اتي عوام جو به ڪافي وڏو هجوم گڏ ٿي ويو. رئيس بلبل صاحب ان موقعي تي جيڪا پرجوش تقرير ڪئي ته فنڊ لاءِ روپين جا ڍير لڳي ويا. ان موقعي تي تقرير کان بعد في البديهه نظم پڙهيائين.

رئيس بلبل صاحب جي ان ولوله انگيز تقرير ۽ نظم هڪ رقت انگيز نظارو پيدا ڪيو. سڀ ماڻهو جوش ۽ جذبي ۾ پنهنجو سڀ مال ڏيڻ لڳا. ايتر قدر جو هڪ ماڻهو پنهنجو ڪوٽ به لاهي ڏنو. جنهن کي نيلام ڪري ١٢٥ روپين ۾ وڪيو ويو. رئيس بلبل صاحب جي قلم ۽ ڪلام ۾ ظرافت نمايان نظر ايندي هئي. سندس نظم و نثر طنزيه ۽ مزاحيه هوندا هئا، پر سبق ۽ نصيحت سان پُر هوندا هئا. هن مانجهي مرد جي قلم ۽ زبان کي الله رب العزت جيڪا طاقت عطا فرمائي سا صدين گذرڻ باوجود به مشڪل سان جنم وٺندي آهي. پاڻ طنز ۽ مزاح جو شهنشاهه، ڪلمڪ ۽ زنده دل اديب هو. سندس قلم هر طنز ۽ مسئلي کي سهڻي ۽ سلوڻي سنڌي زبان ۾ اهڙو ته اجاري چٽو ڪيو، جو طنز هوندي به سندس نصيحت دلين تي اثر ڪرڻ واري هوندي هئي. پاڻ پنهنجي لکت وسيلي انگريزن ۽ يورپ جي طرز زندگي جي اوڻاين کي بيان ڪري مسلمانن کي پنهنجي اباڻي ۽ اسلامي زندگي جي طرز عمل جا فائدا ٻڌايا ته جيئن مسلمان فرنگي رنگ ۾ رنگجي پنهنجي آخرت برباد نه ڪري ويهي ۽ پنهنجي ثقافت به نه وڃائي ويهي. پاڻ پنهنجي تهذيب ۽ تمدن جو سچو رکوالو هو. جناب رئيس شمس الدين بلبل صاحب کي سندس وڏي ڀاءُ رئيس پير بخش خان پنهنجي اولاد وانگر پاليو هو. سندس وفات ٩ ڊسمبر ١٩٠٦ع ۾ بلبل هائوس ميهڙ ۾ ٿي. ان ڪري رئيس بلبل صاحب کي واپس ميهڙ اچڻو پيو ۽ اتي ئي زمينداري ۽ ذميواري کي مدِنظر رکندي مستقل رهائش اختيار ڪيائين. جناب حسن علي آفندي جي طاقت بلبل صاحب هو. تنهن ڪري هن کيس واپس ڪراچي اچڻ تي اصرار ڪيو پر پاڻ واپس وڃڻ کان انڪار ڪندو رهيو ته هاڻي هتي گهڻيون ذميواريون سپرد ٿيل آهن، انهن کي نڀائڻو آهي. جنهن تي جناب حسن علي آفندي صاحب جي اصرار تي ميهڙ منجهان ئي ڪجهه اخبارن ۽

رسالن ۾ لکندو هو ۽ ايڊيٽري بہ سنڀاليندو رهيو. ”ڪراچي گزيٽ“ ڪراچي، ”الحق“ سکر، ”خيرخواهہ“ لاڙڪاڻو، ”مسافر“ حيدرآباد، ”آفتاب سنڌ“ سکر وغيره جو ايڊيٽر رهيو.

جناب رئيس شمس الدين بلبل صاحب ميهڙ ۾ ٽين شادي ١٩٠٧ع ۾ ڪئي. جنهن منجهان کيس هڪ پٽ ضياء الدين ضيا ۽ هڪ نياڻي پيدا ٿيا. ان اهليہ جي وفات جلد ئي ١٩١٢ع ۾ ٿي. جنهن ڪري ننڍڙن ٻارڙن جي پرورش خاطر هڪ بيواهہ سان چوٿين شادي بہ ڪيائين. جنهن منجهان کيس ڪوبہ اولاد نہ ٿيو. رئيس بلبل صاحب جا ان وقت هر پير، فقير، امير، غريب، آفيسر، مزدور، پڙهيل، اڻ پڙهيل، ڪراڙا، نوجوان، مرد توڙي عورتون، ٻڍا توڙي ٻار ۽ علماء توڙي عوام سڀ گرويده هوندا هئا. رئيس بلبل صاحب قلم جو بي تاج بادشاهہ هو. جيئن حيدرآباد دکن ۾ سر سيد احمد خان جي طاقت مولانا حالي هو، تيئن ڪراچيءَ ۾ جناب حسن علي آفندي جي پوري طاقت جناب رئيس شمس الدين بلبل صاحب هو. سنڌ اندر کيس اخباري دنيا جو بي تاج بادشاهہ ۽ صحافت جو ڏاڏو آدم ۽ امام متفق طور تي تسليم ڪيو ويو. سليس اخباري زبان جو کيس موجد مڃيو ويو آهي. جو تہ هن قسم جي طرزِ تحرير سڀ کان پهريان بلبل صاحب ئي رائج ڪئي. سنڌي زبان ۾ ظرافت جو بي مثل قلمڪار هو. سندس ڪيترائي علمي شاهڪار ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل مواد جي صورت ۾ موجود آهن. پاڻ تمام بهترين ڪتاب تصنيف ڪيائين. جن جو تعداد ٤٠ کان مٿي آهي. جيڪي سندس مرتبي ۽ خدائي عطا جا زنده ثبوت آهن. انهن منجهان ڪجهہ جا نالا هي آهن. ١.ڪريما نيچرل. ٢. ديوان بلبل سنڌي. ٣. ديوان بلبل فارسي. ٤.بهارِ عشق. ٥. رحيما لطيفي. ٦.تيرنهن چار مڪرن جا مار. ٧. مسلمان ۽ تعليم. ٨. عقل ۽ تهذيب. ٩. قرض جو مرض ۽ ان جو علاج. ١٠. صد پند سود مند. ١١. شمس المڪاتيب. ١٢. احسن التواريخ. ١٣. بهارستان بلبل. ١٤.آئينہ تجارت مايئہ ظرافت. ١٥. گنجينئہ معرفت. ١٦. ظريف الدولہ. ١٧.قلندر جو ميلو. ١٨. جهٽ سوال پٽ جواب. ١٩. ڪارو نيشن ڪپ. ٢٠.حرز البنياد شرح قانون وقف عليٰ الاولاد. ٢١. گلزارِ لطائف ڀاڱو١ ۽ ٢. ٢٢. مسلمانِ سنڌ جي تعليم ۽ سرڪار. ٢٣. انگريز ۽ مسلمان. ٢٤. بخت بازي. ٢٥. حل تجربات يعني شمس اللغات. ٢٦.مزاحيات

پاڻ وقف علي الاولاد جي تحريڪ شروع ڪري سنڌ ۾ ان کي زور وٺرايائين. سنڌ ۾ هي پهريون شخص هو، جنهن هن قانون کي رواج ڏياريو. پاڻ ان سلسلي ۾ ڪتاب ”حرز البنياد شرح قانون وقف علي الاولاد“ لکي شايع ڪرايائين ۽ پاڻ بہ ان تي عمل ڪيائين.

رئيس شمس الدين بلبل صاحب پهريون انسان هو جنهن برصغير ايشيا ۾ بہ قومي نظريو پيش ڪيو. جنهن جو ثبوت سندس ڇپيل ڪتاب ”جام جم“ ۾ رقم تحرير آهي تہ ”مسلمانن جا بجڪا جدا ڪريو ۽ هندن جا بجڪا الڳ ڪريو.“[٥٠] خبر ناهي تہ ڇو ان ڳالهہ کي پاڪستان جي تاريخدانن نظر انداز ڪري سندس هي نظريو ٻين طرف منسوب ڪري ڇڏيو. نيڪ آ ٻيا اڳواڻ بہ اسان جا محسن گذريا آهن پر هي هيڏو وڏو اعزاز اسان جي ميهڙ جي هن عظيم انسان جي عطا هئي پر افسوس جو اها سعادت تاريخ ۾ ميهڙ جي مقدر ۾ نہ لکي وئي. هن ڳالهہ منجهان جناب رئيس شمس الدين بلبل صاحب جي عظيم فڪر، اعلىٰ سوچ ۽ سندس مرتبي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ميهڙ جي شهر کي اسڪول جي عطا بہ جناب رئيس شمس الدين بلبل صاحب جي مرهون منت آهي. جيڪو تقريبًا هر ان نفس جنهن جو تعلق ميهڙ شهر ۽ تعلقي سان آهي جو مادرِ علمي آهي. رئيس بلبل صاحب جي عظيم احسانن کي جيترو بہ ڳائجي اهو گهٽ هوندو.

هي عظيم انسان ۽ محسن قوم هميشہ کان ئي پنهنجي وطن ۽ عوام جو درد پنهنجي دل ۾ سانديون ٿي آيو. ڪيس جديد تعليم جي ضرورت ۽ اهميت جو بخوبي اندازو هو، جنهن ڪري پاڻ پنهنجي قوم کي جديد تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ سجاڳ ڪندو رهيو. تعليم جي حوالي سان رئيس بلبل صاحب جون خدمتون بي مثال ۽ لازوال آهن. اهو چوندي اسان ميهڙ وارن جو نہ چاهيندي بہ ڳاٽ فخر ۾ اونچو ٿي وڃي ٿو تہ ”سنڌ ۾ مسلمانن کي جديد تعليم طرف راغب ڪرڻ وارو واحد ۽ ڪامياب شخص رئيس شمس الدين بلبل صاحب ئي آهي.“ مسلمان عوام کي جديد توڙي قديم علمن جي زيور سان آراستہ ڪرڻ لاءِ آماده ڪري ڪين جهالت جي انڌيري منجهان ڪڍي ڪاميابي ۽ روشنيءَ جي رستي تي گامزن ڪري عوام جي دلين ۽ الله رب العزت جي دربار ۾ هڪ اعلىٰ مقام حاصل ڪيو. ڪراچيءَ ۾ جناب حسن علي آفندي صاحب، لاڙڪاڻي ۾ جناب نارو خان

لاهوري صاحب، نوشهروفيروز ۾ جناب سيد الهندو شاه صاحب ۽ پٽوري ۾ جناب غلام نبي شاه صاحب جديد تعليم جي حصول لاءِ اسڪولن جي صورت ۾ ادارا قائم ڪيا. اهڙي طرح ميهڙ ۾ جناب رئيس شمس الدين بلبل صاحب به هڪ اسڪول جو بنياد رکيو. هنن سڀني اسڪولن ۾ مسلمان پنهنجي ٻارڙن کي تعليم ڏيارڻ لاءِ قطعي طور تيار نه هئا ته وري عالم سڳورن پڻ هنن اسڪولن منجهان تعليم پرائڻ کي ڪفر قرار ڏنو.

سنڌ کي نه علامه شبلي نعماني مليو، نه وري الطاف حسين حالي مليو ۽ نه ئي وري اڪبر الهه آبادي مليو. سنڌ جو مقدر بالا رهيو جو ميهڙ جي زرخيز مٽي منجهان جنم وٺندڙ هيءَ انمول ۽ ناياب شخصيت جناب رئيس شمس الدين بلبل سنڌس نصيب ۾ آئي. جنهن سنڌ جي سمورن اسڪولن لاءِ گهڻ رخي شخصيت جو ڪردار ادا ڪيو. پاڻ ان سلسلي ۾ پنهنجي پوري توانائي صرف ڪيائين. پاڻ تقرير، تحرير ۽ ملاقات ذريعي عوام جي اندر اها سجاڳي آڻڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. هن عظيم انسان جي محنت رنگ لاتو ۽ عوام توڙي خواص سنڌس اثر قبول ڪيو. مسلمانن جا ٻار انهن اسڪولن ۾ خوشي خوشي داخلا وٺڻ شروع ٿيا. صرف اهوئي نه بلڪه اهي عالم سڳورا جيڪي پهريان هنن اسڪولن ۾ پڙهائڻ تي ڪفر جي فتوىٰ لڳائيندا هئا تن به پنهنجا ٻار جديد تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ داخل ڪرائڻ شروع ڪيا. رئيس بلبل صاحب سن ١٩٠٤ع ۾ انجمن اتفاق اسلام ميهڙ جو بنياد وڌو. هن انجمن جي ماتحت هڪ جديد طرز جو تعليمي ادارو بمع هڪ فري بورڊنگ هائوس، ٻهراڙي کان آيل شاگردن جي طعام ۽ قيام لاءِ قائم ڪيو. ان اسڪول جو نالو "مدرسة الاسلام ميهڙ" رکيو ويو.[٥١] شروع ۾ اهو اسڪول جناب وڏيري ڏٽي بخش ٽيپو صاحب جي اوطاق ۾ شروع ڪيو ويو هو، جيڪا بلبل هائوس جي سامهون چند قدمن جي فاصلي تي موجود هئي. بلبل صاحب ان اسڪول کي نئين ڪشادي جاءِ تي منتقل ڪري عمده عمارت جي صورت ۾ تعمير ڪرڻ لاءِ زمين حاصل ڪري نقشو تيار ڪرايو. پنهنجي حويلي جي پٺيان موجود سنڌس زرعي زمين منجهان ڪجهه ايڪڙ زمين سڪني ڪري ان عمارت جي جوڙائڻ لاءِ رقم جمع ڪرڻ شروع ڪئي. اٽڪل ڏهه لک پڪيون سرون، ڪجهه لوهه ۽ ٻيو عمارت جو سامان خريد ڪري هڪ عاليشان عمارت جي تعمير جو ڪم

شروع ڪرايو. اجان ان عمارت جا بنياد ئي مس پريا هئا تہ ڪيس داعي اجل جو رباني سڏ ٿيو. جنهن ڪري اهو ڪم اتي رهجي ويو. مسلمانن ان عمارت جي تعمير جي پاڻ ۾ سگهہ نہ سمجهندي هندن سان گڏجي ان عمارت کي مڪمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اها عمارت سن ١٩٣٢ع ۾ جڙي راس ٿي. هندو اسڪول جي ان جديد عمارت جي تعميراتي ڪم ۾ گهڻو متحرڪ رهيا ۽ انتظامي امور ۾ بہ اڳرا ۽ فعال رهيا. جنهن ڪري انهن بلبل صاحب طرفان مقرر ڪيل هيڊ ماستر مسٽر هاسا سنگ جي جاءِ تي پنهنجو پسنديده هيڊ ماستر مسٽر تلجا رام نانگراڻي آندو. ان کان وڌيڪ ستم ظريفي اجان بي کهڙي ٿيندي جو انهن اسڪول جو نالو اسلامي نوعيت جو هجڻ ڪري تبديل ڪري J.A High School Mehar رکيو. هي نالو هڪ هندو ڪليڪٽر کي خوش ڪرڻ خاطر سندس نالي پنيان رکيو ويو. جڏهن ان ڪليڪٽر صاحب جي بدلي ٿي تہ وري ان اسڪول جو اهو نالو بہ تبديل ڪري T.C High School Mehar رکيو ويو. ان جو اهم سبب اهو هو حو ان وقت رئيس بلبل صاحب کان بعد اهڙو ڪو همٿ ڀريو مسلمان رهيو ئي ڪو نہ جيڪو هندن کي ائين ڪرڻ کان روڪي ها. رئيس بلبل صاحب کان تہ هندو تہ هندو پر انگريز بہ لنوائيندا هئا. ان عظيم درسگاهہ لاءِ رئيس بلبل صاحب مالي ۽ جاني خدمتون پيش ڪيون. ان خدمتن جي اعتراف طور هندن صرف هڪ سائنس هال تي سندس نالي جي سنگ مرمر جي تختي لڳائي. اهو هڪ هال سندس طرف منسوب ڪيو ۽ اسڪول ۾ سندس خدمتن جي اعتراف طور سينٽرل هال جي مکيہ ديوار تي هڪ وڏي تصوير فريم ٿيل هميشہ لاءِ آويزان رکي. اهي ٻئي شيون اڄ تائين موجود آهن. هن عظيم درسگاهہ جو باني ۽ پايو وجهندڙ جناب رئيس شمس الدين بلبل صاحب ئي آهي. هن قوم کي پنهنجي هن عظيم محسن جي خدمتن عيوض ان درسگاهہ جو نالو Bulbul High School Mehar رکڻ گهرجي ها. هن عظيم انسان جي خدمتن جو سلو تہ هيءَ قوم نہ ڏئي سگهندي، پر تنهن هوندي بہ ڪيس ياد رکڻ ۽ سندس خدمتون ايندڙ نسل کي ٻڌائڻ خاطر هن درسگاهہ جو نالو سندس نالي پنيان رکڻ گهرجي. رئيس بلبل صاحب عالم باعمل، نماز پنجگانہ جو پابند، بهترين اديب، قومي ۽ اصلاحي شاعر، تمام گهڻو جرئتمند ۽ بهادر انسان، اعليٰ قسم جي سياسي بصيرت رکڻ وارو، دوربانديش مدبر، سچو ۽ کرو

انسان، عظيم انشا پرداز، عذب البيان ۽ رطب اللسان مقرر، مسلمانن جو سچو همدرد ۽ هڏڏوکي، تعليمي ماهر، دل جو سخي ۽ دسترخوان جو ڪشادو، مجلس جو مور اهڙو جو جنهن به مجلس ۾ موجود هجي ته مجلس جو رنگ ئي نرالو ٿي وڃي، دوستن جو دوست ۽ دشمن لاءِ تلوار بي نيام، سندس اندر ۽ ٻاهر هڪ جهڙو ۽ قابل انسان هو. سندس سيرت قابل رشڪ و افتخار هوندي هئي. سندس قوت ايماني به بي مثال هوندي هئي.

ميهڙ جو هي عظيم سپوت پنهنجو پورو جيون قوم جي خدمت ڪندي، قوم جا ڪجھ سپنا اڌورا اکين ۾ رکي ١٧ ذوالحج ١٣٣٧ھ ١٣ سيپٽمبر ١٩١٩ع بروز ڇنڇر هزارين دلين کي غمن سان ٽمٽار ڪري ۽ اکين ۾ آب ڏئي داعي اجل جي سڏ تي لبيڪ چئي هميشه لاءِ وڇڙي ويو.

رئيس بلبل صاحب جي شخصيت عجيب شخصيت هئي. سندس شخصيت هڪ ئي وقت ۾ متضاد عنصرن جو سنگم نظر ايندي هئي، جيڪا قابل تعجب ۽ دلچسپ ڳالھ هئي. سندس شخصيت تقرير جي ڪمال سان سلهاڙيل هئي ته سندس تحرير به ڪمال جي درجي جي هئي. پاڻ رنگين مزاج هو ته ان سان گڏ مذهب پرست به هو، موسيقي ۽ راڳ سان فني وابستگي به هئس ته نماز پنجگانه جي امامت به مستقل مزاجي سان پاڻ سرانجام ڏيندو هو، شاعرانه ۽ ظريفانه فڪر ۽ نظر سان گڏ عالمانه سنجيدگي ۽ متانت به هئس، پاڻ ظرافت آميز ٽوٽڪن، نقلن، لطيفن ۽ نڪتن جو ماهر هو ته ان سان گڏ نيڪ اسلامي ڪتابن جو مصنف پڻ هو. سندس مهمان نوازي ۽ سخا پري پري تائين مشهور هئي ته سندس قناعت، ڪفايت ۽ حساب ڪتاب رکڻ جي سنجيدگي به قابل ديد هئي. سندس شخصيت رعب ۽ جلال سان پرپور هئي ته عاجزي، انڪساري، غريب نوازي ۽ خوش مزاجي به ڪمال جي ڏسڻ ۾ ايندي هئي. قومي ليڊرن، سياستدانن، تعليمي ماهرن ۽ زميندارن سان گڏجڻ ۽ مجلس دوران سندس هشمت ۽ وقار متاثر ڪندڙ نظر آيو ته وري بزرگن، پيرن، ولين ۽ عالمن سان گڏ رهاڻ ڪندي هڪ سنجيده عالم، اهل علم بزرگ، ديندار شخصيت ۽ سهڻي سيرت ۽ صورت واري هستي نظر ايندي هئي. پاڻ پنهنجي دؤر جو وڏي پهچ وارو رئيس زميندار ۽ سردار ته هو پر ان سان گڏ سندس ذڪر و فڪر ۾ مشغولي، نقشبندي طريقي ۾ بيعت ۽ قرآن مجيد ۽ حديث رسول ﷺ جي

مطالعي ۾ استغراق به قابل تعجب هوندو هو. پاڻ بلڪل خالص مذهبي شخصيت جي روپ ۾ رهندي ٺيٺرن ۾ ناٽڪ به ڏسندو هو. پاڻ عجيب صفتن جو سنگم هو. منجهس متضاد صفتون هڪ ئي وقت ۾ جمع نظر ٿي آيون. اها هڪ انوکي ۽ عجيب ڳالهه سندس شخصيت ۾ موجود هئي. بلبل صاحب کي شاعريءَ ۾ خاص مَلڪو عطا ٿيل هو. کيس سنڌ جو سرسيد، سنڌ جو حالي[٥٢]، سنڌ جو اڪبر الهه آبادي سڏيو وڃي ٿو.[٥٣] سندس شعر ۽ ڪلام کي هندستان ۽ پنجاب جا شاعر به مڃيندا هئا. پاڻ سنڌي، فارسي، هندي ۽ اردو ۾ بي تڪلف شاعري ڪندو هو. اهو هڪ وهبي فيض هو. الله رب العزت طرفان هڪ ڏين هئي، جيڪا کيس عطا ٿيل هئي. ١٩٠٦ع ۾ "آفتاب سنڌ" جي نئين سال جي تواريخ جنهن جي هر مصرع مان تواريخ نڪري ٿي جا هن لکي هئي، سا جڏهن هندستان جي شاعرن ڏٺي ته حيران ٿي چيائون ته ڇا سنڌ ۾ اڃا به اهڙا علم وارا ماڻهو موجود آهن؟ پاڻ فصيح اللسان ۽ عذب البيان مقرر به هو. وقت جا وڏا وڏا آفيسر ۽ ڪامورا ڪائنس وڏن وڏن ڪمن ۾ صلاح وٺندا هئا. خيرپور دربار وارا به سندس علم جا خاص قدردان هئا. اتي جا وزير مشير کيس گهڻي عزت ۽ احترام ڏيندا هئا ۽ خاص خاص ڪمن لاءِ ڪائنس صلاح به وٺندا هئا.

١٨ مولانا قاري عبدالجليل ڏيرو

ميهڙ جي ڏيرا خاندان جون لازوال علمي خدمتون آهن. هي خاندان هزارين علمي گهراڻن جو استاد گهراڻو رهيو آهي. هن عظيم علمي خاندان جي مَهان هستين منجهان موجوده دور ۾ الله ربّ العزت جي هڪ نعمت جيڪا علمي افق تي روشن ستاري جيان چمڪندي نظر اچي ٿي، اها مولانا قاري عبدالجليل ڏيرو صاحب جي آهي.

مولانا قاري عبدالجليل پنهنجي والد صاحب وٽ مدرسه عربيه دارالقرآن ميهڙ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ شروع ڪئي. ان کان بعد مولانا حيات لاشاري صاحب، مولانا عبدالمالڪ صاحب، ان کان بعد معهد السلفيه ۾ داخلا ورتائين. اتي مولانا حامد محمود صاحب سندس استاد رهيو. اتان ئي فراغت حاصل ڪيائين. مولانا عبدالحڪيم بروهي صاحب وٽ ميراث جو دورو به پڙهيو ۽ مولانا فيض محمد بروهي صاحب وٽ تفسير جو دورو

پڙهيو. پاڻ مولانا عبدالواحد چانديو صاحب وٽ بہ ڪجھ پڙهيو.

مولانا عبدالجليل نهايت ئي خاموش طبيعت جو مالڪ انسان آهي. پاڻ فضوليات کان پاڻ کي پاڪ ۽ صاف رکندو آهي. نهايت شائستگيءَ سان گفتگو ڪرڻ جو سندس انداز بہ مَن کي موهيندڙ آهي. جڏهن ڪيس علمي بحث ڪندي ٻڌجي تہ حيرت جي انتها نہ رهندي آهي تہ ظاهر ۾ سادو سڌو انسان علم جو ساگر پنهنجي اندر سمايون ويٺو آهي. پاڻ علم تي عمل ڪرڻ جو زنده ثبوت آهي. سندس علم ۾ انهماڪ ۽ عبادت ۾ مستغرق رهڻ بہ قابل ديد آهي. هن بزرگ هستيءَ جي علم کان ميهڙ جا تمام گهڻا ماڻهو واقف آهن پر جنهن بہ ڪيس علمي انداز ۾ ڳالهائيندي ٻڌو آهي اهي سڀ علم جا معترف بڻيا. سندس علم ۽ عمل جو سنگم سندس شخصيت کي وڏيڪ نکاري ٿو. پاڻ واقعي مولانا قاري محمد ۽ مولانا قاري سعيد احمد ڏيرو جي باقيات صالحات جو سچو مصداق آهي.

١٩ مولانا عبدالحليم سوڍر (غفاري)

مولانا عبدالحليم بن مولانا حاجي بخشل سوڍر جو جنم١٣٧٥ھ مطابق ١٩٥٦ع ۾ ڳوٺ سوڍاري مسجد ۾ ٿيو. سندس پرورش ديني ماحول ۾ ٿي. پاڻ جڏهن پڙهڻ جي عمر کي رسيو تہ ڪيس درگاھ فقيرپور جي مدرسي ۾ ويهاريو ويو. پاڻ اتان درس نظامي مڪمل ڪري دستار ٻڌائين. سندس استادن ۾ مولانا نثار احمد سيال (غفاري)، مولانا رضامحمد ڏاهري ۽ مولانا عبدالرحمٰن وڳڻ (غفاري) قابل ذڪر آهن. تحصيل علم جي فراغت حاصل ڪرڻ کان بعد تدريسي خدمت ۾ لڳي ويو. پاڻ پنهنجو سڀ ڪجھ تدريس جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏيائين. ”دارالقرآن“ دادو ۽ ”جامعه عربيه بخشيه“سوڍاري مسجد ۾ ڪيس حفظ القرآن جو مُدرس مقرر ڪيو ويو. پاڻ اتي قرآن مجيد جو حفظ ڪرائيندو رهيو. الله والي مسجد شاهي بازار دادو ۽ مين مارڪيٽ دادو جي مسجد ۾ امامت جي خدمت پڻ سرانجام ڏيندو رهيو. ”مدرسه ڪنزالعلوم عربيه بخشيہ“ ۾ درس نظامي جي تدريس بہ ڪندو رهيو. سندس شاگردن ۾ حافظ محمد قاسم سوڍر، حافظ غلام علي سوڍر، حافظ اصغر علي سوڍر، حافظ لعل بخش ميربحر (دادو)، مولانا احمد علي، مولانا غلام محمد سوڍر (پيربخش سوڍر) ۽ سندس ننڍو ڀاءُ پروفيسر

ڊاڪٽر حافظ زين العابدين سوڍر بہ شروع ۾ سندس وٽ پڙهيو شامل آهن. مولانا عبدالحفيظ صاحب شيرين زبان مقرر ۽ مبلغ بہ هو تہ ان سان گڏ قابل مُدرس پڻ هو. کيس تدريس سان بي حد لڳاءُ هوندو هو. پاڻ باعمل عالم هو. پاڻ ڏينهن جو تدريس ڪندو رهندو هو ۽ فارغ وقت ۾ ذڪر ۽ تلاوت ڪلام پاڪ ۾ مصروف رهندو هو. پاڻ هرهڪ لمحي جي مهلت کي غنيمت سمجهي ثمر آخرت ڳاهڻ جي جستجو ۾ هوندو هو. پاڻ عبادت ۽ عمل ۾ پنهنجي والد صاحب جي بلڪل نقل هو.

مولانا عبدالحليم صاحب کي ٽن پٽن حافظ محمد اعظم، محمد اشرف ۽ محمد اسلم عرف ڏاڏو ۽ ٻن نياڻين جو اولاد ٿيو. مولانا عبدالحليم صاحب عيدين جي نماز پنهنجي اباڻي ڳوٺ سوڍاري مسجد ۾ پڙهائيندو هو. ١٧ آگسٽ ١٩٨٦ع ١٤٠٦ھ بروز آچر عيدالاضحیٰ جي نماز لاءِ جيئن ئي تڪبير تحريمه (الله اڪبر) چئي هٿ ٻَڌڻ لا هٿ هيٺ ڪيائين تہ سندس هٿ لائوڊ اسپيڪر جي مائيڪ کي لڳڻ ڪري کيس ڪَرنٽ لڳو ۽ پاڻ بيهوش ٿي ڪِري پيو ۽ اتي ئي سندس وفات ٿي. اها عيد جي خوشي غم ۽ الم ۾ بدلجي وئي ۽ اسان هڪ عالم باعمل هستيءَ کان محروم ٿي وياسين. کيس پنهنجي اباڻي ڳوٺ جي اباڻي مسجد جي پير ۾ ابدي ننڊ لاءِ سمهاريو ويو.

٢٠ مولانا عبدالحي مهيسر رهڙوي

رهڙو شريف جي علمي خاندان جي هن آخري چراغ جو جنم ١٣٣٢ھ مطابق ١٩١٤ع ۾ رهڙي شريف ۾ مولانا غلام عثمان جي گهر ۾ ٿيو. پاڻ اتي ئي پنهنجي آبائي مدرسي منجهان پڙهي فاضل ٿيو. تحصيل علم کان پوءِ اتي ئي تدريسي خدمت ۾ مصروف ٿي ويو. وٽانئس ڪيترن ئي قابل عالمن سڳورن علم حاصل ڪيو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هندن جڏهن شهرن منجهان لڏڻ شروع ڪيو تہ ڀهراڙين جي مسلمانن وري شهرن جو رخ ڪيو. جنهن ڪري ڀهراڙي وارا مدرسا طالبن کان خالي ٿيڻ شروع ٿيا ۽ شهرن وارن مدرسن ۾ رونقون ٿيڻ شروع ٿيون.[٥٤] ان جو اثر رهڙي شريف واري مدرسي تي بہ پيو، جنهن ڪري اتي بہ شاگردن جو تعداد تمام ٿورڙو وڃي بچيو. ان دوران محترم احمد بخش ناريجو صاحب جي اصرار تي اچي

ٺرڙي محبت ۾ تدريسي خدمت ڪرڻ شروع ڪيائين. مولانا عبدالحي صاحب ٺرڙي جي جامع مسجد ۾ پيش امام ۽ مُدرس جا فرائض سرانجام ڏيندو رهيو. اتي بہ ڪيترائي شاگرد وٺائنس فاضل ٿيا. پاڻ فتوائون بہ ڪافي تعداد ۾ لکندو رهيو. پاڻ شريف النفس ۽ تقويٰ ۾ فائق رهيو. رهڙي شريف جي هن آخري ستاري جو غروب ١١ شعبان ١٣٩٥ھ مطابق ١٩ آگسٽ ١٩٧٥ع بروز خميس تي ٿيو.

٢١ مفتي عبدالرحمٰن چانڊيو

ميهڙ جي مانائتي مٽيءَ منجهان جن الله وارن جنم ورتو انهن ۾ هڪ نالو شيخ الحديث علامه مفتي ابوعيسيٰ عبدالرحمٰن چانڊيو صاحب جو بہ آهي. هن بزرگ جو جنم ١٩٤٣ع ۾ ڳوٺ بهاول شاخ نزد وارياسو تعلقي ميهڙ ۾ محترم محمود عرف مينهون خان چانڊيو جي گهر ۾ ٿيو. پاڻ پنهنجي ديني تعليم وقت جي وڏن عالمن سڳورن کان حاصل ڪيائين. سندس استادن ۾ مولانا محمد اسحاق کوهارو ڪڙيو غلام الله، مفتي غلام حسين ڪارو چانڊيو، مولانا عبدالرحمٰن ٻير ٻئي شريف، مولانا عبدالغني جاجروي رحيم يار خان، مولانا محمد حسن ڪانڊڙو بازري نصيرآباد ۽ فقيه العصر مولانا عبدالڪريم قريشي ٻير شريف شامل آهن. پاڻ انهن وقت جي ماياناز عالمن سڳورن کان تحصيل علم ڪري ١٩٦٥ع ۾ دستاربندي ڪيائين. فراغت کان بعد ڪجهہ وقت پنهنجي ڳوٺ وارياسو ۾ مولانا محمد هاشم سان گڏ تدريسي خدمت ڪيائين. ان کان بعد مولانا احمد مرتضيٰ ملڪاڻي دادو واري سان، وري ڪجهہ وقت مولانا رفيق احمد خاراني ۽ مولانا علي محمد حقاني (ڊاڪٽر خالد محمود سومري جو والد صاحب) لاڙڪاڻي وارن سان گڏ تدريسي خدمت ڪندو رهيو. ان کان پوءِ مولانا حافظ تاج محمد کوهارو صاحب جي حڪم موجب سيوهڻ ۾ قاضي محله درگاهہ قلندرشهباز جي بلڪل پرسان "جامعه عربيه تاج الاسلام" نالي مدرسو قائم ڪري تدريسي خدمت ڪندو رهيو. اتي سندس سؤٽ مولانا عبدالواحد چانڊيو صاحب ساڻس گڏ مُدرس مقرر هو. پاڻ اتي ساڍا ڇهہ سال تدريسي خدمت ڪيائين. هنن توحيد جي متوالن کي اتي برداشت نہ ڪيو ويو ۽ کين تمام گهڻو تنگ ڪيو ويو. جنهن ڪري مولانا عبدالواحد چانڊيو صاحب سان

گڏجي ميهڙ جي باءِ پاس فريدآباد روڊ تي نئين آبادي وحدت ڪالونيءَ ۾ ڏيڍ جريب زمين خريد ڪري ”مدرسه عربيه تاج الاسلام“ جي نالي سان مدرسو قائم ڪري الله رب العزت جي سهاري ڪليل آسمان هيٺ ويهي دين متين جي تدريسي خدمت ۾ مشغول ٿي ويو. سندس تدريسي شوق ۽ ولولي جي طفيل الله رب العزت ڪيس قبوليت عطا فرمائي. هر انسان جو ڪردار ئي سندس سڃاڻپ بڻجندو آهي. مفتي عبدالرحمٰن صاحب شيخ الحديث ۽ هڪ نامور مفتي جي روپ ۾ نروار ٿيو. ٿورڙي ئي عرصي ۾ علمي دنيا اندر هڪ اعليٰ مقام حاصل ڪري ورتائين. مفتي عبدالرحمٰن صاحب ٻين ڪارڻ جيئڻ وارو، ٻين ڪارڻ جيئڻ جو درس ڏيڻ وارو ۽ عام ماڻهن منجهان خاص ماڻهو پيدا ڪرڻ سندس سڃاڻپ بڻجي چڪو هو. پنهنجي پوري زندگي تدريس کي سونپي ١۴ شوال ١۴٢٩ھ مطابق ١٦ آڪٽوبر ٢٠٠٨ع بروز خميس جناح اسپتال ڪراچيءَ ۾ راهه رباني ورتائين. سندس جنازي نماز شيخ الحديث مفتي غلام مصطفيٰ ڪارو چانڊيو صاحب پڙهائي. ڪيس پنهنجي اباڻي قبرستان ڳوٺ بهاول شاخ وارياسو ۾ ابدي ننڊ لاءِ سمهاريو ويو. سندس وفات حسرت آيات وقت هر دل منجهان بي ساخته هي الفاظ ٿي نڪتا ته ”اڄ سڄي سنڌ علمي طور تي يتيم بڻجي وئي. ديني علم جو انمول هيرو، انسانيت کي رهنمائي ڪرڻ وارو، ديني غيرت ۽ اخلاص جو پيڪر، علم جو مها ساگر، صبر جي تلقين ڪرڻ وارو، سورهيائيءَ جو سرواڻ، علمي افق جو هڪ روشن ستارو ۽ استاد العلماء جدائي جو غم ڏئي هميشه لاءِ وڇڙي ويو.“ مفتي صاحب به شاديون ڪيون. ڪيس پنج پٽ ۽ چار نياڻين جو اولاد ٿيو. سندس پٽن ۾مولانا قاري محمد عيسيٰ (مُدرس مدرسه تاج الاسلام ميهڙ)، ڊاڪٽر ڪمال الدين، ڊاڪٽر عبدالوحيد، مولانا احمد الرحمٰن(مدرسه تاج الاسلام ميهڙ) ۽ ماستر عمر فاروق شامل آهن.

٢٢ مولانا عبدالرحمان فيروزشاهي

مولانا عبدالرحمان ولد خليفو خدا بخش فيروزشاهه تعلقي ميهڙ ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ابتدائي تعليم پنهنجي وڏي ڀاءُ مولانا خليفي گلاب الدين ۽ مولانا عطاءُالله فيروزشاهي کان ورتائين. وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ شهدادڪوٽ، همايون ۽ پوءِ گهوٽڪيءَ ۾ مولانا قمرالدين انڍڙ وٽ حاضر ٿي علم حاصل ڪيائين. مولانا عبدالرحمان صاحب ڳوٺ پيري تعلقي ميهڙ ۾ به تعليم حاصل ڪئي ۽ مولانا عطاءُالله صاحب جي وفات کان پوءِ وري اچي فيروزشاهه ۾ رهيو. هتي اچي تدريسي خدمت ۾ مهو ٿي ويو. مولانا صاحب نهايت سخي جوان، مسافر نواز ۽ غريب پرور هوندو هو. سيرت ۽ صورت جو سهڻو هو. فيروزشاهه جي علمي گهراڻي ۽ عالمن منجهان هي آخري ستارو هو[٥٥]. مولانا صاحب خوش نويس هوندو هو، جنهن ڪري قرآن مجيد جي ڪتابت به ڪندو هو.[٥٦] سندس وڇوڙي کان پوءِ شهر چڻ اجڙي ويو. علم جو عظيم شاهڪار ۽ ديني يونيورسٽي اختتام پذير ٿي. فيروزشاهه جيڪو ديني علم جو مرڪز ۽ عالمن سڳورن جو ڳڙهه هوندو هو، سو عالمن جي وجود کان خالي ٿي ويو. مولانا عبدالرحمٰن جي وفات ١٣٤٧ھ مطابق ١٩٢٩ع ۾ ٿي. ڪيس فيروزشاهه جي قبرستان ۾ مولانا حاجي عطاءُالله صاحب جي پير ۾ دفن ڪيو ويو. مولانا صاحب جي شاگردن ۾ مولانا الهه بخش مهيسر (ڳوٺ پيري مهيسر)، مولانا محمد قاسم بن مولانا محمد حمزه ڏيپر (ڳوٺ پيري مهيسر)، مولانا محمد صادق صاحب مورائي ۽ مولانا محمد صاحب ڇيجاپوري (تعلقو خيرپور ناٿن شاهه) وغيره سرفهرست آهن. مولانا دين محمد "اديب" فيروزشاهي به فارسيءَ جا ڪجهه ڪتاب وٽس پڙهيو.

٢٣ مولانا عبدالغفور سيتائي

مولانا عبدالغفور بن گل محمد سولنگي ڳوٺ بچو واهڻ ۾ ٣ محرم الحرام ١٣٢٨ھ مطابق ١٥ جنوري ١٩١٠ع بروز ڇنڇر جنم ورتو. پاڻ پنهنجي ابتدائي تعليم پنهنجي وڏي ڀاءُ مولانا نثار احمد سيتائي وٽ حاصل ڪندو رهيو. پاڻ ڪيترائي سال پنهنجي ڀاءُ وٽ تعليم حاصل ڪندو رهيو. ان ڪان پوءِ مدرسه مظهر العلوم کڏو ڪراچيءَ ۾ مولانا محمد صادق ميمڻ صاحب ۽ مولانا محمد صديق ڪڇي صاحب جي شاگرديءَ ۾ پڙهڻ لڳو.[٥٧] پاڻ ان مدرسي منجهان دارالعلوم ديوبند تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ روانو ٿيو. اتي تعليم حاصل ڪندو رهيو. پڙهائي جي آخري سال واپس مدرسه مظهرالعلوم ڪراچي اچي تعليم پوري ڪيائين. اتي ئي سندس دستاربندي ٿي. تحصيل علم جي فراغت ڪان بعد پاڻ پنهنجي مادرعلمي ۾ تدريسي خدمتن تي مامور ٿيو.[٥٨] اتي تمام گهڻو وقت تدريسي ميدان ۾ خدمت ڪندو رهيو. ان ڪان بعد ڪجھ وقت بدين ۾ مولانا احمد ملاح جي قائم ڪيل مدرسي ۾ تدريسي خدمت تي مامور رهيو.[٥٩]

مولانا صاحب تدريس سان گڏ تحريري ميدان ۾ بہ پنهنجا جوهر ڏيکاريندو رهيو. آخر ۾ مولانا صاحب پڙهائڻ جو مشغلو ڇڏي صحافت جي ميدان ۾ قدم رکيو. سندس صحافتي زندگيءَ جي شروعات سنڌ جي مشهور اخبار ”الوحيد“ سان ٿي. مولانا صاحب جي قلم ۾ رواني هوندي هئي. سندس مضمون ۽ مقالا نهايت ئي تحقيقي، معياري ۽ معلوماتي هوندا هئا. مولانا صاحب جي صلاحيت کي مدنظر رکندي کيس ”الوحيد“ اخبار جي ترجمي واري سيڪشن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ آندو ويو. مولانا صاحب ڏاڍي مهارت ۽ خوش اسلوبيءَ سان ترجمي واري فن کي نڀائيندو رهيو. ان زماني ۾ محمد ايوب کهڙو صاحب جي ماتحت اخبار ”سنڌ زميندار“ نڪرندي هئي. مولانا عبدالغفور سيتائي صاحب کي ان اخبار جي ايڊيٽري جي آڇ ڪئي وئي. پاڻ ان کي قبول ڪيائين. پاڻ ان جو ايڊيٽر مقرر ٿيو. ان اخبار کي تمام عمده طريقي سان هلائيندو رهيو. ان ڪان بعد روزانہ ”الوحيد“ اخبار ۾ ايڊيٽر مقرر ٿيو. ان ڪان بعد پنهنجي ذاتي اخبار ”نواءِ سنڌ“ شروع ڪيائين. ان اخبار کي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچايائين. اها اخبار ڪافي مقبول ٿي. هن اخبار جي ذريعي مولانا صاحب سنڌ جي ماڻهن جي سچي ترجماني

ڪندو رهيو. هن اخبار جي مقبوليت ۾ سڀ کان گهڻو هٿ مولانا صاحب جي پنهنجي قلمي پورهئي جو هو. هيءَ اخبار ١٩٦٨ع ۾ بند ٿي وئي ۽ مولانا صاحب واپس پنهنجي ڳوٺ موٽي آيو ۽ اتي مستقل رهائش اختيار ڪيائين.

انگريزن کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ مذهبي بنياد تي ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جون تحريڪون شروع ٿيون ته مولانا صاحب مسلم ليگ ۾ شامل ٿي ويو. پاڻ عملي طور تي خانبهادر محمد ايوب کهڙو ۽ خانبهادر غلام محمد وساڻ جي رفاقت ۾ ئي هن سياسي ميدان تان گرم جوشيءَ سان حصو وٺندو رهيو. مولانا صاحب نه صرف مسلم ليگ جي جلسن ۾ شريڪ ٿيو[٦٠] پر ڪيس ”سکر سٽي مسلم ليگ“ جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جو ميمبر به مقرر ڪيو ويو.[٦١] ١٩٤٢ع ۾ جڏهن سکر ضلعي ۾ ٻوڏ آئي ته ”مسلم ليگ فلڊ رليف ڪاميٽي سکر“ ناهي وئي. هن ڪاميٽي ۾ به مولانا صاحب پاڻ خوب ملهايو. مولانا عبدالغفور صاحب ٩ رجب١٤٠٠ھ مطابق ٢٤ مئي ١٩٨٠ع بروز ڇنڇر وفات ڪئي.

٢٤ مولانا عبدالقيوم جوهر بروهي

مولانا عبدالقيوم بن عبدالڪريم بروهي ٩ربيع الثاني ١٣٦٩ھ مطابق ٢٩ جنوري١٩٥٠ع بروز آچر ترپچاٽي، تعلقي پنو عاقل، ضلعي سکر ۾ جنم ورتو. مئٽرڪ ۽ درس نظامي جا امتحان پاس ڪيا اٿس. ادبي لحاظ کان ناميارو شاعر ۽ نقاد آهي. هن بنيادي تعليم مختلف ديني مدرسن مان حاصل ڪئي. هن ”مدرسه محمديه“ فريدآباد، ”مدرسه قاسم العلوم“ گهوٽڪي ۽ ”مدرسه عربيه انوارالرحمٰن“ دريا خان مري نوابشاھ مان ديني تعليم حاصل ڪئي. ”جامعه اشرفيه“ سکر منجهان ١٩٧٠ع ۾ درس نظامي جي تڪميل ڪئي. پاڻ ”مدرسه عربيه دارالقرآن“ ميهڙ ۾ قاري محمد صاحب وٽ علم تجويد ۽ قرائت به پڙهيو [٦٢] فراغت کان بعد ميهڙ ۾ مدرسه حفظ القرآن ۾استاد مقرر ٿيو. هن مئٽرڪ ١٩٩٢ع ۾ هاءِ اسڪول ميهڙ مان پاس ڪئي.[٦٣] ١٩٧٤ع کان اڄ تائين مدرسه عربيه محمديه فريدآباد ۾ مُدرس مقرر ٿي خدمت سرانجام ڏئي رهيو آهي. پاڻ ١٩٧٢ع کان سنڌي ۽ براهوي ادب جي دنيا ۾ داخل ٿيو. ان حوالي سان براهوي ٻوليءَ ۾ محترم

نورمحمد "پروانہ" سندس رهنمائي ڪئي ۽ سنڌي زبان ۾ حاجي رسول بخش ڏيرو صاحب سندس رهبر رهيو. ادب، مذهب، تاريخ ۽ ثقافت سان گڏ عربي، فارسي، سنڌي، اردو ۽ براهوي ٻولين ۾ هن گهڻي رخي ڌارائن ۾ نمايان ڪم ڪري وڏو نالو ڪمايو آهي. هي پهريون براهوي شاعر آهي جنهن شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪيترن ئي سرن جو براهوي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري قوم کي لطيف جي پيغام کان روشناس ڪرايو آهي.

حضرت مولانا احمد علي لاهوري صاحب وٽ چنيءَ جي ڏينهن دعا جي لاءِ هڪ ٻار آندو ويو. مولانا احمد علي لاهوري صاحب ان ٻارڙي جي والد محترم کان پڇيو تہ هن ٻارڙي جو نالو ڇا آهي؟ جواب ڏنائين تہ سائين هن ٻارڙي جو نالو "ظفر" تجويز ڪيو ويو آهي. مولانا صاحب فرمايو تہ ظفر نالي رکڻ جي ڪا وجہ؟ ان جي جواب ۾ ٻارڙي جي والد صاحب چيو تہ سائين ظفر منهنجي دوست جو نالو آهي، جيڪو شاعر آهي، ان کان متاثر ٿي پنهنجي پٽ جو نالو بہ ظفر تجويز ڪيو اٿم. مولانا لاهوري فرمايو تہ مان هن ٻار جو نالو عبدالقيوم رکان ٿو ۽ سندس تخلص "جوهر" رکان ٿو. ان کان بعد مولانا احمد علي لاهوري پنهنجي زبان مبارڪ ڪڍي ان ٻارڙي جي زبان تي رکي. ان عظيم هستيءَ ان معصوم ٻارڙي جي لاءِ دعا گهري ۽ فرمايو تہ الله ڪندو وڏو ٿي پلو شاعر ٿيندو. ان عظيم بزرگ جي اها دعا حرف بہ حرف مقبول ٿي. ان دعا جي قبوليت جو اندازو سائين جوهر جي علم، ادب، شاعري ۽ مهمان نوازيءَ مان لڳائي سگهجي ٿو. سائين جي تخلص "جوهر" جو واقعي بہ سائين سچو مصداق آهي. جوهر صاحب ان پنهنجي تخلص وانگر واقعي جوهر ثابت ٿيو. هن بي باڪ شاعر ۽ دلين جي ترجمان سنڌي، عربي ۽ براهوي زبانن ۾ پورو پورو عبور حاصل ڪيو آهي. سنڌي ادب سان گڏوگڏ براهوي زبان ۽ ادب تي سندس ڪاوشن کي فراموش نہ ٿو ڪري سگهجي. جوهر صاحب شعر سان گڏ نثر ۾ بہ هڪ اعلیٰ مرتبو رکي ٿو. سندس محنت کي هن ناچيز جو سلام آهي. جڏهن بہ سندس زيارت لاءِ حاضري نصيب ٿيندي آهي تہ کيس لکڻ يا پڙهڻ ۾ مشغول پاتو آهي. اسان جي اچڻ جي ڪري سندس لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ رخنو ضرور پوندو آهي. ان ڳالهہ تي راقم الحروف شرمنده ضرور آهي، پر ڇا ڪجي مجبوري آهي. اسان انسانن جي اها ڪمزوري آهي تہ جيڪا نعمت

اسان وٽ موجود هوندي آهي ته ان جو ڪو احساس به نه ٿيندو آهي ۽ نه ئي ان جو ڪو قدر ڪندا آهيون، پر جڏهن اها نعمت ڪسجي ويندي آهي ته بعد ۾ ان جي قدر و قيمت جو اندازو ٿيندو آهي، پر ان وقت سوا ڪفِ افسوس مَلڻ جي ڪجهه به حاصل نه ٿيندو آهي. ان لاءِ ان نعمت جي ٿورڙي قدرداني ۽ ان منجهان فيض حاصل ڪرڻ کي غنيمت سمجهي حاضري جي سعادت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو آهيان. اسان جي اچڻ تي سندس مطالعي ۾ رخني پوڻ تي جڏهن معذرت ڪندا آهيون ته پاڻ ناگواريءَ ۾ چوندو آهي ته بابا توهان اسان جا مهمان آهيو، ايترو پنڌ به صرف محبت ۾ ڪري اچو ٿا ته اهو منهنجو فرض آهي ته مهمانن کي وقت ڏيان. راقم جي بيحد عرض ۽ اصرار ڪرڻ باوجود اسان جي مهمان نوازي ايئن ڪندو آهي گويا اسان ڪنهن تمام وڏي زميندار جا ڪي خاص مهمان هجون. شروع ۾ دل ۾ اهو خيال پيدا ٿيو ته ڪٿي ناچيز جي ايتري تواضع هڪ عالم سمجهي ۽ پاڻ سان بيحد محبت ڪرڻ وارو سمجهي ڪندو هوندو، پر منهنجي اها غلط فهمي تمام جلد دور ٿي وئي. سندس اهو ساڳيو رويو هرهڪ ايندڙ ملاقاتيءَ سان ڏسڻ ۾ آيو ۽ رب پاڪ جي ان رمز جو ٿورو مظهر نظر آيم ته سندس آمدنيءَ جو بظاهر ڪو ذريعو راقم کي نظر نه آيو، تنهن هوندي به تقريبًا هر مهمان لاءِ اهڙا عمده کاڌا پيش ٿيندي ڏٺم، جيڪي ڪنهن چڱي ڀلي زميندار کي به مَس نصيب ٿيندا آهن. اها عجب ڳالهه پنهنجي اکين سان ڏٺم. جوهر صاحب کان جڏهن ان راز تان پردو هٽائڻ لاءِ عرض ڪيم، ته جواب مليو ته ادا مهمان کي پنهنجي لاءِ سعادت سمجهندو آهيان ۽ خوشي محسوس ڪندو آهيان، رب انهن جي ڪارائڻ جو بندوبست ڪيئن ٿو ڪري؟ ان جي مون کي به خبر نه آهي. بس رب جو اهو عظيم احسان مون تي شروع کان وٺي آهي. وٽس تقريبًا سجو ڏينهن مهمانن جي آمدورفت تمام گهڻي نظر ايندي آهي. مهمانن ۾ عظيم اسڪالر، عالم سگهورا، اديب، شاعر، زميندار، واعظ ۽ آفيسر ته ايندا آهن، پر انهن سان گڏ وٽس گيڙو ڪپرا پاتل، ابوجهه، هاري، مزدور ۽ ننڍا توڙي وڏا ايندا آهن. هرهڪ سان هڪ جهڙو سلوڪ ۽ انداز حيران ڪري رهيو هوندو آهي.

سائين جوهر کي هڪ دفعي عرض ڪيم ته سائين توهان جي ڪا اهڙي خواهش جيڪا پوري نه ٿي هجي ۽ توهان کي ان جي تمنا باقي هجي؟

تہ پاڻ ٽڏو ساھ پري چوڻ لڳو تہ "رب جا عظيم احسان آهن، سڀ خواهشون پوريون اٿم. بس رب کان اڪثر اها ئي دعا گهرندو آهيان تہ: يا الٰهي! جيئن بنا ڪنهن ٿمر جي، بنا ڪنهن آمدن جي، بنا ڪنهن ذريعي جي منهنجي زندگي بهترين نموني بسر ڪرائي اٿئي، ايئن ئي بنا ٿمر جي برزخ جو سفر بہ آسان فرمائجانءِ ۽ بنا عمل جي آخرت ۾ سرخرو فرمائجانءِ. بس ادا اها تمنا باقي اٿم تہ رب ڪريم منهنجي هيءَ دعا قبول فرمائي ۽ بنا عمل جي مون کي ڪاميابيءَ سان همڪنار فرمائي." مولانا جوهر صاحب علم جو سمنڊ بہ آهي تہ بهترين ۽ مايا ناز شاعر بہ آهي. امداد حسيني صاحب جوهر صاحب جي باري ۾ هي لفظ چيا آهن تہ "جوهر جي شاعريءَ جو انداز سمورن شاعرن کان مختلف ۽ نرالو آهي." سنڌس باري ۾ دادو جي مايا ناز علمي شخصيت، مشهور بزرگ عالم ۽ اسلامي اسڪالر مولانا منظور احمد سومري صاحب فرمايو تہ "الله تعالىٰ جيترو علم جوهر بروهي کي عطا ڪيو آهي، جوهر اوترو ظاهر نہ ڪيو آهي." جوهر بروهي صاحب پنهنجي قلم ذريعي براهوي قوم، زبان ۽ ادب جي بي مثال خدمت ڪئي آهي. سنڌي براهوي ۽ اردو جي گهڻن رسالن، اخبارن ۽ يادگار شمارن ۾ مختلف صنفن ۾ سنڌس مضمون، مقالا، انشائيہ ۽ شاعريءَ سان گڏ سنڌ، بلوچستان ۽ ڪوهستان جي قديم آثارن بابت سنڌس مضمون ڇپيا آهن. پاڻ ڪاڇي ۽ ڪوهستان بابت وسيع ڄاڻ رکي ٿو. ان حوالي سان هو ڪاڇي ۽ ڪوهستان جي هلندڙ گهمندڙ انسائيڪلوپيڊيا آهي. پاڻ هسٽاريڪل سوسائٽي سب ڊويزن ميهڙ جو چيئرمين بہ آهي. ان ڪانسواءِ بزم لطيف ميهڙ جو سرپرست اعلىٰ ۽ براهوي پبليڪيشن سنڌ جو سيڪريٽري ۽ سنڌي ادبي سنگت ميهڙ جو ڪائونسلر پڻ آهي. سنڌس مختلف زبانن ۾ مختلف مضمونن تي مشتمل ڇپيل ڪتابن جو تعداد سٺ (٦٠) کان وڌيڪ آهي.

٢٥ مولانا عبدالڪريم بروهي (ذبيح، ساسولي)

مولانا عبدالڪريم بروهي ١٣٤٦ﮪ مطابق ١٩٢٨ع ۾ ڪيرٿر جي علائقي ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ديني تعليم ڳوٺ مير رند ۾ مولانا محمد بلوچ صاحب وٽ حاصل ڪيائين ١٩٤٨ع ۾ ۽ مدرسه اشرف العلوم شڪارپور ۾ عربي مولانا عبدالحڪيم شاهل سڏايو واري وٽ پڙهندو رهيو ۽ قاري محمد ڏيرو صاحب وٽ علم تجويد پڙهيو. ساڻس مولانا عبدالڪريم قريشي(پير شريف وارو) به هم درس هو.[٦٤] قاري محمد صاحب سڀ کان پهرين علم تجويد جي سند ڪيس عطا ڪئي. ان سان گڏ اتي مولانا تاج محمد سڏايو صاحب وٽ عربي به پڙهندو رهيو.

علم جي تڪميل کان بعد ڪافي عرصو مدرسه عربيه قاسم العلوم ٽريچاٽي ۾ مُدرس رهيو. ان کانپوءِ ١٩٥٦ع ۾حاجي رسول بخش ڏيرو صاحب جي سرپرستيءَ ۾ ”مدرسه محمديه فريدآباد“ جو بنياد رکيائين. ان مدرسي ۾ تاحيات درس و تدريس جي خدمت ڪندو رهيو هن مدرسي ۾ سندس آمد تي طالبن جو هڪ وڏو تعداد داخل ٿيڻ لڳو، جنهن ڪري قاري اميد علي جانوري صاحب کي پاڻ سان گڏ مُدرس مقرر ڪيائين. مولانا عبدالڪريم صاحب ضلعي سکر ۾ تحريڪ ختم نبوت ۾ به ڀرپور نموني خدمت ڪئي. ان سلسلي ۾ ڪافي جيل به ڪاٽيائين. ديني علوم جي تدريس سان گڏ ادب جي سلسلي ۾ سه روزه ”مدينه“ بجنور، ماهنامه ”الصديق“ ملتان، ماهوار ”الفرقان“ لکنؤ ۽ ماهوار ”دارالعلوم ديوبند“ سان به وابسته رهيو. پاڻ بهترين سماجي ڪارڪن رهيو. فلاح ۽ بهبود جي ڪمن ۾ هميشه اڳرائي ڪندو هو. قاري صاحب خوش الحان قاري هئڻ سان گڏ بهترين نثر نويس ۽ مضمون نگار پڻ هو. پاڻ تخلص ”ذبيح“ استعمال ڪندو هو. پاڻ پنهنجي سوانح حيات ۽ زندگي جا واقعات ”نقش ذبيح“ جي نالي سان لکيائين. فريدآباد ۾ پهرين پوسٽ آفيس جاري ڪرايائين ۽ پاڻ پهريون پوسٽ ماستر ٿيو. علم ۽ ادب جي هن بهترين مُدرس ۽ خدمتگار ٢٥ جمادي الثاني ١٣٧٨ﮪ مطابق ١٦ جنوري ١٩٥٨ع بروز خميس تي وفات ڪئي. سندس وفات وقت سندس فرزند مولانا جوهر بروهي صاحب جي عمر اٺ سال هئي.[٦٥]

٢٦ مولانا عبدالڪريم ديروي (ڏيرو)

هي عالم رباني، زاهد الزمان، ساده طبع، تڪلف ۽ تصنع کان عاري، هڪ ننڍي ڳوٺ نالي "رضا محمد ڏيرو" (تعلقو ڪڪڙ، ضلعو دادو) ۾ سن ١٣١٥هه مطابق ١٨٩٧ع[٦٦] ۾ پيدا ٿيو.[٦٧] سندس والد بزرگوار جو نالو حاجي الهورايو هو، جيڪو نيڪ ۽ تهجد گذار شخص هو. ابتدا کان انتها تائين ڳوٺاڻن مدرسن ۾ تعليم ورتائين. ابتدائي تعليم قرآن شريف، فارسي ۽ عربيءَ جا اڪثر ڪتاب پنهنجي ڳوٺ جي مدرسي ۾ مولانا محمد اسماعيل صاحب ڪنڌي واري کان پڙهيائين، جيڪو عربي علم خاص طرح صرف، نحو ۽ ادب جو وڏو ماهر هو.[٦٨] ان کان پوءِ باقي عربي علم، اديب الزمان، فصيح اللسان، رئيس الشعراء مولانا الاهي بخش ايري صاحب، ساڪن ڳوٺ "ٻانهون لاڪير" تعلقي ميهڙ جي خدمت اقدس ۾ رهي حاصل ڪيائين.[٦٩] سندس طبيعت ڪي شهرت پسند نہ هئي، ان ڪري ڪافي زور پرڻ تي بہ مروج دستاربنديءَ کان انڪار ڪيائين. لله في الله تعليم جو ڪم شروع ڪيائين. پنهنجي ڳوٺ ۾ مدرسو قائم ڪيائين. سندس تعليم جي عمدگي ۽ پختگيءَ ڪي جلد شهرت ٿي وئي. ان ڪري طالب علم شمع تي پتنگن وانگر اچڻ لڳا. ڪيس تعليم ۾ ايتري قدر مهارت هئي جو سندس شاگرد عربي زبان ۾ تقرير ڪري سگهندا هئا ۽ عربي زبان ۾ مضمون نويسي چڱيءَ طرح ڪري سگهندا هئا.[٧٠] مولانا ديروي صاحب ڪي مولانا عبدالڪريم مگسي صاحب "غزالي دوران" ڪري سڏيندو هو.[٧١] انهيءَ ۾ ڪيس طريقت جو بہ شوق ٿيو. پاڻ خاص انهيءَ مقصد لاءِ هندستان جو سفر ڪيائين. گهڻن الله وارن سان صحبت ڪيائين، پر آخر طريقت جي سلوڪ لاءِ خواجہ محمد عمر جان چشموي (١٨٧١_١٩٤١) سان دست بيعت ٿيو. هر سال ڪجهہ وقت مرشد جي صحبت ۾ وڃي رهندو هو.[٧٢] تعليم سان گڏ طالبن جي اخلاقي تربيت ڪندو هو گويا منجهن صحيح تصوف جو روح ڦوڪي ڇڏيندو هو. علم تصوف ۽ اخلاقي ڪتابن جي پڙهائڻ جو ڪيس گهڻو اهتمام هوندو هو: "بداية الهداية" امام غزالي جي ۽ "ڪيميا سعادت" وغيره پڙهائيندو هو. "احياء علوم دين" ۽ "اربعين في اصول الدين" طرف توجہ ڏياريندو هو. سيد علي اڪبر شاهہ "اسلامي اخلاق" نالي "الاربعين في اصول الدين" ڪتاب جو ترجمو ڇپايو. اهو سندس توجہ سان پڙهايو ويندو

هو. علم اخلاق جي رواج ڏيارڻ لاءِ پوريءَ طرح ڪوشان رهيو ته جيئن صحيح تصوف رائج ٿئي. قرآن شريف تجويد ۽ صحيح قرات جي قاعدن سان پڙهڻ جو رواج سنڌ ۾ بلڪل گم ٿي چڪو هو. ان ڪي تمام وڏيءَ ڪوشش سان رواج ڏيارايائين. سنڌي زبان ۾ قرائت جا ڪتاب لکيائين. پنهنجن شاگردن ڪي وڏن قارين وٽان قرآن مجيد صحيح پڙهايائين. حتيٰ ڪ عربستان تائين سنڌس شاگرد ويا ۽ قران مجيد صحيح پڙهي آيا. انهن ڪي تعليم ڏيڻ لاءِ همٿايائين، تجويد جا دورا منعقد ڪرايائين، تان جو سنڌس حياتيءَ ۾ تجويد جي تعليم لازمي ڪئي وئي.[٧٣] ٻين علمن جي معلمن وانگر هن علم جا ڄاڻندڙ قاري معلم مقرر ڪيا ويا. سنڌ لاءِ هي ڪارنامو ”تجديدي“ چئجي ته بجا ٿيندو. حقوق العباد جي ادائگيءَ بابت ڪيس تمام گهڻو خيال رهندو هو. صفائي، معاملات ۽ آداب المعاشرة وغيره جي ڪتابن جي مطالعي لاءِ پاڻ توجه ڏياريندو هو ته جيئن طالبن ۾ بہ حقوق جي ادائگيءَ جو جذبو پيدا ٿئي. پاڻ وٽ هڪ وصيت نامو لکي رکندو هو، جنهن ۾ حقوق لکي رکندو هو. ڪنهن کان ڪو ڪتاب مطالعي لاءِ وٺندو هو ته ان جي مٿان بہ مالڪ جو پورو نالو ۽ پتو لکي ڇڏيندو هو ۽ پهچائڻ لاءِ پورو پورو انتظام ڪندو هو.[٧٤] تواضع سنڌس خاص شيوه هو. هر هڪ ماڻهوءَ سان تمام عزت سان ملندو هو ۽ پوريءَ طرح خدمت ڪندو هو. پنهنجن شاگردن سان بہ مهمانيءَ وغيره ۾ پوريءَ طرح خدمت ڪندو هو؛ گويا ان وقت خادم ۽ سبق وقت استاد هوندو هو. هر هڪ مسلمان جو خيرخواهه رهندو هو. ساري عمر شريعت جي ڪمن ۾ ”اللّٰهم فاللّٰهم“ تي عمل ڪندڙ هو. ديني تعليم ۾ بہ اول شاگردن ڪي ديني فرضي علمن جي سنڌي، اردو، عربي ۽ فارسي زبانن ۾ تعليم ڏيندو هو ته جيئن ديني ضروري علمن جي خبر پئجي وڃين. انهيءَ لاءِ پاڻ هڪ ديني نصاب بہ تيار ڪيائين، جيڪو اڄان تائين موجود آهي. اهو نصاب پوءِ سيني عالمن جي خدمت ۾ موڪلڻ جو ارادو بہ ڪيو هئائين، پر افسوس جو سنڌس حياتيءَ وفا نہ ڪئي ۽ اهو ڪم رهجي ويو. پاڻ ڪنهن خصوصي نالي سان ترديد ڪرڻ کان پرهيز ڪندو هو ۽ عمومي طرح عقائد باطلہ جي ترديد ڪندو هو. سنڌس ترديد جو ڍنگ نرالو هوندو هو. علماء سلف جون عبارتون لکي ڪتاب جوڙيندو هو ۽ ان ۾ انهن جي ترديد ڪندو هو؛ جيئن لواريءَ جي عقائد باطلہ جي ترديد، رسمي پيري

مريدي جي ترديد وغيره. حضرت امام رباني مجدد الف الثاني جي مڪتوبات منجهان عبارتون چونڊي ڪتاب "اعتقاد نامه امام رباني" لکيائين. "ڪتاب فضائل آل و اصحاب" لکي ان ۾ مختصر مگر قوي دليلن سان مخالفن جي ترديد ڪيائين. پاڻ هر هڪ معاملي کي شريعت مطهره جي ميزان تي توريندو هو ۽ ان موجب فيصلا ڪندو هو. شادي هجي يا غمي، خريد هجي يا فروخت، ڪاڻ هجي يا پيڻ، ستر هجي يا پردو وغيره سڀ ڳالهين ۾ شريعت موجب رهندو هو. پنهنجي همعصر عالمن کان انهيءَ ۾ ممتاز هو.[٧٥] تصنيفات جو سلسلو اول کان ئي جاري رکيائين. سندس تصنيفات جو تعداد ٣٠ کان مٿي آهي. پاڻ اول پنهنجي ڳوٺ رضا محمد ڏيري ۾ مدرسو قائم ڪيائين ۽ ڪيترائي سال اتي تعليم ڏيندو رهيو. ان ڪانپوءِ "مدرسه نعمانيه عربيه گاهي مهيسر" ۾ آيو ۽ اتي ١٩٣٠ع تائين تعليم ڏيندو رهيو. ان مدرسي مان وڏا عالم، اديب، دانشور ۽ خطيب فارغ التحصيل ٿيا.[٧٦] ان کان بعد راڌڻ روڊ تي ميهڙ لڳ ڏيرن جي ڳوٺ ۾ بہ ڪجھ وقت تدريسي خدمت سرانجام ڏنائين. ان کان بعد سيد علي اڪبر شاھ ساڱس مشورو ڪري ميهڙ ۾ "مدرسه دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ" قائم ڪيو. سيد صاحب جي عرض ڪرڻ تي پاڻ اتي صدر مُدرس ۽ مهتمم جي ذميواري تاحيات سنڀاليندو رهيو. اهو مدرسو اڄ تائين جاري آهي ۽ هن وقت "مدرسه عربيه اڪبريه دارالقرآن ميهڙ" جي نالي سان مشهور آهي. جنهن ۾ چار مُدرس ڪم ڪن ٿا ۽ سيني علمن جي تعليم ڏني وڃي ٿي.

سندس شاگردن جو سلسلو تمام گهڻو آهي پر ڪجھ نالا هي آهن:١.مولانا عبدالغفور بن خدا بخش جمالي بلوچ، بهاولپور، لڳ شهيد مخدوم بلال ضلعو دادو ٢.مولانا محمد يوسف ڏيپر، سابق پيش امام مسجد انجمن شيدہ، ڪوٽڙي، ضلعو ڄامشورو ٣.مولانا قاري احمد چارڻ، سابق مُدرس مدرسه اسلاميه، ڳوٺ مولهڻ، لڳ نارو شاھ، ضلعو نوشهرو فيروز ٤.مولانا دين محمد "اديب" فيروزشاهي، سابق معلم دينيات، نور محمد هاءِ اسڪول، حيدرآباد ٥.مولانا عرض محمد سانگي، سابق معلم عربي، جامعه عربيہ، تلڪ چاڙهي حيدرآباد ٦.مولانا در محمد پنهور، سابق مهتمم "مدرسه دارالقرآن" ڳوٺ گرڪڻ، ميهڙ ٧.مولانا علي محمد گلال، سابق مُدرس "مدرسه ربانيہ ٽانڊي" لڳ بادھ، ضلعو لاڙڪاڻو ٨.مولانا عبدالڪريم ڏڪڻ،

سابق مُدرس "مدرسه عربيه" ڳوٺ لنڊ، مورو، ضلعو نوشهرو فيروز ٩.مولانا حڪيم قطب الدين ڪنير، ڳوٺ سنڌي ٻنڙا، تعلقو خيرپور ناٿن شاهه ۽ ١٠.مولانا قاري محمد ڏيرو، سابق مهتمم "مدرسه عربيه دارالقرآن" ميهڙ، دادو.[٧٧]

مولانا صاحب پنهنجي سياسي زندگيءَ جي شروعات "خلافت تحريڪ" ۾ حصي وٺڻ سان ڪئي. پاڻ هن هلچل جي جلسن ۾ شريڪ ٿيندو هو ۽ خلافت جي اهميت تي ڀرپور تقريرون ڪري ان کي ڪامياب بنائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو.[٧٨] انگريز"امن سڀا" قائم ڪرائي خلافت جي حقيقت ۽ حيثيت کي مسخ ڪرڻ لاءِ مولوي فيض الڪريم ٺاروشاهيءَ کان"تحقيق الخلافت"نالي فتوىٰ جو هڪ رسالو شايع ڪرايو. ان تي خلافتي عالمن سڀني ان فتوىٰ جو رد لکي ورهايو. جنهن جي مولانا ديروي صاحب پڻ تائيد ڪري پنهنجي تحريڪ دوستيءَ جو ثبوت ڏنو.[٧٩] مولانا ديروي صاحب مستجاب الدعوات ولي هئڻ سان گڏ علم طب جو ماهر، وڏو حاذق حڪيم به هو. سندس تجويز ڪيل نسخا مجرب ۽ ڪامياب رهيا. سندس علم طب جا ڪتاب عربي ۽ فارسي ۾ لکيل آهن.[٨٠] مولانا صاحب خواجه آغا محمد عمر جان چشموي سان دست بيعت ته هو پر حڪيم الامت مولانا اشرف علي ٿانويؒ (١٨٦٣_١٩٤٣) سان سندس خاص تعلق ۽ انسيت هئي.[٨١] سندس وفات حسرت آيات ٨ رجب المرجب ١٣٧٣هه مطابق ١٣ مارچ ١٩٥٤ع بروز ڇنڇر مدرسه دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ ۾ ٿي. تاريخ ولادت جي حساب سان سندس عمر ٽيهٺ سال ٿي. مولانا ديروي صاحب پنهنجي آخري وقت ۾ مولانا در محمد پنهورصاحب کي فرمايو ته "هاڻي عمر حضور پاڪ ﷺ جن جي عمر موافق ٿي آهي، جيڪڏهن هن وقت خاتمو ٿيو ته موافقت عمر جو شرف به حاصل ٿي ويندو". ٿيو به ائين. سندس مزار ميهڙ شهر جي مغربي قبرستان ۾ آهي.

٢٧ مولانا عبدالڪريم مگسي

ميهڙ جي مٽي ڏاڍي زرخيز رهي آهي. هن مٽيءَ منجهان وڏين وڏين شخصيتن جنم ورتو آهي. عالمن جي هن سر زمين تي ديني علوم جون ٻه وڏيون درسگاهون پنهنجو فيض پهچائي رهيون هيون. انهن ۾ هڪ رهڙو شريف واري درسگاهه ۽ ٻي پيروزشاهه (فيروزشاهه) واري درسگاهه. هنن درسگاهن جو فيض ايترو ته پکڙيو جو سنڌ اندر موجود هر اهل علم عالم جو سڌو يا بلواسطه تعلق هنن درسگاهن منجهان ڪنهن هڪ سان ضرور هوندو. پيروزشاهه کي فيروزشاهه به چوندا آهن. هن ديني درسگاهه به پنهنجي وقت جا وڏا وڏا جيد عالم سڳورا پيدا ڪيا آهن. انهن ۾ مولانا عطاءالله، مولانا عبدالمجيد، مولانا عبدالرحمٰن، مولانا گلاب الدين ۽ مولانا دين محمد "اديب" جا نالا قابل ذڪر آهن. هنن بزرگن جي سڃاڻپ پيروزشاهي يا فيروزشاهي جي نسبت ڳنڍجڻ سان ٿي آهي. هن درسگاهه جا شاگرد تمام گهڻا رهيا آهن. انهن منجهان مولانا عبدالڪريم بن غلام حسين مگسي صاحب به هڪ آهي. مولانا صاحب "استاد وڏي" جي لقب سان گهڻو مشهور ٿيو. سندس جنم ١٢ ربيع الاول ١٣٠٢هه الموافق ٢٩ ڊسمبر ١٨٨٤ع بروز سومر تي ڳوٺ فيروزشاهه ۾ ٿيو.[٨٢] پاڻ فارسي، علم صرف ۽ علم نحو "مدرسه جامع العلوم" فيروزشاهه ۾ استاد مولانا گلاب الدين چنو صاحب کان ورتائين. ان کان پوءِ "مدرسه ٽي تلاءَ" حيدرآباد ۾ مولانا عبداللطيف وٽ سال کن پڙهيو. اتان موڪلائي "مدرسه ٽوڙي پوڙ" نزد دادو ۾ مولانا محمد صالح سيالن واري وٽ حاضر ٿيو. اتي به ڇهه مهينا پڙهيو. اتي سيد امير محمد شاهه صاحب اميناڻي شريف وارو به سندس هم سبق هو. ان کان بعد ميهڙ جي مشهور عالم ۽ مسلّم ولي الله مولانا الاهي بخش ايري صاحب وٽ ڳوٺ ٻانهو لاڪير نزد منگواڻي پڙهڻ لاءِ حاضر ٿيو. اتي سنڌ جي مشهور شخصيت مولانا دين محمد "اديب" فيروزشاهي صاحب سندس هم سبق رهيو. ان کان بعد "مدرسه دارالفيوض" ڳوٺ سوڀو خان مگسي ۾ مولانا محمد اسماعيل مگسي صاحب وٽ پڙهڻ ويو. آخر ۾ پنهنجي اباڻي ڳوٺ ۾ "مدرسه جامع العلوم" فيروزشاهه ۾ مولانا عبدالرحمٰن چنو صاحب وٽ رهيل ڪتاب مڪمل ڪري فارغ التحصيل ٿي دستار فضيلت ٻڌائين.[٨٣] تحصيل علم جي فراغت کان بعد اتي ئي فيروزشاهه ۾ هڪ سال تائين

پنهنجي استاد جي زير نگراني تدريس جي خدمت تي مامور رهيو. اتي فارسي ۽ عربيءَ جي تعليم ڏيندو رهيو. ان کان بعد "مدرسہ راشديہ" ٺلاهه شريف نزد باقراڻي لاڙڪاڻي ضلعي ۾ ٻن سالن تائين تدريس ڪيائين. اتي ان وقت مولانا دين محمد "وفائي" ۽ مولانا عبدالحڪيم شاعر جن بہ استاد مقرر هئا. اتي ان وقت سنڌ جو مشهور عالم ۽ گادي نشين بزرگ مولانا محمد قاسم مشوري بہ زير تعليم هو. مولانا غلام مصطفىٰ مگسي صاحب جي اصرار تي ١٩١٩ع ۾ "مدرسه دارالفيوض" سوڀو خان مگسي ۾ تدريس ڪرڻ لڳو. فيروزشاهه منجهان هجرت ڪري هميشہ لاءِ ڳوٺ سوڀو خان مگسي ۾ گهر اڏي ويٺو ۽ پنهنجي پوري زندگي هن مدرسي جي نالي ڪري تدريس جي خدمت ڪندو رهيو.

پاڻ تصوف جي سلسلي ۾ ٽن بزرگن سان وابستہ رهيو. ميان مخدوم داد محمد ولد ميان غلام حيدر ڪنڀار سان قادري سلسلي ۾ وابستہ هو، نقشبندي سلسلي ۾ خواجہ محمد عمر جان چشموي ڪوئٽہ وارن سان وابستہ رهيو ۽ چشتي سلسلي ۾ هندستان جي ڪنهن بزرگ سان غائبانہ خط و ڪتابت ذريعي واسطو قائم ڪيائين. پاڻ هڪ شادي ڪيائين، جنهن منجهان کيس ٽي نياڻيون ۽ چار پٽن جو اولاد ٿيو. ١.مولانا عبدالباقي، ٢.نورنبي، ٣.غلام حسين، ٤.عبدالباري. پاڻ سڄي زندگي تدريس سان وابستہ رهيو ۽ وقت جي مسئلن تي فتوىٰ نويسي ۾ بہ ماهر هو. سندس تحريرون ڪورٽن ۾ بہ قابل قبول هونديون هيون. پاڻ تصنيف جي سلسلي ۾ بہ خدمت ڪندو رهيو. جنهن ۾ فتوىٰ ڪريمي، ڪتاب النحو، هٽن پيرن چمڻ جو مسئلو ۽ شرح قصيده غوثيہ شامل آهن. سندس زندگي جو سارو عرصو ڪامل استاد جي حيثيت ۾ فارسي ۽ عربي پڙهائيندي گذريو. جنهن ڪري سنڌ ۽ بلوچستان ۾ سندس شاگردن جو هڪ وسيع حلقو آهي. پاڻ اڌ صديءَ کان وڌيڪ عرصو مدرسه دارالفيوض سوڀو خان مگسي ۾ تدريس جي خدمت ڪندو رهيو. سندس وفات ٢ صفر ١٣٩٢هه الموافق ١٨ مارچ ١٩٧٢ع بروز ڇنڇر تي ٿي. کيس ان مدرسي جي احاطي ۾ دفن ڪيو ويو.

٢٨ مفتي عبدالله چانڊيو

الله رب العزت حضرت انسان کي اتم ۽ اعلىٰ صفتن سان پُر فرمائي پنهنجي تخليق جي شاهڪار جو مظهر فرمايو آهي. هر انسان ۾ رب العزت ڪانئ ڪا خوبي اتم درجي جي رکي هوندي آهي. هاڻي اهو حضرت انسان جي پنهنجي جدوجهد ۽ ڪاوشن تي مبني آهي، ته هو پنهنجي ان خوبيءَ کي سچائي صحيح مقصد خاطر استعمال ڪري ٿو يا لايعني ڪمن ڪارين ۾ پنهنجو جيون برباد ڪري ٿو. سنڌ ڌرتيءَ جي گود منجهان بيشمار ناياب علمي گوهرن وقتًا فوقتًا جنم وٺي پنهنجي جنم ڀوميءَ کي پنهنجي عظيم اعمال ۽ ڪردار سان هميشه سرسبز ۽ شاداب رکيو آهي ۽ وري بدلي ۾ تاريخ جي ورقن انهن سپوتن کي پنهنجي اندر هڪ خاص مقام عطا ڪري هميشه لاءِ امر بڻائي ڇڏيو.

سرزمين سنڌ جي جهوليءَ منجهان ميهڙ تعلقي جي ڳوٺ موجهڙ جهڙي پسمانده علائقي ۾ محترم پيارو خان چانڊيو جي گهر ۾ جمادي الاول ١٣٧٥هه مطابق جنوري ١٩٥٦ع ۾ هڪ عملي ۽ علمي هيري جنم ورتو.[٨٤] سندس نالو الله رب العزت کي سڀ کان وڌيڪ پسنديده ٻن نالن منجهان هڪ نالي عبدالله سان سجايو ويو. هن شخصيت جو علم ۽ ڪردار پنهنجو ثبوت پاڻ پيش ڪندو آهي. سندس چهري تي نظر پوڻ سان ئي محسوس ٿي وڃي ٿو، ته واقعي اجان سنڌ جون امڙيون اهڙا ناياب گوهر پيدا ڪن ٿيون جن جو ديدار ڪرڻ به ڪنهن زيارت کان گهٽ نه آهي. جڏهن ساڻس ويهي ڪچهري ڪجي ٿي ته سندس علم ۽ عمل پاڻ پيا جهلڪندا محسوس ٿيندا آهن. سندس اندر موجزن علم جو سمنڊ علمي نقطن ۽ ڳالهين منجهان پيو عيان ٿيندو آهي ۽ سندس ڪردار پيو ٻڌائيندو آهي ته واقعي هي سلف صالحين جي باقيات آهي. مفتي عبدالله صاحب پنهنجي ابتدائي ديني تعليم ”مدرسه خادم العلوم“ سيد پور ۾ مفتي غلام حسين ڪارو چانڊيو ۽ مفتي غلام مصطفىٰ ڪارو چانڊيو صاحب جن کان حاصل ڪئي. درس نظامي اتي ئي مڪمل ڪيائين ۽ تخصص به اتي ئي پورو ڪيائين. دنياوي تعليم جي سلسلي ۾ سيدپور جي پرائمري اسڪول منجهان پنج درجا استاد دين محمد چانڊيو صاحب وٽ پڙهي پورا ڪيائين. مفتي عبدالله صاحب پڙهائي ۾ تمام ذهين هوندو هو. پاڻ جڏهن وڏن

ڪتابن ۾ پهتو ته پنهنجي استاد محترم جي حڪم سان اتي ننڍن ڪتابن وارن طالبن کي پڙهائڻ شروع ڪيائين. درس نظامي مڪمل ڪرڻ تي ڪيس دستارفضيلت لاءِ چيو ويو. پاڻ پنهنجي استادن محترمن کي عرض ڪيائين ته سائين دستاربندي جي ضرورت نه آهي، مان هميشه هڪ طالب علم جي روپ ۾ رهڻ چاهيان ٿو. پوري زندگي پڙهڻ کي ترجيع ڏيندس، پنهنجي سڄاڻپ سدائين هڪ طالب علم جي حيثيت سان ڪرائڻ گهران ٿو. پنهنجي استادن کي منٿ ڪري مروجه دستاربندي ڪونه ڪيائين.

فراغت ڪان بعد اتي ئي پنهنجي استادن جي زيرنگراني تدريسي خدمت ۾ مصروف ٿي ويو. ساري زندگي استادن جي زير نگراني تدريس سان منسلڪ رهيو. ٢٠٠٥ع ۾ جڏهن مفتي غلام مصطفىٰ صاحب ميهڙ جي بلاول ڪالوني ۾ ”مدرسه خادم العلوم“ قائم ڪيو ته ڪيس پاڻ سان گڏ تدريس ۾ معاونت لاءِ وني آيو. هت هڪ مُدرس جي حيثيت سان ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين. پاڻ مفتي غلام مصطفىٰ صاحب جي وفات ڪان بعد هن مدرسي جو ناظم تعليمات آهي. پاڻ ٢٠١١ع ۾ سرگودا جي بزرگ مولانا محمد الياس گهمن صاحب جن سان دست بيعت ٿيو. شيخ صاحب ٿورڙي ئي عرصي ۾ سندس علم، ادب، ڪردار ۽ عبادت ڪان متاثر ٿي چئني سلسلن جي خلافت به عطا ڪيس. پاڻ ميهڙ ۾ تصوف جي سلسلي ۾ ذڪر اذڪار ڪرائڻ شروع ڪيائين. سندس شخصيت ڪان عوام متاثر ته پهريان هو، جنهن ڪري وٽس دست بيعت ٿيڻ شروع ٿيو. هن وقت سندس دست بيعت مريدن جو ڪافي تعداد آهي. ان ۾ ميهڙ ۽ آسپاس جا ماڻهو شامل آهن. پاڻ سلسله چشتيه ۽ سلسله قادريه جو ذڪر ڪرائيندو آهي. الله رب العزت ڪيس علم ۽ عمل جي دولت سان مالا مال فرمايو آهي. پاڻ علم نحو، علم فقه، علم ميراث ۽ علم تصوف جو قابل ترين مُدرس آهي. سندس نوراني چهري منجهان سندس پاڪيزه ڪردار جي مهڪ پري ڪان ئي محسوس ڪري سگهجي ٿي. پاڻ پنهنجي استادن وانگر دل جو تمام گهڻو سخي انسان، بهترين ۽ جيّد عالم باعمل، قابل ترين مُدرس، مهمان نواز، قوم جو درد دل ۾ رکڻ واري هستي ۽ قابل اتباع ڪردار جو مالڪ آهي. سندس حسن اخلاق جي گرويده انسانن جو هڪ هجوم اڪثر سندس خدمت ۾ حاضر نظر ايندو آهي. وٽس عالم سڳورا، آفيسر، يونيورسٽين جا شاگرد، شهر جا معزز

ماڻهو، اديب ۽ غريب عوام پنهنجا مسئلا حل ڪرائڻ جي سلسلي ۾ دعائن لاءِ حاضر ٿيندا آهن، انهن سڀني جي بلاتفريق خدمت ڪئي ويندي آهي. سندن مسئلا ڏاڍي محبت سان ٻڌا ويندا آهن. انهن جو حل قرآن مجيد ۽ احاديث رسولﷺ جي روشني حل ڪيا وڃن ٿا. مفتي عبدالله صاحب وٽ ميراث جي تقسيم جا بہ اڪثر مسئلا ايندا آهن، پاڻ انهن جي ورهاست قرآن مجيد ۽ حديث رسول ﷺ جي روشني ۾ ڪندو آهي. ميراث بابت اڪثر فتوائون ايندڙون اٿس. ڪورٽن ۾ بہ اڪثر مسئلن لاءِ سائين ڏانهن رجوع ڪيو ويندو آهي.

٢٩ مخدوم عبدالله فيروزشاهي

مخدوم عبدالله فيروزشاهي حضرت بهاؤالدين زڪريا ملتاني جي خليفن منجهان هڪ ڪامل درويش بزرگ هو. سندس ڪشف ۽ ڪرامتون تمام گهڻو مشهور هيون. انهن ڪرامتن جي ظاهر ٿيڻ ڪري ڪيس "وِڄُ" جي لقب سان مشهور ڪيو ويو. اڄ تائين ماڻهو ڪيس "پيرُ وِڄُ" جي لقب سان ئي ياد ڪندا آهن. هن الله واري بزرگ جو مرقد فيروزشاهہ ۾ اڄ بہ مشهور ۽ معروف آهي. ڪن روايتن موجب هي بزرگ هڪ ڳوٺ عالم پور ۾ رهندو هو. پاڻ اتي ئي ذڪر خدا ۾ مشغول رهيو. سندس وفات بہ ان ئي ڳوٺ ۾ ٿي. ڪيس انهيءَ ڳوٺ ۾ ئي دفن ڪيو ويو هو. ڪجهہ وقت کان بعد سنڌو درياءَ جي پاڻي ۾ هي ڳوٺ ٻڏڻ لڳو تہ شهر جي هڪ نيڪ دل حاجي سلطان کي خواب ۾ اشارو مليو تہ مخدوم عبدالله صاحب جي جسم کي اتان ڪڍي فيروزشاهہ ۾ دفن ڪيو وڃي. انهيءَ بزرگ ان خواب جو تذڪرو مخدوم صاحب جي اولاد سان ڪيو. بالآخر سندس جسم کي اتان ڪڍي فيروزشاهہ ۾ دفن ڪيو ويو. سندس اولاد بہ اتان اچي فيروزشاهہ ۾ رهائش پذير ٿيو. مخدوم صاحب کي ٽن پٽن جو اولاد ٿيو. انهن جا نالا مخدوم ابراهيم، مخدوم احمد ۽ مخدوم اسحق هئا. انهن منجهان مخدوم ابراهيم جو اولاد نسل در نسل عالم، حافظ، درويش ۽ اهل الله ٿيندا آيا. باقي ٻين منجهان بہ اڪثر عالم ٿيا، سندن اولاد ميهڙ تعلقي ۾ موجود آهي. فيروزشاهہ جو علمي گهراڻو بہ مخدوم عبدالله پير وِڄ جو اولاد ئي آهي. هن بزرگ جو شمار ستين صدي هجري جي اوليائن ۾ ٿئي ٿو.

٣٠ مولانا عبدالمجيد فيروزشاهي

هيءُ بزرگ علامه عطاءُالله فيروز شاهيءَ جو ڏاڏو هو. مولانا صاحب ننڍپڻ ۾ ئي يتيم ٿي پيو. ان زماني ۾ مولانا محمد صادق ڳچيرائي (تعلقو مورو) وارو انهيءَ ڳوٺ ۾ آيو. پاڻ تعليم حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ مولانا محمد صادق جي خدمت ۾ حاضر ٿيو، وٽس فارسي ۽ عربيءَ جي تعليم نحو تائين حاصل ڪيائين. انهيءَ وقت ۾ مولانا صاحب وٽ سندس سبقن ۾ ناغا ٿيڻ لڳا، تنهنڪري مولانا صاحب ڪان رخصت گهريائين، جنهن تي مولانا صاحب ڪيس تنبيهه ڪئي ۽ اجازت نہ ڏني. مولانا محمد صادق صاحب ڪي خواب ۾ ڪنهن مماتي واري بزرگ[٨٥] فرمايو تہ هن (عبدالمجيد) کي اجازت ڏي تہ ڪٿي وڃي پڙهي ۽ ڪانئس معافي بہ وٺ. انهيءَ خواب کان پوءِ مولانا محمد صادق هن کي اجازت بہ ڏني، هڪ رپيو راهہ خرچ طور ۽ هڪ چادر بہ ڏني. مولانا صاحب اتان سڌو مٽيارين طرف رخ رکيو. ان زماني ۾ مولانا محمد عثمان شهيد متعلوي، جو مدرسو مشهور هو ۽ مولانا جي استعداد ۽ پڙهائي جو چرچو هوندو هو. پاڻ مولانا صاحب وٽ حاضر ٿيو، ڪيس پهرين نظر ڏسندي ئي مولانا محمد عثمان صاحب فرمايس تہ "بابا! ڪاٿي هئين؟ دير سان آيو آهين، تنهنجي لاءِ تہ اڳيئي مون کي سيدنا شيخ عبدالقادر جيلاني رحمت الله عليه خواب ۾ سفارش ڪري ڇڏي آهي!"[٨٦] پوءِ هن بزرگ، مخدوم صاحب کي شفقت سان پڙهايو ۽ هو پنهنجي استاد جو خاص خادم ٿي رهيو. پنهنجي استاد لاءِ سنڌو درياءَ مان پاڻي پري ايندو هو. اتي ئي فارغ التحصيل عالم ٿيو. انهيءَ زماني ۾ مٽيارين ۾ الهہ بندو نالي هڪ فقير هوندو هو، جنهن مخدوم عبدالمجيد کي چيو تہ "بابا! هڪ هوا لڳندي، ان مان توکي سِلهہ ٿيندي، ان دوران ئي تنهنجي وفات ٿيندي."[٨٧] خدا جي قدرت ٿيو بہ اِيئن. مولانا عبدالمجيد فيروزشاهي جي وفات تيرهين صدي جي نصف جي قريب ٿي.

جڏهين مخدوم صاحب ڳچيري ۾ پڙهندو هو تڏهن ان وقت جو ڪنيارين وارو بزرگ اتي آيو. ان وقت مولانا عبدالمجيد "هداية النحو" پڙهندو هو. ڪنيارين واري بزرگ اول پنهنجي صاحبزادي کان ڪو قاعدو پڇيو يا ڪتاب جو ڪو مقام پڇيو، جنهن جو جواب صاحبزادي کي نہ آيو، ان کان پوءِ مولانا عبدالمجيد کان پڇيائين، جنهن جواب صحيح عرض

ڪيو. ان تي بزرگ فرمايو تہ "ذالك فضل الله يؤتيه من يشاء". (اهو الله جو ئي فضل آهي، جنهن کي وڻيس تنهن کي ڏئي.) دستاربنديءَ کان بعد مولانا صاحب ڳوٺ فيروزشاهہ جي پرسان ٻن ميلن جي پنڌ تي "ناري" نالي هڪ ڳوٺ ۾ جتي سادات رهندا آهن، انهن کي پڙهائڻ لاءِ مدرسو کوليو. فيروزشاهہ ۽ ناري جي وچ ۾ ان زماني ۾ رستي جي ٻنهي پاسن سخت جهنگ هوندو هو، مگر مولانا عبدالمجيد هر جمعي جي رات پنهنجي ڏاڏي مخدوم عبدالله "پِيروِچ" جي مزار تي ايندو هو ۽ چاليهہ دفعا ياسين شريف پڙهندو هو. تلاوت جي دوران هڪ ڪاريهر نانگ بہ ظاهر ٿي ويهندو هو، مگر هي بزرگ بنا هراس جي ورد پورو ڪري ناري ڳوٺ ڏانهن موٽي ايندو هو.[٨٨] ان کان بعد اچي فيروزشاهہ ۾ رهڻ لڳو. آخري دم تائين فيروزشاهہ ۾ ئي رهيو. ڪيس هڪ پٽ ٿيو مولانا خير محمد، هي بہ وتس عالم ٿيو. مولانا خير محمد مولانا عطاءُالله فيروزشاهي جو والد صاحب آهي.

٣١ مولانا عبدالواحد چانڊيو

مولانا عبدالواحد بن جيئند خان ساڪاڻي چانڊيو ڳوٺ ٻهاول شاخ وارياسو تعلقو ميهڙ ۾ ١٣٦٧هہ مطابق ١٩٤٨ع ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ناظره قرآن مجيد مفتي غلام حسين ڪارو چانڊيو صاحب وٽ ڳوٺ سيدپور ۾ پڙهيو. ان کان بعد حفظ "مدرسه عربيه دارالقرآن ميهڙ" ۾ قاري محمد ڏيرو، قاري محمد ابراهيم چنو ۽ قاري محمد صادق شيخ نصيرآباديءَ وٽ مڪمل ڪيائين. حفظ مڪمل ڪرڻ کان بعد تقريبًا پنج سال پنهنجي زمينن منجهہ هارپو ڪندو رهيو. ان کان پوءِ درس نظامي "مدرسه قاسم العلوم ڪڙيو غلام الله" منجهہ مولانا حافظ تاج محمد ڪوهارو ۽ مولانا غلام رسول ڪوهارو صاحب وٽ مڪمل ڪيائين. ان کان بعد دوره تفسير مولانا محمد حسن بازري وٽ پڙهيو. درس نظامي جي فراغت کان بعد پنهنجي استاد محترم مولانا تاج محمد ڪوهاري جي حڪم موجب "جامعه عربيه تاج الاسلام" جي نالي سان مدرسو سيوهڻ شريف جي نزديڪ قاضين واري مسجد ۾ قائم ڪيائين. ان مدرسي جي قائم ڪرڻ ۾ سيد تراب علي شاهہ صاحب گادي نشين سيوهڻ درگاهہ شهباز قلندر جو تمام گهڻو هٿ هو. اتي سندس معاونت لاءِ سندس سؤٽ مولانا عبدالرحمٰن چانڊيو صاحب بہ موجود

هو. اتي سيوهڻ جي مدرسي ۾ ساڍا ڇهه سال تدريسي خدمت ڪندا رهيا. ليڪن توحيد جي هن متوالن کي اتي بہ برداشت نہ ڪيو ويو. سندن حد کان وڌيڪ مخالفت ٿي، جنهن ڪري اهو مدرسو ڇڏي ميهڙ جي وحدت ڪالونيءَ ۾ ڏيڍ جريب زمين خريد ڪري سن ١٩٨٨ع ۾ ”مدرسه تاج الاسلام ميهڙ“ قائم ڪيائون. مولانا عبدالواحد چانڊيو صاحب قابل مُدرس رهيو آهي. پاڻ ڏاڍي مهارت سان تدريسي خدمت سرانجام ڏيندو رهيو آهي. پاڻ هرسال باقائدگيءَ سان تراويحن ۾ ختم شريف پڙهائيندو آهي. پاڻ علم صرف، نحوَ، تفسير ۽ فقه جو قابل ترين مُدرس آهي. هن بزرگ جي ڳالهين منجهان حڪمت ۽ دانائي ٽپڪندي محسوس ٿيندي آهي. پاڻ عالم باعمل شخصيت جو مالڪ آهي. سندس وٽان ڪيترا ئي عالم دستاربندي ڪري ويا آهن. انهن ۾ مولانا حبيب الله ڪوهارو ڪڙيو غلام الله، مولانا غلام مصطفیٰ ہبر ڪڪڙ، مولانا عبدالاحد وئينس قمبر، مولانا عبدالحميد چانڊيو قمبر، مولانا حسين احمد جوڻيجو خيرپور ناٿن شاھ، مولانا عبدالرحمٰن ڪابورو مخدوم بلال، مولانا امان الله پنو اوباوڙو، مولانا سڪندر لغاري دولتاڻي خيرپورناٿن شاھ، مولانا احمد خان لغاري دولتاڻي خيرپورناٿن شاھ، مولانا عبدالستار لغاري دولتاڻي خيرپورناٿن شاھ، مولانا حافظ غلام نبي چنو سابق پروفيسر وارھ، مولانا رفيق احمد سولنگي چنڊڻ ۽ مولانا آصف سولنگي چنڊڻ سرفهرست آهن.

٣٢ مولانا عبدالوهاب گلال

الله رب العزت انسان کي محترم ۽ مڪرم بڻايو آهي. انسان ۽ جنات کي پيدا ڪرڻ جو سبب پاڻ ئي قرآن پاڪ ۾ ارشاد فرمايو آهي تہ: وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْاِنْسَ اِلَّا لِيَعْبُدُوْنِ○ ترجمو. مون جنات ۽ انسانن کي صرف پنهنجي عبادت جي لاءِ خلقيو آهي.[٨٩] انسان جي پيدائش جو مقصد بہ اهو ئي آهي تہ هو پنهنجي رب جي فرمانبرداري ڪندي پنهنجي زندگيءَ کي ان رستي تي گذاري جنهن جو حڪم الله رب العزت فرمايو آهي. دنيا دارالعمل آهي ۽ آخرت جي پوک آهي، جيڪو هِت پوکبو اهو ئي اڳتي هلي لڻبو. چَين، سڪون ۽ آرام جي جاءِ اڳتي آهي. هي دنيا محنت ڪرڻ جي لاءِ آهي. اڳتي اڙانگو سفر آهي، موت کان بعد ڏاڍو ڏکھو رستو آهي. ان سفر لاءِ ثمر هِتان

ڪٽي هلڻو پوندو، بنا ثمر جي اُتي رڳو حسرت ۽ ندامت ئي هوندي. ان لاءِ هر انسان سوچي سمجهي قدم کڻي. اهڙي سوچ رکندڙ انسان ئي عقل وارو هوندو آهي. ڪجهه انسان اهڙا به عظيم ٿيندا آهن، جيڪي پنهنجو اٿڻ ويهڻ، کائڻ پيئڻ، گهمڻ ڦرڻ، گهر ۽ گهر کان ٻاهر جي زندگيءَ ۾ سنت نبوي جو ثبوت هوندا آهن ۽ اهڙن عقلمند انسانن جي صف اول ۾ مولانا عبدالوهاب گلال به هڪ آهي. مولانا عبدالوهاب گلال عظيم استادن جو عظيم شاگرد ۽ عظيم علماء ڪرامن جو عظيم استاد هو. مون جنهن به اڄ جي موجوده دؤر جي عمر رسيده بزرگ اهلِ علم کان مولانا عبدالوهاب گلال جي باري ۾ پڇيو ته انهن ٻڌايو ته اسان پنهنجن وڏن ۽ اساتذه ڪرامن کان اهو ٻڌو ته مولانا عظيم عالم، مفڪر، دانشور، بهترين شاعر، متقي، سادگي پسند انسان، شريعت جو پابند، بهترين ۽ پنهنجي وقت جو مجيل حڪيم ۽ علم سان بي حد لڳاءُ رکڻ وارو انسان هئڻ سان گڏوگڏ مشهور مناظر اسلام به هوندو هو. سنت نبوي جو جيئرو جاڳندو مثال هوندو هو. سائين پنهنجي پوري زندگي سنت رسولﷺ مطابق گذاري. ڪڏهن ڪنهن دنياوي طاقت کان مرغوب نه ٿيو.

مولانا عبدالوهاب بن عبدالڪريم گلال ميهڙ شهر سان متصل ڳوٺ گاهي مهيسر ۾ ١٣٠٢هه مطابق١٨٨٥ع ۾ پيدا ٿيو.[٩٠] ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ گاهي مهيسر مان حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ وڌيڪ تعليم جي لاءِ ان وقت سنڌ جي نامور ۽ مشهور ديني درسگاهه دارالفيض سونو جتوئي ۾ داخلا ورتائين. مفتي ابوالفيض غلام عمر جتوئي (١٨٤٧_١٩٣٤) کان ان وقت جي مروجه نصاب جا مڪمل ڪتاب پڙهي فارغ التحصيل ٿيو. آغا محمد عمر جان نقشبندي خانقاه چشمه شريف سان سلسلي نقشبندي ۾ دست بيعت ٿيو. فراغت کان بعد گاهي مهيسر ۾ مادرعلمي ۾ درس و تدريس سان تاحيات وابسته رهيو. ان کان علاوه علم طب به حاصل ڪيائين. جهالت جي خلاف علم جو ڏيئو ٻاري ۽ جسماني بيمارين جي خلاف صحت و آفيت جي تدبير کان ڪم وٺي هڪ صحتمند معاشرو قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. مولانا گلال صاحب پرجوش خطيب پڻ هو. تحريڪ خلافت جو اڳواڻ به هو ۽ جمعيت العلماءِ هند ميهڙ شاخ جو سرگرم اڳواڻ هو[٩١] ته ان سان گڏ پنهنجي وقت جو مقبول شاعر به هو. حمد، نعت، منقبت

۽ غزل تي سندس شاعري مشتمل آهي. پاڻ عقائد ۽ اعمال سان گڏ اصلاح احوال تي مشتمل جمعي جا خطبات سنڌي ۾ لکيائين تحريڪ خلافت جي جلسن ۾ مسلمانن کي سجاڳ ڪرڻ سان گڏ خلافت جو همنوا بڻائڻ لاءِ نظم پڻ پڙهندو هو. مولانا صاحب هڪ شادي ڪئي. جنهن منجهان ڪيس هڪ ڌيءُ ۽ ٽي پٽ پيدا ٿيا، عبدالرحمن، عبدالڪريم ۽ عبدالمجيد.

پاڻ علامہ ابوالفيض جو شاگرد ۽ حضرت مشوري جو استاد ٻائي هو. مناظر اهل سنت علامہ اڪرم الدين دبير (وفات ۱۹۴٦) ضلع جهلم جو شيعت جي رد ۾ عوام الناس ۾ مقبول ۽ مشهور ڪتاب ” آفتاب هدايت رد رفض و بدعت“ کان تمام گهڻو متاثر هو ۽ ان طرز تي شيعت جي رد ۾ سنڌي زبان ۾”تحفة الوهاب“ ڪتاب لکيائين. ان ۾ اردو نظمون اڪثر آفتاب هدايت مان اخذ ٿيل آهن. ڪيس درس و تدريس، شعر و شاعري سان گڏ تصنيف و تاليف جي اهميت جو بہ احساس هو. هي ان جذبي جو نتيجو آهي جو پاڻ تحريري خدمتون بہ ڪافي سرانجام ڏنيون اٿس. سندس تصنيفن ۾ ۱.تحفة الوهاب (سنڌي ۾ بہ جلد) ڇپيل ۲. خطبات وهاب (جمعي جا خطبا) سنڌي نظم ۾ اڻ ڇپيل ۳. تفسير القرآن اڻ ڇپيل شامل آهن. ان کان علاوه عربي گرامر جا بہ ڪتاب، فارسي گرامر جو ڪتاب، عربي بول چال، اردو شاعري، سنڌي شاعري وغيره تقريبًا ٻارهن کان وڌيڪ اهڙا قلمي نسخا جيڪي ڇپائڻ لاءِ مولانا صاحب لکيا. پر افسوس جو سندس زندگي وفا نہ ڪئي ۽ دولت جي گهڻتائي سبب ڇپرائي بہ نہ سگهيو. اهي ڪتاب قلمي نسخن جي صورت ۾ رهجي ويا. اهي قلمي نسخا راقم سندس پوٽي ڊاڪٽر عبدالوهاب گلال صاحب وٽ ڏٺا ۽ ڪجهہ پڙهيا آهن. مولانا صاحب ۱۹۵۰ع ۾ وصال فرمايو. سندس مزار ڳوٺ گاهي مهيسر جي قبرستان ۾ واقع آهي.

٣٢ علامه حاجي عطاءُالله فيروزشاهي

مولانا حاجي عطاءُالله جي نسب جو سلسلو حضرت بهاؤالدين زڪريا ملتاني قدس سره جي خليفي عبدالله فيروزشاهي عرف "پِيروِڄ" سان ملي ٿو. مولانا صاحب ڳوٺ فيروزشاهه تعلقي ميهڙ ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم فيروزشاهه ۾ پنهنجي والد مولانا خير محمد وٽ ورتائين. ان کان بعد موري جي مشهور عالم مولانا عبدالرؤف مورائيءَ وٽ "شرح جامي" تائين پڙهيو. ان کان بعد پنهنجي استاد محترم کان اجازت وٺي شهدادڪوٽ ۾ مولانا نورمحمد ۽ سندس فرزند مولانا گل محمد شهدادڪوٽيءَ وٽ تعليم حاصل ڪرڻ لڳو، اتي ئي دستار فضيلت ٻڌائين. سندس شاگرد مولانا محمد صديق جي روايت آهي ته ٻه سال موري ۾ پڙهيو ۽ انهيءَ وچ ۾ ڳوٺ ڪونه آيو. شهدادڪوٽ ويندي، نئين ڳوٺ جي پتڻ کان درياءُ عبور ڪيائين. فيروزشاهه انهيءَ مقام کان چار ميل پري هو، ان هوندي به ڳوٺ والدين جي زيارت تي نه آيو ۽ سڌو شهدادڪوٽ هليو ويو. اتي ساندهه ٻه سال پڙهي تحصيل ڪيائين. سندس همدرس مولانا حسن الله صاحب پاٽائي هو، پر هو شادي واسطي ڪجهه ڪتاب رهائي، اڳي ئي دستاربندي ڪري ويو. مولانا صاحب سارو نصاب پورو ڪري پوءِ دستاربندي ڪئي. سندس استاد ڪيس ڏاجي ۾ حاجي حامدالله صاحب ميمڻ "لاڙائي" ٻيلي وارو (جو پڻ شهدادڪوٽ پڙهندو هو) ڏنو. مولانا حاجي حامدالله تمام ذڪي هو. وڏن ڪتابن جي مشڪل مقامات ۾ سندس تشفي نه ٿي، ان ڪري فيروزشاهه مان موڪلائي وري شهدادڪوٽ ۾ سڪر پڙهڻ ويو. اتي جو حال ڏسي وري فيروزشاهه آيو ۽ چيائين ته "مولاناً فيروزشاهيءَ کان وڌيڪ ڪو به تشفي ڏيئي نه سگهيو".

مولانا حاجي عطاءُالله علم حاصل ڪرڻ کان بعد پنهنجي ڳوٺ اچي مدرسو قائم ڪري بلااجرت ۽ معاوضي جي في سبيل الله تدريس، تقرير ۽ تحرير جي خدمت ۾ مصروف ٿي ويو. مولانا عطاءُالله ڏينهن جو پڙهائيندو هو ۽ رات جو عبادت ڪندو هو. سندس زبان وات ويندي به ذڪر خدا ۾ مشغول هوندي هئي. "اياك نعبد و اياك نستعين" گهڻو پڙهندو هو. سندس دستاربند شاگرد اٽڪل ٻه درجن آهن. جن مان پهريون مولانا حامدالله صاحب ۽ ٻيون مولانا محمد اسماعيل سومرو آهي. انهن ٻنهي بزرگن خوب پڙهايو

۽ وٽانئن بيشمار شاگرد دستاربندي ڪري نڪتا. سندس شاگردن مان ميان محمد آڳرو بہ نهايت فياض ۽ متقي هو. مولانا صاحب چوندو هو تہ "جي ادب کي صورت هجي ها، تہ ميان محمد جي شڪل اختيار ڪري ها". مولانا صاحب مقبول دعا ۽ صاحب همٿ هو. سندس مقبول دعائون مشهور آهن. هڪ دفعي باراني نماز پڙهائڻ سان ايترو مينهن وٺو جو واهہ وهي هليا! درياءَ فيروزشاهہ کي پاتو ٿي، شهر لڏي ويو، مگر مولانا نہ لڏيو ۽ آخر درياءَ چڏي ويو[٩٢]! سندس ڳوٺ ۾ ٻيو مڪڻ نمازي شخص هوندو هو. اهو مري ويو تہ ان جي قبر تي اچي چيائين تہ "ٻيو مغفور آهي!" اهي لفظ تمام تعجب سان چئي رهيو هو. کيس عرب مسافرن سان ڏاڍي محبت هوندي هئي. عرب هفتن جا هفتا سندس محبت ڪري وٽس رهندا هئا. ڪانئس پڇيو ويو تہ "عربن سان ايتري محبت ڪرڻ جو سبب؟" فرمايائين تہ "اهي شينهن جا پٽ آهن، سندن خدمت نہ ڪرڻ ڪري متان شينهن ناراض ٿئي."

پاڻ صاحب سوز هو. سماع سان گهڻي محبت هوندي هيس. مولانا محمد هاشم صاحب خطيب جامع مسجد نوابشاهہ، جيڪو وٽس پڙهيو هو، سو چوي ٿو تہ "تهجد جي وقت مون کي اٿاريندو هو، پاڻ نماز ۾ مشغول هوندو هو ۽ آءٌ غزل چوندو هوس. مون کي ننڊ وٺي ويندي هئي، تہ وري مون کي جاڳائيندو هو[٩٣]." مولانا صاحب فارسي جو تمام وڏو ماهر هو. عربي ادب تي ڪافي دسترس هئس. ان دور جا ڪيترائي عالم سڀئي پنهنجن مسئلن جي حل لاءِ وٽس حاضر ٿيندا هئا. مولانا صاحب تي تصوف جو رنگ بہ غالب هوندو هو. مثنوي مولانا روم، ديوان حافظ ۽ مڪتوبات امام رباني جو ايتري قدر مطالعو ڪيو هئائين جڻ اهي کيس برزبان ياد هوندا هئا. روهڙي ۾ وار مبارڪ جي زيارت لاءِ هر سال ويندو هو. ڪجهہ بزرگن جي مقبرن تي وڃي فاتحه بہ پڙهندو هو. تصوف جي رنگ ۾ رنگيل هئڻ ڪري آخري عمر ۾ تمام گهڻو روئندو ۽ گريہ ڪندو هو. پنهنجن شاگردن ۽ معتقدين جي زور پرڻ تي واعظ بہ ڪندو هو. سندس هڪ هڪ لفظ گوهر ناياب هوندو هو. کيس آخري عمر ۾ آگر ۾ نناٺو نڪتو، ان جي علاج لاءِ دادو ويو کيس ڏاڍي تڪليف هئي، اتي بہ مولوي حاجي محمد هاشم ساٿس گڏ هو. آخر انهيءَ بيماريءَ مان جانبر نہ ٿي سگهيو ۽ ١٥ رجب المرجب ١٣٢٥هہ مطابق ٢٤ آگسٽ ١٩٠٧ع بروز چنڇر هن فاني دنيا منجهان

ڪوچ ڪري عالم جاوداني جي راهه ورتائين. سندس مزار تي هڪ ڪوٺو ٺهيل آهي. مولانا هدايت الله هالائيءَ سندس وفات بابت فارسيءَ ۾ قطعه تاريخ لکيو ۽ پنهنجي هٿ سان ڪاشيءَ جي سر تي منقش ڪري، قبر تي چپسان ڪيائين. مولوي هدايت الله صاحب سندس تاريخ جو مادو "مغفره" (١٣٢٥) ڪڍيو آهي. مولانا صاحب ٻه شاديون ڪيون. ڪيس نرينه اولاد ڪونه بچيو. سندس هڪ نياڻي هئي، جنهن سان مولانا عبدالرحمان جو پوءِ نڪاح ٿيو. سندن ٻه اولاد ڪونه بچيو. مولانا مرحوم ڪي ظاهري حسن ٻه هو ۽ ان سان گڏ منجهس جاهه باطني ۽ رعب يزداني هو. وڏس وڏا آفيسر ٻه هيبت اچي ويهندا هئا. مولانا صاحب جا بيشمار شاگرد هئا، جن مان هيٺين جا نالا قابلِ ذڪر آهن: ١. مولانا حاجي حامدالله ميمڻ، ڳوٺ پيلو، تعلقو سجاول، ٺٽو ٢. مولانا احمد ڏاهري، ڳوٺ ڪرمپور، تعلقو سيوهڻ ٣. مولانا حزب الله هالائي وارو ۴. مولانا سرائي الله ڏتو، ٽنبوشهبازي، تعلقو سيوهڻ ۵. مولانا محمد آڳرو، ڳوٺ فيض محمد آڳرو ٦. مولانا محمد پريل آڳرو، ڳوٺ فيض محمد آڳرو ٧. مولانا سيد قطب شاهه، شاهه پنجو سلطان ٨. مولانا محمد اسماعيل سومرو ٩. مولانا مسعود ڪوڪر ١٠. مولانا حافظ محمد صادق ڪنير، ٽرڙي محبت ١١. مولانا الله بخش، تعلقو ڪنڊيارو ١٢.مولانا محمد لقمان، تعلقو مورو ١٣. مولانا محمد ادريس راڄپر، تعلقو مورو ١۴.مولانا محمد صديق، ڳوٺ پنجو چنو، نزديڪ سيوهڻ ١۵.مولانا رضا محمد ڏيرو ١٦.مولانا رضا محمد، دولتپور، تعلقو مورو ١٧. مولانا غلام محمد ملڪاڻي نقشبندي (١٢٧٦هه _١٣۵۴هه) ١٨. مولانا محمد ملوڪ ميهڙائي[٩٢].

٣٤ پيرآف ميهڙ سيد علي اڪبر شاهه

ميهڙ جي مٽي جتي علمي شهپارا پيدا ڪيا اتي هر ميدان جا شهسوار به قوم کي ارپي چڪي آهي. انهن شهپارن ۾ اسلامي سياست جي افق جو روشن ستارو سيد علي اڪبر شاهه صاحب به آهي. سيد علي اڪبر شاهه بن سيد احمد شاهه ميهڙ ۾ جنم ورتو.

ميهڙ شهر جي وچان ڪکول واهه وهي ٿو. شهر جي درميان ڪکول جي ڪناري تي هڪ قديمي جامع مسجد آهي. ان جامع مسجد جا روهڙي کان آيل بخاري سادات (سيد) جيڪي حضرت محمد شاهه مڪي جي اولاد مان آهن متولي رهيا آهن. ان جامع مسجد ۾ پيش امام ۽ شهر جي ٻارڙن کي قرآن مجيد جي تعليم سان آراسته ڪرڻ جي خدمت خوب ڪرڻ سان گڏ اڳواڻي به ڪندا هئا. هتي ٻارهين صدي ۾ سندن اچڻ ٿيو، جيڪو محض دين خاطر هو.[٩٥] سندن قائم ڪيل اهو ديني علم جو سرچشمو اڄان تائين قائم ۽ دائم آهي. ان سيد گهراڻي مان هڪ شخصيت جنهن تمام گهڻي شهرت حاصل ڪئي اها شخصيت سيد علي اڪبر شاهه صاحب جي هئي. سيد علي اڪبر شاهه بن سيد احمد شاهه ميهڙ ۾شوال ١٣١٨ھ مطابق فيبروري ١٩٠١ع ۾ جنم ورتو. سندس والد محترم مولانا سيد احمد شاهه صاحب ڳوٺ گهاڙي جي مدرسي مان ڪنهن بختيارپوري عالم سگوري وٽ پڙهيو هو ۽ مڪمل مروج درس نظامي پورو ڪري مستند عالم ٿيو. ان ڪانپوءِ پنهنجي جامع مسجد ۾ مدرسو قائم ڪري امامت سان گڏ شهر جي ننڍڙن ٻارڙن کي قرآن مجيد ناظره جي تعليم ڏيندو هو ۽ ماڻهن کي ديني مسئلا سمجهائيندو هو. ڪيس به فرزند سيد علي اڪبر شاهه صاحب ۽ سيد علي اصغر شاهه صاحب پيدا ٿيا. سيد احمد شاهه صاحب پنهنجن انهن معصوم ٻچڙن جي ٻچپن ۾ ئي وفات ڪري ويو. سيد احمد شاهه صاحب جي وفات کان بعد جامع مسجد ميهڙ ۾ مولانا محمد وارث لاکير صاحب جيڪو پنجابي پاڙ (ميهڙ) جو رهاڪو هو ۽ پاڻ رهڙي شريف جي مدرسي جو فارغ التحصيل عالم هو، امامت جا فرائض سرانجام ڏيڻ لڳو. سيد علي اڪبر شاهه صاحب قرآن مجيد جي ابتدائي تعليم پنهنجي والد بزرگ کان حاصل ڪئي. ان ڪانپوءِ سنڌي جا ڇهه درجا ميهڙ شهر ۾ شمس الدين بلبل صاحب جي قائم ڪيل اسڪول مان پڙهيو. مولانا الاهي بخش ايري صاحب وٽ به

ڪجهه سبق پڙهيائين. گاهي مهيسر واري مدرسي ۾ مولانا عبدالڪريم ديروي صاحب ۽ مولانا عبدالوهاب گلال صاحب جن وٽ پڙهيو.[٩٦] سيد صاحب مدرسي ۾ پڙهڻ سان گڏ اسڪول ۾ انگريزي تعليم بہ حاصل ڪندو هو.

سيد صاحب تعليم مڪمل ڪرڻ ڪانپوءِ ١٩٢٧ع ۾ جامع مسجد ۾ مدرسو قائم ڪيو.[٩٧] مدرسي کي وڌيڪ اعلىٰ درجي تي پهچائڻ لاءِ پنهنجي استاد مولانا ديروي صاحب کي جامع مسجد ۾ وٺي آيو. ان مدرسي جو نالو "مدرسه دارالقرآن"رکيو ويو. اتي مولانا ديروي صاحب درس وتدريس جي خدمت تي مامور رهيو. ان ڪانپوءِ جڏهن قاري محمد صاحب سعودي عرب مان پڙهي واپس پاڪستان آيو تہ مولانا ديروي صاحب کيس پاڻ سان گڏ مُدرس مقرر ڪري رکيو. سندس اچڻ سان مدرسي جي رونق ۾ وڌيڪ اضافو ٿيو. شاگردن جي تعداد وڌڻ جي ڪري گرڪڻ منجهان مولانا درمحمد پنهور صاحب کي گهرائي مُدرس مقرر ڪيو ويو. سيد صاحب مسجد جي پرسان حجرو ٺهرايو جتي تصوف ۽ طريقت لاءِ مطالعو ۽ غور وفڪر لاءِ چلہ ڪشي ۽ عبادت جو شغل جاري ڪيو ويو. ١٩٣٤ع ۾ حضرت مولانا پير غلام احمد مجتبىٰ سان نقشبندي سلسلي ۾ دست بيعت ٿيو. ١٩٣٨ع ۾ چاليهہ دوستن جي رفاقت ۾ حج ڪيائين. انهن دوستن مان مولانا مسجدي صاحب بہ هڪ هو، اتي هڪ سال رهيا. ١٩٣٩ع ۾ جڏهن واپس آيا تہ مسجد منزل گاهہ جو مسئلو شروع ٿيو. ان ۾ جماعت سميت شرڪت ڪيائين. ١٩٤٠ع ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي اجلاس لاهور ۾ پاڪستان جو ٺهراءُ منظور ٿيو. ان کان بعد باقائده پاڪستان تحريڪ ۾ ڪم ڪندي ساري هندستان جو دورو ڪيائين ۽ آل انڊيا مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪاميٽي جي ميمبر جي حيثيت سان قائداعظم، لياقت علي خان ۽ خان بهادر يار جنگ سان قريبي تعلقات رهيا. ان سلسلي ۾ حڪيم الامت مولانا اشرف علي ٿانوي، مولانا سيد سلمان ندوي ۽ مولانا شبير احمد عثماني جهڙن عالمن سان پاڪستان تحريڪ تي تبادلہ خيالات ڪندو رهيو. ١٩٤٥ع ۾ مسلم ليگ جي اليڪشن جي اميدوار جي حيثيت سان ساري برصغير پاڪ و هند ۾ پهرين نمبر تي ڪامياب رهيو.[٩٨] ١٩٤٦_٤٧ع ۾ پاڪستان تحريڪ ۾ پوري برصغير پاڪ وهند جا دورا ڪيائين ۽ پاڪستان ناهڻ لاءِ

قائداعظم سان گڏ ڪم ڪيائين. پاڪستان ٺهڻ کان بعد تبليغي، ديني، علمي ۽ ادبي مشاعرن ۽ ڪانفرنسن جون صدارتون ڪندو رهيو. پنهنجي مدرسي "دارالقرآن جامع مسجد ميھڙ" کي عروج تي رسائڻ جون ڪوششون ڪيائين. سيد علي اڪبر شاھ صاحب سياسي ۽ فلاحي خدمت ۾ دلچسپي وٺندو رهيو. ڪيس سياسي سرگرمين ۾ تمام گهڻي مصروفيت هوندي هئي. مولانا ديروي صاحب پاڻ مهتمم هوندو هو. جڏهن ديروي صاحب وصال فرمايو تہ قاري محمد صاحب کي مهتمم جي ذميواري سونپيائين.

ماڻهن ۾ تعليم جي گهٽتائي، غربت ۽ غلط ريتن رسمن جي پيدا ٿيڻ کي مد نظر رکندي سيد صاحب"انجمن اصلاح المسلمين" جو بنياد وڌو. هن انجمن جو ڪم ماڻهن ۾ پيدا ٿيل غلط رسمن جو خاتمو آڻڻ هو. ان سان گڏ مسلسل تعليمي ۽ سماجي ڪمن کي جاري رکندي ميھڙ ۾ نوجوانن لاءِ "يينگ مسلم ايسوسيئيشن" قائم ڪيائين. پنهنجي مدرسي اندر بالغن لاءِ لائبريري، ريڊنگ روم ۽ "نائيٽ اسڪول" پڻ قائم ڪيائين.[٩٩] انگريزن خلاف تحريڪ ريشمي رومال ۾ بہ ڀرپور نموني حصو ورتائين. ڦهرين خلافت تحريڪ ڪانفرنس لاڙڪاڻي ۾ ٿي، جنهن ۾ برصغير جا اڳواڻ شريڪ ٿيا. سيد صاحب ان ڪانفرنس کي ڪامياب بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ڪردار ادا ڪيو. ان ڪانفرنس ۾ ميھڙ منجهان هڪ وڏو هجوم وٺي شامل ٿيو. ڪيس ميھڙ ۾ خلافت تحريڪ جو سيڪريٽري ۽ ڪنوينر مقرر ڪيو ويو. ان سلسلي ۾ ساليانہ ڪانفرنسون وڏي پيماني تي ٿيون. انهن جو پڻ بندوبست ڪيائين. شڌي ۽ سنگهٺن جي اثرات کان بچڻ لاءِ تبليغ جي سلسلي ۾ تنظيم جو ڪم ۽ عالمن جي وفدن جو ڪم پڻ سيد صاحب ڪيو. ڪيترائي هندن سان مناظرا ساري سنڌ ۾ منعقد ڪرايائين.[١٠٠] ميھڙ ۾ هڪ عظيم الشان عيدگاھ پڻ تعمير ڪرايائين. جامع مسجد جي ڀنيان دڪان تعمير ڪرائي مسجد ۽ مدرسي لاءِ وقف ڪيائين. اهڙي ريت عيد گاھ جي لاءِ بہ ٻاهران دڪان ٺهرائي اهي بہ عيدگاھ لاءِ وقف ڪري ڇڏيائين.

سيد علي اڪبر شاھ صاحب پنهنجن عزيزن منجهان بہ شاديون ڪيون. ڦهرين گهرواري منجهان ڪيس ڪوبہ اولاد نہ ٿيو، ٻي گهرواريءَ منجهان ڪيس هڪ نياڻي پيدا ٿي ۽ هڪ پٽ جو اولاد ٿيو. جنهن جو نالو محمد رکيائين.[١٠١] سيد صاحب جي هن معصوم ٻچڙي جي پرورش ۾ مفتي

ڪريم بخش مگسي صاحب جو وڏو حصو آهي پاڻ سائنس بيحد محبت ڪندو هو. پنهنجن ٻچن وانگر پاليندو هو. سائنس ايتري قدر محبت هوندي هئس جو ان معصوم نينگر کي فرض نماز جي وقت به پنهنجي پر ۾ مصلو وڇائي ٻيهاريندو هو، تاڪ سندس چاهه دين سان وڌي ۽ کيس دين سان لڳاءُ پيدا ٿئي. کيس فارسي ۽ عربي جي تعليم ڏنائين. سندس هر طرح سان خيال رکندو هو. اڄ ڪلهه سيد محمد شاهه ابن سيد علي اڪبر شاهه صاحب ميهڙ ۾ وڏي عزت ۽ قدر جي نگاهه سان ڏٺو وڃي ٿو. پاڻ پنهنجي والد صاحب وانگر نهايت خدمتگار ۽ سماجي ڀلائي جي ڪمن ۾ اڳرائي ڪرڻ، هر بيوس ۽ لاچار جي مدد ڪرڻ لاءِ هر وقت ڪمر بستہ رهڻ، ڀلائي جي ڪمن جي ٻين کي بہ ترغيب ڏيڻ، متقي، پرهيزگار، باعمل ۽ بااخلاق انسان، شريعت سان پيار ڪندڙ، علماء و صلحاء جي دل سان عزت ۽ تعظيم ڪرڻ، هر مذهبي ۽ ادبي پروگرام ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ مذهبي ۽ ادبي پروگرام منعقد ڪرائڻ وغيره سندس شيوا ۽ سڃاڻپ آهي. کيس پوري سنڌ پير آف ميهڙ جي لقب سان سڃاڻندي آهي. پاڻ پير ٿي ڪري ڪڏهن بہ ڪنهن تي اهو تاثر قائم نہ ڪيو تہ هو ڪو پير آف ميهڙ آهي، بلڪ هر ملڻ واري سان دوستانہ ماحول ۾ اهڙو تہ رلي ملي ويندو آهي، جو هر نئون ماڻهو بہ ايئن سمجهندو آهي تہ سندس سالن کان وٺي سائنس ڪا ملاقات هجي. پاڻ يارويس، مهمان نواز، دين جو خدمتگار، علماء جي عزت ڪرڻ وارو ۽ ٻين جو درد دل ۾ رکڻ وارو انسان آهي. مطلب تہ سندس اندر پنهنجي والد صاحب واريون خوبيون موجود آهن.

سيد علي اڪبر شاهه صاحب هڪ عالم، درويش صفت انسان، سخي مرد، مصنف ۽ بهترين شاعر پڻ هو. سيد صاحب ساري زندگي فلاح ۽ بهبود جا ڪم ڪندي ٦ ربيع الثاني ١٣٨٩ھ مطابق ٢٢ جون ١٩٦٩ع بروز آچر هن فاني دنيا مان رحلت ڪئي.[١٠٢] کيس پنهنجي جامع مسجد جي اڳيان سپرد خاڪ ڪيو ويو. سيد علي اڪبر شاهه صاحب ميهڙ ۽ ميهڙ وارن جو محسن، چپر ۽ چانوَ هوندو هو. سندس وڇوڙي ڪيترن ئي ماڻهن کي لاوارث بڻائي ڇڏيو. سندس ساروڻيون ساري ماڻهو اڄ بہ بي تحاشا لڙڪ وهائڻ تي مجبور ٿي ويندا آهن.

٣٥ مفتي غلام حسين ڪارو چانڊيو

مفتي غلام حسين ولد امير بخش چانڊيو١٣٣٥ھ مطابق ١٩١٧ع ۾ ڳوٺ پانيڻ تعلقو خيرپور ناٿن شاھ ۾ پيدا ٿيو. ديني تعليم ڳوٺ ڪڙيو غلام الله ۾ مولانا محمد اسحاق ڪوھارو وٽان حاصل ڪيائين. تعليم حاصل ڪرڻ کان بعد تعلقي ميھڙ جي ڳوٺ سيد پور ۾١٩٤١ع ۾ "مدرسه خادم العلوم" قائم ڪري درس و تدريس جي خدمت ڪرڻ شروع ڪيائين. ڪيترائي فارغ التحصيل عالم هن مدرسي پيدا ڪيا آهن. مطلب سندس مدرسو علم جو درياء هو، پيو وهندو هو. پري پري کان طالب اچي هن مدرسي ۾ پڙهندا هئا. علم جي تعظيم ۽ تڪريم سندس زندگيءَ جو خاص مقصد هو. سندس اٿي ويهڻي، ڪاڏي پيتي ۽ سلام ڪلام ۾سنت جو اتباع نمايان نصب العين هوندو هو. ان سان گڏ فتويٰ ۽ تبليغ جو ڪم بہ ڪندو رهيو.[١٠٣] پاڻ باعمل عالم، بهترين مهمان نواز، متقي، پرهيزگار، حق گو، صلہ رحمي ڪرڻ وارو ۽ عمدا اخلاق جو مالڪ هو. سندس سڄي زندگي تعليم ۽ تدريس ۾ گذري.[١٠٤]سندس شاگردن ۾ مولانا تاج محمد ڪوھارو، مولانا غلام قادر چانڊيو، مولانا محمد بچل چانڊيو، مولانا غلام نبي چانڊيو، مولانا مفتي عبدالله چانڊيو، مولانا مفتي عبدالرحمٰن چانڊيو ۽ مولانا مفتي غلام مصطفيٰ ڪارو چانڊيو سرفهرست آهن. مفتي صاحب ظاهري توڙي باطني علمن ۾ اعليٰ مقام تي فائز هو. ديني علوم روحاني ۽ واعظ ۾ وڏو درڪ حاصل هئس. مفتي صاحب شاھ عبداللطيف جو پارکو هو. پاڻ تمام سٺي شاعري بہ ڪيائين. سندس لکيل حمد ۽ نعتون ڪافي مقبول ٿيون ۽ ڪيترن ئي حمد ۽ نعت خوانن سندس شاعري ڇپي آهي. سندس شاعري جو مجموعو ۽ سوين فتوائون سندس پٽ مولانا عبدالباسط وٽ قلمي صورت ۾ موجود آهن. پاڻ قاري محمد ڏيرو صاحب وٽ قرآن مجيد صحيح تلفظ سان سکڻ لاءِ حاضر ٿيو ۽ دورن ۾ بہ شريڪ ٿيو. پاڻ ١٤١٩ھ مطابق ١٩٩٨ع ۾ وفات ڪيائين.[١٠٥]

٣٦ مولانا غلام عثمان مهيسر

رهڙي شريف جي علمي خاندان جو هي علمي چراغ ١٢٩٧هه مطابق ١٨٨٠ع ۾ مولانا محمد صالح مهيسر صاحب جي گهر ۾ پيدا ٿيو. پاڻ جسماني طاقت ۾ ڪافي سَگهو هوندو هو. مَلهه وڙهڻ جو شوقين هوندو هو. ان کان بعد سندس واڳ ديني علم طرف وري ۽ پاڻ مڪمل تعليم پنهنجي والد مولانا محمد صالح مهيسر صاحب وٽ حاصل ڪيائين. تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي والد صاحب جي ماتحت مدرسي ۾ تدريسي خدمت سرانجام ڏيڻ لڳو. سندس تعليمي قابليت به قابل ديد هئي ته سندس باطني اصلاح به قابل افتخار هئي. پاڻ پنهنجي والد صاحب جي وفات کان بعد مدرسي کي عروج تي ڪٺي آيو. پڇڻ تي فرمائيندو هو ته ” جتي به مِٺو چشمو موجود هوندو آهي، اتي پري پري کان انسان ۽ پکي گڏ ٿي ويندا آهن. ساڻس گڏ سندس ڀاءُ مولانا غلام عمر صاحب به بحرالعلوم عالم ساڻس گڏ تدريسي خدمت ۾ شريڪ رهيو. سندن وٽ وقت جا علامه دوزانو ويهي تعليم حاصل ڪري چڪا آهن. انهن منجهان ڪجهه نالا هي آهن. مولانا شفيع محمد سوڍر ”مسجدي“، مولانا غلام عمر جتوئي سونو جتوئي، مولانا نورمحمد شاهه هاشمي، ٽي غلام ڀائر سوڍر، مولانا احمد خان سوهو ۽ مولانا محمد عثمان رند سرفهرست آهن. مولانا غلام عثمان صاحب کي الله رب العزت به فرزند عطا فرمايا. مولانا محمد صالح (سوئم) ۽ مولانا عبدالحي.[١٠٦] مولانا صاحب پنهنجي علمي زندگيءَ جو سفر ٢٠ شعبان ١٣٦٧هه مطابق ٢٨ جون ١٩٤٨ع بروز سومر تي پورو ڪري دارالبقا جي طرف راهي ٿيو.

٣٧ مولانا غلام عمر مهيسر

مولانا غلام عمر مهيسر ٢٨ محرم ١٢٧٩ھ مطابق ٢٦ جولاءِ ١٨٦٢ع بروز ڇنڇر رهڙي شريف ۾ پيدا ٿيو. پاڻ پنهنجي والد صاحب وٽان تحصيل علم ڪيائين. پاڻ ان وقت جو جيد عالم ۽ مفتي رهيو. سندس فتوائون تمام گهڻو مشهور ٿيون. سندس تدريس جو طريقو به قابل تعريف رهيو. ان وقت مدرسي ۾ تمام گهڻا شاگرد زير تعليم رهندا هئا. پاڻ تمام وڏي آواز سان پڙهائيندو هو، ڪيس ڪتابن جا شرح ۽ حوالا ازبر ياد هوندا هئا. سندس آواز اڌ مني ميل تائين پيو ٻڌڻ ۾ ايندو هو.[١٠٧] مولانا غلام عمر صاحب ٥ محرم ١٣١٩ھ مطابق ٢٤ اپريل ١٩٠١ع بروز اربع وفات ڪئي. ڪيس ڪوبه اولاد نه ٿيو. سندس وفات تي مولانا عبدالغفور همايوني ڏاڍو رنو ۽ فرمايائين ته "عالمن جو سج دنيا مان لڏي ويو."

٣٨ مولانا غلام محمد سوڍر

انسان کي الله رب العزت علم جي دولت سان نوازي اشرف المخلوقات جهڙي عظيم لقب سان نوازيو. انسان کي ڏاڍو محترم ۽ مڪرم بڻايائين. ڪجھ انسان الله رب العزت جي ٻڌايل رستي جي مخالف هلي پنهنجي هميشه جي زندگي کي گارت ڪري ڇڪا ته ڪجھ ان رستي تي هلي ڪامياب ۽ ڪامران بڻيا. ڪجھ انسانن ٻين لاءِ روشن شمع جو ڪم ڪري رهنمائي مهيا ڪئي آهي. اهڙن رهنمائن جي فهرست ۾ ڳوٺ اشرف سوڍر نزد قاضي عارف، تعلقه ميهڙ جا ٽي عظيم انسان به شامل آهن. ڳوٺ اشرف سوڍر ۾ هڪ دينداد شخص فقير محمد رمضان نالي رهندو هو. الله رب العزت ڪيس ٽي پٽ عطا فرمايا. اهي ٽئي پنهنجي وقت جا عظيم مُدرس ٿي گذريا آهن. پاڻ ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائون. ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ کان بعد هي ٽئي ڀائر مولانا غلام محمد، مولانا غلام رسول ۽ مولانا غلام نبي ان وقت جي عظيم درسگاهه رهڙو ۾ وڌيڪ ديني علم حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ حاضر ٿيا. ان وقت رهڙو شريف ۾ ديني علم جو فيض جاري هو. اتي ان وقت حضرت علامه غلام عمر مهيسر جهڙو قابل ترين عالم ۽ فاضل تدريس جي خدمت ۾ مصروف هو. هنن ٽنهي ڀائرن رهڙي شريف منجهان شريعت جي ظاهري ۽ باطني علم جي تحصيل کان

فراغت حاصل ڪري اچي پنهنجي ڳوٺ ۾ تدريسي خدمت ڪرڻ شروع ڪئي. ٿئي پائر جيّد عالم هئڻ سان گڏ بهترين شاعر ۽ عاشق رسول ﷺ هئا. شاعري ۾ ٿئي پائر "غلام" جو تخلص استعمال ڪندا هئا. ڪين رسول الله ﷺ جن جي طرف غلامي جي نسبت ڪرڻ ۾ خوشي ۽ فخر محسوس ٿيندو هو. ان وقت اهي ٿئي پائر "ٿي غلام پائر" جي لقب سان مشهور ٿيا. سندن علمي استعداد جو چرچو ٿيڻ لڳو. ٿئي پائر علم جا سمنڊ، فقيه، فلاسافر، شاعر ۽ عمدا مقرر پڻ هئا. مولانا غلام محمد تارڪ الدنيا ۽ سالڪ مجذوب درويش پڻ هو. پنهنجي ڳوٺ ۾ سندن فيض جاري هو، علم جا اڃايل پري پري کان اچي پنهنجي علمي اڃ اجهائيندا هئا.

ڪجهه وقت کان بعد مولانا غلام محمد صاحب پنهنجي اباڻي ڳوٺ کي ڇڏي ميهڙ جي عظيم علمي شخصيت رئيس شمس الدين "بلبل" سان گهري دوستي هئڻ ڪري سندس رفاقت ۾ رهڻ لاءِ ميهڙ ۾ وٽس مستقل رهائش اختيار ڪئي. ١٩١٩ع ۾ رئيس بلبل صاحب جي وفات کان بعد سندس فرزند رئيس ضياء الدين جي پرورش جو سمورو ذمو پاڻ تي کنيائين. اتي رئيس ضياء الدين کي پڙهڻ ۾ مدد ۽ معاونت ڪرڻ خاطر هڪ عربي ۽ انگريزي جي لغت کي ياد ڪيائين. رئيس ضياء الدين کي پڙهائيندي انگريزي جا ڪجهه ڪتاب مطالعو ڪيائين. ان ڪري پاڻ انگريزي زبان ۾ به ڪافي مهارت رکندو هو. پاڻ سنڌي، عربي ۽ انگريزي ۾ شاعري ڪيائين. سندس شاعري رئيس ضياء الدين وٽ محفوظ هئي. مولانا غلام محمد پنهنجي ساري زندگي رئيس ضياء الدين جي پرورش ۽ رفاقت ۾ ميهڙ شهر ۾ گذاري. پاڻ هڪ حج به ڪيائين.[١٠٨] مولانا غلام محمد سوڍر ٩٤، ٩٥ سالن جي عمر ۾ ٢٥ محرم الحرام ١٣٤٧هه الموافق ١٤ جولاءِ ١٩٢٨ع بروز ڇنڇر وفات ڪئي. ٿنهي پائرن جون مزارون ڳوٺ اشرف سوڍر ۾ سندن مسجد جي احاطي ۾ واقع آهن.

مولانا غلام رسول صاحب عربي جو تمام قابل هو. رسول الله ﷺ جن جي عشق ۾ اڪثر روئندو رهندو هو. بدن ۾ سدائين سِڪ جي هلڪي حرارت رهندي هئس. سندس ڪلام ڏاڍو فصيح، بليغ ۽ بااثر هوندو هو. مولانا صاحب جو عربي خطبو مشهور هو. سندس سنڌيءَ جو شعر حاضر خدمت آهي:

دل ۾ دغا چپن منجھ ڪيڪار ڪار ناھ،
محبن اڳيان منافق مڪار ڪار ناھ

ليڪو يگانگيءَ جو لِڪ لوح دل اندر،
لئي دائري دوئي جي پرڪار ناھ

هر لفظ لئي نسلم و لائق چوڻ نہ ٿيو،
هر قول جي مقابل انڪار ڪار ناھ

وَرَوَاءَ ڦر لڳا پيو درياءَ ۾ دور ڪر،
ڦهڪي ڪندي تہ پوءِ ير ڦتڪار ڪار ناھ

ميدان عشق جي ۾ هتيار يار بڌ،
جي قوس ڪان ڪونہ تہ پيڪار ڪار ناھ

ان پار پيو پڪار اها لام وٽ غلام،
ڪر ڪار چوتہ پردو بيڪار ڪار ناھ

سندس هڪ عربي زبان ۾ خطبن تي مشتمل ڪتاب جي نقل ڪاپي مولانا محمد بچل چانديو(سيدپوري) صاحب وٽ موجود آهي. هنن بزرگن جي باري ۾ وڌيڪ ڄاڻ حاصل نہ ٿي سگهي.

٣٩ مولانا غلام محمد گرامي

مولانا غلام محمد "گرامي" بن ڄاڙو خان لغاري ڳوٺ ٻٽ سرائي ۾ ١٨ ربيع الثاني ١٣٣٩ھ ٣٠ ڊسمبر ١٩٢٠ع ۾ بروز خميس تي جنم ورتو.[١٠٩] پاڻ ديني تعليم "مدرسه دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ" منجهان حاصل ڪيائين. جڏهن جامع عربيه تحريڪ سيد علي اڪبر شاھ صاحب جي نگراني ۾ هلي تہ مولانا گرامي صاحب بہ حيدرآباد ۾ آيو تہ ڪيس ١٩٤٣ع ۾ جامع عربيه ۾ استاد مقرر ڪيو ويو. ان ڪان بعد پرائمري ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج فارمين حيدرآباد ۾ فارسيءَ جو استاد مقرر ٿيو. اتي پاڻ اخبار "تعليم" جو ايڊيٽر ٿيو. پنهنجي محنت ۽ لگن سان ان اخبار کي عروج تي

پهچايائين. ١٩٤٣ع کان قلمي ۽ صحافي زندگيءَ جو آغاز "هلال پاڪستان" جي افتتاح سان ڪيائين ۽ "عبرت" جي ٻئي دور ۾ ڪالم نويس رهيو. ان سلسلي ۾ رسالي "آفتاب" ڪراچي، "عرفان لطيف" حيدرآباد، "پاسبان" هالا، "الزمان" هالا ۽ "ترجمان" ميرپورخاص جو ايڊيٽر رهيو. ١٩٥٥ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۾ رسالي "مهراڻ" جو مئنيجنگ ايڊيٽر مقرر ٿيو. ساري زندگي ادب ۽ صحافت سان وابسته رهيو.

مولانا گرامي صاحب سنڌ جو اعلىٰ پيماني جو اديب ۽ محقق هو. ميهڙ جي عظيم شاعرن رئيس شمس الدين بلبل ۽ ضياء الدين ايس بلبل جي شاعري تي شاهڪار مقالا لکيائين، جيڪي سنڌي ادب ۾ وڏو مقام رکن ٿا. پاڻ پنهنجي وقت جو وڏو صحافي ۽ ليکڪ هو. پاڻ ڪيترائي ڪتاب لکيائين. سندس تحريرن جو دفتر ايڏو ته منتشر آهي جو ڪير سهيڙي ۽ ڪير پڙهي؟ مولانا گرامي صاحب قرآن مجيد، حديث، فقه، تصوف، فلسفو، علم، عروض، سياست، ادب، صحافت ۽ راڳ جي هر وقت وڏي معلومات رکڻ وارو انسان هو. ڪيس "سنڌ جو ابوالڪلام" سڏيو ويندو هو. حيدرآباد ۾ جڏهن قرآن جي موضوع تي مشهور عالم غلام محمد پرويز ليڪچر ڏيڻ آيو ته ان موقعي تي علامه آءِ آءِ قاضي صاحب مولانا گرامي صاحب کي حڪم ڪيو ته "قرآن فهمي ۽ قرآن" تي تفصيلي روشني وجهو، پاڻ خطاب شروع ڪيائين. سندس زور خطابت ۽ علمي استعداد ڏسي مولانا غلام محمد پرويز حيران ٿي ويو ۽ علامه آءِ آءِ قاضي صاحب سان مولانا گرامي صاحب جي علم جي تعريف ڪيائين. مولانا گرامي صاحب ٢١ رمضان ١٣٩٦ھ مطابق ١٥ سيپٽمبر ١٩٧٦ع بروز اربع وفات ڪئي.[١١٠]

٤٠ مفتي غلام مصطفىٰ بن مفتي غلام حسين ڪارو چانڊيو

مفتي غلام مصطفىٰ صاحب ١٣٦١ھ مطابق ١٩٤٣ع ۾ ڳوٺ ياڻيڇ تعلقو خيرپور ناٿن شاھ ۾ پيدا ٿيو. ديني تعليم پنھنجي والد صاحب وٽ مدرسه خادم العلوم سيدپور مان حاصل ڪيائين. سنڌي فائينل بہ پاس ڪيائين. ١٩٦٦ع ۾ انھيءَ مادرعلمي ۾ پنھنجي والد محترم سان گڏ مُدرس مقرر ٿيو.[١١١] سندس حافظو تمام تيز ھو. فارسي ۽ عربي ڪتابن جون عبارتن جون عبارتون ڪيس ياد ھونديون ھيون. جيڪڏھن ڪنھن بہ وقت سندس روبرو ڪو علمي بحث ڇڙي پوندو ھو تہ ائين معلوم ٿيندو ھو گويا پوري لائبريري جا ڪتاب سندس آڏو ڪليل رکيا آھن ۽ ھو انھن ۾ ڏسندو عبارتون پڙھندو ۽ انھن جا حوالا ڏيندو ٿو وڃي.[١١٢] حاضر جوابيءَ ۾ خاص ملڪو حاصل ھئس. ڪيس فن خطابت ۾ وڏي مھارت حاصل ھئي.[١١٣] والد صاحب جي وفات کان بعد سيدپور واري مدرسي جو مھتمم رھيو. ٢٠٠٥ع ۾ ميھڙ شھر جي بلاول ڪالوني ۾ مين ھائي وي سان گڏ مدرسو"مدرسه خادم العلوم" جي نالي سان قائم ڪيائين.

سيد پور وارو مدرسو سندس کان بعد سندس ننڍو ڀاءُ مولانا عبدالباسط سنڀالي رھيو آھي. مفتي صاحب کي علم رياضي ۽ جاگرافي ۾ دسترس حاصل ھئي.[١١٤] پاڻ اتحاد المدارس ضلع دادو جي سہ ساله انتخاب ۾ صدر چونڊيو ويو.[١١٥] پاڻ ٽي سال ان منصب تي رھي خدمت ڪندو رھيو. ميھڙ واري مدرسي ۾ شھر جي شاگردن کان علاوه مسافر شاگرد بہ ڪافي تعداد ۾ علم جي شمع تي پتنگن وانگر ايندا رھيا. انھن جي ماني مفتي صاحب جي گھران پچندي ھئي. پاڻ ڪردار ۾ پنھنجي والد صاحب جي ھوبھو نقل ھو. پاڻ پنھنجي مدرسي جي مسجد جي امامت جي ذميواري تاحيات سنڀاليندو آيو ھر جمعي جي نماز کان بعد مقتدين ۽ شاگردن کي درس قرآن ڏيندو ھو. پاڻ قاري محمد صاحب وٽ مدرسه عربيه دارالقرآن ميھڙ ۾ ڪئي دورن ۾ شريڪ ٿي استفادو ڪيائين. راتين جو قاري صاحب سان سوال جواب ذريعي بہ استادو ڪندو رھيو. عربي ۽ فارسي جي ھن عالم رباني بروز خميس ١٠ رمضان ١٤٣٧ھ مطابق ١٦ جولاءِ ٢٠١٦ع ۾ راھ رباني ورتي.[١١٦]

٤١ مائي فاطمہ لاکير

تعلقي ميهڙ ۾ ناري ڪئنال جي ڪپر تي ڪولاچيءَ سان متصل ”صفر لاکير“ نالي هڪ ڳوٺ آهي. اتي هڪ ديندار، عبادت گذار ۽ باڪردار عورت فاطمہ جي نالي سان رهندي هئي. محترمه فاطمہ تمام گهڻي زاهده، پلاري، خداترس ۽ عابده عورت هئي. کيس تدريس جو تمام گهڻو شوق هوندو هو، جنهن ڪري مسجد ۾ ٻارن کي قرآن مجيد پڙهائيندي هئي. جن ٻارن کي جوانيءَ ۾ پڙهايائين، تن جي ٻارن کي پيريءَ ۾ پڙهايائين. پاڻ تصوف ۾ بہ اعلىٰ درجو رکڻ واري عورت هئي. علم ۾ بہ باڪمال هوندي هئي. سندس علم جو چرچو زبان عام تي هوندو هو. پاڻ ڪٿي پڙهي، ڪيستائين تعليم ورتائين ۽ سندس اُستاد ڪير هو؟ انهن ڳالهين جي خبر نہ پئجي سگهي آهي. ايترو ضرور آهي تہ علمي اعتبار سان تمام گهڻو فائق هئي. سندس شاگرد پنهنجي وقت جا وڏا ولي الله، زاهد، عابد، عالم ۽ فقيه بڻيا. سندس علمي ڪمال جو ذڪر سندس شاگرد جيڪي مشهور عالم ٿي گذريا آهن، وقت بوقت ڪندا رهندا هئا. استاد العلماءِ مولانا الاهي بخش ايري صاحب بہ قرآن شريف وٽس پڙهيو. سندس قرآن جو لهجو حافظن جهڙو هو.[١١٧] مائي صاحبہ خدا ترسيءَ جي ڪري ڪافي رعبدار هئي. رستي ۾ ايندي هئي تہ مرد ماڻهو اُٿي بيهي نہ سگهندا هئا، اتان هليا ويندا هئا يا منهن ٻئي پاسي ڪري بيهي رهندا هئا تہ جيئن هوءَ اتان گذري وڃي. رات جي آخري اڌ ۾ عبادت بہ مسجد ۾ اچي ڪندي هئي. هيءَ ڳالھ مشهور آهي تہ هڪ رات مسجد ۾ اندران ڪڙو ڏيئي عبادت پئي ڪيائين تہ اوچتو ڪو ماڻهو اندر گهڙي آيو، دروازو اندران بند هو. کيس تعجب ٿيو تہ دروازو بند هوندي بہ هو اندر ڪيئن آيو؟ مائيءَ صاحبہ سمجهي ورتو، پڇيائينس تہ ڇو آيو آهين؟ ان تي وراڻيائين تہ توهان وٽ قرآن شريف پڙهندس. مائي فاطمہ چيس، نہ، ٻار تو (جنّ) کان ڊڄندا. پوءِ هو هليو ويو[١١٨]. مائيءَ جي علمي ڪمال ڪري عالم سڳورا بہ سندس زيارت لاءِ ايندا هئا. مائي فاطمہ کان روايت آهي تہ آسپاس جا سڀ عالم مون وٽ آيا، باقي سيد مصري شاهہ خيرپور ناٿن شاهہ وارو نہ آيو[١١٩]

٤٢ مفتي ڪريم بخش مگسي

سنڌ هر دور ۾ وقت جي جوڌن جوانن سان سرسبز رهي آهي. سنڌ جي مٽي ڏاڍو مانُ حاصل ڪيو آهي. سنڌ جي هر هڪ حصي پنهنجو پاڻ ملهايو آهي. ميهڙ تعلقو بہ اهڙي نعمتن سان سرشار رهيو آهي. ڪجهہ روايتن موجب ميهڙ ڪلهوڙن جي دور ۾ آباد ٿيو.[١٢٠] ميهڙ تعلقي ۾ مدفون بزرگ شاهہ پنجو سلطان ۽ شاهہ گودڙيو بہ ڪلهوڙن جا مريد ۽ خليفا هئا.[١٢١] ميهڙ تعلقي جي مشهور و معروف علمي ڳوٺ سوڀو خان مگسي ۾ هڪ عالم باعمل بزرگ مولانا غلام مصطفىٰ (وفات:١٩٣٥) المعروف علي مردان مگسي صاحب جي گهر ۾ سندس ڀي گهرواريءَ جي بطن مبارڪ منجهان ٩ ذوالقعد ١٣٤۴هہ مطابق ٢٦ مئي ١٩٢٦ع بروز ڇنڇر هڪ معصوم ٻار جنم ورتو.[١٢٢] مولانا غلام مصطفىٰ صاحب پاٽ شريف جي بزرگن منجهان ميان محمود پاٽائي جو صحبت يافتہ ۽ مريد هو. پنهنجي مرشد ڪريم سان بي حد عقيدت ۽ احترام واري نسبت ڪي قائم رکندي، پنهنجي هن معصوم ٻالڪ جو نالو پنهنجي مرشد جي نالي پنيان محمود رکيائين. پاڻ انهيءَ اميد سان پنهنجي پٽ جو اهو نالو رکيائين تہ منهنجي مرشد جي نالي جي برڪت سان منهنجو هي پٽ بہ در يگانہ ۽ بي مثال موتي وانگر ٿيندو. مولانا غلام مصطفىٰ صاحب کي سندس ڀاڻيجي چيو تہ ”ماما! هن ٻچي جو نالو ڪريم بخش رکو. ان شاء الله هي وڏو ٿي عالم فاضل ٿيندو.“ مولانا غلام مصطفىٰ صاحب کي اهو نالو پسند آيو. تنهن ڪري هن معصوم جو نالو ”ڪريم بخش“ ئي رکيو ويو.

مولانا غلام مصطفىٰ صاحب جي ڪوشش سان مدرسہ دارالفيوض ڳوٺ سوڀو خان مگسي ۾ مولانا عبدالڪريم مگسي صاحب فيروزشاهي استاد مقرر ٿيو. هن مدرسي ۾ وڏا وڏا مسافر طالب العلم رهندا هئا. جيڪي فارسي ۽ عربي جي تعليم حاصل ڪندا هئا. مولانا عبدالڪريم مگسي صاحب جي چوڻ موجب ڪريم بخش اتي پڙهڻ شروع ڪيائين. مولانا غلام مصطفىٰ صاحب پنهنجي هن فرزند کي قرآن مجيد پڙهائڻ شروع ڪيو. پاڻ پنهنجي فرزند کي ابتدائي قائدو پڙهائي پورو ڪيو. جڏهن قرآن مجيد پڙهائڻ شروع ٿيو ۽ پائو سيپاري تائين مس پهتو تہ پنهنجن ٻنهي پٽن کي يتيم ٻڻائي داعي اجل جي سڏ تي لبيڪ چئي پنهنجي رب

جي طرف روانو ٿيو. ڪريم بخش جي والد صاحب جي وڇوڙي کيس شديد صدمو رسايو. هنن ٻنهي ڀائرن جي پرورش ۽ پالنا جو سارو ذمو سندن والده ماجده پنهنجن نازڪ ڪلهن تي کنيو. ڪريم بخش ديني تعليم سان گڏ دنياوي تعليم بہ حاصل ڪندو رهيو. مدرسہ دارالفيوض سوڀو خان مگسي ۾ مدرسي جي وڏي طالب مولانا غلام رسول مري نوشهرو فيروز واري وٽ رهيل قرآن مجيد ۽ فارسي جا شروعاتي ڪتاب گلستان تائين پڙهيو. علم الصرف ۾ ميزان الصرف مولانا غلام رسول جي ڀاءُ مولانا محمد عرف ماهي فقير مري وٽ پڙهيو. بوستان، يوسف زليخا ۽ سڪندر نامو (فارسي جا ڪتاب) مولانا عبدالڪريم مگسي صاحب وٽ پڙهيو. پاڻ ست درجا سنڌي اسڪول منجهہ پڙهيو پر فائينل جو امتحان نہ ڏنائين. ١٩٣٧ع ۾ مولانا عبدالڪريم مگسي صاحب کيس غلام رسول مري جي جاءِ تي قرآن مجيد جو استاد مقرر ڪيو. اتي پاڻ مولانا عبدالڪريم صاحب وٽ پڙهڻ لڳو ۽ گڏوگڏ پڙهائڻ بہ لڳو. انهيءَ مدرسي دارالفيوض سوڀو خان مگسي ۾ مولانا عبدالڪريم صاحب وٽ ان وقت جي مروج درس نظامي جي تعليم مڪمل ڪيائين. مولانا مگسي صاحب وٽ طب جو ڪتاب "ميزان الطب" بہ پڙهيائين. جنهن ڪري کيس طب ۾ بہ سٺي مهارت حاصل هئي. ماڻهن کي سستا نسخا لکي ڏيندو هو. سندس قلمي ڪتاب "فوائد ڪريمي" بيمارين جي باري ۾ ناياب نسخن تي مشتمل آهي. مولانا ڪريم بخش صاحب مڪمل درس نظامي مولانا عبدالڪريم مگسي صاحب جن وٽ پڙهيو[١٢٣] ۽ تخصص في الفقه بہ سندس وٽ ئي پڙهيو، پر ان دوران ڪجهہ عربي جا ڪتاب ۽ سبق ٻين عالمن سڳورن وٽ بہ پڙهيو. جن ۾ مولانا سيد امير محمد شاهہ صاحب (سابق مُدرس مدرسہ عين العلوم اميناڻي شريف نزد دادو) ۽ مولانا خان محمد آڳرو صاحب ڳوٺ فيض محمد آڳرو شامل آهن. مفتي ڪريم بخش صاحب سنڌي تعليم پوري ڪري ١٩٣٧ع کان ١٩٤٥ع تائين نَوَن سالن ۾ درس نظامي مڪمل ڪئي.

مولانا ڪريم بخش مگسي پنجٽيهن سالن کان پوءِ ١٩٦٠ع ڌاري علم دين جي وسيع خدمت واسطي پنهنجي ڳوٺ کي ڇڏي پاڻ ڀهريان خواجہ نور مسجد واري مدرسي ۾ ميهڙ آيو. بعد ۾ سنڌ جي نامور سياستدان ۽ عالم سيد علي اڪبر شاهہ جي اصرار تي اتان ڇڏي اچي "مدرسه عربيه

دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ“ ۾ پڙهائڻ شروع ڪيائين. جيئن تہ سائين علي اڪبر شاهہ نهايت متقي انسان هو. هن مسجد کي اوقاف کاتي جي حوالي ڪري ڇڏيو. مسجدُ جي اوقاف کاتي جي تحويل ۾ اچڻ بعد مفتي صاحب اوقاف کاتي ۾ بحيثيت خطيب ۽ امام مقرر ٿيو. بعد ۾ پاڻ ضلعي خطيب پڻ مقرر ٿيو. پاڻ اوقاف مان خطيب جي پگهار کڻندو هو پر مدرسي جو ڪم بنا پگهار جي ڪندو هو.

”مدرسه عربيه دارالقرآن جامع مسجد اڪبري ميهڙ“ ۾ سندس تعليم ۽ تربيت ذريعي سوا سؤ کان وڌيڪ عالم دين ۽ پنج سؤ کان وڌيڪ حافظ سڳورا ٿيا. مفتي صاحب ٽي حج ادا ڪيا. ٻہ حج بحري جهاز ۾ سفر ڪري ۽ هڪ دفعو هوائي جهاز ۾ سفر ڪري حج ادا ڪيائين. ان کان بعد ١٩٩٩ع ۾ عمري جي سعادت بہ حاصل ڪيائين. پاڻ پهريان تصوف جي نقشبندي سلسلي ۾ حضرت پير عبدالغفار ۽ بعد ۾ آغا عبدالحي جان چشموي صاحب کان فيض حاصل ڪندو رهيو. قادري طريقي ۾ عبدالغفور مدني کان مديني منوره ۾ دست بيعت ٿيو، کيس ان کان خلافت بہ مليل هئي. کيس پنهنجي مرشد کان مريد ڪرڻ جي پڻ اجازت هئي، پر پاڻ مريد تمام گهٽ ڪيائين ۽ علم کي وڌيڪ اهميت ڏنائين. مفتي صاحب ٻچپن کان ئي نحيف البدن هو. سندس طبيعت نازڪ هوندي هئي. پنجاهہ سالن کان بعد کيس ٻڪين ۾ پٿري جو عارضو لاحق ٿيو. سندس ٻڪين جو آپريشن حيدرآباد جي گل سينٽر ۾ ڪيو ويو. آپريشن ڪري ٻڪين منجهان پٿريون تہ ڪڍيون ويون پر ان ڪري سندس ٻڪين تي اثر ٿيو ۽ ٻڪيون ڪمزور ٿي پيون. ان کان بعد بظاهر تندرستي ۽ همٿ واري زندگي گذاريائين. سندس حوصلا هميشہ بلند رهيا. هميشہ پنهنجي منزل ماڻڻ لاءِ هر وقت ڪوشش ڪندو رهيو. پنهنجي معمولات تي استقامت سان ڪاربند رهيو. هلڪي ڦلڪي بيماري وغيره کي نظر انداز ڪري ڇڏيندو هو. مفتي صاحب وفات کان سال کن اڳ سخت بيمار ٿي پيو. سندس ٻڪيون فيل ٿي ويون. جنهن ڪري کيس پي آءِ اي پاران ڪراچيءَ جي پلاسٽڪ سرجري اينڊ جنرل اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو. اتي سندس علاج پي آءِ اي طرفان سندس وڏي فرزند محمد امين مگسي صاحب جي ملازمت جي ڪري پينل تي ٿيندو رهيو. پاڻ ٨ ذوالقعد ١٤٢٧هہ الموافق ٢٩ نومبر ٢٠٠٦ع اربع ڏينهن

سانجهي نماز کان بعد ڇهين وڳي الله تعالىٰ جي سڏ تي لبيڪ چئي دم ڏڻي حوالي ڪيائين.

٤٣ مولانا قاري ڪفايت الله ٻرڙو

ڪڏهن ڪنهن انسان جي حسنِ سيرت، ڪردار ۽ بي لوث خدمتن تي لکڻ لاءِ قلم ۽ دل جي احساسن جي صحيح ترجماني ڪرڻ کان بلڪل قاصر هوندو آهي، سندس تعريف لکڻ ۾ جيترو لکيو وڃي اهو گهٽ محسوس ٿيندو آهي. رقم تحرير دل جي ان احساس کي مڪمل بيان نه ڪري سگهندي آهي ۽ ان تحرير منجهان دل کي تسلي نه ملندي آهي پر پوءِ به دل جي تشفيءَ خاطر رقم طرازي ڪجهه مناسب لڳندي آهي. اهڙن املهه ماڻڪ هيرن جي فهرست ۾ هڪ ناياب موتي مولانا قاري ڪفايت الله ٻرڙو به آهي.

مولانا قاري ڪفايت الله بن سانوڻ خان (المعروف سانوڻ فقير) جي گهر ۾ ١٠ آڪٽوبر ١٩٨٣ع مطابق ٣ محرم الحرام ١٤٠٤ھ بروز سومر تعلقي خيرپور ناٿن شاه جي ڳوٺ گوزي ۾ جنم ورتو. پاڻ قرآن مجيد ناظره ۽ حفظ گوزي ۾ حافظ محمد صادق پنهور صاحب وٽ پورو ڪري علم تجويد سکڻ لاءِ مولانا قاري محمد علي مدني ٺٽ شڪارپوري جي خدمت ۾ حاضر ٿي مسلسل ٻه سال سخت محنت ڪيائين. تجويد جو ڪورس مڪمل ڪرڻ کان پوءِ علم تجويد جي موضوع تي "جزري" ۽ "علم تجويد" ڪتاب لکيائين. تمام ننڍڙي عمر ۾ الله رب العزت ڪانئس ڪتابت جي ميدان ۾ خدمت ورتي. سندس والد محترم اندازًا ١٩٨٨ع ۾ ميهڙ شهر هجرت ڪري آيو. مولانا ڪفايت الله عربيءَ جي تعليم جي سلسلي ۾ "مدرسه دارالعلوم" مقيم ڪالونيءِ ميهڙ ۾ مولانا عبدالباقي ملاح صاحب وٽ ابتدائي ڪتاب پڙهي دادو شهر ۾ "مدرسه دارالفيوض" ۾ مولانا منظور احمد سومرو صاحب ۽ مولانا نوازالله بروهي صاحب وٽ موقوف عليه تائين پڙهيو. ان کان بعد "مدرسه دارالفيوض" ڪنڊڪوٽ ۾ استاد صوفي صاحب وٽ پڙهڻ لڳو. اتي پڙهڻ دوران سندس علمي استعداد کي مدِ نظر رکي تدريس جي خدمت تي مامور ڪيو ويو. پاڻ پڙهڻ سان گڏ پڙهائيندو به رهيو. جڏهن صوفي صاحب ڪنڊڪوٽ کي ڇڏي لاڙڪاڻي ۾ "جامعه

اسلاميه اشاعت القرآن والحديث“ ڊاڪٽر علامه خالد محمود سومرو صاحب شهيد جي مدرسي ۾ تدريس ڪرڻ لاءِ آيو ته مولانا ڪفايت الله ڪي به پاڻ سان گڏ وٺي آيو. مولانا ڪفايت الله اتي ٽي مهينا دوره حديث پڙهڻ کان پوءِ مولانا عبدالغفار جمالي صاحب وٽ ”جامع حماديه“ منزل گاهه سکر ۾ علم ميراث پڙهڻ وينو. اتي علم ميراث ۾ ڪافي مهارت حاصل ڪيائين. اتي پڙهڻ دوران مولانا عبدالغفار جمالي صاحب جي حڪم تحت هڪ مسجد ۾ تراويحون پڙهائڻ لڳو. ٢٧ رمضان المبارڪ تي ختم شريف پورو ڪيائين. ٢٨ رمضان المبارڪ ١٤٢٤هه مطابق ٢٣ نومبر ٢٠٠٣ع بروز آچر تي جڏهن انهيءَ مسجد ۾ ٽيهري جي نماز جي امامت لاءِ وڃي رهيو هو ته رستي ۾ ريل حادثي ۾ شهيد ٿي ويو. سندس شهادت جتي سندس گهر وارن لاءِ ڪافي غم ۽ ڏک جو سبب بڻي اتي اسان ميهڙ ۽ آسپاس وارن علائقن جي لاءِ عظيمِ علمي شخصيت کان محروميءَ جو سبب پڻ بڻي. سندس جنازي نماز مولانا مفتي غلام مصطفىٰ ڪارو چانڊيو صاحب پڙهائي. ڪيس سوين آلين اکين سان ميهڙ جي رجب شاهه قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪري ابدي ننڊ لاءِ سمهاريو ويو.

مولانا ڪفايت الله ڀرڙو ڪي الله رب العزت ڪتابت جي فن ۾ مهارت سان نوازيو هو. ڪيس تمام ٿورڙي عمر نصيب ٿي. ڪيس هن دنيا ۾ ٢٠ سال رهڻ نصيب ٿيا پر انهن ويهه سالن دوران پاڻ تصنيف جي ميدان ۾ اهڙي ته خدمت ڪري ويو جو ڏاهن جو عقل ۽ فهم وارن جي فراست به حيران رهجي وڃي ٿي. پاڻ ننڍڙي عمر ۾ تمام گهڻا ڪتاب تصنيف ڪري ويو. سندس ڪتابن ۾ علم الصرف، نحومير، ڪتاب النحو، قوانين الصرف، تيسيرالمنطق، علم التجويد، جزري، ڪافيه، مقامات حريري ۽ علم ميراث شامل آهن. هي صرف اهي ڪتاب آهن جيڪي سندس ننڍي ڀاءُ مولانا شفيق الرحمان ”عثماني“ صاحب هوش سنڀاليندي ئي سنڀالڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ان کان پهريان ٻيا ڪيترائي ڪتاب گم ٿي ويا. الله رب العزت سندس هنن ڪتابن کي مقبوليت جو شرف بخشيو. تقريبًا سنڌ جي هر انهيءَ مدرسي جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ درس نظامي پڙهايو ويندو آهي جي هر هڪ شاگرد وٽ انهن ڪتابن جي عڪس ڪاپي مطالعي لاءِ ضرور هوندي. ان کان علاوه ڪيترن ئي مدرسن جي نصاب ۾ هي ڪتاب شامل

آهن. انهن مدرسن ۾ ”دارالفيوض“ ڪنڊڪوٽ ۽ ڊاڪٽر خالد محمود سومرو صاحب جو مدرسو سر فهرست آهن. مولانا ڪفايت الله جي هينڊ رائيٽنگ ته تمام سهڻي هئي، سندس اکر موتيءَ داڻا هوندا هئا. سندس اڪثر ڪتابن جي اصل ڪاپي مولانا شفيق الرحمان وٽ موجود آهي ۽ علم ميراث جي موضوع تي لاينحل مسئلن تي مبني سندس ڪتاب جي عڪس ڪاپي اڪثر مفيان حضرات وٽ سندن مطالعي لاءِ موجود آهي. سندس ڪتابن تي ڪتابن جا نالا به سندس هٿ سان تمام سهڻن اکرن ۾ لکيل آهن. مولانا ڪفايت الله پرڙو هڪ بهترين ڪردار، سهڻي سيرت، دوستن تي جان نڇاور ڪرڻ وارو، همدرد ۽ بااخلاق انسان هو. سندس نيڪ سيرت ڪردار جا گواهه سندس دوست اڄ به موجود آهن. سندس وجود اسان ميهڙ ۽ سنڌ وارن جي لاءِ رب باري تعالىٰ جو سايو هو. سندس ڪتاب سندس محنت جا گواهه آهن. اميد ڪجي ٿي ته ڪو مرد مجاهد سندس ڪتابن ڪي ڇپرائي منظر عام تي آڻڻ جي سعي ڪندو ۽ اسان جا علمي دوست انهن منجهان استفادو ڪندا رهندا ۽ سندس هي ڪتاب سندس لاءِ صدقه جاريه رهندا.

٤٤ مولانا محمد آگرو

ڪجهه انسان ادب ۽ احترام ۾ ايترا ته رنگيل هوندا آهن جو ڪڏهن ڪڏهن سامهون وارو شخص به عجيب محسوس ڪندو آهي، ته ”مان ايتري عزت ۽ مان ڏيڻ جي لائق ته آهيان ڪونه پر هي عظيم شخص مون کي ايتري عزت ڏئي ٿو.“ ڪڏهن ڪڏهن ڪي ماڻهو ايتري احترام ڪرڻ تي شرمندگي پڻ محسوس ڪندا آهن. اسان جي ميهڙ جي مانائتي مٽيءَ منجهان ڪجهه اهڙين هستين جنم ورتو آهي، جن جي ڪردار ۽ اونچي اخلاق جا معترف پنهنجن سان گڏ پراوا به آهن. سندن ڪردار ۽ اخلاق ڪي ڏسي اسان جهڙن ناچيزن جو به ڳاٽ اونچو ٿيو وڃي ٿو.

اهڙي قابل فخر شخصيت مولانا محمد جي نالي سان ميهڙ جي زرخير مٽيءَ منجهان جنم وٺي پنهنجو ڪردار احسن طريقي سان نڀائي راهه رباني اختيار ڪري چڪي آهي، پر پوءِ به سندس اخلاق ڪي اڄ به خراج تحسين پيش ڪيون ٿا. مٿس امام الانبياءِ حضرت محمد ﷺ جن جو نالو رکيل هو. هن بزرگ پنهنجي نالي جو ڀرم خوب نڀايو آهي. هي بزرگ،

صورت جو سهڻو ۽ سيرت جو باڪمال، محبوب انسان، ڳوٺ فيض محمد آڳري تعلقي ميهڙ ۾ پيدا ٿيو. مولانا محمد آڳرو صاحب ديني تعليم مولانا عطاءُالله فيروزشاهيءَ وٽ پڙهي فارغ التحصيل ٿيو. پاڻ هڪ جيّد عالم جي روپ ۾ نروار ٿيو. سندس فتوائن بہ تمام گهڻي شهرت ماڻي. پري پري تائين سندس فتوائون مشهور ٿيڻ لڳيون. مولانا محمد صاحب ننڍپڻ کان ئي نياز، نوڙت ۽ اخلاق جو پيڪر هوندو هو. ادب ۽ احترام گويا سندس سواري هوندي هئي. سندس ڪردار باڪمال ۽ ادب و احترام ڪي ڏسي سندس استاد محترم مولانا عطاءُالله فيروزشاهي صاحب فرمائيندو هو تہ ”جي ادب کي صورت هجي ها تہ ميان محمد جي صورت اختيار ڪري ها“.[١٢٢] فارغ التحصيل ٿيڻ بعد، مولانا صاحب پنهنجي ڳوٺ ۾ الله تي ٺوڪل ڪري بلا اجرت في سبيل الله گوڏو پيجي ويهي رهيو، درس تدريس جو سلسلو شروع ڪري ڏنائين ۽ نهايت ئي ڪاميابيءَ سان طالبن کي فيض رسائيندو رهيو. هتان ڪيترائي انمول هيرا عالمن جي روپ ۾ پڙهي فاضل ٿيا. مولانا محمد صاحب جي ڪري ڳوٺ فيض محمد آڳري کي عزت ۽ شرف نصيب ٿيو ۽ هن ڳوٺ کي شهرت ملي. سندس شاگردن منجهان ڪجهہ مشهور شاگرد هي آهن: ١.مولانا قادربخش، ضلعو نوابشاهہ ٢.مولانا گلاب الدين چنو، فيروزشاهي ٣. مولانا محمد علي، ضلعو نوابشاهہ ۴. مولانا فيض الڪريم ساند، ناروشاهي، اهلحديث ۵. مولانا نبي بخش، ضلعو نوابشاهہ ٦.مولانا محمد صاحب آڳرو، ضلعو نوابشاهہ ٧. مولانا محمد دائود آڳرو، ضلعو نوابشاهہ ٨.مولانا محمد اسماعيل، ضلعو نوابشاهہ ٩. مولانا محمد پريل آڳرو، ڳوٺ فيض محمد آڳرو ١٠. مولانا غلام نبي آڳرو، سندس پاڻتيو ١١. مولانا ڪريمداد، نوڙهي تعلقو قمبر ١٢. مولانا محمد مختار جاگيراڻي ١٣.حڪيم مولوي فضل محمد، نوشهرو فيروز ۽ ١۴. حڪيم مولانا عنايت الله آڳرو، سندس پاڻتيو.

مولانا صاحب جي دعا جو نتيجو آهي جو سندس مٽن ماٽن منجهان اڃان بہ عالم سگهورا ۽ حافظ پيدا ٿيندا رهن ٿا. ڪين عمر گهٽ نصيب ٿي ورنہ شايد سندس علم جو فيض اڃان بہ وڌيڪ پکڙجي ها. مولانا محمد صاحب، پنجاهہ ورهين جي ڄمار ۾، ١٥ رجب سن ١٣٢۴هہ مطابق ۴ سيپٽمبر ١٩٠٦ع بروز اڱارو وفات ڪئي.

٤٥ مولانا حڪيم محمد لنڊ بلوچ

هي بزرگ فريدآباد کان ڪجهه فاصلي تي ڳوٺ ڪنبو ڏيرو ۾ هڪ غريب گهراڻي ۾ اندازًا ١٢٩٦هه مطابق ١٨٧٨ع ۾ پيدا ٿيو.[١٢٥] ديني تعليم فريد آباد ۽ آسپاس جي عالمن سڳورن کان حاصل ڪيائين ۽ ان سان گڏ حڪمت به سکيائين. تعليم جي فراغت کان بعد اچي پنهنجي ڳوٺ ۾ حڪمت ڪرڻ شروع ڪيائين. پاڻ هڪ قابل حڪيم هو. سندس روزي روٽي جو سارو دارومدار حڪمت تي ئي هو. پاڻ وڏو پرهيزگار، متقي، عبادت گذار ۽ بزرگ شخص هو. ڳوٺ ۾ دواخانو به هلائيندو هو ۽ ڳوٺ جي مسجد ۾ ڳوٺ ۽ اوسي پاسي جا ٻار به پڙهائيندو هو. پاڻ ٻارڙن کي في سبيل الله پڙهائيندو هو. پاڻ پنهنجي هڙان خرچ ڪري ٻارڙن کي قرهيون ۽ ڪتاب به وٺي ڏيندو هو.[١٢٦] پاڻ نهايت سادو ۽ خوش خلق هوندو هو. وٽس ڪو مريض ايندو هو ته ان کي پڙيون ۽ حب ضرور ڏيندو هو. پئسي جي لالچ تمام گهٽ هوندي هئس. هر مريض کي پلال جي لُول جو سوال ضرور ٿيندو هو ته ابا پئسو جيڪي وٺني سي ڏي پر يار ڊڳيون بک مري ويون،+ لُول پلال جو ضرور ڏئي وڃجانءِ. شادي ڪيائين پر کيس ڪوبه اولاد نه ٿيو.[١٢٧] مولانا صاحب ١٣٨٧هه مطابق ١٩٦٨ع ۾ وفات ڪئي.

٤٦ مولانا قاري محمد ڏيرو

حضرت انسان جي ترقي انسان جي ذريعي ئي ٿي آهي. اها ترقي چاهي علمي هجي يا اخلاقي، مذهبي هجي يا معاشرتي، روحاني هجي يا جسماني ۽ تخليقي هجي يا تخيلي مگر قدرت جو پسنديده طريقو اهو ئي رهيو آهي. يعني انسان جي ترقي انسان جي ذريعي ۽ هن ئي طريقي ۾ انسان جي عظمت جو راز رکيل آهي. مثال طور: الله تبارڪ وتعاليٰ ڪنهن قاري کي خوش الحاني جي خوبي عطا ڪئي ته وري ڪنهن مقرر کي جادو بياني ۽ سحر طرازيءَ جي سمڪ ڏني، ڪنهن شاعر کي سخن ۾ سرهاڻ سموهڻ، نفاست، نزاڪت ۽ سلاست سمائڻ جي سگهه ۽ سمجهه عنايت ڪئي ته وري ڪنهن فلسفي کي تخيل جي طاقت ڏني، ڪنهن اديب کي قلم جي ڪلاڪاريءَ جي قوت ڏيڻ جو ڪرم ڪيو ته وري ڪنهن سياستدان کي منجهيل سٽ کي سلجهائڻ جي سوچ ۽ سرت القا ڪري ان کان بعد ڪين هن

ڌرتيءَ تي خدمت خلق لاءِ موڪليو ويو، جن پنهنجو پنهنجو فرض بيشڪ احسن طريقي سان ادا ڪيو ۽ پوءِ پنهنجي اصل ماڳ تي واپس موٽي ويا.

مطلب تہ انسان جي جاڻ جو اهم ذريعو انسان ئي رهيو آهي. جنهن مان سندس اشرف المخلوقات هجڻ جو پتو پوي ٿو. الله جل شانه جو هي طريقو پنهنجي مخلوق جي بهتري، بهبود ۽ جاڻ جو جاري و ساري آهي ۽ رهندو. نبي بيشڪ نہ ايندا مگر الله تعالىٰ جا صالح ٻانها ننڍين ننڍين ڪمن لاءِ اچڻ بند نہ ٿيندا. انسان جي مادي ترقي سائنسي ايجادن جي ذريعي ٿيندي رهندي باقي دين اسلام مڪمل ٿي چڪو آهي. الله رب العزت جڏهن بہ ڪنهن ڪم ڪرڻ جو ارادو فرمائيندو آهي تہ ان لاءِ پهريان اهڙا اسباب پيدا فرمائيندو آهي، اهڙيون شخصيتون وجود ۾ آڻيندو آهي ۽ ڪين ضروري خوبين سان سنواري خدمت خلق جو ڪم وٺندو آهي.

مولانا قاري محمد صاحب جو مثال بہ ڪجهہ مختلف ۽ خاص آهي. الله تعالىٰ کيس پنهنجي ڪرم نوازين سان نوازيو هو. اهي سموريون خوبيون جيڪي هڪ قاري، هڪ مقرر، هڪ عالم، هڪ استاد، هڪ والد ۽ هڪ بزرگ شخصيت لاءِ قدرت مخصوص ڪيون هيون، اهي سموريون خوبيون، خاصيتون ۽ صلاحيتون ۽ اهي بہ سڀ جون سڀ ڪمال درجي جون کيس عطا ۽ عنايت فرمايون هيون ۽ پوءِ کيس خدمت خلق لاءِ موڪليو ويو هو. اهڙيون شخصيتون تاريخ ساز هونديون آهن ۽ تاريخ جو منهن موڙي ڇڏينديون آهن. دنيا جي هن اڻ ڪٽ شاهراهہ تي پنهنجي قدمن جا اڻ مٽ نشان پنهنجي ايندڙ نسل جي رهبري ۽ رهنمائي لاءِ ڇڏي وينديون آهن. اهڙيون شخصيتون صديون بعد پيدا ٿينديون آهن ۽ سندن خوشبوءِ بہ صديون قائم رهندي آهي. انهن ئي ماڻهن لاءِ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ فرمائي ٿو: "ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ اچي بوءِ بهار جي"

مولانا قاري محمد ڏيرو صاحب هڪ عالمِ رباني، زاهد الزمان، نيڪ سيرت، رحمدل طبع، بهترين قاري، تصنع ۽ تڪلف کان پاڪيزه شخصيت ۽ مثالي استاد جي صورت ۾ نروار ٿيو. مولانا قاري محمد صاحب هڪ ننڍي ڳوٺ ڪنڊو ڏيرو، تعلقو ميهڙ، ضلعو دادو، سنڌ ۾ سن ١٣٢٩ هجري الموافق ١٩١٩ع[١٢٨] ۾ محترم عيسىٰ ڏيرو جي گهر ۾ جنم ورتو. قاري صاحب جو گهراڻو مذهبي گهراڻو هو ۽ ڳوٺ ۾ معزز ۽ ديندار خاندان

سمجهيو ويندو هو. پاڻ علمي ماحول ۾ اک کولي هئائين. ذهن ۽ ذڪاوت قدرتي ڏات آهي قاري صاحب کي بہ قدرت طرفان ڏات ۽ ڏانءُ جو سنو حصو عطا ٿيل هو. سندس والد عيسىٰ ڏيرو خود هڪ ايماندار ۽ ديندار شخصيت جي روپ ۾ زندگي بسر ڪري رهيو هو. پنهنجي فرزند کي اعلىٰ اخلاق ۽ بنيادي تعليم ڏيارڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪيائين. محترم عيسىٰ صاحب زندگيءَ جي گذر سفر لاءِ هارپي ۾ مصروف رهندو هو. قاري صاحب جي عمر جڏهن پڙهڻ کي رسي تڏهن ڪيس١٩٢۴ع ۾ پنهنجي ڳوٺ جي مسجد ۾ حڪيم مولانا حافظ ميان محمد لنڊ بلوچ وٽ قرآن مجيد جي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ويهاريو ويو. قاري صاحب مولانا لنڊ صاحب وٽ قاعدو پڙهي پورو ڪيو ۽ قرآن مجيد پڙهڻ شروع ڪيو. اتي اٺ يا نوَ سيپارا ناظره پڙهيو. ١٩٢٦ع ۾ سندس والد جي مائٽي ياءُ پنهنجي دور جي بهترين عالم با عمل، استادالعلماءِ والصلحاءِ، فقيه دوران مولانا عبدالڪريم[١٢٩] ديروي (ڏيرو) هن معصوم بالڪ جي ذهني صلاحيتن ۽ سندس اندر لڪيل قدرتي جوهر ڏسي ورتا. ان ڪري پاڻ قاري صاحب جهڙي هيري کي تراشي انمول بڻائڻ جو ارادو ڪيائين. جنهن ڪري ڪيس پاڻ سان گڏ ١٩٢٦ع ۾ پنهنجي ڳوٺ رضا محمد ڏيرو ۾ وٺي آيو ۽ سندس پرورش، تعليم ۽ تربيت ۾ تمام گهڻي دلچسپي وٺڻ لڳو، ڪيس هن ٻار ۾ مستقبل جو قاري محمد نظر اچڻ لڳو. ڪيس اهو الهامي علم عطا ٿيو تہ هي ٻار بالا بخت وارو آهي ۽ ڪيس سندس سپني جو سانيبان ٿيڻ هن ٻار جي ذريعي نظر آيو. مولانا ديروي هن ٻار جي پرورش پنهنجي پٽن کان بہ وڌيڪ ڪئي. سندس تعليم ۽ تربيت تي خاص توجہ ڏيڻ لڳو. سندس هر ذمو پنهنجو پاڻ تي کنيائين. سندس هر خرچ شوق سان ڪندو هو تہ ان شاءَ الله هي ٻار اسان جي آخرت سنواريندو ۽ نجات جو ذريعو بڻبو. ان جو نتيجو اهو نڪتو جو هن ٻار بہ ڪيس پنهنجي پيءُ وانگر ادب ۽ احترام ڏنو ۽ ڪيس پنهنجو مربي، مشفق ۽ مرشد سمجهندو هو. هن ٻار قرآن مجيد جي اها خدمت ڪري ڏيکاري جيڪا وڏي نصيب وارن کي ئي حاصل ٿيندي آهي. هي ٻار پنهنجي مربي جي خواب جي تعبير بڻيو. فنا في القرآن بڻجي هن ٻار جيڪي مولانا ديروي صاحب جون دعائون حاصل ڪيون اهي بہ تمام وڏي سعادت آهن.

قاري محمد صاحب وٽس قرآن شريف ناظره پڙهي پورو ڪيو ۽ اتي ئي ڳوٺ رضا محمد ڏيرو ۾ سرڪاري اسڪول منجهان عام سنڌيءَ جا چار درجا به پڙهيو.[١٣٠] ١٩٢٢ع ۾ ميهڙ شهر سان لڳولڳ ڳوٺ گاهي مهيسر ۾ شيخ الحديث خواجه محمد حسن جان سرهنديؒ (١٨٦١_١٩٤٥) ٽنڊو سائينداد واري جي ڪوشش سان محمد قاسم مهيسر (وفات:١٩٦٧) ۽ محمد اسماعيل مهيسر (وفات:١٩٤٢) هڪ مدرسو قائم ڪيو. ان مدرسي کي وڏيڪ ڪاميابيءَ سان همڪنار ڪرڻ ۽ عروج تائين پهچائڻ لاءِ هڪ قابل، علم جي سمنڊ ۽ عالم باعمل مُدرس جي ضرورت هئي. سرهندي صاحب جي نظر انتخاب ٺر جي سيني عالمن منجهان مولانا عبدالڪريم ديروي تي پئي[١٣١] ۽ سندس انڪار ڪرڻ باوجود ڪيس زور ڀري ڳوٺ گاهي مهيسر جي مدرسي ۾ وٺي آيو. قاري محمد صاحب به پنهنجي چاچي وٽ گاهي مهيسر جي مدرسي ۾ پڙهڻ لڳو. مولانا ديروي کان اڳ ان مدرسي ۾ مولانا عبدالوهاب گلال به اتي مُدرس طور مقرر هو. ان کان بعد ڪيس علم قرائت ۽ تجويد سکڻ لاءِ گهوٽڪيءَ ۾ سيدن واري ”مدرسه قاسم العلوم“ ۾ پڙهڻ لاءِ داخل ڪرايو ويو. سنڌ جي قارين جي سرتاج مولانا قاري سيد پير شير محمد شاه صاحبؒ (١٨٨١_١٩٦٧) وٽ علم تجويد ۽ قرائت پڙهيو.[١٣٢] پاڻ ڏاڍي ذوق ۽ شوق سان پير صاحب وٽ تجويد پڙهڻ لڳو. پير صاحب به هن شاگرد جي اندر لڪيل جوهر ڏسي مٿس پنهنجي خاص توجه ڏيندو رهيو. ڪيس گهڻو پائيندو هو. اتي ئي مولانا اميد علي چني صاحبؒ (وفات:١٩٥٩) جيڪب آبادي وٽ به پڙهيو. ڪانئس حديث شريف جي مشهور ڪتاب ترمذي کان علاوه ڪي ٻيا ڪتاب به پڙهيو.[١٣٣] اتي مولانا محمد اسماعيل پنو صاحبؒ (١٨٧٥_١٩٥٦) کان به تعليم ورتائين. ١٩٣٥ع ۾ قاري صاحب کي وڏيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ مدرسه مظهرالعلوم کڏو ڪراچي پڙهڻ لاءِ موڪليو ويو.[١٣٤] قاري صاحب اتي درس نظامي جا ڪتاب مڪمل ڪري فارغ التحصيل ٿيو، سندس دستاربندي به ان ئي مدرسي ۾ ٿي. مدرسي مظهر العلوم جو مهتمم مولانا محمد صادق ميمڻ صاحبؒ (١٨٧٤_١٩٥٣) هو. ان مدرسي ۾ قاري صاحب تي مولانا محمد صديق ڪڇيؒ (١٨٧٦_١٩٥٢) ۽ مولانا حافظ فضل احمدؒ (١٩٠٤_١٩٦٢) جي خاص توجه ۽ شفقت رهي. قاري صاحب سندن خاص شاگردن منجهان هو. مدرسه مظهر العلوم ان وقت آزادي

جي متوالن جو ڳڙهه هوندو هو. آزاديءَ جي قافلي جو سرواڻ مولانا عبيدالله سنڌيؒ (١٨٧٢_١٩٤٤) به ان مدرسي ۾ قيام پذير هو. قاري صاحب اتان علم الادب، علم الفلسفه، علم التفسير ۽ علم الحديث جي تعليم حاصل ڪري سَنَد حاصل ڪئي.[١٣٥]

هي اهو دور هو جو عوام قرآن مجيد کي صحيح قائدن ۽ صحيح مخرجن سان ادا ڪرڻ کان محروم هو. مولانا عبدالڪريم ديروي جي اها دلي تمنا هئي ته عوام ۾ هن علم کي رواج ڏياري عام ڪجي ۽ ڪلام الله جي اها خدمت ڪري الله رب العزت جي دربار ۾ سرخرو ٿيڻ جي ڪوشش ڪجي. ان ڳالهه کي ذهن ۾ رکي مولانا ديروي صاحب ڪجهه ڪتاب علم التجويد تي لکي اها سعادت حاصل ڪرڻ جي جستجو ۾ پئجي ڪئي. جڏهن قاري محمد صاحب ڪراچيءَ مان پڙهي واپس ميهڙ آيو ته مولانا ديروي کيس ١٩٣٦ع ۾ حرمين شريفين (سعودي عرب) علم قرائت ۽ تجويد سکڻ لاءِ روانو ڪيو.[١٣٦] حرمين شريفين ۾ مولانا ديروي صاحب جا ڪي شاگرد مديني پاڪ ۾ رهندا هئا. قاري صاحب انهن وٽ رهندو هو. قاري صاحب مديني پاڪ ۾ وڃي سڀ کان پهريان قرآن مجيد جو حفظ ڪيو. تنهن کان بعد علم التجويد، علم القرائت السبعة، المقدمة الجزرية ۽ شاطبيه پڙهي انهن جي سَنَد حاصل ڪيائين. اتي سندس استاد قاري حسن بن ابراهيم الشاعر المصريؒ (١٨٧٣_١٩٦٩) هو. پاڻ تجويد سيد شيرمحمد شاهه صاحب وٽ اڳ ۾ پڙهي چڪو هو پر پوءِ به وڌيڪ مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ مسجد نبوي ۾ پڙهندو رهيو. اتي مديني پاڪ ۾ ساڍا ٽي سال رهي قرائت ۾ ڪامل عبور حاصل ڪيائين. ان دوران مسجد نبوي ۾ ٻه دفعا رمضان مبارڪ ۾ ختم القرآن تراويحن ۾ ٻڌائڻ جو شرف به حاصل ڪيائين.[١٣٧] علم تجويد ۽ قرائت سان گڏ مدرسه علوم الشرعيه بالمدينة المنورة مان حديث جا چار ڪتاب صحيح بخاري، سنن ابي دائود، سنن نسائي ۽ سنن ابن ماجه پڙهي سند حاصل ڪري ١٩٣٩ع ۾ واپس وطن وريو. ان وقت مدرسه علوم الشرعيه جو مهتمم حضرت مولانا سيد حسين احمد مدنيؒ (١٨٧٩_١٩٥٧) جو وڏو ڀاءُ سيد احمد شاهه صاحب الفيض آباديؒ هو.[١٣٨]

قاري صاحب جڏهن ١٩٣٩ع ۾ حرمين شريفين جي سفر کان موٽي ميهڙ پهتو ته مولانا ديروي صاحب جو خدمت قرآن جو خواب جيڪو علم

قرائت ۽ علم تجويد جي ميدان ۾ ڪرڻ جو هو سو سانپيان ٿيندي نظر آيو. مولانا صاحب ان وقت بيحد خوشي محسوس ڪئي ۽ رب پاڪ جو شڪر ادا ڪيو. تڏهن هندستان جي علمي ڏاڪ مجيل هئي. قاري صاحب جي واپس اچڻ تي دل کي تشفي ڏيارڻ ۽ هندستان جي مشهور قراء حضرات کان علم تجويد ۾ وڌيڪ استفادو ڪرڻ ۽ ڪانئن اجازت ناما ۽ سَندون بہ حاصل ڪرڻ خاطر سيد علي اڪبر شاهہ صاحب جي تعاون سان قاري صاحب کي ساڻ ڪري هندستان جي وڏن وڏن مدرسن جو رخ ڪيو. انهيءَ سفر دوران ديوبند ۾ بہ وڃڻ ٿين. ان وقت حضرت حسين احمد مدنيؒ دارالعلوم ديوبند جو شيخ الحديث هو. ساڻس ملاقات ڪيائون. ديوبند تڏهن علمي اوج تي هو. هندستان جو شيخ الادب ۽ عربي جي مشهور ڪتاب "تحفة الادب" جو مصنف مولانا اعزاز عليؒ (١٨٨٢_١٩٥٦) بہ اتي پڙهائيندو هو. اهڙن بزرگن سان ملاقاتون ڪري پنهنجو علمي ذوق ۽ شوق وڌائيندا رهيا. سهارنپور ۾ بہ وڃڻ ٿين ۽ اتان جي مشهور قاري عبدالخالق سهارنپوريؒ (١٨٨٠_١٩٥٧) سان بہ مليا ۽ علم تجويد ۾ ڪانئن سوال و جواب جي ذريعي استفادو ڪيائون.[١٣٩] لکنئو جي مشهور"مدرسہ فرقانيہ" ۾ پنهنجي وقت جي شيخ القراء، علم تجويد جي مشهور ۽ مجيل رسالي"فوائد مکية" جي جوڙيندڙ قاري عبدالرحمٰن مڪيؒ (١٨٦٤_١٩٣٠) ۽ قاري عبدالمالڪ مڪيؒ (١٨٨٥_١٩٥٩) جن کي قرآن مجيد ٻڌايائون ۽ علم تجويد ۾ استفادو ڪيائون.[١٤٠] بالا آخر ٿانہ ڀون وڃي اتان جي اڪابر عالمن سڳورن کي قاري صاحب جو امتحان وٺڻ لاءِ چيو. اتان جي بزرگن جڏهن قاري محمد صاحب جو قرائت ۽ تجويد جو امتحان ورتو تہ ڪيس قرائت ۽ تجويد ۾ ڪامل ۽ ماهر ڀاتو. مولانا عبدالڪريم ديروي صاحب اتان جي بزرگن کي اهو چئي قاري صاحب جو امتحان ونرايو تہ هن کي علم قرائت ۽ تجويد ۾ داخل ڪريو تہ جيئن هي هتان پڙهي واپس پنهنجي علائقي ۾ اها خدمت سرانجام ڏئي. جنهن تي داخلا جي لاءِ جڏهن ڪانئس امتحان ورتو تہ بزرگن اهو فرمايو تہ هي هتي پڙهڻ نہ بلڪ پڙهائڻ جي لائق آهي. اسان جيڪو ڪجهہ ڪيس سيکاريون، هي اهو ڪجهہ ڀهريان ئي ڄاڻي ٿو. لهٰذا هن کي وني وڃو تہ جيئن سنڌ جي اندر قرآن مجيد جي خدمت جي سعادت حاصل ڪري. ان ريت ڀاڻي پٽ ۾ قاري فتح محمد صاحبؒ (١٩٠٤_١٩٨٦) وٽ بہ ويا. جنهن قاري

صاحب تي پنهنجي اعتماد ۽ تسلي جو اظهار ڪيو. ان تي مولانا عبدالڪريم صاحب ڏاڍو خوش ٿيو ۽ واپس ميهڙ موٽي آيا.

قاري محمد صاحب جنهن وقت ۾ پنهنجي تعليم مڪمل ڪري واپس پاڪستان موٽي اچي تدريسي خدمت سرانجام ڏيڻ لڳو، ان وقت کان ڪافي گهڻو وقت اڳ سنڌ اندر علم تجويد ۽ قرائت گم ٿي چڪو هو. ڪجهه عالم سڳورن ۽ اهل الله بزرگن کي ان ڳالهه جو شدت سان احساس هو ته هن اعلىٰ علم کي حاصل ڪرڻ جي سعادت ڪين ۽ سندن متعلقين ۽ عوام کي حاصل ٿئي. پر شايد سيني کي ان ڳالهه جو انتظار هو ته ڏسون ته ان نيڪ ڪم ۾ اڳڀرائي ڪير ٿو ڪري ۽ اها عظيم نعمت ڪنهن کي ٿي حاصل ٿئي؟ قاري صاحب جڏهن حجاز مقدس منجهان هن علم ۾ مهارت حاصل ڪري آيو ۽ مدرسه دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ ۾حفظ القرآن ۽ تجويد جي تدريس شروع ڪئي ته مولانا عبدالڪريم ديروي صاحب کي ان ڳالهه جو احساس ٿيو ته ايئن صرف اهي ماڻهو ئي هيءَ سعادت حاصل ڪري سگهندا جيڪي هن مدرسي ۾مستقل پڙهڻ ايندا، باقي عوام ۽ اهي عالم سڳورا جيڪي مستقل طور هن مدرسي ۾رهي اها سعادت حاصل ڪري نه ٿا سگهن، انهن کي هيءَ سعادت نصيب نه ٿيندي.

ان ڳالهه کي مدنظر رکندي مولانا ديروي صاحب قاري محمد صاحب کي حڪم فرمايو ته توهان تجويد جو دورو منعقد ڪري پڙهايو. هن دوري ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت هر عام و خاص کي ڏيو ته جيئن ٻيا ماڻهو به علم تجويد جهڙي نعمت حاصل ڪري سگهن. قاري صاحب پنهنجي مربي جي حڪم تي لبيڪ چيو. رمضان المبارڪ جي بابرڪت مهيني سن ١٩٣٩ع ۾ جڏهن مدرسي جون ساليانې موڪلون هيون، انهن موڪلن ۾ دورو منعقد ڪرايو ويو. اهو دورو مدرسه دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ ۾ منعقد ٿيو. ان دوري جو مڪمل خرچ مولانا ديروي صاحب پنهنجي کيسي منجهان ڪيو هن دوري ۾ مدرسه دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ جي طالبن کان علاوه ٻين شريڪ ماڻهن جو تعداد به هڪ سؤ (١٠٠) کان وڌيڪ هو. هي دورو قاري محمد صاحب جو پهريون دوره تجويد هو. ان دوري جي ڪافي شهرت ٿي. ١٩٤٠ع ۾ قاري صاحب پنهنجي گهرواريءَ جي علاج جي سلسلي ۾ حڪيم مولانا فضل الله سومروؒ صاحب (١٩٠٠_١٩٧٢) وٽ شڪارپور ۾ ويو. مولانا

فضل الله صاحب قاري صاحب کي چيو تہ سائين توهان جي گهرواري جو علاج مهينو ڏيڍ هلندو، اگر توهان ايئن ڪريو جو اسان جي مدرسي ۾ تجويد جو دورو پڙهايو، اهڙي طرح شڪارپور ۾ توهان جي خدمت بہ ٿي ويندي ۽ ايتري ۾ توهان جي گهرواريءَ جو علاج بہ ٿي ويندو. قاري صاحب اها ڳالهہ خوشي سان قبول ڪئي. ١٩٤٠ع ۾ اهو دورو مدرسہ ”اشرف العلوم“ شڪارپور ۾ منعقد ٿيو. ان دوري جي تمام گهڻي مشهوري ڪئي وئي. ان دوري ۾ شريڪ ماڻهن جو تعداد بہ سون ۾ هو. مولانا فضل الله صاحب پاڻ بہ ان دوري ۾ شريڪ ٿي قاري صاحب وٽ قرآن مجيد جي تجويد پڙهڻ شروع ڪئي. ان دوري جو سمورو خرچ مولانا فضل الله صاحب ڪيو. ان دوري قاري صاحب کي ڪافي مشهور ڪري ڇڏيو. مولانا فضل الله صاحب کي قاري صاحب جي قرائت تمام گهڻو وڻي ۽ سندس پڙهائڻ جو انداز بہ نهايت پسند آيو. ان ڪري پاڻ ڪيس پنهنجي مدرسي ۾ پڙهائڻ لاءِ چيو. ان تي قاري صاحب فرمايو تہ سائين ميهڙ ۾ منهنجي خدمت جي ضرورت آهي، ٻيو تہ مان مولانا عبدالڪريم ديروي صاحب جي حڪم کان سواءِ هتي پڙهائي نہ ٿو سگهان. اها ڳالهہ ٻڌي مولانا فضل الله مولانا ديروي صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. ڪيس عرض ڪيو تہ سائين توهان قاري محمد صاحب کي حڪم ڪريو تہ هلي اسان جي مدرسي ۾ پڙهائي. مولانا صاحب جي بيحد اصرار تي مولانا ديروي صاحب بہ قاري صاحب لاءِ شڪارپور جو ماحول سازگار سمجهيو ۽ ڪيس اندازو هيو تہ شڪارپور ۾ ايران، افغانستان ۽ پري پري جي علائقن جا شاگرد بہ ڪافي تعداد ۾ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ايندا آهن، سو ڪجهہ وقت قاري صاحب جي اتي خدمت ڪرڻ سان سندس اهو فيض ايران، افغانستان ۽ ٻين علائقن وارن کي بہ حاصل ٿي ويندو. ان ڳالهہ کي مدنظر رکي مولانا ديروي صاحب قاري صاحب کي شڪارپور ۾ خدمت لاءِ روانو فرمايو. قاري صاحب کي شڪارپور ۾ ”مدرسہ اشرف العلوم“ ۾ ٻارهن سال پڙهائڻ جو موقعو مليو. پاڻ اتي هر سال موڪلن دوران انهيءَ مدرسي ۾ تجويد جو دورو منعقد ڪري پڙهائيندو رهيو. انهن دورن جي ڪافي شهرت ٿي. انهن دورن قاري صاحب کي بہ تمام گهڻو مشهور ڪيو، جنهن ڪري ڏورانهين علائقن مان بہ قرآن مجيد جا عاشق عالم سڳورا ۽ عوام تجويد جهڙي نعمت حاصل ڪرڻ لاءِ

اچي دورن ۾ شريڪ ٿيڻ لڳا.

قاري محمد صاحب جي اهليہ محترمہ عزت بيبي صاحبہ اتي دينپور محلي جي نياڻين کي پڙهائڻ لڳي. بيبي صاحبہ شڪارپور جي سوين ڇوڪرين ۽ عورتن جي استاد رهي چڪي آهي. تقريبًا سڄو شڪارپور شهر هن عظيم عورت ۽ سندس عظيم مڙس جو علمي ۽ ديني احسانمند آهي. هن بيبي صاحبہ شاديءَ ٿيڻ کان پوءِ علمي خدمتن ۽ تدريس ۾ پنهنجو پاڻ مڃرايو آهي. قاري صاحب کي سندس بطن مبارڪ منجهان هڪ پٽ (مولانا قاري سعيد احمد) ۽ ٻہ نياڻيون پيدا ٿيون. قاري محمد صاحب ۽ سندس هن پاڪدامن ۽ عظيم عورت جي خدمتن جو ثمر هن پٽ جي روپ ۾ الله رب ڪريم کين عطا ڪيو. هن پٽ جون علمي، ادبي خدمتون، علم ۽ عمل قابل فخر آهن. هن بيبي سڳوري جي بطن مان وڏي نياڻي زوجہ قاري احمد ڏيرو، ان کان بعد ٻي نياڻي زوجہ قاري امان الله ڏيرو ۽ انهن نياڻين کان بعد مولانا قاري سعيد احمد صاحب جنم ورتو. قاري سعيد احمد صاحب کان پوءِ کيس هڪ نياڻي پيدا ٿي. جنهن جو نالو سعيده رکيو ويو. اها نياڻي ٻچپن ۾ ئي وفات ڪري وئي. قاري صاحب جي هن مٿي ذڪر ڪيل اولاد جو جنم شڪارپور شهر ۾ ٿيو. اتي ئي ڄاوا ۽ اتي ئي سندن ٻچپن گذريو.

قاري محمد صاحب کي پهريان ئي نياڻين کي قرآن مجيد جي تعليم جي زيور سان آراستہ ڪرڻ جو شوق هوندو هو. جڏهن شادي ڪيائين تہ پنهنجي زوجہ محترمہ کي قرآن شريف تجويد سان پڙهائڻ شروع ڪيائين. کيس قرآن مجيد تجويد سان پڙهائي ماهر بڻايائين. جڏهن قاري محمد صاحب شڪارپور جي "مدرسه اشرف العلوم" ۾ تدريس ڪرڻ لڳو تہ ان وقت کيس مدرسي جي پرسان سندس رهائش لاءِ هڪ گهر ڏنو ويو. جڏهن پاڻ مدرسي "اشرف العلوم" شڪارپور ۾ خدمت ڪرڻ شروع ڪيائين تہ کيس اهو شدت سان احساس ٿيو تہ مرد ڪنهن مسجد يا مدرسي ۾ ڪنهن مولوي صاحب يا قاري صاحب کان قرآن مجيد تجويد سان پڙهي وٺندا يا ڪڏهن ڪنهن دوري ۾ شريڪ ٿي تجويد سکي وٺندا، مگر نياڻيون گهڻو ڪري علم کان محروم رهنديون آهن، قرآن مجيد جي تجويد تہ پري جي ڳالهہ آهي پر کين قرآن مجيد جي تعليم بہ مشڪل سان نصيب ٿيندي آهي. ان ڳالهہ کي مد نظر رکندي پنهنجي گهر ۾ محلي جي نياڻين ۽ عورتن جي

تعليم لاءِ ماحول بڻايائين. قاري محمد صاحب پاڻ مدرسي ۾ تدريس ڪندو هو تہ سندس گهر ۾ سندس اهليہ محترمہ نياڻين ۽ عورتن کي تجويد ۽ بهشتي زيور پڙهائڻ شروع ڪيو. بيبي صاحبہ اڪيلي سر اها خدمت سرانجام ڏيندي رهي، مگر ڪجهہ وقت کان پوءِ مولانا حڪيم فضل الله سومرو صاحب جي زوجہ محترمہ بہ ساڻس شريڪ ٿي خدمت ڪرڻ لڳي.

قاري محمد صاحب پاڻ قرآن مجيد پڙهائڻ لاءِ شڪارپور جي گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول ۾ موڪل جي ٽائيم تي وڃي نياڻين کي تعليم ڏيڻ شروع ڪئي. سندس اهليہ محترمہ شڪارپور جي نياڻين ۽ عورتن کي قرآن مجيد تجويد سان پڙهائڻ لڳي. شڪارپور جون ڪيتريون ئي نياڻيون ۽ عورتون سندس محنت سان قرآن مجيد صحيح تلفظ سان پڙهڻ جي سعادت حاصل ڪري چڪيون. بيبي صاحبہ اها خدمت مولانا حڪيم صاحب جي زوجہ سان گڏجي تاحيات سرانجام ڏيندي رهي. بالا آخر ١٩٥٢ع ۾ هن بيبي صاحبہ جي وفات سندس ويم دوران ٿي. بيبيءِ صاحبہ مولانا لطف الله سومرو صاحب جي زوجہ کي بہ هڪ بهترين مُدرس جي روپ ۾ تيار ڪري چڪي هئي. حڪيم صاحب جي خاندان جي هڪ نياڻي محترمہ فيروزه زوجہ منصب علي سومرو سندس رضاعي نياڻي هئي. سندس فرزند ارجمند مولانا قاري سعيد احمد صاحب جي ڪير شريڪ ڀيڻ هئي. ان کي ٻهريان پاڻ پڙهايائين، پوءِ سندس رضاعي والد قاري محمد صاحب تمام سٺي محنت سان ڪيس قرآن مجيد جي تجويد جي ماهر بڻايو. جيڪا بعد ۾ تاحيات اها خدمت سرانجام ڏيندي رهي آهي. قاري صاحب هر سال ساليانہ موڪلن ۾ باقائدگيءَ سان تجويد جا دورا منعقد ڪرائي پڙهائيندو رهيو. ان دورن ۾ پري پري جا شاگرد، عالم سڳورا ۽ عوام ٻين شهرن منجهان سيڙجي تجويد سکڻ لاءِ دورن ۾ شريڪ ٿيندا هئا. انهن دورن ۾ شريڪ وڏن نالي وارن عالمن جي هڪ ڊگهي فهرست شامل آهي. ان کان بعد ١٩٥٢ع جي آخر ۾ قاري صاحب واپس مدرسه دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ ۾ مهتمم ۽ مُدرس مقرر ٿيو تہ ساليانِي موڪلن ۾ مختلف شهرن ۾ دورا منعقد ڪرائي پڙهائڻ لڳو. انهن دورن ۾ بہ شريڪ عالم سڳورن ۽ عوام جو تمام گهڻو تعداد شامل آهي. ان جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ جڏهن ١٩٦٢ع ۾ مدرسه عربيه دارالقرآن ميهڙ ۾ تجويد جو دورو

منعقد ڪيو ويو ته ان ۾ مدرسي جي طالبن کان علاوه ٻاهرين شريڪ ماڻهن جو تعداد پنج سؤ کان وڌيڪ هو. ٽريچاڻي واري مدرسي ۾ جيڪي دورا ٿيا انهن ۾ به شريڪ ماڻهن جو تعداد ٻه سؤ کان مٿي هوندو هو. اهڙي طرح هر دوري ۾ شريڪ ماڻهن جو تعداد سَوَن ۾ هوندو هو. انهن دورن جي شهرت پري پري تائين پکڙجي وئي. جنهن ڪري ڏورانهين علائقن جي عالم سڳورن ۽ عوام جي سٺي تعداد انهن ۾ شرڪت ڪري تجويد سکي.

قاري محمد صاحب ١٩٥٩ع ۾ هڪ نئون مدرسو ۽ نئين مسجد ميهڙ شهر جي اوڀر ۽ اتر طرف راڌڻ روڊ لڳ قائم ڪيو. ١٩٦٧ع ۾ حرمين شريفين روانو ٿيو. اتي مڪ شريف جي حرم شريف ۾ مدرسه دارالارقم ۾ جماعة تحفيظ القرآن الڪريم جي ماتحت مُدرس مقرر ٿيو. قاري صاحب ١٩٣٩ع کان١٩٦٦ع تائين تجويد جا ٢٧ دورا مختلف وقتن ۽ مختلف شهرن ۾ منعقد ڪرائي پڙهايا. انهن دورن جي مشهوري بعد انهن ۾ شريڪ ماڻهن جو تعداد گهڻو ٿي ويو ته پنهنجن پراڻن وڏن ۽ ذهين شاگردن کي انهن دورن ۾ شرڪت لاءِ وٺي ويندو هو ته جيئن اهي انهن دورن ۾ ساڻس معاونت ڪن. انهن ۾ قاري عبدالمجيد ڪوسو، قاري محمد عمر راڄپر، قاري احمد ڏيرو ۽ ٻيا شامل آهن. قاري صاحب سنڌ ۾٢٧ سال مدرسن ۾ تدريس جي خدمت سرانجام ڏني ۽ تجويد جا ٢٧ دورا پڙهايا. قاري صاحب هڪ برک عالم، جيّد فاضل، بهترين مُدرس، شيخ الحديث، خوش الحان قاري ۽ بهترين استاد هو. سندس علم ۽ مدرسي جي هاڪ سموري سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب ۾ ڦهلجڻ لڳي. پاڻ سموري زندگي شريعت جو پابند رهيو. تدريس، ڪجهه تصنيف ۽ تاليف سان گڏ هڪ تجديدي ڪم"تجويد جا دورا"منعقد ڪرائي پڙهائيندو رهيو. جنهن ڪري سندس ڪيترائي شاگرد عالم، فاضل، فقيه ۽ قاري ٿي فارغ ٿيا.

قاري صاحب جا شاگرد ٻن قسمن جا آهن. هڪ اهي شاگرد اهن جيڪي وٽس مدرسن ۾ پڙهيا آهن. ٻيا اهي جيڪي وٽس دورن ۾ شريڪ ٿي ڪانئس تجويد سکيا آهن. قاري صاحب جي شاگردن جو تعداد تمام گهڻو آهي. سندس شاگردن ڪانئس سکي پنهنجن علائقن ۽ ٻين علائقن ۾ جي تدريس جي خدمت سرانجام ڏني آهي، بلڪ پنهنجي هن عظيم استاد جيان پنهنجون زندگيون ان خدمت ۾ صرف ڪري ڇڏيون آهن. اهڙي طرح سنڌ ۽

بلوچستان جي تقريبًا هرهڪ وڏي توڙي ننڍي شهر ۾ ڀهراڙين تائين قاري صاحب جو فيض پهتو. قاري صاحب جي دورن ۾ شريڪ شاگردن جو تعداد ته هزارن تائين پهتو. انهن شاگردن قاري صاحب کان بعد سندس هن فيض کي تدريس جي صورت جاري و ساري رکيو. انهن شاگردن جي مقدر ۾ جيتري خدمت هئي يا آهي، انهن بهترين نمونې پاڻ ملهايو آهي، وري قاري صاحب جي ڪجهه شاگردن سندس دورن واري طريقي کي جاري رکي سندس فيض کي اڃان وڌيڪ عام ڪيو. انهن جي دورن جي ڪري هزارين ماڻهن تائين اهو فيض پهتو. انهن دورن منعقد ڪرائڻ ۾ قاري صاحب جا ٽي شاگرد سرفهرست آهن. هڪ سندس وڏو فرزند مولانا قاري سعيد احمد صاحب، ٻيو مولانا قاري عبدالقادر لغاري صاحب ۽ ٽيون مولانا حافظ قاري نثار احمد منگي صاحب. قاري صاحب جي شاگردن ۾ ڪافي گهڻو تعداد عالمن سڳورن جو شامل آهي. انهن منجهان ڪجهه پنهنجي وقت جا مجيل ولي الله ۽ درگاهن جا گادي نشين رهيا آهن، ڪافي شاگرد مدرسن جا مهتمم ۽ صدر مُدرس رهيا آهن، باقي اڪثريت انهن شاگردن جي آهي جيڪي مختلف شهرن ۽ علائقن ۾ مُدرس رهيا آهن. قاري صاحب پنهنجن شاگردن کي تجويد ۾ ماهر بڻائي بيرون ملڪن ۾ به خدمت ڪرڻ لاءِ همٿائيندو رهيو ته جيئن سندس هي فيض وڌيڪ ڦهلجي سگهي. سندس شاگرد سعودي عرب، قطر، ملائيشيا، لبنان، ترڪي، افغانستان، ايران، هندستان، انڊونيشيا ۽ شام وغيره ملڪن ۾ وڃي قرآن مجيد جي خدمت ۾ مصروف ٿي ويا. سندس هنن شاگردن اتي وڃي پنهنجا هزارين شاگرد تيار ڪيا. جنهن ڪري سندس فيض بيرون ملڪن ۾ به ڦهليو. قاري صاحب جي چند مشهور شاگردن ۾ مولانا حافظ حڪيم فضل الله سومروؒ مولانا حافظ محمود اسعد هاليجويؒ امام العصر مولانا عبدالڪريم قريشي بير واروؒ مولانا غلام محمد پنهورؒ (ڪولاب جيئل وارو)، مولانا تاج محمد سڏايوؒ قاري حافظ محمد صديق مهيسرؒ مولانا مفتي غلام قادر ميمڻؒ قاري حافظ عبدالمجيد ڪوسوؒ مولانا ميرمحمد هنجراڻيؒ (ميرڪ)، مولانا عبدالرزاق ميڪوؒ مولانا عبدالصمد هاليجوي، مولانا قاري عبدالڪريم "ذبيح" ساسولي بروهيؒ مولانا قاري محمد حسن لانگاھ، مولانا محمد اسماعيل چاچڙؒ علامه مفتي محمد مهيسرؒ مولانا مفتي غلام حسين ڪارو چانڊيوؒ مولانا مفتي

غلام مصطفىٰ بن مفتي غلام حسين ڪارو چانديوؒ مولانا قاري محمد عالم عباسي، مولانا عبدالقيوم جوهر بروهي، مولانا محمد قاسم سومرو ۽ ڊاڪٽر پروفيسر قاري عبدالقيوم ميراڻي(سنڌي) سر فهرست آهن.

مولانا قاري محمد الديروي جون تصنيفات ١.هدايت القاري الي تجويد ڪلام الباري (مطبوعہ) ٢. بهترين ڏاجو (عورتن لاءِ نصيحت) (غير مطبوعہ) ٣. بعض تقارير ترمذي (غير مطبوعہ) ۴. بعض تقارير مسلم (غير مطبوعہ) ۵. سوانح مولانا عبدالڪريم الديروي (مضمون) (مطبوعہ) ٦.سوانح مولانا شفيع محمد "مسجدي" (مضمون) (مطبوعہ)

قاري صاحب جي شاگردن جو تعداد اگرچہ هزارن ۾ آهي تہ سندس شاگردن جي ذريعي ڦهليل سندس فيض هزارن جي تعداد کان بہ وڌيڪ ماڻهن تائين پهتو آهي. قاري صاحب جي هيءَ محنت صدقہ جاريہ جي صورت ۾ هلندي رهي ٿي. قاري صاحب سنڌ ۾ ڪافي عرصي کان گم ٿيل هن قيمتي علم کي هر عام و خاص تائين پهچايو. ايئن چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نہ هوندو تہ سنڌ ۽ بلوچستان جو ڪو گهر ۽ خاندان ديني علم سان سرشار آهي تہ ان گهر تائين قاري صاحب جو فيض ضرور پهتو هوندو. قاري صاحب جي شاگردن تعليم ۽ تبليغ جي ذريعي هن علم کي عام ڪيو. قاري صاحب جي تعليمات جو اثر تقريبًا جهر جهنگ عام ٿيو. پاڻ سنڌ ۾ ٿي هو تہ سندس شاگرد مختلف علائقن ۾ مدرسن جا مهتمم ۽ مُدرس بڻجي چڪا هئا. سندس شاگرد مختلف علائقن ۾ پکڙجي تدريسي خدمت ۾ مصروف ٿي ويا. سندس تعليمات عام ٿي چڪي هئي. ١٩٦٧ع ۾ پاڻ ديار حبيب ۾ دفن ٿيڻ جي شوق ۾ حجاز مقدس طرف هجرت ڪري ويو. اتي تقريبًا ٢٣ سال علم تجويد ۽ قرائت جي خدمت ۾ مصروف رهيو ڪيس زندگيءَ جا ڏينهن ڪجهه وڌيڪ نصيب ٿيا. پاڻ حجاز مقدس ۾ بہ تدريسي خدمت ڪندو رهيو. پاڻ تدريسي خدمت ڪري عرب جي هزارين نونهالن، وڏن ۽ اتي ڪيمپن ۾ آيل ٻاهرين ملڪن جي ۽ سعودي عرب جي فوجي جوانن کي بہ تجويد ۽ قرائت جي زيور سان آراستہ ڪيائين. سرزمين سنڌ جي هن جيّد قاري ۽ عظيم عالم با عمل بروز جمعہ ٢٣ شوال ١۴١۵ هجري الموافق ٢۴ مارچ ١٩٩۵ع ۾ مڪه مڪرمه ۾ وفات ڪئي. سندس جنازه نماز مسجد الحرام مڪه مڪرمه ۾ ادا ڪئي وئي ۽ سندس تدفين جنت المعلىٰ ۾ ڪئي وئي.

قاري صاحب پوري زندگي عملي طور تي مشق ڪرائي تجويد پڙهائيندو ۽ سيکاريندو رهيو. قاري صاحب فنا في القرآن شخصيت ٿي گذريو آهي. پاڻ پوري زندگي تدريس ۽ علم تجويد جي دورن ۽ تقريرن ذريعي قرآن مجيد جي خدمت ڪندو رهيو. ان سان گڏ ضرورت آهر علم تجويد بابت ڪتاب لکي تحريري صورت ۾ به خدمت ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين. ان سلسلي ۾ پاڻ ڪتاب "هدايت القاري الیٰ تجويد ڪلام الباري" لکيائين. سندس هن ڪتاب کي به الله رب العزت سٺي مقبوليت بخشي. سندس زندگيءَ تائين ۽ بعد ۾ به ڪجهه وقت ان ڪتاب کي ڪافي مُدرس پنهنجن شاگردن کي پڙهائيندا رهيا آهن. خاص ڪري قاري صاحب جا اولين شاگرد پنهنجن مدرسن ۾ پنهنجي استاد جو هي ڪتاب ۽ مولانا ديروي صاحب جا به ڪتاب تعليم القرآن ۽ معلم القرائت باقائده نصاب ۾ شامل ڪري پڙهائيندا رهيا آهن. قاري محمد صاحب پاڻ به مدرسه اشرف العلوم، مدرسه دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ، مدرسه دارالفيض ميهڙ ۽ مدرسه عربيه دارالقرآن ميهڙ ۾ به پڙهائيندو رهيو ۽ تجويد جي دورن ۾ به اهي ئي ڪتاب پڙهائيندو هو. قاري صاحب عمده شخصيت ۽ پاڪ ڪردار جو مالڪ هو. جڏهن ڳالهائيندو هو ته سندس ڳالهين منجهان دانائي محسوس ٿيندي هئي. پڙهڻ ۾ فصيح ۽ پڙهائڻ ۾ تمام اعلیٰ هوندو هو. شاگردن کي سبق دوران آسان زبان ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندو هو. عالمن ۾ سٺي علم وارو هو. ائين محسوس ٿيندو هو گويا ڪو علم جو سمنڊ سندس اندر موجزن هجي ۽ ان جون لهرون سندس علم ۾ عيان نظر اينديون هيون. عاملن ۾ عامل هو، سنت ۽ حديث تي عمل ڪرڻ سندس شيوه ۽ سڃاڻپ بڻجي چڪو هو، مهمان نوازي ۾ خوش آيد هو، آذر پاءُ ۾ سبقت حاصل ڪرڻ وارو هو، هر مهمان ۽ دوست توڙي شاگرد کان احوال وٺڻ ۾ دلچسپي رکندو هو، گذر معاش ۾ هميشه توڪل علیٰ الله جو دامن پڪڙيون وينو هوندو هو، حرص و حوس کان ڪوهين دور ۽ هوڏ هستي ۾ هيناهون رهيو، ڪيس فخر ۽ وڏائي اصل ڪونه هوندي هئي.[١٤١] قاري صاحب جي شخصيت جيڏي وڏي هئي اوڏي نوڙت پري ۽ متواضع به! درحقيقت اها ئي ته عالم جي سڃاڻپ آهي. قرآن مجيد ۾ مؤمنن جي وصف بيان فرمائي وئي آهي: "اَذِلَّةٍ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ اَعِزَّةٍ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ" ترجمو: مؤمنن تي نرم دل هوندا ۽ ڪافرن تي سخت هوندا

آهن.[١٤٢] انهيءَ ڪري ئي تہ قائدو ڪليہ بيان ڪيو ويو تہ ”من تواضع لله رفعه الله“. ترجمو: جنهن الله تعاليٰ خاطر نوڙت ڪئي تنهن کي الله تعاليٰ بلند فرمائيندو آهي.

پاڻ ڏاڍو متقي ۽ پرهيزگار هوندو هو. مدرسي جي حساب ۾ ڏاڍو احتياط ڪندو هو، لالچ، طمع ۽ اسراف کان پري هو، ٿوري تي شڪر ڪندو هو، پاڻ ديني فرائض جي ادائگي جو وڏو اهتمام ڪندو هو، زندگيءَ کي شريعت مطابق گذارڻ جو شديد قائل هو، ستر ۽ پردي جي معاملي ۾ حد کان وڌيڪ سخت هوندو هو ۽ ان تي سختيءَ سان عمل ڪرائيندو هو. قاري صاحب شاگردن کي استادن يا پنهنجو(قاري صاحب جو) ذاتي ڪم ڪار ڪرڻ جي اجازت نہ ڏيندو هو. چوندو تہ ”هي طالب علم اسان وٽ امانت آهن. هنن جي والدين هي ٻار اسان کي علم جي زيور سان آراستہ ڪرڻ لاءِ عاريتًا ڏنا آهن، سو ڪانئن ڪوبہ ذاتي ڪم وٺڻ امانت ۾خيانت ڪرڻ جي برابر آهي.“ راقم جي جڏهن مولانا محمد قاسم سومرو صاحب (ڪنڌيارو) سان ملاقات ٿي تہ مولانا صاحب ٻڌايو تہ ”سن١٩٦٠ع يا ١٩٦١ع ۾ قاري محمد صاحب وٽ ميهڙ سندس قائم ڪيل مدرسي ۾ اسان ٻہ دوست علم تجويد ۽ قرائت سکڻ لاءِ پيدل سفر ڪري مدرسي پهتاسين. ڏاڍو پرهيزگار ۽ متقي انسان اسان کي استاد جي روپ ۾ مليو. قاري صاحب سراپا خوبين ۽ سنت رسول ﷺ جو پيڪر نظر آيو. اسان ڏاڍو شوق سان اتي پڙهڻ شروع ڪيو. ان وقت سندس مدرسي واري جامع مسجد جي بنياد جي تعمير جاري هئي. اسان بہ ان خير جي ڪم ۾ حصو وٺڻ لاءِ مٽي ڍوئي مسجد جا بنياد پرڻ ۾ شامل ٿي وياسين. جڏهن استاد محترم جي نگاهہ اسان تي پئي تہ يڪدم اسان جي ويجهو آيو ۽ اسان کي ڪم ڪرڻ کان منع فرمايائين. اسان عرض ڪيو تہ سائين اسان چاهيون ٿا تہ هن خير جي ڪم ۾ اسان جو بہ حصو هجي، ان لاءِ پنهنجي خوشيءَ سان هي ڪم ڪري رهيا آهيون. ان تي استاد محترم وراڻيو تہ بابا توهان الله پاڪ جا مهمان آهيو ۽ اهو مهمان نوازي جي اصول جي خلاف آهي تہ مهمان کان ڪوبہ ڪم وٺجي. توهان جنهن مقصد خاطر هت آيا آهيو اهو مقصد عظيم آهي، لهٰذا مان توهان کي هرگز بہ ڪم ڪرڻ جي اجازت نہ ڏيندس. اسان جي بيحد اصرار ڪرڻ تي فرمايو تہ بس توهان جو حصو شامل ٿي ويو جو توهان خلوص نيت سان

ڪجهه منيءَ جو ذرو ڪٿي مسجد جي بنياد ۾ وڌو. باقي وڏيڪ توهان جيڪو مقصد ڪٺي آيا آهيو، ان مقصد کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو.“[١٤٣]

اڄ جڏهن قاري صاحب دارالبقا جي طرف روانو ٿي چڪو آهي پر تنهن هوندي به سندس تعليم جا اثر معاشري تي چٽا ۽ صاف نظر اچن ٿا. اڄ هر شهر هر ڳوٺ ۾ قاري صاحب جي تعليم ۽ خدمت جو اثر سندس شاگردن جي قائم ڪيل مدرسن جي سلسلي ۾ سندس شاگرد، شاگردن جي شاگردن ۽ شاگردن جي شاگردن جي شاگردن جي صورت ۾ نظر اچي ٿو. قاري صاحب علم تجويد جي جنهن ٻوٽي جي آبياري ڪئي، اهو ٻوٽو اڄ هڪ وڏي وڻ جي شڪل اختيار ڪري چڪو آهي. ان وڻ جون شاخون تمام گهٽيون ڦهليون ۽ وڌيون آهن ۽ وڌنديون رهن ٿيون.

قاري صاحب جو ٻيو ڪارنامو آل پاڪستان مدارس جي هڪ تنظيم جوڙي مدرسن کي هڪ پليٽ فارم تي جمع ڪرڻ آهي. ان سلسلي ۾ ٻاڻ مولانا عبدالڪريم چشتي صاحبؒ سان گڏجي هڪ تحريڪ هلائي. ان تحريڪ تي ”جامعه دينة العلوم دارالهدیٰ“ ٺيڙهي ۾ سن١٩٤٨ع ۾”تنظيم المدارس العربيه“جي نالي سان هڪ وفاق قائم ڪيائين.[١٤٤] ان سلسلي ۾ دارالهدیٰ ٺيڙهي ۾ هڪ اجلاس منعقد ڪيو ويو. ان اجلاس ۾ سنڌ جي چاليهه مدرسن جا مهتمم ۽ صدرالمدرسين شريڪ ٿيا، جن وڏي جوش ۽ جذبي سان دارالهدیٰ کي وفاق جو درجو ڏنو. انهن مان اٽڪل ويهن مدرسن جامعه سان الحاق به ڪيو هو، پر افسوس جو جامعه جا پونئير منتظمين انهيءَ تنظيم المدارس کي قائم رکي نه سگهيا، ڪاش اهي هن تنظيم کي قائم رکيو اچن ها ۽ ان کي سنڌ ۽ بلوچستان جي مدرسن لاءِ بورڊ جي حيثيت ڏيارين ها. پر ايئن نه ٿي سگهيو.ان کان بعد ۾ وفاق المدارس العربيه جو قيام١٩٥٩ع ۾ ملتان ۾عمل ۾ آيو ۽ وفاق المدارس جو اهو اعزاز پنجاب جي عالمن سڳورن جي حصي ۾ آيو. قاري صاحب پنهنجي پوري زندگي سنت رسولﷺ مطابق گذاري ۽ پوري زندگي قرآن مجيد ۽ ديني علم جي خدمت ۾ صرف ڪئي.سندن شمار ماضي قريب جي اعلیٰ صفتن واري عظيم استاد العلماء والصلحاء ۽ استاد القرآء ۾ ٿئي ٿو.

قاري محمد صاحب جهڙي شخصيت جي باري ۾ ڪجهه ماڻهن ۾ غلط فهميون ڦهليل آهن. انهن غلط فهمين جو ڪارڻ ڪجهه به هجي پر هن

هيڏي وڏي بلند پايہ عالم، زاهد، قاري القرآء ۽ استاد العلماء جي ذات کي تنقيد جو نشانو بڻايو ويو. اڄ بہ ڪجهہ اهڙا ماڻهو موجود آهن جيڪي قاري صاحب جي شخصيت تي آڱريون کڻندا آهن. قاري صاحب جي شخصيت تي هڪ الزام هي بہ لڳايو ويو تہ مدرسہ دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ ۾ مولانا عبدالڪريم ديروي صاحب جي وصال کان بعد مدرسي جو انتظام سندس حوالي ڪيو ويو هو. سيد علي اڪبر شاهہ صاحب سياسي سرگرمين ۾ گهڻو مصروف رهڻ ڪري مدرسي جي سموري ذميواري قاري صاحب کي سونپي.[١٤٥] قاري صاحب هڪ عظيم استاد ۽ بحرالعلوم عالم جي حيثيت سان عوام جي دلين ۾ پنهنجو هڪ منفرد مقام اڳ ۾ ئي بڻائي چڪو هو. وري مدرسي جي اهتمام حوالي ٿيڻ کان بعد ويتر سندس روحانيت نروار ٿيڻ لڳي. جنهن ڪري عوام جي دلين ۾ وڌيڪ عزت حاصل ڪرڻ لڳو. ان وقت مدرسو پنهنجي عروج تي هو. مدرسي جي گلستان ۾ بهار اچي وئي.[١٤٦] شاگردن جو تمام وڏو تعداد جنهن ۾ اڪثريت سنڌ ۽ بلوچستان جي شاگردن جي هئي. مدرسي ۾ داخلا وٺڻ لڳا. شاگردن جي تعداد جي ڪثرت جي ڪري مالي معاونت ۾ بہ اضافو ٿيندو رهيو. سيد گهراڻي ۽ ديروي خاندان ۾ اختلاف جي اصل وجہ تہ حضرت مولانا تاج محمد سڏايو صاحب جي درس توحيد تي ڪجهہ شر پسند ماڻهن جي شرارت ئي هئي. جنهن ڪري هڪ ئي عظيم استاد جا بہ عظيم ۽ لائق شاگرد هميشہ لاءِ جدا ٿي ويا. انهن شر پسند ماڻهن سيد صاحب ۽ قاري صاحب کي جدا تہ ڪري ڇڏيو، پر تنهن هوندي بہ ڪين سڪون نہ مليو. وري جڏهن قاري صاحب هڪ بهترين ۽ وڏي مدرسي جو بنياد رکيو تہ حاسدن کي حسد ٿيو. جنهن ڪري هنن کي آزاديءَ سان قاري صاحب جي شخصيت کي داغدار بنائڻ جو هڪ موقعو ملي ويو. قاري صاحب تائين بہ اهي ڳالهيون پهچنديون رهيون پر پاڻ صبر ۽ استقامت جو دامن پڪڙي رکيائين ۽ پنهنجي ديني خدمت ۾ مگن رهيو. پر ايترو ضرور ٿيو جو قاري صاحب سعودي عرب ۾ پنهنجي زندگيءَ جو جيڪو بہ عرصو گذاريو سو گمناميءَ ۾ گذاريو. پاڪستان ۾ ڪنهن بہ مٽ مائٽ يا دوست سان ڪو بہ رابطو نہ رکيو. پنهنجي جوڙايل مدرسي کي آباد رکڻ لاءِ جڏهن سڏايو صاحب مدرسي جي انتظام تان دستبردار ٿيو تہ قاري صاحب پنهنجي وڏي فرزند مولانا قاري سعيد احمد صاحب کي واپس

پاڪستان موڪليو. پنهنجي ان فرزند سان خطن ذريعي حالي احوالي ٿيندو هو يا وري پنهنجي ڀاءُ محمد عثمان سان حال احوال ڪندو هو.

حاسدن قاري صاحب جي شخصيت تي اهو داغ لڳايو تہ جڏهن سيد صاحب جامع مسجد واري مدرسي جو انتظام سندس حوالي ڪيو تہ قاري صاحب مدرسي جي حساب ڪتاب ۾ ڦيرڦار ڪئي، جڏهن تہ سيد صاحب ڪانئس حساب وٺڻ چاهيو تہ قاري صاحب صاف انڪار ڪيو تہ اسان خود مختيار آهيون، حساب ڇو ڏيون؟ ان ڳالهہ تي سيد صاحب ۽ قاري صاحب ۾ اختلاف ٿي پيو، جنهن ڪري جدا ٿي ويا ۽ قاري صاحب جامع مسجد واري مدرسي جي حساب جي ڦيرگير مان حاصل ٿيل رقم مان نئين مدرسي جو پلاٽ خريد ڪري اڏاوت ڪرائي. انهن حاسدن قاري صاحب تي ايترو وڏو داغ لڳايو جيڪو اڄ بہ ڪجهہ ماڻهو نئين نسل کي ٻڌائي ان عظيم انسان جي وقار ۽ عظمت کي گهٽائڻ جي ڪوشش ۾ آهن. اها ئي ڳالهہ مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب پنهنجي ڪتاب”ميهڙ جون ديني درسگاهون“ جي صفحي٨۴ تي لکي آهي تہ: ”سائين علي اڪبر واري مدرسي جو پئسو وغيره قاري محمد صاحب جي هٿ ۾ هوندو هو. ان ۾ ڦيرگير ڪري وڪيل فيض محمد ٻرڙو جي مدد سان راڏڻ روڊ تي هڪ سرڪاري پيل پلاٽ ڪٽ ڪري هڪ نئون مدرسو عربيہ دارالقرآن ميهڙ جي نالي سان قائم ڪيائين، جنهن جو باني ۽ مهتمم قاري صاحب پاڻ ٿيو.“[١٢٧] اها ئي ڳالهہ مولانا حبيب الله ڏيرو صاحب پنهنجي ڪتاب ”ميهڙ جي ديروي (ڏيرا) خاندان جون علمي خمتون“ جي صفحي ١٠٩ تي لکي آهي. مولانا پنهنجي ڪتاب ۾ ’سيد ۽ ديروي ۾ اختلاف جا اسباب‘ جي ذيلي عنوان هيٺ لکي ٿو:

” ٻيو سبب: سائين علي اڪبر شاهہ جيئن تہ مدرسي جو مالڪ ۽ متولي هو. تنهن مدرسي جي آمدني، روانگي، چندي چاڙهي جو حساب ڪتاب وٺڻ پئي چاهيو. قاري محمد پنهنجي مدرسي ۾ ڪم ڪندڙ استادن سان مشورو ڪيو، جن چيو تہ اسين آزاد آهيون، شاهہ صاحب کي ڇو حساب ڪتاب ڏيون؟ انهيءَ ڪري بہ نفرتون وڌيون ۽ رستا الڳ ٿي ويا. “[١٢٨]

ان ڳالهہ جي سچائي کي سامهون آڻڻ لاءِ راقم کي دل ۾ خيال پيدا ٿيو. ان وقت راقم قاري محمد صاحب تي ايم فل جو تحقيقي مقالو لکي رهيو هو. جڏهن هن اختلاف جي خبر پئي تہ ان جي باري ۾ بہ ڪجهہ تلاش

ڪري سچائيءَ کي واڪو ڪرڻ پنهنجو فرض ڄاتم. جنهن ڪري قاري صاحب جي پوٽي مولانا عبدالجليل صاحب کي عرض ڪيو تہ قاري صاحب جا اهي ڪاغذات يا خط جيڪي توهان جي والد محترم مولانا قاري سعيد احمد صاحب وٽ محفوظ هئا، اهي ڏسڻ جي اجازت ڏيو. انهن ڪاغذن ۽ خطن منجهان ڪافي ڳالهيون صاف تہ ٿي ويون پر افسوس جو اهڙو ڪوبہ ثبوت نہ ملي سگهيو جو هن الزام جي صداقت يا تڪذيب ڪري سگهي. ان ڳالهہ کي مدنظر رکي سندس ذاتي لائبريري جي ورق گرداني ڪرڻ شروع ڪئي. ڪجهہ ڏينهن ۾ ڪافي محنت ڪرڻ کان بعد هڪ رجسٽر ملي ويو، جنهن ۾ جامع مسجد واري مدرسي جو ماهوار حساب ڪتاب لکيل آهي. ان ۾ مدرسي جو هر مهيني جي آمدني، خرچ ۽ بچت جو حساب ڪتاب لکيل آهي. قاري صاحب تہ اتي بہ منتظم جي حيثيت سان پنهنجي تدريسي خدمت ۾ مگن هو. مدرسي جي پئسي جو حساب ڪتاب تہ آخوند نورمحمد لاڪير جي ذمي هو، نورمحمد ئي حساب ڪتاب رکندو هو. هن رجسٽر ۾ نورمحمد هر مهيني جو حساب ڪتاب سيد صاحب کي باقائده ڏيندو رهيو آهي. قاري محمد صاحب پاڻ کي ملندڙ هر پئسي جو حساب باقائده ڏيندو رهيو آهي. ان رجسٽر ۾ لکيل هر مهيني جي خرچ ۽ آمدن جي حساب تي سيد صاحب، قاري محمد صاحب ۽ نورمحمد جي پنهنجي صحيح موجود آهي. نورمحمد سيد صاحب کي هر مهيني جو حساب باقائده ڏيندو رهيو آهي. وري سيد صاحب جو ننڍو ڀاءُ سيد علي اصغر شاهہ صاحب ڪانئس حساب وٺندو رهيو آهي ۽ آخر ۾ قاري صاحب بچيل بقايا رقم سيد علي اصغر شاهہ صاحب جي حوالي ڪئي آهي. ان تي بہ سڀني جون صحيحون موجود آهن. ان کان بعد سڄو حساب ڪتاب سيد علي اصغر شاهہ صاحب خزانچي جي حوالي ڪيو. هر مهيني جي حساب تي آخر ۾ قاري محمد صاحب، سيد علي اڪبر شاهہ صاحب ۽ بعد ۾ سيد علي اصغر شاهہ صاحب جون صحيحون موجود آهن. ان رجسٽر جي هر مهيني جي حساب تي خزانچي جي صحيح بہ موجود آهي، جيڪا ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ پئسا خزانچي جي هٿ ۾ هوندا هئا. اها ساري ڪاروائي لکت جي صورت ۾ موجود آهي ۽ اهو ثبوت راقم کي قاري محمد صاحب جي مدرسي واري لائبريري منجهان ڪتابن جي ورق گرداني ڪرڻ کان بعد ۾ مليو. قاري صاحب جي شخصيت اهڙي ڪريل

ڪردار کان بلڪل پاڪ ۽ صاف نظر اچي ٿي. قاري صاحب جي اولين شاگردن منجهان مولانا فيض محمد بروهي[١٢٩] مدرسه دارالقرآن والحديث ۾ تاريخ ٢٠١٩ ٠٢ ٢٠ بروز اربع نماز عصر کان بعد ساڍس ڪچهري دوران قاري صاحب بابت پڇيل هڪ سوال جي جواب ۾ ٻڌايو تہ اصل ۾ سيد خاندان ۽ ديروي خاندان ۾ اختلاف جي وجہ اها هرگز ناهي، جيڪا بعد ۾ ڪجهہ حاسدين جي شر جي ڪري عوام ۾ مشهور ٿي. اصل ۾ سڌايو صاحب جي توحيد واري درس تي ماڻهن کي چڙ اڳ ۾ ئي هئي وري قاري محمد صاحب باقائده درس نظامي جي تعليم جي لاءِ مُدرس مقرر ڪيا ۽ درس نظامي جي تعليم جي شروعات ڪرائي. سيد علي اڪبر شاهہ صاحب کي اها ڳالهہ پسند نہ آئي. ان جو ڪارڻ سيد صاحب خود قاري صاحب کي ٻڌايو تہ درس نظامي جي شاگردن ۾ اهو تميز ۽ ادب و احترام وارو مادو نہ ٿو رهي. اهي منهنجي بہ ڪا خاص عزت نہ ٿا ڪن، سو ان سلسلي کي ختم ڪري صرف قرآن مجيد جي تجويد ۽ قرائت واري تعليم کي ئي برقرار رکيو وڃي. ان تي قاري صاحب اهو چيو تہ سائين اگر قال الله سان گڏ قال رسولﷺ جي صدا بہ بلند ٿئي ٿي ۽ اسان جي قوم ۾ ڪجهہ ماڻهو اسان جي ذريعي عالم ۽ محدث پيدا ٿين ٿا تہ پوءِ اهڙي نعمت کان انڪار ڪرڻ جي ڪا وجہ نہ ٿي بڻجي، سو اسان اها سعادت حاصل ڪرڻ چاهيون ٿا. جي اگر توهان پنهنجي مدرسي ۾ ان جي اجازت نہ ٿا ڏيو تہ پوءِ مان ڪنهن ٻئي هنڌ ان سعادت جي حصول جي ڪوشش ڪريان ٿو. ان کان بعد قاري صاحب فيض محمد ٻرڙو صاحب وڪيل ۽ محمد صالح ڀٽ صاحب وڪيل سان مشاورت ڪري ان مدرسي کي الوداع ڪري ڀٽ محلا ميهڙ جي مسجد ۾ مدرسو شروع ڪيو. قاري صاحب جي وڃڻ سان سڀ شاگرد بہ ساڻس ان مدرسي کي خالي ڪري ويا. اهو مدرسو بلڪل خالي ٿي ويو. اسان سڀ شاگرد ۽ اسان جا استاد بہ قاري صاحب سان گڏ هليا وياسين ۽ قاري صاحب ۽ ٻيا استاد پنهنجا ذاتي ڪتاب بہ پاڻ سان گڏ کڻي ويا تہ جامع مسجد وارو مدرسو ائين ڏيک ڏيڻ لڳو گويا صرف خالي ديوارون ئي رهجي ويون. اها صورتحال ڏسي سيد صاحب کي بہ ناراضگي ٿي تہ منهنجو مدرسو ويران ٿي ويو ۽ قاري صاحب وارا مدرسي جو سڀ سامان بہ کڻي ويا. باقي اهڙي ڪا بہ ذاتي رنجش ڪانہ هين، نہ ئي وري ڪو پاڻ ۾ منهن ماري يا تلخ

ڪلامي جي نوبت ئي آئي. بس سيد صاحب کي ناراضگي هئي تہ صرف ان ڳالهہ جي تہ سندس مدرسو بلڪل خالي ٿي ويو هو. ان اختلاف کي ڪافي هوا ڏني وئي. ايتري قدر جو عالم سڳورا بہ ان تي ڏک ڪرڻ لڳا. آخر سيد صاحب ۽ قاري صاحب جي وچ ۾ ثالثي ڪرڻ لاءِ مولانا محمد اسحٰق ڪوهاروؒ (ڪڙيائي) جن کي منصف مقرر ڪيو ويو. مولانا محمد اسحٰق صاحب وٽ ٻنهي ڌرين جون ڳالهيون ٿيون. ڪڙيائي صاحب جا سيد صاحب سان برادرانہ تعلقات هئا، پر پوءِ بہ فيصلو حق تي ڏنائين. ٻنهي ڌرين جون ڳالهيون ٻڌڻ کان بعد فيصلو قاري محمد صاحب جي حق ۾ ڏنائين ۽ سيد صاحب ۽ سندس مشير مولانا عبدالڪريم مگسي صاحب کي ان فيصلي تي قائل ٻڌايائين. ان کان بعد ٻنهي ڌرين جون دليون هڪ ٻئي لاءِ صاف رهيون.[١٥٠] هيءَ فيصلي جي ڳالهہ روهڙي جي بزرگ مفتي عبدالوهاب چاچڙ صاحب پنهنجي ماهوار شريعت جي سوانح نمبر ۾ لکي آهي. ان سوانح کي مرتب ڪرڻ لاءِ مفتي چاچڙ صاحب ميهڙ جا ڪئي دفعا سفر ڪيا. ان فيصلي جي بہ ڪيترن ئي اهل علم ماڻهن کان تصديق ڪئي هئائين.

قاري صاحب جي شخصيت دنياوي لالچ ۽ مال متاع جي حرص و حوس کان ڪافي پري نظر اچي ٿي. قاري صاحب تقريبًا اٺاويهہ (٢٨) سال سعودي عرب ۾ رهيو. اهي ڏينهن بہ گمناميءَ ۾ گذاريائين. ايترا سال سعودي عرب ۾ رهڻ جي باوجود بہ ڪا خاص ملڪيت نہ ٺاهي اٿائين. سندس نظر هميشہ آخرت تي ئي هوندي هئي. ڪيس ڪا خاص ملڪيت نہ سعودي عرب ۾ آهي ۽ نہ ئي وري پاڪستان ۾. اهڙي عظيم شخصيت تي مدرسي جي حساب ڪتاب ۾ ڦيرڦار ڪري انهيءَ پئسن منجهان نئون مدرسو نهرائڻ جو الزام سراسر حسد ۽ بغض جو نتيجو ئي ٿي سگهي ٿو. الله رب العزت ڪيس ان صدقہ جاريہ ۽ ڪارخير جو اجر عظيم، ان صبر ۽ خدمت جو بهترين صِلو ۽ پنهنجي جوار رحمت ۾ جڳهہ عطا فرمائي. آمين

الله رب العزت ڪانئس جيڪو ڪم ونڻ مقدر فرمايو هو، اهو ونئي ڪيس پاڻ وٽ گهرائي ورتو. اهڙن صالح بندن کي اجر الله رب العزت پاڻ ڏيندو آهي. اهڙا صالح بندا ڪنهن انسان جي اجوري جا محتاج نہ هوندا آهن ۽ نہ وري دنيا جي فائدن جا ضرورتمند هوندا آهن.

جنت سندن جوءِ فائق هليا فردوس ڏي.

٤٧ علامه مفتي محمد مهيسر

مفتي محمد بن مولانا الهه بخش مهيسر سن ١٣٤٤ھ مطابق ١٩٢٦ع ۾ ميهڙ شهر جي پرسان ڳوٺ پيري مهيسر ۾ پيدا ٿيو.[١٥١] سندس گهراڻو مذهبي گهراڻو هو. سندس والد صاحب پنهنجي وقت جو جيّد عالم باعمل بزرگ ۽ خلافت تحريڪ جو سرگرم ڪارڪن گذريو آهي. مفتي محمد صاحب سنڌي پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهيو. ان ڪانپوءِ مولانا عبدالڪريم ديروي وٽ قرآن مجيد جي تعليم ورتائين. ان ڪان پوءِ ڳوٺ سوڀو خان مگسي ۾ مولانا عبدالڪريم مگسي صاحب جي مدرسي ۾ داخل ٿيو. اتي ميهڙ شهر جو نامور مفتي ۽ عالم باعمل مولانا ڪريم بخش مگسي سندس هم ڪلاس ۽ هم سبق هو.[١٥٢] اتان درس نظامي جي تعليم مڪمل ڪيائين. تخصص (مفتي جو ڪورس) به اتي ئي پورو ڪيائين. کيس عربي توڙي فارسي تي ايتري تہ دسترس هئي جو لکڻ پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ وڏي رواني هوندي هئس. علائقي ۽ اوسي پاسي جا نيڪ مرد ۽ ڪورٽن جا جج صاحبان به رات جي وقت اچي شريعت مطابق فيصلو ڏيڻ لاءِ وٽس حاضر ٿيندا هئا.[١٥٣] ڪڏهن ڪنهن کي ڪين موٽايائين. سدائين لکڻ، پڙهڻ ۽ پڙهائڻ واري مصروف زندگي گذاريائين. مفتي صاحب پنهنجي استاد مولانا عبدالڪريم مگسي صاحب جي حڪم تحت پنهنجي ڳوٺ ۾ پنهنجي والد جو مدرسو "مدرسه ڪنز العلوم پيري" سنڀاليو. ان مدرسي ۾ چاليهہ (٤٠) سال درس و تدريس جي خدمت سرانجام ڏنائين. مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب به اڪثر فقه جي مسئلن ۾ ڪانئس رهنمائي وٺندو هو. کيس فقه ۽ فتوىٰ ۾ وڏي مهارت هوندي هئي. پاڻ علم طب به ڄاڻندو هو. وٽس حڪمت جا ناياب نسخا هئا. پاڻ قاري محمد ڏيرو صاحب وٽ ميهڙ ۾ قرائت ۽ تجويد پڙهيو[١٥٤] ۽ ڪافي شهرن ۾ تجويد جي دورن ۾ قاري صاحب سان گڏ ويندو هو ۽ استفادو ڪندو هو.[١٥٥] قاري صاحب سان ڪافي دلي لڳاءُ هئس. پوئين وقت ۾ پاڻ ڳوٺ ڇڏي احمد علي ڪالوني ميهڙ ۾ اچي رهيو.[١٥٦] پر اتي به ديني درس ۽ فتوىٰ نويسي جو ڪم ڪندو رهيو. زڪاة جو چيئرمين به رهيو. ١٩٧٩ع ۾ حج جي سعادت به حاصل ڪيائين. مفتي صاحب جا به ڪتاب "قرآن شريف بخشرائڻ جو مسنون طريقو ۽ فتاوىٰ عزيزيه" ڇپيل آهن ۽ ڪجهه ڪتاب قلمي صورت ۾ سندس اولاد وٽ محفوظ آهن.

مفتي صاحب کي اولاد ۾ ٻه فرزند ڊاڪٽر حبيب الرحمان ۽ هيڊ ماستر (G.H.S No 1 Mehar) عزيز الرحمان ۽ ست نياڻيون ٽيون مفتي محمد صاحب جي وفات ٢٥ ذوالحج ١٤٣٥ھ مطابق ٣١ آڪٽوبر ٢٠١٣ع بروزخميس ميهڙ ۾ ٿي.

٤٨ مولانا محمد اسماعيل بروهي

مولانا محمد اسماعيل بن محمد اسحاق بروهي ١٩٤٠ع ۾ ڪيرٿر (ڪارو جبل) ۾ جنم ورتو. پاڻ پنهنجي ديني تعليم مولانا عبدالحي گهوٽو صاحب وٽ قاسم العلوم گهوٽڪيءَ ۾ حاصل ڪيائين. ان کان بعد مولانا علي محمد سومرو ”حقاني“ صاحب وٽ ”عاقل“ ۾ حاصل ڪيائين. آخر ۾”مدرسه حماديہ منزل گاهه سکر“ ۾ مفتي عبدالوهاب چاچڙ صاحب وٽ درس نظامي جي تڪميل ڪري دستاربندي ڪيائين. پاڻ تجويد قاري محمد ڏيرو صاحب وٽ پڙهيو. تحصيل علم جي فراغت کان بعد ”مدرسه محمديه فريد آباد“ ۾ تدريس ڪندو رهيو. ان کان بعد ڪجهه عرصو سوجهرو ميرواهيءَ ۾ تدريسي خدمت تي مامور رهيو. ان کانپوءِ ١٩٦٢ع ۾ ميهڙ شهر جي دائود مهيسر ڪالوني ۾ ”مدرسه عربيه مصطفائيه“ جي نالي سان مدرسو قائم ڪري تدريس ڪندو رهيو. پاڻ تاحيات هن مدرسي ۾ خدمت سرانجام ڏيندو رهيو. پاڻ هن مدرسي جو مهتمم ۽ مدرسي جي مسجد جو پيش امام رهيو آهي. هن مدرسي ۾ پاڙي جا ننڍا ٻار ڇوڪرا توڙي ڇوڪريون قرآن مجيد جي تعليم حاصل ڪندا رهيا آهن. محلي جا ڪافي مرد ۽ عورتون هن بزرگ جا شاگرد آهن. سندس وفات ٣ ربيع الاول ١٤٣٩ھ مطابق ٢٢ نومبر ٢٠١٧ع بروز اربع تي ميهڙ ۾ ٿي.

مولانا محمد اسماعيل بروهي صاحب کي قرآن مجيد سان تمام گهڻو گهرو لڳاءُ هوندو هو. ڪيس قرآن مجيد جي تلاوت ۾ ذهني ۽ قلبي سڪون ملندو هو. پاڻ قرآن مجيد پڙهائڻ جو قابل مُدرس هو. پنهنجي مدرسي ۾ وقت جا مشهور عالم ۽ مقرر گهرائي وقتًا فوقتًا واعظ ۽ اصلاحي بيان پڻ ڪرائيندو هو. سندس اڪثر وقت مسجد منجهه گذرندو هو. پاڻ مسجد ۾ سڪون محسوس ڪندو هو. سندس ڪوشش هوندي هئي ته جيڪر سموري زندگي مسجد ۾ بسر ڪجي.

٤٩ مولانا محمد اسماعيل سومرو فيروزشاهي

مولانا محمد اسماعيل سومرو صاحب فيروزشاهه جي پرسان، ميل ڏيڍ پنڌ تي ڳوٺ" آنڌل تنيو" ۾ پيدا ٿيو. پاڻ اتي ئي ڄائو ۽ اتي ئي سندس وفات ٿي. کيس پيروج جي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو. سندس وفات جي تاريخ ١٩ محرم الحرام ١٣٣٦هه مطابق ٤ نومبر ١٩١٧ع بروز آچر آهي[١٥٧].

سندس والدين نهايت ئي غريب هئا. جيتوڻيڪ کين پنهنجي ڪمائيءَ مان هن ٻچڙي جي پڙهائيءَ تي خرچ ڪرڻ جي توفيق به ڪانه هئي، پر هنن مولانا جو ذهن ۽ علم ڏانهن لاڙو پروڙي ورتو سو کيس مولانا عطاءُالله فيروزشاهي جي مدرسي ۾ فيروزشاهه ۾ پڙهڻ لاءِ ويهاريو. هن ٻار تمام گهڻي شوق ۽ ولولي سان تعليم پرائڻ شروع ڪئي. تمام گهڻي محنت سان پڙهڻ ڪي لڳي ويو. آخرڪار فارسي ۽ عربيءَ ۾ مولانا عطاءالله صاحب وٽ عبور حاصل ڪيائين. نصاب وارا سڀ ڪتاب پڙهيا هئائين مگر سندس دستاربندي اڃان نه ٿي هئي ته سندس استاد مولانا عطاءالله صاحب هن دنيا کي ڇڏي ويو. تنهن ڪري سندس دستاربنديءَ جي رسم مولانا عبدالرحمٰن فيروزشاهي ڪرائي.

مولانا صاحب درسي ڪتاب پڙهائڻ جو قابل مُدرس هو ۽ فارسيءَ جي انشاپردازيءَ ۾ استاد جو رنگ حاصل هئس. اڪثر ڪتابن جي مشڪل مقامات کي به آسانيءَ سان سمجهي ۽ سمجهائي سگهندو هو. فارغ التحصيل ٿيڻ بعد پهريان پياري ڳوٺ اسٽيشن جي پرسان درويشاڻن جي ڳوٺ ۾ مولانا غلام حسين کي پڙهائڻ وينو. آهستي آهستي سندس علم جي ڳالهه مشهور ٿيڻ لڳي. ٿوري ئي عرصي ۾ مشهور ٿي ويو. سندس ان شهرت جي ڪري وٽس ٻيا شاگرد ڪافي تعداد ۾ عربي پڙهڻ لاءِ اچڻ شروع ٿيا[١٥٨]. ان کان بعد فيروزشاهه جي ويجهو ڳوٺ "سويو خان مگسي" ۾ هڪ مدرسو قائم ڪيائين. ان وقت پاڻ هڪ جيّد عالم جي روپ ۾ مشهور ٿي چڪو هو. سندس علم جي هاڪ ٻڌي پري پري کان شاگرد کهي اچي وٽس تعليم حاصل ڪرڻ لڳا. جيئن ته پاڻ مشهور فاضل هو، تنهن ڪري وٽس تمام گهڻا شاگرد پڙهيا، جن مان ڪجهه مشهور هي آهن: ١.مولانا غلام حسين درويشاڻي پنهور ٢. مولانا محمد چنو، ساڪن جبيرجي، ضلعو دادو ٣.مولانا محمد، ڳوٺ يان، ضلعو دادو ٤. مولانا نور محمد ڪلهوڙو، دادو

٥.مولانا محمد قاسم پنهور، تعلقو دادو ٦. مولانا محمد قاسم لانگاهه ۽ ٧.مولانا محمد هاشم لانگاهه واعظ، (ٻئي پائر) وينل رڪ ٨. مولانا محمد يوسف، ڳوٺ بخش لاکير، ميهڙ ۽ ٩. مولانا فيض محمد سيال، وينل لنڊو شهبازي، سيوهڻ[١٥٩]

٥٠ مولانا محمد بچل چانڊيو

مولانا محمد بچل بن غلام قادر چانڊيو ١٣٥١ھ مطابق ١٩٣٢ع ۾ ڳوٺ بهادرپور تعلقو خيرپور ناٿن شاهه ۾ پيدا ٿيو. پاڻ جڏهن ڇهه (٦) سالن جو هو تہ سندس والدين لڏي اچي سيدپور ۾ وينا. محترم غلام قادر وارا تمام غريب هوندا هئا. هڪ ڏينهن پنهنجي گهرواريءَ کي چيائين تہ محمد بچل جي ماءُ! چونہ اسان پنهنجي هن ننڍڙي کي ماهڙ (ٻين جو مال مزدوري تي چارڻ) تي چڙيون. ايئن ڪرڻ سان بہ روپيا روزي بہ ٿي پوندي ۽ اسان جو گذر بہ چڱو ٿي پوندو. ان تي سندس گهرواريءَ مسڪرائيندي جواب ڏنس تہ " محمد بچل جا پيءُ! ايئن نہ سوچ. ماهڙ، مزدوريءَ مان بک ڪونہ لهندي، نہ ئي وري گذر سفر ۾ ڪا آساني ٿيندي. خوشحالي الله سائينءَ جي هٿ ۾ آهي، باقي اسان کي هڪ ئي ٻچڙو آهي، مان ان کي علم پڙهائيندس. هن ڳوٺ ۾ هي هيڏو وڏو ديني مدرسو آهي. هتي قرآن شريف جي تعليم سان گڏ سنڌي جي بہ سٺي تعليم ڏني وڃي ٿي. سياڻي مان پنهنجي ٻچڙي کي وٺي وڃي مدرسي ۾ داخل ڪرائيندس. مَن قرآن شريف پڙهي پوي تہ مَن اسان کي مرڻ کان پوءِ قرآن شريف ۽ درود پاڪ پڙهي ڪو ختمو بخشي. ايئن ڪرڻ سان الله سائينءَ وٽ اسان کي وڏو ثواب ملندو ۽ اهو هر مسلمان لاءِ ڇوٽڪاري جو وڏو سبب آهي. باقي معصوم ٻچي جي انهيءَ ٿوري ڪمائي مان اسان جي ڪهڙي بک لهندي ۽ ڪهڙي اهنجائي گهٽ ٿيندي. صبح جو امڙ ڪيس تيار ڪري مدرسي ۾ وٺي آئي. اچي مفتي غلام حسين صاحب کي عرض ڪيائين تہ سائين مون کي اهو هڪ ئي ٻچو آهي، وڌيڪ ڪو اولاد ڪونہ آهي. اچ اسان ٻئي زال مڙس پوڙها ٿي چڪا آهيون، مسڪين بہ آهيون، هن کي علم پڙهايو، مَن خدا ڪري هي پڙهي پوي ۽ علم جي دولت سان سکيو گذاري تہ اها سندس لاءِ وڏي سعادت هوندي. اسان جي گذاري وڃڻ کان پوءِ بہ اسان جو نالو زنده رهندو. سائين کي وڌيڪ

عرض ڪيائين تہ هن کي پنهنجي مدرسي ۾ رهايو، پڙهايو بہ ۽ سندس پالنا بہ ڪريو. مدرسي ۾ ديني تعليم بہ هئي ۽ سنڌي مسلم اسڪول بہ حڪومت طرفان منظور ٿيل هو. اتي پرائمري تعليم سان گڏ ديني تعليم بہ ڏني ويندي هئي. اتي سنڌي فائينل جو امتحان بہ پاس ڪيائين ۽ ان سان گڏ ديني تعليم بہ جاري رکيائين. درس نظامي جا ڪتاب پورا ڪري عربي مولوي عالم فاضل جا امتحان بہ ڏنائين. ان کان بعد ڪيس تعليم کاتي ۾ پرائمري استاد ڪري رکيو ويو. سندس پهرين پوسٽنگ لکي شاهہ صدر ۾ ٿي. اتي ٽي سال پڙهائيندو رهيو. اتي صبح جو ٻارڙن کي قرآن مجيد جي تعليم ڏيندو هو، بعد ۾ ٽائيم تي اسڪول ويندو هو. ١٩٩٥ع ۾ وقت کان پهريان ان نوڪريءَ تان رٽائرڊ ٿيو. پاڻ نوڪري کان پهريان ۽ بعد ۾ ديني تعليم پڙهائيندو رهيو آهي. سندس شاگردن ۾ مولانا مفتي غلام مصطفیٰ ڪارو چانڊيو، مولانا مفتي عبدالله چانڊيو ۽ مولانا مفتي عبدالرحمٰن ساڪاٽي چانڊيو سرفهرست آهن. پاڻ ڪتابت جو مشغلو بہ جاري رکندو آيو آهي. سندس قلمي پورهيو اڃان بہ جاري آهي. پاڻ فارسي جي ڪتابن "ڪريما" کان وٺي "سڪندر" تائين جا شرح سنڌي ۾ لکيا اٿس، عربي ۾ "منية المصلي" ۽ "نورالايضاع" جا مختصر شرح لکيا اٿس. قصيده برده شريف جو بہ شرح لکيو اٿس، "غلامان اسلام" ۽ "مالابد منه" جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو اٿس، سنڌي ٻوليءَ جو گرامر بہ لکيو اٿائين. اهي سڀ ڪتاب غربت سبب ڇپائي نہ سگهيو آهي. سندس اهو قلمي پورهيو وٽس اڃان بہ محفوظ آهي. اڃان بہ لکڻ جاري اٿس. ڏاڍو ذهين ۽ فائق بزرگ آهي. افسوس غربت ڪيس ماڻهن ۾ متعارف ڪرائڻ ۾ حائل رهي آهي. پاڻ ڪتابن جي باري ۾ هي شعر اڪثر چوندو رهندو آهي.

كَتَبْتُكَ يَا كِتَابِي لَسْتُ أَدْرِي

إِذَا مَا مِتُّ مَنْ يَقْرَأُكَ بَعْدِي

٥١ مولانا محمد پريل آگرو

هي بزرگ بہ فيض محمد آگرو جو باشندو هو. پاڻ ابتدائي تعليم پنهنجي والد صاحب کان حاصل ڪيائين. ان کان بعد مولانا نظام الدين پاتائي وٽ پڙهندو رهيو.[١٦٠] علم جي فراغت کان بعد پنهنجي ڳوٺ ۾ في

سبيل الله پڙهائڻ شروع ڪيائين. مولانا مسجدي صاحب به وٽس پڙهيو.

٥٢ مولانا محمد سليمان نوناري "واعظ"

مولانا محمد سليمان بن الهندو نوناري صاحب ڳوٺ ٽرڙي محبت ۾ ١٢٨٩ھ مطابق ١٨٧٠ع ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ جي هڪ بزرگ مولانا حافظ محمد صادق وٽ حاصل ڪيائين. ان کان بعد ميهڙ شهر جي ڀرسان ڳوٺ "ملڪ" ۾ مولانا عبدالعزيز ڪنير صاحب وٽ پڙهڻ لڳو. اتان کان پوءِ رتيديري ۾ مولانا عبدالله چانڊيو صاحبؒ وٽ پڙهڻ لاءِ ويو. اتي ئي دستارفضيلت ٻڌائين. تعليم جي فراغت کان بعد باطني اصلاح جي سلسلي ۾ حضرت خواجه محمد عمر جان چشمويؒ جن سان دست بيعت ٿيو. پاڻ ميهڙ جي ڀرسان ڳوٺ "ٽيٻا" ۾ ٽيٻن زميندارن کي پڙهائڻ لڳو. پڇاڙيءَ واري عمر ۾ گهڻو عرصو ٽرڙي جي ڀرسان ڳوٺ "الله بخش جهتيال" ۾ ڪيترائي سال تعليم ڏنائين.[١٦١] اتي سندس خدمت حڪيم محمد موسيٰ جو والد ميان فتح محمد صاحبؒ ڪندو هو. ڪيترن ئي جاين تي تدريس جي خدمت سرانجام ڏنائين. درگاهه راڻي پور ۾ به ڪجهه وقت پڙهايائين.[١٦٢] پير محمد صالح شاهه صاحبؒ راڻي پور وارو به قرآن مجيد وٽس پڙهيو هو. تبليغ جي سلسلي ۾ مختلف علائقن ۾ وڃي تقرير ۽ واعظ ڪندو هو. سنڌ جي اڪثر ڳوٺن ۽ شهرن ۾ واعظ ڪيائين. سندس واعظ ۾ جوش ۽ ولولو هوندو هو. سندس سمجهائڻ جو انداز به نهايت سولو هوندو هو. دل جي درد منجهان واعظ ڪندو هو، جنهن ڪري عوام سندس واعظ کي پسند ڪندو هو. مولانا صاحب پنهنجي وقت ۾ واعظ جي فن ۾ يڪتا هو.[١٦٣] پاڻ هميشه بلند آواز ۽ خوش الحانيءَ سان واعظ ڪندو هو. سندن واعظ ۾ ڏاڍي ڪشش هوندي هئي. آسپاس جا ماڻهو تمام گهڻي تعداد ۾ سندس واعظ ٻڌڻ لاءِ ايندا هئا ۽ سندس واعظ جو عوام تي تمام گهرو اثر ٿيندو هو. ساڳيءَ طرح سان، خواص به سندس انداز بيان کان بيحد متاثر ٿيندا هئا. واعظ جي دوران پاڻ ڏاڍو روئندو هو ۽ سامعين کي به روئڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندو هو.[١٦٤] مطلب ته مولانا صاحب وقت جو لائق ۽ پُر اثر خطيب هو. ماڻهن ۾ ڪيس "مولانا واعظي" جي لقب سان ياد ڪيو ويندو هو. انهي لقب سان مشهور ٿيو. پاڻ به پنهنجي نالي سان واعظي جو لفظ استعمال ڪندو هو ۽

ماڻهن طرفان ڏنل ان لقب تي ڪلندو به هو.

مولانا صاحب کي قرآن مجيد جي تشريح ۽ حديث تي ڪافي عبور حاصل هو. ماڻهن جا اڪثر مسئلا قرآن مجيد ۽ حديث رسول ﷺ موجب حل ڪندو هو. رحلت کان پوءِ اڄ تائين ڪنهن به خطيب يا واعظ سندس جاءِ نه پري آهي. مولانا صاحب هر مهيني جي پهرين جمعي تي شهيد مخدوم بلالؒ واري مسجد ۾ تقرير ڪندو هو. سندس بيان ٻڌڻ لاءِ آسپاس جي ماڻهن سان گڏ مورو، نوشهروفيروز، ڪنڊيارو، سيوهڻ، جوهي، ميهڙ، خيرپور ناٿن شاهه ۽ دادو منجهان ماڻهو اچي گڏ ٿيندا هئا. پاڻ مهيني جا اڪثر ڏينهن دين جي تبليغ ۽ واعظ جي سلسلي ۾ گهر کان ٻاهر رهندو هو. مولانا صاحب جي چاهيندڙن ۽ مريدن ۾ وڏيرا ۽ زميندار به شامل هوندا هئا. سردار واحد بخش ڀٽو صاحب سندس مريد هو. ڪيس حج به ڪرايائين ۽ هر سال خرار (٢٠ مڻ) ساريون به ڏيندو هو. مولانا صاحب دادو جي بازار حسن جي ويجهو تقرير ڪري رهيو هو، سندس آواز ان پيشه ور عورتن تائين پهتو ٿي. تقرير ختم ٿيڻ کان بعد ڪيترين ئي عورتن اچي مولانا صاحب جي هٿ تي ان غليظ پيشي کان توبه ڪئي ۽ مولانا صاحب کي عرض ڪيائون ته اسان جا شريف مردن سان نڪاح ڪراءِ، ته جيئن اسان هن برائي کان نڪري شرافت ۽ عزت جي زندگي بسر ڪريون. اهڙي طرح مولانا صاحب هڪ دفعي حيدرآباد جي پڪي قلعي تي تقرير ڪري رهيو هو. اتان جا هندو وٽس عرض ڪٺي آيا ته سائين توهان هتي تقرير نه ڪندا ڪريو، اسان جا نوجوان ڇوڪرا ۽ عورتون توهان جي تقرير کان متاثر ٿي مسلمان ٿين ٿا.[١٦٥] مولانا صاحب بلند درجي جو شاعر ۽ اديب به هو. پاڻ شاعري ۾ ”مسڪين“ جو تخلص استعمال ڪندو هو. سندس شاعري توحيد، رسالت، شانِ صحابه ۽ معاشري جي اصلاح تي مبني هوندي هئي.

مولانا صاحب سياسي زندگيءَ جي شروعات خلافت تحريڪ ۾ شموليت سان ڪئي. ان ميدان تي ميهڙ جي مشهور هستي سيد علي اڪبر شاهه صاحب سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ڪم ڪندو رهيو. پاڻ خلافتي عالمن سڳورن جي ڪيترين ئي فتوائن تي صحيحون پڻ ڪيائين.[١٦٦] پاڻ تحريڪ جي جلسن ۾ به شامل ٿيندو هو[١٦٧] ۽ تحريڪ جي مالي مدد پڻ ڪندو هو. ان تحريڪ کان بعد ”جمعيت العلماءِ“ جي سياسي پليٽ فارم تي

ورڪنگ ڪاميٽي جو ميمبر ٿي رهيو ۽ خدمت ڪندو رهيو.[١٦٨] مولانا صاحب طبيعت جو نهايت سادو هوندو هو ۽ سادگيءَ واري زندگي بسر ڪرڻ کي ترجيح ڏيندو هو. پاڻ ماڻهن جا پراڻا جهڳڙا به خدادا صلاحيتن سان ۽ حڪمت عملي سان ختم ڪرايائين. اڪثر ماڻهو پنهنجا جهڳڙا ڪٺي وٽس ايندا هئا. پاڻ قرآن مجيد ۽ حديث پاڪ جي روشنيءَ ۾ انهن جو حل ڪڍي ڌرين کي ڪيرڪنڊ ڪري ڇڏيندو هو. مولانا صاحب چوندو هو ته ڪيس چار پنج سؤ حديثون چڱيءَ طرح ياد آهن. منجهس تمام گهڻو اخلاص هو. وڏن ماڻهن جا خانداني جهيڙا ۽ ضد جيڪي ڪيتري ئي عرصي کان هلندا ايندا هئا، سي هن بزرگ پنهنجي خداداد قابليت سان لاهي ڇڏيا ۽ سيني کي پرچائي سرچائي ڪيرڪنڊ ڪري ڇڏيندو هو.

مولانا صاحب کي پنهنجي ذاتي ملڪيت ۾ ٩ جريب (٤.٥ايڪڙ) زمين هوندي هئي. انهيءَ منجهان سندس گذر سفر ٿيندو هو. پاڻ تبليغ ۽ واعظ جو ڪوبه معاوضو وغيره نه وٺندو هو. محض رب جي رضا خاطر دين متين جي خدمت ۽ عوام جي اصلاح ڪرڻ ۾ زندگي گذاريائين. مسلسل تقريرون ڪرڻ جي ڪري ڪيس قلبي عارضو لاحق ٿيو. ڊاڪٽرن ڪيس تقرير ۽ واعظ ڪرڻ کان منع ڪئي. پاڻ ڪين چوندو رهيو ته موت بلاشڪ اچي پر تقرير ۽ واعظ کان سواءِ منهنجي ڪونه سرندي، سو تقرير ڪرڻ کي ڇڏي ڪونه سگهندس. مولانا صاحب شب برات ١٤ شعبان سن ١٣٦٧هه مطابق ٢٣ جون ١٩٤٨ع بروز اربع وفات ڪئي.[١٦٩] چون ٿا ته ڪيس وفات جي اڳي ئي ڄاڻ هئي ۽ قبرستان ۾ پنهنجي قبر لاءِ جاءِ ڏيکاري آيو. سندس رحلت به هوش ۽ حواس جي حالت ۾ ٿي. مولانا صاحب ٻه شاديون ڪيون. پهرين گهرواريءَ منجهان ڪيس ڪوبه اولاد نه ٿيو. جنهن ڪري ٻي شادي ڪيائين. جنهن منجهان ڪيس ٽي نياڻيون ۽ ٻه پٽ عبدالرحمٰن ۽ عبدالرحيم پيدا ٿيا.

٥٣ مولانا محمد صالح مهيسر(دوم)

رهڙي شريف جي عالم بزرگ گهراڻي جي هن گوهر ناياب جو جنم ١٣ صفر ١٢٤١ھ مطابق ٢٧ سيپٽمبر ١٨٢٥ع بروز اڱارو تي ٿيو. مولانا محمد صالح مهيسر (اول) (١٧٨٥_١٨٢٤) جي والد محترم مولانا محمد مبارڪ جي پيشن گوئي موجب هندن جي لڏي وڃڻ ڪانپوءِ خالي پيل پَٽ تي مدرسو شروع ڪيائين. پنهنجو جاءِنشين مولانا محمد ماڻڪ چڏيو. مولانا محمد ماڻڪ صاحب جي پشت منجهان در يڪتہ عالم بي بدل مولانا محمد صالح (دوم) پيدا ٿيو. هن بزرگ جي دور ۾ مدرسو تمام وڏي عروج تي پهتو. ان وقت اتي موجود شاگردن جي تعداد ۽ خرچ کي ڏسي ماڻهو تعجب ۾ پئجي ويندا هئا تہ صرف الله تي تُوڪل ڪري هيڏو وڏو ڪم ايڏي وڏي پيماني تي ڪيئن ٿي رهيو آهي. سخا ۽ عدل تہ هن خاندان جي سڃاڻپ هوندو هو. ان وقت وڏيري احمد بخش انڙ صاحب بہ سؤ آباد زمين ڏيڻ جي آڇ ڪئي. پاڻ ان آڇ کي بہ موٽائي ڇڏيائين تہ ان سان ڪو سروڪار نہ آهي. اها وڃي ڪنهن ٻئي مسڪين کي ڏيو. سندس علمي استعداد ۽ ڪرامتن جا ڪيترائي قصا مشهور هئا. کيس الله رب العزت قابل فخر عالم اولاد سان نوازيو. سندس فرزند مولانا غلام ابوبڪر، مولانا غلام عمر ۽ مولانا غلام عثمان پنهنجي وقت جا عظيم عالم رهيا. مولانا محمد صالح مهيسر ١٦ صفر ١٣١٨ھ مطابق ١٥ جون ١٩٠٠ع بروز جمعہ وفات ڪئي.

٥٤ مولانا حافظ محمد صالح سوهو (المعروف صالڻ فقير)

حافظ محمد صالح بن محمد حسن سوهو ڳوٺ رحيم داد سوهو ۾ ١٣٤٠ھ مطابق ١٩٢٢ع ۾ پيدا ٿيو. حافظ صاحب اڃان پنهنجي امڙ جي پيٽ ۾ ئي هو تہ سندس والد صاحب جي وفات ٿي وئي. بعد ۾ سندس امڙ جي شادي ڳوٺ لونگ تنيو جي وڏيري غلام صديق تنيو سان ٿي. جنهن منجهان حافظ صاحب کي ٻہ ڀائر پيدا ٿيا. وڏيرو عبدالحميد تنيو ۽ وڏيرو عبدالقيوم تنيو. حافظ محمد صالح جي پرورش ۽ پالنا وڏيري غلام صديق تنيو جي زير نگراني ٿي، جنهن ڪري پاڻ وڏيري صاحب کي بابا ڪري سڏيندو هو. پاڻ ابتدائي تعليم محترم نواب الدين وٽ حاصل ڪيائين. کيس قرآن مجيد ياد ڪرڻ جو شوق هو، جنهن ڪري گهر ۾ ٻڌائڻ ڪان سواءِ حفظ ڪرڻ

شروع ڪيائين. جڏهن سندس حفظ مڪمل ٿيڻ وارو هو تہ سندس استاد اها ڳالهہ سندس امڙ کي ٻڌائي، جنهن تي کيس خوشي ٿي. ديني تعليم رهڙي شريف ۾ مولانا غلام عثمان مهيسر صاحب وٽ حاصل ڪرڻ لڳو. مولانا صاحب جي وصال کان بعد ڳوٺ لونگ تنيو ۾ مولانا عنايت الله لاکير صاحب وٽ پڙهي دستاربندي ڪيائين. ديني تعليم سان گڏ اتان جي مشهور نبض شناس حڪيم محترم نورمحمد تنيو کان حڪمت پڻ سکيائين. کيس حڪمت ۾ ڪافي مهارت حاصل هوندي هئي. ماڻهو پري پري کان علاج جي سلسلي ۾ وٽس اچڻ لڳا. پاڻ پنهنجي ڪمپائونڊر کي اها ڳالهہ چئي ڇڏي هئائين تہ پيسہ مناسب وٺندو ڪجانءِ، اگر ڪو غريب هجي تہ ان کي مفت ۾ دوا ڏئي ڇڏيندو ڪجانءِ

پاڻ پنهنجي ڳوٺ ۾ مدرسو کولي پڙهائڻ لڳو. ٿوري ئي وقت ۾ وڏيري الله ڏنو ڪمانگر جي ڳوٺ ۾ پيرعبدالغفار المعروف پير مناسائين آيو تہ اتي وڃي ساڻس دست بيعت ٿيو. پاڻ پنهنجي مرشد سان والهانہ محبت ڪندو هو. سندس احترام خاطر پنهنجي ڳوٺ کان پنڌ هلي مرشد جي درگاهہ تي ويندو هو. کيس خلافت مليل هئي پر پاڻ ڪنهن کي بہ بيعت نہ ڪندو هو، بلڪ جيڪو بيعت لاءِ چوندو هئس تنهن کي پنهنجي مرشد جي درگاهہ تي وٺي وڃي بيعت ڪرائيندو هو. حافظ صاحب تبليغ جي سلسلي ۾ بيرون ملڪن جا ڪيترائي سفر ڪيا. حافظ صاحب کي الله رب العزت طرفان علم جو سٺو حصو عطا ٿيل هو. پاڻ ڪيترائي مناظره پڻ ڪيائين. هر مناظري ۾ سوڀارو رهيو. ڪميونسٽن کي بہ لاجواب ڪري ڇڏيندو هو. مهمان نوازي ۾ مشهور هوندو هو. جنهن ڏينهن ڪو مهمان وغيره نہ ايندو هو تہ ان ڏينهن الله سائين کان معافي وٺندو هو تہ شايد الله سائين ناراض آهي جو اڄ ڪو مهمان در تي نہ آيو آهي. حافظ صاحب ڪشف ۽ ڪرامت وارو بزرگ هو. سندس ڪيتريون ئي ڪرامتون ۽ ڪشف جو ڳالهيون مشهور آهن، جنهن ڪري کيس ”حال وارو سائين“ ڪري سڏيندا هئا. هن بزرگ ١٦ ربيع الثاني ١٤٠٣هہ مطابق ٣١ جنوري ١٩٨٣ع بروز سومر تي وفات ڪئي[١٧٠]. پاڻ ڳوٺ لونگ تنيو ۾ پنهنجي مسجد جي پر ۾ مدفون آهي.

٥٥ قاري حافظ محمد صديق مهيسر

ڪن الله جي بندن کي شهرت بلڪل بہ پسند نہ هوندي آهي. صرف پنهنجي فطرتي ڌن ۾ مگن هوندا آهن. بس سندن مقصد حيات ٿي گمنام رهي ڪري پنهنجي ڪم کي سٺي نموني سان سرانجام ڏيڻ ٿي هوندو آهي. قاري محمد صديق بن تاج محمد مهيسر صاحب بہ اهڙن ماڻهن منجهان هڪ هو. پاڻ قاضي عارف ۾ پيدا ٿيو. پاڻ پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول قاضي عارف منجهان حاصل ڪيائين. قاضي عارف ميهڙ کان اندازًا ساڍا ٽي ڪلوميٽر اولهہ طرف فريدآباد روڊ تي واقع آهي. پاڻ اتان روزانو پيدل قاري محمد صاحب جي خدمت ۾ حاضر ٿي تعليم حاصل ڪندو هو. پاڻ قاري صاحب وٽ حفظ مڪمل ڪيائين ۽ علم تجويد ۽ قرائت سکي ماهر بڻيو. قاري محمد صاحب جيڪو وقت بہ ميهڙ ۾ رهيو، پاڻ سندس وٽ پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جي خدمت سرانجام ڏيندو رهيو. قاري صاحب جي سعودي عرب وڃڻ کان بعد پنهنجي ڳوٺ قاضي عارف ۾ وڃي خدمت سرانجام ڏيڻ لڳو. پاڻ گمنامي واري زندگيءَ کي ترجيح ڏئي خدمت قرآن لاءِ پنهنجو جيون وقف ڪري ڇڏيائين. پاڻ دنيا جي هر ڪم ۽ شغل کان پاسي رهي قاضي عارف جهڙي پٺتي پيل ڳوٺ ۾ خدمت قرآن جو اهو ڪارنامو سرانجام ڏئي ويو جو ان کي ڏسي ڪري ڏاهن جو ذهن، عقل وارن جو عقل ۽ فهم وارن جي فراست بہ حيران ٿي وڃي ٿي. پاڻ قاضي عارف ۾ رهي پنهنجي ڳوٺ جي ٻچي ٻچي کي قرآن مجيد جي تعليم جي زيور سان آراستہ ڪري ويو. وٽس پري پري کان شاگرد قرآن مجيد سکڻ لاءِ ديوانہ وار ايندا هئا. وٽس بلوچستان جا اڄ جي دور جا وڏن مدرسن جا مهتمم حضرات بہ دوزانو ويهي ۽ جهومي جهومي قرآن جون صدائون قاضي عارف جي ڳوٺ ۾ بلند ڪندا رهيا آهن. اڄ بہ ان ڳوٺ جي عمر رسيده ماڻهن جي ڪنن ۾ انهن جي معصوم صدائن جي گونجن جو پڙاڏو ضرور ايندو هوندو. اڄ بہ قاضي عارف جي فضا انهن جي پٽڪڙن ۽ ٻاتڙن ٻولن جي گواهہ آهي. پاڻ ڳوٺ جي هر ٻچي کي قرآن مجيد تجويد سان سيکاري ويو. اڄ جڏهن قاضي عارف کي ڏٺو وڃي ٿو تہ هر قوم ۽ هر گهر ۾ سندس جا ٻہ چار حافظ ۽ ايتريون ٿي شاگرد عورتون ضرور آهن. جيترا قاضي عارف جا مرد حضرات سندس شاگرد آهن، انهن کان وڌيڪ عورتون

سندس شاگرد رهيون آهن. اج جو جوان ۽ پڪي عمر جو قاضي عارف ۾ رهندڙ هر مرد توڙي عورت هن عظيم استاد جو شاگرد ضرور رهيو ۽ رهي آهي. پاڻ اهڙي خدمت ڪري ويو آهي جو انساني عقل ڪجھ وقت لاءِ سوچڻ تي مجبور ٿي وڃي ٿو. سندس شاگردن جو تعداد ايترو تہ گهڻو آهي جو اگر انهن جا صرف نالا ئي لکيا وڃن تہ بہ هڪ ڪتاب مرتب ٿي ويندو. سندس پوري زندگي قرآن مجيد جي صدا بلند ڪندي گذري. راقم جي پنهنجي يونين ڪائونسل ۽ پوسٽ آفيس قاضي عارف ئي آهي. منهنجي پيدائش جي جاءِ هن ڳوٺ کان ٽن ڪلوميٽرن جي فاصلي تي آهي. هن ڳوٺ کي پوري يونين ڪائونسل جي مرڪز جي حيثيت حاصل آهي. مون هن بزرگ جي خدمتن جي تعريف پنهنجن وڏڙن ۽ اوسي پاسي جي عمر رسيده بزرگن جي زباني تمام گهڻي ٻڌي آهي. هن بزرگ کي پنهنجي استاد محترم قاري محمد صاحب سان بيحد دلي لڳاءُ هوندو هو. ١٩٩٥ع ۾ قاري صاحب جي وفات جو ٻڌي اوڇنگارون ڏئي رنو. گويا ان ڏينهن پاڻ کي يتيم سمجهڻ لڳو. سندس ڏک ڏسي ايئن محسوس ٿيو گويا برزبان دل چوندو هجي:

جب تک بکا نہ تھا کوئی پوچھتا نہ تھا
تم نے مجھے خرید کر انمول کر دیا.

هن عظيم محسن انسانيت ۽ فنا في القرآن هستي ١٨ شوال ١٤٢١هه مطابق ١٤ جنوري ٢٠٠١ع بروز آچر هزارين چاهيندڙن کي دلي صدمو ڏئي داعي اجل کي لبيڪ چيو. سندس جنازي نماز قاري محمد علي مدني شڪارپوري صاحب پڙهائي.

٥٦ مولانا محمد عثمان چانڊيو

مولانا محمد عثمان ڳوٺ شمس الدين بلبل ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ديني تعليم ميهڙ جي مشهور ديني درسگاهہ رهڙو شريف ۾ مولانا غلام عثمان مهيسر صاحب وٽان حاصل ڪري دستاربند عالم ٿيو. پاڻ تحصيل علم جي فراغت کان بعد پنهنجي ڳوٺ ۾ ديني تعليم جو درس شروع ڪيائين. ان وقت سندس ڳوٺ ۾ چانڊيا، ماڇي، پنهور، سيد، خشڪ، ترڪ، لوهار ۽ ٻيون ڪيتريون ئي ذاتيون رهنديون هيون. پاڻ ڏادي شوق ۽ ولولي سان

تدريس ڪرڻ شروع ڪيائين. پاڻ عبادت ۾ به تمام گهڻو مَحو رهندو هو. جمعي جي رات ته پاڻ ننڊ بلڪل به نه ڪندو هو. سڄي رات ذڪر، تلاوت ۽ نماز جهڙي عبادت ۾ مشغول رهندو هو، پاڻ ڏاڍي سوز منجهان قرآن مجيد جي تلاوت ڪندو هو، سندس تلاوت ٻڌي عوام هنجون هاري ويهندو هو. مولانا محمد عثمان صاحب هڪ جو ڏاڍو ڪليل انسان هو، مٺ مائٽن ۽ غريب عوام جي مدد لاءِ پنهنجو سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار رهندو هو. پاڻ پير عبدالغفار المعروف پير مٺا سائين سان بيعت ڪيائين. پير صاحب جي وفات کان بعد سندس فرزند پيرخليل الرحمٰن صاحب سان بيعت ڪيائين، ان جي وفات کان بعد پير محمد مظهر جان جانان سان بيعت ڪيائين. پاڻ دنيا جي لالچ کان پين کي به روڪيندو رهيو. سندس سخا جي ڪري ڪيس ڪيترين ئي آفرون ٿيون، پاڻ انهن کي نڪرائيندو رهيو. هن بزرگ کي پنهنجي وفات جي ڄاڻ اڳ ۾ پئجي چڪي هئي، جنهن ڪري گهر وارن کي چوندو رهيو ته جمادي الثاني ۾ پنهنجي موڪلاڻي آهي. جمادي الثاني ۾ پنهنجن سمورن قريبي رشتيدارن کي گهرايائين ١٦ جمادي الثاني تي پنهنجي فرزند غلام رسول کي فرمايائين ته سڀ اچي ويا؟ سندس فرزند هائو ڪئي. پاڻ ڪيس حڪم فرمايائين ته وڃ ۽ جمع جي نماز پڙهائي جلدي اچ. سندس فرزند غلام رسول نماز پڙهائي جلدي واپس آيو ته سلام ورائي کانئس پڇيائين ته نماز پڙهائي آئين؟ جواب ها ۾ مليس ته پاڻ الله حافظ چئي دم ڏڻيءَ حوالي ڪيائين. مولانا محمد عثمان صاحب ٽي شاديون ڪيون. پهرين گهرواريءَ منجهان هڪ ڌيءُ، ٻي گهرواريءَ منجهان هڪ پٽ ۽ ٽين گهرواريءَ منجهان هڪ نياڻي ۽ ٽي پٽن جو اولاد ٿيس. مولانا محمد عثمان صاحب ڳوٺ شمس الدين بلبل ۾ الله رب العزت جي رحمت جو سايو ٿي رهيو. سندس وفات کان بعد انهيءَ ڳوٺ منجهان اهو ديني علمي خدمت جو باب اختتام تي پڳو.

٥٧ مولانا محمد مبارڪ مهيسر

ميهڙ ۾ ديني درسگاهن ۾ رهڙي شريف جي درسگاهه قديم ترين درسگاهن منجهان هڪ آهي. هن درسگاهه کي اسلامي يونيورسٽيءَ جو درجو حاصل هو. هن عظيم درسگاهه جي شروعات مخدوم مفتي عبدالله بن مخدوم ميان حبيب الله مهيسر ١١٣٢هه بمطابق ١٧١٩ع ۾ ڪيو ۽ هيءَ علمي مالها پنهنجي آخري موتي مولانا عبدالحي مهيسر جي وفات سان مڪمل ٿي. هن درسگاهه جو فيض ايترو ته پکڙيل آهي جو ان جو اندازو لڳائڻ به ڪافي مشڪل آهي. هن درسگاهه جي شاگردن هتان جي فيض کي ڏورانهن علائقن تائين پهچائي عام و جام ڪيو. هن درسگاهه ۾ سيني علمن جي تدريس جي خدمت بهترين نموني ۾ عام جام ٿيندي رهي.

رهڙي شريف پنهنجي وقت جا علامه، محقق، محدث، فقيه، مفسر، لسانيات جا ماهر ۽ ادبي شهپارا پيدا ڪيا آهن. هن درسگاهه جو باني ۽ فيض رسائيندڙ خاندان مهيسر خاندان رهيو. هن علمي خاندان پنهنجي نسل در نسل وقت جا عظيم مُدرس ۽ ولي الله پيدا ڪيا ۽ نسل در نسل استاد گهراڻو رهڻ جو شرف برقرار رکندو آيو. هن خاندان رهڙي شريف ۾ رهي علمي خدمتن لاءِ پنهنجون زندگيون وقف ڪيون. ان علمي خانداني مالها ۾ هن ڳوٺ ۽ درسگاهه جو باني مفتي عبدالله مهيسر، مولانا عبيدالله مهيسر، مولانا محمد مبارڪ مهيسر، مولانا محمد صالح مهيسر(اول)، مولانا محمد ماڻڪ مهيسر، مولانا محمد صالح مهيسر(دوئم) (١٨٢٥_١٩٠٠) ، مولانا غلام ابوبڪر مهيشر (١٨٦١_١٩٣٨)، مولانا غلام عمر مهيسر، مولانا غلام عثمان مهيسر، مولانا محمد صالح مهيسر(سوئم) عرف پنهل سائين ۽ مولانا عبدالحي مهيسر شامل آهن. ماضي قريب ۾ هن درسگاهه جو عروج مولانا مخدوم محمد صالح مهيسر(دوئم) جي خدمت سان شروع ٿيو. ان وقت جا ڪوڙ قصا، ڪهاڻيون ۽ شاعري هن درسگاهه جي عظمت کي ظاهر ڪرڻ لڳا. رهڙي شريف جا بزرگ علمي طور تي هڪ نمايان مقام حاصل ڪري چڪا هئا. سندن باطني ۽ روحاني رهبري ۽ فيض ڏيڻ جو چرچو به عام رهيو. هن درسگاهه منجهان وقت جا علامه پيدا ٿيا ته وقت جا مجيل ولي الله به پيدا ٿيا. هتان جا شاگرد به ظاهري ۽ باطني علمن جو فيض حاصل ڪري ٻين کي انهن مان سيراب ڪندا رهيا. هن درسگاهه پنهنجي وقت جا مهان ماڻهو پيدا

ڪيا آهن. رهڙي جي هن علمي خاندان جي معتقدن جو بہ هڪ تمام وڏو تعداد هوندو هو. هن خاندان جا عالم سڳورا شرعي علوم رسائڻ ۾ ڏاڍا فياض رهيا. بين کي علم سان مالامال ڪرڻ سندن مقصد حيات رهيو. سندن دروازا هر ڪنهن لاءِ بلاتفريق کليل رهيا. پاڻ بين لاءِ پتوڙيندا رهيا. دنيا طلبي کي عيب سمجهندا هئا. ڪين تمام وڏيون وڏيون پيش ڪشون ٿينديون رهيون پر پاڻ علمي خدمت کي ئي پنهنجو سڀ ڪجھ سمجهي ڪکاون گهرن منجھ رهڻ کي ئي ترجيح ڏيندا رهيا. علامہ مخدوم غلام عثمان بن مولانا محمد صالح مهيسر وٽ جتي غريب کان غريب ترين ماڻهن جو اچڻ ٿيندو هو، اتي امير کان امير ترين ماڻهو بہ سائين جا مريد ۽ معتقد هوندا هئا. مشهور آهي تہ وٽس هڪ امير ماڻهو محبوب علي خان وڳڻ (شهر وڳڻ جو باني) سائين جن ڏانهن بقدر عقيدت ۽ احترام ايندو هو. هن جڏهن ڏٺو تہ اهڙي عظيمُ الشان علمي درسگاهہ لاءِ ڪوبہ مقرر وظيفو يا جائداد وغيره نہ آهي تہ هن مولانا صاحب کي پنهنجي ملڪيت مان ٽي سئو ايڪڙ آباد زمين ۽ مسجد ۽ مدرسو ناهي ڏيڻ جي پيشڪش ڪئي، پر مولانا صاحب اهڙي پيشڪش قبولڻ کان معذرت ڪئي ۽ چيو تہ: ”جتي خدا تعالىٰ ڪکائن ماڳن کي عزت بخشي آهي اتي محل اڏي عزت طلبڻ انهن ڪکائن ماڳن سان بي وفائي ٿيندي.“ بعد ۾ وڳڻ صاحب پنهنجي پوري جائداد مختلف مدرسن ۽ درگاهن جي حوالي ڪري ڇڏي.

مولانا مبارڪ بن مولانا عبدالله مهيسر جي ولادت ١٥ ذوالحج ١٢٨٥هہ مطابق ٢٩ مارچ ١٨٦٩ع بروز سومر تي ٿي.[١٧١] پاڻ ديني تعليم پنهنجي والد ماجد کان حاصل ڪري بحرالعلوم عالم ٿيو. نقلي توڙي عقلي علمن ۾ ڪماليت حاصل ڪيائين. پاڻ صاحب ڪشف ۽ ڪرامت بزرگ هو. ڪيس معارفت جو علم بہ ججهو حاصل ٿيو. پاڻ پوري زندگي تدريس لاءِ وقف ڪري ڇڏيائين. ساري زندگي دين متين جي خدمت ڪندي مخلوق خدا کي نفع رسائيندو رهيو. مولانا مبارڪ صاحب کي شهرت بلڪل بہ پسند نہ هوندي هئي. اميري ۽ دولت کان هميشہ متنفر رهي سادگي ۽ مسڪيني ۾ رهڻ قبول ڪيائين. سندس علمي استعداد پنهنجي والد ماجد جي برابر هئي. سندس فتوائون ڪافي مشهور رهيون. رهڙي شريف جي هن عظيم سپوت ساري زندگي تدريسي خدمت ڪندي رهڙي شريف ۾ ئي وفات ڪئي.

٥٨ مولانا حافظ محمد موسیٰ سومرو

سرزمين سنڌ پنهنجي شاندار ماضيءَ جي ڪري هڪ الڳ ۽ نمايان مقام رکي ٿي. هن سرزمين جي جهولي هر محاظ جي علمي جوڏن ۽ جوانن سان شاداب رهي آهي. هن پلاري پونءِ منجهان ڪيترن ئي علمي ۽ ادبي شهپارن جنم ورتو آهي. هنن ناياب علمي ۽ ادبي گوهرن جون زندگيون ۽ خدمتون باعث فخر آهن. هن شاداب گلشن ۾ ٻهڪندڙ ٻوٽا ۽ گل و غنچا ڦٽندا ۽ مهڪندا رهيا آهن. سرزمين سنڌ جي ماضي ۽ حال تي نظر وجهڻ سان هن ڳالهه جي سچائي واضع ٿي وڃي ٿي. هن چمنستان جي مهڪ پريل علمي گلشن جي خوشبودار گلن منجهان هڪ اهڙو گل ٽرڙي محبت جي مٽيءَ منجهان مولانا محمد موسیٰ سومرو جي روپ ۾ جنم وٺي چڪو آهي. مولانا محمد موسیٰ بن مولانا عبدالله سومرو جو جنم ٽرڙي محبت ۾ ٿيو. مولانا صاحب بچپن کان ئي ڏاڍو ذهين ۽ فطين انسان هو سندس ذهانت جو اندازو هن مان لڳائي سگهجي ٿو ته پاڻ ٻن سالن ۾ چار درجه سنڌي ۽ سڄو قرآن مجيد پنهنجي والد محترم وٽ حفظ ڪري ورتائين. سندس اخلاق حميده ۽ تيز ذهن فاقد المثيل هئا. مولانا صاحب پنهنجي آسپاس جي عالمن سڳورن وٽان ٿورڙي ئي وقت ۾ فارسي ۽ عربي پڙهي مروجه نصاب پڙهي فارغ التحصيل ٿيو. پاڻ ١٧ سالن جي عمر ۾ حافظ ۽ عالم ٿيو. ان کان بعد هڪ سال دارالعلوم ديوبند وڃي مولانا حسين احمد مدني جي زير سايہ دوره حديث پڙهيو. اتي حديث جي ڪتابن سان گڏ قرآن مجيد جي قرائت ۽ ٻيا ڪتاب بہ پڙهندو رهيو.[١٧٢] آخر ١٥ شوال ١٣٥٠ھ مطابق ٢٣ فيبروري ١٩٣٢ع ۾ سَنَد حاصل ڪري واپس آيو. اها سَنَد اڄ بہ سندس اولاد وٽ محفوظ آهي. ان سَنَدَ جو ديدار بہ ڪنهن زيارت کان گهٽ نہ آهي. اچي پنهنجي ڳوٺ ٽرڙي محبت ۾ تعليم ڏيڻ شروع ڪيائين. تدريس سان گڏ تصنيف جو ڪم بہ ڪرڻ لڳو. سندس اڪر بہ پنهنجي والد محترم وانگر موتي داڻا هوندا هئا. پاڻ عقائد، عالم دنيا، عالم برزخ، جنت ۽ جهنم جي حالات تي قرآن مجيد جي آيتن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ هڪ ڪتاب لکيائين. اهو ڪتاب تمام وڏي اهميت جو حامل آهي. اهو ڪتاب قلمي صورت ۾ سندس اولاد وٽ موجود آهي. ان کان سواءِ هڪ ڪتاب سابق تابعين ۽ تبع تابعين سالڪ مشائخ جي سوانحن ۽ خدمات تي لکيو اٿائين.

اهو بہ بي بها آهي. پاڻ مشڪواة شريف جي شرح لکڻ شروع ڪيائين. اجان ڪجھ ئي جزن جي تشريح ڪيائين تہ کيس داعي اجل جو سڏ ٿيو، جنهن ڪري اهو ڪم مڪمل نہ ڪري سگهيو.

مولانا صاحب نندي عمر ۾ ئي حياء، تقويٰ، پرهيزگاري، ايمانداري، علم، ڪشف، ڪرامت، اخلاق حميده، سچائي، محبت ۽ نيڪ نيتي جو مجسمو هوندو هو. سندس ڪردار جا گرويده مسلمان توڙي هندو هوندا هئا. هندو بہ مولانا صاحب جي دل سان تعظيم ڪندا هئا، پنهنجي دردن جو حل ڳولهڻ لاءِ مولانا صاحب وٽ حاضر ٿيندا هئا. مولانا صاحب گهر کان نڪرڻ وقت وڏي چادر مٿان وجهي نڪرندو هو، تہ جيئن ڪا نظر ڪنهن فصول يا ممنوع شيءِ تي نہ پوي. پاڻ هلڻ وقت بہ مراقبي ۾ رهندو هو. مولانا صاحب نندي عمر ۾ تقويٰ جي اعليٰ مقام تي پهتو ۽ عمل جي افق جو روشن ستارو بڻجي چمڪيو. پاڻ جڏهن فجر جي نماز جي امامت لاءِ پنهنجي گهر کان نڪرندو هو تہ هندو رستي جي ٻنهي طرفن کان منتظر بيٺا هوندا هئا. مولانا محمد موسيٰ سومرو صاحب جڏهن سندن پرسان گذرندو هو تہ اهي کيس عرض ڪندا هئا تہ سائين الله جي واسطي اسان کي پنهنجو ديدار ڪرائيندا وڃو، ان تي مولانا صاحب چهري تان ڪجھ ڪپڙو هٽائيندو هو ۽ هو ديدار ڪري سگهندا هئا. هندو اهو ديدار پنهنجي دڪانن ۽ روزي ۾ برڪت جو اعتقاد رکي ڪندا هئا تہ سائينءَ جي ديدار سان اسان جو ڏينهن سٺو گذرندو ۽ دڪان ۾ ڪمائي سٺي ٿيندي. ڳوٺ پنيور ۾ سندس ناناڻان رهندا هئا. اتي کيس دعوت ملي، پاڻ اتي درس ۽ وعظ ڪيائين. اتي کيس معمولي بخار ٿيو. ڳوٺ موٽي رات جو پاڻ خواب ڏٺائين تہ ملائڪن کيس آسمان جو سفر ڪرايو آهي. صبح جو پنهنجن قريبي رشتيدارن کي گهرائي خواب جي سڄي ماجرا ٻڌايائين ۽ چيائين تہ حضور اڪرم ﷺ جن جو فرمان آهي تہ عالم جو خواب ڪوڙو نہ هوندو آهي. اهو خواب ٻڌائڻ کان بعد کين چوڻ لڳو تہ ادا هاڻي اسان جي موڪلاڻي جو وقت اچي ويو آهي. ان تي سيني رشتيدارن چيس تہ سائين اهڙي ڪابہ ڳالھ نہ آهي، خواب تي ڪو اعتبار نہ ڪريو، پر پوءِ بہ کيس يقين هو تہ هاڻي منهنجو وقت پورو ٿي چڪو آهي. آخر يارهين ڏينهن تي هن بزرگ پهرين ذوالقعد ١٣٦٠ھ مطابق ٢١ نومبر ١٩٤١ع بروز جمعہ داعي اجل جي سڏ تي لبيڪ چئي راھ رباني

اختيار ڪئي. وفات وقت سندس عمر ٢٧ سال هئي. ان حساب سان سندس جمڻ جو سال ١٣٣٢ھ مطابق ١٩١٤ع ٿئي ٿو. باقي والله اعلم بالصواب.

مولانا محمد موسىٰ صاحب جي وفات حسرت آيات ٿرڙي محبت ۾ ڪربلا خيز واقعو ٿي گذريو. مرد توڙي عورتون، مسلمان توڙي هندو لڙڪ وهائيندا رهيا. آھ و زاري ۽ خوف جو عالم هو. هر دل غمگين هئي، هر دل ماتم ڪده هئي. سيئي حسرت جا ڳوڙها ڳاڙيندا رهيا. ان ڏينهن شهر ۾ ماڻهن خوش ٿي نہ ڪاڌو. ان وقت وڏيرو محمد رمضان خان ناريجو پاڻ روئندو ۽ اوڇنگارون ڏيندو آيو. عوام جي بيحد اصرار تي مولانا صاحب جي غسل ۽ ڪفن کان بعد سندس جنازي کي پوري شهر جو سرڪس ڪرايو ويو تہ جيئن آخر ۾ اها بابرڪت هستي شهر جي هر گلي مان گذري تہ شهر کي برڪت نصيب ٿئي. سندس جنازي کي مولودن ۽ مداحن جي گهيري ۾ سموري شهر جو گشت ڪرايو ويو. سندس جنازي نماز پڙهائي وئي. ميهڙ جي بزرگ هستي سيد علي اڪبر شاھ صاحب جنهن وقت اتي پهتو تہ مولانا صاحب جو جنازو پڙهجي چڪو هو. پاڻ ٻيهر نماز لاءِ چيائين. ٿوري دير ۾ ٻيا بہ ماڻهو ڪافي تعداد ۾ پهچي ويا جيڪي جنازي ۾ شريڪ نہ ٿي سگهيا هئا. ان ڪري ٻيهر جنازي جي نماز سيد علي اڪبر شاھ صاحب جي اقتدىٰ ۾ ادا ڪئي وئي. ان کان بعد نم اڪين ۽ آنهُن سان ڪيس دفن ڪيو ويو. مولانا محمد موسىٰ صاحب جي وفات جو ٻڌي سندس امڙ هڪ دلسوز دانهن ڪري بيهوش ٿي وئي. ٻارهن پَهرن ۾ ان جي بہ وفات ٿي وئي. قحط الرجال جي زماني ۾ مولانا محمد موسىٰ صاحب جهڙي بي بدل عالم جي وفات اهل علم لاءِ ڪنهن سانحي کان گهٽ نہ هئي.

٥٩ مولانا نثار احمد ڪوسو

مولانا نثاراحمد بن جمعو خان ڪوسو ١٣٢٦ھ مطابق ١٩٠٩ع ڳوٺ نثار احمد ڪوسو ۾ پيدا ٿيو. پاڻ پنهنجي ابتدائي تعليم ڳوٺ اشرف سوڍر جي پرائمري اسڪول منجهان حاصل ڪيائين. ديني تعليم بہ اتي ئي مدرسي منجهان حاصل ڪري فارغ التحصيل ٿيو. علم جي فراغت کان بعد پنهنجي ڳوٺ ۾ ديني تعليم ڏيڻ شروع ڪيائين. مولانا صاحب اهل علم بزرگ ۽ نيڪ سيرت انسان هو. پاڻ هميشہ تدريس ۾ مَحو رهيو. جڏهن پير منا سائين ڪمانگرن ۾ آيو تہ اتي وڃي ساڻس بيعت ڪيائين. پنهنجي ڳوٺ ۾ تدريس ۾ مشغول رهندي پنهنجي مرشد جي زيارت لاءِ ڳوٺ کان پيدل نڪري پوندو هو. پير صاحب کي بہ ساڻس ڪافي لڳاءُ هوندو هو. ٿورڙي ئي عرصي ۾ کيس خلافت نصيب ٿي. مرشد جي فرمان موجب اڪثر علائقن ۾ تبليغ جي سلسلي ۾ ويندو هو. سندس اڪثر تبليغي سفر مولانا حاجي بخشل سوڍر صاحب سان ٿيندا هئا. پاڻ ڪافي پري پري جي علائقن سان گڏ پير وارن ڳوٺن ۽ شهرن ۾ بہ تبليغ جي سلسلي ۾ خدمت سرانجام ڏيندو رهيو. پير منا سائين جي وصال کان بعد پير سهڻا سائين سان ۽ ان کان بعد سچڻ سائين سان بيعت ڪيائين. پاڻ بهترين شاعر پڻ هو. سهڻا سائين جي اصرار تي درگاھ فقيرپور ۾ سڪونت اختيار ڪيائين. اتي ساندھ ڇهہ سال رهيو. جڏهن سندس طبيعت ناساز رهي تڏهن مرشد کان اجازت وٺي پنهنجي ڳوٺ موٽي آيو پاڻ ١١ ربيع الثاني ١٤٠٨ھ مطابق ٣ ڊسمبر ١٩٨٧ع بروز خميس ئي وفات ڪيائين. سندس وصيت مطابق سندس جنازي نماز سچڻ سائين پڙهائي ۽ کيس فقيرپور ۾ ئي دفن ڪيو ويو.

٦٠ مولانا حافظ نظير احمد ڳورڙ

مولانا حافظ نظير احمد بن بخشل خان ڳورڙ ٣٠ ربيع الاول ١٣٦٩ھ بروز جمعہ ٢٠ جنوري ١٩٥٠ع ۾ ڳوٺ سوجهرو ڳورڙ ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي پرائمري تعليم پرائمري اسڪول سوجهرو ڳورڙ منجهان حاصل ڪيائين. ڳوٺ جي مسجد مان حافظ محراب ڳورڙ صاحب وٽ قرآن مجيد ناظره پڙهيو ۽ حفظ بہ اتي ئي پورو ڪيائين. ان کانپوءِ ١٩٦٢ع ۾ ”مدرسه عربيه دارالقرآن ميهڙ“ ۾ قاري محمد صاحب وٽ علم تجويد، عربي ۽ فارسي جا

بنيادي سبق پڙهي ورتائين.[١٧٣] ان دوران هاءِ اسڪول ميهڙ ۾ محترم الهرکيو ڳورڙ صاحب "F.A" جي عهدي تي ڪم ڪري رهيو هو. ان جي همٿائڻ تي ١٩٦٤ع ۾ "ABC" کان پڙهڻ شروع ڪيائين. محترم الهرکيو صاحب کيس پاڻ پڙهائڻ شروع ڪيو. آخر ميٽرڪ تائين پڙهائي ان جا امتحان ڏياريائين. ان کانپوءِ مولانا محمد حسن "بازري" ڪانڊڙو جي مدرسي مان باقي ڪتاب پڙهي درس نظامي مڪمل ڪيائين.[١٧٤] ١٩٦٨ع ۾ کيس عربي ٽيچر مقرر ڪيو ويو، ١٩٦٩ع ۾ "JST" ٿيو. ان دوران پاڻ ايم اي اسلامڪ ڪلچر، ايم اي اردو ۽ ايم اي عريبڪ جون ڊگريون حاصل ڪيائين. نوڪري سان گڏ ڳوٺ جي ٻارڙن کي قرآن مجيد جي تعليم به ڏيندو رهيو. ١٩٦٧ع کان ١٩٦٩ع تائين مولوي عربي، مولوي عالم ۽ مولوي فاضل جا امتحان اورينٽل ڪاليج قمبر منجهان پاس ڪيائين. مولانا صاحب اوتي ۽ بي ايڊ جا امتحان به پاس ڪيا. ١٩٨٣ع ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪري ليڪچرار ٿيو.[١٧٥] پاڻ گورنمينٽ نيشنل ڪاليج بهادرآباد ڪراچي ۽ ڊگري ڪاليج سائنس سيوهڻ ۾ خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. آخر ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج نصيرآباد ۾ بدلي تي آيو، هتان ٢٠١٠ع ۾ ١٩ گريڊ تان پرنسيپال جي عهدي تان رٽايرڊ ٿيو. هاڻي ڪوٽڙي ۾ مستقل رهائش اختيار ڪئي اٿائين. مولانا صاحب شروع کان ئي باڪردار ۽ ٻين لاءِ پنهنجي دل ۾ درد رکڻ وارو انسان رهيو آهي. پاڻ کان جيترو ممڪن ٿي سگهيو ٻين جي مدد ڪندو رهيو آهي. پنهنجي فرض سان هميشه سچو رهيو، دل جي جوش ۽ ولولي سان خدمت ڪندو رهيو آهي. هڪ شفيق استاد جي روپ ۾ پاڻ مڃرايائين. پاڻ محنت ڪرڻ وارو ۽ ٻين کي محنت ڪرڻ تي همٿائڻ وارو رهيو آهي. پاڻ هٺ جو ڪليل، صله رحمي کي برقرار رکڻ لاءِ قربانيون ڏيڻ واري شخصيت، نئين نسل کي همٿائڻ ۽ رهنمائي ڪرڻ ۾ نمايان رهيو آهي. سندس هزارين شاگرد اڄ وڏن وڏن عهدن تي پنهنجا فرائض سرانجام ڏئي رهيا آهن، جن تي پاڻ خوش ٿيندو آهي ته انهن جي ڪجھ رهنمائي ڪرڻ ۽ انهن جو استاد هئڻ جو شرف پڻ حاصل آهي.

٦١ مولانا يارمحمد جويو

مولانا يارمحمد ولد محمد صديق جويو ڳوٺ قائم شاهه آڳرو ۾ ١٣٤٠ھ مطابق ١٩٢١ع ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ مولانا عبدالرحمٰن آڳرو ۽ مولانا محمد آڳرو وٽ پڙهيو. ان کان بعد فارسي جا ڪجهه ڪتاب مولانا محمد سليمان نوناري (واعظ) وٽ پڙهيو. ان کان پوءِ اڪثر ڪتاب مولانا عبدالڪريم مگسي صاحب وٽ ڳوٺ سوڀو خان مگسي ۾ پڙهيو. ان کان بعد ڪجهه وقت مولانا غلام عمر جتوئي صاحب وٽ سونو جتوئي ۾ به پڙهيو. ان کان بعد منطق ۽ فلسفي جا ڪتاب مولانا خان محمد آڳرو صاحب وٽ پڙهيو. آخر ۾ بقايا ڪتاب مولانا عبدالڪريم مگسي صاحب وٽ پڙهي دستاربندي ڪيائين. ان کان بعد ڪوئٽه ۾ دوره حديث پڙهيو. تحصيل علم جي فراغت ڪان بعد ساري زندگي تدريسي خدمت ۾ مصروف رهيو. تدريسي خدمت جي سلسلي ۾ خان پور جوڻيجو ۾ پڙهايائين. ان کان بعد ڳوٺ ميرحسن گاڏهي نزد خيرپور ناٿن شاهه ۾ پڙهائيندو رهيو. ان کان بعد "دارالعلوم قادريه" مين روڊ خيرپور ناٿن شاهه تي قائم ڪري تدريسي خدمت ۾ مصروف رهيو. سندس شاگردن جو تعداد به تمام گهڻو رهيو. پاڻ پنهنجي زندگيءَ جا بقايا ڏينهن ان پنهنجي مدرسي ۾ تدريسي خدمت ڪندي گذاريائين. سندس وفات انهيءَ مدرسي ۾ ۴ ربيع الاول ١۴١٠ھ مطابق ۵ آڪٽوبر ١٩٨٩ع بروز خميس تي ٿي. کيس پنهنجي انهيءَ مدرسي ۾ ئي دفن ڪيو ويو.

مولانا يارمحمد صاحب باعمل عالم، متقي، صوفي بزرگ، فقير طبيعت جو انسان هو. پاڻ قابل عالم به هو ته تصوف ۾ صوفي سالڪ به هو. پاڻ سادگيءَ واري زندگي گذاريندو رهيو. سندس درس نهايت آسان ۽ آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچڻ وارو هو، پاڻ وعظ نصيحت ۾ پراثر، هر وقت ذڪر ۽ فڪر ۾ مستغرق رهڻ وارو بزرگ هو. مولانا جويو صاحب سير و سفر جو شوقين هوندو هو. عربي عبارت لکڻ جو نهايت قابل عالم هو. سندس فتوائون ۽ تحريرون به ڪافي مشهور رهيون.

حوالا

١. ڏاها ذات ڏٺي، ص ٢١ .
٢. دادو ضلعو هڪ اڀياس، ص ١٠٣.
٣. ميهڙ جون ديني درسگاهون، ص ١٢٢.
٤. تحريڪ آزاديءَ ۾ سنڌ جي عالمن جو حصو، ص٢٨٠
٥. دادو ضلعو هڪ اڀياس، ص ١٠٤.
٦. ميهڙ جون ديني درسگاهون، ص ١٢٣ .
٧. مضمون "علامه الاهي بخش بلوچ"، روزانہ مهراڻ، حيدرآباد، ٢٥ فيبروري ٢٠٠٦.
٨. صحيح بخاري، حديث نمبر ١١٠.
٩. سورة ص:٣٨، آيت ٢٦.
١٠. دادو ضلع هڪ اڀياس، ص ١٠٤ .
١١. تحريڪ آزاديءَ ۾ سنڌ جي عالمن جو حصو، ص ٢٨١ .
١٢. ايضًا، ص٢٨٢.
١٣. ماهوار شريعت "سوانح حيات نمبر"، جلد٦، شمارو١_٢، ص٣٢٥.
١٤. دادو ضلعي جو اسلامي ورثو هڪ اڀياس، ص٧٠.
١٥. ميهڙ جون ديني درسگاهون، ص ٧٣.
١٦. مهراڻ _ سوانح نمبر، حصو پهريون، ڇاپو ٻيو، ص ١١٢.
١٧. ايضًا، ص ١١٢.
١٨. روزانو "الوحيد" ڪراچي مؤرخہ ٢ جنوري ١٩٢٢ع ص ٢.
١٩. تذڪرة الخلفاء الغفارية، ص ٢٥٢.
٢٠. قرب ڪريمي، ص ٢٢٢.
٢١. ميهڙ جي ديروي (ڏيرا) خاندان جون علمي ۽ ادبي خدمتون، ص١٨٤.
٢٢. شريعت سوانح نمبر، ص ٣٤٩ .
٢٣. ايضًا، ص ٣٤٠ .
٢٤. آڳرو، بدرالدين، حافظ، مضمون "علامه دين محمد اديب فيروزشاهي، روزاني عوامي آواز، ڪراچي، ٦ فيبروري ٢٠٠٦.
٢٥. دادو ضلعي جو اسلامي ورثو هڪ اڀياس، ص ٢٤ .
٢٦. مهراڻ شاعر نمبر، ڇاپو ٻيو، ص ٢٤٨، ڄامشوروسنڌي ادبي بورڊ ١٩٩٠.
٢٧. مهراڻ سوانح نمبر، ص ٢٢٧ .
٢٨. دادو ضلعو هڪ اڀياس، ص ١٣٠ .

٢٩. فارسي گويان پاڪستان، ص٤٠٠.
٣٠. تذڪرة الخلفاءِ الغفارية، ص ٥١٢.
٣١. ميهڙ جي ديروي (ڏيرا) خاندان جون علمي ۽ ادبي خدمتون، ص ١٤٨ .
٣٢. ايضًا، ص ١٦٧.
٣٣. جامع الترمذي، حديث نمبر ٢٦٨٢.
٣٤. مهراڻ سوانح نمبر، ص ١٧٢.
٣٥. ايضًا
٣٦. قاضي عارف کان اولهه طرف تقريبًا ٢ ڪلوميٽرن جي پنڌ تي اهو ڳوٺ آهي.
٣٧. مهراڻ سوانح نمبر، ص ١٧٢.
٣٨. سنڌ جا اسلامي درسگاهه، ص ٣٢٨.
٣٩. ايضًا
٤٠. ماهوار نئين زندگي، ص ٢٨، ڊسمبر ١٩٥٨.
٤١. ڳوٺ جي عمر رسيده بزرگن ۽ عورتن کان حاصل ڪيل معلومات
٤٢. سائين عبدالمجيد صاحب پير الله بخش العروف سهڻا سائين جو خليفه مجاز ۽ پير آهي. سندس ڪيترائي مريد آهن.
٤٣. ڳوٺ جي عمر رسيده بزرگن ۽ عورتن کان حاصل ڪيل معلومات
٤٤. ناظم مدرسه خادم العلوم ميهڙ
٤٥. تحريڪ آزاديءَ ۾ سنڌ جي عالمن جو حصو، ص ٣٠٦.
٤٦. مهراڻ سونح نمبر ،ص ١٥٧.
٤٧. سنڌ جو گوهر ناياب، شمس الدين بلبل، ڇاپو پهريون، ص ٢٩.
٤٨. تذکرہ مشاہیر سندھ، اردو، حصہ اول، اشاعت اول، ص ١٨٤.
٤٩. بلبل سنڌ، ڇاپو پهريون، ص ٤٠.
٥٠. جام جر، سنڌ جي مسلمانن جا سياسي مسئلا، ص٥٦.
٥١. مضمون ”پارڪو شمس الدين بلبل“، روزانه مهراڻ، حيدرآباد، ١٥ فيبروري ٢٠٠٦ .
٥٢. دادو ضلعو هڪ اڀياس، ص ١٥٢
٥٣. دادو ضلعو ڪالهه ۽ اڄ، ص ٢٢٧.
٥٤. قرب ڪريمي، ص ١٧٧.
٥٥. مهراڻ سوانح نمبر، ص ١١٣ .
٥٦. شريعت سوانح نمبر، ص ٣١٤ .
٥٧. دادو ضلعو هڪ اڀياس، ص ٢١٤.
٥٨. ماهوار الصادق، ص١١، ڪراچي، قاضي پرنٽرس، آگسٽ، سيپٽمبر ١٩٨٢.

٥٩. لاڙجي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ، ص٣٢٣.
٦٠. روزانہ "الوحيد" ڪراچي، ص ٢، مؤرخہ ٢٤ فيبروري ١٩٤٢ .
٦١. ماهوار پيغام، مارچ-اپريل ١٩٨١ع، ص ٢٦.
٦٢. دادو ضلعو هڪ اڀياس، ص ٢٨٢.
٦٣. ماهوار شريعت، جلد٢٣، شمارو٧، فيبروري ١٩٩٦، ص٣٥.
٦٤. ميهڙ جي ديروي (ڏيرا) خاندان جون علمي ۽ ادبي خدمتون،ص١٣٦.
٦٥. سندس فرزند مولانا جوهر بروهي ٻڌايو تہ قاري محمد صاحب سڀ کان پهرين سند علم تجويد ۽ قرآءت جي سندس والد مولانا قاري عبدالڪريم بروهي صاحب جن کي ڏني هئي. وٽس اها سند محفوظ هئي. بعد ۾ ڪانئس گم ٿي وئي.
٦٦. i : مهراڻ سوانح نمبر، حصو پهريون، ڇاپو ٻيو، ص ١٩٠.
Dadu at a Galance , page 269 : ii
٦٧. هاڻي اهو ڳوٺ "رضا محمد ڏيرو" تعلقہ خيرپور ناٿن شاھ ضلع دادو ۾ آهي.
٦٨. انسائڪلوپيڊيا سنڌيانا، جلد پنجون ، ص ٣٦٩.
٦٩. شريعت سوانح حيات نمبر، ص ٣٣١.
٧٠. مهراڻ سوانح نمبر، ص ١٩٠ .
٧١. ميهڙ جون ديني درسگاهون، ص ٩٣.
٧٢. دادو ضلعي جو اسلامي ورثو هڪ اڀياس، ص ١٠١ .
٧٣. دادو ضلعو هڪ اڀياس، ص ١١٢.
٧٤. مهراڻ سوانح نمبر، ص ١٩١.
٧٥. ماهوار شريعت سوانح حيات نمبر، ص ٣٣٢ .
٧٦. ميهڙ جي ديروي (ڏيرا) خاندان جون علمي ۽ ادبي خدمتون، ص ٦٨.
٧٧. مهراڻ سوانح نمبر، ص ١٩٢ .
٧٨. روزانہ "الوحيد" کراچی، تاریخ ٢٢ سيپٹمبر ١٩٢٢، ص٤.
٧٩. تحريڪ آزاديءَ ۾ سنڌ جي عالمن جو حصو، ص ٣٢٤.
٨٠. ميهڙ جي ديروي (ڏيرا) خاندان جون علمي ۽ ادبي خدمتون، ص ٧٣.
٨١. ست ستارا، ص ٢٤.
٨٢. دادو ضلعو ڪالهہ ۽ اڄ، ص ٢٥٨.
٨٣. تحريڪ آزاديءَ ۾ سنڌ جي عالمن جو حصو، ص ٣٣٧.
٨٤. دادو ضلعي جو اسلامي ورثو هڪ اڀياس، ص٢٥٩ .
٨٥. غالبًا اهو بزرگ شيخ عبدالقادر جيلاني هو.

٨٦. مهراڻ سوانح نمبر، ص ٥٩ .
٨٧. تذکره مشاہير سندھ، جلد دوم، سوم، اشاعت اول، ص ٤٥٣.
٨٨. مهراڻ سوانح نمبر، ص ٦٠ .
٨٩. سورة الذاريات ٥١. آيت ٥٦.
٩٠. دادو ضلعي جو اسلامي ورثو هڪ اڀياس، ص ١١٣.
٩١. دادو ضلعو ڪالهه ۽ اڄ، ص ٢٦٣.
٩٢. ايضًا، ص ٢٥٠.
٩٣. مهراڻ سوانح نمبر، ص ٦٢.
٩٤. شريعت سوانح نمبر، ص ٣١٣.
٩٥. ميهڙ جون ديني درسگاهون، ص٨٠.
٩٦. دادو ضلعو هڪ اڀياس، ص ٢١٠ .
٩٧. سنڌ جا اسلامي درسگاهه، ڇاپو ٻيو، ص٣٧٥.
٩٨. جيون سفر سڪ جو، ص ١٧٧.
٩٩. تحريڪ آزادي ۾ عالمن جو حصو، ص ٣٥٣ .
١٠٠. مهراڻ شاعر نمبر، ص ٢٦٢ .
١٠١. دادو ضلعي جو اسلامي ورثو هڪ اڀياس، ص ١٧٨ .
١٠٢. دادو ضلعو ڪالهه ۽ اڄ، ص ٢٢٨ .
١٠٣. سوانح حيات نواب سر غيبي خان چانڊيو، ڇاپو پهريون، ص٢٧١.
١٠٤. سنڌ جو اتر ڪاڇو عرف چانڊڪو ڪاڇو، ص٢٥٥.
١٠٥. دادو ضلعي جو اسلامي ورثو هڪ اڀياس، ص٢١٩.
١٠٦. ڳوٺ ۽ ڳوناٺا، حصو ڇهون، ص ٥٦.
١٠٧. ميهڙ جون ديني درسگاهون، ص ١٠٥.
١٠٨. ماهنامہ نئين زندگي، ڊسمبر ١٩٥٧ع
١٠٩. دادو ضلعي جو اسلامي ورثو هڪ اڀياس، ص ٢٣٢
١١٠. دادو ضلعو هڪ اڀياس، ص ١٥٦.
١١١. تعارف اتحاد المدارس ضلع دادو ، (اردو) ص٥٤ .
١١٢. سنڌ جو اتر ڪاڇو عرف چانڊڪو ڪاڇو، ص ٢٥٥.
١١٣. سوانح حيات نواب سر غيبي خان چانڊيو، ڇاپو پهريون، ص ٢٧١ .
١١٤. دادو ضلعي جو اسلامي ورثو هڪ اڀياس، ص٢٢٧.
١١٥. تعارف اتحاد المدارس ضلع دادو، (اردو) ص ٥.

١١٦. دادو ضلعي جو اسلامي ورثو هڪ اڀياس، ص ٢٢٨
١١٧. شريعت سوانح نمبر، ص ٣١٨ .
١١٨. مهراڻ سوانح نمبر، ص ٨٩ .
١١٩. دادو ضلعو هڪ اڀياس، ص ١٠٣ .
١٢٠. سوينئر ٢٠١٥ ھاءِ اسڪول ون ميهڙ، ص ١٧.
١٢١ . سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو، ص ١١٨، ١٢١.
١٢٢. قرب ڪريمي، ص ١٤.
١٢٣ . ماهوار صِراط الهدیٰ ، ص ۴٥، آڪٽوبر ٢٠١٧ ، سلسلو نمبر ١٣۴
١٢۴. مهراڻ سوانح نمبر، ص ٥٨ .
١٢٥. هيءَ معلومات عبدالستار ولد صاحب ڏنو ڏيرو صاحب کان تاريخ ١١-٣-٢٠١٩ تي ٦:٢٠ pm تي مدرسه عربيه دارالقرآن والحديث ميهڙ ۾ ڪچهري دوران حاصل ڪئي.
١٢٦. سنڌ جو اتر ڪاڇو عرف چانڊڪو ڪاڇو، ص ٣٢٣ .
١٢٧. ايضًا ص ٣٢۴.
١٢٨ . i: ڏيرو، بشيراحمد، قاري محمد صاحب جي سوانح حيات، قلمي مخطوطو، ص١
ii : ميهڙ جي ديروي (ڏيرا) خاندان جون علمي ۽ ادبي خدمتون، ص ٩٦.
iii : قاري صاحب جي شناختي ڪارڊ موجب.
١٢٩. حضرت مولانا عبدالڪريم ڏيرو ۽ قاري محمد صاحب جي والد محترم عيسیٰ جي امڙ سانئڻ هڪ ئي هئي پر سندن والد الڳ هئا. مولانا عبدالڪريم ڏيرو صاحب پنهنجي تصنيف اندر عربي زبان ۾ ديروي، ڏيرا لفظ جو عربي لهجواپنايو. هي لفظ ڪافي مقبول به ٿيو. جنهن کان بعد مولانا صاحب 'ديروي' جي لقب سان ئي مشهور ۽ معروف ٿي ويو.
١٣٠. ميهڙ جي ديروي (ڏيرا) خاندان جون علمي ۽ ادبي خدمتون، ص ٩٦.
١٣١. دادو ضلعو ڪالهه ۽ اڄ، ص ٢٥٦.
١٣٢. ماهوار شريعت، جلد٣٨، شمارو٢، روهڙي، آگسٽ٢٠١٠، ص ٢٢.
١٣٣. ست ستارا، ص ٣٣.
١٣۴. دادو ضلعو ڪالهه ۽ اڄ، ص ٢٦١.
١٣٥. ميهڙ جي ديروي (ڏيرا) خاندان جون علمي ۽ ادبي خدمتون، ص٩٦.
١٣٦. دادو ضلعي جو اسلامي ورثو هڪ اڀياس، ص ٢٠٦.
١٣٧. ميهڙ جي ديروي (ڏيرا) خاندان جون علمي ۽ ادبي خدمتون، ص ٩٦.

١٣٨ قاري محمد صاحب جي سوانح حيات، قلمي مخطوطو، ص ٢.
١٣٩. ماهنامہ نصيحت، جلد٣، شمارو٥ تا ١٢، نومبر، ڊسمبر ١٩٩٥، سکر، ص ٢١.
١٤٠. ست ستارا، ص ٢٩.
١٤١. هيءَ معلومات قاري صاحب جي اولين شاگردن منجهان پياري شاگرد مولانا حافظ قاري نثار احمد منگي صاحب کان ٢٠١٩-٢-٩ تي شڪارپور ۾ هزاري در تي قائم مشتاق مسجد ۾ انٽرويو دوران حاصل ڪئي.
١٤٢. سورة الماعدة ٥ ، آيت.٥٤
١٤٣. هيءَ معلومات مولانا محمد قاسم سومرو صاحب (ڪنڊيارو) کان سندس لائبريري ۾ ڪچهري دوران حاصل ڪئي.
١٤٤ ماهنامہ نصيحت، جلد١١،شمارو٥ تا ١٢، ص٢٥، مئي تا ڊسمبر٢٠٠٣.
١٤٥. ميهڙ جي ديروي (ڏيرا) خاندان جون علمي ۽ ادبي خدمتون، ص٩٧.
١٤٦ ميهڙ جون ديني درسگاهون، ص ٨٣.
١٤٧. ايضًا، ص ٨٤.
١٤٨. ميهڙ جي ديروي (ڏيرا) خاندان جون علمي ۽ ادبي خدمتون، ص ١٠٩.
١٤٩. مولانا صاحب جي همشيره قاري صاحب جن جي زوجہ محترمه هئي. مولانا بروهي صاحب هن وقت صوبي بلوچستان جو جميعت علماء اسلام پاڪستان جو امير ۽ صوبائي اسيمبلي جو سينيٽر ۽ خضدار ۾ مدرسي جو مهتمم آهي.
١٥٠. شريعت سوانح نمبر، ص ٣٤٨.
١٥١. قرب ڪريمي، ، ص ٢٠١.
١٥٢. ايضًا، ص ٢٠٢.
١٥٣. تذڪرةُ الخلفاءِ الغفاريه، ص ٤٨٠.
١٥٤. ميهڙ جي ديروي (ڏيرا) خاندان جون علمي ۽ ادبي خدمتون، ص ١٢٥.
١٥٥. هيءَ معلومات مولانا فيض محمد بروهي صاحب کان ميهڙ ۾ مدرسه عربيہ دارالقرآن والحديث ۾ تاريخ ٢٠١٩_٢_١٠ حاصل ڪئي.
١٥٦. راقم جي پنهنجي ذاتي رهائش بہ مفتي صاحب جي هن ميهڙ واري گهر جي پرسان آهي. مفتي صاحب سان ملاقات ۽ زيارت جو شرف بہ حاصل ٿيل آهي.
١٥٧. شريعت سوانح نمبر، ص ٣١٤ .
١٥٨. دادو ضلعي جو اسلامي ورثو هڪ اپياس، ص ١٠٠ .
١٥٩. مهراڻ سوانح نمبر، ص ٨٨ .
١٦٠. شريعت سوانح نمبر، ص ٣٥٠ .

١٦١. مهراڻ سوانح نمبر، ص ١٧٦
١٦٢. شريعت سوانح نمبر، ص ٣٢٩ .
١٦٣ . دادو ضلعو هڪ اڀياس، ص ١١٠ .
١٦٤. دادو ضلعي جو اسلامي ورثو هڪ اڀياس، ص ٧٠ .
١٦٥. دادو ضلعو ڪالھ ۽ اڄ، ص ٢٥٣ .
١٦٦. امن سڀا ۾ شامل ٿيندڙن لاءِ متفقه فتويٰ، ص١۴ .
١٦٧. روزانہ الوحيد، ڪراچي، مؤرخہ ٩ جنوري ١٩٢٢ع ص۴ .
١٦٨ . روزانہ الوحيد؛ ڪراچي، مؤرخہ ٢٠ مارچ ١٩٢٥ع ص۴ .
١٦٩. جنب گذاريم جن سين، جلد پهريون، ص٢۴٢.
١٧٠. تذڪرة الخلفاءِ الغفاريه، ص ۴٧٨.
١٧١. ماهوار نئين زندگي، ڊسمبر ١٩٥٧.
١٧٢. مولانا محمد موسيٰ سومرو صاحب جي وفات تي چيل مرثيو قلمي نسخو.
١٧٣. دادو ضلعي جو اسلامي ورثو، ص ٢٥٣.
١٧۴ . جيون سفر سڪ جو، ص ۴٦٦.
١٧٥. دادو ضلعي جو اسلامي ورثو؛ ص ٢٥۴.

٦٢ اسحاق راهي

ميهڙ جي مٽيءَ کي شهرت بخشڻ وارن انيڪ شخصيتن منجهان هڪ شخصيت اسحاق راهي جي بہ آهي. سندس وڏڙا ڪنڌياري تعلقي جي ڳوٺ ”بکري“ مان لڏي اچي ميهڙ ۾ آباد ٿيا. اسحاق بن محمد صالح سومرو جو جنم ٥ محرم الحرام ١٣٥٤ھ مطابق ٩ اپريل ١٩٣٥ع بروز اڱارو ميهڙ ۾ ٿيو.[١] پاڻ ميٽرڪ تائين جي تعليم ميهڙ منجهان حاصل ڪيائين. سندس استادن ۾ مولانا غلام محمد گرامي ۽ محمد نواز (محزون) پڻ صاحب شامل آهن.[٢] کيس ننڍپڻ کان شاعري پڙهڻ جو نهايت گهڻو شوق هوندو هو. محترم نشتر ناٿن شاهي جي صحبت ۾ رهي شاعري لکڻ بہ شروع ڪيائين. پاڻ لکڻ جي باقائده شروعات ١٩٥٦ع ۾ ڪيائين. مسلسل زندگيءَ جي آخري ڏينهن تائين لکندو رهيو. راهي صاحب شروع ۾ پرائمري استاد ٿيو، بعد ۾ تعليم کاتو ڇڏي زراعت کاتي ۾ فيلڊ اسسٽنٽ طور خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. اسحاق راهي صاحب ٢٦ ذوالحج ١٤١٤ھ مطابق ٦ جون ١٩٩٤ع بروز سومر هن فاني دنيا منجهان لاڏاڻو ڪري حقيقي مالڪ سان مليو. راهي صاحب ڪيترين ئي ادبي تنظيمن جو روح روان رهيو.

اسحاق راهي صاحب شاعري جي صنف ۾ پنهنجو جيون گذاريو. ميهڙ جي اعلىٰ پايي جي اديبن ۾ راهي صاحب جو نالو صف اول جي نالن ۾ شمار ٿئي ٿو. جيئن بلبل صاحب، محزون صاحب، گرامي صاحب، مولانا اديب صاحب وغيره ميهڙ جي سڃاڻپ بڻيا، تيئن اسحاق راهي صاحب ميهڙ جي سڃاڻپ بڻيو. ميهڙ شهر اسان جهڙن کي سڃاڻپ بخشي ٿو تہ ميهڙ اسان جي آهي پر راهي صاحب جي شخصيتن لاءِ اهو چئبو آهي تہ اهي ميهڙ جا آهن. ميهڙ کي عزت ۽ شهرت بخشڻ وارين هنن هستين پنهنجو جيون قلمي پورهيو ڪندي، پاڻ کي امر ڪرڻ ۽ عوام جي دلين جي ترجماني ڪندي گذاريو. راهي صاحب جي شاعري بہ ميهڙ جي مشهوري جو سبب بڻي. کيس غزل ۾ ڪمال حاصل هو. پاڻ شاعري جي مروج سڀني صنفن تي شاعري ڪئي اٿائين. پر غزل سندس پسنديده محبوب صنف هوندي هئي.[٣] سندس شاعري ڪيتروئي عرصو ريڊيو جي ذريعي گونجندي رهي. سندس ڪلام سنڌ جي ڪيترن ئي مشهور راڳين ڳايو آهي. سندس شاعري مختلف رسالن، مئگزينن ۽ اخبارن جي زينت بڻجندي رهي. سندس شاعري معاشري

جي سچي ۽ حقيقي عڪاسي ڪري ٿي. پاڻ قومي ۽ سماجي مسئلن بابت لکيو اٿائين. سندس شاعري روح پرور آهي. سندس شاعري ۾ حب الوطني جو جوش پڻ سمايل آهي. سندس قلم ڏاڍ، ظلم، بربريت، ناانصافي، سماجي اڻ برابري، استحصال، سماجي برائين ۽ غلط ڪارين خلاف جهاد ڪندو رهيو. سندس شاعري ۾ قدرتي نظارن جي سونهن، انسانيت، همدردي، سماجي ميل جول، امن، پائيچاري ۽ محبت جو درس مليل آهي.

٦٣ اعجاز علي هالو

حضرت انسان پنهنجي نيڪ سيرت سان معاشري کي معطر بڻائي ڇڏيندو آهي. معاشري جا ڪارآمد فرد اهي ئي هوندا آهن جيڪي پنهنجي حصي جو ڪم احسن طريقي سان سرانجام ڏيندا رهندا آهن. سندن ڪردار جي مهڪ پوري معاشري کي معطر بڻائي ڇڏيندي آهي. هر انسان پنهنجي لاءِ جيئندو آهي. اصل زندگيءَ جو مزو تڏهن ماڻي سگهجي ٿو جڏهن انسان ٻين ڪارڻ جيئي. هر هڪ انسان پنهنجي ڪردار جي تاثير سان ٻين جون دليون موهي وجهندو آهي.

اهڙي پرتاثير ڪردار وارو هڪ انسان سائين محترم اعجاز علي هالو بہ آهي. اعجاز علي بن محمد صديق هالو ١٥ آگسٽ ١٩٦٨ع مطابق ٢٠ جمادي الاول ١٣٨٨ھ بروز اڱارو ڳوٺ جڙيو هالو ۾ پيدا ٿيو. پرائمري تعليم حاصل ڪري ١٩٨٤ع ۾ ميٽرڪ، ١٩٨٦ع ۾ انٽر، ١٩٨٩ع ۾ بي اي، ١٩٩٢ع ۾ ايم اي سنڌي ۽ ٢٠٠٠ع ۾ ايم ايڊ جي ڊگري حاصل ڪيائين. ١٩٨٩ع ۾ تعليم کاتي ۾ JST ڀرتي ٿيو. سندس ٥ آگسٽ ١٩٩٣ع ۾ HST جو پروموشن ٿيو. پاڻ پهرين آگسٽ ٢٠١٩ع ۾ هاءِ اسڪول نئون ڳوٺ جو هيڊ ماسٽر ٿيو ۽ ١٦ آڪٽوبر ٢٠٢٠ع کان هن وقت تائين تعلقہ ايجوڪيشن آفيسر ميل ميهڙ جي عهدي تي فائز آهي. پاڻ مولانا قاري سعيد احمد ڏيرو صاحب سان ڪافي گهري دوستي هئڻ ڪري ڪانئس ڪافي ڪجھ ديني علم حاصل ڪيائين. مولانا صاحب جي صحبت جي اثر هيٺ ڪيس ڪتاب مطالعو ڪرڻ جو تمام گهڻو شوق جاڳيو. ان شوق جي نتيجي ۾ سندس گهر ۾ هڪ سٺي لائبريري وجود ۾ آئي، جنهن ۾ ڪتابن جو ڪافي تعداد شامل آهي. هن لائبريري جو نالو ”صراط مستقيم اسلامڪ لائبريري“ رکيو

اٿائين.

اعجاز علي هالو صاحب کي الله رب العزت ادب ۽ احترام جو مادو ڪجھ سوايو عطا فرمايو آهي. پاڻ ياروبس ۽ هڏڏوڪي انسان آهي. دوستيءَ ۾ سڀ ڪجھ قربان ڪري ڇڏڻ جو جذبو رکڻ وارو انسان آهي. هن شخصيت پنهنجي ڪردار، عمل، ادب، احترام، تواضع ۽ محبت سان ڪيترين ئي دلين ۾ پنهنجي لاءِ هڪ اهم مقام ناهي ورتو آهي. سندس لازوال ڪردار ۾ هڪ عجيب قسم جي ڪشش آهي. ساڻس پهريون دفعو ملاقات ۾ ئي ايئن محسوس ٿيندو آهي جڻ ته ساڻس سالن کان ملاقات ۽ واقفيت آهي. ساڻس پهريون دفعو ئي ملاقات ڪرڻ سان هڪ قسم جي پنهنجائپ محسوس ٿيندي آهي. سندس شيرين گفتار مَن کي موهي وجهندي آهي. پاڻ پنهنجن دوستن ۽ مهمانن لاءِ هر هر گهور وڃڻ وارو رويو اختيار ڪري انهن جي دلين ۾ امر ٿي چڪو آهي. راقم جي سندس فرزند حافظ امجد علي هالو سان گهري دوستي هئڻ ڪري اڪثر ملاقات ٿيندي رهندي آهي. ڪيس هميشه جلدي ۾ ڏٺو. چوندو آهي ته بابا فلاڻا دوست انتظار ۾ آهن، انهن سان ملاقات ڪرڻي آهي سو جلدي ۾ آهيان. جلدي ۾ توهان جي ڪجھ خدمت ڪرڻ چاهيان ٿو. ڏاڍي اصرار بعد ڪيس خدمت نه ڪرڻ تي منهن تي ناگواريءَ وارا تاثرات ڪٽي ويندي ڪئي بار ڏٺو اٿم. اعجاز علي هالو پنهنجو اڪثر وقت عبادت سان گڏ دوستن، عزيزن ۽ ٻين جي مسئلن کي حل ڪرڻ، مدد ڪرڻ ۽ ملاقات ۾ صرف ڪندو آهي. پاڻ ١٩٩٥ع کان دعوت تبليغ جي ميدان ۾ خدمت ڪرڻ لڳو. ٢٠٠٠ع کان وٺي هن وقت تائين ”محمدي مسجد“ وارھ اسٽاپ ميهڙ ۾ هر جمعي جو خطبو ڏيندو ۽ نماز جي امامت جا فرائض سرانجام ڏيندو اچي ٿو.

٦٤ سيد اعظم علي شاهہ

انسان جي شخصيت ۽ عملي زندگيءَ تي والدين، استاد ۽ ماحول جو تمام گهڻو اثر هوندو آهي. استاد سندس زندگيءَ ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. استاد کي والد صاحب جو درجو ڏنو ويو آهي. استاد انساني زندگيءَ جي نشونما ڪري ٿو. معصوم ٻار جي ڪوري ذهن تي پنهنجا اثرات نقش ڪري ٿو. استاد ٻار لاءِ مثالي نمونو (Role Model) بڻجي سندس سامهون ايندو آهي. ٻار لاءِ استاد هڪ معياري (Ideal) شخصيت هوندو آهي. ڪامياب استاد پنهنجي شاگردن جي دلين ۾ موت کان بعد به زنده رهجي ويندو آهي. بهترين استاد ٻار کي پنهنجو ڪل سرمايو سمجهي پنهنجي پوري ڪوشش سان کيس نکاري ڪامل انسان بڻائي معاشري جو هڪ بهترين فرد بنجڻ ۾ سندس مدد ڪندو آهي. استاد شخص ساز (Person Maker) هوندو آهي. هزارين سڪندراعظم گڏجي هڪ استاد پيدا نہ ٿا ڪري سگهن، مگر هڪ استاد هزارين سڪندر اعظم پيدا ڪري سگهي ٿو. استاد والد صاحب وانگر دنيا جي اها هستي هوندو آهي جيڪو چاهيندو آهي تہ منهنجو شاگرد مون کان وڌيڪ قابل ۽ ڪامياب بڻجي. هر استاد جي سڃاڻپ سندس شاگرد هوندا آهن. ڪامياب استاد پنهنجي شاگرد کي تعليم ڏيڻ سان گڏ سندس ڪردار کي پڻ سنواريندو آهي. اهڙا استاد عظيم هوندا آهن جيڪي شاگردن اڳيان پنهنجو ڪردار نموني طور پيش ڪندا آهن. اهڙن استادن جي فهرست ۾ هڪ روشن نالو ميهڙ شهر جي سيد خاندان جي عظيم شخصيت سيد اعظم علي شاهہ صاحب جو بہ آهي.

سيد اعظم علي شاهہ صاحب ١٩ جمادي الاول ١٣٩٢ھ مطابق پهرين جولاءِ ١٩٧٢ع بروز ڇنڇر تي سيد عبدالرحمٰن شاهہ صاحب (وفات: ١٩٩١ع) جي گهر ميهڙ ۾ جنم ورتو. سيد عبدالرحمٰن شاهہ صاحب پنهنجي وقت جو مڃيل استاد ۽ بهترين ڪردار وارو انسان رهيو. سندس نيڪ ڪردار ۽ بهترين مثالي زندگيءَ جي بدلي الله رب العزت کيس هن انمول هيري جهڙي فرزند سان نوازيو. سيد اعظم علي شاهہ صاحب پنهنجي والد صاحب کي پنهنجي ڪردار ۽ عمل ذريعي زنده رکيو آهي. استاد محترم پنهنجي ديني تعليم ”مدرسه دارالقرآن جامع مسجد ميهڙ“ منجهان حاصل ڪئي. پرائمري تعليم ”پرائمري مين اسڪول ميهڙ“ منجهان حاصل ڪري ١٩٨٧ع

۾ هاءِ اسڪول ون ميهڙ منجهان ميٽرڪ جا امتحان ڏنا. ۱۹۸۹ع ۾ انٽر، ۱۹۹۲ع ۾ گريجوئيشن ۽ ۱۹۹۴ع ۾ ايم اي مسلم هسٽري جا امتحان گورنمينٽ ڊگري ڪاليج خيرپور ناٿن شاهه منجهان پاس ڪيائين. پاڻ ۲۸ اپريل ۱۹۹۲ع ۾ تعليم کاتي ۾ پرائمري اسڪول ٽيچر طور پرتي ٿيو. استاد محترم جي ۱۹۹۱ع ۾ ٽنڊو ڄام يونيورسٽي ۾ ضلعي جي سليڪشن لسٽ ۾ پهرين پوزيشن آئي. اکين ۾ مستقبل جا سهانا خواب سجائي وڏيڪ تعليم حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ يونيورسٽيءَ ۾ داخل ٿيو. پاڻ ڏاڍي شوق ۽ وِلولي سان پڙهائي شروع ڪيائين. قدرت کي ٻيو ڪجهه منظور هو، سو پهرين سيمسٽر دوران ئي سائين محترم سيد عبدالرحمٰن صاحب ڪيس يتيميءَ جو داغ ڏئي ننڍن ڀائرن ۽ ڀينرن جو بار سندس ڪلهن تي رکي دارالبقا جي طرف راهي ٿيو. ننڍن ڀائرن ۽ ڀينرن جي بهتر تربيت ۽ بهتر مستقبل لاءِ استاد محترم پنهنجي وڏيڪ تعليم ۽ مستقبل جي انيڪ خوابن کي هميشه لاءِ دفن ڪري پنهنجي والد صاحب جي جاءِ "Son quota" تي استاد پرتي ٿيو ۽ پنهنجن ننڍن ڀائرن ۽ ڀينرن جي تعليم ۽ تربيت جو فرض احسن طريقي سان سرانجام ڏيندو رهيو. سندس ان محنت جو ثمر سندس ننڍي ڀاءُ نيوي ۾ ڊاڪٽر سيد راشد علي شاهه صاحب جي صورت ۾ ڪيس مليو. استاد محترم کي هميشه کان وٺي پنهنجي والد صاحب کي عوام جي دلين ۾ زنده رکڻ جي تمنا هئي. ان تمنا تحت پنهنجي جيون جي سڦلتا پنهنجن شاگردن کي پنهنجي سڳي اولاد جيان نکارڻ ۽ انهن جي تعليم سان گڏ ذهني نشونما ڪرڻ ئي سمجهيائين.

ڪيس"پرائمري اسڪول سيد علي اصغر شاهه ميهڙ" ۾ جوائننگ ملي. ميهڙ جي علمي شخصيت سيد عبدالرحيم شاهه صاحب سندس چاچو هو ۽ سائين جن استاد محترم جو استاد پڻ رهي چڪو هو. جنهن ڪري پاڻ استاد محترم جي ڪردار ۽ عمل کان باخبر هو، سو ان اسڪول ۾ استادن جو تعداد وڌيڪ هئڻ ڪري ڪيس هاءِ اسڪول۲ ميهڙ ۾ "Detailment" تي هلڻ لاءِ چيو. استاد محترم پرائمري اسڪول ۾ استاد گهٽا هجڻ کي مدِنظر رکندي، تعليمي ميدان ۾ پنهنجا هنر آزمائڻ ۽ پنهنجي خدمات کي صحيح نموني ادا ڪرڻ خاطر رضامند ٿيو. جوائننگ جي هڪ مهيني کان بعد پاڻ هاءِ اسڪول ۲ ميهڙ ۾ آيو. هتي پاڻ استاد طور مڃتا ماڻيائين. سيد

عبدالرحيم شاهه صاحب جي مردم شناسي صحيح ثابت ٿي. يقيناً سندس اهو فيصلو اسان جهڙن ٻهراڙيءَ جي شاگردن تي تمام وڏو احسان آهي، ڇوته پرائمري اسڪول ۾ صرف ميهڙ شهر جي آسپاس جي ڪالونين جا ٻار ئي پڙهڻ ايندا هئا، ٻهراڙيءَ جا ٻار پنهنجي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول يا وڏ ۾ وڏ پنهنجي پر واري ڳوٺ جي اسڪول ۾ ئي پرائمري مڪمل ڪري انگريزي تعليم لاءِ شهرن جو رخ ڪندا هئا. اگر سيد عبدالرحيم شاهه صاحب استاد محترم کي هاءِ اسڪول ٢ ميهڙ ۾ نه وٺي اچي ها ته اسان کي اهڙي عظيم استاد جي شاگردي نصيب نه ٿئي ها. اها اسان جي سعادت هئي ۽ سيد صاحب جو احسان ٿيو جو مون جهڙن هزارين ٻهراڙي وارن شاگردن جو استاد ههڙي عظيم شخصيت رهي. پاڻ شاگردن کي تعليم ڏيڻ سان گڏ سندن اندر لڪيل صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ سندن بهترين نموني تربيت ڪرڻ لڳو. ائين چوڻ بيجا نه هوندو ته پاڻ هڪ شفيق پيءُ جو روپ ڌاري شاگردن جي تربيت ڪرڻ ۾ جنبي ويو. راقم ١٩٩٥ع کان ١٩٩٩ع تائين هاءِ اسڪول ٢ ميهڙ ۾ زير تعليم رهيو. ان سموري عرصي ۾ سيد اعظم علي شاهه صاحب جو ڪردار منهنجي سامهون رهيو آهي. اسان کي ٽي سال مختلف مضمون پڙهائيندو رهيو. ان دوران سندس ڪردار، تربيت، شفقت، اخلاق، سچائي، ديانت، شخصي محنت ۽ همٿائڻ جي طريقي ڪار جو خود گواهه آهيان. استاد محترم جي شخصيت هر شاگرد لاءِ هڪ آئيڊيل شخصيت رهي آهي. سيني شاگردن جي دلين ۾ پنهنجي ڪردار، اخلاق ۽ تربيت ذريعي هميشه لاءِ زنده رهڻ جو بندوبست ڪري چڪو آهي. ان جو هڪ مثال هيءُ آهي ته استاد محترم کي ٢٠١٧ع ۾ گورنمينٽ مين پرائمري اسڪول ۾ استادن جي کوٽ هئڻ سبب گهرايو ويو. پاڻ اتي به ساڳي جوش سان پنجين ڪلاس وارن کي پڙهايائين، ان سال تقريبًا ١٢ شاگرد IBA ۾ سليڪٽ ٿيا، جن ۾ اڪثريت استاد محترم جي شاگردن جي هئي. ان دوران هاءِ اسڪول جي شاگردن ڪافي ڪوشش ڪئي ته استاد محترم واپس اچي. انهن شاگردن منجهان ڪجهه شاگرد هيڊ ماستر صاحب کي ئر اڪين سان منٿون ڪيون. سندن انهن منٿن ۽ چاهت کي مدِنظر رکي کيس واپس گهرايو ويو. ڪيترائي دفعا ائين به ٿيو ته اگر استاد محترم جو ڪنهن ڪلاس ۾ ڪو پيرڊ نه هوندو آهي ته سندس شاگرد هيڊ ماستر صاحب کي منٿون ڪري

سندس جوهڪ پيرڊ ضرور رکرائيندا رهيا آهن. اگر سندس شاگردن جو وس پڄي ته کيس ڪاليج ۽ يونيورسٽين تائين ساڻ وٺي سندس جي زيرنگراني پڙهندا رهن. پاڻ پنهنجي شاگردن جي صلاحيتن کي نکارڻ لاءِ نتِ نوان طريقا اپنائيندو آهي. ڪڏهن ٽيسٽ وٺي ته ڪڏهن زباني سوالن جوابن جو مقابلو ڪرائي، ته ڪڏهن راند جي بهاني سان، ته ڪڏهن مضمون لکڻ جو مقابلو. مطلب ته هر وقت سندس ذهن ۾ پنهنجن شاگردن جي حوصله افزائي لاءِ ڪونه ڪو طريقو هوندو آهي. انهن مقابلن ۾ نمايان ڪاميابي حاصل ڪرڻ وارن شاگردن کي پنهنجي کيسي منجهان خرچ ڪري انعام ڏئي، سندن حوصله بلند ڪندو ۽ شوق جاڳائيندو رهندو آهي. مون کي ياد آهي ته اسان جي وقت ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان هڪ ٻاراڻو رسالو گل ڦل ايندو هو. ان وقت رسالي جي قيمت ۵ روپيه هوندي هئي. اهو پڙهڻ ۽ ان ۾ ڇپيل ڪهاڻين ۽ ٻئي مواد جيان مواد لکڻ تي همٿائيندو رهيو. اسان جي ڪلاس جي اڪثر دوستن کي ان رسالي جو ميمبر بڻائي مستقل قاري بڻايائين، ته جيئن اسان جو ادب جي ميدان ۾ رجحان وڌي ۽ لکڻ ۽ پڙهڻ جو شوق بيدار ٿئي. استاد محترم پاڻ فرمائيندو آهي ته استاد ۽ شاگرد جو رشتو روحاني ٿيندو آهي، جنهن کي فطرتي ناتو ملندو آهي. استاد محترم پاڻ هڪ شفيق پيءُ بڻجي پنهنجي شاگردن کي سمجهائيندو ۽ پڙهائيندو آهي. پاڻ هڪ سوال جي جواب ۾ خوش ٿيندي ٻڌايائين ته اهو الله تعاليٰ جو احسان آهي جو ڪجهه شاگردن جو آئيڊيل بڻجڻ جي صلاحيت بخشيائين، سو جهڙي طرح ڪجهه شاگردن لاءِ مان آئيڊيل استاد رهيس، اهڙي طرح مون کي به ڪجهه آئيڊيل شاگرد مليا، جن جي ڪري خوشي به ٿيندي آهي ته اهي منهنجا شاگرد آهن ۽ مون کي انهن تي ناز ٿيندو آهي. اها منهنجي خوشقسمتي ۽ منهنجي رب ڪريم جو عظيم احسان آهي اهڙا شاگرد مون لاءِ قابل فخر آهن. هڪ دفعي ڪانئس پڇيو ته، سائين توهان پنهنجن ڪجهه شاگردن جا نالا ٻڌايو؟ ان تي کلي جواب ڏنائين ته ادا انهن جي فهرست ڪافي ڊگهي آهي، اگر انهن جا نالا ڪڻڻ شروع ڪندس ته ڳالهه ڪافي تفصيلي ٿي ويندي ۽ ڪجهه وسري ويل نالن وارن سان بي واجبي ٿيندي. اهي سڀ اهڙا شاگرد رهيا آهن، جن جي ڪردار، عمل ۽ محنت کي ڏسي مون کي اهي اولڙا ڏسڻ ۾ ايندا آهن، جيڪي مون انهن منجهان اميد ڪئي

هئي. اهي منهنجي ان زندگيءَ جي محنت جي سانپيان آهن، جيڪي مون عبادت جيان ادا ڪئي آهي. ڏٺيءَ در دعا آهي ته اهي سدائين زندگيءَ جيم وِڪ وِڪ تي ڪاميابيون ماڻن ۽ شل ڪين ڪو ڪوسو واءُ نه لڳي. ان جواب تي پنهنجي اکين منجهان آب روڪي نه سگهيس. ان ڏينهن واقعي اهو يقين ٿي ويو ته هن شخصيت کي جيترو سمجهندا هئاسين هي ته ان کان به وڌيڪ عمده ڪردار واري ۽ شاگردن کي پنهنجي اولاد جيان ياد رکڻ واري هستي ٿي آهي. سندس لاءِ دل منجهان ازخود دعا ٿي نڪتي ته ياالله! هن ههڙي هستي جو سايو اسان مٿان تادير ڪامل صحت سان قائم رکج ۽ جيئن اجان به اسان جهڙن ناچيزن کي دعائن ۾ ياد رکيون اچي ٿو، تيئن اسان جي هر دعا ۾ به کيس شامل ڪر.

استاد محترم مطالعو ڪرڻ جو تمام گهڻو ذوق رکندو آهي. سندس اڪثر اوقات پڙهائي ۽ ڪنهن نه ڪنهن ڪتاب جو مطالعو ڪندي ئي گذرندا آهن. سندس پسنديده شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي، شيخ اياز ۽ نورالهدیٰ شاهه ۽ نثر ۾ امر جليل آهن. پاڻ جيڪو ڪجهه رقم تحرير ڪيو اٿائين، اهو سڀ ڊائرين ۽ رجسٽرن منجهه موجود آهي، پر الائي ڇو کيس ڇپرائڻ جو شوق نه رهيو آهي. استاد محترم جو مطالعو ڪافي وسيع رهيو آهي. تصنيفات کان وڌيڪ مطالعو ڪرڻ ۽ پنهنجي فرض سان سچو رهڻ جي لگن ۾ رهيو آهي. پاڻ ان باري ۾ ٻڌائيندو آهي ته جيڪو به ڪم ڪريو، ان کي ايمانداري، محنت، چاهت ۽ سچي لگن سان ڪريو. ان ڪم جو مزو وٺو، ان کي انجواءِ ڪريو. پاڻ اها نصيحت ڪندو آهي ته توهان جي ڪم جي تخليق ايئن هئڻ گهرجي، جهڙي طرح هڪ سڪل ٿوٽ وڻ منجهان سائو گونچ ڦٽي نڪرندو آهي ۽ پوءِ اهو گونچ وڌي هڪ سائي ٽاريءَ جي شڪل اختيار ڪندو آهي. اهڙي طرح ان هڪ ٽاريءَ منجهان ٻيون ڪيتريون ئي ٽاريون ڦهلجي هڪ سرسبز گهاٽي وڻ جي شڪل اختيار ڪنديون آهن. سائين اعظم علي شاهه صاحب "Ever green" شخصيت رهيو آهي. سندس شخصي صفائي سٿرائي ۽ سندس "Look" به نمايان رهي آهي. ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته مون پنهنجي زندگيءَ ۾ اهڙي صفائي سٿرائي واريون شخصيتون صرف ٻي ڏٺيون آهن، استاد محترم انهن منجهان هڪ آهي. سندس صفائي مثالي رهي آهي. سندس نزاڪت ۽ سندس ڳالهائڻ جو انداز

مَن موهڻ وارو ۽ پر اثر هوندو آهي. استاد محترم بلا مبالغہ پنهنجي هرهڪ شاگرد جو آئيڊيل استاد رهيو آهي. منهنجي مٿين ڳالهين جا گواهہ هزارن جي تعداد ۾ اڄ ديني ۽ دنياوي سڀني حيثيتن وارا موجود آهن. استاد محترم هاءِ اسڪول ٢ ميهڙ کي پنهنجو گهر سمجهندو آهي. اسان جي دور جا تقريبًا سڀ استاد اسڪول ۾ موجود نہ آهن، استاد محترم اڪيلو انهيءَ جوش ۽ جذبي تحت پنهنجن ڏن ۾ مگن آهي. ڪيس اسڪول کان سواءِ مزو نہ ايندو آهي. رٽايرمينٽ کان بعد بہ ڪيس اسڪول ۾ پنهنجون خدمتون جاري رکڻ جي نيت آهي، جيسين زندگي ۽ صحت ساٿ ڏنو هن اسڪول سان پنهنجو اهو ساڳيو رشتو قائم رکبو. استاد محترم لاءِ لکڻ لاءِ اڃان گهڻو ڪجهہ دل چاهي ٿي، پر "پدرم سلطان بود" جي موردِ الزام ٿيڻ جي خوف کان بس ايتري تي اڪتفا ڪريان ٿو.

٦٥ ڊاڪٽرآفتاب احمد چانڊيو

ڊاڪٽر آفتاب احمد پهرين صفر ١٤٠٤ھ مطابق ٧ نومبر ١٩٨٣ع بروز سومر ميهڙ ۾ غريب پرائمري استاد سائين شفيع محمد چانڊيو جي گهر ۾ پيدا ٿيو. پاڻ پرائمري تعليم سيد علي اصغر شاهہ پرائمري اسڪول ميهڙ منجهان حاصل ڪري انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ هاءِ اسڪول ٢ ميهڙ ۾ داخل ٿيو. اتي راقم سندس هم سبق رهيو آهي. اتان ١٩٩٩ع ۾ ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. ٢٠٠١ع ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ميهڙ منجهان انٽر جا امتحان پاس ڪري وڌيڪ تعليم لاءِ سنڌ يونيورسٽيءَ جو رخ ڪيائين. اتان ٢٠٠٥ع ۾ B.S ڪمپيوٽر سائنس جا امتحان پاس ڪيائين. اتان ئي ڪمپيوٽر سائنس ۾ ايم فل جا امتحان ڏنائين. پاڻ ٢٠١٦ع ۾ Cloud Computing, High performance Computing جي ٽاپڪ تي چائنيز اڪيڊمي آف سائنسز (بيجنگ چائنہ) منجهان پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪيائين. ٢٠٠٦ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ بحيثيت ريسرچ ايسوسي ايٽ مقرر ٿيو. ٢٠٠٩ع ۾ ١٨ اسڪيل ۾ ليڪچرر مقرر ٿيو، وري ٢٠١٧ع ۾ ١٩ اسڪيل ۾ اسسٽنٽ پروفيسر طور سندس پروموشن ٿيو ۽ ٢٠١٨ع ۾ سندس پروموشن ايسوسي ايٽ پروفيسر ٢٠ اسڪيل ۾ ٿيو. پاڻ هن وقت بہ انهيءَ عهدي تي رهي تدريسي خدمت تي مامور آهي. ڊاڪٽر آفتاب احمد چانڊيو

صاحب سان هاءِ اسڪول جي دور کان وٺي دوستي آهي. هاءِ اسڪول کان وٺي انٽر تائين ساڻس گڏ پڙهيو آهيان. ساڻس تمام سٺي دوستي هئڻ ڪري ڪيس چڱيءَ ريت سڃاڻان ٿو. پاڻ ڪافي ذهين آهي، کيس پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جو جنون جي حد تائين شوق هوندو هو. سندس انهيءَ شوق ڪي پورو ٿيندي بہ ڏٺو اٿم. پاڻ تحقيقي ميدان ۾ نمايان خدمتون پڻ سرانجام ڏئي رهيو آهي. سندس ١٥ کان وڌيڪ تحقيقي مقالا مختلف تحقيقي رسالن ۾ ڇپيل آهن. جيڪي ڪافي سيمينارن ۾ پڙهي ۽ پريزنٽيشنس ڏئي چڪو آهي. پاڻ انهيءَ سلسلي ۾ مختلف ملڪن جا سفر بہ ڪري چڪو آهي. انهن ۾ آسٽريليا (ميلبورين)، چائنہ (گونزو، چگدبو ۽ هانگ ڪانگ)، ملائيشيا ۽ برطانيہ (لندن) وغيره شامل آهن. ڊاڪٽر آفتاب احمد چانڊيو صاحب ڪافي محنتي انسان آهي. پاڻ شروع کان ئي مذهبي سوچ رکندڙ، صوم وصلوٰة جو سختيءَ سان پابند، اسلامي شعار جو قدردان، علماء جو عاشق ۽ سماجي و فلاحي ذهنيت وارو انسان آهي. جيترو سندس وس ۾ هوندو آهي اهو ڪري گذرڻ کان ڪڏهن بہ نہ گسندو آهي. پاڻ شاگردن سان هر ممڪن سهڪار ڪندو آهي. شاگردن جي مسئلن جي حل ڪرڻ ۾ بہ ڪافي سهڪاري رهيو آهي. وٽس اڪثر شاگرد پنهنجا مسئلا کڻي حاضر ٿيندا آهن، پاڻ انهن سان گڏجي انهن جو حل ڪرڻ ۾ پنهنجون ڪوششون صرف ڪندو رهندو آهي. ياروِيس ۽ دوستاڻي طبيعت وارو هئڻ ڪري ٻين شعبن جا بہ شاگرد پنهنجا مسئلا کڻي وٽس بلا ججهڪ حاضر ٿيندا رهندا آهن.

٦٦ حافظ امجد علي هالو

امجد علي بن اعجاز علي هالو ٻين جنوري ١٩٩٠ع مطابق ۴ جمادي الثاني ١۴١٠ھ بروز اڱارو ميهڙ شهر ۾ جنم ورتو. مدرسہ معهد السلفيہ لتعليم و تربيت گلستان جوهر ڪراچي ۾ ٻہ سال عربي جي تعليم ورتائين. مدرسہ عربيہ دارالقرآن ميهڙ ۾ قاري خليل احمد ڏيرو وٽ قرآن مجيد جو ٢٠٠۵ع ۾ حفظ مڪمل ڪيائين. ان سان گڏ هن مدرسي مولانا قاري سعيد احمد ڏيرو صاحب وٽ علم تجويد، قرائت، ترجمو ۽ عربي پڙهيو. ان کان بعد قاري سعيد احمد صاحب جي فرزند مولانا قاري عبدالجليل ڏيرو صاحب ۽ مولانا عبدالواحد چانڊيو صاحب وٽ عربي علم حاصل ڪيائين. پرائمري

جي تعليم ٻيڻي ۾ ميهڙ جي پرائمري اسڪولن منجهان حاصل ڪري ٢٠٠٥ع ۾ ميٽرڪ هاءِ اسڪول وَن ميهڙ، ٢٠٠٧ ۾ انٽر، ٢٠٠٩ع ۾ بي ايس سي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ميهڙ، ٢٠١٣ع ۾ ايم اي اسلامڪ ڪلچر جي ڊگري حاصل ڪري ۽ هن وقت ايم فل اسلامڪ ڪلچر ٢٠١٦ جي بيچ جو شاگرد آهي. ٢٠١٥ع ۾ علامه اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد منجهان بي ايڊ ۽ ٢٠١٦ع ۾ ايم ايڊ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس مان مڪمل ڪيائين. ٢٠١٥ع ۾ ڪيس تعليم کاتي ۾ پرائمري اسڪول ٽيچر جي نوڪري ملي. ٢٠٠٦ع کان وٺي هن وقت تائين پنهنجي استاد مولانا قاري سعيد احمد ڏيرو صاحب جي حڪم تحت مسجد عائشه ۾ تدريسي خدمت تي مامور رهيو آهي. پاڻ پنهنجي استاد محترم مولانا عبدالجليل ڏيرو صاحب جي حڪم تحت مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ جمعي جي نماز ۽ خطبي لاءِ حاضر ٿيندو رهندو آهي ۽ ان سان گڏ درس قرآن ۽ درس حديث وغيره به مختلف جڳهن تي پڙهائيندو رهي ٿو.

هي دوست هر وقت ڪنهن نہ ڪنهن دوست ۽ مٽ مائٽ جي ڪم ڪار سانگهي مصروف رهيو آهي. جڏهن ساڻس ڪجهه ڏينهن ملاقات نہ ٿيڻ جي شڪايت سندس والد صاحب کي لڳائيندو آهيان تہ سائين اعجاز علي هالو صاحب جواب ڏيندو آهي تہ ” بابا هن يار کي پنهنجا ذاتي ڪم ڪار ياد بہ گهٽ رهندا آهن. اڪثر ڪنهن نہ ڪنهن جي ڪم ۾ سُڪ هوندو آهي. هاڻي بہ فلاڻي جي ڪم ۾ مصروف آهي. صبح جو ٻارڙن کي قرآن مجيد جو سبق ڏئي اسڪول ٽائيم کان ڪجهه وقت اڳ ۾ گهر اچي جلدي جلدي تيار ٿي چانهه پي پنهنجي اسڪول ڊيوٽي تي نڪري ويندو آهي. اسڪول ڊيوٽيءَ تان واپس اچي نماز پڙهي وري گهر اچي ماني کائي ڪنهن نہ ڪنهن جي ڪم سان گهران نڪري ويندو آهي. رات جو عشاء کان بعد بہ ڪنهن نہ ڪنهن جو ڪم اڪلائڻ کان بعد واپس گهر ايندو آهي. ڪيس پنهنجي گهر ۾ ٿي مون وانگر رهڻ تمام گهٽ نصيب ٿيندو آهي.“

امجد علي هالو دوستيءَ ۾ بنا حساب جي خرچ ڪرڻ وارن منجهان آهي. هي دوست ڪڏهن ڪنهن جي گاڏي نهرائڻ ۾ سندس معاون هوندو آهي تہ ڪڏهن ڪنهن جي گهر جي بجليءَ جي خراب ٿيڻ تي ان کي ٺاهڻ، ڪڏهن ڪنهن دوست سان علمي ڪچهري ڪرڻ ۽ ڪڏهن ڪنهن جا الجهيل

مسئلا حل ڪري ڏيڻ ۾ معاونت ڪندو رهندو آهي. مطلب تہ سندس خدمتون Mobile Services هونديون آهن. پاڻ اهي سڀ خدمتون بلا معاوضہ صرف الله رب العزت جي رضا خاطر ۽ دوستي يا رشتيداري جو حق ادا ڪرڻ جي نيت سان ئي ڪندو آهي. پاڻ اڪثر پنهنجي ڪيسي منجهان خرچ بہ بلا جهجهڪ ڪندو رهندو آهي.

٦٧ الاهي بخش چانڊيو

زندگي ڏکن سکن جو سنگم آهي ۽ مسلسل جدوجهد جو نالو آهي. هيءَ زندگي انسان جي پرورش ڪري ٿي، ڪنهن کي روز جياري تہ ڪنهن کي روز ماري ٿي، ڪو گناهن ۾ گارت رهي ٿو تہ ڪو وري نيڪين جي تلاش ۾ رهي ٿو، ڪو ظلم جي انتها ڪري ٿو تہ ڪو وري انسانيت کي عظمت بخشي ٿو، ڪو زندگيءَ کي عيش عشرت ۾ گذاري ٿو تہ ڪو وري چيچلائي چيچلائي زندگيءَ کي گهاري ٿو. مطلب هر نفس جيئڻ جا جتن ڪندي زندگي گذاريندو آهي. ڪي ماڻهو ناليءَ ۽ شهرت ڪمائڻ لاءِ عزت بہ داوَ تي لڳائيندا آهن تہ وري ڪي ماڻهو گمنام رهي پنهنجي جيون جو سفر پورو ڪندا آهن. سندن زندگي تمام گهڻن سبقن سان ڀريل رهندي آهي پر هو نام نهاد ڪان پاڻ کي پري ئي رکندا آهن. اهڙن نام نهاد ڪان پاڻ کي پري رکڻ وارن ماڻهن جي صف ۾ هڪ نالو ميهڙ شهر ۾ جنم وٺندڙ الاهي بخش چانڊيو جو بہ آهي. الاهي بخش بن محمد عمر چانڊيو ١٥ آگسٽ ١٩٦٤ع مطابق ٦ ربيع الثاني ١٣٨٤ھ چنچر ڏينهن ميهڙ جي پنڊ محلا ۾ پيدا ٿيو. سندس وڏا اصل سيوهڻ لڳ ڳوٺ پڪا چنا جا رهاڪو هئا. سندس ڏاڏو مولانا حاجي غلام محمد نوهاڻي چانڊيو ڳوٺ پڪا چنا ۾ هڪ عاليشان مدرسي جو مهتمم ۽ مدرس هو. مولانا صاحب نيڪ سيرت ۽ باعمل عالم سگهورو هو. سندس نيڪ طبيعت جو اثر سندس اولاد تي بہ پيو. سندس فرزند محمد عمر چانڊيو حيدرآباد ۾ ڪونوار هو، جنهن ميهڙ کي پنهنجو مستقل مَسڪن بڻايو. محمد عمر صاحب ايمانداريءَ سان پنهنجي زندگي مسڪينيءَ ۾ گذاري. غربت سبب پنهنجي پٽ الاهي بخش کي بہ درجا سنڌي مَس پڙهائي سگهيو. ڪيس بنيادي ديني تعليم ڏيارڻ لاءِ ميهڙ شهر جي عظيم علمي شخصيت مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب جي حلقہ

درس ۾ ويهاريائين. الاهي بخش اتان بنيادي ديني تعليم حاصل ڪري نِنڍپڻ کان ئي روزي روٽي خاطر مزدوري ڪرڻ لڳو. پاڻ ١٩٨٥ع ۾ اخبارون وڪڻڻ شروع ڪيائين. اخبارون وڪڻڻ ۾ ڪا خاص آمدني نہ ٿيڻ ڪري سندس سڀ تمنائون دل ۾ ئي دفن رهيون. اخبارون وڪڻندي اخبارن ۾ صحافت ڪرڻ شروع ڪيائين. کيس ادبي دنيا جي ماڻهن جي خدمت ڪرڻ جو جذبو شروع کان ئي هو، جنهن ڪري پاڻ هر ادبي محفل ۾ ويندو ۽ ڪافي ادبي محفلون ۽ ويهڪون منعقد ڪرائيندو رهيو. پاڻ هن وقت تاحيات ميهڙ تعلقي جي اخباري هاڪرن جو صدر منتخب ٿيل آهي. پاڻ شاعريءَ جي صنف تي بہ پاڻ کي آزمائيندو رهي ٿو. ڪافي محفلن ۾ پنهنجي شاعري پڙهي داد حاصل ڪندو رهيو آهي. شاعريءَ ۾ سندس استاد محترم اسحاق راهي صاحب رهيو. پاڻ سياسي ميدان ۾ پيپلز پارٽي جو ڪارڪن ۽ ان سان گڏ تحريڪ تحفظ پاڪستان (ڊاڪٽر عبدالقدير خان گروپ) جو ميمبر ۽ تعلقي جو صدر پڻ آهي.

الاهي بخش ٢ آگسٽ ٢٠١٧ع ۾ سنڌ پريس ڪلب ميهڙ جو بنياد رکيو. پاڻ سنڌ پريس ڪلب ميهڙ جو باني، ڪراچيءَ مان نڪرندڙ روزاني وفاء سنڌ، هلال پاڪستان، سنڌ سجاڳ، سچ، عوامي محاذ، پرهہ، سچ، ايڪتا، پاڪ، برسات، نجات، جاڪوڙ، حقائق ۽ جهونگار اخبارن، حيدرآباد منجهان نڪرندڙ روزاني هاڪ، جُنگ، مهراڻ، چٽنگ، پاسبان ۽ قومي آواز اخبار، سکر منجهان نڪرندڙ روزاني سڌ، پاڪ سنڌ ۽ خبرون اخبار ۽ خيرپور ميرس منجهان نڪرندڙ روزاني اخبار گراف جو صحافي پڻ آهي. کيس سندس خدمتن عيوض ڪيترائي ايوارڊ مليا جن ۾ منا ماڻهو ميهڙ جا فورم طرفان ميهڙ ايوارڊ ٢٠١٩ع، سنڌ بروهي ويلفيئر ايسوسي ايشن طرفان ايوارڊ ٢٠١٩ع، امان الله چنا (الشفيق ويلفيئر) طرفان سرٽيفڪيٽ آف ايڪسيلينس ۽ سچوا طرفان سرٽيفڪيٽ آف ايڪسيلينس ٢٠١٧ع ۾ مليا شامل آهن. ٢٠١٨ع ۾ محترم شفيق احمد چنو ساٿس ادبي رهاڻ ملهائي. محترم الاهي بخش چانڊيو صاحب رحمدل طبيعت جو مالڪ، يار ويس، با اخلاق، سٺي ڪردار وارو، همدرد ۽ بي باڪ صحافي آهي. پاڻ ميهڙ شهر جو تمام پراڻو اخباري هاڪر آهي. ميهڙ ۾ ٤٠ سالن کان بہ اڳ ۾ ايندڙ اخبارون هر موسم ۾ ماڻهن تائين پهچائڻ جو فرض بخوبي

سرانجام ڏيندو رهيو. پاڻ ٻين تي ڪهل ڪرڻ وارو انسان آهي. هر ڪنهن سان مرڪي ملڻ، ادب ۽ احترام ڏيڻ سندس سڃاڻپ آهي. پاڻ حلال ڪمائڻ ۽ حلال کائڻ کي ئي ترجيح ڏيندو آهي. پاڻ ٻين کي خوشيون ڏيڻ جي جستجو ۾ رهي ٿو. پاڻ پنهنجي هڙان خرچ ڪري ٻين جي مدد ڪرڻ ۾ خوشي محسوس ڪري ٿو. ڪيس ڪيترائي دفعا ڪجھ آفرون ٿيون پر پاڻ خوف خدا ۽ ايمانداريءَ کي مدِنظر رکي انهن کي ٺڪرائيندو رهيو آهي.

٦٨ الهرکيو ڳورڙ

محترم الهرکيو بن بشارت خان ڳورڙ ١٢ ربيع الاول ١٣٥۴ھ مطابق ١۴ جون ١٩٣٥ع بروز جمعہ ڳوٺ سوجهرو ڳورڙ ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ منجهان حاصل ڪيائين. ميٽرڪ هاءِ اسڪول ون ميهڙ، نصيرآباد، ڏوڪري ۽ دادو مان پاس ڪيائين. انٽر سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين. بي اي سچل آرٽس ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيائين. ايم اي سنڌ يونيورسٽي منجهان پاس ڪيائين ۽ بي ٽي پنجاب يونيورسٽيءَ منجهان پاس ڪيائين. ڪيس تعليم کاتي ۾ ١٩٦٢ع ۾ استاد جي حيثيت سان مقرر ڪيو ويو. ١٩٦٣ع ۾ ٽريننگ اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو. اتان بدلي ٿي هاءِ اسڪول ميهڙ ۾ مقرر ٿيو. ڪيس ١٩٧٨ع ۾ ميهڙ ۾ سب ڊويزنل ايجوڪيشن آفيسر (S.D.E.O) مقرر ڪيو ويو. تنهن کان بعد ڪڪڙ، راڌڻ ۽ جوهي ۾ هيڊ ماستر جي عهدي تي رهيو.[٢] ان کان بعد سيتا ۽ سن ۾ پرنسپال ٿي رهيو. آخر ١٣ جون ١٩٩٥ع ۾ رٽائرڊ ٿيو.

محترم الهرکيو صاحب ننڍي عمر کان ئي سماجي ڪمن ۾ خوشي خوشي حصو وٺندو رهيو. ڪيس ٻين جي مدد ڪرڻ ۾ خوشي محسوس ٿيندي هئي. پاڻ ٻين جي درد تي تڙپي اٿڻ وارو انسان هو. ڪيس ٻين جي ڪم اچڻ جو نهايت گهڻو جذبو هوندو هو. ٻين کي خوشي ڏيڻ ۾ پنهنجي خوشي محسوس ڪندو هو. ڪيس ادب سان ڏاڍو چاھ هوندو هو، ان ڪري ادبي محفلن ۾ بہ جوش سان شريڪ ٿيندو هو. پاڻ سنڌي ادبي سنگت جو ميمبر، جوائنٽ سيڪريٽري ۽ سيڪريٽري بہ رهيو. دادو ۾ ادبي محفلون منعقد ڪرايائين تہ ان سان گڏ ليڪچر پروگرام پڻ سندس يادگار ۾ شامل آهن. پاڻ "سگا" جو بہ ميمبر رهيو. "سگا" طرفان اکين جون مفت ڪئمپون،

ميڊيڪل ڪيمپون ۽ سنڌ ليول تي ٿيندڙ سيمينارن ۾ پرجوش نموني شرڪت ڪندو هو. پاڻ ملڻ جلڻ واري طبيعت وارو شخص هو. دوستي ۾ بلاحساب خرچ ڪرڻ وارو هو. غريبن جي دل کولي مدد ڪندو هو. سماجي ڪمن جي اعتبار سان گويا پاڻ مڪمل انجمن هو. سندس محنت سان سندس ڳوٺ ۾ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ جدا جدا اسڪول قائم ٿيا. اتي ئي سيڪنڊري هاءِ اسڪول به قائم ڪرايائين. واٽر سپلاءِ اسڪيم، جانورن جي اسپتال، پوسٽ آفيس، اسپتال، روڊ ۽ بجلي به وٺي ڏنائين.[5] مطلب ته جيڪو سندس وس ۾ هو سو ڪري گذريو. محترم الهرکيو صاحب هر ٻار کي بلاتفريق امير يا غريب جي پنهنجو ٻچو سمجهي ڪري پڙهائيندو هو. خوب محنت ڪيائين. وٽس ڪڏهن به ٽيوشن معيار نه هوندو هو. پاڻ ڪيترن ئي غريب شاگردن کي پنهنجي هٿن سان درخواست لکي پاڻ ئي نوڪري جي آرڊر لاءِ ساڻن ويندو هو ته هي منهنجو شاگرد آهي. ڏاڍو هوشيار، ذهين ۽ لائق آهي، مگر غريب آهي، کيس نوڪري ڏيو. ايئن ڪيترن ئي ٻي ٻهچ غريب شاگردن کي نوڪريون وٺي ڏنائين. ايئن چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نه هوندو ته ڪيترن ئي گهرن جا چلها سندس بدولت ٻريا آهن.

پاڻ جڏهن تعليم کاتي ۾ آفيسر ٿيو ته ڪيترائي بند پيل اسڪول کولرايائين. جتي جتي ضرورت هئي اتي وڃي ڳوٺ وارن کي سمجهائي منٿ ڪري اسڪول لاءِ پلاٽ وٺي سرڪار کان اسڪول منظور ڪرايائين. اسڪولن جا ٽينڊر وٺي ٺيڪيدارن تي پاڻ نظر ڪندو هو ۽ وقت سر تعميراتي ڪم مڪمل ڪرائي اسڪول شروع ڪرايائين. اهڙا مثال اڄ جي وقت ۾ مشڪل سان ملندا. پاڻ کي واندو ويهڻ ته ايندو ئي ڪونه هئس. هر وقت ڪنهن نه ڪنهن ڪم ۾ مصروف هوندو هو. جنهن وقت ڏسو ته ڪڏهن ڪنهن طرف ته ڪڏهن ڪنهن طرف ڪنهن نه ڪنهن ڪم سانگي ويندو هو. فارغ ويهڻ پاڻ تي حرام ڪري ڇڏيو هئائين. ڪڏهن ڪڏهن چوندو هو ته "ادا زندگي ڪجهه ڏينهن جي مهلت ملي آهي، وقت آهي، صحت آهي، ذهن ڪم ڪري ٿو. ڪجهه آفيسرڀڻن به ٿا ته پوءِ ڇونه ڪجهه اهڙو ڪم ڪجي جيڪو آخرت ۾ به ڪم اچي ۽ غريبن جون دعائون به ڪٺي سگهجن". هر وقت "ادا ٿورو جلدي اٿم، فلاڻي پاسي وڃان ٿو، فلاڻي سان ٽائيم رکيل آهي ڪٿي هو وري ٻئي ڪنهن ڪم سان نڪري نه وڃي. توهان سان وري

پئي دفعي ملبو، يا توهان سان فلاڻي وقت ملندس.“ سندس اڪثر ڪچهري اهل علم ۽ اديبن سان هوندي هئي. انهن ۾ تمام وڏيون قداور شخصيتون شامل آهن. هيءَ سماجي ۽ علمي شخصيت ١٩ ربيع الثاني ١٤٣٣ھ مطابق ١٣ مارچ ٢٠١٢ع بروز اڱارو هزارين چاهيدڙن جي اکين ۾ آب ڏئي دارالبقا جي طرف روانو ٿي.

٦٩ ڊاڪٽر الله بخش سوڍر

الله رب العزت پوري ڪائنات جو اڪيلو مالڪ ۽ خالق آهي. بهترين ڪارساز ۽ سڀ جو مصور آهي. سڀ تعريفون ان ڪي سونهن ٿيون جيڪو جهانن جو پالڻهار آهي. هن ساري تخليق منجهان انسان سندس ڪاريگريءَ جو شاهڪار ۽ سڀ کان حسين تخليق جو هڪ نمونو آهي. پاڻ ئي پنهنجي مخلوقات منجهان انسان کي اشرف المخلوقات جو درجو عطا فرمايو اٿائين. انسان جي محترم ۽ مڪرم هئڻ جو هڪ سبب کيس عطا ڪيل علم ۽ عقل آهي. سڀ انسان علم ۽ عقل ۾ برابر نہ آهن. هر هڪ کي الڳ الڳ درجو مليل آهي. علم کي انسان محنت سان حاصل ڪندو آهي ۽ عقل الله رب العزت طرفان عطا ٿيل ذات هوندي آهي. هن دنيا ۾ انيڪ انسان اهڙا بہ گذريا آهن، جن خدمت خلق کي عبادت سمجهي پنهنجو جيون ارپي ڇڏيو. انساني عبادت کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي. انهن منجهان هڪ آهي حقوق الله ۽ ٻيو آهي حقوق العباد. الله رب العزت جي پيارن بندن منجهان ڪجھ بندن حقوق الله کي پنهنجو مقصد حيات بڻائي ان ۾ تمام گهڻي محنت ڪئي تہ ڪجھ بندن حقوق العباد ۾ پنهنجي نجات جي منزل سمجهي.

ڊاڪٽر الله بخش بن حاجي بخشل سوڍر ٢١ ربيع الثاني ١٣٩٥ھ مطابق ٣ مئي ١٩٧٥ع بروز اڱارو ڳوٺ شيروڏيپر ۾ جنم ورتو. سندس جنم هن خاندان لاءِ الله رب العزت جي انعام کان گهٽ نہ آهي. عام ٻهراڙيءَ جي زندگيءَ ۾ سادگيءَ سان سندس پرورش ٿيندي رهي. ڊاڪٽر الله بخش ٻچپن کان ئي ڏاڍو سٻاجهو ۽ سلڇڻو هوندو هو. جڏهن پڙهڻ جي عمر کي رسيو تہ کيس پنهنجي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو. اتان پنج درجا سنڌيءَ جا پڙهيو. ان کان بعد کيس ميهڙ شهر جي گورنمينٽ هاءِ

اسڪول وَن ميهڙ ۾ ڇهين درجي ۾ داخل ڪرايو ويو. روزانو ڳوٺ کان مين روڊ تائين بس ۾ سوار ٿيڻ لاءِ ٻہ ڪلوميٽر جو پنڌ ڪري اسٽاپ تي پهچي بس ۾ سوار ٿي اسڪول ويندو هو. پرائمري اسڪول ۾ پڙهڻ دوران محترم سائين شمس الدين ڪورائي صاحب سپروائيزر جڏهن اسڪول جا امتحان وٺڻ ايندو هو تہ سندس ذهانت ۽ ڪردار ڏسي ڪيس ڊاڪٽر سڏيندو هو. ڪيس چوندو هو تہ تون ضرور ڊاڪٽر ٿيندي. هن بزرگ جي اڳ ڪٿي سچ ثابت ٿي. الله بخش ۱۹۹۰ع ۾ ميٽرڪ جو امتحان A (اي) گريڊ ۾ پاس ڪيو. ان کان بعد ۱۹۹۲ع ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ميهڙ منجهان انٽر جو امتحان B (بي) گريڊ ۾ پاس ڪيائين. ان وقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا ميرٽ تي ٿيندي هئي. IBA يا NTS جهڙن ادارن جي ٽيسٽ اجان شروع نہ ٿي هئي. سندس B گريڊ اچڻ ڪري سندس سليڪشن ميڊيڪل ڪاليج ۾ نہ ٿي سگهي. ان کان پوءِ ڏينهن رات آرام قربان ڪري ڪتابي ڪيڙو بڻجي پڙهائي ڪرڻ لڳو ۽ Inter ۽ first Year جا امتحان ٻيهر ڏنائين. مطلب تہ Improve ڪيائين. جڏهن رزلٽ آئي تہ پاڻ A' (اي ون) گريڊ ۾ پاس ٿيو. ڪجهہ ڏينهن ۾ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ سليڪٽ ٿيندڙ شاگردن جي لسٽ نوٽيس بورڊ تي آويزان ڪئي وئي. الله بخش جڏهن اتي پنهنجو نالو چيڪ ڪرڻ ويو تہ ان لسٽ ۾ سندس نالو نہ هو، ڇوتہ سندس داخلا سنڌ ميڊيڪل ڪاليج ڪراچيءَ ۾ ٿي هئي. پاڻ سنڌ ميڊيڪل ڪاليج ڪراچيءَ مان ۱۹۹۹ع ۾ ايم بي بي ايس (MBBS) مڪمل ڪيائين.

ان کان پوءِ جناح پوسٽ گريجوئيٽ ميڊيڪل سينٽر (JPMC) ڪراچيءَ جي هر وارڊ ۾ ڇهہ مهينا يا ٻارنهن مهينا ڊيوٽي ڪندي تجربو حاصل ڪرڻ لڳو. جڏهن ڪيس چيو ويندو هو تہ ڪو Specialist ڇو نہ ٿو ٿين؟ باقي هر شعبي ۾ ڇهہ مهينا، ٻارنهن مهينا ڊيوٽي ڪرڻ جو ڪهڙو فائدو؟ اها ڳالهہ ٻڌي چوندو هو تہ ڊاڪٽر جو مطلب آهي تہ ڪيس هر بيماريءَ جي علاج جي خبر هجي. ان لاءِ مختلف وارڊن ۽ شعبن ۾ ڊيوٽي ڪري تجربو ڪري ڪجهہ سکڻ چاهيان ٿو تہ جيئن هڪ سٺو ڊاڪٽر بڻجي سگهان. مختلف شعبن ۾ سکندو رهيو. آخر نيورولوجي (Neurology) جي شعبي جو انتخاب ڪري ان ۾ ڊپلومہ ڪرڻ جي ارادي سان داخلا ورتائين. ڏاڍو لڳن ۽ شوق سان ڊيوٽي ڪندو ۽ سکندو رهيو. سندس استاد سندس

ديوٽي ۽ اخلاق کان ڏاڍو متاثر ٿيا. ٢٠٠٥ع ۾ نيورولوجي (Neurology) جو
ڪورس مڪمل ڪري سند حاصل ڪيائين
MBBS مڪمل ڪرڻ کان بعد ڪراچي ضياءُ ڪالوني ڪورنگي نمبر١ ۾ پنهنجي پرائيويٽ ڪلينڪ شروع ڪيائين. جناح اسپتال منجهان ديوٽي تان موٽي اچي پنهنجي ان ڪلينڪ تي ويهندو هو. ان ڪالوني ۾ پاڻ عمده اخلاق ۽ سچائيءَ جي ڪري عوام جي دلين ۾ سٺي جاءِ ناهي ورتائين. آخرڪار ٢٠٠٧ع ۾ ميهڙ اچي پنهنجي ڪلينڪ جي شروعات ڪيائين. آهستہ آهستہ ماڻهو سندس علاج سان گڏ اخلاق ۽ ايمانداريءَ جا گرويده ٿيڻ لڳا. ڊاڪٽر الله بخش جهڙا ماڻهو جنهن خاندان ۾ پيدا ٿيندا آهن، ان ۾ ان خاندان جو بخت بالا ٿيندو آهي. هن فرشتہ صفت انسان جي ڪردار، اخلاق، ديانتداري، حسن سلوڪ، همدردي، سادگي ۽ رحمدليءَ جا معترف ميهڙ ۽ بين مختلف شهرن ۽ ڳوٺن جا ماڻهو آهن. ڊاڪٽر صاحب سان جنهن بہ ماڻهوءَ جي هڪ دفعو بہ ملاقات آهي اهو راقم جي ڳالهين سان متفق ضرور ٿيندو. ڊاڪٽر صاحب راقم جو وڏو ياءُ آهي. سندس ڪردار ۽ اخلاق جو سڀ کان وڏو گواهہ مان پاڻ آهيان. سندس گهريلو زندگيءَ ۽ باهر جي زندگيءَ کان تمام گهڻو واقف آهيان. ڊاڪٽر صاحب جو منهنجي خاندان ۾ جنم وٺڻ يا منهنجو وڏو ياءُ ٿيڻ ۾ اهو ئي سمجهندو آهيان تہ شايد منهنجي آباءِ و اجداد منجهان ڪنهن بزرگ جي ڪا نيڪي الله رب العزت کي ايترو پسند آئي هوندي جو ههڙي عظيم ڪردار ۽ اخلاق جي مالڪ شخصيت اسان جي حصي ۾ آئي. پاڻ مريضن سان اهڙو رويو رکندو آهي جڻ تہ اهي سڀ سندس جا پنهنجا گهرياتي هجن. هر ڪنهن سان بلاتفريق ادب ۽ احترام سان ملڻ، هر ڪنهن کي عزت جي نگاهہ سا ڏسڻ، هر ڪنهن سان کلي ڳالهائڻ سندس سجاڻپ آهي. ڊاڪٽر صاحب وٽ گهڻو بہ سيريس مريض ايندو آهي تہ اگر سندس وس ۾ ان جو علاج ڪرڻ هوندو تہ علاج ڪندو آهي ورنہ ڪيس ان جي ماهر ڊاڪٽر ڏانهن وڃڻ جو مشورو ڏيندو آهي. اهڙا سيريس مريض جڏهن ڊاڪٽرن وٽ ايندا آهن تہ ڊاڪٽر انهن کي هرويرو ڪا نہ ڪا انجيڪشن يا دوا ڏئي پئسا وٺندا آهن، جڏهن سمجهندا آهن تہ هاڻي سندن وس ۾ ان جو علاج ممڪن نہ آهي تہ پوءِ ڪنهن ٻي اسپتال يا ڊاڪٽر ڏانهن وڃڻ جو مشورو ڏيندا آهن يا هرويرو پنهنجا تجربا ڪري انساني جانين سان

پيا ڪيڏندا ۽ پئسا ڪمائيندا آهن. اهڙا مريض جيڪي بيهوشيءَ جي حالت ۾ ڊاڪٽر صاحب وٽ ايندا آهن ته انهن جو علاج ڪري مناسب رقم وٺندو آهي. جتي ٻيا ڊاڪٽر اهڙن مريضن کان اٺ يا ڏهه هزار روپين تائين وٺندا آهن، پر ڊاڪٽر صاحب صرف انجيڪشنن جو خرچ ۽ پنهنجي فيس ئي وٺندو آهي. راقم ڪافي دفعا کيس چيو ته ادا اگر ڪو ٻيو ڊاڪٽر هجي ها ته اهو ته تمام گهڻا پئسا وٺي ها. توهان گهٽ ۾ گهٽ انهن جو اڌ ته وٺو! اهو توهان جو حق آهي. اهو ٻڌي هر دفعي اهو جواب ڏيندو آهي ته ادا هي بلڪل بي خبر هوندا آهن ته اسان جو ڪيترو خرچ آهي، هي اسان جي باري ۾ گمان ڪندا آهن ته هي اسان جا مسيحا آهن، اسان جي خيرخواهي لاءِ آهن نه ڪي اسان کي لٽڻ ۽ ڦرڻ لاءِ وينا آهن، مون کي خبر آهي ته هن ۾ اسان جو ڪيترو خرچ آهي، سو مان پنهنجو خرچ ۽ پنهنجي جائز فيس ئي وصول ڪندس. هي ته بي خبر آهن مگر منهنجو رب هر ڳالهه ڄاڻي ٿو. مون کي سڀاڻي پنهنجي مالڪ جي سامهون بيهڻو آهي، هنن جي باري ۾ مون کان سوال ٿيندو، ان جو جواب مون کي ئي ڏيڻو آهي.

ادا ڊاڪٽر صاحب جي بهترين اخلاق جي باري ۾ اميد رکان ٿو ته انشاءَ الله پاڻ هن حديث مبارڪ جو مصداق ضرور هوندو. قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ : إِنَّ مِنْ أَخْيَرِكُمْ أَحْسَنَكُمْ خُلُقًا[٦] ترجمو: توهان سيني منجهان اهو ماڻهو بهتر آهي جنهن جا اخلاق سيني کان سٺا هجن. اهڙي فرشته صفت انسان جي تعريف لکڻ لاءِ ته گهڻو ڪجهه لکي سگهان ٿو پر اهو "پدرم سلطان بود" (منهنجو پيءُ بادشاهه هو) واري ڳالهه ٿيندي. باقي منهنجي ڳالهين جي صداقت جي تصديق ڪرڻ وارا هزارين ماڻهو موجود آهن ۽ ڊاڪٽر صاحب پاڻ به موجود آهي. هڪ دفعو ساڻس ملاقات ڪري منهنجي ڳالهه جي سچائيءَ کي پرکي سگهجي ٿو.

ڊاڪٽر صاحب هاءِ اسڪول ۾ پڙهڻ واري دور ۾ شاعريءَ جي طرف مائل ٿيو ۽ شاعري ۾ ڪافي ڪتاب لکيائين. سندس شاعري ۾ آخرت جي تياري، نيڪي ڪرڻ جي ترغيب، رب جي رضا جو حصول ڪرڻ جي جستجو لاءِ نصيحت، قبر جي تياري، مجاز ۽ اصلاح شامل هئا. سندس شاعري بيت، ڏور، غزل، ٽه سٽا، چوسٽا، پنج سٽا، ڇهه سٽا، ڪيت ۽ نثري نظمن تي مشتمل هئي. سندس سڀ قلمي ڪتاب بابا سائين ضايع ڪري ڇڏيا ته هيءَ عمر

شاعري ڪرڻ جي نہ بلڪ ڪنهن منزل جي حصول جي جستجو ۾ صرف ٿئي. بابا سائين جي حڪم ڪان بعد پاڻ شاعري جي صنف ڪان بلڪل بہ هٽي ويو. سندس شاعري جا ڪجھ ورق راقم کي هٿ آيا. مون اهي سنڀالي رکيا. انهن منجهان هڪ شعر پڙهندڙن جي نظر ڪجي ٿو.

هلڻ جي ڪر تياري، ٿمر پنهنجو سار،
موت ايندئي اوچتو، نہ پوندئي خبر چار،
وڃئي ٿو وقت هاڻي، نہ موٽي ايندئي مننار،
مٽ مائٽ هتڙي هوندئي، هلندئي نہ ڪو رشتيدار،
سگهو ڪر سمجهي وٺ، ڇڏ بيڙا ڪم بيڪار،
ساھ نڪرندئي سورن سان، ٿيندي لاش منجھ لاچار،
سڏو ڪري سمهاريندئي، جيئن هجين ننڍڙو ٻار،
مڙھ، لاش، ميت، جنازو، ٿيندئي نالا نام هزار،
دانهون ڪندا درد منجهان تنهنجا ٻچا ٻار،
غسل ڏئي غم منجهان توکي ڪندا هو تيار،
عطر خوشبوءِ گهڻا توکي سوين ڪرائيندا سينگار،
پارائيندئي اڻ سبيل ڪپڙا، هوندئي فقيرن وارا پار،
کڻي رکندئي کٽ تي ساھ پريا سردار،
سايو ڪندا سفر جو، تنهنجي قبر ڪندا هو تيار،
ڪري دانهون درد سنديون، چوندا الله توهار،
جنازو پڙهندئي جيءَ منجهان پائر ڪُل پوتار،
ڏسندئي منهن ۽ موڪلائيندا منا مننار،
مهاڙ ڪندئي مُقام ڏي کڻي ڪنڌهار،
هاڻي هو تہ هِتڙي، ٿي سفر لاءِ تيار،
ڳالهائي سگهندي ڪِينڪِي، ڪندي دانهون منا دلدار،
سُڪ ڪندئي سامهيءَ ۾ بند اندر پوتار،
دانهون ڪندي درد منجهان ٿي بيوس يار لاچار،
ڪري اڪيلو ويندئي سڀ مٽ مائٽ ۽ رشتيدار،
منڪر نڪير ايندا ٿيندئي سوالن سندي پرچار،

بدبوءِ ٿيندئي بدن ۾، ٿيندئي بدن يار بيڪار،
ڪندي وَس وڏا پر ورندئي ڪجهه نه يار،
راضي تي رهڻو پوندئي منجهه قبرن قطار،
ڪڏهن ڪڏهن شايد ڪو تنهنجي لهڻ ايندو سار،
پوءِ آهي اڙانگو سفر الله بخش يار جو هيڪل تو هلڻو پوي.

٧٠ ڊاڪٽر امداد علي چانڊيو

ڊاڪٽر امداد علي بن فيض محمد چانڊيو ٢٣ ذوالحج ١٣٨٩ھ مطابق ٢ مارچ ١٩٧٠ع بروز سومر ڳوٺ شمس الدين بلبل ۾ پيدا ٿيو. پاڻ قرآن مجيد جي تعليم پنهنجي ڏاڏي مولانا محمد عثمان چانڊيو وٽ حاصل ڪيائين. پنهنجي ابتدائي تعليم ڳوٺ بليدائي مان ورتائين. هاءِ اسڪول وَن ميهڙ منجهان ميٽرڪ جا امتحان پاس ڪري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج خيرپورناٿن شاهه منجهه انٽر جا امتحان ڏنائين. امداد علي چانڊيو هر امتحان ۾ نمايان نمبر حاصل ڪندو رهيو. ڪيس چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج (CMC) لاڙڪاڻو ۾ ايم بي بي ايس (M.B.B.S) ۾ داخلا ملي. پاڻ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج جي ١٦ هين بيچ جو شاگرد هو. پاڻ ١٩٩٣ع ۾ ايم بي بي ايس جي ڊگري مڪمل ڪري جناح اسپتال ڪراچيءَ ۾ هائوس جاب ڪيائين. اتي مختلف واردن ۾ پي جي طور ڇهه ڇهه مهينا ۽ سال سڪندو ۽ خدمت ڪندو رهيو. ان کان بعد ڇاتيءَ جي مختلف بيمارين ۾ اسپيشلسٽ (Chest Specialist) جو امتحان "M.C.P.S" ١٩٩٨ع ۾ پاس ڪيائين. ان کان بعد پاڻ "هلال احمر هاسپيٽل" تين تلوار ڪلفٽن ڪراچيءَ ۾ انچارج رهي خدمت سرانجام ڏيندو رهيو. ڊاڪٽر امداد علي چانڊيو صاحب پڙهائي ۾ شروع کان ئي ڪافي هوشيار هوندو هو، ان سان گڏ يارويس، دوستيءَ ۾ سِر گهورڻ وارو، عزت ۽ احترام جو پيڪر، ٻين جو درد محسوس ڪرڻ ۽ ان کي دور ڪرڻ جي سعي ۾ رهڻ وارو، خوشي خوشي ڊيوٽي ڏيڻ وارو انسان ۽ همدرد ۽ هڏڏوڪي هوندو هو. ڊاڪٽر امداد علي چانڊيو صاحب ڊيوٽي کي عبادت سمجهي ڪندو رهيو. پاڻ چوندو هو ته "ادا ان کان وڌيڪ ٻي ڪهڙي سعادت ڇئبي جو جڏهن تڪليف ۽ سور ۾ تڙپندڙ ماڻهو اسان وٽ اچن ٿا ۽ اسان پنهنجي ٿورڙي ڪوشش سان انهن جا غم غلط ڪريون ٿا ۽ بدلي ۾

جيڪي انهن جي دلين ۽ زبانن منجهان اسان لاءِ دعائون نڪرن ٿيون، اهي اسان جي آخرت ۾ نجات لاءِ ڪافي آهن" ڊاڪٽر صاحب ڏاڍي شوق ۽ ولولي سان پنهنجي ڊيوٽي سرانجام ڏيندو رهيو. کيس ڊيوٽي ڪرڻ ۾ مزو ايندو هو. پاڻ سچائي، ايمانداري، محبت واري رويي ۽ ادب ۽ احترام واري رويي سان پيش اچڻ جي ڪري مريضن جو پسنديده شخص رهيو. پاڻ پنهنجي دوستن ۽ ڪلاس فيلوز سان به ڏاڍي پيار ۽ پاٻوهه سان ملندو هو. انهن سان بيحد محبت ڪرڻ وارو انسان هو. ڊاڪٽر صاحب دوستن ۽ ڪلاس فيلوز لاءِ دل کولي خرچ ڪندو هو. ان خرچ ڪرڻ سان کيس خوشي محسوس ٿيندي هئي. پاڻ ڊيوٽي ڏاڍي ايمانداريءَ سان نڀائيندو رهيو، جنهن ڪري اتي موجود عملو ساڻس محبت ڪندو هو. پاڻ ايمانداريءَ سان ڊيوٽي ڪرڻ ڪري ڪيترائي ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ کٽي چڪو هو. پاڻ هر پروگرام ۾ دلچسپيءَ سان حصو وٺندو هو. پاڻ ميڊيڪل ڪيمپن ۾ شوق سان شامل ٿي پنهنجون خدمتون پيش ڪندو هو.

٢٣ صفر١٤٢٨ھ مطابق ١٣ مارچ ٢٠٠٧ع اڱاري جو ڏينهن واقعي ڪنهن وڏي سانحي کان گهٽ ڪونه هو جو ڊاڪٽر صاحب داعي اجل جي سڏ تي لبيڪ چئي هزارين اکين ۾ لڙڪ ڏئي راهه رباني اختيار ڪئي. ڊاڪٽر صاحب تمام ننڍڙي عمر ۾ هڪ نمايان نالو ڪمايو ته وري ننڍڙي ئي عمر ۾ داغ مفارقت به ڏئي ويو. ڊاڪٽر صاحب انساني خدمت جي افق جو روشن ستارو هو. پاڻ ايترندي ئي خدمت انساني ۾ هڪ نمايان مقام حاصل ڪري ويو. سندس خدمتن کي ڏسي اڄ به ڪيتريون ئي اکيون آبديده ٿيڻ کيس ياد ڪن ٿيون.

٧١ انور جوکيو

ميهڙ جي مٽي ڏاڍي مان واري مٽي رهي آهي. هن مٽي پنهنجي وت ۽ وس آهر وقت جا جوڌا جوان پيدا ڪيا آهن. ميهڙ جي مٽي ۾ جنم وٺندڙ هر شخص پاڻ کي مختلف صنفن ۾ آزمائيندو رهيو آهي. ڪجهه ميهڙ جي تاريخ کي سهيڙڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهن ته ڪجهه وري ميهڙ جي تاريخ بڻجي رهيا آهن. اهڙي طرح ميهڙ جي مٽيءَ منجهان جنم وٺندڙن ۾ محترم انور جوکيو صاحب پڻ آهي. محترم انور صاحب ١٣ ربيع الثاني

١٣٦٠ھ ١٠ مئي ١٩٤١ع ۾ بروز ڇنڇر محترم احمد بخش جوکيو جي گهر آخوند محلہ ميهڙ ۾ جنم ورتو. پاڻ پرائمري مين اسڪول ميهڙ ۽ ميٽرڪ هاءِ اسڪول ون ميهڙ مان حاصل ڪيائين. پاڻ ڏاڍو ذهين ۽ هوشيار هوندو هو. اڳتي پڙهڻ جي لاءِ سندس والدين وٽ خرچ نہ هو. جنهن ڪري سندس تعليم اتي ئي رڪجي وئي. ١٩٦٤ع ۾ کيس واپڊا ۾ لائين مين جي نوڪري ملي. ان کان بعد ڪاليج ۾ داخلا ونئي تعليم بہ جاري رکيائين. ١٩٦٨ع ۾ انٽر پاس ڪيائين. ١٩٨١ع ۾ لائين سپرنٽينڊنٽ جو پروموشن ٿيس. محترم انور صاحب شروع کان ئي سچائي ۽ ايمانداري سان جيئڻ جو خواهشمند آهي، سو کيس پنهنجي اداري ۾ تنگ ڪيو ويو. ان سلسلي ۾ کيس راڻي پور بدلي ڪيو ويو. اتي بہ سال نوڪري ڪيائين وري گمبٽ ۾ بہ بہ سال رهيو. بعد ۾ ميهڙ ۾ رهيو ۽ وقت کان پهريان ١٧ گريڊ ۾ رٽايرڊ ٿيو. هن وقت ميهڙ کي ڇڏي پاڻ حيدرآباد ۾ رهي ٿو.

کيس لکڻ ۽ شاعري ڪرڻ جو شوق ننڍپڻ کان ئي هو. پاڻ لکندو ۽ مجلسن، مشاعرن ۽ محفلن ۾ شامل ٿيندو رهيو آهي. آهستہ آهستہ محفلن جي رونق ٻڻجندو رهيو. سندس ڪلام ريڊيو حيدرآباد ۽ ريڊيو لاڙڪاڻو تان نشر ٿيندو رهيو آهي. سندس شاعري معاشري جيٰ سچي عڪاسي ڪري ٿي. سندس شاعري ۾ ماروئڙن جا غم، ڏک ۽ اهنج سمايل آهن تہ معاشري ۾ موجود ظلمن خلاف جهادي قلم پڻ محسوس ٿيندو آهي. پاڻ طبيعت جو سادو ۽ محبت ڪندڙ شخص آهي. پاڻ پنهنجي لکڻين جيان سهڻي ڪردار وارو انسان آهي. دوستيءَ ۾ پنهنجا کيسا خالي ڪرڻ وارو شخص آهي. کيس عالمن ۽ ديني ماڻهن سان بيحد لڳاءُ آهي. ڏاڍو سچو ۽ صاف ماڻهو آهي. هن وقت پاڻ حيدرآباد ۾ رهي ٿو. دوستن خاطر پري پري جا سفر ڪري بہ دوستن سان رهاڻيون ڪندو آهي. سندس ١. وڻ وڻ ٽاري ٢ پيار جا موتي، ٣ پيار جي خوشبوءِ، ۴. پيار جو مسافر، ۵. پيار زندگي آ. ڪتاب ڇپيل آهن ۽ ڪجهہ ڪتاب ڇپائيءَ جي اوسيئڙي ۾ آهن.

٧٢ حاجي بخشل سوڍر (راقم جو والد محترم)

بابا سائين جي پيدائش ١٣٦٠ھ مطابق ١٩٤٢ع ۾ ٿي. پاڻ پنهنجي پرائمري تعليم استاد محمد حسن سوڍر (ڳوٺ پير بخش سوڍر واري) وٽ حاصل ڪيائين. ديني تعليم پنهنجي والد محترم حاجي عبدالحميد سوڍر صاحب کان ورتائين. ڏاڏا سائين ديني تعليم ڳوٺ اشرف سوڍر جي "ٽي غلام پائرن" ۽ مولانا شفيع محمد سوڍر "مسجدي" صاحب کان ورتي هئي. بابا سائين قرآن مجيد ناظره پنهنجي والد محترم وٽ پڙهي پورو ڪيو ۽ ڪجھ سورتون ياد ڪيائين. تجهيز و تڪفين جو طريقو بہ پنهنجي والد محترم کان ئي سکيو. اسان جي برادري ۽ آسپاس جي ڳوٺن ۾ تجهيز و تڪفين، نماز جنازا، عيدين ۽ جمعي جي نماز جي امامت مولانا مسجدي صاحب جن کان بعد ڏاڏا سائين جي ذمي هوندي هئي. ڏاڏا سائين جي وفات اندازًا ١٩٦٥ع يا ١٩٦٦ع ۾ ٿي. ڏاڏا سائين کان بعد اسان جي ڳوٺ ۽ آسپاس جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ تجهيز و تڪفين، جنازي نماز، عيدين ۽ جمعي جي نماز بابا سائين جي ذمي رهي. اسان جي سڀني ڳوٺ ۽ آسپاس جي ڳوٺن جي ڪيترن ئي ٻارڙن کي قرآن مجيد پڙهايائين. راقم بہ ابتدائي قرآن مجيد وٽس پڙهيو.

بابا سائين شروع کان ئي باشرع ۽ نماز پنجگانہ جو سختيءَ سان پابند هو. اڪثر امامت خود ڪرائيندو هو. پردي جي معاملي ۾ بہ ڪافي سخت رهيو. پرائي حق کان تمام گهڻو خوفزده رهندو هو. هڪ ڏينهن راقم ساڻس گڏ پنڌ وڃي رهيو هو. رستي جي پر ۾ سارين جو پڪل فصل بيٺل هو. اُن منجهان هڪ سنگ ڪاڻڻ لاءِ پٽيم. ان تي بابا سائين ڏاڍو ناراض ٿيو تہ هي ڇا؟ پرائي فصل منجهان بنا اجازت جي تو سنگ ڇو پٽيو؟ مون وراڻيو تہ بابا! هي معمولي شيءِ آهي. اگر زمين جو مالڪ بہ موجود هجي ها تہ منهنجي هڪ سنگ پٽڻ تي ناراض نہ ٿئي ها، تہ پوءِ سندس غير موجودگيءَ ۾ هڪ سنگ پٽڻ ۾ ڪو گناهہ نہ آهي. اها ڳالھ ٻڌي ڇوڻ لڳو تہ او مولوي صاحب! هاڻي تاويل پيش نہ ڪر. تو گناهہ ڪيو سو ڪيو، هاڻي اهو تسليم ڪرڻ کان بہ انڪاري تو ٿين! توبہ ڪر ۽ مالڪ کان معافي وٺ. ان کان بعد بابا سائين پنهنجي والد محترم جو قصو ٻڌايو تہ "پٽ! منهنجو بابا سائين يعني تنهنجو ڏاڏا سائين تقوىٰ ۾ تمام اعلىٰ مقام رکندو هو.

پنهنجون مينهون ۽ ڍڳيون به پاڻ چاريندو هو. هڪ دفعي بي خبريءَ ۾ مينهون پرائي پوک ۾ پيون پاڻ ان تي ڏاڍو شرمنده ٿيو. جڏهن مال ڪاهي گهر آيو ته پنهنجي گهر واريءَ يعني منهنجي امڙ کي چيائين ته مينهون ڏهُ! امڙ جڏهن کير ڏُڌو ته سمورو کير کڻي سِڌو زمين جي مالڪ جي گهر ويو، کيس سڏ ڪري اهو کير سندس حوالي ڪيائين ته ادا مان معافي وٺڻ آيو آهيان. مون کي معاف ڪجانءِ. اڄ منهنجون مينهون منهنجي بي خبريءَ جي ڪري تنهنجي پوک ۾ پيون سو به ٿي چَڪ تنهنجي فصل منجهان هنيائون، ان ڪري معافي وٺڻ آيو آهيان ۽ هي کير تنهنجي امانت آهي، هي مون ۽ منهنجي گهروارن لاءِ حرام آهي. اها ڳالهه ٻڌي اهو شخص حيران رهجي ويو ۽ شرمنده ٿي روئڻ لڳو ته ادا هي ڇا؟ تو جهڙو بزرگ منهنجي در تي اچي مون کان معافي وٺي! منهنجي لاءِ ته ٻڏي مرڻ جو مقام آهي. مون کي لڄي ڪري وڌئي. مون سان هي ظلم ڇو ڪيئي؟ هيءَ ڪا ايڏي وڏي ڳالهه ته ڪانه هئي، مال جو ڪم آ پوک ۾ پوڻ، وري منهنجي در تي اچي مون کان معافي وٺي مون کي به گنهگار ڪري وِڌئي. اهو پنڌ ڪري مون وٽ اچڻ مون کي ڏاڍي تڪليف ڏيڻ وارو عمل آهي. معافي ته مان تو جهڙي انسان کان وٺان ۽ هي کير تنهنجي لاءِ ۽ تنهنجي ٻچن لاءِ حلال آهي. مون توکي معاف ڪيو. سو مهرباني ڪري هي کير کڻي وڃ ۽ پنهنجي ٻچڙن کي ڪاراءِ. ايئن چئي اهو شخص روئڻ لڳو. ان تي بابا سائين روئي چيس ته ادا هن کير کي موٽائڻ جو مطلب ته تو دل سان معاف نه ڪيو. هي کير کڻي وڃ، تون کير کڻندي ته مان سمجهندس ته تو مون کي معاف ڪيو. بابا سائين به روئندو رهيو ته اهو شخص به روئندو رهيو. بالآخر بابا سائين جي بيحد اصرار تي اهو کير به روئندي ورتائين.“ هاڻي تون وري چئين ٿو ته هڪ سنگ معمولي ڳالهه آهي. اها ڳالهه ٻڌائيندي بابا سائين جي اکين ۾ لڙڪ واضع ڏٺم. بابا سائين روئندي پنهنجي والد صاحب جو هڪ قصو پيو به ٻڌايو ته پٽ! هيءَ ڳالهه به ٻڌي وٺ! ”هڪ دفعي بابا سائين سان گڏ ڪنهن ڳوٺ ۾ خيرات جي ماني جي دعوت تي وياسين. واپسيءَ تي موٽندي هڪ گهر جي ويجهو لنگهياسين. بابا سائين کي ڪو گوشت جو ٽڪرو ڏندن ۾ ڦاٿل هو، سو ان گهر جي لوڙهي منجهان هڪ ڪنڊو ڀڃي ڏند ڪوٽڻ لڳو. اچانڪ کيس احساس ٿيو ته هي ته پرائي لوڙهي مان بنا اجازت ڪنڊو ڀڃيو اٿم، سو ان

مهل موٽي ان گهرواري کي سڏ ڪيائين. جڏهن اهو ماڻهو ٻاهر آيو ته ڪيس ڪندو پٽڻ واري ڳالهه ٻڌائي معافي وٺڻ لڳو. ان تي اهو شخص ڏاڍو حيران ٿيو ته هڪ معمولي ڪندي لاءِ هي بزرگ معافي ٿو وٺي، سو حيرت ۾ بابا سائين کي معاف ڪيائين.“ پٽ اها ڳالهه هميشه ياد رکجانءِ ته تون ان بزرگ جو اولاد آهين، سو ڪڏهن به اهڙو ڪم نه ڪجانءِ جنهن جي ڪري سندس ڪنڌ شرم کان جهڪي پوي. ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ نه آهي ته مون پنهنجي عزيزن ۽ ٻين ڳوٺن جي عمر رسيده بزرگن کان ڏاڏا سائين جي تقوىٰ، پرهيزگاري ۽ ايمانداري جا واقعات ڪافي ٻڌا آهن، جن کي لکندس ته ڳالهه تمام گهڻي ڊگهي ٿي ويندي.

بابا سائين کي تعليم تمام گهٽ هئي. سنڌي به اڌ اکري لکندو هو، باقي حساب ڪتاب ۾ مهارت حاصل هئس. مون ونڊ، جوڙ، ڪٽ ۽ ضرب جا حساب بابا سائين کان ئي سکيا. بابا سائين اسان جي ڳوٺ جي ٻارن سان اسان کي کيڏڻ جي اجازت به نه ڏيندو هو ته ڪٿي صحبت جي اثر هيٺ اسان بگڙجي نه وڃون. بابا سائين تقوىٰ ۽ پرهيزگاريءَ ۾ اعلىٰ مقام رکندو هو. اسان جي برادري ۽ اوسي پاسي جي ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ تجهيز و تکفين جو ڪم بنا ڪنهن عيوض جَي في سبيل الله ڪندو رهيو. پاڻ سوين جنازن کي غسل ڏنائين. انهن کي ڪفن ڏيڻ، جنازو پڙهائڻ وغيره جو ڪم به بلا معاوضه بخوبي سرانجام ڏيندو رهيو. ڪڏهن به ان ڪم جو ڪو عيوض نه ورتائين. ان ڪم جو هڪ روپيو وٺڻ به حرام سمجهندو هو. بابا سائين جي تقوىٰ ۽ پرهيزگاريءَ جي ڪري منهنجي برادريءَ جا اڪثر ماڻهو اها وصيت ڪندا هئا ته بابا سائين ئي سندن غسل، ڪفن ۽ جنازي جي نماز پڙهائي. بابا سائين بهترين باعمل زندگي گذاري. بابا سائين پنهنجي وڃڻ کان پهريان منهنجي ماروٽ سائين گل حسن سوڍر کي اهو تجهيز و تکفين جو ڪم سيکاري پنهنجو جاءِ نشين تيار ڪري ويو. بابا سائين ادب ۽ احترام جو پيڪر هوندو هو. اسان جو ذاتي قبرستان اسان جي ڳوٺ واري گهر جي اوپر ۾ موجود آهي. ان قبرستان ۾ ڏاڏا سائين مدفون آهي. بابا سائين پنهنجي پوري زندگيءَ ۾ پنهنجي گهر اندر ڪڏهن به اوپر طرف پير ڊگهيڙي نه سمهيو. ان جو سبب پڇڻ تي ٻڌائيندو هو ته ”ان طرف منهنجو بابا سائين آرامي آهي، سو مان ڪيئن بابا سائين جي طرف پير ڪري

سمهان؟“ ان کان علاوه آسپاس جي ڳوٺن ۾ به ڪنهن غمي يا خوشيءَ جي موقعي تي رهڻ دوران به ڪڏهن به ان طرف پير ڪري نه سمهندو هو. اهو احترام پنهنجي ساري زندگي برقرار رکيائين. ساري زندگي سائيڪل جي سواري ڪيائين. حالانڪ اسان گهر ۾ موٽر سائيڪل تمام گهڻي وقت کان وٺي موجود هئي، پر ڪڏهن به بابا سائين کي موٽرسائيڪل هلائيندي نه ڏٺو. ٢٠٠٥ع ۾ هڪ نئين موٽر سائيڪل خريد ڪئي سون. هڪ دفعي اها موٽر سائيڪل بابا سائين کي هلائيندي ڏسي حيران رهجي وياسين. جڏهن ڪائنس پڇيوسين ته بابا! توهان ته سکيل به نه آهيو پوءِ توهان ڪيئن ٿا هلايو؟ ان سوال تي اکين ۾ آب آڻي وراڻيائين ته ”اسڪوٽر شروع ۾ ڪافي هلائيندو هئس. هڪ دفعي اسڪوٽر تان ڪري پيس ۽ ڪافي ڌڪ لڳا. گهر آيس ته امڙ روئي چيو ته پٽ! منهنجي زندگيءَ تائين توکي اسڪوٽر هلائڻ جي اجازت نه آهي، مون کي خوف آهي، ان ڪري آئنده منهنجي موت تائين اسڪوٽر نه هلائيندي. سو امڙ جي ان حڪم جي نافرماني ڪيئن ٿي ڪري سگهيس. ان ڪري هميشه سائيڪل هلائيندو رهيس.“ بابا سائين پنهنجي وڏي ڀاءُ چاچا حاجي محمد جو جنون جي حد تائين جو عاشق ۽ پروانو هوندو هو. ڪيس پنهنجي پيءُ کان وڌيڪ عزت ڏيندو هو. پنهنجي وڏي ڀاءُ جي سامهون پٽ جي حيثيت سان رهيو. سندن محبت اسان جي پوري علائقي ۾ مثالي رهي.

بابا سائين کي تعليم گهڻ حاصل ڪري سگهڻ جو افسوس هميشه رهيو. ان ڪري پنهنجي اولاد کي بهتر تعليم ڏياري ازالو ڪرڻ چاهيندو هو. جنهن ڪري اسان اولاد تي پڙهائي جي معاملي ۾ تمام گهڻي سختي ڪيائين. بابا سائين ١٠ سالن کان مٿي جو عرصو سردار ڊاڪٽر ممتاز علي سوڍر صاحب جو ڪمدار ٿي رهيو. هفتي جا اڪثر ڏينهن سردار صاحب جي زمينن تي ٻين ڳوٺن ۾ رهندو هو، پر جڏهن گهر ۾ ايندو هو ته اسان کي ڪتاب ڪڍي پڙهڻ لاءِ تاڪيد ڪندو هو. پرائمري تائين سنڌي ڪتاب پڙهائڻ ۽ انهن جا سبق ٻڌندو رهيو. حساب ڪتاب پڇي اطمينان ڪندو رهيو ته رياضي ڪيتري سکي ورتي آهي. جڏهن ڇهين ڪلاس ۾ آياسين ته انگريزي تعليم شروع ٿي. بابا سائين انگريزي بلڪل به نه ڄاڻندو هو. جنهن ڪري اسان جا سبق نه ٻڌي سگهندو هو، پر پوءِ به ڪتاب ڪڍي مسلسل پڙهڻ

۽ مطالعي ڪرڻ جو پابند بڻايائين. بابا سائين نماز پنجگانہ جو سختيءَ سان پابند، تلاوت قرآن مجيد جو شوقين، شروع کان ئي باشرع رهيو. هر سال رمضان ۾ اعتڪاف ۾ مستقل مزاجيءَ سان ويهندو هو. اسان جي ڳوٺ جي اڪثر ماڻهن جو استاد رهيو جنهن ڪري سيئي ڪيس استاد ڪري مخاطب ٿيندا هئا. اسان جي اوطاق ڳوٺ ۾ داخل ٿيڻ واري رستي جي شروع ۾ آهي. بابا سائين اڪثر اوطاق ۾ سيفٽي ۽ بليڊ ڪٽي ويهندو هو. جيڪو بہ اتان لانگهائو ٿيندو هو ۽ سندس وار وڏا هوندا هئا تہ ڪيس سڏ ڪري زبردستي سندس متي جا وار ڪوڙيندو هو. سندس ان عمل تي ڪڏهن بہ ڪنهن بہ برو نہ سمجهيو، ويتر سندس هر عمر خوش ٿيندا هئا تہ اسان جا ننڍا اسان جي ڪونہ ٿا ٻڌن تہ پوءِ ادا حاجي بخشل ئي سندن متا ڪُوڙي اسان تي احسان ڪري ٿو. بابا سائين تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ ۾ پنهنجو مثل پاڻ رهيو. سندس تقويٰ، ديانتداري ۽ عبادت مشهور هوندي هئي. ماڻهو اڪثر وٽس ديني مسئلا پڇڻ لاءِ حاضر ٿيندا هئا. پاڻ انهن کان سندن مسئلا پڇي انهن جا جواب حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ ميهڙ جي عظيم علمي شخصيت مفتي ڪريم بخش مگسي صاحب وٽ حاضر ٿيندو هو. مفتي صاحب کان مسئلن جا جواب وٺي واپس وڃي انهن ماڻهن کي ٻڌائيندو هو. بابا سائين اڪثر مسئلا مفتي صاحب کان ئي پڇندو رهيو. اسان جي برادريءَ ۾ بابا سائين جي هوندي ڪنهن ٻئي کي مصلي تي بيهي امامت ڪرائڻ جي همٿ نہ ٿيندي هئي. بابا سائين جي ڪردار ۽ عمل جا معترف اسان جي ٿر جا سڀ ماڻهو آهن. بابا سائين پنهنجي معمول تي هميشہ مستقل مزاج رهيو. رات جو سمهڻ کان پهريان ذڪر ۽ درودن جو ورد ڪري سورة الرحمٰن ۽ ٻيو ڪجهہ سورتون زباني تلاوت ڪندو هو. بابا سائين زمينن ۾ ڪم ڪرڻ جو شوقين هوندو هو، ساري زندگي زمينن ۾ پاڻ هارپو ڪندو رهيو تہ آخر عمر تائين ٻين ماڻهن کي بہ پوکي راهي جا گُر سيکاريندو رهيو.

اهو ڏينهن بہ آيو جڏهن بابا سائين اسان کان وڇڙي ويو. سندس وفات ٢٩ ربيع الثاني ١٤٣٧ھ مطابق ٩ فيبروري ٢٠١٦ع بروز اڱارو تي ٿي. اهو ڏينهن واقعي ڪنهن عظيم سانحي کان گهٽ نہ هو. سندس غسل ۽ تڪفين جي لاءِ مفتي عبدالله چانڊيو صاحب کي عرض ڪيو تہ سائين

توهان اسان جي رهنمائي لاءِ موجود رهو، باقي اسان پاڻ ۽ سؤٽ بابا سائين کي غسل ڏينداسين. سائين گل حسن کي بہ گهرايوسين تہ جيئن پنهنجي استاد جي غسل ۾ شامل رهي. ان وقت منهنجو ننڍو ڀاءُ خيرمحمد موجود نہ هو. هو ڪراچيءَ ۾ رهائش پذير هو. جنهن ڪري بابا سائين جي جنازي نماز ۾ شريڪ ٿي سگهيو. ان وقت بہ عجيب صورتحال هئي. بابا سائين منجهند جو ساڍا ٻارهن يا مني هڪ بجي وفات ڪئي. بابا سائين جو جنازو تيار ڪري مغرب جي نماز کان بعد جنازي نماز لاءِ ڪٺي آياسين. ان وقت ادا خيرمحمد ميهڙ پهچي چڪو هو. سيني کان ننڍو هئڻ ڪري بابا سائين جو ڪافي ڏاڍلو بہ رهيو. مون کي فون ڪري چوڻ لڳو تہ ” ادا اگر بابا سائين جي جنازي نماز ۾ پهچي نہ سگهيس تہ پوري زندگي پاڻ کي معاف ڪري نہ سگهندس.“ سندس ان ڳالهہ تي صف کان ٻاهر ٿي بيهي رهيس تہ ادا خيرمحمد ميهڙ پهچي چڪو آهي، ڪيس پهچڻ ۾ ١٠ يا ١٥ منٽ لڳندا، سو ٿوررو انتظار ڪريو. ان تي ڪافي دوست ۽ رشتيدار ناراض ٿيڻ لڳا تہ مولوي صاحب! جڏهن جنازو تيار آهي تہ توهان نماز پڙهائڻ جي اجازت ڏيو، ان کان پوءِ خيرمحمد جو انتظار ڪريو. مون کين چيو تہ نہ ادا هو ننڍو پٽ اٿس، اگر هو جنازي نماز ۾ شريڪ نہ رهيو تہ زندگي ڀر افسوس رهجي ويندس، سو ايئن هرگز نہ ڪندس. ١٥ منٽن کان پوءِ خيرمحمد بہ پهچي ويو. بابا سائين جي جنازي نماز مفتي عبدالله چانديو صاحب پڙهائي. ڏاڍو روح پرور منظر هو. اسان جي برادري ۽ آسپاس جي اڪثر ڳوٺن ۾ تجهيز و تڪفين جي خدمت ڪرڻ وارو، جنازي نمازون پڙهائڻ واري جي پنهنجي جنازي نماز پڙهائي وئي. سوين اشڪبار اکين سان بابا سائين کي اباڻي قبرستان ۾ پنهنجي والد صاحب جي پيرن طرف سپرد خاڪ ڪيو ويو.

بابا سائين ١٩٦٥ع کان پهريان پيدل حج جي سفر تي روانو ٿيو. ان کان پوءِ بہ دفعا ٻيهر حج لاءِ سعودي عرب جو سفر ڪيائين. اندازًا چار يا پنج حج ۽ ڪيترائي عمرا ڪيائين. بابا سائين عوام جي دلين ۾ ڪافي عرصو زنده رهڻ وارو ڪردار ادا ڪري چڪو آهي.

٧٣ استاد جمع خان پيرزادو (غريب)

سرزمين سنڌ جي جهوليءَ منجهان ميهڙ تعلقي جي هڪ ڳوٺ ”مريد لاکير“ جي زرخيز مٽيءَ منجهان ستار ڏنو پيرزادو جي گهر ۾ هڪ علمي ۽ ادبي هيري ١٥ جنوري ١٨٨٥ع مطابق مطابق ٢٨ ربيع الاول ١٣٠٢ھ خميس جي ڏينهن جنم ورتو. سندس نالو سنڌي ۽ عربي طرز کي ملائي جمع خان رکيو ويو. هن بارڙي جي تربيت ٻهراڙيءَ جي زندگي ۽ ماحول مطابق عام رواجي طريقي مطابق ٿي. ابتدائي تعليم ڳوٺ سيتا مان حاصل ڪيائين. سنڌي فائينل پاس ڪري استاد جهڙو معزز پيغمبري پيشو اختيار ڪيائين. کيس شعر و شاعري لکڻ جو شوق پيدا ٿيو، جنهن ڪري ڪجهه لکڻ شروع ڪيائين. پنهنجي شاعريءَ جي اصلاح لاءِ اڄ تائين قوم جي دلين ۽ تاريخ ۾ امر ٿيل محسنانِ قوم محمد صديق ”مسافر“ ۽ شمس الدين ”بلبل“ وٽ پيش ٿيندو هو. هنن محسنانِ قوم جي اصلاح ڪري پنهنجي وقت جو بهترين شاعر ۽ اديب ٿيو. پاڻ مثالي استاد هئڻ سان گڏ قاضي عبدالوهاب شڪارپوريءَ کان طب جي تحصيل ڪري سَند ورتائين. ١٩٤٠ع ۾ استاد جي حيثيت ۾ رٽايرمينٽ ڪيائين. پاڻ پنهنجي دور جو هڪ نقلابي شاعر هو، سندس ڪلام نهايت فصيح و بليغ، سلاست ۽ روني وارو هو. سنڌ جي هر ادبي ميڙاڪن ۾ شريڪ ٿيندو هو. سندس شاعريءَ جو ڪتاب ”گل نوبهار“ وقت جي سرڪار هاءِ اسڪولن لاءِ ڪورس طور منظور ڪيو. پاڻ شاعريءَ ۾ ”غريب“ تخلص استعمال ڪندو هو. پاڻ اڳتي هلي ”اديب سنڌ“ جو ايڊيٽر، ”مسلمان“ جو سب ايڊيٽر ۽ رسالي ”طالب المولىٰ“ جو ايڊيٽر ٿيو. نو آموز شاعرن کي لکڻ تي همٿايائين. سنڌ کي ڪوڙ سارا ليکڪ پيدا ڪري ڏنائين. جمعيت الشعراءِ سنڌ ۽ علم ادب هالا جو سرگرم ڪارڪن رهيو. بالا آخر شاعريءَ جو هي شمس ٧ آگسٽ ١٩٥٣ع مطابق ٢٦ ذوالقعد ١٣٧٢ھ جمعي جي ڏينهن تي دنيا جي افق تان غروب ٿي ادبي دنيا کي ڪافي وقت لاءِ غريب ڪري ويو.

٧٤ حسين بخش ڳورڙ

سائين حسين بخش ڳوٺ سوجهرو ڳورڙ ۾ ٦ شوال ١٣٧٨ھ مطابق ١٥ اپريل ١٩٥٩ع بروز اربع محترم علي اڪبر ڳورڙ جي گهر ۾ جنم ورتو. جڏهن پڙهڻ جي عمر کي رسيو تہ کيس ڳوٺ جي مسجد ۾ ديني تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ويهاريو ويو. پاڻ اتي قرآن مجيد ناظره پڙهي پوو ڪيائين. ان کان بعد کيس پنهنجي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو. پاڻ پنجون ڪلاس ميهڙ جي پرائمري مين اسڪول ۾ پڙهڻ وينو. اتان ١٩٧٢ع ۾ پنجون ڪلاس پاس ڪيائين. ان کان پوءِ ڇهون ۽ ستون ڪلاس هاءِ اسڪول ميهڙ منجهان پاس ڪري، اٺون ڪلاس پنهنجي ڳوٺ جي گورنمينٽ مڊل اسڪول سوجهروڳورڙ منجهان پاس ڪيائين. ان کان پوءِ نائون ۽ ڏهون ڪلاس هاءِ اسڪول نصيرآباد منجهان ١٩٧٧ع ۾ مڪمل ڪيائين. ان کان پوءِ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادو منجهان ١٩٨٠ع ۾ انٽر جا امتحان پاس ڪري، هاءِ اسڪول وارھ منجهان١٩٨٦ع ۾ B.A پرائيويٽ جا امتحان ڏئي ڊگري حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادو منجهان ١٩٨٩ع ۾ M.A اڪنامڪس جا امتحان پاس ڪري ڊگري حاصل ڪيائين. کيس ١٩٨٠ع ۾ ريلوي ۾ L.D.C (Lower Divisional Clerk) ڪراچي ۾ نوڪري ملي. پاڻ اتي تقريبًا هڪ سال تائين ڊيوٽي ڪيائين. کيس اتي مزو نہ آيو، جنهن ڪري ١٩٨١ع ۾ تعليم کاتي ۾ پرائمري استاد پرٽي ٿيو. سندس جوائننگ گورنمينٽ پرائمري اسڪول سهراب ڳوٺ ۾ ٿي. اتي ڪجھ وقت تدريسي خدمت ڪيائين. اتان ئي P.T.C جي ٽريننگ لاءِ ويو. ان کان بعد کيس بدلي ڪري پرائمري اسڪول سوجهروڳورڙ ۽ ان کان بعد پرائمري اسڪول قائم ڪروس (نزد گل محمد واھ) ۾ تدريسي خدمت تي مامور ڪيو ويو. ان کان بعد سندس پروموشن بطور J.S.T ٧ جون ١٩٨٨ع ۾ ٿيو ۽ کيس گورنمينٽ مڊل اسڪول گل محمد چانڊيو نزد خان پور ۾ جوائننگ ڏني وئي. پاڻ اتي هڪ سال تائين تدريس ڪندو رهيو. ان کان پوءِ ١٩٩٢ع ۾ گورنمينٽ مڊل اسڪول سوجهروڳورز ان کان بعد هاءِ اسڪول بوٽرو ۽ هاءِ اسڪول شاھ پنجو سلطان ۾ تدريسي خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. ان کان بعد هاءِ اسڪول ٢ ميهڙ ۾ مُدرس ٿي آيو. هن اسڪول ۾ تقريبً سال مسلسل تدريس

ڪيائين. انهيءَ عرصي دوران راقم ستون ۽ اٺون ڪلاس سندس وٽ پڙهيو. اتان سندس٣١ ڊسمبر ٢٠٠۴ع ۾ پروموشن بطور H.S.T ٿيو. پاڻ ٻه سال هاءِ اسڪول ٽرڙي محبت ۾ تدريسي خدمت ڪيائين. ان کان پوءِ پاڻ هاءِ اسڪول وَن ميهڙ ۾ مُدرس مقرر ٿيو. آخر ۾ هتان ئي ١۴ اپريل ٢٠١٩ع ۾ رٽايرمينٽ ورتائين.

استاد محترم حسين بخش ڳورڙ پنهنجي تدريسي دور ۾ ١٩٨٢ع ۾ ايليمينٽري ڪاليج دادو منجهان P.T.C جي ٽريننگ مڪمل ڪري سرٽيفڪيٽ حاصل ڪيو. ان کان بعد ١٩٩٠ع ۾ C.T علامه اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد منجهان پاس ڪيائين. ان کان پوءِ ١٩٩٨ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي آف ڪيمپس حيدرآباد منجهان B.Ed ۽ ٢٠٠٠ع ۾ M.Ed جا امتحان ڏئي ڊگري حاصل ڪيائين.

استاد محترم حسين بخش ڳورڙ صاحب پنهنجي پوري زندگي تدريس جي خدمت کي سونپي هزارين نونهالن کي تعليم جهڙي زيور سان آراسته ڪندو رهيو. پاڻ گمناميءَ واري زندگي گذارڻ کي ترجيح ڏيندو رهيو. پاڻ پنهنجي تدريسي خدمت کي عبادت سمجهي پنهنجون پوريون ڪاوشون ۽ محنتون ڪندو رهيو. پاڻ پنهنجي شاگردن کي پنهنجو اولاد سمجهي پڙهائيندو رهيو. سندس اها ڪوشش هوندي هئي ته سندس شاگرد ڪانئس ٻه وڌيڪ قابل بڻجي ڪنهن سني منزل کي ماڻي سگهن. پاڻ تمام گهڻو محنتي استاد رهيو. شاگردن جي هرموڙ تي مدد ڪرڻ ۽ انهن جي حوصله افزائي ڪرڻ سندس شيوا رهيو. پاڻ هڪ شفيق پيءُ جي روپ ۾ تدريسي خدمت ڪندو رهيو. پاڻ شاگردن کي پنهنجو اولاد سمجهي انهن جي رهنمائي پڻ ڪندو رهيو. پاڻ پنهنجي تدريسي دور ۾ نِت نوان حربا استعمال ڪري پنهنجي شاگردن جي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مگن رهيو. شاگرد ڪيس پنهنجو محسن ۽ مشفق سمجهي پنهنجي دل جا درد ۽ حال احوال ڪري پنهنجو بار هلڪو ڪندا هئا، ايئن محسوس ٿيندو هو گويا هڪ شفيق پيءُ کي پنهنجا مسئلا ٻڌائي انهن جو درمان ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هجن. پاڻ پنهنجي شاگردن جو همراز دوست پڻ هوندو هو. پاڻ گمناميءَ واري زندگيءَ کي پسند ڪندو رهيو، جنهن ڪري تنظيمن ۾ ايترو شوق سان حصو نه وٺندو هو، بس انهن ۾ اويل سويل ڪم ڪار پوڻ

ڪري انهن جي ميمبرشپ اختيار ضرور ڪندو رهيو. استاد محترم سائين حسين بخش ڳورڙ بااخلاق، سٺي ڪردار وارو انسان ۽ همدرد ماڻهو رهيو. پاڻ پنهنجي والدين جو وڏو فرزند هئڻ ڪري پنهنجي والد صاحب سان پنهنجي ننڍن ڀائرن جي پرورش ۽ سٺي مستقبل لاءِ ڪوشان پڻ رهيو. ١٩٨٥ع ۾ جڏهن سندس والد صاحب جي وفات ٿي ته پاڻ پنهنجي ڀائرن ۽ ڀينرن جي پرورش ۽ سنڀال جو ذمو احسن طريقي سان نڀائيندو رهيو. سندس ننڍن ڀائرن ۾ محترم علي حسن ڳورڙ پرائمري استاد آهي، ان کان ننڍو ڀاءُ محترم علي شير ڳورڙ H.S.T ۽ هاءِ اسڪول ٢ ميهڙ جو F.A آهي ۽ سڀني کان ننڍو ڀاءُ شعبان علي ڳورڙ هاءِ اسڪول سوجهروڳورڙ ۾ J.S.T آهي. استاد محترم سائين حسين بخش جو سمورو خاندان تدريسي خدمت تي مامور آهي. هي گهراڻو ميهڙ تعلقي جي هزارن ماڻهن جو استاد گهراڻو رهيو آهي. استاد محترم هن وقت رٽايرمينٽ جي زندگي گذاري رهيو آهي. پاڻ هڪ بهترين ۽ شاندار ڪردار ادا ڪري عوام جي دلين ۾ ڪافي وقت زنده رهڻ جي خدمت ڪري چڪو آهي. ڪيس ٽي پٽ ۽ ٽي نياڻين جو اولاد آهي. پاڻ پنهنجي اولاد کي به سٺي تعليم سان نوازي چڪو آهي. پاڻ پنهنجي نياڻين کي M.A ۽ B.Ed تائين جي اعلىٰ تعليم ڏياري اٿائين. سندس فرزندن ۾ وڏو سعيد احمد اردو ۽ سنڌيءَ ۾ ڊبل M.A ۽ M.Ed تائين تعليم حاصل ڪري هن وقت پنهنجو ذاتي ڪاروبار ڪري رهيو آهي. استاد محترم جا ننڍا فرزند فاروق احمد ۽ صداقت علي M.A ۽ L.L.B جون ڊگريون حاصل ڪرڻ کان بعد سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچيءَ ۾ سنا وڪيل آهن. الله رب العزت استاد محترم کي ڊگهي صحتمند زندگي عطا فرمائي.

٧٥ ذوالفقار علي عباسي

هر انسان منجهه الله رب العزت ڪا نه ڪا خوبي انتهائي ڪمال جي رکي هوندي آهي. اها خوبي ان انسان کي ٻين ۾ نمايان مقام تي رسائي ٿي. اها ئي خوبي سندس سڃاڻپ ۽ لوڳو ٻڌجي ويندي آهي. ميهڙ شهر ۾ ١٨ سيپٽمبر ١٩٧٣ع مطابق ٢٠ شعبان ١٣٩٣ھ بروز اڱارو محترم غلام مصطفىٰ عباسي جي گهر ۾ جنم ورتندڙ ذوالفقار علي عباسي به ياري، دوستي، ايمانداري، عزت، احترام، خوف خدا ۽ عمده اخلاق جو پيڪر ٻڌجي

جنم ورتو. محترم غلام مصطفيٰ عباسي ڪراچيءَ ۾ فوڊ انسپيڪٽر جي عهدي تي رهيو آهي. پاڻ آفيسر هوندي بہ ڪراچيءَ جهڙي شهر ۾ اوطاقي جوان رهيو. ڪيس ٻين جي مدد ڪرڻ ۾ سڪون ملندو آهي، هر وقت ڪنهن نہ ڪنهن جي مدد لاءِ تيار رهي ٿو. اڄ بہ ڪراچيءَ ۾ رهائش پذير آهي. ذوالفقار علي عباسي ننڍپڻ کان ئي سباجهڙي طبيعت وارو ۽ مانيٽو هوندو هو. پاڻ پنهنجي پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول ميهڙ منجهان پوري ڪري ميٽرڪ هاءِ اسڪول ميهڙ منجهان ١٩٨٨ع ۾ پوري ڪيائين. ان کان بعد ١٩٩٠ع ۾ انٽر گورنمينٽ ڊگري ڪاليج خيرپورناٿن شاهہ مان پاس ڪيائين. ان کان پوءِ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو منجهان بي اي ڪيائين. بي اي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ڪراچي ۾ ١٩٩٢ع کان ڊائو ميڊيڪل ڪاليج جي ليبارٽري مان ليب ٽيڪنيشن جي ڊپلوما مڪمل ڪيائين. ڊپلوما مڪمل ڪري ڊاڪٽر مهدي اي مانجهي ليبارٽريءَ ۾ ٽي سال سکيا وٺندو رهيو. ١٩٩٦ع ۾ ميهڙ شهر واپس اچي خدمت جي نيت سان ”دي ليبارٽري“ جي نالي سان ليبارٽري قائم ڪيائين. ليبارٽري شروع ڪرڻ کان بعد پنهنجي تعليم جو سلسلو وري شروع ڪيائين. گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ميهڙ منجهان بي ايس سي جي ڊگري ٢٠١٠ع ۾ حاصل ڪري سنڌ يونيورسٽيءَ منجهان ٢٠١٣ع ۾ ايم ايس سي بايوڪيمسٽري ۾ مڪمل ڪيائين. سندس تعليمي سفر اڃان بہ جاري آهي. پاڻ بايوڪيمسٽري ۾ ايم فل ۽ پي ايچ ڊي ڪرڻ جو شوق رکي ٿو. پاڻ ميهڙ شهر ۾ بهترين کان بهترين ليبارٽري قائم ڪري ميهڙ ۽ آسپاس جي عوام جي خدمت ڪرڻ چاهي ٿو. ان سلسلي ۾ هڪ بهترين ليبارٽري جوڙائي رهيو آهي تہ جيئن وڌ ۾ وڌ ۽ عمده نموني خدمت ڪري سگهجي. سندس هن ”دي ليبارٽري“ کي ميهڙ شهر ۾ خدمت ڪندي ٢۴ سال ٿي ويا آهن. پاڻ تمام سٺي نموني سان ليبارٽري هلائي خدمت ڪري رهيو آهي.

ذوالفقار علي عباسي پنهنجي نجي زندگيءَ ۾ عمده اخلاق جو حامل شخص آهي. دوست ئي انسان جي سڃاڻپ هوندا آهن. سندس دوستيءَ جو حلقو بہ ڪافي وسيع آهي ۽ سندس دوستن ۾ قابل ڊاڪٽر، انجنيئر، ٽيڪنيشن، استاد، ڪاروباري ۽ آفيسر طبقي جا ماڻهو شامل آهن. پاڻ دوستيءَ ۾ ڪنهن سان بہ ڪو حساب نہ رکندو آهي. دوستيءَ ۾ دل کولي

خرچ ڪندو آهي، دوستن کي ئي پنهنجي ڪُل ڪائنات سمجهندو آهي. پاڻ نماز پنجگانہ باجماعت جو سختيءَ سان پابند. تقويٰ ۽ ايمانداري ۾ بہ هڪ سنو مقام رکي ٿو. کيس خوف خدا هر وقت ذهن ۾ رهي ٿو. پاڻ سائنسي، تاريخي ۽ ادبي ڪتاب پڙهڻ جو ڪافي شوقين آهي. کيس غريب ماڻهن ۽ انهن جي اهنجن جو پورو ادراڪ آهي، جنهن ڪري پاڻ ليباريٽريءَ ۾ مناسب خرچ ۽ فيس وٺي انهن جو دردن جو ڪجهہ درمان ڪري ٿو. پاڻ ليباريٽريءَ ذريعي پنهنجي روزي روٽي جو بندوبست ڪري خدمت ۽ آخرت سنوارڻ جي جستجو ۾ رهي ٿو. پاڻ درگذر ڪرڻ وارو انسان آهي.

٧٦ حاجي رسول بخش ڏيرو

سنڌ کي باب الاسلام جي حيثيت حاصل آهي. هن مقدس ڌرتي وقتًا فوقتًا جوڌن جوانن ۽ شهپارن کي جنم ڏنو آهي ڪجهہ اهڙا الله وارا بہ هن ڌرتي تي پيدا ٿيا جن جو فيض اڄ صديون گذرڻ بعد بہ جاري آهي. علم شريعت جي ظاهري علمن جا علامہ بہ پيدا ٿيا تہ علم طريقت جا بي بها هيرا بہ پيدا ٿيا. سنڌ جي هر حصي پنهنجي نصيب مطابق خدمت ڪئي آهي. ميهڙ تعلقي بہ پنهنجو ڪردار احسن طريقي سان ادا ڪيو آهي. ميهڙ جي مٽي ڏاڍي شاداب رهي آهي. هيءَ سرزمين عظيم سپوتن کي جنم ڏئي انسانيت ۽ دين متين جي خدمت ۾ پيش پيش رهي آهي. ميهڙ جي ڪجهہ قابل قدر شخصيتن دين متين جي خدمت ۾ نمايان مقام حاصل ڪيو آهي. انهن قدآور شخصيتن جي فهرست ۾ فريدآباد جي پسمانده علائقي جي هڪ عظيم شخصيت حاجي رسول بخش ڏيرو صاحب بہ آهي. حاجي رسول بخش ڏيرو هڪ زميندار ميان علي نواز ڏيرو جي گهر ۾ ڳوٺ فريد آباد تعلقہ ميهڙ ضلعي دادو ۾ شوال ١٣١٨هہ مطابق فيبروري ١٩٠١ع ۾ جنم ورتو. سندس وڏا اصل ۾ پٽ شاهہ جي اوپر ۾ ڏيرن جي ڳوٺ جا رهاڪو هئا، اهو ڳوٺ اڃان تائين موجود آهي. پٽائي صاحب جي زماني کان اڳ ۾ سندس وڏا ان ڳوٺ مان لڏي اچي فريدآباد ۾ رهائش پذير ٿيا. سائين ميان علي نواز هڪ ديندار، نيڪ سيرت، متقي، پرهيزگار، علم جو بي حد شوق رکندڙ ۽ اڪثر مطالعي ۾ مستغرق رهڻ وارو انسان هو. کيس مطالعي سان جنون جي حد تائين عشق هو. جنهن جي نتيجي ۾ وٽس ڪتابن جو ڪافي

وڏو ذخيرو جمع ٿي ويو. سائين رسول بخش اڃان ننڍو ئي هو تہ سندس والد ميان علي نواز وفات ڪري ويو. رسول بخش ننڍپڻ ۾ ئي يتيم ٿي ويو. ڪيس والد صاحب جي ميراث ۾ ڪافي زمينون ۽ بهترين ڪتابن جو ذخيرو مليو. شفقت پدري کان محرومي نصيب ٿيڻ ڪري سندس پرورش ۽ پالنا جو ذمو سندس امڙ سائڻ پنهنجن ڪلهن تي کنيو. ان عظيم عورت کي جيڪا عظيم رفاقت سائين ميان علي نواز جي گهر ۾ رهي نصيب ٿي، هي ان جو ئي اثر هو جو ننڍڙي رسول بخش جي اڃان پرورش جا شروعاتي مرحلا هئا تہ ڪيس سندس سرتاج داغ مفارقت ڏئي ان معصوم جي پرورش جو بار بہ سندس نازڪ ڪلهن تي وڌو تہ مٿس سندس جيون ساٿي جي وڇوڙي جو غم جبل ٿي ڪَري مٿس ڪِريو، پر پوءِ بہ ان عظيم عورت ان ڏکن جي ڏونگر کي لتاڙي ننڍڙي رسول بخش جي پرورش ماءُ ۽ پيءُ جي روپ ۾ بهترين نموني سان ڪئي. ان عظيم امڙ دلشڪستہ ٿيڻ جي بجاءِ وڏي همت ۽ استقامت سان ننڍڙي رسول بخش جي پرورش ڪئي. ڏکن ۽ سورن سان وڙهندي رهي پر اميد جو دامن نہ ڇڏيو. ننڍڙي رسول بخش جي پالنا تي خاص ڌيان ڏنائين. ائين چوڻ بي جا نہ ٿيندو تہ پنهنجي جيون جي سفلتا ۽ منزل ننڍڙي رسول بخش جي تربيت کي سمجهي پنهنجو پورو جيون ۽ پنهنجون سموريون ڪاوشون، ساريون خواهشون، اميدون ۽ سڀ تمنائون سندس تربيت ۽ تعليم تي واري ڇڏيائين. ڪيس قرآن مجيد ۽ ديني تعليم ڏياريائين. ڇهہ درجا سنڌي پاس ڪيائين پر فائينل جو امتحان نہ ڏنائين.

ميان علي نواز جي اندر جيڪي خداداد صلاحيتون ۽ مطالعي جو عشق هو، ان جي انتها ميان علي نواز جي جسد خاڪي جي تدفين سان گڏ دفن ڪانہ ٿي بلڪ ان عشق جون پاڙون ان نئين زرخيز زمين جيڪا ننڍڙي رسول بخش جي دل جي هئي، ان ۾ مضبوط ٿي چڪيون هيون. اهو عشق رسول بخش جي وڏو ٿيڻ سان گڏ وڌندو رهيو ۽ آخر وڏو قدآور وڻ بڻجي حاجي رسول بخش جي صورت ۾ نمودار ٿيو. مطالعي جو عشق ميان علي نواز جي رڳ رڳ ۾ شامل هو، ان جو بج خونِ پدري جي صورت ۾ رسول بخش جي رت ۾ شامل ٿي چڪو هو . مون (راقم الحروف) اڄ جي زنده عمر رسيده اهلِ علم جن ۾ سائين امداد الله چانڊيو(فريدآباد)

(پيدائش١٩۴٥ع)، سائين مولانا محمد بچل چانڊيو(سيد پور)، سائين خان محمد تنيو (لونگ تنيو)، سائين مولانا جوهر بروهي (فريد آباد) ۽ سائين مفتي عبدالله چانڊيو (ميهڙ) سر فهرست آهن، انهن کان حاجي رسول بخش ڏيرو جي باري ۾ پڇيو ته هر هڪ ٽڏو ساهه کڻي ٻڌايو ٿي ته تمام گهڻو وسيع مطالعو رکندڙ انسان هو. حاجي صاحب کي ان وقت جي عالم باعمل ۽ فرشته صفت انسان مولانا عبدالڪريم ڏيروي جي ڪافي صحبت نصيب ٿي. ان صحبت کي غنيمت سمجهندي ديني تعليم جي سلسلي ۾ گهڻو ڪجهه حاصل ڪيائين. سائين مولانا عبدالڪريم کي فارسي ۽ سنڌي صوفي شاعرن جي ڪلام سان گهڻي دلچسپي هئي. سندس صحبت جي ڪري حاجي صاحب کي به سنڌ جي صوفي بزرگن جي ڪلام سان دلي لڳاءُ پيدا ٿيو. خاص ڪري حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جي شعر پڙهڻ ۽ ان تي غور و فڪر ڪرڻ سان ڪيس تمام گهڻي دلچسپي هئي.

حاجي رسول بخش ڏيرو ڪنهن مدرسي جو باقائده مولوي يا فاضل نه هو، پر ننڍپڻ ۾ قرآن مجيد جي تعليم حاصل ڪيائين ۽ سنڌي پڙهڻ لڳو. وري ان وقت جي ولي ڪامل سائين مولانا عبدالڪريم ڏيروي جي رفاقت ۽ صحبت منجهان گهڻو ڪجهه پرائي چڪو هو. جيستائين حاجي صاحب تي زمينداري جو بوج نه هو تيستائين اڪثر وقت مولانا ڏيروي جي صحبت کي غنيمت سمجهي ديني تعليم حاصل ڪندو رهيو. حاجي صاحب سندس شاگرد هو ۽ هڪ دوست هئڻ جي ناتي ڪانئس گهڻو ڪجهه پرايو. حاجي صاحب کي مطالعي جو جنون وراثت ۾ مليو هو. مطالعو ايترو ته وسيع هوندو هيس جو جڏهن ڳالهائڻ لڳندو هو ته ائين لڳندو هو ته چڻ سندس لبن منجهان علم جون شعائون نڪري رهيون هجن. ائين لڳندو هو ته چڻ علم جو ساگر هجي. حاجي صاحب جي باري ۾ عظيم استاذ العلماء علامه غلام مصطفیٰ قاسمي فرمائن ٿا ته رئيس رسول بخش خان ڏيري سان پنهنجي چڱي ڄاڻ سڃاڻ آهي. رئيس صاحب نه ته ڪنهن دارالعلوم جو فاضل آهي ۽ نه ڪنهن ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهيو آهي، رڳو پنهنجي سنڌي ٻوليءَ جي وڏي ڄاڻ رکي ٿو. رئيس موصوف سان اسان جون علمي ۽ ادبي رهاڻيون ۽ ڪچهريون به ٿيون آهن. اسان سنڌي ٻولي جو ڪيس مها ساگر سمنڊ ڏٺو ۽ سنڌيءَ جي جهوني رسم الخط جو وڏو ڄاڻو لڌو. الله تعالیٰ

سنڌس دل واري قرهيءَ تي الاهي فيض جي اهڙي تہ پالوٽ ڪئي آهي جو ڀٽائي صاحب جي هر بيت ۽ وائي جي اها شرح ڪئي اٿس جو قرآني آيتن سان مطابقت ڪائي ٿي. اهو وهبي فيض جو اثر آهي جو آيتن جو تفسير بہ صحيح ڪندو ويو آهي ۽ انهن جو ترجمو بہ آڳاٽي سنڌي ٻوليءَ جي رنگ ۾ پيش ڪيو اٿس جو ڏاڍو سلوڻو ۽ سهڻو پيو لڳي.[٨] حاجي رسول بخش هڪ زميندار خاندان جو فرد هو ۽ پنهنجي دور جو سٺو زميندار بہ هو. ان سان گڏوگڏ نهايت ديندار ۽ متقي انسان بہ هو. زميندار هئڻ جي باوجود قرآن پاڪ جي تلاوت، پنج وقتي نماز باجماعت، تهجد ۽ ذڪر جي پابندي ۾ ڪڏهن بہ فرق نہ پيو. حاجي صاحب تصوف ۾ دلچسپي وٺندڙ زميندار هو. احياءُ العلوم، ڪيميائي سعادت، مثنوي مولانا روم، قرآن مجيد جا مختلف تفسير، حديث ۽ فقہ جا ڪتاب سنڌس مطالعي ۾ رهندا هئا.

حاجي صاحب کي مطالعي سان جنون جي حد تائين عشق هو، تصوف سان بہ بي حد لڳاءُ هئس. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام سان سنڌس قلبي نسبت هئي. ڪيس شاهہ صاحب جي ڪلام سان جنون جو عشق هو.[٩] سنڌس وندر عام رواجي وڏيرن ۽ زميندارن کان هٽي ڪري اهل الله جو تذڪرو ۽ سگهڙن جي ڪچهري هئي. ڀٽائي صاحب سان روحاني تعلق هيس. حاجي صاحب پاڻ فرمايو تہ ” اصل نصيحت ۽ هدايت تہ قرآن پاڪ ۽ حديث پاڪ آهي پر تصوف بہ انهن جي تشريح ۽ وضاحت آهي ۽ بزرگن جا اقوال ۽ افعال بہ انهن جي شرح آهن.“ حاجي صاحب جي انهيءَ چاهت جو اهو نتيجو نڪتو جو پاڻ شاهہ صاحب جي ڪلام جو پارکو ۽ شارح ٿي ويو. شاهہ صاحب جي ڪلام جي شرح شريعت مطهره جي روشنيءَ ۾ اهڙي ڪيائين جو هر زبان مان سنڌس لاءِ آفرين صد آفرين جا آواز بلند ٿيا. سيد محمد صالح شاهہ بخاري حاجي صاحب جي باري ۾ فرمائي ٿو. حاجي رسول بخش ڏيرو الله تعاليٰ جي فضل و ڪرم سان ساڳيءَ طرح نپنو ۽ وڏو ٿيو آهي، جنهن نموني سان شاهہ صاحب واري ماحول ۾ ننڍڙن خواهہ وڏن جي تربيت ۽ نيپاج ٿيندو هو. اهو ئي سبب آهي جو هن بزرگ قرآن ۽ سنت کان روشني وٺي، شاهہ جي ڪلام جي شرح لکي آهي. منهنجي خيال ۾ تہ هن کان اڳ واريون جملي شرحون شاهہ جي ڪلام جون گهٽ ۽ خود شارحن جي خيال جون وڌيڪ شرحون آهن، بلڪ هيئن بہ چئي سگهجي ٿو تہ انهن

جو شاھ جي ڪلام جي مفهوم سان تِرَ جيترو واسطو بہ مَس آهي. هيءَ ئي شرح آهي جنهن لاءِ چئي سگهجي ٿو تہ (جي تون بيت پائنيا سي آيتون آهين) کي سچو ڪري ٿي ڏيکاري.

سيد محمد صالح شاھ جي مٿين بيان مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ حاجي صاحب شاھ صاحب کي ڪيترو سمجهي سگهيو آهي. حاجي صاحب جيتوڻيڪ رواجي دستاربند عالم تہ نہ هو، پر سندس کي عطاءِ خداوندي ذريعي عطا ٿيل علم ڪنهن عالم کان گهٽ بہ ڪونہ هو، ورنہ شاھ صاحب جي ڪلام جي شرح سا بہ قرآن پاڪ ۽ احاديث جي روشني ۾ ڪرڻ لاءِ شارح کي قرآن مجيد ۽ حديثن جو ايترو ذخيرو مستحضر هئڻ ضروري آهي جو هو ڪلام کي واضع بيان ڪري سگهي.

حاجي صاحب شخصيت شناس انسان بہ هو تہ خداداد صلاحيتن سان سرشار هستي بہ هو. حاجي صاحب فطرت انسانيءَ کان چڱي ريت واقف هو. کيس رب پاڪ بهترين خصلتن ۽ مَلڪَن سان نوازيو هو. هڪ بهترين ڏاهو ۽ داناءُ شخصيت جو مالڪ هو. حاجي صاحب کي دين سان بي حد لڳاءُ هو. علماء، صلحاء ۽ اولياء ڪرامن سان محبت ڪرڻ وارو انسان هو. علماء ۽ صوفياء جي تمام گهڻي عزت ڪندڙ ۽ سندن خدمت ۽ مدد ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار رهندو هو. خير خيرات ڪرڻ ۾ بہ اڳرو رهيو. کيس هميشہ اهو احساس هوندو هو تہ باقائده دستاربند عالم بڻجي نہ سگهيو. حاجي صاحب پنهنجي ڳوٺ فريدآباد ۾ هڪ بهترين مدرسو ”مدرسه محمديه“ جي نالي سان شروع ڪيو. جتي مولانا قاري عبدالڪريم ”ذبيح“ ساسولي بروهي کي مُدرس مقرر ڪيو. مدرسي جو سارو خرچ پنهنجي ذمي کنيو هئائين. هن مدرسي ۾ وڏن وڏن عالمن جي علم مان فريدآباد ۽ آس پاس جا ماڻهو فيضياب ٿيندا رهيا آهن. اهو مدرسو اڄ بہ قائم آهي مولانا جوهر بروهي ٻڌائي ٿو تہ ”مون کي شاھ صاحب سان واقف ڪرائڻ وارو انسان حاجي رسول بخش ڏيرو آهي“. مون (راقم) جڏهن سائين مولانا جوهر صاحب کان اهو ذاتي سوال پڇيو تہ جڏهن توهان کي ڪو اولاد نہ آهي تہ پوءِ توهان اولاد ٿيڻ خاطر ٻي شادي ڇو نہ ڪئي؟ مولانا جوهر بروهي صاحب ٽڏو ساھ ڀري جواب ڏنو تہ ”ادا ان باري ۾ مان ڇا چوان؟ جڏهن حاجي رسول بخش صاحب جي نظرمون تي ڦيريون دفعو پئي تہ ڏسڻ سان ئي چيائين تہ پٽ تو کي اولاد ڪو نہ

ٿيندو. مون حيرت منجهان حاجي صاحب کان پڇيو تہ سائين مون اجان تہ شادي بہ ڪونہ ڪئي آهي توهان ائين ڪيئن ٿا چئي سگهو؟ ڇا مون ۾ اولاد پيدا ڪرڻ جا جزا نہ آهن؟ تہ حاجي صاحب کلي وراڻيو تہ پٽ اهڙي ڳالهہ نہ آهي، تہ تو منجهہ اولاد پيدا ڪرڻ جا جزا موجود نہ آهن، پر مان ڏسان ٿو تہ تون سچل ۽ پٺائي جي راهہ جو مسافر آهين. سو تو کي اولاد جي خوشي مقدر نہ ٿيندي. حاجي صاحب کي مون ڏٺو، ساڻس تمام گهٽي ويجهڙائپ هئي. مون کي ڪافي ڪجهہ ان انسان سيکاريو. جيڪو ايڏو وڏو دورانديش ۽ نفسيات جو ماهر ۽ قابل انسان هو، جنهن جو مون کي اندازو آهي. سندس زبان منجهان جيڪو بہ نڪتو اهو مون روز روشن جيان ڏٺو تہ ان ڳالهہ جي بڌڻ جي باوجود مون کي يقين هو تہ منهنجي قسمت ۾ اولاد جي نعمت نصيب نہ آهي، تہ پوءِ مان ڀہ ڇا پر چار شاديون بہ ڪريان ها تہ بہ منهنجو نصيب ساڳيو ئي رهي ها.“

مولانا مير حسن بروهي (پيدائش١٩٥٦ع) مهتمم ”جامعہ مصباح العلوم“ وارهہ واري جا حاجي صاحب جي باري ۾ تاثرات ڪجهہ هينئن آهن:

”سائين حاجي رسول بخش ڏيرو صاحب وڏو داناءُ، وڏو ذهين ۽ فطين انسان هو. سنڌي ۽ فارسي ۾ ماهر هو. عربي زبان بہ ڪافي ڄاڻندو هو. پنجگانہ نماز باجماعت جو پابند ۽ تهجد گذار هو. رعب ۽ دبدبي وارو زميندار بہ هو. جيسيتائين حاجي صاحب فريدآباد ۾ زنده هو تيسيتائين ماڻهن پنهنجي گهر جو دروازو بند نہ ڪيو. سڀ بي فڪر رهندا هئا. حاجي صاحب جي پوري زندگيءَ ۾ عيد ۽ جمعي جي نماز سنڌس جوڙايل جامع مسجد ۾ هڪ ئي ٿيندي هئي. سنڌس سڄي زندگي ۾ شهر ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن جي بہ ڪا چوري نہ ٿي. حاجي صاحب جي انتظار ۾ سوين ماڻهو ٻاهر رستن جي ڪنارن تي ويٺا هوندا هئا. حاجي صاحب جي صبح جي شروعات فجر جي جماعت سان، نماز کان پوءِ تلاوت ڪلام پاڪ سان ٿيندي هئي. ان دور ۾ چانهہ جو رواج نہ هوندو هو. ٻاجهريءَ جي ماني ڳڙ جي ڏليءَ ۽ مکڻ سان ڪائي يا لسي سان کائي پوءِ گهر کان ٻاهر نڪرندو هو. ماڻهو سنڌس محبت ۽ اشتياق ۾ سنڌس پنيان پنيان هلندا هئا. حاجي صاحب جو ڪارخانو هوندو هو. ان ۾ ويهي ڪچهري ڪندو هو. مون سان سنڌس دلي محبت هوندي هئي. مون خود شروعاتي ديني تعليم سنڌس جي جوڙايل مدرسي منجهان

سائين مولانا امداد الله چانديو صاحب کان حاصل ڪئي. ان کان بعد پڙهڻ لاءِ مولانا عبدالڪريم قريشي صاحب (١٩٢٣_١٩٩٩) جي مدرسي سراج العلوم ۾ پڙهڻ لاءِ پير شريف ويس. جڏهن مان پير شريف مان موڪل تي گهر فريدآباد ايندو هئس ته نوڪر کي موڪلي مون کي گهرائيندو هو. چاليهه پنجاهه مينهون، تيهه چاليهه اٺ ۽ اٺ ڏهه گهوڙا هوندا هئس. زمين به ڪافي هوندي هئس. سندس علم واري ماڻهوءَ سان بي حد محبت هوندي هئي. پوءِ چاهي اُن سان ڪچهري ۾ سڄو ڏينهن گذري وڃي. سنوزميندار هو پر علم وارن سان تمام گهڻي رهاڻ هوندي هئس. بدڪردار ۽ لوفر سان بلڪل به نه لڳندي هئس. اوطاقي جوان هو. خيراتون به ڪثرت سان ڪندو رهندو هو. سندس اوطاق هر وقت ماڻهن سان ڀريل هوندي هئي. ان ۾ غريب هاري ۽ اهلِ علم جي ڪثرت هوندي هئي. ماني ٽڪي کارائڻ ۾ خوشي محسوس ڪندو هو. مون اهڙو وڏيرو ڀيو ڪو نه ڏٺو جيڪو علم سان ايترو چاهه رکندو هجي. شاهه صاحب جي ڪلام جو ديوانو هو. ايترو ادب ۽ چاهه سان شاهه صاحب جو ڪلام پڙندو هو جڻ ته تلاوتِ ڪلامِ پاڪ پڙندو هجي. شاهه صاحب جي ڪلام جو وڏو چاڻونگر هو. شاهه صاحب جي ڪلام جي اهڙي ته قرآن پاڪ ۽ حديث جي روشني ۾ شرح ڪئي اٿس جيڪا شايد ڪنهن ٻئي نه ڪئي هوندي. اهڙي تشريح ڪرڻ ڪو آسان ڪانهه آهي ۽ عام عالم جي وس جي ڳالهه به نه آهي، پر حاجي صاحب کي اها رب جي طرفان عطا ٿيل ڏين هئي.“

سائين مولانا مير حسن صاحب جي مٿين ڳالهين جي تصديق ٻين اهل علم عمر رسيده بزرگن به ڪئي آهي.

حاجي صاحب جيڪا شاهه صاحب جي ڪلام جي شرح لکي آهي، ان منجهان ڪجهه سرن جون شرحون ڇپيل آهن. انهن منجهان سر ڪلياڻ، سر يمن ڪلياڻ، سر آسا مومل راڻو، سر سامونڊي (سوداگر سمنڊ جا)، نئين شرح لطيف ۽ شاهه جو شان ڇپيل آهن. حاجي صاحب شاهه صاحب جي ڪلام کي صرف شاعري سمجهي نه پڙهيو هو بلڪ ان کي دعا سمجهي ان جي تفسير ۽ تشريح لاءِ ساري زندگي ڪوشش ڪندو رهيو. شاهه صاحب جي ڪلام جون ڪيترين ئي شرحون لکيون ويون آهن. ان شرحن جي مطالعي ڪرڻ سان اها ڳالهه واضع ٿي وڃي ٿي ته هر شارح اها تشريح ڪئي آهي

جيڪا هن خود سمجهي آهي، ان مطابق ڪلام جي شرح ڪئي آهي.[١٠] هر شارح پنهنجي ذهن مطابق هليو آهي. مگر اصول اهو آهي ته اگر ڪنهن به شاعر جي ڪلام جي شرح ڪرڻي هجي ته شاعر جي زندگيءَ جي وقت ماحول، رسم، رواج، ماڻهن جا طور طريقا، مذهبي رجحانات ۽ سياسي ۽ سماجي حالات وغيره جو مطالعو ڪري ڪلام جي ان پس منظر ۾ تفسير ڪئي وڃي. حاجي صاحب اهل دل ۽ اهل علم بزرگ هو. ڪيس فارسي ۽ عربي زبان جو تمام گهڻو علم هو. سنڌي زبان جو ته ڪيس مها ساگر چيو ويندو هو. ڪيس مولانا عبدالڪريم ديروي صاحب جي صحبت ۾ رهڻ ڪري صوفي شاعرن جي ڪلام سان خاص ڪري شاهه صاحب جي ڪلام سان دلي لڳاءُ پيدا ٿيو. مولانا ديروي صاحب پاڻ به شاهه صاحب جي ڪلام جو گهڻو مطالعو ڪندو هو ۽ ڀٽائي صاحب جي ڪلام جو وڏو شارح پڻ هو. سندس رفاقت ۾ حاجي رسول بخش صاحب کي شاهه صاحب جي ڪلام سان جنون جي حد تائين عشق ٿي ويو.[١١] راقم آسپاس جي عمر رسيده اهل علم بزرگن کان جڏهن به حاجي صاحب جو شاهه صاحب جي ڪلام سان عشق جي باري ۾ پڇيو ته سيني کان اهو ئي جواب مليو ته ڪيس شاهه صاحب جي ڪلام سان ديوانگي جي حد تائين محبت هئي، جنون جي حد تائين عشق هو، سندس اڪثر وقت شاهه صاحب جي ڪلام تي مبني مجلسن ۾ گذرندو هو. پري پري کان شاهه صاحب جي ڪلام جي ڄاڻُ وارن کي دعوت ڏئي گهرائيندو هو. جڏهن محفل شروع ٿيندي هئي ته پاڻ ايئن باادب ٿي ويهندو هو گويا قرآن مجيد جي تلاوت ٻڌندو هجي. جڏهن محفل ۾ شاهه صاحب جو ڪلام پڙهيو ويندو هو ته پاڻ غور سان ٻڌندو هو ۽ ڪلام جي اونهائي ۾ گم ٿي ويندو هو. محفل ۾ موجود ماڻهن جي زباني ڪلام جي تفسير ٻڌندو هو. آخر ۾ پاڻ ان جي تفسير ڪندو هو. جڏهن پاڻ تفسير ڪرڻ شروع ڪندو هو ته ايئن لڳندو هو ڄڻ ته ڪو تمام وڏو علامه، وڏو محقق، لغت جو ماهر ۽ ڪو وڏو فلسفي ڳالهائيندو هجي. ايئن محسوس ٿيندو هو ڄڻ ته اهو سندس ڪلام هجي ۽ پاڻ ئي پنهنجي ڪلام جي شرح ڪري رهيو هجي. پاڻ نه صرف شاهه صاحب جي ڪلام جو متن درست ڪيائين بلڪ ان سان گڏ شاهه صاحب جي ڪلام جي شرح تي تمام گهڻو مواد تيار ڪيائين.[١٢] ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب فرمائي ٿو ته حاجي صاحب شاهه صاحب جي

ڪلام جي شرح قرآني آيتن ۽ احاديث مبارڪ جي روشني ۾ ڪئي آهي. تفصيل جي لحاظ کان هيءَ شرح هن نوعيت جي بهرين محنت آهي جيڪا حاجي صاحب جي قلم منجهان نڪتي آهي. هي هڪ وڏي محنت جو ڪم آهي. شاهه صاحب جي ڪلام سان سندس محبت، ذاتي علم جي مطابق ان کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ مسلسل محنت جو نتيجو آهي. رئيس حاجي رسول بخش صاحب ٥ رمضان ١٤٠٢ھ مطابق ٢٧ جولاءِ ١٩٨٢ع بروز آچر وفات ڪئي. سندس آخري ديدار لاءِ موجود هر اک اشڪبار هئي. ماڻهو پاڻ کي بي سهارا ۽ يتيم محسوس ڪري رهيا هئا. علم جو هڪ باب بند ٿي ويو. هڪ اهل علم هستي اسان کي داغ مفارقت ڏئي هميشہ لاءِ رخصت ٿي وئي. رئيس حاجي صاحب جي وڇوڙي سان هڪ اهڙو خال پيدا ٿيو، جنهن کي پُر ٿيڻ ۾ صديون لڳنديون.

٧٧ زبير احمد پرٽ

گلشن ۾ گلن جي سرهاڻ هوندي آهي. هر گل جي پنهنجي الڳ الڳ خوشبو ۽ رنگ هوندو آهي. ڪجهه گل پنهنجي خوشبو سان گڏ خوبصورتيءَ ۾ بہ نمايان هوندا آهن. بلڪل اهڙي طرح انسان جي عمل ۽ ڪردار جي خوشبو ۽ سونهن هوندي آهي. ڪجهه انسان پنهنجي حسن ڪردار سان گلشن کي مهڪائيندا رهندا آهن. ميهڙ تعلقي جي گلشن کي پنهنجي خوشبو سان مهڪائڻ وارن ناياب انسانن منجهه هڪ نالو زبير احمد پرٽ جو بہ آهي.

زبير احمد بن غلام رسول پرٽ ٠٩ نومبر ١٩٧٩ع مطابق ١٨ ذوالحج ١٣٩٩ھ جمعي جي ڏينهن ميهڙ شهر ۾ جنم ورتو. پنهنجي پرائمري تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول وينجهر محلا مان ١٩٩٥ع ۾ پاس ڪيائين. ان کان پوءِ ميٽرڪ جو امتحان هاءِ اسڪول وَن ميهڙ منجهان ٢٠٠٠ع ۾ پاس ڪري ٢٠٠٢ع ۾ انٽرميڊيئيٽ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ميهڙ منجهان پاس ڪيائين. ان کان وڌيڪ تعليم حاصل نہ ڪري سگهيو. تعليم حاصل نہ ڪري سگهڻ جو افسوس اڄ بہ کيس ستائيندو رهندو آهي. محترم غلام رسول پرٽ محترم عبدالعزيز برڙي جو مئنيجر هوندو هو. سندس زمينن جي سار سنڀال ۽ حساب ڪتاب ڪندو هو. پاڻ پنهنجي زندگي ڏاڍي عزت ۽

احترام واري بسر ڪندو رهيو. دل جو تمام گهڻو سخي انسان، ايماندار، خوف خدا رکڻ وارو، ٻين جو درد محسوس ڪرڻ وارو، ٻين ڪارڻ جيئڻ وارو، همدرديءَ ۾ پنهنجو پاڻ لٽائڻ وارو، يار ويس ۽ دل کولي خرچ ڪرڻ واري طبيعت جو مالڪ هو. محترم غلام رسول حساب ڪرڻ ۾ ڏاڍو ماهر هوندو هو. پاڻ ڪو خاص پڙهيل به نه هو. پاڻ جڏهن زمينن جو حساب ڪتاب ڪرڻ ويهندو هو ته ائين لڳندو هو جڻ ته پاڻ مڪمل ڪمپيوٽر هجي. ٢٠٠٤ع ۾ مخدوم بلال پرسان هڪ ننڍڙي ڳوٺ "فاروق آباد" ۾ محترم عبدالعزيز ٻرڙي جي زمينن تي ڪيس شهيد ڪيو ويو. اهو ڪيس ڪجهه وقت هلندو رهيو. ڪجهه بزرگ هستين، دوستن، چڱن مڙسن ۽ قرآن مجيد جي ميڙ تي اهو خون سندس اولاد بخشي ڇڏيو. سندس وفات تي سندس اولاد جا گهريلو حالات بلڪل تبديل ٿي ويا. سندس گهر مٿان ڏکن جا پهاڙ ڪري پيا. زبير احمد پٽ پنهنجي غربت کي سامهون رکي گهر جي خرچ هلائڻ لاءِ بار پنهنجي ڪلهي تي کنيو. ٢٠٠٢ع ۾ پنهنجي ڀائرن ۽ سوٽن سان گڏجي گهر جو گاڏو هلائڻ لاءِ محنت مزدوري شروع ڪئي. پاڻ " شاندار چڪن برياني" جي نالي سان ننڍڙو دڪان کولي روزي روٽيءَ جو بندوبست ڪرڻ لڳو. آهستي آهستي ڀائرن ۽ سوٽن سان گڏجي ترقي ڪندو چانهه جو هڪ ننڍڙو هوٽل ۽ ٽيليفون بوٿ (P.C.O) واپڊا آفيس ميهڙ جي سامهون شروع ڪيائين. موبائل فون جي اچڻ کان پوءِ اهو پي سي او بند ڪري موبائل فونن جو ننڍڙو دڪان شروع ڪيائين. الله رب العزت کيس سندس محنت جي صدقي ۾ ترقي عطا فرمائيندو رهيو. ٢٠٠٤ع ۾ عبدالعزيز ٻرڙي صاحب جي ڪمپني "Fine Tel Cosmos Communication" ۾ نيٽ ورڪ انجنيئر جي عهدي تي رهي ڪم ڪندو رهيو. ٢٠٠٧ع ۾ ڪمپني بند ٿي وئي. ان کان پوءِ ٢٠٠٩ع ۾ "BBSYDP" محترمه بينظير ڀٽو صاحبه جي نالي سان شروع ٿيل پروگرام تحت نواب شاهه منجهان نيٽ ورڪنگ جو ڪورس مڪمل ڪيائين.

٢٠١٠ع ۾ پنهنجي سوٽ محمد اشرف پٽ سان گڏجي "دعا انٽرپرائيزز" جي نالي سان لاڙڪاڻي ۾ پنهنجو ڪاروبار شروع ڪيائين. اهو ڪاروبار هيوي مشينري جو هوندو هو. ان کان بعد ننڍا ننڍا ٺيڪا پڻ کڻندا رهيا. الله رب العزت کين سندن ايمانداري جي بدلي ۾ برڪتن سان

نوازيندو رهيو ۽ کين ڪاروبار ۾ ترقي عطا فرمائيندو رهيو. ٢٠١٦ع ۾ ميهڙ شهر جي اتر ۾ بائي پاس روڊ تي ”دعا ريسٽورنٽ اينڊ بار بي ڪِيو“ جي نالي سان هوٽل شروع ڪيائون. هن هوٽل ۾ محترم سڪندر علي ڪوهارو صاحب زبير احمد کي ڪافي همٿائيندو، ساٿ ڏيندو ۽ دعائن سان نوازيندو رهيو. شروع ۾ هن ڪاروبار ۾ کين ڪافي ڏکيائيون پيش آيون پر هنن جوانن انهن جو کلي دل سان مقابلو ڪيو. الله رب العزت جي فضل ۽ ڪرم سان سندن هي ڪاروبار ميهڙ شهر جي عزت ۽ اعزاز پڻ بڻيو. سندن ڪاروبار ۾ بزرگن ۽ غريبن جون ڪافي دعائون شامل آهن الله رب العزت کين ترقي عطا فرمائيندو رهيو.

زبيراحمد پرٽ ”دادو چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري“ جو وائيس پريزيڊينٽ بہ رهي چڪو آهي. ان سان گڏ ”ايگزيڪيٽِو ڪاميٽي“ جو ميمبر پڻ آهي. ”دادو چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري“ طرفان سنگاپور، انڊونيشيا، ملائيشيا ۽ سعودي عرب جا دورا بہ ڪري چڪو آهي. پاڻ هن وقت ”دعا ميڊيڪل سينٽر“ جيڪو چيئرٽي بيس تي هلندڙ آهي، هن ۾ غريب عوام لاءِ خاص ۽ سستا پئڪيج آهن، ”دعا فائونڊيشن“، ”دعا ٽريولز اينڊ ٽوئرس“، دعا ريسٽورنٽ اينڊ بار بي ڪِيو ميهڙ، لاڙڪاڻو، دادو ۽ خيرپور ناٿن شاهہ“ ۽ دعا بلڊرز اينڊ ڊولپرز“ جو مالڪ آهي. ”دعا بلڊرز اينڊ ڊولپرز“ جي تحت ميهڙ شهر ۾ دي گرين سٽي، ماشاءَ الله بنگلوز، مبين ٽائون، ميهڙ سوسائٽي ۽ دعا ريزيڊنسي جهڙا شاندار پروجيڪٽ جُڙي چڪو آهي. سندس هن سموري ڪاروبار ۾ سندس سوٽ محترم محمد اشرف سندس برابر شريڪ آهي. وڏن جي پاڻ ۾ محبت ۽ تربيت جو ئي اثر آهي جو هنن سوٽن جي پاڻ ۾ ايتري تہ محبت آهي جو سڀ ماڻهو کين سڳا ڀائر ئي سمجهندا آهن.

زبير احمد پرٽ پنهنجي محنت سان ڪمايل آمدنيءَ کي مستحقن تي وقت سر خرچ ڪندو رهي ٿو. پاڻ پنهنجي ڪمائي جو متعين حصو الله رب العزت جي نالي تي خرچ ڪرڻ لاءِ رکندو آهي. اهو مستحق رشتيدارن، پاڙيسرين ۽ غريب عوام تي خرچ ڪندو آهي. ڪيس پنهنجي هن عمل ۾ ڏيکاءُ بلڪل بہ نہ وڻندو آهي، مگر خوشبو ۽ ڪستوري لڪڻ جون هونديون بہ ڪٿي آهن سو ڪنهن نہ ڪنهن ڪچهريءَ ۾ ڪنهن ماڻهوءَ جي زباني اها

ڳالھ معلوم ٿي ويندي آهي. جيئن هر رمضان المبارڪ جي مهيني ۾ ڪچي راشن جا مختلف پيڪيج تيار ڪري مستحق ماڻهن تائين پهچائڻ، ڪجھ ضرورت مند انسانن جي لوڪ کان لڪي مدد ڪرڻ ۽ تازو لاڪ ڊائون ۾ سندس ڪيل خدمتون قابل تحسين آهن. پاڻ انهيءَ وقت پنهنجي ملازمن ۽ بي روزگار ماڻهن تائين راشن پهچائيندو رهيو. لاڪ ڊائون دوران مستحقن جا نالا گڏ ڪري انهن جي باري ۾ معلومات حاصل ڪندو رهيو. ان کان پوءِ رات جي وقت اهو راشن ڪٽائي محمد اشرف، زبير احمد ۽ محمد آصف پرٽ مختلف ٽولن جي صورت ۾ دروازا کٽڪائي راشن ورهائيندا رهيا. سندس دوست بہ سندس گڻ ڳائيندا آهن. پاڻ يار ويس طبيعت جو انسان آهي. هر ڪنهن سان منهن تي مُرڪ سجائي ملڻ ۽ دوستيءَ ۾ دل کولي خرچ ڪرڻ سندس سڃاڻپ آهي. پاڻ اهل علم ۽ ادب ماڻهن جي حوصلا افزائي ڪرڻ لاءِ پنهنجن دوست سان گڏجي هڪ پليٽ فارم ”ميهڙ جا منا ماڻهو“ جوڙيو اٿائين. انهيءَ پليٽ فارم تان مختلف پروگرام ڪرائي ادبي دنيا جي ماڻهن جي حوصلا افزائي پڻ ڪندو رهي ٿو.

رسول الله ﷺ جن پنهنجي آخري خطبي ۾ فرمايو: ”عَنْ اَبِيْ نَضْرَةَ. حَدَّثَنِيْ مَنْ سَمِعَ خُطْبَةَ رَسُوْلِ اللّٰهِ صلی الله علیه وآله وسلم وَسْطَ اَيَّامِ التَّشْرِيْقِ فَقَالَ: ((يَاۤاَيُّهَا النَّاسُ! اَلَا اِنَّ رَبَّكُمْ وَاحِدٌ. وَاِنَّ اَبَاكُمْ وَاحِدٌ. اَلَا لَا فَضْلَ لِعَرَبِيٍّ عَلٰى اَعْجَمِيٍّ. وَلَا لِعَجَمِيٍّ عَلٰى عَرَبِيٍّ. وَلَا لِاَحْمَرَ عَلٰى اَسْوَدَ. وَلَا اَسْوَدَ عَلٰى اَحْمَرَ. اِلَّا بِالتَّقْوٰى. اَبَلَّغْتُ؟)) قَالُوْا: بَلَّغَ رَسُوْلُ اللّٰهِ صلی الله علیه وآله وسلم ـ [١٣]

ترجمو: حضرت ابو نضرة کان مروي آهي تہ ايام تشريق دوران مون رسول الله ﷺ جو خطبو ٻڌڻ واري صحابي رضي الله عنه بيان ڪيو تہ نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو: اي انسانو: خبردار بيشڪ توهان جو رب هڪ آهي ۽ توهان جو پيءُ بہ هڪ آهي. ڪنهن عربيءَ کي عجمي تي، ڪنهن عجمي کي عربيءَ تي، ڪنهن گوري کي ڪاري تي، ڪنهن ڪاري کي گوري تي ڪابہ فضيلت حاصل نہ آهي، مگر تقوىٰ جي بنياد تي ڇا مون پيغام پهچائي ڇڏيو؟ صحابہ ڪرام رضي الله عنهم اجمعين جواب ڏنو: الله جي رسول پيغام پهچائي ڇڏيو آهي.

زبير احمد سياسي ميدان ۾ خدمت ڪرڻ جي نيت سان پاڻ اليڪشن

۾ صوبائي اسيمبلي جي ميمبر جي سيٽ تي آزاد اميدوار جي حيثيت سان حصو ورتائين. پنهنجن دوستن، چڱن مڙسن ۽ پائيي جي معززن کي مَان ڏيندي انهن جي چوڻ تي هٿ کڻي ويو. الله رب العزت جيترو زبير احمد پرٽ کي عطا فرمايو آهي پاڻ انهيءَ جو صحيح استعمال ڪرڻ چڱيءَ ريت ڄاڻي ٿو. زبير احمد جي ماتحت مختلف شهرن ۾ ڪيترائي ماڻهو روزگار سان لڳل آهن. ڪيترن ئي گهرن جا چلها سندس بدولت ٻرندا رهن ٿا. هن دوست لاءِ تهه دل سان دعا آهي تہ الله رب العزت کيس ڏن ڏگني رات چوڳني ترقي عطا فرمائي ۽ کيس خدمت خلق ڪرڻ جي اڃان بہ وڌيڪ توفيق عطا فرمائي. کيس دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابين سان همڪنار فرمائي. آمين

٧٨ سعدالله سومرو

انسان هڪ مقدس مخلوق آهي. الله رب العزت کيس پنهنجو خليفو مقرر ڪيو. کيس سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي صفت سان پُر فرمايائين. انسان جڏهن پيدا ٿيندو آهي تہ هڪ ڪَوري ڪاغذ مثل هوندو آهي. سندس عمر وڌڻ سان والدين، ماحول ۽ استاد سندس ذهن سازي ڪندا آهن ۽ کيس سکڻ جو موقعو ملندو آهي. انسان جي صفتن منجهان هڪ عظيم صفت استاد هئڻ واري بہ آهي. سيکارڻ، سمجهائڻ ۽ معاشري جو هڪ ڪارآمد جز بڻائڻ ۾ استاد انسان جي زندگيءَ ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. استاد اها هستي هوندو آهي جيڪو چاهيندو آهي تہ منهنجو شاگرد مون کان بہ وڌيڪ هوشيار ۽ لائق هجي، پاڻ کان وڌيڪ ٿيڻ تي پنهنجي ڪاميابي سمجهندو آهي. استاد ڪئي سڪندراعظم پيدا ڪري سگهي ٿو. پڙهائڻ ۽ سيکارڻ عظيم ڪم آهي، پيغمبري پيشو آهي. اسان جي نبي امام الانبياءِ ﷺ جن جو فرمان عاليشان آهي تہ : انما بعثت معلما.[١٣] ترجمو: مون کي استاد بڻائي موڪليو ويو آهي. استاد جو شان هر انسان کان مٿي آهي. استاد ئي معاشري جا بهترين افراد مهيا ڪري ٿو. انسان کي زندگيءَ گذارڻ جا سڀ گُر سيکاري ٿو، ادب ۽ احترام جي دولت سان مالا مال ڪري ٿو، انسان جي اندر ٽين علم واري اڪ پيدا ڪري ٿو. استاد انسان کي فرش تان کڻي عرش تائين پهچائي ٿو. استاد ڏاڍو عظيم ٿيندو آهي. اهڙن شخصيتن کي قومون سلام ڪنديون آهن، جو تہ اهي ئي قومن جا مقدر سنواريندڙيون آهن.

اسان جي ميهڙ ۾ به اسان جي قوم کي سنوارڻ وارن عظيم انسانن جي فهرست ۾ هڪ چمڪندڙ نالو سائين سعدالله سومرو صاحب جو به آهي. سائين سعدالله صاحب نه صرف هڪ اعليٰ شخصيت هو بلڪه ان سان گڏ هڪ انجمن، هڪ ادارو، علم ۽ عرفان جو چشمو، فيض ۽ عرفان جو ساگر هو. سندس انهن خوبين تي اسان جي قوم کي فخر آهي. سائين سعدالله صاحب١۴ ربيع الاول ١٣۵٣ھ مطابق ٢٧ جولاءِ ١٩٣۴ع بروز اربع محترم حاجي خان سومرو جي گهر ۾ ميهڙ جهڙي مان واري شهر ۾ جنم ورتو. سائين پنهنجي پرائمري تعليم مين پرائمري اسڪول ميهڙ ۽ ميٽرڪ هاءِ اسڪول ميهڙ منجهان حاصل ڪئي. پنهنجي ابتدائي ديني تعليم ميهڙ منجهان حاصل ڪيائين. عربي ۽ فارسيءَ جي سنَي چاڻ حاصل ڪيائين. شروع کان قرآن مجيد ۽ نماز سان عشق هوندو هئس. قرآن مجيد جي تلاوت تمام گهڻي ڪندو هو. قرآن مجيد سان عشق هئڻ ڪري کيس حفظ ڪرڻ جو شوق جاڳيو، جنهن ڪري پنهنجي منهن ويهي قرآن مجيد حفظ ڪرڻ شروع ڪيائين. ٿوري ئي وقت ۾ قرآن مجيد حفظ ڪري ورتائين. تراويحن ۾ حافظن پنيان سامع ٿي بيهندو هو، کين لقمه ڏيندو هو. پاڻ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي "تاريخ اسلام ۾ ڪيائين". ١٩۵۵ع ۾ تعليم کاتي ۾ استاد ٿيو. هاءِ اسڪول حاجي خان، جوهي، سيتا وليج، ڦلجي، ڀيٽو جتوئي، راڏڻ، خانپور ۽ قاضي عارف ۾ مختلف وقتن ۾ تدريس جي خدمت ڪندو رهيو ۽ اتان جي شاگردن کي علمي دولت سان مالامال ڪيائين. پڙهائڻ ۾ خوب محنت ڪندو هو ۽ شاگردن کي پڙهائڻ ۾ اها ڪوشش ڪندو هو ته سندس شاگرد قابل ترين ٿين. ١٩٦٠ع ۾ هيڊ ماستر جي پوسٽ تي رهي ساڳين اسڪولن ۾ نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريائين. ان کان بعد ميهڙ ۽ خيرپور ناٿن شاهه ۾ سب ڊويزنل ايجوڪيشن آفيسر (S.D.E.O) ٿي رهيو. ان دوران ڏاڍي ايمانداري ۽ سچائيءَ سان ڊيوٽي سرانجام ڏيندو رهيو. پنهنجي ان دور ۾ گوسٽ استادن کي ڊيوٽي ڪرڻ جو پابند بڻايائين، ڪيترائي بند پيل اسڪول کولرايائين. ان وقت هر اسڪول ۾ علم جي شمع روشن هئي، هر هڪ استاد پنهنجي پيشي سان سچو هو. اها هن بزرگ شخصيت جي ايمانداري، سچائي، خلوص ۽ قومي درد جو ثبوت هئي.

سائين سعدالله سومرو صاحب جي شاگردن جو تعداد هزارن ۾ آهي.

سندس شاگردن ۾ وڏا آفيسر، سياستدان، سماجي ورڪر، وڪيل، جج، ڊاڪٽر ۽ نالي وارا استاد شامل آهن. هن ولي الله صفت انسان ميهڙ ۽ خيرپورناٿن شاهه جي ڳوٺن ۽ ننڍن شهرن کي علم جي زيور سان آراستہ ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار احسن نموني نڀايو. هن ولي الله صفت استاد جي محنتن ۽ علمي جاکوڙ عيوض هاءِ اسڪول قلجي ۾ اعزاز طور سونو تاج پارايو ويو، جيڪو سائين سعدالله صاحب ۽ ٻين استادن لاءِ بہ هڪ وڏو اعزاز آهي. ان سان گڏ سائين جي شاگردن لاءِ قابل فخر ڳالهہ پڻ آهي. هي بزرگ هڪ تعليمي ماهر جي حيثيت سان پنهنجي سڃاڻپ پيدا ڪري تعليمي ميدان ۾ ٿي خدمت ڪندو رهيو. سندس اڪثر وقت تعليم کي عام ڪرڻ، سمجهائڻ، ٻين تائين تعليم منتقل ڪرڻ، پڙهائڻ کي آسان کان آسان بنائڻ ۽ سمجهہ ۾ اچڻ لائق بنائڻ ۾ صرف ٿيو. سائين سعدالله صاحب ڪيترو ئي وقت سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ڄامشورو ۾ نصاب جي ڪتابن ۾ ليکڪ ۽ نگران طور خدمت پڻ سرانجام ڏيندو رهيو. هن بزرگ انسان رٽايرمينٽ کان بعد بہ پنهنجن دوستن ۽ شاگردن کي قيمتي تعليمي مشورن سان نوازيندو رهيو. پرائيويٽ اسڪولن جا ايڊمنسٽريٽر بہ وٽس ايڊمنسٽريشن کي درست نموني ۾ هلائڻ لاءِ حاضر ٿيندا هئا. پاڻ کين ايئن پيو مشورا ڏيندو هو ڄڻ تہ اهو اسڪول سندس پنهنجو هجي. ان کان علاوه استاد بہ کانئس تعليم ڏيڻ جي باري ۾ ۽ ڪتابن جي ڪجهہ مشڪل مسئلن کي حل ڪرڻ جي سلسلي ۾ حاضر ٿيندا هئا. پاڻ کين تعليم جا گُر، ٻارڙن کي سمجهائڻ جا طريقا، پڙهائڻ جا طريقا ۽ پاڻ پڙهڻ ۽ تياري ڪرڻ جا طريقا پڻ ڏسيندو رهيو. مطلب تہ رٽايرمينٽ کان بعد بہ پڙهائيندو ۽ سمجهائيندو رهيو. سندس زندگي نماز پنجگانہ باجماعت، تلاوت ڪلام پاڪ، ديني ڪتابن جو مطالعو، درودن ۽ اذڪار جو ورد ۽ تعليمي خدمت ۾ گذري. هن بزرگ ۵ رجب ۱۴۳۵ھ مطابق ۵ مئي ۲۰۱۴ع بروز سومر اسان کي داغ مفارقت ڏئي راهہ رباني اختيار ڪئي.[۱۵] الله رب العزت کيس جنت ۾ اعلىٰ مقام عطا فرمائي. هن بزرگ جي وڇوڙي سان هڪ تعليمي مهارت جو بابُ بند ٿي ويو. الله رب العزت کيس پنج پٽ ۽ بہ نياڻين جو اولاد عطا فرمايو، ان سان گڏ هزارن جي تعداد ۾ روحاني اولاد جي صورت ۾ شاگرد بہ عطا ڪيا. سندس ڪردار ۽ علم جا گواهہ آب اڪين مان هاري کيس اڄ بہ دل

سان ياد ڪندا آهن. اهڙيون شخصيتون قومن جو مقدر بڻائينديون آهن. قومن کي تعليم جي زيور سان آراسته ڪري جيئڻ جو سليقو عطا ڪنديون آهن. قوم جي محسنن ۾ هنن شخصيت کي اعليٰ مقام حاصل ٿيندو آهي. هنن جي وڇوڙي سان هڪ وڏو خال پيدا ٿيندو آهي ۽ قوم پاڻ کي يتيم محسوس ڪرڻ لڳندي آهي. جيسيتائين ڪو ٻيو اچي ان جاءِ کي پري، تيسيتائين ڪنهن اهڙي شخصيت جو انتظار ڪندي رهندي آهي.

٧٩ سڪندر علي سوڍر

سڪندر علي بن حاجي محمد صادق سوڍر ٥ صفر ١٣٨٨ھ مطابق ۴ مئي ١٩٦٨ع بروز ڇنڇر تي ڳوٺ شيرو ڏيپر ۾ جنم ورتو. پاڻ پنهنجي پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول منجهان حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ ميٽرڪ جو امتحان هاءِ اسڪول وَن ميهڙ منجهان پاس ڪيائين. ان کان بعد پنهنجي زمينن ۾ هارپو ڪندو رهيو. ڪيس ٻين جي ڪم اچڻ جو جذبو هوندو هو. پنهنجي ان خواهش تحت مٿن مائٽن ۽ دوستن جي ننڍڙن ننڍڙن ڪم ڪارين ۾ انهن جو ساٿ ڏيڻ شروع ڪيائين. آهسته آهسته سندس دوستيءَ جو حلقو وسيع ٿيڻ لڳو، ٻين جي ڪمن خاطر آفيسرن ۽ واسطيدار ماڻهن سان ميل ملاقات ڪرڻ جي نتيجي ۾ سندس چاڻ سڃاڻ به وڌڻ لڳي. فلاحي ڪم ڪرڻ لاءِ سنڌ نيشنل موومينٽ (SNM) ۾ بحيثيت سينٽرل ڪاميٽي ميمبر جي ڪم ڪرڻ شروع ڪيائين. ان پارٽيءَ جي هم صلاح دوستن سان گڏجي سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي (SUP) ۾ سنڌ نيشنل موومينٽ کي ضم ڪرايو ويو. سڪندر سوڍر ان پارٽيءَ ۾ به سينٽرل ڪاميٽيءَ جي ميمبر طور ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. پاڻ فلاحي ڪمن ۾ اڳرو رهيو، جنهن ڪري دوستن ۾ ڪافي مقبول ٿيو. دوستن جي اصرار تي پارٽيءَ جي اليڪشن دوران ضلعي دادو جو بنا مقابلي صدر چونڊجي ويو. انهيءَ دوران ڊويزن جي اليڪشن ۾ به ڊويزن لاڙڪاڻو جو صدر منتخب ٿيو. پاڻ پارٽيءَ جو محسن ۽ سچو خيرخواهه رهيو. پارٽيءَ جي مفاد خاطر مرڪزي دوستن جي ڪَهي اچڻ تي ڊويزن جي صدارت تان مستعفي ٿيو. پاڻ ضلعي جي صدر جي حيثيت سان ڪم ڪرڻ تي راضي رهي پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. اڄ ڪلهه به پاڻ انهيءَ عهدي تي

رهي ڪم ڪري رهيو آهي. ٢٠١٨ع واري اليڪشن دوران "SUP" جي پليٽ فارم تان ميهڙ ٽڪ تان صوبائي سيٽ تي فارم ڀرايائين. ان دوران "ڄامشورو اتحاد" ٺهڻ کان پوءِ "پاڪستان تحريڪ انصاف" وارن پاران "SUP" سان ناهه ٿيڻ ڪري ضلعي ڄامشوري مان "PTI" وارن "SUP" جي حق ۾ هٿ ڪنيو ۽ "SUP" وارن ضلعي دادو مان "PTI" جي حق ۾ هٿ ڪنيو. جنهن ڪري سڪندر سوڍر به اليڪشن ۾ هٿ ڪنيو.

سڪندر سوڍر ٢٥ اپريل ٢٠١٥ع کان وٽي هارين، آبادگارن ۽ ننڍن ننڍن زميندارن سان هم صلاح ٿي "ڪڪول واهه جدوجهد ڪاميٽي ميهڙ" جو بنياد رکيو. ان ڪاميٽي جي ميمبرن جي متفق راءِ سان سڪندر سوڍر کي هن جدوجهد جو ڪنوينر مقرر ڪيو ويو. پاڻ ڪڪول واهه جي ڪناري تي ميهڙ شهر جي وچ ۾ هڪ احتجاجي ڪيمپ قائم ڪري ڪجهه هارين سان گڏجي ويهي رهيو. ان احتجاج ۾ سندس محنت ناقابل فراموش رهي. پاڻ پنهنجو آواز ايوانن ۽ بالا آفيسرن تائين پهچائڻ جي جيڪا محنت ڪئي سابه قابل تعريف رهي. پاڻ پنهنجي دوست صحافين جي مدد سان آواز بلند ڪرڻ جي جستجو ڪندو رهيو. ٿورڙي ئي وقت ۾ هن جدوجهد ايتري ته مچتا ماڻي جو ڪڪول واهه جي ٻنهي ڪنارن تان غيرقانوني قبضا هٽائڻ، مُنڍ کان پڇڙيءَ تائين کاٽي ڪرائڻ، پڇڙين تائين پاڻي پڄائڻ ۽ ڪڪول واهه جي ٻنهي ڪنارن سان روڊ ٺهرائڻ لاءِ ڪراچي، حيدرآباد، ڪوٽڙي، ڄامشورو، سيوهڻ، دادو، واهي پانڌي، جوهي، خيرپور ناٿن شاهه، ڀانَ، نوشهروفيروز، خان واهڻ، نري ميرواهه، لاڙڪاڻو، گبو فريد آباد، ميهڙ، ٺرڙي محبت، راڌڻ، ڏگهڙي، سامارو ۽ ڪشمور تائين سنڌ جي مختلف شهرن جي پريس ڪلبن اڳيان احتجاج ٿيڻ لڳا. ان سان گڏوگڏ سڪندر سوڍر باقائده سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ سميت مختلف ادارن کي جدوجهد جي باري ۾ لکت ذريعي درخواستون به لکندو رهيو. سڪندر سوڍر جي هن احتجاجي ڪيمپ جو آواز پري پري تائين گونجڻ لڳو. پاڻ مسلسل بلا ناغه سڄو سڄو ڏينهن ان احتجاجي ڪيمپ تي ويٺو رهيو. سندس آواز تي ان ڪيمپ تي سنڌ جا ڏاها، عالم، اديب، شاگرد، قوم پرست، وڪيل، صحافي، زميندار، آبادگار، مختلف تنظيمن جا اڳواڻ، ليڪڪ، سياسي ماڻهو ۽ اڳواڻ ڪهي اچي سندس هم آواز ٿيڻ لڳا.

”پاڪستان ڪِسان اتحاد“ جا ڳوڻ پشاور، لاهور، ملتان، گنداخا، ڪراچي ۽ ڪوئٽہ کان پهچي مختلف وقتن تي هن احتجاجي ڪيمپ تي آبادگار سان يڪجهتي طور شامل ٿيندا رهيا ۽ آبادگارن جي هن احتجاجي ڪيمپ تي وينل هارين جي همٿ افزائي پڻ ڪندا رهيا. ان سان گڏ پنهنجن شهرن ۾ بہ پريس ڪلبن اڳيان احتجاج رڪارڊ ڪرائيندا رهيا. هن جدوجهد ۾ صحافي برادري بہ پنهنجو ڪردار تمام سٺي نموني سان نڀائيندي رهي. هن جدوجهد لاءِ سڪندر سوڍر پنهنجون نندون ڦٽائي ڪامياب بنائڻ جي جستجو ۾ لڳو رهيو. سندس هر ڪوشش جو محور انصاف وٺڻ ۽ حق حاصل ڪرڻ لاءِ جتن ڪرڻ رهيو. سڪندر سوڍر جي محنت سان هن احتجاجي ڪيمپ جو آواز بلامبالغہ پوري سنڌ ۽ پاڪستان ۾ پهتو. هن احتجاج کي مسلسل ۴۵۳ ڏينهن گذري چڪا هئا. ۴۵۴ هين ڏينهن خيرپورناٿن شاهہ ٽڪ جو ”MPA“ محترم عبدالعزيز جوڻيجو، ڊپٽي ڪمشنر جناب سليم رضا کهڙو، ايريگيشن چيف انجنيئر جناب نظير مهر، انجنيئر رائيس ڪئنال جناب طارق ڪَيهر، اسٽنٽ ڪمشنر ايريگيشن جناب امجد ڏاوچ، ايس ڊي او ايريگيشن جناب غلام حيدر جوڻيجو، ايس ڊي ايم ميهڙ جناب غلام شبير رند، ڊي ايس پي ميهڙ جناب غلام محمد چنڊ، سوڍر ذات جو سردار جناب ڊاڪٽر راشد ممتاز سوڍر، رئيس محترم شيرمحمد چانڊيو، محترم غلام رسول عرف ڏاڏو چانڊيو، رئيس حميد چانڊيو، محترم ڊاڪٽر طلعت مهيسر، بلبل صاحب جو پوٽو محترم شمس الدين ابڙو، محترم نياز علي برڙو ۽ محترم عبدالستار چنو سميت ڪيترن ئي معزز ماڻهن احتجاجي ڪيمپ تي اچي سڪندر سوڍر ۽ ڪيمپ تي وينل آبادگارن کي احتجاج ختم ڪرڻ لاءِ چيو، سندن ڪَهي اچڻ تي ڪين مانُ ڏيندي احتجاجي ڪيمپ ختم ڪرڻ کان انڪار ڪندي صرف ڪجهہ وقت لاءِ عارضي طور تي احتجاجي ڪيمپ کي ملتوي ڪيو ويو. ڪجهہ ڏينهن بعد ٻيهر احتجاج شروع ٿيو. هن احتجاجي ڪيمپ جي ٻنهي وقتن جو دور تقريبًا ۱۲۵۵ ڏينهن مسلسل بنا ڪنهن وقفي جي جاري رهي. سلام آهي هن جوان کي جنهن بنا ڪنهن عذر جي اهي سڀ ڏينهن مسلسل بلاناغہ ڪيمپ تي ٻين آبادگار سان گڏجي وينو رهيو. ڪيس انهيءَ جدوجهد دوران ڪافي دشمنين ۽ تڪليفن جو منهن پڻ ڏسڻو پيو. پاڻ انهن جي پرواهہ ڪرڻ بنا استقامت سان

پنهنجي خدمت ۾ مگن رهيو. هن جدوجهد ۾ سڪندر سوڍر جي لکيل درخواستن کي مدِنظر رکندي سپريم ڪورٽ آف پاڪستان طرفان پاڻ مرادو نوٽيس وٺندي واسطيدار اختيارين کان رپورٽ طلب ڪندي حڪم ڪيو تہ ڪڪول واهہ تان قبضا هٽرائي آبادگارن جا سڀ مطالبا پورا ڪيا وڃن. جنهن کان بعد باضابطہ طور ٢ فيبروري ٢٠١٦ع تي واسطيدار اختيارين قبضا هٽرائڻ شروع ڪيا. تقريبًا ٩٠ سيڪڙو غير قانوني قبضا هٽي چڪا آهن ۽ ڪنهن حد تائين ڪڪول واهہ جي ٻنهي ڪپرن سان روڊ پڻ ٺهي چڪو آهي. ان سان گڏ پڇڙيءَ تائين پاڻي پڻ ڪنهن حد تائين پهچندو رهي ٿو. هن جدوجهد کي ڪاميابي ملڻ کان پوءِ اڪثر ڪري سنڌ جي وڏن ڪئنالن جيئن رائيس ڪئنال، روهڙي ڪئنال، دادو ڪئنال ۽ کيرٿر ڪئنال وغيره تان بہ وقفي وقفي سان قبضا هٽرائڻ جي ڪوشش جاري آهي. اهو سڄو اعزاز سڪندر سوڍر جي ڪاوشن جو نتيجو آهي.

سڪندر سوڍر هڪ همدرد ۽ هڏڏوکي انسان هئڻ سان گڏ يار ويس، آئي جي عزت ڪرڻ وارو، ٻين جو درد محسوس ڪري ان کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ وارو ۽ قوم جو درد سيني ۾ رکڻ وارو انسان آهي. پاڻ ڪيترن ئي ذاتين وارن جي جهيڙن ۽ اڻ پوت ۾ منصف بڻايو ويندو آهي. اڄ ڪلهہ پنهنجي زمينداري، تنظيم جي ذميواري ۽ غريب، ابوجهہ يا سفيد پوش معزز عوام جي مسئلن جي حل ڪرڻ جي سلسلي ۾ هڪ آواز بڻجي اڀري ٿو. اڪثر ظلمن خلاف احتجاجي جلوس ڪرائي صحافي دوستن کي دعوت ڏئي تقريرون ڪري مظلومن جو آواز بڻجي ٿو. غريب ۽ ابوجهہ ماڻهن سان ٿاڻن، آفيسن، اسپتالن، ڪورٽ ڪچهرين ۾ واسطيدار آفيسرن تائين وڃي انهن جا مسئلا حل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. سندس اوطاق تہ هروقت ماڻهن جو هڪ هجوم نظر اچي ٿو ڪنهن جو ڪو ڪم تہ ڪنهن جو ڪو ڪم. وٽس جيڪو بہ پنهنجو مسئلو کڻي سندس مدد لاءِ وڃي ٿو تہ پاڻ هر وقت ان جي مدد خاطر تيار ٿي نڪري پوي ٿو. انڪار ڪرڻ يا ڪو عذر پيش ڪرڻ هن جوان کي ايندو ئي نہ آهي. هر وقت ڪنهن نہ ڪنهن دوست يا عزيز جي ڪنهن نہ ڪنهن مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ حاضر هوندو آهي. بجلي، پاڻي، صحت، تعليم، صفائي ۽ بدامني وغيره جي مسئلن ۾ نمايان ڪم ڪري رهيو آهي ان سان گڏ وقتًا فوقتًا مختلف

پروگرام، سيمينار، ليڪچر پروگرام ۽ زرعي ماهرن سان ڪچهريون منعقد ڪرائي عوام ۾ جاڳرتا پيدا ڪرڻ جا جتن پڻ ڪري ٿو. سڪندر سوڍر وقتًا فوقتًا غريبن جي مدد ڪرڻ ۾ به وسان ڪين گهٽائيندو آهي. مختلف سهڪاري ماڻهن ۽ اين جي اوز جي غريب ماڻهن طرف نشاندهي ڪرائي پاڻ منظر عام کان پري رهندو آهي ته جيئن غريب جي مدد به ٿي وڃي ۽ سندس جي باري ۾ ان کي علم به نه ٿئي. اهڙي طرح پاڻ پنهنجي ڪيسي منجهان ۽ ڪجهه دوستن کان چندو ڪري غريبن کي سندن ضرورت جي شيءِ ونڻ ۾ مالي مدد پڻ ڪندو رهي ٿو. پاڻ پنهنجن دوستن سان ملي بيواهن ۽ غريب عورتن ۾ ٤٠ کان مٿي سلائي مشينون پڻ تقسيم ڪري چڪو آهي. اج ڪلهه سماجي خدمت ڪرڻ ۾ مصروف عمل آهي.

٨٠ سوڍر قوم جا چار ستارا

تعلقي ميهڙ ۾ ڪيترين ئي قومن ۽ ذاتن جا ماڻهو رهن ٿا. انهن منجهان سوڍر ذات وارا به آهن. قاضي عارف کان اولهه طرف سوڍرن جا ڪئي ڳوٺ آهن. هر هڪ انسان پنهنجي خاندان ۽ اولاد ۾ هڪ الڳ حيثيت جو حامل هوندو آهي، پوءِ ٻلي ٻين جي نظر ۾ اهو انسان ناڪاره ئي ڇونه هجي. معاشري ۾ عمل انسان جي سڃاڻپ بڻجي ويندو آهي. ان عمل جي ئي ڪارڻ ڪو ڪو انسان ٻين جي دلين ۾ زنده رهجي ويندو آهي. انسان جي ڪردار ۽ عمل جا سنا ۽ سچا گواهه ته سندس همعصر ئي ٿي سگهن ٿا. اج مان (راقم) پنهنجي جيون ڪتا جو هڪ روشن ۽ درخشان پهلو اوهان آڏو پيش ڪري رهيو آهيان. جيڪو مون ڏٺو ۽ منهنجي اکين اڳيان گذريو اهو بيان ڪريان ٿو. منهنجو ڳوٺ ”شيرو ڏيپر“ ۽ ڳوٺ ”اشرف سوڍر“ هڪ ميل جي فاصلي تي واقع آهن. اسان جي ڳوٺ شيرو ڏيپر ۾ مختلف پاڙا ۽ خاندان آهن هاڻي انهن عظيم ارواحن کي ٿورو رقم تحرير ڪريان ٿو، جيڪي منهنجي سامهون پوري علائقي جي عوام جي دلين ۾ زنده جاويد رهجي ويا. منهنجي هنن ڳالهين جي تصديق ڪرڻ وارو اج به منهنجي علائقي جي هر ماڻهو کان ڪري سگهي ٿو.

مون جڏهن هوش سنڀاليو تڏهن اسان جي ڳوٺ شيروڏيپر ۾ راقم جو چاچا سائين حاجي محمد بن حاجي عبدالحميد سوڍر شيروڏيپر جي پاڙي

۾، حاجي غلام محمد بن دلاور سوڍر خوشحالاڻي پاڙي ۾، عبدالله بن محمد اسماعيل سوڍر ديناڻي پاڙي ۾ ۽ حاجي الله ڏنو بن امام بخش سوڍر ڳوٺ اشرف سوڍر ۾ روشن ستارن وانگر چمڪندا نظر ٿي آيا. هنن جي عظمت ۽ نيڪ ڪردار جي هاڪ هلندي هئي. هي چارئي پاڻ ۾ بهترين ۽ گهڻ گهريا دوست هئا. چارئي گڏجي پنهنجي وت ۽ وس آهر ماڻهن جا مسئلا حل ڪندا هئا. انهن چئني جا احسانمند ۽ سندن بهترين ڪردار ۽ جاکوڙ جا معترف سوڍر، ڪوسا، چانڊيا، ملاح، بروهي، ڪمانگر، سهاڳ، ڏيپر، چاہرو، وڪا ۽ جتوئي وغيره ذاتين جا ماڻهو آهن. هي چار ان دور جا عظيم انسان ٿي نروار ٿيا. ٿر جون سيئي ذاتيون سندن تمام گهڻو احترام ڪنديون هيون. هڪ عابد جي ٦٠ سال عبادت کان هڪ انصاف ۽ عدل تي مبني فيصلو الله رب العزت وٽ وڌيڪ افضل آهي. هي چارئي جوان پنهنجو سڀ ڪجھ عوام جي خدمت لاءِ وقف ڪري چڪا هئا. اگر ڪنهن ڳوٺ، برادري يا گهراڻي ۾ اڻ پوت ٿي پوندي هئي ته هي جوان گڏجي صلح ڪرائڻ لاءِ سندرو ٻڌي نڪري پوندا هئا. سندن ڪردار ۽ عمل عوام جي اڳيان هوندو هو، سو ڪين موٽ ۾ تمام گهڻي عزت ڏئي سندن ڳالھ مڃيندا هئا. هي چارئي جوان پنهنجي ڪيسي منجهان بلا امتياز تمام گهڻو خرچ ڪندا هئا، چاهي پوءِ اهو صرف سوڍر ذات تي خرچ ڪرڻو هجي يا ٻين ذاتين تي، پر ڪڏهن به ائين محسوس نه ڪرايو ته اسان صرف سوڍر آهيون ته سوڍر ذات تي ئي خرچ ڪرڻو آهي. اڪثر ڪري ٿرَ جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ هنن ئي جوانن کي منصف بڻايو ويندو هو. سندن ڪيل فيصلو ماڻهو دل سان قبول ڪندا هئا ۽ چوندا هئا ته هي اسان جا وڏا آهن، هي اسان جي تڏي تي هلي آيا آهن ته پوءِ پنهنجو هر حق به ڇڏڻ لاءِ تيار آهيون. ان دور جي ماڻهن ۾ اها شناس هميشہ کان هئي ۽ هنن جوانن جا ڪيل سابق فيصلا ۽ ڪارنامہ سندن اڳيان هئا.

هتي هڪ ڳالھ ونديندو هلان ته مون جڏهن هي ڪتاب لکڻ لاءِ مختلف ڳوٺن ۽ ماڻهن سان ملاقاتن جي جاکوڙ جو سلسلو شروع ڪيو ته هڪ الله واري جي اولاد منجهان ڪنهن پڇيو ته توهان سياسي ماڻهن کي به پنهنجي هن ڪتاب ۾ شامل ڪندؤ؟ ان تي مون ڪيس وراڻيو ته نه ادا سياست تي لکڻ جو پاڻ کي شوق نه آهي، بس اها تمنا اٿم ته ايندڙ نسل کي

پنهنجن وڏڙن جي گذاريل زندگيءَ جو ڪجهه احوال پيش ڪري سگهان ته اسان جو ماضي ڪيترو نه شاندار گذريو آهي. اڄ اسين ڪهڙي طرف وڃي رهيا آهيون. جنهن جي منزل سواءِ تباهي ۽ بربادي‌ءَ جي ٻي نظر ڪانه ٿي اچي. بس الله وارن جو تذڪرو ڪري آخرت لاءِ ٿورو ثمر ڪرڻ چاهيان ٿو. باقي سياست تي لکڻ جو بلڪل به شوق نه اٿم. اهو ٻڌي وراڻيائين ته ادا صحيح ٿو ڪرين، باقي ماڻهو چاپلوسي ۽ پاڻ وڻائڻ خاطر اهڙو لکن ٿا جو اندر سڙي ٿو وڃي. جيئن هڪ ماڻهو خان صاحب عبدالحميد جتوئي کي الله جو ولي لکيو آهي. ايڏو ظلم جو هڪ سياسي ماڻهو کي ولي الله لکڻ ڪيڏي وڏي چاپلوسي آهي. اها ڳالهه ٻڌي مون کي تمام گهٽي ڪاوڙ آئي ۽ پنهنجي اندر ۾ باهه محسوس ڪرڻ لڳس. ان تي ڪيس لڙڪ هاريندي چيم ته ادا اسان ۾ ايتري جهالت ڪيئن آئي؟ پاڻ کي ابن ولي سڏائڻ وارن کي ايترو به علم نه آهي. عظيم انسانن جو اولاد ايترو جاهل ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ تو کي ايترو به علم نه آهي ته خان صاحب سياسي ماڻهو ضرور هو، پر پنهنجي وقت جو عظيم منصف ۽ عادل انسان به هو. اسان جهڙا ناڪارا سَٺ سال عبادت ڪن، خبر ناهي ته الله رب العزت ڪٿي اها واپس اچلائي منهن تي هڻي واپس ڪندو يا قبول ڪندو. اسان جي عبادت قبول پوي ٿي يا نه، ان جو اسان کي ڪوبه يقين نه آهي، مگر امام الانبياءِ ﷺ جن جي قول جي ڪهڙي تاويل ڪندي: عدل ساعة أفضل من عبادة ستين سنة قيام ليلها و صيام نهارها ويا أبا هريرة جور ساعة فى حكم اشد و اعظم عندالله عز و جل من معاصى ستين سنة. و فى رواية عدل يوم واحد أفضل من عبادة ستين سنة.[١٦] خان صاحب جي انصاف تي مبني فيصلن ۽ عدل ۽ انصاف جون ڳالهيون مون ٻچپن کان ٻڌيون آهن. هر ماڻهو جي واتان سندس لاءِ تعريف ۽ دعا ٿي نڪتي. اڄ به خان صاحب جي انصاف جي هاڪ هلي ٿي، اڄ به هزارين ماڻهو ان ڳالهه جا گواهه موجود آهن. پاڻ ڪو ايترو برو انسان يا برائي ۾ ملوث ماڻهو نه هو. اگر منجهس برائيون هونديون به ته اهي ايتريون ته نه هونديون جو اسان ڪيس سيني ڪان برو انسان سمجهون.

وَعَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: «مَنْ طَلَبَ قَضَاءَ الْمُسْلِمِينَ حَتَّى يَنَالَهُ ثُمَّ غَلَبَ عَدْلُهُ جَوْرَهُ فَلَهُ الْجَنَّةُ وَمَنْ غَلَبَ جَوْرُهُ عَدْلَهُ فَلَهُ النَّار.

ترجمو: ”رسول الله ﷺ جن فرمايو: جنهن شخص مسلمانن جي قضا طلب ڪئي ۽ اها ڪيس ميسر ٿي پوءِ سندس عدل سندس ظلم تي غالب رهيو ته ان لاءِ جنت آهي ۽ جنهن شخص جو ظلم سندس عدل تي غالب رهيو ته ان لاءِ جهنم آهي.“[١٧]

اسان ڪيس ڪا برائي ڪندي نه ڏٺو ۽ ٿي سندس جي باري ۾ ڪنهن برائي ۾ ملوث هئڻ جو ٻڌو آهي، ته پوءِ سندس جي باري ۾ غلط گمان ڇو رکون؟ اسان ته پنهنجي آقا ﷺ جي فرمان: ظن المؤمنين خيرًا. ترجمو: ”مؤمن جي باري ۾ سنو گمان رکو“ تي عمل پيرا رهندي خان صاحب کي ولي مڃون ٿا. اسان جي نبي ڪريم ﷺ جن حسن ظن کي عبادت قرار ڏنو آهي. اَنَّ رَسُوْلَ اللّٰهِ صلى الله عليه وآله وسلم قَالَ: اِنَّ حُسْنَ الظَّنِّ مِنْ حُسْنِ الْعِبَادَةِ.[١٨] ترجمو: ”بيشڪ سنو گمان رکڻ حسن عبادت مان آهي.“ خان صاحب جو انصاف تي مبني هڪ فيصلو اسان جهڙن جي پوري زندگيءَ جي عبادت کان افضل آهي، ته سندس هزارين فيصلا اسان ڪهڙي ترازو ۾ توري فيصلو ڪريون ته هو ولي هو يا نه هو؟ هو به انسان هو، ٿي سگهي ٿو ته ڪن فيصلن ۾ ڪانئس غلطي به ٿي هوندي، پر سندس باري ۾ منصف ۽ عادل هئڻ جي گواهن جو تعداد تمام گهڻو آهي. اسان انهن جي گواهي جو انڪار نه ٿا ڪري سگهون. حقوق الله ۾ فائز ۽ فائق رهڻ وارو انسان به ولي ناهي ته پوءِ ولي ڪهڙو ٿيندو آهي؟ خير درميان ۾ هيءَ ڳالهه جملا معترضه طور به مناسب لڳي ته لکي ڇڏيان، سو دل جو درد لکي ڇڏيم.

خان صاحب عبدالحميد جتوئي صاحب ۽ سردار جناب ڊاڪٽر ممتاز علي سوڍڙ صاحب جن به هنن ڇئن جا سنا دوست ۽ سندن عزت ڪرڻ وارا انسان هئا. هنن جوانن جي اوطاقن تي هلي ايندا هئا. هي چارئي جوان ڏاڍو اوطاقي انسان هئا. سندن اوطاقن تي هميشه ماڻهن جي رش ڏسندو آيس. اڪثر ڪري پاڻ ۾ ڪچهري ڪرڻ لاءِ ڪنهن هڪ جي اوطاق تي گڏبا هئا. سندن اوطاق هر ڪنهن جي لاءِ بنا فرق جي کليل رهندي هئي. هر وقت مهمانن جا هجوم نظر ايندا هئا. هي جوان به انصاف تي مبني فيصلن ۾ پنهنجي پوري علائقي ۾ مشهور هئا. هرڪو سندن تمام گهڻي عزت ڪندو هو. ڏينهن هجي يا رات پر هنن جا دروازا هميشه ٻين لاءِ کليل رهندا هئا. ٻين کي پنهنجي اولاد تي به فوقيت ڏيندا هئا. هي چارئي اهي عظيم انسان

آهن، جن پنهنجو سڀ ڪجهه ٻين جي مدد ۾ لٽائي ڇڏيو، ٻين لاءِ جيئڻ سندن مقصد حيات هو. چاچا حاجي محمد جي جهوليءَ ۾ پليو آهيان. مون هي سڀ ڪجهه پنهنجي اکين سان ٿيندي ڏٺو آهي. چاچا سائين تمام گهڻو سخي انسان هوندو هو. هٽ جو ايترو نه ڪليل هو جو هر آئي جي مدد لاءِ پنهنجا ڪيسا خالي ڪري ڇڏيندو هو. حتيٰ ڪه ٻين کان قرض ڪڍي به ٻين جي حاجت پوري ڪندو هو. ميلو وغيره ٿيندو هو ته ڳوٺ جا ڪيترائي ماڻهو ساڻ ڪري ميلو گهمڻ ويندو هو. انهن جو ڪرايو ڀاڙو، ميلو گهمائڻ جو خرچ، کارائڻ جو خرچ ۽ آخر ۾ هرهڪ کي پنهنجي پنهنجي گهر وارن جي لاءِ سامان ۽ مٺائي به پنهنجي ڪيسي منجهان وٺي ڏيندو هو. راقم جو والد صاحب حاجي بخشل پنهنجي هن وڏي ڀاءُ کي پنهنجي والد صاحب جي برابر سمجهندو هو. ڪڏهن به وڏي ڀاءُ کي نه روڪيائين ته ايترو خرچ پنهنجي ڪيسي منجهان ڇو پيو ڪرين؟ پنهنجي وڏي ڀاءُ جو پروانو هوندو هو. اسان جي سڄي ڳوٺ ۽ ٿرَ وارن جو قرآن مجيد پڙهائڻ وارو استاد راقم جو والد صاحب هو. اسان جي پوري علائقي ۾ تدوين ۽ تڪفين جو ڪم به بابا سائين پنهنجي والد صاحب جي تربيت جي زيرِاثر بلااجرت جي صرف رب جي رضا خاطر في سبيل الله ڪندو رهيو. جنهن ڪري ٻنهي ڀائرن جي تمام گهڻي عزت ڪئي ويندي هئي. چاچا حاجي محمد پنهنجي هڙان خرچ ڪري ڪيترن جون شاديون به ڪرايون. اسان جي ڳوٺ ۾ بجلي، اسڪول ۽ روڊ به سندس مهربانيءَ جي نشاني آهي. ٿرَ جي فيصلن ۾ ڪيس نمايان حيثيت حاصل هوندي هئي. اسان جي اوطاق تي هر وقت ماڻهن جو هڪ وڏو هجوم رهندو هو. ماني ڪانسواءِ ڪنهن کي به وڃڻ ڪونه ڏنو ويندو هو. ان وقت چانهن جو ايترو رواج اسان جي ٻهراڙين ۾ ڪونه هوندو هو، باقي شربت به ميزبانيءَ طور ڪتب آندو ويندو هو. چاچا سائين ديندار انسان هو. تلاوت ڪلام پاڪ سان سندس تمام گهڻو لڳاءُ هوندو هو. چاچا سائين ۽ سندس ٽئي دوست ان وقت ٿرَ جا بهترين انسان شمار ڪيا ويا. سندن دوستي به مثالي هئي. هڪ ٻئي لاءِ پروانه هوندا هئا. هي چار عظيم ارواح اهڙا آهن جن جو تذڪرو ڪرڻ راقم پنهنجي لاءِ سعادت سمجهي ٿو. هي مقدس ارواح محسن قوم هئا. اڄ افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته هنن جهڙن ارواحن جتي رهي انسانيت جي خدمت ڪئي آهي، اڄ اتي انهن جي نقش قدمِ تي

هلڻ وارو نظر بہ ڪونہ ٿو اچي، البتہ بين جي مدد ڪرڻ ۽ ٻين لاءِ پنهنجي دل ۾ احساس رکڻ وارو هڪ اهڙو انسان اڄ بہ موجود آهي، جنهن ماڻهوءَ جي ساڻس ملاقات آهي يا سندس باري ۾ ڪجهہ ٻڌ سُڌ بہ آهي تہ اهو منهنجن هنن تاثراتن ۽ الفاظن سان بلڪل متفق ضرور ٿيندو تہ واقعي هي شخص اخلاق جي ان درجي تي فائق آهي، جيڪو قسمت وارن کي نصيب ٿيندو آهي ۽ اهڙو باڪردار ۽ حسن اخلاق انسان صدين ۾ ڪو ورلي پيدا ٿيندو آهي. اهو مقدس انسان راقم الحروف جو وڏو ڀاءُ ڊاڪٽر الله بخش آهي.

خير تہ ڳالهہ پئي هلي اسان جي قوم جي هنن چار عظيم انسانن جي. سندن اوطاقون هر وقت هجوم سان ڀريل ڏٺيون، پوءِ اها چاهي چاچا الله ڏنو جي اوطاق ڳوٺ اشرف سوڍر ۾ هجي يا اها اوطاق چاچا حاجي محمد جي شيروڏيپر ۾ هجي يا اها اوطاق چاچا عبدالله جي شيروڏيپر جي پاڙي ديناٽي ۾ هجي يا اها اوطاق چاچا حاجي غلام محمد جي شيروڏيپر جي پاڙي خوشحالاٽي ۾ هجي. هي اهي انسان هئا جن اولاد کان بہ وڌيڪ ٻين کي ترجيح ڏني. هنن جي اوطاقن منجهہ مسافر هجن يا پاڙي جي ڳوٺن جا مهمان هجن، پر هر وقت ڪچهري هلندي هئي. ماني، لسي، شربت سان مهمانن جي مهمان نوازي هر حال ۾ ڪئي ويندي هئي. راتين جو دير دير تائين ڪچهريون هلنديون هيون. ڪچهري جو موضوع اڪثر پس گردائي جي ماڻهن جا حالات هوندا هئا. بس اهو همدردي وارو ۽ ٻين ڪارڻ جيئڻ وارو دور ان وقت پڄاڻو جڏهن هنن دوستن منجهان آخري دوست اسان کان جدا ٿيو. هنن جي وڇڙڻ کان بعد اهڙو روح پرور منظر ڏسڻ لاءِ اسان جون اکيون اڃان منتظر آهن، پر شايد ڪو اهڙو جوڏو جوان اسان جي قوم ۾ پيدا ٿئي ۽ عوام کي هنن چئن دوستن جو زمانو وري ياد اچي.

چاچا الله ڏنو سوڍر ١٣٥٢ھ مطابق ١٩٣٤ع ۾ ڳوٺ اشرف سوڍر ۾ پيدا ٿيو. پاڻ قرآن مجيد پڙهيل هو ۽ سنڌي جا ڪجهہ درجا تعليم حاصل ڪيائين. پنهنجي زمينن ۾ هارپو ڪندي ۽ خدمت خلق ۾ سندس جيون گذريو. پاڻ پارويس انسان ۽ ٻين جو درد پنهنجي سيني ۾ محسوس ڪرڻ وارو انسان هو. چاچا الله ڏنو جي اوطاق اشرف سوڍر ۾ چار ڪشادن ڪمرن تي مشتمل هوندي هئي. ان اوطاق جو آڳر تمام وڏو هوندو هو. شايد ڏيڍ کان بہ جريب تي مشتمل اوطاق جي چار ديواري هوندي هئي. هن اوطاق

تي هروقت ڪونہ ڪو مهمان ترسيل نظر ايندو هو. هن اوطاق ۾ چاچا الله ڏنو جو والد محترم ڏاڏو امام بخش هر وقت موجود هوندو هو. ڏاڏي امام بخش کي الله رب العزت ڊگهي زندگي عطا ڪئي. سندس جنم ١٣٢٦ھ مطابق ١٩٠٩ع ۾ ٿيو ۽ وفات ٢٠٠٨ع ۾ ٿي. سندس عمر ١٠٠ سالن جي قريب ٿي. پاڻ قرآن مجيد پڙهيل هو. ڏاڍو شريف نفس انسان ۽ نماز پنجگانہ جو جنون جي حد تائين عشق رکڻ وارو انسان هو. سندس موت جي وقت تائين سندس نظر برابر ڇٽي رهي، جيڪا قابل تعجب ڳالھ آهي. آخري ايام ۾ بہ کيس نماز جو تمام گهڻو فڪر رهندو هو. حتيٰ ڪہ آخري چند ڏينهن نيم بيهوشي واري حالت رهي تہ ان ۾ بہ جڏهن هوش ۾ آيس تہ هڪ هڪ وقت جي نماز ڪئي ڪئي دفعا پڙهندو رهيو. ان ۾ ٿيو ائين تہ هڪ دفعو اشاري سان نماز ادا ڪئي تہ کيس بيهوشي طاري ٿي، وري جڏهن هوش آيو تہ گهر وارن کي وضو ڪرائڻ لاءِ چوندو رهيو. گهر وارا چوندا رهيا تہ ڏاڏا توهان وقتي نماز پڙهي چڪا آهيو. ان تي ورائيندو هو تہ پڙهي هوندم پر مون کي ياد نہ آهي، سو پڙهي دل کي تسلي ڏيڻ چاهيان ٿو. اهڙي طرح جڏهن نماز جا مڪمل اشارا ڪرڻ جي منجهس سگهہ نہ رهي تہ ڪجھ وقت لاءِ بلڪل خاموش ٿي ويندو هو. گهر واران کي فڪر لاحق ٿي ويندو هو تہ ڪٿي روح پرواز تہ نہ ڪري ويو، سو کيس زور سان سڏ ڪندا هئا. ڪجھ دير کان بعد جڏهن ڏاڏو پنهنجي گمان سان نماز پوري ڪندو هو تہ گهر وارن کي دڙڪا ڏيندو هو تہ منهنجي نماز ۾ خلل ڇوٿا وجهو؟ گهر وارا چوندا هئس تہ ڏاڏا اسان کي ڪهڙي خبر تہ توهان نماز ۾ هئا، اسان سمجهو تہ شايد راھ رباني ورتي اٿوَ. اهو ٻڌي چوندو هو تہ بابا حضرت عزرائيل آيو تہ هليو ويندس، باقي مون کي ائين سڏ ڪري منهنجي نماز خراب نہ ڪريو. آخر ٿيو بہ ائين تہ گهر وارن سمجهيو تہ شايد نماز ۾ آهي مگر ڏاڏو تہ رب جي طرف راهي ٿي چڪو هو. ڪافي وقت گذرڻ کان بعد جڏهن سڏ ڪرڻ تي جواب نہ مليو تہ خبر پئي تہ واقعي ڏاڏو امام بخش داعي اجل جي سڏ تي لبيڪ چئي روانو ٿي چڪو آهي. راقم اڄ تائين آخري وقت ۾ نماز لاءِ ايترو بي چين ۽ فڪرمند رهڻ وارو انسان پنهنجي اکين سان نہ ڏٺو هو. پر ڏاڏو امام بخش ڏسي حسرت ٿيندي هئي تہ اهڙا انسان بہ دنيا ۾ موجود آهن، پر اسان کي انهن جو احساس ڪونہ هوندو آهي. چاچا الله ڏنو جي

اوطاق ڏاڏي امام بخش جي زندگيءَ تائين برابر انهيءَ جوش ۽ خروش سان جاري رهي. ڏاڏي امام بخش جي وفات ١٢ شعبان ١٤٢٩ھ مطابق ١٥ آگسٽ ٢٠٠٨ع بروز جمعہ تي ٿي، ان کان بعد چاچا الله ڏنو جي بہ وفات ٢٩ محرم ١٤٣٠ھ ٢٧ جنوري ٢٠٠٩ع ۾ بروز اڱارو تي ٿي. چاچا الله ڏنو جي وفات کان بعد اتي اهو روح پرور منظر نہ رهيو. خدمت خلق جو هڪ بهترين باب بنهي پيءُ پٽ جي وفات سان اختتام پذير ٿيو.

چاچا غلام محمد ١٣٤٤ھ مطابق ١٩٢٦ع ۾ ڳوٺ پريو سوڍر ۾ پيدا ٿيو. پاڻ پنجن سالن جي عمر ۾ يتيم ٿيو. ڪيس ميراث ۾ ڪافي زمينون مليون. پاڻ جڏهن جواني کي رسيو تہ پنهنجن سوٽن سان گڏجي ڳوٺ شيروڏيپر ۾ موجود پنهنجي زمينن ۾ گهر اڏي مستقل رهائش اختيار ڪيائين. آهستہ آهستہ پاڻ ٻين جي مدد ڪرڻ ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو. سندس انهيءَ خدمت خلق جي جذبي ٿن دوستن سان جوڙي ڇڏيو. پاڻ ٻين جي مدد ڪرڻ خاطر سندرو ٻڌي ٽنهي دوستن جو همراهي ٿي نڪتو. چاچا حاجي غلام محمد جي اوطاق بہ مثالي اوطاق رهي، اتي بہ ماڻهو پنهنجا مسئلا کڻي ايندا هئا. پاڻ عوام جي سماجي، سياسي ۽ اخلاقي خدمت ۾ نمايان رهيو. سندس اوطاق تي ماڻهن جي اها رش نہ هوندي هئي جيڪا رش چاچا حاجي محمد جي اوطاق تي هوندي هئي. ڇو جو چاچا حاجي غلام محمد اڪثر هنن دوستن منجهان ڪنهن هڪ جي اوطاق تي موجود هوندو هو. پر پوءِ بہ سندس اوطاق تي رونق رهندي هئي. سادگيءَ جو زمانو هو، پيار ۽ احترام ماڻهن جي سڃاڻپ هوندي هئي. سندس اوطاق تي بہ ماڻهو پنهنجا مسئلا کڻي ايندا هئا. چاچا حاجي غلام محمد انسانيت سان پنهنجو فرض نڀائيندو رهيو. سندس هن اوطاق ۽ خدمت خلق جو هي باب بہ سندس وفات ٣ رمضان ١٤٣١ھ مطابق ١٣ آگسٽ ٢٠١٠ع بروز جمعو سان اختتام پذير ٿيو. چاچا عبدالله بن محمد اسماعيل سوڍر جو جنم ١٣٥٥ھ مطابق ١٩٤١ع ۾ ٿيو. پاڻ سنڌي جا ڪجهہ درجا ئي پڙهي سگهيو. پاڻ پنهنجي زمينن جي ديک ڀال سان گڏ عوام جي خدمت ۾ وڌي حصو وٺڻ لڳو. مٽ مائٽن جي ذاتي رنجشن کي ختم ڪرڻ، سندن مسئلا حل ڪرڻ، آسپاس جي ڳوٺن جي ماڻهن جي هر ممڪن مدد ڪرڻ سندس سڃاڻپ رهي. پاڻ تمام گهڻو يارويس ماڻهو ۽ هڏڏوکي انسان هو. چاچا عبدالله جي اوطاق بہ عوام لاءِ

ڪليل رهندي هئي، سندس اوطاق به ماڻهن جي دردن جو درمان رهي. هن اوطاق تي به اڪثر ماڻهو پنهنجا مسئلا کڻي انهن جي حل لاءِ حاضر ٿيندا هئا، پر پوءِ به هن اوطاق تي اهو عروج نظر نه ايندو هو. ان جو به سبب اهو ساڳيو رهيو ته چاچا عبدالله اڪثر چاچا الله ڏنو يا چاچا حاجي محمد وٽ سندن اوطاقن تي موجود رهندو هو. چاچا عبدالله پاڻ بين جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ڪڏهن ڪٿي ته ڪڏهن ڪٿي رهندو هو. سندس جيون پنهنجن ٿن دوستن سان جڙيل رهيو. انهن سان گڏجي عوام جي ڀلائيءَ لاءِ جاکوڙيندو رهيو. آخري ايام ۾ پنهنجي اوطاق تي اڪثر موجود هوندو هو. سندس وٽ ماڻهن جو هڪ هجوم موجود هوندو هو. پاڻ اتي انهن جا مسئلا ٻڌڻ ۽ انهن جي حل لاءِ ڪوشش ۾ مصروف رهندو هو. هن جوڏي جوان جي وفات ١٥ شعبان ١٤٢٩هه مطابق ١٨ آگسٽ ٢٠٠٨ع بروز سومر تي ٿي. سندس اوطاق اڄ به موجود آهي ۽ اتي هر آئي وئي کي عزت ملي ٿي ۽ وقت جي حساب سان ماني پڻ ڪارائي وڃي ٿي، پر چاچا عبدالله جي وفات سان گڏ سندس عوامي خدمت جو هي سونهري باب به اختتام پذير ٿيو.

چاچا حاجي محمد سوڍر جي پيدائش ١٣٥٥هه مطابق ١٩٣٦ع ۾ ڳوٺ شيرو ڏيپر ۾ ٿي. پاڻ قرآن مجيد جي ابتدائي تعليم پنهنجي والد صاحب کان حاصل ڪيائين، ان سان گڏ سنڌيءَ جا به ڪجھ درجا پڙهيو. بعد ۾ پنهنجي زمينن ۾ هارپو ڪرڻ سندس ڪرت رهي. شروع کان وٺي سندس اها مسلسل عادت رهي ته فجر جي نماز مسجد ۾ ادا ڪري مسجد ۾ ئي ڪافي دير ويهي تلاوت قرآن مجيد ڪندو هو، ان کان بعد پنهنجي خانداني قبرستان ۾ وڃي ويهي ڪافي دير تائين تلاوت ڪلام پاڪ، ذڪر ۽ دعا ۾ مصروف رهندو هو. ايصال ثواب ڪري گهر اچي ناشتو ڪري بعد ۾ ٻاهر ويندو هو. سڄو ڏينهن ڪمن ڪارين ۾ مصروف رهي شام جو يا رات جو قبرستان وڃي تلاوت ڪري ايصال ثواب ڪري بعد ۾ گهر ويندو هو. سندس اهو معمول سندس موت تائين برابر رهيو. راقم ساري زندگيءَ ۾ سندس ان معمول ۾ هڪ ڏينهن جو به ناغو نه ڏٺو. سندس تلاوت ڪلام پاڪ سان تمام گهڻو عشق هوندو هو. جڏهن جواني کي رسيو ته ٻين جا درد دور ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ سندرو ٻڌي لهي پيو. پاڻ تمام گهڻو سخي انسان هو. ايئن چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نه هوندو ته پاڻ پنهنجي وقت جو حاتم هو. پاڻ هر ڪنهن جي

بلاتميز غيرَي مدد ڪندو هو. پنهنجي هڙان خرچ ڪرڻ ۾ ڪيس خوشي ۽ راحت ملندي هئي. پاڻ ٻين خاطر پنهنجا ڪيسا خالي ڪرڻ جو عادي هو. هر آئي جي حيثيت آهر خدمت ڪرڻ سندس شان رهيو. پاڻ پنهنجي تر ۾ تمام گهڻو سخي مشهور هو. سندس هٿ هر وقت هر ڪنهن جي لاءِ ڪليل رهيو. پاڻ دوستن خاطر به هر قرباني ڏيڻ ۾ مثالي رهيو. هر ڪنهن جي مدد ڪرڻ سندس سجاڳ رهي. چاچا حاجي محمد جي اوطاق تي هر وقت ماڻهن جو هڪ ميڙ موجود رهندو هو. هر ڪنهن کي ماني ڪارائڻ ۽ شربت پيارڻ سان خدمت ڪري ڪچهري ڪئي ويندي هئي. هر روز رات جو ٻارهين هڪ بجي تائين رش رهندي هئي. اوسي پاسي جي ڳوٺن ۾ آيل مسافر پناڻن يا پنجابين کي به هن اوطاق جو ڏس ڏنو ويندو هو ته ماني ٽڪي به ملندي ۽ رهائش جو بندوبست به ٿيندو. هن اوطاق تي ايندڙ مهمانن کي راقم خود مانيون کارائيون ۽ شربت پياريا آهن. هن اوطاق تي اڪثر فيصلا ٿيندا هئا. انهن فيصلن ۾ منصف چاچا حاجي محمد هوندو هو. تر جا ماڻهو ٻين کي به سندس جو ڏس ڏئي فيصلا ڪرڻ لاءِ موڪليندا هئا.

سياسي ماڻهن لاءِ پرگرام به هن اوطاق جي زينت بڻبا هئا. هن اوطاق تي هر آئي کي عزت ملندي هئي ۽ دل کولي سندس عزت ڪئي ويندي هئي. اوطاق ۾ مسافرن لاءِ پڻ طعام ۽ قيام جو بندوبست ڪيو ويندو هو. مٿن مائٽن ۽ اوسي پاسي جي ڳوٺن جي ماڻهن کي ڪچهري لاءِ خاص طور تي گهرايو ويندو هو. اهو وقت صلہ رحمي جو عمده ترين مثال نظر ايندو هو. هر آئي جي بلاتفريق عزت ۽ احترام سان خدمت ڪئي ويندي هئي. آس پاس جي ڪيترن ئي ڳوٺن جي ماڻهن جي مسئلن کي هن اوطاق ۾ ويهي حل ڪيو ويندو هو. هي اوطاق ڪيترن ئي ڳوٺن جي ماڻهن جي لاءِ ڪچهري ڪرڻ جي بهترين جڳهہ هوندي هئي. هيءَ اوطاق عوام جي دردن جو درمان هوندي هئي. هن اوطاق تي زندگيءَ جي مسئلن جي حل لاءِ ماڻهو اچي حاضر ٿيندا هئا. هر ڪنهن جي حيثيت آهر مدد ڪئي ويندي هئي. هن اوطاق تي جيڪا انساني خدمت ڪئي ويندي هئي، ان عظيم عبادت جو اختتام چاچا حاجي محمد جي وفات ١٤ جمادي الاول ١۴٣٠ھ مطابق ١٠ مئي ٢٠٠٩ع بروز آچر تي ٿيڻ سان ٿيو. اڄ به اها اوطاق موجود آهي، مگر اتي اها رش نه پري جي ڳالهه آ مگر ڪو مهمان به ڪڏهن ڪڏهن ايندو آهي. اڄ

اهي چارئي وٿاڻ ويران نظر اچن ٿا. هنن چئن مقدس ارواحن جي وڇوڙي سان خدمت انساني جي اها موج هميشہ لاءِ خاموش ٿي وئي.

اڄ نہ اوطاقن ۾ طالب تنوارين،
آديسي اٿي ويا، مڙهيو مون مارين،
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.

۸۱ شفيق احمد چنو

الله رب العزت جي مخلوقات سان محبت ۽ ان کي نفعو رسائڻ بہ هڪ قسم جي عبادت آهي. الله رب العزت ماڻهن جي خدمت سان ملندو آهي. پنهنجي ڪارڻ جيئڻ تہ سيڪو ڄاڻي ٿو، مگر ٻين ڪارڻ جيئڻ اصل مقصد حيات آهي. انهيءَ سان ئي رب کي پُسي سگهجي ٿو. ميهڙ جي مٽي اهڙن سونهارن انسانن سان شاداب رهي آهي. ٻين ڪارڻ جتن ڪرڻ وارن ۾ هڪ نالو محترم شفيق احمد چنو صاحب جو بہ آهي.

محترم شفيق احمد ۱۱ شوال ۱۳۸۵ھ مطابق ٻين فيبروري ۱۹۶۶ع بروز اربع تي علمي ڳوٺ سوڀوخان مگسي ۾ پرائمري استاد محترم صاحب خان چنو جي گهر ۾ جنم ورتو. محترم شفيق صاحب پنهنجي پرائمري تعليم پنهنجي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول منجهان حاصل ڪري چوٿون ۽ پنجون ڪلاس پرائمري اسڪول مريد تنيو منجهان ۱۹۷۷ع ۾ پاس ڪيو. ۱۹۸۲ع ۾ ميٽرڪ هاءِ اسڪول راڏڻ منجهان پاس ڪيائين. ۱۹۹۱ع ۾ ڊگري ڪاليج خيرپورناٿن شاهہ منجهان انٽر جا امتحان پاس ڪيائين. ان کان پوءِ گورنمينٽ پوليٽيڪنيڪل ڪاليج وحدت ڪالوني حيدرآباد منجهان آٽو ڊيزل ۾ ڊپلوما ۸۸_۱۹۸۷ع جا امتحان پاس ڪري ڊگري حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ ۱۹۹۴ع ۾ B.A ۽ ۱۹۹۶ع ۾ M.A ڊگري ڪاليج خيرپورناٿن شاهہ منجهان پاس ڪيائين. ان کان بعد ۱۹۹۸ع ۾ B.Ed سنڌ يونيورسٽي ڪيمپس حيدرآباد ۽ ۲۰۰۰ع ۾ M.Ed ايگريڪلچر يونيورسٽي ٽنڊوڄام منجهان پاس ڪيائين. ڪيس ۲۰ نومبر ۱۹۹۰ع ۾ تعليم کاتي ۾ ورڪشاپ انسٽرڪٽر انجنيئر (استاد) مقرر ڪيو ويو. سندس پهرين پوسٽنگ هاءِ اسڪول شاهہ پنجو سلطان ۾ ٿي. ان کان بعد ۲۴

سيپٽمبر ١٩٩١ع ۾ سندس بدلي هاءِ اسڪول وَن ميهڙ ۾ ٿي. اڄ تائين هن اسڪول ۾ خدمت سرانجام ڏئي رهيو آهي.

محترم صاحب خان چنو پرائمري استاد هو ته ان سان گڏ سماجي ڪمن ۾ بہ اڳيرو رهيو. پاڻ شجاع آباد منجهان ڪيترن ئي مٽ مائٽ ۽ غريب ماڻهن جون اڪيون ڪرايائين. ڪيترين ئي مسجدن لاءِ جوهي ۽ ڦلجي منجهان نُخون نهرائي پنهنجي ڪيسي منجهان ڪرايو پري مسجدن ۾ پهچائي ايندو هو. ان سان گڏ غريب ۽ بي سهارا ماڻهن کي راشن وني ڏيڻ، شادي وغيره لاءِ خرچ ۽ سامان وني ڏيڻ، شادي ۽ غمي ۾ مالي مدد ڪرڻ ۽ عيد وغيره جهڙن خاص موقعن تي سيٽو سامان وني ڏيڻ سندس شوقيہ ڪم رهيا. ١٩٩٨ع ۾ سندس وفات ٿي. صاحب خان جي وفات سان اهو فلاحي ڪم ختم نہ ٿيو بلڪ ان کي سندس فرزند شفيق احمد سٺي نموني جاري رکيو. محترم صاحب خان جي احسانن هيٺ رهڻ واري سندس قريبي هڪڙي شخص سِلو اهو ڏنو جو سندس پٽ شفيق احمد کي ڌاڙيلن هٿان ١١ سيپٽمبر ١٩٩١ع ۾ اغوا ڪرايائين. ڪافي ڪوشش ڪان بعد ڪيس هڪ لک روپين جي عيوض ١٤ نومبر ١٩٩١ع ۾ آزاد ڪرايو ويو. صاحب خان ان ڳالھ کي بہ صبر سان برداشت ڪيو. انهيءَ وقت سندس خاندان کي تمام گهڻو پريشان ڪيو ويو، جنهن ڪري پاڻ اتان هجرت ڪري ميهڙ ۾ هميشہ لاءِ رهائش اختيار ڪيائين. ميهڙ جي پنڊ محله ۾ هڪ جاءِ ڪرائي تي وٺي رهڻ لڳو. انهيءَ سال ئي لال شاھ ڪالونيءَ ۾ پنهنجو پلاٽ خريد ڪري پنهنجي رهائش لاءِ گهر جوڙايائين. شفيق احمد پنهنجي والد صاحب سان گڏجي پنهنجي ڏاڏي خليفي احمد فقير عرف امان الله چنو جي نالي سان هڪ ويلفيئر شروع ڪري فلاحي خدمت ڪرڻ شروع ڪئي. خليفو احمد صاحب بہ پنهنجي وقت جو عوام جو هڏڏوکي، همدرد، اوطاقي جوان ۽ سماجي خدمتگار انسان رهيو. سندس اوطاق تي ڪڇي ۽ ڪاڇي جي مسافر مهمانن کي رهائش ۽ کارائڻ جو بندوبست هر وقت ڪيو ويندو هو.

جنهن وقت منيرالحق چنو (شفيق احمد جو وڏو ڀاءُ) جڏهن ميهڙ جي خواجه نورمسجد جو متولي ٿيو تہ محترم شفيق احمد انهيءَ مسجد جي پراڻي اڏاوت کي ڊهرائي مسجد جي نئين نعمير ڪرائي. ان کان علاوه قرة العين مسجد مڪراني محله ميهڙ جڏهن مين روڊ کان ڪافي هيٺ ٿي وئي

تہ مسلمان پائرن جي تعاون سان ان جي بہ نئين اڏاوت ڪرائي مٿي ڪرايائين. اهڙي طرح ڪيترين ئي مسجدن ۽ غريب عوام جي مدد ٻين جي تعاون سان جاري رکيون اچي ٿو. ٢٠١٠ع واري مها ٻوڏ ۾ بہ ”امان ويلفيئر“ جو اهم ڪردار رهيو. انهيءَ ٻوڏ دوران ماڻهو پنهنجا زيور، قيمتي سامان ۽ گهريلو سامان سندس گهر ۾ بطور امانت رکي بي فڪر رهيا. هيءَ ويلفيئر ماڻهن کي روزا رکرائڻ ۽ روزا کولرائڻ جهڙن ڪمن ۾ پيش رهي. ٢٠١٣ع ۾ جڏهن هن ويلفيئر کي رجسٽر ڪرائڻ لاءِ دادو آفيس ۾ ڪاغذ جمع ڪرايا ويا تہ انهي نالي سان ملندڙ جُلندڙ ٻيون ويلفيئر رجسٽر هئڻ ڪري انهيءَ جو نالو تبديل ڪري ”الشفيق ويلفيئر ايسوسيئيشن“ رکيو ويو. انهيءَ نالي سان هن ويلفيئر کي رجسٽر ڪرايو ويو. هيءَ ويلفيئر باقائده رجسٽر ٿيڻ کان بعد فلاحي ڪمن ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي رهي. الشفيق ويلفيئر ڪيترن ئي مسڪين جوڙن جون شاديون ڪرائي انهن کي ڏاج جي مَد ۾ ڪيتروئي گهريلو سامان بہ ونئي ڏنو. ان ڪان علاوه غريب، مزدور ۽ هارين جي اولاد جا رسم طهر بہ ڪرايا، ڪيترائي ادبي پروگرام ۽ ميڙاڪا بہ ڪرايا. الشفيق ويلفيئر کي ”آس ويلفيئر“ جي نالي سان مشهور ڪيو ويو. هن ويلفيئر غريب شاگردن ۾ اسڪولي ڊريسون، ڪتاب ۽ ڊڪشنريون بہ تقسيم ڪيون. هن ويلفيئر تحت هڪ اسڪول ” الشفيق پبلڪ اسڪول“ جي نالي سان قائم ڪري تعليمي ميدان ۾ بہ خدمت ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي. هن ويلفيئر جي سهڪار سان ميهڙ جي سرڪاري اسپتال ۾ بہ دفعہ مفت اکين جون ڪئمپون ۽ لال شاھ ڪالوني ۾ هڪ دفعو ڏندن جي فري ڪيمپ پڻ لڳرائي وئي. هن ويلفيئر هڪ بولان ڪيري گاڏي خريد ڪري ان کي ايمبولنس سروس ۾ تبديل ڪيو. جنهن ڪري ايمبولنس سروس جي خدمت پڻ جاري آهي. هي سڀ خدمتون شفيق احمد پنهنجي ذاتي خرچ تي ڪندو رهي ٿو. ساٿس تعاون ڪرڻ وارا تمام ٿورڙا آهن، جنهن ڪري ساٿس تعاون تمام گهٽ ٿيندو آهي.

محترم شفيق احمد چنو صاحب ٻين جو درد دل ۾ رکڻ وارو ۽ فلاحي ڪمن ۾ نمايان رهڻ وارو انسان آهي. پاڻ شاعري جي صنف تي بہ پاڻ کي آزمائيندو رهي ٿو. شاعري ۾ سندس استاد محترم امان الله عرف ناظم منگي صاحب آهي.

محترم شفيق صاحب هاءِ اسڪول وَن ميهڙ ۾ ۲۵ سالن کان وڌيڪ جو عرصو تدريسي خدمت ۾ مصروف رهيو آهي. پاڻ رياضيءَ جو قابل استاد آهي. ان کان علاوه سالن کان وٺي ڇهين کان ڏهين درجي تائين جي ڪلاسن جو ڪلاس ٽيچر پڻ رهيو آهي. الله رب العزت ڪيس اڃان به وڌيڪ توفيق عطا فرمائي ته جيئن پاڻ غريبن جي مدد ڪندو رهي.

۸۲ قاضي شفيق احمد مهيسر

قاضي شفيق احمد بن قاضي عبدالحميد مهيسر صاحب تاريخ ۳۰ رجب ۱۳٦٦ھ مطابق ۱۹ جولاءِ ۱۹۴۷ع بروز خميس تي ڳوٺ قاضي عارف ۾ پيدا ٿيو. قاضي سندس خانداني لقب آهي. پاڻ پنهنجي تعليم هاءِاسڪول ون ميهڙ، جامعه عربيه هاءِ اسڪول حيدرآباد مان حاصل ڪيائين. ۱۹٦۵ع ۾ ايس ايم ڪاليج ڪراچيءَ مان انٽر ڪامرس ۾ پاس ڪيائين. ۱۹٦۸ع ۾ سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد منجهان بي اي (BA) پاس ڪيائين. ۱۹۷۰ع ۾ اتان ئي پوليٽيڪل سائنس ۾ ايم اي (MA) پاس ڪيائين. ۱۹۷۳ع ۾ سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد مان L.L.B جو امتحان پاس ڪيائين. قاضي شفيق احمد صاحب سياست ۾ به حصو وٺڻ شروع ڪيو. پاڻ ۱۹۷۹ع ۾ "PNP" جو صوبائي صدر ٿيو. ۱۹۸۵ع ۾ "MPA" منتخب ٿيو. ۱۹۹۵ع کان پاڪستان پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو گروپ جو صوبائي نائب صدر ٿيو. مير مرتضىٰ ڀٽو صاحب جي شهادت کان بعد پاڪستان پيپلز پارٽي سان ئي وابسته رهيو. پاڻ سياسي اختلافن سبب جيل جون صعوبتون به سٺائين. قاضي صاحب روڊن وغيره جي ٺيڪيداري به ڪندو رهيو. پاڻ زميندار خاندان جو فرد هو، جنهن ڪري ڪيس موروثي زمين به ڪافي مليل هئي. پاڻ پنهنجي علائقي ۾ معزز شخصيت جي حيثيت سان زندگي گذاريائين. پاڻ نيڪ سيرت، بااخلاق، همدرد، مانيٽي طبيعت وارو، ڪم گو، سلجهيل انسان، عاشق رسول، صوم و صلوات جو پابند ۽ بهترين ڪردار وارو انسان رهيو. غريبن جو هڏڏوڪي ۽ همدرد رهيو. سماجي ڪمن ۾ ڏاڍي جوش ۽ ولولي سان پهل ڪندو رهيو. پنهنجي ڳوٺ ۾ روڊ رستا، اسپتال، اسڪول، ڊگري ڪاليج ۽ واٽر سپلاءِ به سندس ڪاوشن جو نتيجو آهن. سماجي ڪمن ۾ هميشه اڳرائي ڪندڙ انسان رهيو. ٻين جي ڪم اچڻ ۾ خوشي محسوس ڪندو هو.

سندس طبيعت بہ سردار ڊاڪٽر ممتاز علي سوڍر صاحب جيان هوندي هئي. پاڻ کو باڊي گارڊ يا سيڪيورٽي گارڊ نہ رکيائين. ڪنهن چور ۽ لوفر قسم جي انسانن کان هميشہ ڪناره ڪش رهيو. سندس اهڙي قسم جي ماڻهن سان پوندي ئي ڪونہ هئي. سردار ڊاڪٽر ممتاز علي سوڍر صاحب سان گهري ۽ دلي دوستي هوندي هئس. سندس ڪردار عام رواجي زميندارن ۽ وڏيرن کان ڪافي مختلف رهيو. ميهڙ جي هن بهترين طبيعت جي مالڪ شخصيت ٣ شعبان ١٤٣٣ھ مطابق ٢٣ جون ٢٠١٢ع بروز ڇنڇر تي ڪراچيءَ ۾ وفات ڪئي. کيس سوين آلين اکين سان سندس اباڻي ڳوٺ قاضي عارف جي قبرستان "آدم شاھ بخاري" ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

٨٣ شمس الدين ابن ضياء ابڙو

علم انسان جي ٿين اک هوندي آهي، جنهن جي ذريعي هو مخصوص لکيرن جي زبان پڙهي ۽ سمجهي سگهندو آهي. علم انسان جي شخصيت کي نکاري ڇڏيندو آهي. انسان جي عظمت علم ۾ ئي پوشيده هوندي آهي. علم جي ڪري ئي کيس اشرف المخلوقات جو درجو عطا ٿيل آهي. انسان علم ذريعي اعلیٰ درجو حاصل ڪري سگهندو آهي ۽ علم جي ئي ذريعي پنهنجي خالق تائين رسندو آهي. علم انسان جي ڪردار ۽ گفتگو منجهان جهلڪندي نظر ايندو آهي. علم وارو انسان پريل مجموعي ۾ پٽرو هوندو آهي. اهل علم انسان جي هڪ سڀ کان وڏي خوبي اها هوندي آهي تہ هو ڪم گو هوندو آهي. وقت جي مناسبت سان ضرورت آهر جامع الفاظ ۾ پنهنجي گفتگو ٿورڙي وقت ۾ پوري ڪري وٺندو آهي. ميهڙ جي اهڙي مهان هستي اسان کان ماضي قريب ۾ جدا ٿي. ان مهان شخصيت جو نالو شمس الدين ابڙو آهي.

محترم شمس الدين ابن ضياء ابن بلبل ابڙو ١٢ شوال ١٣٥٣ھ مطابق ١٨ جنوري ١٩٣٥ع بروز جمعي تي ميهڙ شهر ۾ جنم ورتو. پرائمري تعليم مدرسة الاسلام ميهڙ، مئٽرڪ نورمحمد هاءِ اسڪول حيدرآباد، F.A سنڌ مسلم سائنس ڪاليج ڪراچي، گريجوئيشن ڊي جي (ديارام جيٺ مل) سنڌ گورنمينٽ سائنس ڪاليج، ايم ايس سي ايگريڪلچر ٽنڊو ڄام يونيورسٽي ۽ ايل ايل بي حيدرآباد لا ڪاليج ڪراچيءَ منجهان مڪمل

ڪيائين. ١٩٥٨ع ۾ سنڌ يونيورسٽي جي حيدرآباد ڪيمپس منجھ باٽني جو ڊيمانسٽريٽر مقرر ٿيو. پاڻ ٽنڊو جان محمد، عمر ڪوٽ، جوهي ۽ سيوهڻ ۾ تعلقه ڪائونسل جو سيڪريٽري ٿي رهيو. ان کان پوءِ پاڻ ڪائونسل دادو جو سيڪريٽري ڊسٽرڪٽ پڻ ٿي رهيو. ايم ايس سي مڪمل ڪرڻ کان بعد ڏوڪري ۽ دادو ۾ ريسرچ آفيسر مقرر ٿيو. ان کان بعد ايگريڪلچرل ڊولپمينٽ بئنڪ آف پاڪستان ٽنڊو محمد خان ۽ حيدرآباد ۾ مئنيجر ٿي رهيو.

سندس خاندان پوري سنڌ ۽ هند ۾ علمي ۽ ادبي مقام جي اونچي مقام تي رهيو آهي. محترم شمس الدين تي سندس ڏاڏي رئيس شمس الدين بلبل جو نالو رکيو ويو. رئيس بلبل صاحب جو علمي مقام مسلم رهيو آهي. صحافت جو ڏاڏو آدم، طنز و مزاح جو امام، سليس سنڌي اخبار نويسي جو موجد، برک سياستدان، علمي ۽ ادبي افق جو روشن ستارو، رئيس القلم، ملڪ الشعراء ۽ عوامي خدمت ۾ اعليٰ مقام جو حامل قومي هيرو محترم شمس الدين "بلبل" صاحب آهي. سندس خاندان جو هي سپوت (شمس الدين ابن ضياء) علمي مقام جي متاهين درجي تي فائز هو. سندس علمي استعداد جو اندازو سندس لکڻين منجهان آسانيءَ سان لڳائي سگهجي ٿو. سندس جاندار لکڻيون سندس ڪماليت علمي جو زنده ثبوت آهن. راقم جي ملاقات سائنس ٢٠١٧ع ۾ هن ڪتاب جي مواد حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ "بلبل هائوس" ميهڙ ۾ ٿي. پاڻ عمر جي آخري حصي ۾ داخل ٿي چڪو هو، پر پوءِ به سندس ڪتابن سان چاهه ڏسي تعجب لڳو. سندس بنگلي ۾ بهترين لائبريري ڏسڻ ۾ آئي. وٽس ناياب ڪتابن جو هڪ بهترين ذخيرو ڏٺو. جڏهن کيس پنهنجي اچڻ جو مقصد بيان ڪيم ته چوڻ لڳو ته بابا ڏاڍو ڏکيو ڪم اٿئي لکڻ ۽ ڪتاب مرتب ڪرڻ، چو ته جاندار لکڻي ڪتاب جي اصل سونهن هوندي آهي. جاندار لکڻي لاءِ صرف مطالعو ڪافي نه هوندو اٿئي، ان لاءِ تمام گهڻو مشاهدو ۽ مڪالمو به لازمي اٿئي. ڪتاب جو مواد گڏ ڪرڻ خود هڪ ڪٺن ڪم آهي ته وري ان کي ترتيب ڏيڻ لاءِ بهترين الفاظ جو ذخيرو به اهميت جو حامل اٿئي. ان سان گڏ لفظن ۽ جملن جي جوڙجڪ ۽ مناسب ۽ لڳاپو رکندڙ لفظن جو انتخاب به لازمي امر آهي. مطلب ته لکڻ جي باري ۾ سندس تاثرات بڌي حيرت ٿي ۽ مايوسي ٿيڻ لڳي

تہ شايد ڪتاب لکڻ منهنجي وس جي ڳالهہ نہ آهي، منهنجي چهري تي مايوسيءَ جا آثار ڏسي چوڻ لڳو تہ پٽ! شايد منهنجون ڳالهيون توکي نہ وڻيون، مون تہ توکي ڪجهہ لکڻ جا گُر ٻڌائڻ تي چاهيا، نہ ڪي توکي مايوس ڪرڻ منهنجو مقصد هو. هيڏانهن اچ ۽ منهنجي پر ۾ ويهہ، جڏهن سندس پرسان وينس تہ چوڻ لڳو تہ بابا! منهنجي ڳالهہ هينئن سان هنڊائي رکجانءِ. علم ۽ ادب ٻہ هڪ قدرتي ڏات آهي، اها آفاقي امانت آهي، ان مانت ڪي سنڀالڻ ۽ ان جو حق ادا ڪرڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ نہ آهي. انسان ڪٿي جذبات ۾ ٻهڪي ويندو آهي، تہ ڪٿي وري ڪنهن کان متاثر ٿي ويندو آهي، تہ ڪٿي وري ڪنهن زور بار جي ڪري مجبور ٿي ويندو آهي، سو منهنجي وصيت اٿئي تہ هميشہ حق ۽ سچ کي قابو رکجانءِ. علم ۽ ادب ۾ قدرتي ڏاتوَ کي صحيح سِمت ۾ استعمال ڪجانءِ ۽ جيترو ٿي سگهئي تہ ايندڙ نسل لاءِ هڪ عمده زندگيءَ جو نمونو ۽ اتساهہ پيدا ڪرڻ وارو مواد قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪجانءِ. ان کان بعد مون کي ڪافي مواد جي طرف رهنمائي ڪيائين. چوڻ لڳو تہ بابا جڏهن بہ جنهن بہ شيءِ جي ضرورت پَوئِي بنا ڪنهن ڪُنڪي جي مون وٽ هليو اچجانءِ، انشاءَ الله پنهنجي وس آهر هر ممڪن سهڪار ۽ مدد ڪندس، حتيٰ ڪہ اگر ڪتاب جي پبلشنگ جي خرچ ۾ پئسي جو بہ مسئلو پيش اچئي تہ ايئن نہ سمجهجانءِ تہ ڪو مان تنهنجو غير آهيان. سندس ان ڳالهہ تي ڏاڍو تعجب لڳو تہ پهرين ملاقات ۾ ايتري شفقت چو؟ مون ڪيس وراڻيو تہ سائين مان توهان وٽ مواد جي حصول جي سلسلي ۾ حاضر ٿيو آهيان، الحمد لله، الله رب العزت جي فضل ۽ ڪرم سان مون وٽ گنج آهي، مون کي مالي سهائتا جي ضرورت نہ آهي، بس مواد جي سلسلي ۾ منهنجي رهنمائي ڪريو. ان تي کلي وراڻيائين تہ بابا! وري منفي سوچ طرف هليو وئين نہ! ايئن هرگز نہ آهي تہ مون ايئن سمجهيو آهي تہ ڪو مون وٽ مالي سهائتا جي لاءِ آيو آهين، پر اصل ڳالهہ هيءَ آهي تہ اسان وٽان ڪتاب پڙهڻ جو ذوق آهستي آهستي موڪلائي رهيو آهي. ماڻهو ڪتاب خريد ڪرڻ جي بجاءِ اعزازي ڪاپي وٺڻ کي پسند ڪندا آهن، وري ڪاپي وٺڻ کان پوءِ ان کي پڙهڻ وارا بہ تمام گهٽ هوندا آهن. سو اگر مون تنهنجي ڪجهہ مدد ڪئي تہ توکي وري ٻيو ڪتاب آڻڻ جي ڪجهہ همٿ، حوصلو ۽ شوق جاڳندو، سو توکي همٿائڻ لاءِ ٿي چيم ۽ مون

ڪي خوشي ٿيندي تہ ان محنت ۾ منهنجو بہ ڪجھ حصو شامل هوندو. ساڻس پهرين ملاقات ۾ ئي سندس عمده اخلاق، محبت، علم ۽ ادب سان چاهہ ۽ اسان جهڙن جي رهنمائي ڪرڻ ۾ حريص هئڻ جو معترف ٿي ويس. سندس ڳالهين منجهان ادبي ذوق جهلڪي رهيو هو. سندس چاهت هئي تہ ڪجھ نہ ڪجھ ادبي ميدان جي ماڻهن لاءِ رستو هموار ڪندو هلان. ان ڪان پوءِ پنهنجو ترتيب ڏنل ڪتاب "محسن قوم، شمس العلماءِ، ملڪ الشعراءِ سنڌ، رئيس شمس الدين بلبل" سوکڙي ڏنائين. اهو ڪتاب ڪٺي واپس ٿيس. ان ڪتاب ۾ سندس لکيل مضمون پڙهي سندس لکڻي جو اعتراف ڪيم تہ واقعي ادبي ۽ علمي افق جو چمڪندڙ ستارو آهي. سندس گفتگو ۽ لکڻين منجهان علم جهلڪندي نظر ٿي آيو. سندس صحبت منجهان ڪجھ فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ ڳاهي ڳاهي وٽس ويندو رهيس. هر دفعي ساڻس ملڻ ڪان بعد هڪ پنهنجائپ ۽ اُنس محسوس ٿيندو هو. هڪ دفعي ڪانئس ان مهربانيءَ جو سبب پڇڻ جي جسارت ڪري وينس. منهنجي ان سوال تي مسڪرائيندي جواب ڏنائين تہ پٽ! تو سان منهنجي روح جو رشتو آهي. سي ڪان پهريان تہ ادب جي ميدان ۾ نئون نئون آيو آهين. تون هڪ طالب علم آهين. طلب علم ڪرڻ وارن جي قدمن هينان فرشتہ بہ پنهنجا پَر وڇائيندا آهن، طالب علم منهنجي لاءِ بہ قابل عزت آهن، سو ان ڪري تنهنجي عزت ڪندو آهيان ۽ تنهنجو حوصلو وڌائڻ چاهيان ٿو، ٻيو تہ تون ان ذات جو فرد آهين، جنهن منهنجي بابا سائين جي حسن تربيت جو اعلىٰ ۽ عمده مثال پيش ڪري اسان کي پنهنجو زر خريد ڪري ڇڏيو هو.[19] تو سان ملي ان هستي جي ياد تازي ٿي وڃي ٿي. تون ان هستيءَ جو رشتيدار آهين، ان ڪري تو سان ايترو چاهہ اٿم. محترم شمس الدين صاحب تمام گهڻو سخي هو شروع ڪان ئي گهر ۾ مائٽ، چاڻ سڃاڻ وارا، پاڙيسري، غريب مسڪين ماڻهو، ضرورت مند ۽ حاجتمند ڪثير تعداد ۾ وٽس ايندا هئا، هر ڪنهن جي حيثيت آهر مدد ڪندو هو. گهر وارن ۽ نوڪرن کي سندس چوڻ هو تہ ماني ڪانسوا ڪوبہ مهمان واپس نہ وڃي.

ميهڙ ۾ گرلس اسڪول بلبل هائوس جي پرسان آهي، جنهن ڪري اسڪول ٽائيم ٽائين بار ٻاٽي پيئڻ اتي ايندا هئا، پاڻ انهن لاءِ پاڻي جا وڏا ڪولر پرائي ان ۾ برف وجهرائي رکندو هو، اهي ٻار وري ٻير بہ ڪائيندا

هئا، اوطاق ۾ تمام گهڻا وڻ هوندا هئس، اتي پهريان ٻيرن جو هڪ باغ هو، ميهڙ جي تقريبًا هر ماڻهوءَ کي ان باغ جا ٻير ياد ضرور هوندا، ڇو جو ان جا ٻير ۽ زيتون شهر جا ٻار توڙي وڏا سڀ ئي کائيندا هئا، ڪنهن کي به ڪا روڪ ٽوڪ نه هوندي هئي. اسڪول مان وري استاداڻيون مختلف شيون گهرائينديون هيون. ڪنهن کي ڪا مٽي جي سور جي ٽيبليٽ، ڪنهن کي ڇانهن، برف، ٽٽو پاٽي يا ٻي ڪابه ضروت جي شيءِ کپندي هئي ته پاڻ خوشي خوشي هر ڪنهن جي مدد لاءِ تيار هوندو هو ۽ اولاد کي به اها ئي تلقين ڪندو رهندو هو. وٽس ديوار ۾ لڳل هڪ اسٽينڊ ۾ تمام گهڻيون چاٻيون هونديون هيون، جن جي ترتيب ڪيس ياد هوندي هئي، پاڻ ڪنهن کي به چوندو هو، اب نمبر هُڪَ جي فلاڻي چلي ۾، اب نمبر چاٻي اوطاق يا گاڏي يا ڪنهن الماري جي آهي ڪٿي وڃو ۽ ڪو ڪتاب يا ڪو به سامان ڪٿي اچڻ لاءِ چوندو هو. ڪيس پهنجي ذاتي لائبريري ۾ موجود سمورن ڪتابن جي يا ٻئي سامان جي ترتيب بلڪل ياد هوندي هئي. بلبل هائوس سندس رهائش گاهه، اوطاق، لائبريري ۽ ادبي پروگرامن جو مرڪز هوندو هو. ڪوبه ادبي پروگرام ڪرڻ لاءِ ڪيس چيو ويندو هو ته نه رڳو خوشي سان پنهنجي رهائش گاهه ۾ پروگرام جي اجازت ڏيندو هو پر سيني ماڻهن جي ماني جو انتظام ۽ خرچ به پاڻ ڪندو هو. پاڻ ڪتابن جو پروانو هوندو هو. هر ڪتاب کي مقدس ڪتاب سمجهندو هو. ڪتابن جي سنڀال جي معاملي ۾ تمام سخت رهيو. ڪتاب جو ورق ڇٻو ڪرڻ، ميرو ڪرڻ يا ڪو ليڪو وغيره پائڻ ڪيس تمام گهڻو برو لڳندو هو، گويا اها ڪتاب جي توهين سمجهندو هو. محترم شمس الدين صاحب دوستن جي پرگهور لهڻ ۾ به نمايان رهيو. اگر ڪنهن دوست سان ملاقات ٿئي ڪجهه وقت گذري ويندو هو ته ڪيس نياپو ڪري يا فون ڪري گهرائيندو هو ته يار! ايتريون دوريون مناسب نه آهن، اچي ديدار ڪرائي وڃ، ڏاڍي سِڪ لڳي اٿم، ٻيلي قرب جا قدم ڪٿي اسان جي آستاني کي شرف بخشي وڃ. ڪيس لکڻ پڙهڻ سان گڏ مهمان نوازي، سخاوت ۽ ظرافت به ورثي ۾ مليل هئي. پاڻ پنهنجي وڏڙن جي واقعي باقيات صالحيات هو. تعليمي خدمت سان گڏ هر آئي کي عزت ڏيڻ سندس شيوا هو. پاڻ مهمانن کي سنو ڪارائڻ ۾ خوشي محسوس ڪندو هو. انهن تي دل کولي خرچ ڪندو هو. منجهس سنڌي زبان جي اوائلي دور

جي الفاظن جو ذخيرو بہ قابل تعريف نظر آيو. پاڻ پنهنجن وڏڙن جي ادبي ۽ علمي ميراث کي ساهہ ۾ سانديندو ٿي آيو. وٽس پنهنجن وڏڙن جو تمام گهڻو علمي ذخيرو موجود هو. انهن کي سهيڙڻ ۽ انهن کي ڇپائي منظر عام تي آڻڻ جو خواهشمند هو. پاڻ تخلص "شمس ابن ضيا ابن بلبل" استعمال ڪندو هو. پاڻ ڪوشش ڪري هر ان ڪتاب ۽ هر ان رسالي يا اخبار کي بہ سانديندو ٿي آيو، جنهن منجهہ سندس آباء و اجداد تي ڪجهہ رقم طرازي ڪئي وئي هئي. محترم شمس الدين صاحب پاڻ هڪ بهترين محقق، اديب ۽ شاعر رهيو. اها ڏات کيس ورثي ۾ ملي هئي. سندس حياتيءَ تائين بلبل هائوس عالمن، اديبن، ليکڪن، شاعرن ۽ محققن جو مرڪز رهيو. وٽس اڪثر اهل علم حضرات استفادو ڪرڻ لاءِ حاضر ٿيندا هئا. پاڻ علمي ادبي سرگرمين ۾ وڏي حصو وٺندو رهيو. ادبي بزمن جو روح روان رهيو. مشاعرن، علمي ڪانفرنسن، ليڪچررن ۽ پروگرامن ۾ برابر شريڪ ٿيندو رهيو. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ ۱. وياج ۽ ان جون تباهہ ڪاريون، سندس ترتيب ڏنل ڪتابن ۾ ۱. بلبل سنڌ، ۲.رحيما لطيف، ۳.محسن قوم، شمس العلماءِ، ملڪ الشعراءِ سنڌ، رئيس شمس الدين بلبل، شامل آهن. ان کان علاوه سندس ڪيترائي مضمون ۽ مقالا ڇپيل آهن. سندس قلمي مواد ۾ "(A profile) A Dynamic personality of Raees Shamsuddin Bulbul" ڪافي اهميت جوڳو ڪتاب موجود آهي. پاڻ جنهن علمي گهراڻي جو فرد آهي، ان خاندان کي شاعري تہ ڄڻ ڪ ورثي ۾ ملندي آئي آهي، ان ورثي منجهان کيس بہ حصو وافر مقدار ۾ نصيب ٿيو. سندس شاعري ۽ تصنيفات تي مبني ڪافي ڪتابن جو مواد قلمي صورت ۾ سندس اولاد وٽ موجود آهي.

سنڌ جي علمي خاندان جي هن گوهر ناياب ۵ ربيع الاول ۱۴۴۰هہ مطابق ۱۴ نومبر ۲۰۱۸ع بروز اربع تي راهہ رباني اختيار ڪري ميهڙ جي علمي ۽ ادبي گلشن کي الوداع چيو. سندس وڇوڙي هن چمنستان کي سنسان بڻائي ڇڏيو. علم جي ميدان جي جاکوڙي جوانن جي سرپرستي جو هيءُ باب بند ٿي ويو. سندس رهنمائي ۾ جيڪي تحقيق جا متوالا اچي حاضر ٿيندا هئا، انهن پاڻ کي يتيم محسوس ڪيو. هي هڪ اهڙي شخصيت جو وڇوڙو هو، جيڪا اسان ميهڙ وارن جو گڏيل سرمايو هئي. هيءُ

شخصيت پنهنجي وڏڙن جي روايتن ۽ خدمتن جو تسلسل هئي. هي گهراڻو اسان سنڌ بلڪ پاڪستان وارن جو محسن گهراڻو رهيو آهي. هن خاندان جيڪي انمول انسان پيدا ڪيا آهن، انهن محسنن جا احسان اسان تي هميشہ ڪان رهيا آهن. سندن علمي، ادبي ۽ سماجي خدمتون هرگز وسارڻ جوڳيون نہ آهن. آخر ۾ اهو افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ جيڏي وڏي علمي شخصيت ۽ معلومات ۽ ادبي ذخيري جو مالڪ هو، ان جي اڌ برابر بہ سندس قدر اسان نہ ڪيو. هاڻي سواءِ ڪفِ افسوس ملڻ جي ٻيو ڪجهہ ڇا ٿو ڪري سگهجي. ايڏو وڏو سرمايو اسان وڃائي ويناسين. هن شخصيت جو وڇوڙو ڪنهن وڏي سانحي کان گهٽ نہ آهي. اميد آهي تہ هن گهراڻي جو ڪو فرد وري پنهنجي خانداني ورثي کي سنڀالي قوم جي رهنمائي جو تاج پهري جلد نروار ٿيندو ۽ پنهنجي قوم جي رهبري ۾ پنهنجو ڪردار احسن طريقي سان ادا ڪندو.

٨۴ ضياءُ الدين"ضياء" ايس بلبل

اسان جي سنڌ جي سبز سرزمين هر دور ۾ علمي شهپارن سان آباد رهي آهي. هر دور ۾ علماء ڪرام ولي الله، قرآء حضرات، محقق، دانشور، ڏاها، سگهڙ، شاعر، اسڪالر، جوڌا جوان ۽ بهادر انسان هن سرزمين تي جنم وٺندا رهيا آهن. هن سرزمين جي جهولي هري ڀري رهي آهي. هن زرخيز زمين منجهان گلشن کي پنهنجي جوت سان روشن ڪرڻ وارا، پنهنجي سڳنڌ سان مهڪائڻ وارا پيدا ٿيندا رهيا آهن. علمي خدمت هجي يا ادبي خدمت هجي، سماجي خدمت هجي يا سياسي خدمت هجي پر هن سنڌ سونهاريءَ جي عظيم سپوتن پنهنجا جوهر ڏيکاريا آهن. هي عظيم سپوت پنهنجي شخصيت، وجاهت، علمي ۽ ادبي معيار ۽ خدمت ۾ پاڻ مڃرائي چڪا آهن. هنن سپوتن پنهنجي رت جو عطيو ڏئي هن گلشن کي سرسبز رکيو آهي. اهڙن عظيم سپوتن منجهان هڪ قابل فخر سپوت رئيس شمس الدين بلبل جي علمي خاندان جو هردلعزيز رهندڙ جوان رئيس ضياءُ الدين ضياء بہ آهي. پاڻ رئيس شمس الدين بلبل جي علمي آشياني جو روشن چراغ هو. ضياءُ الدين ضياء صاحب جي وڃڻ سان جيڪو خال پيدا ٿيو سو پرجڻ ۾ وري ڪافي وقت لڳندو.

رئيس شمس الدين بلبل صاحب تي شاديون ٿيون. ڪيس هڪ پٽ عبدالفتاح ئي هو. بلبل صاحب پنهنجي محسن ۽ دوست حضرت مولانا غلام محمد سوڍر جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ دعا جي لاءِ عرض ڪيو.[٢] رئيس صاحب اڳي ئي پنهنجي خداداد صلاحيتن ۽ خدمتن جي ڪري پنهنجي دوستن جون دليون کٽي چڪو هو. مولانا غلام محمد صاحب ان دور جو مشهور عالم دين ۽ مجذوب ولي الله هو. سائين جن رئيس بلبل صاحب کي پيار منجهان "بلبلو" چوندو هو. رئيس پنهنجي ان درويش دوست جي ان پياري نالي تي ڏاڍو خوش ٿيندو هو. مولانا غلام محمد سوڍر صاحب رئيس بلبل صاحب کي فرمايو تہ انشاءَ الله ايندڙ سال ننڍڙو توهان جي هنج ۾ هوندو. الله وارن جي زبان منجهان نڪتل لفظ حرف بہ حرف سچا ٿيندا آهن. سو رئيس بلبل صاحب جي گهر ۾ ١٢ ذوالحج ١٣٢٨ھ مطابق ١٥ ڊسمبر ١٩١٠ع بروز خميس ٿئين گهرواري جي بطن منجهان هڪ عظيم معصوم ٻار جنم ورتو. رئيس بلبل جي نالي جي نسبت قائم رکندي سندس نالو ضياءُ الدين رکيو ويو. ننڍڙي ضياءُ الدين جي ولادت تي بلبل صاحب ڏاڍيون خوشيون ملهايون ۽ دل کولي خيرخيراتون ڪيون، مشاعرن ۽ محفلن جو اهتمام ڪيو ويو ۽ ڪيترا ئي ڏينهن مسڪينن ۽ فقرائن لاءِ ديڳيون پچنديون رهيون. ان معصوم ضياءُ الدين جي ولادت کان ٿوري ئي عرصي بعد سندس امڙ وفات ڪري وئي. رئيس بلبل صاحب جي رفاقت سائين غلام محمد کي ايتري پسند هئي جو سائين پنهنجو ڳوٺ ڇڏي رئيس بلبل صاحب سان گڏ ميهڙ ۾ رهندو هو. جڏهن ننڍڙي ضياءُ الدين جي عمر (٩) نوَ سال ٿي تہ رئيس بلبل صاحب بہ کيس داغ مفارقت ڏيندي يتيم بڻائي پاڻ رب جي طرف راهي ٿيو. وفات کان پهريان ننڍڙي ضياءُ الدين جي پرورش جي ذميواري پنهنجي محسن ۽ عظيم دوست مولانا غلام محمد جي حوالي ڪئي. ان عظيم دوست پنهنجي ان پياري جي گلشن جي ان معصوم گل جي جهڙي طرح خوش اسلوبيءَ سان پرورش ڪئي سا حيرت ۾ وجهندڙ ۽ مثالي هئي. رئيس بلبل صاحب جي وفات وقت مولانا غلام محمد صاحب ضياءُ الدين کي پنهنجي ڪلهن تي کڻي ميهڙ شهر کان بہ ٽي ميل ٻاهر نڪري ويو. ان وقت ننڍڙي کي فرمائڻ لڳو تہ "بابا اڄ هتي اهو آيو آهي جيڪو ٻارن کي يتيم ڪندو آهي، جيڪو مائرن کي رنڙ زال سڏائڻ تي

مجبور ڪندو آهي، جيڪو پٽن ڪان پيءُ ڪسي ونندو آهي. جيڪو مائرن جون جهوليون خالي ڪري ڇڏيندو آهي، ڪانئن پٽ ڪسي ونندو آهي. جيڪو گهرن منجان خوشين جا ڏيئا وسائي ويندو آهي. جنهن جي اچڻ سان هر ماڻهو بي قرار ۽ اشڪبار ٿيندو آهي، جنهن جي اچڻ سان غم ۽ اونده جي فضا طاري ٿي ويندي آهي، جنهن جي اچڻ سان اتي ڪوبہ حيلو ڪارگر نہ ٿيندو آهي، جيڪو ڪنهن بہ ميڙ، منٿ ۽ ست ستاء تي هٿين خالي واپس نہ ويندو آهي. جنهن هزارين گهر ويران ڪري ڇڏيا. بابا ضياء! اچ، پاڻ هن گهر مان نڪري هلون، جيئن هو پنهنجو ڪم پورو ڪري هليو وڃي.“ ضياءُ الدين ننڍپڻ ۾ ئي ابي امان جي سايہ شفقت کان محروم ٿي ويو. سندس تعليم ۽ تربيت جو عظيم فرض مولانا غلام محمد سودر خوش اسلوبي ۽ ڏاڍي چاه سان ادا ڪيو.[٢١] مولانا غلام محمد ڪي عام طرح بلبل صاحب جو گهراڻو ڏاڏو سائين ڪوٺيندو هو. ڏاڏو مجذوب ظاهر ۾ نهايت مجذوب ۽ درويشانہ انداز ۾ زندگي بسر ڪندو هو. تنهن هوندي بہ ننڍڙي ضياءُ الدين جي تعليم، تربيت، خوراڪ ۽ پوشاڪ تي تمام گهڻو ڌيان ڏيندو هو. ڏاڏو مجذوب ان دور جو وڏو عالم، فقيه ۽ صوفي هو. بلبل صاحب سان تہ گڏ رهندو هو پر سندس سان ملاقات ۽ دقيق ۽ لاينحل ديني مسئلن تي تبادلہ خيالات ڪرڻ جي لاءِ هندستان جا وڏا عالم بہ ميهڙ ڪهي ايندا هئا. مولانا ابوالفتح پاني پتي بهشت، دوزخ، آدم عليه السلام جي پيدائش، بهشت مان خروج، وحي ۽ رسالت متعلق ڪئي مسئلا ڏاڏي مجذوب کان حل ڪرايا هئا. ڏاڏو مجذوب ضياءُ الدين کي پنهنجن ڪلهن تي چاڙهي اڪثر ڪڏائيندو ۽ گهمائيندو هو. ڏاڏي مجذوب ننڍڙي ضياءُ الدين کي ايئن پاليو جيئن هو شمع هجي ۽ ڏاڏو سندس پروانو. ننڍڙي ضياءُ الدين سان هر وقت گڏ رهندو هو. جڏهن ننڍڙي ضياءُ الدين جي داخلا سندس والد رئيس بلبل مرحوم جي عطا ڪيل انگريزي اسڪول ٢١ اپريل ١٩٢١ع ۾ ٿي تہ ڏاڏي مجذوب جو البيلو تہ اڳ ۾ ئي هو، ان وقت صبح جو نيرن ڪري ڏاڏي مجذوب جي ڪلهن تي سوار ٿي اسڪول پهچندو هو. چاتہ بخت بالا هو جو اهڙي سواري سندس مقدر ۾ هئي. ڏاڏو مجذوب ساڻس ڪلاس ۾ گڏ وينو هوندو هو ۽ گرميءَ ۾ ڪيس وِجڻو هڻندو هو.[٢٢] ننڍڙي ضياءُ الدين جي تعليم جي سلسلي ۾ جڏهن اهو مسئلو پيدا ٿيو تہ هو انگريزي پڙهڻ ۾ ڪابہ دلچسپي نہ ٿو

وٺي، نـ ئي سبق ياد ڪري ٿو، تڏهن ڏاڏي مجذوب عربي انگريزي ڊڪشنري گهرائي ان کي ڏسي ۽ سمجهي پوءِ ننڍڙي ضياءُ الدين کي سبق ياد ڪرائيندو هو. ان لغت ۾ ڏاڏي مجذوب ايتري تہ مهارت حاصل ڪئي جو پاڻ ننڍڙي ضياءُ الدين کي آخر تائين پڙهائيندو رهيو. ايتري قدر جو اسپيلن لکڻ وقت اسڪول ۾ خود استادن کي بہ سمجهائيندو هو. سندس ان محنت جو اهو نتيجو نڪتو جو ننڍڙو ضياءُ الدين هميشہ چڱا نمبر کڻي پاس ٿيندو هو. مزي جي ڳالهہ تہ اها هئي تہ ڏاڏو مجذوب لغت هميشہ ابتي پڪڙي پڙهندو هو. ننڍڙو ضياءُ الدين اتان درجا پاس ڪري گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي ۾ داخل ٿيو. ميٽرڪ بہ اتي پاس ڪيائين. تنهن کان بعد ڪاليج جي تعليم لاءِ آگسٽ ١٩٣١ع ۾ مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهہ ۾ داخل ٿيو. اتي ١٩٣٨ع ۾ ايم اي ۽ ايل ايل بي جا امتحان فرسٽ ڊويزن ۾ پاس ڪيائين علي ڳڙهہ ۾ ڊاڪٽر سيد ظفرالحسن کان فلسفي جي تعليم ورتائين. ان ڪري ئي سندس خيالات، جذبات، تقرير توڙي تحرير تي فلسفيانہ رنگ هڪڙي طرف تہ ڏاڏي مجذوب جو مجذوبانہ ۽ قلندرانہ اثر ٻئي طرف اخر تائين قائم رهيو. علي ڳڙهہ ۾ ضياءُ الدين نهايت شان ۽ عزت سان تعليم پوري ڪري واپس اچي هتي جي مقامي مسئلن کي حل ڪرڻ لڳو. ميهڙ ۾ ان وقت جي جيد ۽ مشهور عالم، استاد العلماءِ والصلحاءِ حضرت مولانا عبدالڪريم ديروي ۽ جناب سيد علي اڪبر شاهہ صاحب ۽ ٻين عالمن ۽ اديبن جي صحبت ۾ رهڻ ڪري سندس شاعرانہ طبيعت ۾ هڪ قسم جو نئين سر ذوق پيدا ٿيو. جنهن جي تڪميل جي سلسلي ۾ پاڻ پنهنجي والد ماجد جي نسبت سان "بزم بلبل" قائم ڪيائين. ان بزم ۾ سنڌ جا وڏا وڏا عالم ۽ شاعر شرڪت ڪندا رهيا. تعليمي دور نهايت شاندارءِ غير معمولي ذهين شاگرد رهيو، هر امتحان ۾ ڪاليج توڙي يونيورسٽي ۽ ضلعي ۾ پهرين پوزيشن کڻي ڪيترا ئي ايوارڊ، سونا تمغہ ۽ اسڪالرشپس حاصل ڪيائين. بہ دفعہ ١٩٤١ع ۽ ١٩٤٢ع ۾ سول سروس جي امتحان ۾ پهرين پوزيشن کڻي جج جي عهدي لاءِ منتخب ٿيو، پر ڊاڪٽري رپورٽ موجب بلڊ پريشر تمام گهٽو هجڻ ڪري هن عهدي تي فائز ٿي نہ سگهيو.

ضياءُ الدين صاحب اديب، دانشور، شاعر، صحافي، مصنف، مدير،

مفڪر، مقرر، تعليمي ماهر ۽ هڪ برک قانوندان ٿي گذريو آهي، پنهنجي والد محترم جيان سندن شخصيت بہ گهڻ رخي شخصيت ۽ جامع صفت شخصيت هئي. پاڻ بهترين مصور پڻ هو، پين سان نهايت خوبصورت تصويرون ۽ ڪارٽون ٺاهيندو هو. سندن نهيل ڪارٽون بہ اڪثراخبارن ۾ سندس ڪالمن سان گڏ شايع ٿيندا رهندا هئا. هٿ تي ڪاغذ جو ٽُڪرو رکي تڪڙ ۾ ماڻهن کي چٺي لکي ڏيندو هو، سندس عبارت نهايت سنهي، سٺون بلڪل سڌيون ۽ اکر سنهڙا موتين جي داڻن جيان هوندا هيس. ڪاغذ هميشہ بنا ليڪن وارو استعمال ڪندو هو. بهترين انسان هجڻ سان گڏ بهترين وڪيل بہ هو، غريب ماڻهن جا ڪيس بنا فيس جي ڪٽندو هو ۽ انهن کي انصاف ڏيارڻ جي اڻ ٿڪ محنت ڪندو هو.

رئيس ضياءُ الدين جي توجہ ۽ انتظام هيٺ "جمعيت الشعراء سنڌ" پاران " آل سنڌ ادبي ڪانفرنس" بہ ٿي. ١٩٤٣ع ۾ سنڌ مسلم لا ڪاليج ڪراچيءَ ۾ منطق ۽ سنڌي ادب جو ليڪچرار ٿيو ۽ ان سان گڏ بورڊنگ هائوس جو سپرنٽينڊنٽ ٿي پڻ ڪم ڪندو رهيو. ڪجھ وقت ڪان پوءِ ڪن هنگامي ۽ سياسي اختلافن جي پيدا ٿيڻ تي پاڻ استعيفا ڏئي واپس ميهڙ آيو. ڪجھ وقت ڪان پوءِ دادو ۾ اسٽنٽ پبلڪ پراسيڪيوٽر ۽ پوءِ ١٩٥٣ع ۾ دادو ضلعي جو پبلڪ پراسيڪيوٽر مقرر ٿيو. پاڻ اهو عهدو آخر تائين مثالي نموني ۾ سنڀاليندو آيو. وفات ڪان سال اڌ اڳ ۾ ان تان مستعفي ٿي آرام سان گذاريائين. سندس علمي ۽ ادبي خدمتن ۾ پاڻ "بزم بلبل" جو باني، ماهنامہ "اديب سنڌ" جو ايڊيٽر، دادو ۾ "انجمن آفتاب ادب" جو نائب صدر، بار ايسوسيئيشن ميهڙ ۽ دادو جو سرگرم رڪن،"جمعيت الشعراء سنڌ" جو نائب صدر ۽ "قلندر لعل شهباز ميموريل ڪاميٽي" جو سرگرم سرڪردو هو. آخري وقت ۾ هڪ هفتيوار اخبار "تنظيم عوام" (دادو) پڻ هلائي.

رئيس ضياءُ الدين ضياء فلسفي ۽ دينيات جي فاضل هئڻ سان گڏ هڪ مثالي نثر نگار پڻ هو. پاڻ سنڌيءَ سان گڏ انگريزيءَ تي بہ استادانہ دسترس رکندو هو. سندس انگريزي مضمون لنڊن جي انگريزي اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيا.[٢٣] سندس مضمون سنڌ جي سيني روزانہ سنڌي توڙي انگريزي اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن. سندس انگريزي مضمون "ڊان" ڪراچي ۽

"اندس ٽائيمز" حيدرآباد ۾ نهايت دلچسپيءَ سان پڙهيا ويندا هئا. رئيس ضياءُ الدين "ضياء" جي ڪچهريءَ ۾ هر وقت عالم، فاضل، اديب ۽ شاعر ايندا رهندا هئا، جن سان علمي، ادبي، مذهبي ۽ ملڪي مسئلن تي تبادلہ خيالات ڪرڻ سندس پسنديده مشغلو هوندو هو. بلبل گهراڻي جي هن علمي سپوت ٢٨ جمادي الاول ١٣٨٦ھ مطابق ١٤ سيپٽمبر ١٩٦٦ع بروز اربع هزارين چاهيندڙن جي اکين ۾ آب ڏئي داعي اجل جي سڏ تي لبيڪ چئي راهِ رباني ورتي.[24] ڪيس بلبل هائوس جي پرسان پنهنجي والد جي جوڙايل مسجي جي صحن ۾ پنهنجي والد صاحب سان گڏ مٽيءَ حوالي ڪيو ويو. سندس وفات سان ميهڙ جو هڪ علمي باب پڄاڻيءَ تي پهتو.

٨٥ خان صاحب عبدالحميد جتوئي

هن پلاري شخصيت جو جنم ڳوٺ بيٺو/جتوئي ۾ زميندار رئيس قادر بخش جتوئي صاحب جي گهر ۾ ١٣٤٠ھ مطابق ١٩٢٢ع ۾ ٿيو. پاڻ زميندار گهراڻي جو چشم وچراغ هو. خان صاحب پنهنجي ابتدائي تعليم پرائمري اسڪول نوڙها مان حاصل ڪئي. ان کان پوءِ ميٽرڪ تائين تعليم گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميهڙ منجهان حاصل ڪيائين. ميٽرڪ مڪمل ڪرڻ کان بعد خانداني زميينداري کي سنڀالڻ لڳو. پاڻ بچپن کان ئي سلجهيل ۽ قابل هو. ڏاڍو يار ويس انسان ۽ ملنسار طبيعت وارو هئڻ ڪري جلد ئي سندس اوطاق تي ماڻهن جو هڪ هجوم اچڻ شروع ٿيو. پاڻ رعبدار شخصيت جو مالڪ هو. نيڪ سيرت ۽ سچائي سندس سڃاڻپ بڻجي چڪا هئا. آهستہ آهستہ ماڻهو پنهنجا جهڳڙا ۽ مسئلا کڻي وٽس اچڻ لڳا. ٿورڙي ئي عرصي ۾ سندس ڪيل فيصلن جي هاڪ هلڻ لڳي. سندس انصاف تي مبني فيصلا مشهور ٿيڻ لڳا. سندس فيصلن ايتري تہ شهرت حاصل ڪئي جو ٻيا وڏيرا ۽ سردار بہ پنهنجا فيصلا کڻي وٽس حاضر ٿيندا هئا.[25] سندس فيصلا انصاف ۽ ديانتداري تي مبني هوندا هئا.[26] پاڻ خودار طبيعت جو مالڪ هوندو هو. فيصلن ۾ ڪنهن جي بہ رعايت نہ ڪندو هو، فيصلو حق جو ئي ڪندو هو.[27]

خان صاحب کي الله رب العزت طرفان ذهانت، ڏاهپ، دانائي ۽ حاضر جوابي جو سنو مَلڪو عطا ٿيل هو. خان صاحب ڏاڍو زيرڪ انسان هو.

پنهنجي انهن خداداد صلاحيتن جي بدولت سياست جي ڏکين گُرن کي پرکي چڪو هو. ١٩٥٣ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر منتخب ٿي ويو. ڪجهه چالاڪ سياستدانن گڏجي ون يونٽ جو بل منظور ڪرايو. خان صاحب ان ڳالهه کي پرکي صحيح ڪرڻ کان انڪار ڪيو. پاڻ ڏاڍو بي باڪ سياستدان هو. سندس همت، جرئت ۽ دليري جا معترف ان وقت جا ماڻهو بخوبي آهن. خان صاحب ١٩٦٥ع ۾ ويسٽ پاڪستان اسيمبليءَ جو ميمبر منتخب ٿيو ۽ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر منتخب ٿيو ته وري ١٩٧٠ع ۽ ١٩٨٥ع ۾ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. پاڻ مارشل لا واري مسئلي ۾ مخالفت جي ڪري ڪئي دفعا جيل به وڃي چڪو. خان صاحب سياسي ماڻهو ضرور هو مگر سندس انصاف تي مبني فيصلن کي سامهون رکندي سندس عظمت جو اعتراف هر مخالف کي به ڪرڻ گهرجي. خان صاحب جي فيصلن جي تعريف راقم به پنهنجي ٻچپن کان اڪثر عوام جي زباني ۽ پنهنجن وڏڙن جي زباني ٻڌندو آيو آهي. انهن فيصلن جي بدولت ڪيس ولي الله مڃڻ ۾ ڪو حرج نه آهي، بلڪ الله رب العزت جي دربار ۾ سندس لاءِ اها اميد ڪري سگهجي ٿي انهن ڪيل فيصلن جي طفيل الله تعاليٰ سندس ڀيون ڪوتاهيون به معاف فرمائي ڇڏيندو. ان ڳالهه ۾ ڪو شڪ نه آهي ته ڪانئس فطرت انساني تحت ڪجهه فيصلن ۾ ڪوتاهيون ضرور ٿيون هونديون، مگر سندس اڪثر فيصلا انصاف ۽ سچائي تي مبني هئا، انهن کي مدِنظر رکندي سندس عظمت جو اعراف ڪرڻ گهرجي. دعا آهي ته شل الله رب العزت سندس اولاد کي به پنهنجي والد صاحب جي رستي طرف رهنمائي فرمائي ته جيئن هو به عوام جي ڀلائي لاءِ پنهنجو ڪردار نڀائي سگهن. خان صاحب جهڙي عظيم شخصيت ١٧ ذوالحج ١٤٢٤ھ مطابق ١٠ جنوري ٢٠٠٤ع بروز ڇنڇر حيدرآباد ۾ پنهنجي رب جي سڏ تي لبيڪ چئي دارالبقا جي طرف ڪوچ ڪيو. خان صاحب آخري وصيت ۾ راڄ، عوام ۽ سنڌ جون پارتون ڪيون.[٢٨] سندس وڇوڙي سان انصاف تي مبني فيصلن جو هڪ عظيم باب هميشه لاءِ بند ٿي ويو. سندس خال اڃان تائين پر نه ٿي سگهيو آهي. اميد آهي ته ڪوئي مائي جو لعل خان صاحب جي نقش قدم تي هلي عوام کي خان صاحب جي ياد ڏياريندو.

٨٦ سيد عبدالرحيم شاهہ

ميهڙ جي مٽيءَ پنهنجي وقت جا مهان انسان اپايا آهن. علم ۽ عرفان ۾ نمايان نالو ڪمائي ميهڙ ڏاڍو مان لٽو. هتي جي جيجل جهولي پنهنجا سورهيہ سپوت ۽ جوڌا جوان پيدا ڪري قوم کي اتم انسان ڏنا آهن. علم،ادب، سياست، سماجي خدمت، هنر ۽ ديني معمارن جي هڪ ڊگهي صف نمايان نظر اچي ٿي. هرهڪ گوهر ناياب نظر ايندو، هرهڪ انمول هيرو آهي. هرهڪ ۾ الڳ الڳ رنگ ۽ پنهنجي الڳ الڳ مهڪ آهي. سڀ پنهنجي گلشن کي گلدار بڻائي مهڪائي رهيا آهن. هي سڀ انهيءَ گلشن جا مالهي ۽ محافظ آهن. هر هڪ پنهنجي وت ۽ وس آهر هن گلشن ۾ هبڪار پيدا ڪئي آهي. ميهڙ جي گلشن جو هڪ خوشبودار گل ميهڙ جي سادات گهراڻي جو علمي سپوت سيد عبدالرحيم شاهه صاحب بہ آهي.

سيد عبدالرحيم بن سيد جمن شاهه ١٥ صفر ١٣٧١هه مطابق ١٥ نومبر ١٩٥١ع بروز خميس تي ميهڙ شهر ۾ جنم ورتو. پرائمري جي تعليم پرائمري اسڪول دائود مهيسر ميهڙ مان ورتائين. ڊگري ڪاليج دادو منجهان ثانوي جا امتحان پاس ڪري ١٩٧٥ع ۾ پرائمري استاد طور ڀرتي ٿيو. پرائمري مين اسڪول ميهڙ ۾ مسلسل اٺ سال تدريسي خدمت سرانجام ڏنائين. ان دوران تعليم بہ جاري رکيائين. ١٩٧٥ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي اي پاس ڪيائين. ١٩٧٧ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ منجهان انٽرنيشنل رليشن ۾ ايم اي جا امتحان پاس ڪيائين. ١٩٨٠ع ۾ اتان بي ايڊ ريگيولر ڪيائين. ١٩٨٢ع ۾ ٽنڊوڄام يونيورسٽيءَ مان ايم ايڊ جا امتحان پاس ڪري ورتائين. پاڻ ڏاڍو ذهين ۽ قابل انسان هو ١٩٨٣ع ۾ هاءِ اسڪول ون ميهڙ ۾ JST طور مقرر ٿيو. ١٩٨٧ع ۾ HST ٿيو. ١٩٩٢ع ۾ ڪميشن ذريعي هيڊماستري ۾ پاس ٿيو. ڪيس هاءِ اسڪول ٢ ميهڙ ۾ هيڊ ماستر مقرر ڪيو ويو. پاڻ اچڻ سان ئي هاءِ اسڪول کي سينگاريائين. اسڪول ۾ پارڪ ٺهرايائين، گل ٻوٽا رکرايائين، مختلف پکي، مور ۽ ننڍا جانور رکرايائين تہ جيئن اسڪول ۾ ٻارن جي ڪجهہ وندر بہ ٿئي ۽ اسڪول ۾ رونق ٿئي. پاڻ پنهنجي محنت سان اسڪول ۾ تعليمي معيار کي بلنديءَ تي پهچايائين. راقم الحروف ڇهين ڪلاس کان وٺي ڏهين تائين جو سمورو عرصو هاءِ اسڪول ٢ ميهڙ ۾ پڙهيو. اهو سمورو عرصو سيد

عبدالرحيم شاهه صاحب هيڊماستر رهيو. پاڻ تمام گهڻو محنتي استاد هوندو هو. هيڊ ماستر هئڻ جي باوجود ڪلاسن جا پيرڊ بہ سندس ذمي هوندا هئا. راقم ڏهين ڪلاس ۾ پاڪستان اسٽڊي وٺس پڙهيو آهي. سندس سمورو عرصو اسڪول ڏاڍو عروج تي رهيو. هر ڪم ۾ عمدو ۽ اڳي رهڻ جي جستجو ۾ هوندو هو. ان وقت جي اسيمبلي ۾ شاگردن جي بيهڻ جي ترتيب، تلاوت ڪلام پاڪ، قومي ترانو ۽ ملي نغمہ اڄ بہ ياد آهن. هر خاص ڏينهن تي پروگرام ڪرائڻ، انهن پروگرامن ۾ ٽيبلوز، گيت، غزل، قومي نغمہ، جمناسٽڪ ۽ تقريري مقابلا وغيره تمام وڏي پيماني تي منعقد ڪرائيندو هو. ڏهين ڪلاس جي شاگردن جي الوداعي پارٽين ۾ پورو اسڪول اڪين منجهان لڙڪ هاري ويهندو هو. ايئن لڳندو هو ڄڻ استادن جو اولاد ۽ شاگردن جا پائرڪائنئن هميشہ لاءِ وڇڙي رهيا آهن. انسپيڪشن واري ڏهاڙي تي "ويلڪم ويلڪم، ويلڪم سر" جي سدائن ۽ گونجن سان مهمانن جي آمد ٿيندي هئي. سوالن جوابن جو سلسلو هلندو هو، فيئر ڪاپيز چيڪ ٿينديون هيون، گويا عيد ۽ نمائش جو ڏينهن محسوس ٿيندو هو. شاگردن کان هر ٽئين مهيني يا چوٿين مهيني ٽيسٽ وٺي سندن حاصلات کي جانچيو ويندو هو ۽ انهن جي حوصلا افزائي لاءِ مختلف انعام ڏنا ويندا هئا. انعامن ۾ اڄ ڪلهہ وانگر پلاسٽڪ جا ڪپ يا ميڊل نہ هوندا هئا، بلڪہ مختلف ڪتاب، ڪاپيون، ڊريسون ۽ پينيون هونديون هيون. غريب شاگردن ۾ اسڪولي ڊريسون ۽ ڪتاب ورهائڻ سندس محبوب مشغلو هوندو هو. پاڻ راندين ۾ شاگردن کي حصو وٺڻ لاءِ همٿائيندو هو تہ پنهنجي کيسي منجهان راندين جو سامان بہ وٺي ڏيندو هو. ڪڏهن اسڪول طرفان بہ راندين جو سامان وٺي ڏيندو رهيو. سائين اسڪولي ٽيمن جا ڪرڪيٽ راند جا مقابلا پڻ منعقد ڪرائيندو هو. پاڻ سيني استادن سان گڏ ويهي راند منجهان لطف اندوز بہ ٿيندو هو. ان ڳالهہ ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ سيني شاگردن کي پنهنجو اولاد سمجهندو هو ۽ سندن هر طرح جي ضرورتن جو خيال رکندو هو. غريب شاگردن کي پيسا بہ ڏيندو رهيو تہ ڪتاب ۽ ڪاپيون بہ وٺي ڏيندو هو تہ جيئن هو پنهنجي پڙهائي جاري رکي سگهن. ڏاڍو پيار وارو ماحول نظر ايندو هو. سڀ هڪ گهر جا ڀاتي ٿي رهندا هئا. ان وقت راقم جي ڪلاس ۾ ١١٥ کان مٿي شاگرد هڪ ڪلاس ۾ پڙهندا هئاسين. اسڪول ۾

سينٽرل حال بہ سائين جن جي محنت جو نتيجو آهي. اڄ ان دؤر کي ياد ڪري لڙڪ وهائڻ تي مجبور آهيون. اهڙو عظيم، شفيق ۽ همدرد استاد مليو. سائين هميشہ صاف سٿرو رهڻ وارو ۽ نهايت صفائي پسند انسان هو. راقم اها ڳالهہ بہ ڏاڍي فخر سان ڪري سگهي ٿو تہ مون اهڙي صاف سٿري رهڻي شخصيتون پنهنجي پوري زندگيءَ ۾ صرف ٽي ڏٺيون، جيڪي صفائي ۽ نزاڪت ۾ نمايان رهيون ۽ انهن ڪُي ڏسي محسوس ٿيندو هو تہ واقعي اهڙو صاف سٿرو رهڻ صرف هي ئي ڄاڻن ٿا. انهن ۾ هڪ سائين سيد عبدالرحيم شاهہ صاحب ٻيو سائين سيد محمد اعظم شاهہ صاحب ۽ ٽيون محترم سردار ڊاڪٽر ممتاز علي سوڍر صاحب. انهن جي شخصيت صفائي ۽ نزاڪت ۾ عيان رهي آهي. اڄ هاءِ اسڪول ٢ ميهڙ ۾ اها رونق نظر ڪونہ ٿي اچي.

سيد عبدالرحيم شاهہ صاحب ٢٠٠٢ع تائين ميهڙ ۾ ADEO جي پوسٽ تي بہ رهيو. ان کان پوءِ DEO پرائمري دادو بہ رهيو. ان کان پوءِ ٢٠٠٥ع ۾ EDO ضلعو ڄامشورو مقرر ٿيو. آخرڪار ٢٠ گريڊ ۾ DEO دادو جي پوسٽ تان ١٥ نومبر ٢٠١١ع ۾ رٽائرڊ ٿيو.[٢٩] سيد صاحب هڪ بهترين ۽ مثالي شخصيت رهيو آهي. سندس هر پوسٽ تي ڪردار نمايان ۽ قابل اتباع رهيو. سائين هر جاءِ تي سوڀارو رهيو آهي. پاڻ بهترين استاد ۽ بهترين رهنما رهيو آهي. پاڻ علمي ادبي ۽ ديني محفلن جو بہ ڏاڍو دلداده رهيو آهي. پاڻ دين ۽ ديني ماڻهن سان محبت ڪرڻ وارو ۽ ديندارن جي صحبت منجهان استفادو ڪرڻ وارو انسان رهيو آهي. هر علمي، ادبي ۽ ديني محفل ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ اهڙيون محفلون منعقد ڪرائڻ سندس شوق رهيو. سائين جن تي فالج جو حملو ٿيو. هن وقت پنهنجي گهر ۾ ئي رهي ٿو. پر اڄ بہ پنهنجي گهر ۾ انهي صاف ۽ شفاف ڪپڙن ۽ صفائي واري حالت ۾ رهي ٿو.

٨٧ آخوند عبدالرسول لاکير

ميهڙ جي استاد گهراڻي جي مايا ناز شخصيت مولانا آخوند عبدالرحيم لاکير جي اولاد ۾ آخوند عبدالرسول بن سوجهرو خان لاکير ١٦ صفر ١٣٣٦ھ مطابق پهرين ڊسمبر ١٩١٧ع بروز ڇنڇر ميهڙ شهر ۾ جنم ورتو. آخوند عبدالرسول صاحب ننڍپڻ کان سلڇڻو ۽ نيڪ طبيعت وارو هو. ديني تعليم پنهنجي ڏاڏي مولانا عبدالرحيم لاکير کان حاصل ڪيائين. پاڻ قرآن مجيد جو حافظ ٿيو. پاڻ پرائمري تعليم مدرسة الاسلام ميهڙ (پرائمري مين اسڪول ميهڙ) منجهان حاصل ڪري هاءِ اسڪول ميهڙ منجهان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. ان دور ۾ ميٽرڪ جا امتحان بمبئي يونيورسٽي ۾ ٿيندا هئا. ان امتحان ۾ پوري يونيورسٽيءَ ۾ ٽيون نمبر حاصل ڪيائين. ١٩٤٤ع ۾ کيس لوڪل بورڊ دادو ۾ ڪلارڪ مقرر ڪيو ويو.[٣٠] ان کان بعد هيڊ ڪلارڪ مقرر ٿيو. وري جڏهن ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ٿي ته ان وقت پاڻ آفيس سپرنٽينڊنٽ ٿيو. انهيءَ عهدي تان ١٩٧١ع ۾ رٽائرڊ ٿيو.

پاڪستان ٺهڻ کان بعد ڪيترن ئي ماڻهن کي نوڪريون ڏيڻ ۽ آفيسرن کان آرڊر وٺي ڏيڻ جهڙا ڪم تمام وڏي پيماني تي ڪندو رهيو. سندس صلاحيتن جا معترف ان وقت جا ڪليڪٽر صاحبان به ساڻس مشورو ڪري پاليسيون جوڙيندا هئا ۽ نوڪريون ڏيندا هئا، جنهن ڪري ان نوڪري ڏيڻ ۾ سندس ڪردار تمام اهم رهيو. ديانتداري ته کيس ورثي ۾ ملي هئي. پاڻ نهايت شريف النفس انسان ۽ مجذوب قسم جو درويش هو. کيس ديني ڪتاب مطالعو ڪرڻ جو به تمام گهڻو شوق هوندو هو. آخوند عبدالرسول صاحب انگريزي زبان تي عبور رکندو هو. ضياءُ الحق صاحب جي دور ۾ جناب لياقت علي جتوئي صاحب "مجلس شوريٰ" جو ميمبر هو. ان وقت آخوند صاحب کان تعليمي پاليسي ٺهرايائين، جيڪا جڏهن مجلس شوريٰ ۾ پيش ڪئي وئي ته اها پاليسي بنا ڪنهن تبديلي جي متفق طور تي منظور ڪئي وئي. آخوند صاحب تمام سادي طبيعت جو انسان هو. پاڻ کي وڏو ماڻهو سمجهڻ وٽس عيب هوندو هو. ساري زندگي پاڻ کي هيڻاهون رکيائين. هارين جي باري ۾ پنهنجي اولاد کي به تلقين ڪندو هو. پنهنجي اولاد کي چوندو هو ته اسان هاريءَ جي پگهر مان ڪمايل روزي کائون ٿا. چو ته هو جڏهن هر ڪاهي ٿو يا زمين ۾ کو ڪم ڪري ٿو ته سندس پگهر

ان زمين ۾ جذب ٿي وڃي ٿو. زمين الله سائين اسان کي ڏني آهي، ان ۾ اسان جو ڪوبہ ڪمال نہ آهي. رب جو فرمان آهي تہ جيڪو کيڙي سو کائي، پر دنيوي لحاظ کان جن جريبن جي اسان ڌل ۽ آبيانو ڀريون ٿا يا هارين کي خرچ وغيره جو پيسو ڏيون ٿا، ان مدد عيوض اسان انهن سان پنهنجو حصو ڳنڍيون ٿا. ان ڪري هارين جو احساس ڪرڻ گهرجي. پاڻ اڪثر پنهنجي گهران ماني گهرائي ٻنيءَ تي وڃي هاريءَ سان گڏ ويهي کائيندو هو. هارين سان هميشہ ادب ۽ احترام سان پيش ايندو هو، وس آهر انهن جي مدد پڻ ڪندو هو ۽ پنهنجي اولاد کي بہ سندن ادب ۽ احترام ڪرڻ جي نصيحت پڻ ڪندو هو. آخوند صاحب مهمان نواز ۽ دسترخوان جو ڪشادو هوندو هو. مهمانن جي دل کولي خدمت ڪندو هو. پاڻ محنت ڪش ماڻهو هو. سندس ديانت ۽ شرافت مشهور هوندي هئي. وٽس جڏهن ڪو ٻري جو ماڻهو آفيس ۾ ڪنهن ڪم سانگهي ايندو هو تہ کيس چوندو هو تہ بابا ايترو پنڌ ڪري پاڻ کي تڪليف ۾ وجهڻ جي کهڙي ضرورت هئي. مون کي درخواست پوسٽ ذريعي موڪلي ڏيو ها تہ بہ ان تي صحيح ڪرائي موڪلي ڏيان ها. خير آئنده پوسٽ ذريعي درخواست موڪليندا ڪريو، انشاءَ الله مان توهان جو ڪم ڪرائي ونندس. آخوند صاحب هر وقت پنهنجي رب جي رضا جي چاهت ۾ رهڻ وارو انسان هو. عبادت ۽ ذڪر سان سندس تمام گهڻي دل هوندي هئي. هر وقت سندس زبان تي ذڪر ۽ آڱرين تي تسبيح پئي هلندي هئي. ايتري قدر جو جڏهن سندس ميت کي غسل ڏنو ٿي ويو تہ جنهن وقت سندس ٻانهن تي پاڻي هاريو ٿي ويو تہ سندس آڱرين ۾ چرپر ڏني وئي. رٽايرمينٽ کان بعد تہ سندس اڪثر وقت مسجد ۽ تلاوت ۾ گذرندو هو. کيس سنت رسول ﷺ سان بہ تمام گهڻو لڳاءُ هوندو هو.

هڪ دفعي سندس آفيس منجهہ آفيسرن جي ميٽنگ هئي. ان ميٽنگ منجهہ ان وقت جي ڪليڪٽر صاحب سندس باري ۾ موجود عملي جي سامهون ڪافي تعريف ڪئي ۽ آخر ۾ چيو تہ بس منجهس صرف هڪ خامي آهي تہ هو ڏاڙهيءَ سان آهي. ايترو چوڻ تي آخوند صاحب جذبات ۾ اچي ويو ۽ اٿي چيائين تہ مان هن وقت ئي نوڪريءَ تان استعيفا ٿو ڏيان. ايئن چئي ڪاوڙ ۾ آفيس منجهان نڪري سڌو مسجد جو رخ ڪيائين. مسجد ۾ ويهي ڪافي دير تائين روئندو رهيو. پنهنجي رب سان مناجات ڪرڻ لڳو تہ

منهنجا مالڪ اڄ تنهنجي حبيب ﷺ جي سنت تي حملو ٿيو آهي، ان ڪري مان اها نوڪري ڇڏي آيو آهيان. پنيان اهو ڪليڪٽر صاحب ڏاڍو پشيمان ٿيو، ڪيس ڳولهيندو اچي مسجد ۾ پهتو. ڪيس منٿ ڪري پرچائڻ لڳو ته ادا مون صرف مذاق پئي ڪئي. تنهنجي بي عزتي ڪرڻ جو ارادو هرگز نه هو. يار ماڻهو ته خوش ٿيندا آهن، ٻين کي به خوشيءَ ۾ ٻڌائيندا آهن ته ڪليڪٽر جهڙو وڏو ماڻهو به مون سان ايترو فري آهي جو مون سان چرچا يوڳ ڪندو آهي. ان تي آخوند صاحب ڪيس وراڻيو ته توهان جي ڳالهه برابر صحيح آهي، پر ڏک اهو اٿم ته توهان سنت رسول ﷺ خلاف ڳالهايو آهي. ڪليڪٽر صاحب ڪيس منٿون ڪري مس پرچايو. آخوند صاحب هميشه پنهنجي اولاد کي اها نصيحت ڪندو رهندو هو ته جڏهن به ڪا تڪليف اچي ته پنهنجي رب جي دربار ۾ درخواست عرض رکندا ڪريو، مخلوق کي ٻڌائي پاڻ کي خوار نه ڪجو. پاڻ ڏاڍو صابرين انسان هو. اگر ڪو غصي ۾ ڪيس ڳالهائيندو هو ته پنهنجي جهولي کڻي ڪيس چوندو هو ته بسم الله مون کي تنهنجون اهي ڳالهيون به قبول آهن. اگر غلطي آهي ته معافي وٺان ٿو. پردي جي معاملي ۾ ڪافي سخت هوندو هو. الله رب العزت جي حڪم عدولي کان ڏاڍو ڊڄندو هو. هڪ دفعي سندس گهر منجهان سون جا زيور ۽ روڪ رقم چوري ٿي وئي. جڏهن دوست ۽ رشتيدار وٽس همدردي لاءِ آيا ته کين چوڻ لڳو ته ادا ملڪيت وڃڻ جو غم نه اٿم. بس ڏک اهو آهي ته رات جي وقت ۾ ڌاريا ماڻهو منهنجي گهر ۾ گهڙي آيا. ٻچڙا الائي ڪهڙي حالت ۾ ستل هئا. بس انهن بي شرمن کي اهو شرم به نه آيو ته سندس نياڻيون به گهر ۾ ستل آهن آخوند صاحب جا جملا ڏاڍا نصيحت ڀريا هئا. سندس فرزند آخوند عبدالخالق (ڏاڏو) لاڪير ٻڌايو ته پاڻ اسان اولاد کي اڪثر ڪجهه مثال ڏئي نصيحتون ڪندو هو چوندو هو ته بابا مني ڪنڌ ٻڌجو. ان جي پاڻي منجهان، انسان، جانور ۽ پکي پنهنجي اڃ اجهائيندا آهن، سو توهان به ٻين جي ڪم اچڻ جي ڪوشش ڪريو ته جيئن توهان منجهان ٻين کي فائدو رسي. پنهنجي هٿن جون ترِيون سامهون ڪولي ڏيکاريندو هو ته هي ڏسو تريون ڪيترو نه صاف آهن، توهان پنهنجون دليون به ايئن صاف رکو، ڪنهن لاءِ به پنهنجي دل ۾ بغض ۽ نفرت نه پالجو. بابا دنيا ۾ ٽن قسمن جا ماڻهو هوندا آهن. هڪ اهي جيڪي واهولي وانگر هوندا آهن. واهولو

جيڪي بہ چوڏو لاهيندو اهو هڪ طرف يعني پنهنجي طرف ڪندو آهي. ٻيا آهن ڪارائي مثل، ڪارائي ڪاٺ جو ٻورو ٻنهي طرف اڇليندي آهي. ڪجھ پنهنجي طرف ڪجھ ٻئي طرف. ٽيان آهن رندي مثل، رندو ٻورو يا چوڏو صرف ٻئي طرف اڇليندو آهي. اهي الله جا ولي هوندا آهن. توهان رندي مثل ٿيو. اڪثر چوندو هو تہ زهر پيئو، زهر پيئو، زهر پيئو. ان جي وضاحت ڪندو هو تہ ڪاوڙ زهر آهي ان ڪي پيئندا ڪريو. ان ۾ توهان جو ڀلو ٿيندو. سندس فرزند ڏاڏي عبدالخالق وڏيڪ ٻڌايو تہ سندس وفات ڪان هڪ ڏينهن اڳ چوڻ لڳو تہ الائي چو اڃان تائين نہ آيا آهن. ايترو انتظار چو ٿا ڪرائن؟ مون حيرت منجهان پڇيو تہ بابا سائين سي تہ اچي چڪا آهن پوءِ ڪنهن جو انتظار آهي؟ ان تي جواب ڏنائين تہ بابا امام الانبياءِ ﷺ جو انتظار آهي. موت واري ڏينهن بہ اهي ساڳيا لفظ ورجايائين. هر ايندڙ جڏهن طبيعت پڇندو هو تہ ڪيس جواب ڏيندو هو تہ الله پاڪ جنهن حال ۾ رکيو آهي، اهو قبول آٿم. موت ڪان ڪجھ منٽ پهريان گهروارن کي وضو ڪرائڻ لاءِ چيائين. وضو ڪري ذڪر ۾ مصروف ٿي ويو. ڪلمي طيبہ جو ورد بہ ڪندو رهيو. آخر ۾ ڪلمو شهادت اچاريندي اشهد ان محمدًا تي پهتو تہ سندس روح پرواز ٿي ويو. سندس وفات ١٥ رجب ١٤١٩ھ مطابق ٥ نومبر ١٩٩٨ع بروز خميس ٿي. سندس جناري ۾ جيڪي ڪانڌي شريڪ هئا، انهن جي گواهي مطابق سندس جنازي کي ڪلهو ڏيڻ وقت ايئن محسوس ٿي رهيو هو گويا ڪٽ خالي هجي، ڪوبہ وزن محسوس نہ ٿي رهيو هو. آخوند صاحب پنهنجي اولاد کي پنهنجي وفات وقت صبر جي وصيت ڪري چڪو هو تہ منهنجي وفات تي روئڻ ۽ واويلا ڪرڻ ڪان پاسو ڪجو. هن بزرگ انسان ۾ ولي الله جهڙيون صفتون موجود هيون. الله ڪيس پنهنجي جوار رحمت ۾ جاءِ عطا فرمائي. آمين.

٨٨ حاجي عبدالڪريم ٻگهيو

حقوق العباد جي اهميت ڪان اسان سڀ مسلمان چڱيءَ ريت واقف آهيون. قرآن مجيد ۾ حقوق العباد تي گهڻو زور ڏنو ويو آهي. اسلام رهبانيت اختيار ڪرڻ ڪان منع فرمائي آهي. ان جي برعڪس معاشري ۾ رهي حقوق العباد ڪي چڱيءَ ريت سرانجام ڏيڻ ڪي ساراهيو آهي. دنيا جو دستور آهي تہ هرڪو پنهنجي لاءِ جيئندو آهي. خاص ڪري اڄ جي نفسانفسيءَ واري دور ۾ انسان جيئڻ جو مقصد ئي اهو سمجهي ورتو آهي تہ بس پنهنجي لاءِ ئي جيئڻ اسان جي منزل آهي. ان جي هوندي انسانيت جو اعلىٰ ترين مثال تڏهن قائم ٿيندو، جڏهن انسان پنهنجي ٻدران ٻين لاءِ جيئي. هرڪو پنهنجي لاءِ جيئندو آهي پر ڪمال تہ ٻين ڪارڻ جيئڻ ۾ آهي.

ميهڙ جي هيءَ شخص جنهن جي عبادت انسانيت جي خدمت ۽ ٻين جي هر وقت مدد ڪرڻ ۾ پنهنجي سعادت سمجهڻ، ٻين جي خوشيءَ خاطر پنهنجي خوشي قربان ڪرڻ، بلا غرض، بلا تفريق هر ڪنهن جي لاءِ پنهنجي گهر جو دروازو ڪليو رکڻ، ٻين جو درد پنهنجي سيني ۾ سانڍڻ ۽ ٻين جي همدرديءَ لاءِ پنهنجو سڪون قربان ڪرڻ ۾ ئي اصلي خوشي محسوس ڪرڻ سندس مقصد حيات هو. سندس شخصيت ڪيترين ئي شخصيتن ۽ خوبين جو مجموعو ڏسڻ ۾ ايندي هئي هيءَ عظيم شخصيت ڪڏهن باصلاحيت، پروقار ۽ عظيم اولاد جي روپ ۾ نظر آئي تہ ڪڏهن بهترين پرورش ڪندڙ ۽ بهترين تربيت ڪندڙ شفيق والد جي روپ ۾ نظر آئي تہ ڪڏهن فرمانبردار ۽ خدمتگار شاگرد ۽ مريد جي روپ ۾ نظر آئي تہ ڪڏهن هڏڏوکي ۽ همدرد پاڙيسريءَ جي روپ ۾ نظر آئي تہ ڪڏهن سليقہ شعار ۽ داناءِ وڏڙي جي روپ ۾ نظر آئي تہ ڪڏهن يارن جي يار ۽ همراز دوست جي روپ ۾ نظر آئي تہ ڪڏهن باوقار مذهبي بزرگ جي روپ ۾ نظر آئي تہ ڪڏهن ڪنهن سگهڙ جي روپ ۾ نظر آئي. ڪيس ڏسڻ سان محسوس ٿيندو هو تہ عام انسان ۽ رواجي شخصيت آهي پر جڏهن علمي مجلس ۾ ڏٺو ۽ ٻڌو ويو تہ ڏندين آڱريون ٿي اچي ويون تہ بظاهر عام رواجي نظر ايندڙ انسان پنهنجي سيني ۾ ايترو علم جو ذخيرو سمايون وينو آهي. جهڙي ڪچهري ۽ جهڙا ٻڌندڙ انهن سان سندن سوچ مطابق ڳالهيون ڪرڻ بہ هڪ فن آهي، جيڪو هر ڪنهن کي نصيب ڪونہ ٿيندو آهي. هيءَ شخصيت

جڏهن ادبي محفل ۾ ويهي ته ادب جو شاهڪار نظر ايندي هئي، بهترين ۽ عظيم علمي شخصيت نظر ايندي هئي. جڏهن مذهبي مجلس ۾ هجي ته مذهبي اسڪالر ۽ پختہ عالم نظر اچي. سگهڙن جي مچ ڪچهري ۾ اچي ته اهل علم سگهڙ نظر اچي. سندس مقصد حيات خدمت انساني ئي رهيو. سندس مقصد حيات ۾ زماني جا لاها چاڙها، موسمن جي تبديلي، عمر جي ڪري جسماني ڪمزوري، ٿڪاوٽ وغيره ڪڏهن رڪاوٽ نہ بڻجي سگهيا. اهڙيون عظيم هستيون قومن جو سرمايو هونديون آهن. عوام جون محسن هونديون آهن، جن جا قوم تي احسان هوندا آهن. سندن زندگيون ايندڙ نسلن لاءِ مثالي ۽ مشعل راهه هونديون آهن. جن جي سبقن تي هلڻ سعادت سمجهيو ويندو آهي.

ڳوٺ لوني نزد نصيرآباد ۾ محترم غلام حيدر ٻگهيو جي گهر ۾ ١٣٥٩هه مطابق ١٩٤٠ع ۾ هڪ ٻار جو جنم ٿيو.[٣١] ان ٻار جو نالو عبدالڪريم رکيو ويو. عبدالڪريم جڏهن پڙهڻ جي عمر کي رسيو ته کيس ڳوٺ آريجن جي مدرسي ۾ مولانا فيض محمد قلپوٽي وٽ قرآن مجيد پڙهڻ لاءِ ويهاريو ويو. اتي هن ڇهن مهينن ۾ قرآن مجيد ناظره پڙهي مڪمل ڪيو. ١٩٥١ع ۾ عبدالڪريم کي ٽرڙي حاجره لڳ ڳوٺ ڪٽياڻ ۾ مولانا الله بخش ابڙو صاحب وٽ پرائمري تعليم لاءِ مدرسه اسڪول ۾ ويهاريو ويو. ١٩٥٥ع ۾ پرائمري جي تعليم مڪمل ڪيائين. عبدالڪريم کي ٻچپن کان ئي مولود ۽ غزل چوڻ جو شوق هوندو هو. پرائمري ۾ پڙهڻ دوران ئي مولود ۽ غزل چوڻ جي شروعات ڪيائين. آهستي آهستي ڪلاس ۽ ڳوناٺين ڪچهرين ۾ مولود چوڻ لڳو. سندس آواز سوز پريو ۽ منڙو هوندو هو. ان ڪري ڳوٺ وارا ۽ استاد بہ مولود چوڻ جي کيس فرمائش ڪندا هئا. ١٩٦٢ع ۾ وارهه هاءِ اسڪول منجهان ميٽرڪ پاس ڪيائين. ان کان بعد ڪامرس ڪاليج لاڙڪاڻو منجهان ١٩٦٤ع ۾ انٽر مڪمل ڪيائين. تصوف جي سلسلي ۾ پنهنجي خانداني مرشد سائين نجيع الله شاهه راشدي (يارو ديرو وڳڻ) سان ننڍي عمر ۾ ئي بيعت ڪئي هئائين. وقتًا فوقتًا پنهنجي مرشد جي خدمت ۾ حاضر ٿي فيض حاصل ڪندو رهيو. ڪامرس ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ پڙهڻ دوران درگاهه رحمت پور ۾ پير عبدالغفار العروف پير مٺا سائين جي بہ مجلسن ۾ باقائده ويندو رهيو. اتان بہ فيض وٺندو رهيو. ١٩٦٢ع ۾ سندس

شادي ٿي. سندس نڪاح سندس استاد مولانا الله بخش ابڙي صاحب پڙهايو. ١٩٦٥ع ۾ سڪرنڊ جي ڪاليج منجهان زراعت کاتي ۾ فيلڊ اسسٽنٽ جو هڪ سال جو ڪورس مڪمل ڪيائين. ڪيس جلد ئي ١٩٦٦ع ۾ زراعت کاتي ۾ فيلڊ اسسٽنٽ جي نوڪري ملي وئي. ڪيس ٻارڙن کي پڙهائڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. نوڪري دوران جنهن به شهر ۾ بدلي ٿي ويندو هو اتي پاڙي جي ننڍڙن ٻارن کي مفت ۾ پڙهائيندو هو ۽ ننڍين ڇوڪرين کي به گهرن ۾ وڃي مفت ۾ پڙهائيندو هو. انهن مفت ٽيوشن سينٽرن ۾ اهڙي بهترين انداز سان پڙهائيندو هو جڻ ته پاڻ ڪو Professional Teacher هجي. ١٩٨٣ع ۾ ميهڙ کي پنهنجو مسڪن بڻايائين. ٻين جي خدمت ڪرڻ جو جذبو هن عظيم انسان جي اندر هميشه رهيو ۽ ان تي مرڻ گهڙيءَ تائين ڪاربند رهيو. ان وقت وٽس ڪنهن فون يا موبائل جي سهولت نه هوندي هئي. بس اگر ڪو به ماڻهو وٽس آيو ته فورًا ان سان نڪري پوندو هو. ان جي پرواهه نه ڪندو هو ته گهر وارن کي اطلاع ڏئي يا نه ڏئي. اگر ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪنهن آفيس ۾ ڪم هوندو هو ته به حاجي صاحب ساڻس ان وقت ئي نڪري پوندو هو. اڪثر ايئن به ٿيندو هو ته سندس هٽ ۾ پنهنجي گهر جي لاءِ ڪو سامان يا سبزي وغيره هوندي هئي ۽ ڪنهن اچي چيو ته چاچا سائين فلاڻي ڳوٺ يا فلاڻي شهر منهنجو هيءُ ڪم آهي، توهان گڏجي هلو ته اهو مسئلو حل ڪرايون. حاجي صاحب اهو سامان ڪنهن ڄاڻ سڃاڻ واري جي حوالي ڪندو هو ته هي منهنجي ڪنهن ڇوڪري کي ڏئي ڇڏجانءِ يا ڪنهن دڪان واري وٽ رکندو هو ته منهنجو ڪو عزيز اچي ته هي سامان ڪيس ڏجانءِ ته منهنجي گهر پهچائي اچي. مان فلاڻي ماڻهوءَ سان فلاڻي پاسي وڃي رهيو آهيان. پوءِ حاجي صاحب پنهنجي ڪيسي منجهان خرچ ڪري ان ماڻهوءَ سان هليو ويندو هو، پوءِ هڪ ڏينهن، ٻه ڏينهن يا ڪئي ڪئي ڏينهن حاجي صاحب ان ڪم سانگهي گهر کان ٻاهر رهندو هو. اهڙن انيڪ مثالن سان سندس زندگي ڀري پئي آهي.

حاجي صاحب ٻين جي مدد ڪرڻ جي جذبي تحت هڪ ننڍڙو ادارو "الحق فائونڊيشن" جي نالي سان شروع ڪيو، جيڪو اڄ تائين جاري آهي. هي ادارو مختلف وقتن ۾ ميڊيڪل ڪيمپون، ڪجهه علمي ڪتاب ڇپرائڻ، اهل علم ماڻهن جون گڏجاڻيون منعقد ڪرائڻ، رت جو عطيو ڏيڻ لاءِ

ڪيمپون لڳائڻ ۽ ميڙاڪا ڪرائڻ وغيره جهڙن ڪارخير ۾ مصروف عمل آهي. هي ادارو سندس لاءِ صدقہ جاريہ آهي. حاجي صاحب تدوين ۽ تڪفين، جنازو پڙهائڻ ۽ قبر کوٽڻ جهڙا ڪم بہ بلا اجرت جي ڪندو هو. پاڻ نڪاح بہ بنا پئسن جي مفت ۾ پڙهائيندو هو. ايئن سمجهجي تہ سنڌ ۾ مفت نڪاح پڙهڻ جو رواج وجهڻ جي ڪوشش بہ ڪيائين ٿي. شادين ۽ ڪاڄن ۾ هر ڪم ڏاڍي مهارت سان ڪندو هو. زمينن کي پاٽي ڏيڻ، ڪوڏر هلائڻ، رونبو ڪرڻ، لاب ڪرڻ ۽ سبزيون پوکڻ وغيره جو ماهر هو. اهي سڀ ڪم پاڻ ڪنهن ماهر جي روپ ۾ ڪري ڏيکاريائين. حاجي صاحب نهايت متقي شخص ۽ باشرع انسان هو. نيڪي ڪمائڻ لاءِ ڏاڍو حريص رهندو هو. بيمار پرسي ۽ بيمارن جي خدمت بہ عبادت سمجهي ڏاڍي جوش سان ڪندو هو. مريض جي مالڪ کان وڌيڪ مريض لاءِ خدمت ڪرڻ ۾ پيچ ڊڪ ڪندو هو. مريضن کي چانڊڪا کان سول اسپتال ڪراچيءَ تائين ڪٺي وڃڻ ۽ ڊاڪٽرن کي ڏيکارڻ ۽ انهن جو علاج ڪرائڻ سندس محبوب مشغلو هوندو هو. هر وقت باوضو رهندو هو. نماز پنجگانہ باجماعت جي ڪيس ٻچپن کان عادت پيل هئي. روزا بہ پابندي سان رکڻ وارو انسان هو. شگر جي مرض ٿيڻ کان بعد بہ روزا مڪمل پابنديءَ سان رکندو هو. علم ادب سان بہ ڏاڍو چاهہ هوندو هئس. پنهنجو سڀ اولاد تہ پڙهايائين، پر برادريءَ جون نياڻيون بہ خاص ڪري ديني تعليم جي سلسلي ۾ گهرن ۾ وڃي بہ پڙهايائين. پاڻ معاف ڪرڻ وارن انسانن منجهان هو. ڪنهن سان اڳرائي تہ پري جي ڳالهہ ٿي پر ڪڏهن ڪنهن کان پلاند بہ نہ ورتائين. منهنجي هن ڳالهين جا گواهہ اهي ماڻهو اڄ بہ ميهڙ ۽ اوسي پاسي ۾ موجود آهن، جن حاجي عبدالڪريم صاحب سان ملاقات ڪئي آهي يا سندس ڪو واسطو حاجي صاحب سان پيو آهي. حاجي صاحب٥٠، ٥٥ سالن کان ڊائري باقائده لکندو هو. ان ۾ پنهنجا ذاتي احوال بہ شوندا هئس تہ پنهنجي اوسي پاسي جي شادي، موت، ڄمر، ڪو حادثو يا واقعو تہ لکندو هو پر ان وقت علائقي يا ملڪ جي رونما ٿيڻ وارن حالات کي بہ برابر لکي محفوظ ڪندو هو.[٣٢]

اهو ٣ جمادي الاول ١٤٣٨هہ مطابق ٣١ جنوري ٢٠١٧ع اڱاري جو ڏينهن هو. جڏهن هن عظيم محسن انسان اسان کان موڪلائي راهہ رباني اختيار ڪئي. سندس جنازي نماز عيدگاهہ ميهڙ ۾ ادا ڪئي وئي. جنهن ۾ ماڻهن

جو تمام وڏو هجوم موجود هو. راقم الحروف خود ان مبارڪ جنازي ۾ شريڪ هو ۽ ان ڳالهه جو اکين ڏٺو شاهد آهي ته هر اک اشڪبار هئي هر اک ۾ لڙڪ هئا. هر دل روئي رهي هئي ۽ ايئن محسوس ٿي رهيو هو ته گويا پوري شهر جو والد وفات ڪري ويو هجي ۽ پوري شهر کي يتيم بڻايون پيو وڃي. سوين آلين اکين سان هن عظيم انسان کي ميهڙ جي قبرستان ۾ ڌرتيءَ جي گود ۾ ابدي ننڊ جي لاءِ سمهاريو ويو.

٨٩ حاجي حافظ عبدالله سومرو

محترم حاجي عبدالله سومرو صاحب "ترڙي محبت" ۾ پيدا ٿيو. پاڻ پنهنجي ديني تعليم پنهنجي ڳوٺ ۽ آسپاس جي ڳوٺن منجهان حاصل ڪيائين. ان ڪان پوءِ سکر منجهان سنڌي فائينل جو امتحان ١٨٨٥ع ۾ پاس ڪيائين. مرزا قليچ بيگ صاحب جي ساڻس تمام گهڻي محبت هوندي هئي. پاڻ سان گڏ ڪيس وٺي ويندو هو. محترم عبدالله صاحب جا اکر تمام سهڻا هوندا هئا. ڪيس ڪتب نويسي لاءِ چيائين. جنهن تي محترم عبدالله صاحب تعليم جي واڌاري خاطر تعليم کاتي ۾ شامل ٿيڻ جي خواهش ڪئي. مرزا قليچ بيگ کيس تعليم کاتي ۾ نوڪري وٺي ڏني. پاڻ بمبئي ۾ مولانا نظام الدين صاحب وٽ قرآن مجيد حفظ ڪرڻ وينو. حفظ ڪرڻ ڪان بعد حج جي لاءِ سعودي عرب روانو ٿيو. اتي عبادت سان گڏ عربي زبان سکڻ شروع ڪيائين. مڪي شريف ۾ عالمن سڳورن جي درس ۾ شامل ٿيندو هو ۽ رات جو قرآن مجيد جي تجويد سکندو رهيو. ان سموري وقت کي غنيمت سمجهي تعليم حاصل ڪندو رهيو. اتان حج سان گڏ ڪافي تعليم به حاصل ڪيائين. اتان موٽي جڏهن واپس ڳوٺ آيو ته اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو. ڪجهه وقت ڪان بعد جوهي جي اسڪول ۾ هيڊماستر ٿي رهيو. ان ڪان بعد ١٩٠٢ع ۾ ڪيس ٽريننگ ڪاليج ۾ ٽريننگ ڪرائي وئي. پاڻ اتان سَنَدَ حاصل ڪري ١٩٠٤ع ۾ ايڊيشنل ٽريننگ ڪاليج ۾ سرڪاري طور منتخب ٿيو. خلافت تحريڪ جي هلچل وقت استعيفا ڏنائين. قاضي غلام نبي ايڊمنسٽريٽو صاحب ڳيريلو زنانه اسڪول ۾ ٢٠ روپيه پگهار تي هيڊ ماستر مقرر ڪيس. ١٩٢٢ع ۾ نوڪري ڇڏي قرآن مجيد جي تعليم ڏيڻ شروع ڪيائين. ان ڪان پوءِ پاڻ پنهنجي پوري زندگي قرآن مجيد پڙهائيندي

گذاريائين. وٽس ڪيترائي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون حافظ قرآن ٿي نڪتا. سندس حافظ شاگردن ۾ سندس فرزند ارجمند مولانا حافظ محمد موسيٰ سومرو (فاضل ديوبند)، محترم عبدالله جي پنهنجي نياڻي حافظ سڪينه، حافظ ڪوڙل گلال ۽ حافظ صوفن شاهه ٽرڙي محبت وارو سرفهرست آهن. سيدن جي گهراڻي جو نياڻيون ۽ ڇوڪرا بہ سندس شاگرد رهيا. ان کان علاوه ٽرڙي محبت جا اڪثر مرد ۽ عورتون قرآن مجيد ۾ سندس شاگرد رهيا آهن.[٣٣] فجر کان بعد پاڻ جامع مسجد ۾ قرآن مجيد جي تعليم ڏيندو هو ۽ باقي ٻين وقتن ۾ گهرن ۾ وڃي ڇوڪرين کي قرآن مجيد سيکاريندو هو. پاڻ قرآن مجيد سان گڏ ڪجهه ٻيا ڪتاب پڻ پڙهائيندو هو. پاڻ تجويد جي قائدن جو ماهر هو. ڏاڍو شريف النفس انسان هو. سندس تقويٰ ۽ پرهيزگاري مشهور هوندي هئي. پاڻ ڪامل سالڪ مجذوب قسم جو درويش هو. سندس هٿن تي ڪافي ڪرامتن جو ظهور پڻ ٿيو. سندس فرزند ارجمند فاضل ديوبند، اخلاق ۽ تقويٰ جي افق جي روشن ستاري ۽ مسلّم ولي الله جي وفات ڪيس دلي صدمو ۽ ڏک رسايو. ان صدمي ڪيس ڪافي تڪليف ڏني، پر پوءِ بہ پنهنجي خدمت ۾ مگن رهيو. هن بزرگ پنهنجو جيون الله رب العزت جي رضامندي ۾ گذاريو.

٩٠ پروفيسر عبيدالله لاکير

ميهڙ جي مٽي جيڪي علمي افق جا روشن ستارا پيدا ڪيا اهي اسان جا آباء و اجداد رهيا آهن. پنهنجي انهن وڏڙن جي علمي ميراث کي سنڀالڻ بہ هڪ انوکو ڪم آهي. وقت گذرڻ سان اسان ان عظيم سرمايي کي وڃائي رهيا آهيون، پر ڪجهه اهل دل ۽ درد رکڻ وارا اڄ بہ پنهنجو اهو سرمايو بچائڻ ۾ پنهنجون ڀرپور ڪوششون وٺي رهيا آهن. اڄ اسان انهن وڏڙن جي ڳالهہ ڳاٽ اونچو ڪري ٻڌائي سگهون ٿا. انهن جي علمي ورثي کي سنڀالڻ وارا جوڌا جوان اڃان بہ هن مٽيءَ منجهان جنم وٺندا رهن ٿا. اهڙن جوڌن جوانن ۽ دل جو درد رکڻ وارن محسنن جي فهرست جي صف اول ۾ روشن ۽ چمڪندڙ نالو محترم پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب جو بہ آهي. علمي ۽ ادبي ميدان جي جاکوڙيندڙن جي خدمت ۾ سندس نمايان نالو آهي. علمي ۽ ادبي ماڻهن جي لاءِ هڪ الڳ جڳهہ مهيا ڪري انهن جي

خدمت ۾ بنا لالچ ۽ لوڀ جي پنهنجو مال ۽ وقت خرچ ڪرڻ سندس سڃاڻپ بڻجي چڪو آهي. جس آهي هن جوان کي. مان ڪيس سندس محنت تي خراج عقيدت پيش ڪريان ٿو ۽ ڪيس سلام پيش ڪريان ٿو. هن املهه ماڻڪ موتي شخصيت جو تعارف ڪجهه هن ريت آهي:

٢٧ صفر ١٣٨٥ھ مطابق ٢٧ جون ١٩٦٥ع بروز آچر ڳوٺ بخش لاڪير نزد شاهه پنجو سلطان جي معزز شخصيت محترم محمد بچل لاڪير جي گهر ۾ جنم ورتائين. محترم محمد بچل پرائمري استاد جي حيثيت سان پيغمبري پيشي سان وابسته هو. ان سان گڏ سندس نيڪ ڪردار ۽ عمل جا معترف سڄي ڳوٺ ۽ تر جا ماڻهو آهن. سائين محمد بچل لاڪير نهايت دينداري ۽ ايمانداري جي زندگي بسر ڪري علائقي جي ماڻهن جي دلين ۾ هڪ سنو مقام حاصل ڪري چڪو هو. سندس هي فرزند پروفيسر عبيدالله سندس سهڻي ڪردار ۽ سهڻي عمل جو زنده ثبوت آهي. پروفيسر عبيدالله لاڪير پنهنجي پرائمري تعليم پنهنجي اباڻي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول منجهان ١٩٧٧ع ۾ پوري ڪئي. پرائمري ۾ شمس الدين شمسي (ناريجو)، اميرالدين قاصر (ناريجو) ۽ سندس والد محمد بچل لاڪير صاحب رهيا. پاڻ قرآن مجيد جي تعليم سائين شمس الدين شمسي صاحب وٽان حاصل ڪيائين. پرائمري جي تعليم مڪمل ڪرڻ کان بعد گورنمينٽ بوائيز هاءِ اسڪول شاهه پنجو سلطان مان ١٩٨٢ع ۾ ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. اتي غلام قادر سومرو، عبدالستار (عبد) مگسي، سيد علي حسن شاهه، عبيدالله لاڪير، ۽ علي بخش جوڻيجو سندس استاد رهيا. ان کان بعد ١٩٨٤ع ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج خيرپور ناٿن شاهه منجهان انٽر جو امتحان پاس ڪيائين. اتي پروفيسر غلام صديق سومرو، پروفيسر محمد ابراهيم جتوئي ۽ پروفيسر منظور سولنگي سندس استاد رهيا. ان کان پوءِ پاڻ ٽنڊو ڄام زرعي يونيورسٽيءَ ۾ ايگريڪلچر انجنيئرنگ ۾ داخلا ورتائين، پر پوءِ سٽت ئي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ انگريزي ادب ۾ داخلا ورتائين. ١٩٩٠ع تائين بي اي آنرس ۽ ايم اي انگريزي ادب جي ڊگري حاصل ڪيائين.

پروفيسر عبيدالله لاڪير ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ ۾ گورنمينٽ مڊل اسڪول نئون ڳوٺ ۾ بطور JST ڀرتي ٿيو. ان کان پوءِ پاڻ گورنمينٽ

بوائيز هاءِ اسڪول ڄامشورو ڪالوني ۾ به تدريسي خدمت ڪندو رهيو. ١٩٩٣ع ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جو امتحان پاس ڪري گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ميهڙ ۾ ١٧ گريڊ ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. ١٩٩٨ع کان ٢٠٠٠ع تائين گورنمينٽ ڊگري ڪاليج پريٽ آباد حيدرآباد، ٢٠٠١ع ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج مٺياري ۽ ٢٠٠٢ع کان ٢٠١٣ع تائين گورنمينٽ ڊگري ڪاليج خيرپور ناٿن شاهه ۾ تدريسي خدمتون ڪندو رهيو. ٢٠١٣ کان اڄ تائين گورنمينٽ ڊگري ڪاليج قاضي عارف ۾ تدريسي خدمت تي مامور آهي.

پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب پنهنجي شروعاتي زندگيءَ کان وٺي سماجي سرگرمين ۾ خدمت ڪرڻ جي نيت سان ڏاڍي جوش سان حصو وٺندو رهيو. وري جڏهن کيس اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ خدمت ڪرڻ جو موقعو مليو ته پاڻ پروگرام منعقد ڪرائيندو رهيو، شاگردن کي سماجي ڪمن جي طرف راغب ڪندو رهيو. کيس خدمت خلق ڪرڻ جو شوق جنون جي حد تائين رهيو آهي. ڪاليجن ۾ لائبريرين جو قيام ۽ لائبريرين جي نظام کي بهتر بنائڻ ۽ انهن ۾ ڪتابن جو اضافو ڪرڻ، هر سماجي خدمت ۾ حصو وٺڻ، مختلف سماجي تنظيمون جوڙڻ، ٻوڏ ۽ قحط سالي ۾ غريبن ۽ بي سهارا ماڻهن جي مدد ڪرڻ، تعليمي سيمينار ڪرائڻ، ڪتاب پبلش ڪرائڻ، ڪتابن جا مهورتي پروگرام منعقد ڪرائڻ، تعليمي جاڳرتا لاءِ جاکوڙ ڪرڻ وغيره جهڙا انيڪ ڪم ڏاڍي خوش اسلوبيءَ سان ڪندو رهيو آهي ۽ ڪندو رهي ٿو. سندس ڪيل خدمتن ۽ سماجي سرگرمين تي لکجي ته هڪ مڪمل ڪتاب ٿي ويندو. هي شخصيت پنهنجو پاڻ ۾ هڪ پوري انجمن آهي. کيس عوام جي خدمت ڪرڻ جو درد دل ۾ هر وقت رهندو آهي. ان ڪري پاڻ هر وقت ڪنهن نه ڪنهن خدمت ۾ مصروف رهندو آهي. پروفيسر عبيدالله لاکير صاحب ڪافي سماجي تنظيمن جو روح روان ۽ جوشيلو عهديدار پڻ آهي. پاڻ عوامي خدمت سان گڏ ڪيترن ئي ڪتابن جا مهاڳ، ٻه اکر ۽ تاثرات لکيا اٿائين. ان کان علاوه مختلف اخبارن ۾ پڻ سندس مضمون ۽ مقالا ڇپجندا رهن ٿا.

٩١ قاضي حافظ عزيزالله مهيسر

قاضي عزيزالله بن قاضي لطف الله مهيسر صاحب ٢١ جمادي الثاني ١٣٦٩هه مطابق ١٠ اپريل ١٩٥٠ع بروز سومر ڳوٺ قاضي عارف ۾ جنم ورتو. پاڻ قرآن مجيد ناظره ۽ حفظ قاري محمد صديق مهيسر صاحب وٽ پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهيو. ان کان بعد سنڌي فائينل جو امتحان بہ پاس ڪيائين. فارسي تعليم مولانا عبدالحي مهيسر صاحب وٽ ٽرڙي محبت ۾ ۽ مولانا غلام حيدر بهلول صاحب وٽ حاصل ڪيائين. ان کان بعد پنهنجي والد صاحب سان گڏجي زميندار يءَ جي ڪم ۾ مشغول ٿي ويو. ١٩٦٨ع ۾ شاعري ڪرڻ شروع ڪيائين. شاعري ۾ سندس پهريون استاد سندس ڏاڏو قاضي فضل الله مهيسر صاحب هو ۽ پوءِ مولانا درمحمد خاڪ (ڪانڌلوي) صاحب رهيو. ١٩٨٤ع ۾ ”سنڌ آبادگار بورڊ“ جو ضلعي جوائنٽ سيڪريٽري ۽ ١٩٨٨ع ۾ فنانس سيڪريٽري ٿي رهيو. پاڻ سماجي طبيعت وارو هئڻ ڪري ڪافي جوش سان ڀلائي جا ڪم ڪندو رهيو آهي. ١٩٨٨ع ۾ پنهنجي ڳوٺ جي ”ينگ ويلفيئر ايسوسيئيشن“ جو جوائنٽ سيڪريٽري ٿي رهيو ۽ ١٩٩٥ع ۾ ”پنائي ويلفيئر ايسوسيئيشن“ ۾ بہ خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو.

قاضي عزيزالله صاحب هڪ شادي ڪئي آهي. ڪيس هڪ پٽ جو اولاد آهي. پنهنجي ان پٽ جو نالو پنهنجي والد صاحب جي نالي پنيان قاضي لطف الله رکيو اٿائين. قاضي عزيزالله صاحب ياررويس، اوطاقي جوان، همدرد، اديب، بااخلاق، قربائتو انسان، آئي جي عزت ڪرڻ وارو، هرڪنهن کي مانُ ڏيڻ وارو، قوم لاءِ دل ۾ درد رکڻ وارو ۽ سماجي ورڪر ۽ رهبر آهي. پاڻ غريبن جي مدد ڪرڻ جو ڪو موقعو هٿان وڃڻ نہ ڏيندو آهي. سندس ڪوشش هوندي آهي تہ جيترو وس ۾ آهي، ان آهر هر ڪنهن جي بلا تفريق ڪم اچي سگهان. پاڻ بهترين شاعر ۽ اديب پڻ آهي. سندس شاعري ڏاڍي پختہ، پُر تاثير ۽ بلاغت واري هوندي آهي. سندس شاعري منجهان سندس علم پيو جهلڪندو آهي. پاڻ ڪچهريءَ جو مور ماڻهو آهي. سندس سان جڏهن ڪچهري ڪجي ٿي تہ وٽانئس اٿڻ تي دل نہ چاهيندي آهي. دل چوندي آهي تہ وينو سندس گفتگو ٻڌجي. ڪيس پنهنجي قاضي خاندان جو ڪافي شجرو ۽ حال احوال معلوم آهن. ڪاش سندس خاندان

منجهان ڪوئي ڪائنس اها معلومات وٺي سهيڙي محفوظ ڪري. پاڻ پلائي جي ڪمن ۾ پهل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ان لڳن ۾ هوندو آهي تہ آخرت سنوارڻ جو موقعو ملي تہ ان منجهان فائدو حاصل ڪري وٺان.

٩٢ علي گوهر (ساحل) لاشاري

علي گوهر بن حاجي علي محمد لاشاري پهرين مارچ ١٩٧٩ع ۾ ڳوٺ ڳاڙهي ۾ جنم ورتو. پاڻ پرائمري جي تعليم پرائمري اسڪول ڳاڙهي ۽ ١٩٩٧ع ۾ ميٽرڪ هاءِ اسڪول وَن ميهڙ منجهان مڪمل ڪيائين. ٢٠٠٠ع ۾ انٽر ۽ ٢٠٠٥ع ۾ B.A جا امتحان گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ميهڙ منجهان پاس ڪيائين. ٢٠١٥ع ۾ B.Ed لياري يونيورسٽيءَ سان ايفليڪٽيڊ ڪاليج دادو منجهان پاس ڪيائين. ٢٧ جنوري ٢٠١٥ع ۾ ڪيس تعليمي ڪاتي ۾ پرائمري استاد پرٽي ڪيو ويو.

رب العزت علي گوهر کي تمام سٺي ۽ سلوڻي زبان عطا فرمائي آهي. محترم علي گوهر صاحب پنهنجي خداداد صلاحيتن سان نثر ۽ نظم ۾ محنت ڪندو رهي ٿو. ڪيس موقعي جي مناسبت سان لفظن کي سموهي سهٽا جملا ٺاهي پيش ڪرڻ جو ڪو قدرتي ڏانءُ مليل آهي. سندس ڳالهائڻ جو انداز بہ ڏاڍو منفرد محسوس ٿيندو آهي. انهن جي صحبت منجهان ڪافي ڪجهہ حاصل ڪري چڪو آهي. جهڙو صورت جو سهڻو آهي، تهڙو سيرت جو بہ سهڻو آهي. بااخلاق شخصيت جو مالڪ هي جوان تصنيف ۽ تحرير جي ميدان ۾ خدمت جو خواهشان آهي. ان سلسلي ۾ وٽس ڪافي مواد موجود آهي. هو پنهنجو مواد ڇپرائي نہ سگهيو آهي. پاڻ نثري نظم تي بہ ڪافي دسترس رکي ٿو. محترم علي گوهر صاحب پنهنجي لاءِ تخلص ”ساحل لاشاري“ استعمال ڪندو آهي. پاڻ حمد، نعت، بيت، نظم، ٽہ سٽو، چؤسٽو، ڇهہ سٽو، وائي، گيت، غزل، پنج ڪڙو ۽ ڳجهارت سان گڏ نثر، نثري نظم، مضمون، مقالا ۽ ڪالم لکندو رهي ٿو. سندس لکٽي سندس صورت جيان تمام سٺي ۽ سهڻي آهي. سندس لکڻ جو انداز اهڙو آهي جو هر پڙهندڙ کي مڪمل پڙهڻ تي مجبور ڪري وجهندو آهي. سندس لکٽين جيان سندس زبان ۽ گفتار آهي. ساڻس ڪچهري دوران ايئن پيو محسوس ٿيندو آهي جڻ تہ ڪا لکيل ڊائري پڙهي ٻڌائيندو هجي.

٩٣ سيد غلام حسين شاهه (سيد بسم الله شاهه)

ميهڙ جي عظيم سپوتن جو ذڪر ٿئي ۽ سيد بسم الله شاهه صاحب جو ذڪر نہ ٿئي، اها ڳالهه اڌوري رهجي ويندي. سيد غلام رسول شاهه صاحب کي سندس خدمتن جي عيوض الله رب العزت ١٣ رجب ١٣٨٠هه مطابق پهرين جنوري ١٩٦١ع بروز آچر هڪ ناياب گوهر سيد غلام حسين شاهه صاحب جي روپ ۾ عطا فرمايو. سيد غلام حسين شاهه صاحب ننڍپڻ کان ئي ڪافي ذهين هوندو هو. سندس والد سيد غلام رسول شاهه صاحب جي فقيراڻا طبيعت جو اثر سندس هن معصوم ٻار تي شروع کان ئي رهيو. سيد غلام حسين شاهه صاحب ٻچپن کان ئي محنتي رهيو. پاڻ پرائمري تعليم مين پرائمري اسڪول منجهان حاصل ڪيائين. ان کان پوءِ ميٽرڪ جا امتحان هاءِ اسڪول ميهڙ منجهان پاس ڪيائين. پاڻ M.A، B.Ed ۽ M.Ed فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪري ڊگريون حاصل ڪيائين.

پاڻ ميرٽ تي تعليم کاتي ۾ ١٩٨٠ع ۾ پرائمري استاد ڀرتي ٿيو. کيس پنهنجي مادري علمي مين پرائمري اسڪول ميهڙ ۾ استاد مقرر ڪيو ويو. پاڻ تمام قابل استاد جي روپ ۾ خدمت ڪرڻ شروع ڪيائين. سندس قابليت ۽ محنت ڏسي هر ٻار جي اها خواهش رهي تہ پاڻ سيد غلام حسين شاهه صاحب وٽ تعليم حاصل ڪري. سندس پڙهائڻ ۽ سمجهائڻ جو انداز بہ ڪافي منفرد رهيو. تعليمي سال مڪمل ٿيڻ تي جڏهن ساليانا امتحان ويجها ايندا هئا تہ ٻارڙن کي بلا معاوضي ٽيوشن پڙهائڻ شروع ڪندو هو تہ جيئن ٻارڙن جي امتحانن ۾ ڪارڪردگي بهتر کان بهتر رهي. ١٩٨٨ع ۾ جڏهن سرڪار طرفان پرائمري اسڪولن ۾ انگريزيءَ کي شامل ڪيو ويو تہ ان وقت ميهڙ تعلقي ۾ سيد صاحب اهو واحد استاد هو جنهن کي ٽريننگ لاءِ موڪليو ويو. پاڻ اها ٽريننگ ڪري واپس اچي ان جو عملي نمونو اسڪول ۾ اپنايائين. سندس پڙهائڻ ۽ سمجهائڻ جي انداز کي ٻين استاد ۽ تعليم کاتي جي آفيسرن ڪافي ساراهيو. سندس قابليت ۽ پڙهائڻ جي طريقي کي ڏسندي کيس ١٩٩٥ع ۾ اسڪول جو هيڊ ماستر مقرر ڪيو ويو. انهيءَ وقت اسڪولن کي ڪوSMC فنڊ وغيره نہ ملندو هو. پاڻ پنهنجي کيسي منجهان خرچ ڪري ۽ اسڪول جي استادن، اسٽاف، ٻارڙن جي والدين ۽ شهرين جي مدد ۽ تعاون سان جن ۾ محترم خدابخش مهيسر سابق "S.D.E.O"، محترم

نثاراحمد خان ڀٽ، شاهه محمد سومرو وڪيل، ڊاڪٽر رسول بخش شيخ، محترم محمد اقبال ٽيبو، ڊاڪٽر محمد خان شيخ، محترم امان الله سومرو ۽ استاد ذوالفقار سومرو سرفهرست رهيا، اسڪول اندر وڻڪاري ڪرڻ شروع ڪيائين. ڇبر ۽ گلڪاري ڪرائي اسڪول جي سونهن ۾ اضافو ڪرڻ سان گڏ تعليمي نظام ۾ به ڪافي بهتري آندائين. ميهڙ تعلقي جو هي واحد اسڪول هو جنهن اندر ڪولڊ واٽر عطيه طور وٺي نصب ڪرايائين. اسڪول جي سرٽيفڪيٽ ڪي منفرد مونوگرام سان ڇپرايائين. مطلب پاڻ اسڪول جي سونهن ۾ اضافو ڪندو ويو. جڏهن وزيراعليٰ سنڌ جو تعليمي صلاح ڪار جناب امير علي ابڙي صاحب اسڪول وزٽ ڪيو ته اسڪول جو ماحول ۽ تعليمي نظام ڏسي ان جي ڏاڍي واکاڻ ڪيائين. هن اسڪول جي سونهن ۽ نظام تعليم جي ساراهه وزيراعليٰ هائوس، تعيلم سيڪريٽري ۽ ڊپٽي ڪمشنر صاحب جي آفيس ۾ به هن اسڪول جو مثال ڏئي اسڪول جي هيڊ ماستر ۽ استاد عملي جي واکاڻ ڪندو رهيو. سيد غلام حسين شاهه صاحب جي قابليت ۽ ايمانداريءَ کي ڏسي هاءِ اسڪول وَن ميهڙ جي هيڊ ماستر جناب شمسُ الدين ڀٽ صاحب کيس ١٩٩٨ع ۾ پاڻ وٽ هاءِ اسڪول ٽيچر (HST) طور مقرر ڪرايو. پاڻ اتي سنڌي مادري زبان جو استاد ٿي رهيو. اتي پنهنجي ذمي لڳل مضمون سان گڏ اضافي دلچسپيءَ طور ٻارڙن کي فيئربوڪ ٺاهڻ جا نمونا، گرامر ۽ هينڊ رائيٽنگ سيکاريندو رهيو. ٢٠٠١ع ۾ کيس اسڪولس سپروائيزر طور S.D.E.O آفيس ميهڙ ۾ مقرر ڪيو ويو. پاڻ انهيءَ عهدي تي اڄ تائين خدمت سرانجام ڏئي رهيو آهي. سندس پڙهائڻ ۽ سيکارڻ جي طريقن جا شاگرد ته ديوانا رهيا آهن پر استاد پڻ معترف آهن. سيد غلام حسين شاهه صاحب پنهنجي هر بيٽ يا يونين ڪائونسل جي استادن ۽ شاگردن جو آئيڊيل رهيو آهي. کيس مختيارڪار، S.D.M ۽ ريٽرننگ آفيسرن وٽ تعليم کاتي جي عيوضي طور موڪليو ويندو آهي. سندس سچي لگن ۽ محنت کي ڏسندي هر آفيسر کيس چاهيندو ۽ خدمت وٺندو آهي.

سيد غلام حسين شاهه صاحب کي پرائيويٽ اسڪولن تي ضلعي آفيسرن طرفان پنهنجو نمائندو مقرر ڪيو ويو. پاڻ انهيءَ ميدان ۾ به ڪافي مقبول خدمتون سرانجام ڏئي چڪو آهي. سندس رڪارڊ جي صفائي،

ايمانداري ۽ محنت سان ڪيل ڪمن جي ساراهه تقريبًا هر اسڪول وارا ڪندي نظر اچن ٿا. پاڻ واقعي ۾ تعليمي ماهر جي حيثيت رکي ٿو. پاڻ جڏهن بہ ڪو اسڪول وزٽ ڪرڻ ويندو آهي تہ ٻارڙن کي لکڻ جا جيڪي طريقا سيکاريندو آهي انهن طريقن کي ڏسي استاد بہ دنگ رهجي ويندا آهن. ڪيس رڪارڊ ناهڻ جو بہ تمام سنو سليقو ۽ مهارت حاصل آهي. راقم ڪانئس اسڪول جو جنرل رجسٽر ناهڻ، اسڪول جي رزلٽ شيٽ ناهڻ، اسڪول جا ليونگ ۽ ٽرانسفر سرٽيفڪيٽ ناهڻ ۽ عمرن جا سرٽيفڪيٽ ناهڻ سکيو. سندس جي انهيءَ احسان جي ڪري اڄ رڪارڊ ناهڻ جي سلسلي ۾ راقم ڪيترن ئي استادن ۽ اسڪول وارن جي مدد ڪندو ۽ ڪين سيکاريندو آهي. اهو بہ سيد غلام حسين صاحب جو صدقہ جاريہ آهي. پاڻ دلربا قسم جو ماڻهو ۽ عزت ۽ احترام سان پيش اچڻ ۾ نمايان نظر ايندو آهي. پاڻ ايمانداريءَ جو مجسمو آهي. بہ نمبر ڪمن کان بلڪل بہ بيزار هوندو آهي. ڪيس بہ نمبر ڪم لاءِ منٿ ڪري ڪيس چيڙائڻ ۽ پنهنجو وقت برباد ڪرڻ ئي هوندو آهي. پاڻ سيکارڻ جي معاملي ۾ ڏاڍو سخي رهيو آهي. سندس اها ڪوشش هوندي آهي تہ جيترو ٿي سگهي ٻيا مون کان سکي ٻين جي رهنمائي ڪن. سيد غلام حسين شاهه صاحب ڏاڍو صابرين انسان آهي. سندس ڪردار، اخلاق، ڪم جي سچائي ۽ ايمانداري جي ڪري ڪجهه شر پسند ماڻهن ڪيس ڪافي دفعا تڪليفون رسايون آهن، پر پوءِ بہ پاڻ سيد گهراڻي جو ڀرم رکندي پنهنجي دانهن پنهنجي رب پاڪ کي ئي ڏيندو آهي ۽ فيصلو بہ رب جي ذات تي ڇڏي ڏيندو آهي. پاڻ تعليمي ماهر هئڻ سان گڏ ڏاڍو عبادت گذار انسان پڻ آهي. پاڻ پنجگانہ نماز باجماعت جو سختيءَ سان پابند، تهجد گذار، ادب ۽ حيا جو پيڪر ۽ محبت ۽ احترام ڏيڻ ۾ اڳرو رهڻ وارو انسان آهي. ڪيس ادبي ميدان ۾ خدمت ڪرڻ جو بہ ڪافي شوق هوندو آهي. پاڻ شروع کان ئي مختلف موضوعن تي مضمون ۽ ڪالم لکندو رهيو آهي. سندس ڪجهه ڪالم ۽ مضمون "الک" اخبار ۾ ڇپيا. پاڻ شاعري جي صنف تي بہ پاڻ کي آزمائيندو رهندو آهي. ان کان علاوه سندس ڪافي مواد قلمي صورت ۾ وٽس محفوظ آهي. پاڻ شروع کان وٺي "غريب سيد" جو تخلص استعمال ڪندو رهيو آهي. پاڻ شوشل ميڊيا تي گهڻو متحرڪ رهندو آهي. سماج ۾ موجود برائين ۽ حل طلب مسئلن تي دل کولي لکندو رهندو

آهي. پاڻ سماجي ڪمن ۾ بہ نمايان خدمتون ڪري رهيو آهي. گهٽين جي صفائي جو مسئلو هجي يا گهٽيون پڪيون ڪرائڻ جو ڪم هجي، گئس جو مسئلو هجي يا بجليءَ جو مسئلو هجي انهن سيني ڪمن ۾ پهل ڪرڻ واري شخصيت نظر ايندو آهي. پاڻ هر تعليمي سيمينار ۽ پروگرام ۾ لازمي طور شريڪ ٿيندو آهي. سنڌي ادبي سنگت جو ميدان هجي يا ڪلچر ڏهاڙو هجي، تعليمي هفتو هجي يا تعليمي سيمينار هجي پاڻ سيني ڪان اڳ ۾ نظر ايندو آهي. فلاحي ۽ سماجي تنظيمن "آل سيد ايسوسيئيشن سنڌ"، "آل سادات پاڪستان"، "منڙا ماڻهو ميهڙ جا"، "مهراڻ سوشل فورم" ۽ "پلا ماڻهو ميهڙ جا" جي هر پروگرام ۾ شريڪ ٿي پنهنجو فرض احسن طريقي سان نڀائيندو رهيو آهي. سندس زبان تي هر وقت بسم الله الرحمٰن الرحيم جو ورد هوندو آهي. پاڻ ٻڌائيندو آهي تہ بسم الله جي برڪت سان انسان شيطاني حملن کان محفوظ رهي ٿو. ڪيس بہ خبر نہ آهي تہ سندس زبان تي اهو بابرڪت ورد ڪڏهن ۽ ڪيئن شروع ٿيو. ان ورد کي الله رب العزت طرفان عطا ٿيل ڏين سمجهندو آهي. سندس هر ڪلام جي شروعات بسم الله الرحمٰن الرحيم سان هوندي آهي. حتيٰ ڪہ اگر فون تي بہ ساڻس رابطو ڪجي تہ پهريان پوري بسم الله پڙهي پوءِ سلام ڪندو يا سلام جو جواب ڏيندو آهي. اها سندس تمام پراڻي ۽ مستقل عادت آهي. پاڻ انهيءَ عادت جي ڪري "سيد بسم الله شاهہ" جي لقب سان مشهور آهي.

٩۴ سيد غلام رسول شاهہ

ميهڙ جي مٽي ڏاڍي مان ۽ شان واري مٽي رهي آهي. هتي عجمي ذاتين وارن سان گڏ رسول اڪرم ﷺ جن جي اولاد بہ جنم وٺي ميهڙ کي اجان بہ مانُ بخشيو آهي. عراق جي علائقي فردوسي جي سادات گهراڻي جيڪو سيدنا شيخ عبدالقادر جيلاني سان عقيدت جي ڏور ۾ جڙيل رهيو، ڏکن ۽ ظلمن هٿان مجبور ٿي پنهنجا اباڻا ڳڪَ ڇڏي مختلف علائقن ۾ هجرت ڪندي اچي ميهڙ جي سرزمين تي مستقل سڪونت پذير ٿيو. انهيءَ گهراڻي جي سيد حاجي ڪمال شاهہ صاحب جي گهر ۾ ١٩٣٧ع ڌاري هڪ بابرڪت ٻار جنم ورتو. ان ٻار جو نالو پنهنجي ناني فخرِ ڪائنات رحمت

للعالمين ﷺ سان پنهنجي غلامي جي نسبت غلام رسول رکيو ويو. هن بار پنهنجي خاندان جو خوب ڀرم رکيو. ٻچپن کان ئي سباجهڙي طبيعت وارو رهيو. هي ٻار جڏهن پڙهڻ جي عمر کي رسيو تہ قرآن مجيد جي تعليم ۽ پرائمري تعليم ميهڙ منجهان حاصل ڪيائين. غربت سبب وڌيڪ تعليم حاصل نہ ڪري سگهيو. ڪيس پڙهڻ سان جنون جي حد تائين جو عشق هوندو هو. پنهنجي علمي اڃ اجهائڻ لاءِ مختلف ڪتابن ۽ اخبارن جو ڏاڍو عرق ريزيءَ سان مطالعو ڪرڻ شروع ڪيائين. سندس مطالعو ڏينهون ڏينهن وسيع ٿيندو ويو. ٿورڙي ئي وقت اندر ڪيس انگريزي زبان تي بہ ڪافي عبور حاصل ٿي ويو. سيد غلام رسول صاحب جڏهن جوانيءَ ۾ قدم رکيو تہ سندس عبادت سان ذوق بہ وڌندو رهيو. پاڻ سادي طبيعت، تهجد گذار، فقير قسم جو درويش، متقي ۽ پورهيت انسان جي روپ ۾ نروار ٿيو. آهستي آهستي ماڻهو وٽس ٽيليگرام، مني آرڊر ۽ خط وغيره لکرائڻ ۽ پڙهائڻ جي سلسلي ۾ حاضر ٿيڻ لڳا. پاڻ اها خدمت محض رب جي رضا خاطر بلا معاوضہ ڪندو رهيو، ٻين جي مدد دل کولي ڪندو هو.

ميهڙ جي "سفيد مسجد" ۾ خدمت ڪرڻ شروع ڪيائين. ڪيس اتي مؤذن مقرر ڪيو ويو. پاڻ بلاناغه آذان سان گڏ مسجد جي صفائي سٿرائي جي خدمت بہ ڪندو رهيو. انهيءَ خدمت ۾ ڪيس قلبي سڪون ملندو هو. هن بزرگ پنهنجي پوري زندگي عبادت ۽ ماڻهن جي خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏي. پاڻ اڪثر روزي سان رهندو هو. نماز، تهجد جي پابندي ۽ تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪيس تمام گهڻو لڳاءُ هوندو هو. چاشت جي نمازَ ۽ اوابين جي نماز بہ پابنديءَ سان ادا ڪندو رهيو. سندس عبادت ۽ تقويٰ ڏسي ماڻهو وٽس دعا ۽ تعويذ جي سلسلي ۾ اچڻ لڳا. پاڻ اها خدمت بہ بلا معاوضي في سبيل الله ڪندو رهيو. پاڻ واقعي غلام رسول ﷺ هو. سندس دوستي ۽ صحبت پير آف ميهڙ سيد علي اڪبر شاهہ، سيد علي اصغر شاهہ، مفتي ڪريم بخش مگسي، رئيس شفيع محمد پٽي، ڊاڪٽر علي انور شيخ، محمد صالح ڀٽ، ڊاڪٽر غلام عباس مهيسر ۽ منظور علي سيال جهڙين مانائتي شخصيتن سان رهي. پاڻ انهن جي صحبت ۾ ويهندو ۽ ڪجهہ سکندو رهيو. هن صالح بزرگ جي عبادت ۽ خدمت ماڻهن جي دلين ۾ سندس لاءِ محبت ۽ احترام لاءِ جڳهہ ٺاهي ورتي. سندس عبادت جو ذوق بہ حيران ڪندڙ هو. هن

بابرڪت شخصيت جو وجود ميهڙ لاءِ هڪ وڏي سعادت هئي. هن بزرگ ميهڙ جي عوام جي دلين ۾ پنهنجي خدمت سان اَمرُ ڪردار جو مثال قائم ڪري پاڻ ڪي موت کان بعد بہ زندھ رکڻ لاءِ جاءِ ناهي ورتي. هن بزرگ پنهنجي پوري زندگي غربت ۾ گذاري. ڪيس بہ دفعا حرمين شريفين جو سفر ڪري عمرو ڪرڻ جي سعادت پڻ نصيب ٿي. ميهڙ جي هن ماڻ پري شخصيت ٣٠ ربيع الاول ١۴٢٩ھ مطابق ٧ اپريل ٢٠٠٨ع بروز سومر هزارين چاهيندڙن جي اکين ۾ آب ڏئي، داعي اجل جي سڏ تي لبيڪ چيو. جنازي نماز کان بعد آخري ديدار وقت سندس مطمئن ۽ نوراني چهرو ڏسي هر دل منجهان حيرت ۾ "ماشاءالله"، "سبحان الله" ۽ "بيشڪ" جا الفاظ ٿي نڪتا. ڪيس ميهڙ جي حاجن شاھ قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. پاڻ پنهنجي پوري زندگي الله رب العزت جي فرمان مطابق گذاري هميشہ لاءِ عوام جي دلين ۾ امر ٿي ويو. سندس خدمتن ڪي ماڻُ ڏيندي سابق MNA جناب عمران ظفر لغاري صاحب سندس پوٽي راجا سائين سيد جميل حسين شاھ صاحب جي گذارش تي سفيد مسجد لاءِ هڪ مَوري (پُل) سيد غلام رسول شاھ صاحب جي نالي منسوب ڪري نهرائي ڏني. انهيءَ پُل جي ڪري مسجد جي جماعت ۾ پڻ ڪافي اضافو بہ ٿيو. سيد غلام رسول شاھ صاحب ڪي الله رب العزت سندس ڪردار جي نقل جا بہ هيرا سيد غلام حسين شاھ ۽ سيد فياض علي شاھ جي روپ ۾ عطا ڪيا. هي بئي جوان پنهنجي والد صاحب جي نقش قدم تي هلي سماجي خدمت ۾ مصروف عمل آهن.

٩٥ حاجي غلام نبي مهيسر

الله رب العزت انسان کي علم ۽ عقل جي ڏين عطا فرمائي افضليت جو درجو عطا فرمايو. ڪيس پنهنجو نائب مقرر ڪيائين. مٽيءَ جي هن پيداوار کي نوري مخلوق کان سجدو ڪرائي سندس بيحد تعظيم ڪرايائين. ابن آدم کي علم ۽ عقل جهڙو هٿيار ڏئي شيطان کي سندس مقابلي جي اجازت ڏنائين. شيطان انسان جو ازلي دشمن آهي. ان کان بچڻ ۽ ٻين کي بچائڻ عظيم ڪارخير آهي. شيطان انساني نفس کي پنهنجي طابع بڻائي ڪانئس پنهنجا من پسند اعمال ڪرائيندو آهي. ڪجھ انسان اهڙا آهن، جيڪي نفس کي ماري شيطان کي مات ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا آهن.

انسان ٻين جي رهنمائي جي طاقت رکي ٿو. ٻين کي مختلف گُر سيکاري سگهي ٿو. انسان کي الله رب العزت قلم جي طاقت عطا فرمائي ته ان سان گڏ بيان ڪرڻ جي سگھ به عطا فرمائي آهي. ڪجھ انسان قلم جي ذريعي ٻين جي رهنمائي ۽ هدايت جو ذريعو بڻبا آهن، ته ڪجھ وري زبان ۽ بيان جي ذريعي ٻين لاءِ هدايت جي راهه هموار ڪن ٿا. ڪجھ قلم ذريعي پنهنجو پيغام ٻين تائين رسائين ٿا ته وري ڪجھ ٻين جي دلين جي ترجماني به قلم ذريعي ڪن ٿا. ڪجھ انسان لفظن سان ٻين جي دلين جي ترجماني ڪندا آهن، پوءِ اهي لفظ قلمبند ٿيل هجن جا اهي زبان تي زد عام هجن. اهڙن الفاظن جي پرتاثير جوڙ جڪ جي ڪم کي شاعري به چئي سگهجي ٿو. هڪ اهي شاعر هوندا آهن جيڪي وڏيون وڏيون هامون هڻندا آهن ته مان آسمان تان تارا به لاهي ايندس، مان ڌرتي کي بدلائي ڇڏيندس. مطلب ته لباڙ بازي به شاعري جي صورت ۾ عام ٿئي ٿي. بيهوده شاعر جيڪو چوندا آهن اهو بلڪل به نه ڪندا آهن. اهڙن شاعرن جي مذمت الله رب العزت پنهنجي ڪلام ۾ هينئن ڪئي آهي. وَ اَنَّهُمْ يَقُوْلُوْنَ مَا لَا يَفْعَلُوْنَ[٣٤] ترجمو: "۽ هو اهو ڪجھ چوندا آهن جيڪو پاڻ نه ڪندا آهن" يعني اهي اهڙيون ڊاڙون ٻٽاڪون هڻندا آهن ۽ اهڙيون دعوائون ڪندا آهن، جن جو عملي زندگيءَ سان ڪوبه تعلق نه هوندو آهي. ڪجھ اهي شاعر حضرات هوندا آهن جيڪي عوام جي دلين جي صحيح ترجماني ڪندا آهن. ڪجھ شاعر پنهنجي شاعري ذريعي ٻين جون دليون موهي وجهندا آهن. عام انسان لفظن کي اهڙي جوڙجڪ ۽ عمده طريقي سان سهيڙي نه سگهندا آهن. هي الفاظ عام رواجي هوندا آهن، پر انهن لفظن کي سنواري صحيح ترتيب سان سجائي رکڻ سان اهي پُرتاثير ۽ مزيدار بڻجي وڃن ٿا. جنهن جي مداح حق هجي، ان جي تعريف شاعري جي صورت ۾ يا الفاظن کي سهيڙي ڪرڻ ۽ اصلاحي ڳالھ ڪرڻ جائز بلڪ مستحسن ڪم آهي. هر شاعر پنهنجي ڪوشش ۾ رڌل هوندو آهي، پوءِ ڪيس ان ڪوشش ۾ ڪيتري ڪاميابي ملي يا ناڪامي نصيب ٿي، اهو سامعين طرفان موٽ ملڻ تي هوندو آهي. سڀ کان بهترين شاعري حمد باري تعالىٰ، مداح مصطفىٰ ﷺ، معاشري جي ڀلائي ۽ نيڪ ڪمن تي همٿائڻ واري شاعري آهي. اسان جي ميهڙ ۾ انيڪ اهڙا شاعر ٿي گذريا آهن. اگر اهڙن عمدا شاعرن جي نالن جي فهرست جوڙي وڃي ته ان

فهرست ۾ پهريون نالو حاجي غلام نبي مهيسر جو هوندو.

حاجي غلام نبي بن عبدالخالق مهيسر جو جنم ١٣٥٦ھ مطابق ١٩٣٨ع ۾ ڳوٺ باغو تيوٽو ۾ ٿيو. پاڻ ٻچپن ۾ ئي يتيم ٿي ويو، جنهن ڪري کيس ناناڻن پاليو.[٣٥] پاڻ صرف ٽي درجا سنڌي پڙهي سگهيو. ديني تعليم پنهنجي ڳوٺ جي مسجد ۾ پڙهيائين. سندس اندر عشق رسول ﷺ سان سدائين پُر رهيو. پاڻ ١٠ يا ١٢ سالن جي عمر ۾ شاعري ڪرڻ شروع ڪيائين. پاڻ بزرگن ۽ عالمن جي صحبت ۾ تمام گهڻو ويهندو هو. انهن جا نصيحت ڀريا ٻول هيئنئن سان هنڊائيندو هو. عشق رسول ﷺ سندس اندر ۾ اپامندو رهيو. دلبر جي ديدار پسڻ لاءِ تقريبًا ١۴ سالن جي عمر ۾ پيرين پنڌ حج لاءِ نڪري پيو. خانہ ڪعبہ جي ديدار ۽ طواف ڪان بعد حبيب ڪائنات ﷺ جن جي روضي اطهر جو بہ ديدار ڪيائين. اتان موٽي اچي شاعري کي پختہ رنگ ۾ لکڻ شروع ڪيائين. سندس اڪثر اوقات محبوب مصطفیٰ ﷺ جن جي مداحن ۽ عاشقن سان گذرڻ لڳو. کيس برائيءَ ڪان سخت نفرت هوندي هئي. پاڻ جيڪا بہ برائي ڏسندو هو، ان جي مذمت ۾ شاعري جي زبان استعمال ڪندو هو. سندس شاعري جي زبان انهن برائين ۾ ملوث ماڻهن تائين پهتي تہ ڪيترن ئي توبہ ڪري انهن برائين کي ڇڏي ڏنو. ان ڪان بعد حاجي صاحب مشهور ٿيڻ لڳو. پاڻ هر خوشي چاهي غمي جي موقعي تي شاعري ٺاهي پڙهندو هو. عوام جي لڙڪن ۽ توبهن هن بزرگ کي تمام گهڻو سڪون ڏنو. پاڻ پنهنجي ساري زندگي حمد، نعت، منقبت ۽ اصلاح جي شاعري لکندي ۽ پڙهندي گذاريائين. کيس مولود ۽ غزل لکڻ ۽ چوڻ جي الله رب العزت طرفان ڏين عطا ٿيل هئي. کيس اها ڏات پنهنجي مالڪ ڪان ملي. پاڻ پنهنجن ساٿين سان گڏجي مولود چوندو هو. سندس ساٿين ۾ جانڻ فقير، ليمون فقير ۽ عبدالحق هوندا هئا. سندس هي دوست بہ مولود چوڻ ۾ نهايت ماهر هوندا هئا.

حاجي غلام نبي جي شاعري جو پهريون ڪتاب "ثناءِ سرور ڪائنات" جا ۴٦ حصا ١٩٦٩ع ڪان ١٩٨٥ع تائين شايع ٿيندا رهيا. ان ڪان پوءِ سندس جيڪي ڪتاب ڇپيا تن ۾ "عقيدت جا گل"، "حق مدينہ"، "پنج خدا جا گنج"، "رنگي تنهنجا رنگ" (نصيحت جا ڪلام)، "ساراهہ محفل ميلاد" ۽ "ثنائي مصطفیٰ" سندس زندگيءَ ۾ ڇپيا.[٣٦] پاڻ پنج هزارن ڪان وڌيڪ شعر چيائين.

سندس مولودن جون ڪيسٽون ٥٠٠ ڪان وڌيڪ نڪتل آهن. پاڻ شاعري ڪرڻ شروع ڪيائين. شاعري تہ ڪيائين پر مولودن ۽ غزلن ۾ هڪ نئون روح ڦوڪي ڇڏيائين. سنڌي مولودن ۽ غزلن جي هڪ نئين بيان طرز ٺاهيائين. سندس ڪلام چوڻ جو پنهنجو منفرد انداز هو. حاجي صاحب جي شاعري جا موضوع اسلامي احڪامات، حقيقي محبت، غلط اعمال جي مخالفت، دلين جون صدائون، بزرگن جون دعائون، امڙين جون لوليون، پيار، محبت ۽ احترام واريون ٻوليون، ڏکن جي آهٽ، غمن جا غبار، چاهت جي چاشني، رشتن جي رس، مائٽن جي مناس، الفت جي اڪير، دلين جا درد، امت جون آنهون، درد وارن جون دانهون، زندگي جو زيان، پئسي جو پاڳل پن، بيمار جي بي وسي، سڪرات جا سور، موت جي مار، جنازي جا حال، قبر ۾ ڪوڪ، لحد ۾ لاچاري، عالم برزخ جي باهہ، محشر جو ميدان، ميزان جي تور، پل صراط جو پار ٽپڻ، دوزخ جو ڏڪو ۽ جنت جو آسرو هوندو هو. مطلب تہ انساني حيات جي سيني عالمن تي قلم ڪي استعمال ڪري ميهڙ تہ ڇا پر ڏيهون ڏيهہ عوام کي سبق سيکاري ويو. حاجي صاحب جي شاعري جو هڪ الڳ انداز هو تہ وري شاعري پڙهڻ جو بہ پنهنجو هڪ الڳ انداز هوندو هو. ٻڌندڙن تي وجد طاري ٿي ويندو هو ۽ لڙڪ جاري ٿي ويندا هئا، الله ياد اچي ويندو هو، قبر، محشر، جنت، دوزخ، پل صراط ۽ ميزان سڀ سامهون اچي ويندا هئا. ماڻهو پاڻ کي ٻي دنيا ۾ محسوس ڪندو هو. اها ڳالهہ هر زبان تي عام ٿي تہ شاعري ڪري تہ غلام نبي مهيسر ڪري ۽ پنهنجي شاعري پڙهي تہ پاڻ پڙهي باقي ٻيا سندس شاعري پڙهڻ جو حق ادا نہ ٿا ڪري سگهن. سندس سوين ڪلام سنڌي زبان سمجهڻ وارن تائين پهتا. ماڻهو ڏاڍي شوق سان ڪيس ٻڌندا هئا. ماڻهن جي دلين ۾ سدا نيڪي جي آرزو جاڳائيندو رهيو. پاڻ پنهنجي شاعري ۽ سريلي آواز سان عوام جي دلين ۾ زنده جاويد ٿي ويو. هن سريلي آواز واري مداح مصطفیٰ ﷺ ٢٨ شعبان ١٤٢١هہ مطابق ٢٦ نومبر ٢٠٠٠ع بروز آچر اسان کان جدائي اختيار ڪئي. سندس جسماني جدائي عوام جي اکين ۾ لڙڪ ڏئي وئي، مگر پاڻ اڄ بہ عوام جي دلين ۾ زنده آهي.

٩٦ قادربخش چانڊيو (Q.B چانڊيو)

هرانسان جي اندر جيڪي صلاحيتون وديت ٿيل هونديون آهن، انهن صلاحيتن کي صحيح سِمت استعمال ڪري ڄاڻڻ به هڪ فن آهي. اهو فن هر ڪنهن کي حاصل ٿيل نہ هوندو آهي. پنهنجي صلاحيتن کي صحيح جاءِ تي استعمال ڪرڻ بہ الله رب العزت جو فضل ئي هوندو آهي. انسانيت لاءِ پاڻ پتوڙڻ جو فن جنهن کي مقدر ٿيو تہ ان کي ڪاميابي نصيب ٿي ۽ هو ڪيتروئي وقت عوام جي دلين ۾ زنده رهجي ويندو آهي. هرانسان جا چاهيندڙ بہ هوندا آهن تہ وري ڪجھ مخالف بہ ضرور هوندا آهن. ان انسان جي تعريف جا ڪلمات ٻڌڻ سان مخالفن جو اندر سڙي ويندو آهي. مخالفت ۾ ساراهڻ واري ماڻهوءَ جي مخالفت لاءِ سندرو ٻڌي نڪري پوندا آهن. پنهنجي صلاحيتن کي صحيح سِمت ۾ استعمال ڪرڻ وارن ۾ هڪ نالو سائين قادربخش چانڊيو صاحب جو بہ آهي.

قادربخش بن غلام رسول چانڊيو ١٧ ذوالحج ١٣٧٩ مطابق ١٢ جون ١٩٦٠ع بروز آچر ميهڙ جي مشهور درگاهہ ۽ ڳوٺ شاهہ گودڙيو ۾ ٿي. پاڻ پرائمري تعليم پنهنجي اباڻي ڳوٺ شاهہ گودڙيو منجهان حاصل ڪري ١٩٧٧ع ۾ پنهنجي چاچي غلام حيدر چانڊيو (رٽائرڊ پرائمري استاد) سان گڏ لڏي اچي فريدآباد ۾ مستقل سڪونت پذير ٿيو. قادربخش صاحب ١٩٧٧ع ۾ هاءِ اسڪول راڌڻ اسٽيشن منجهان ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو. ١٩٧٨ع ۾ دادو منجهان "P.T.C" جو امتحان سٺن نمبرن ۾ پاس ڪيائين. ڪيس ١٩٧٩ع ۾ تعليم کاتي ۾ پرائمري استاد جو آرڊر مليو. سندس جوائننگ ڳوٺ عبدالحميد جتوئي (خان جو ڳوٺ ميهڙ) جي اسڪول ۾ ٿي. پاڻ ڏاڍو محنتي انسان رهيو آهي. هر سماجي ڪم ۾ پهل ڪرڻ سندس سڃاڻپ رهي آهي. جنهن ڪري ١٩٨٥ع کان ١٩٨٧ع تائين "پ ٽ الف" جو ميهڙ تعلقي جو صدر ٿي رهيو. ١٩٨٨ع ۾ ١١ گريڊ ۾ "L.C.O" (Learning Coordinator) مقرر ٿيو. ڪيس اولھ ميهڙ جي حد تي مقرر ڪيو ويو. ان کان پوءِ ٢٢ مارچ ١٩٩٢ع ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول فريدآباد هاءِ اسڪول ٽيچر (H.S.T) مقرر ٿيو. ان کان پوءِ ٢١ اپريل ١٩٩٢ع ۾ پرائمري ايجوڪيشن ۾ يونين ڪائونسل منگواڻيءَ تي سپروائيزر مقرر ڪيو ويو. پاڻ ان عهدي تي رهي اسڪولن جي رڪاردن کي بهترين نمونی ٺاهڻ ۽ تعليم جي سڌاري

لاءِ خدمت ڪندو رهيو. ڊسمبر ٢٠٠٧ع ۾ پيٽنو جي هاءِ اسڪول ۾ هاءِ اسڪول ٽيچر مقرر ڪيو ويو. وري جون ٢٠٠٨ع ۾ سيدپور جي گورنمينٽ مڊل اسڪول ۾ هيڊ ماستر مقرر ڪيو ويو. اتان آگسٽ ٢٠١١ع ۾ مڊل اسڪول قائم جتوئي ۾ هيڊ ماستر مقرر ڪيو ويو، وري کيس جون ٢٠١٤ع ۾ فريدآباد يوسي تي سپروائيزر مقرر ڪيو ويو. جنوري ٢٠١٨ع ۾ ١٧ گريڊ جو گزيٽيڊ هيڊ ماستر هاءِ اسڪول قاضي عارف ۾ مقرر ٿيو. انهيءَ سال ئي اپريل ٢٠١٨ع ۾ کيس خيرپورناٿن شاهه تعلقي ۾ تعلقه ايجوڪيشن آفيسر (T.E.O) مقرر ڪيو ويو. اتي کيس مزو نه آيو، جنهن ڪري آڪٽوبر ٢٠١٨ع ۾ فريدآباد هاءِ اسڪول ۾ هيڊماستر جو آرڊر ڪرائي بدلي ڪرايائين. اڄ تائين انهيءَ اسڪول ۾ تدريسي خدمت ۽ سنڀال جي خدمت تي مقرر آهي. پاڻ ڏاڍو محنتي ماڻهو رهيو، جنهن ڪري P.T.C، C.T، B.Ed ۽ M.Ed جا ڪورس ڪري ڊگريون به حاصل ڪيائين. ان سان گڏ ٢٠ کان وڌيڪ سروس جون ٽريننگون پڻ ڪري چڪو آهي. ١٩٩٨ع ۾ منگواڻي سرڪل تي چارج سپرنٽينڊنٽ رهيو. سنڌس بهترين ڪارڪردگي ۽ محنت ڪي ڏسندي پاڪ فوج جي ڪرنل صاحب کيس ايپريئيشن سرٽيفڪيٽ ڏنو. اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان ۾ ٨ دفعا A.R.O جي حيثيت سان پڻ خدمت ڪري چڪو آهي.

قادربخش صاحب جو والد صاحب غلام رسول چانڊيو رٽايرڊ پرائمري استاد هو ته وري سندس ڏاڏو قلندربخش چانڊيو پوليس جي ڊيوٽي دوران شهيد ٿيو هو. شهيد جمعدار قلندربخش جو فرزند غلام رسول صاحب پرائمري استاد جي عهدي تي رهي هزارين نونهالن جي زندگين ۾ علمي جوت جلائي چڪو هو. هڪ شهيد ۽ هڪ علمي افق جي ستاري جي اولاد ۾ قادربخش جو پيدا ٿيڻ به سندس سعادت هئي. کيس هڪ استاد جو پٽ ۽ هڪ شهيد جو پوٽو هئڻ جو اعزاز حاصل آهي. پاڻ علمي خدمتگارن جي خاندان سان وابسته رهيو، جنهن ڪري منجهس به تدريسي خدمت سان گڏ فلاحي ڪمن ڪرڻ جو شوق شروع کان ئي هوندو هو. پنهنجي والد صاحب جي خدمتن کي پنهنجي خدمتن جي ذريعي ماڻهن جي دلين ۾ زنده رکڻ جي کيس تمام گهڻي خواهش آهي. انهيءَ خواهش کي مدِنظر رکندي پاڻ تعليمي ميدان جي هر مشڪل کي حل ڪرڻ ۾ بين سان سهڪاري رهيو

آهي. قادربخش صاحب ڏاڍو دلربا طبيعت جو انسان ۽ يارويس ماڻهو آهي. هر ماڻهو سان ادب ۽ احترام سان پيش اچڻ، مهمان نوازيءَ ۾ مور، دوستيءَ ۾ قربانيون ڏيڻ، حتي الامڪان ٻين جا مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ پنهنجي پوري ڪوشش ڪرڻ، شاگردن کي وڌ کان وڌ سيکارڻ ۽ قابل بنائڻ جي جستجو ۾ رهڻ، شاگردن جي هر ممڪن مدد ڪرڻ ۽ سهڪار ڪرڻ، سندن لاءِ ماحول کي سازگار بنائڻ ۽ عوام جي لاءِ فلاح ۽ بهبود جي هرممڪن ڪوشش ڪرڻ سندس سڃاڻپ بڻجي چڪي آهي. پاڻ جڏهن ڪنهن به آفيس ۾ موجود هوندو آهي ته ٻين ماڻهن کي به اهو آسرو ۽ اميد ٿي پوندي آهي ته هاڻي سائين قادربخش وينو آهي، سندس مهربانيءَ سان اسان جو ڪم جلد ٿي ويندو. پاڻ استادن جي هر ميدان تي مدد ڪرڻ ۽ سهڪار ڪرڻ لاءِ ڪمربسته رهندو آهي. سندس ڪردار جا معترف ڪافي تعداد ۾ موجود آهن. پاڻ بلاتفريق سيني جي مدد ڪرڻ لاءِ هروقت تيار رهندو آهي. ماڻهن جي مسئلن کي حل ڪرڻ ۽ تعليمي پاليسين تي سختيءَ سان عمل ڪرائڻ ۾ ڪافي ماڻهو سندس مخالف به رهيا هوندا، ان ڳالهه کان به ڪو انڪار نه آهي، مگر هو پاڻ کي ڪنهن جو به مخالف نه سمجهندو آهي. سندس ڪردار ۽ خدمت کي ڏسندي سندس لاءِ دل منجهان دعا نڪرندي آهي ته الله رب العزت کيس ڪامل صحت سان ڊگهي زندگي عطا فرمائي ته جيئن عوام جي وڌ کان وڌ خدمت ڪندو رهي. پاڻ هڪ شادي ڪئي اٿائين. الله رب العزت کيس پنج پٽ ۽ چار نياڻين جو اولاد عطا فرمايو آهي. سندس فرزند به پنهنجي والد صاحب جو نقل ۽ ٻين جو درد دل ۾ رکڻ وارا انسان آهن. سندس وڏو فرزند صغير حسين ”دائود انجنيئرنگ يونيورسٽي ڪراچيءَ“ ۾ سيڪيورٽي آفيسر آهي. سندس ٻيو فرزند ضميرحسين ”جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي ڪراچيءَ“ ۾ ڪلارڪ آهي. باقي مظفرحسين، فراز حسين ۽ آشان خان تعليم حاصل ڪري رهيا آهن.

٩٧ مانجهي خان هالو

انسان الله رب العزت جي ڪاريگريءَ جو سڀ کان وڏو مظهر آهي. سندس اندر الله رب العزت ڪيتريون ئي خوبيون رکيون هونديون آهن. انهن خوبين جي پنهنجي هڪ الڳ خوشبوءِ هوندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن انسان جو ڪردار أمر بڻجي ويندو آهي. پنهنجي ڪردار جي بدولت اهو انسان صدين تائين ٻين جي دلين ۾ زنده رهجي ويندو آهي. اهڙي أمر ڪردار واري شخصيتن جي فهرست ۾ هڪ نمايان نالو محترم مانجهي خان هالو جو بہ آهي. محترم مانجهي خان جو جنم ڳوٺ لعلو گهاڙي ۾ محترم علي محمد هالو جي گهر ۾ ٥ محرم ١٣٦٢ھ مطابق ١٢ جنوري ١٩٤٣ع بروزاڱارو تي ٿيو. هن معصوم ٻالڪ جي پيدائش جي ٿورڙي ئي عرصي بعد سندس والد محترم علي محمد هالو صاحب جي وفات ٿي. والد جي وفات کان بعد هي ٻارڙو پنهنجي چاچي محترم فيض محمد هالو جيڪو گهاڙيءَ جي پرسان ڳوٺ اميد ديرو ۾ رهائش پذير هو جي زير پرورش رهيو. مانجهي خان جڏهن پڙهڻ جي عمر کي رسيو نہ کيس پنهنجي اباڻي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ پڙهڻ لاءِ ويهاريو ويو. پاڻ اتان پرائمري جي تعليم مڪمل ڪري هاءِ اسڪول ميهڙ ۾ داخل ٿيو. اتان ١٩٦٢ع ۾ ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. ان کان بعد ١٩٦٤ع ۾ دادو جي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج منجهان ٻارهون ڪلاس پاس ڪيائين.

١٩٦٤ع يا ١٩٦٥ع ۾ پاڪستان آرمي ۾ آفيسر ڀرتي ٿيڻ لاءِ امتحان ڏنائين. پاڻ پنهنجي والده جو سڪيلڌو پٽ هو، جنهن ڪري سندس والده کيس آرمي ۾ وڃڻ جي اجازت نہ ڏني. مجبورًا ان کي ڇڏي ٢٨ جولاءِ ١٩٦٤ع ۾ تعليم کاتي ۾ پرائمري استاد ڀرتي ٿيو. سندس پهرين پوسٽنگ سانگهڙ جي هڪ گورنمينٽ پرائمري اسڪول ۾ ٿي. اتي تدريسي خدمت ۾ مصروف رهيو. ١٩٦٧ع ۾ ميهڙ شهر جي هڪ معزز وَڪا خاندان جي محمد سليمان وڪو جي نياڻيءَ سان پيار جو پرڻو ڪيائين. شادي ڪرڻ کان بعد ميهڙ ۾ مستقل رهائش اختيار ڪرڻ لاءِ وَڪا محلہ ۾ پنهنجي ذاتي جاءِ خريد ڪري رهڻ لڳو. پاڻ تدريسي خدمت سان گڏ پنهنجي تعليم بہ جاري رکيائين. ١٩٦٨ع ۾ بي اي (B.A) جو امتحان سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪيائين. ١٩٦٩ع ۾ بي ايڊ (B.Ed) جو امتحان ڏئي ڊگري حاصل ڪيائين.

پرائمري استاد منجهان پروموشن ٿيو تہ پاڻ هاءِ اسڪول ٽيچر (H.S.T) جي حيثيت سان تدريسي خدمت ڪرڻ لڳو. پاڻ هاءِ اسڪول ميهڙ ۾ ڪافي عرصو تدريس ڪندو رهيو. ان ڪان بعد ۾ جڏهن ميهڙ شهر ۾ هاءِ اسڪول٢ميهڙ جو بنياد پيو تہ پاڻ انهيءَ اسڪول ۾ تدريس جي خدمت تي مامور ٿيو. راقم ١٩٩٤ع ۾ ڇهون ڪلاس سندس وٽ پڙهيو. ان ڪان پوءِ پاڻ هيڊ ماستر ٿيو. محترم مانجهي خان هاءِ اسڪول٢ ميهڙ ۽ ميهڙ تعلقي جي مختلف ڳوٺن ٻيٺو جتوئي، قاضي عارف، ٻٽ سرائي، سندي ٻنڙا، راڏڻ، ٽرڙي محبت، فريدآباد جي هاءِ اسڪولن ۾ هيڊماستر طور پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. آخرڪار گورنمينٽ هاءِ اسڪول سوجهرو ڳورڙ منجهان ١١ جنوري ٢٠٠٣ع ۾ هيڊ ماستر جي حيثيت سان فرض نڀائيندي رٽايرمينٽ ڪيائين. سندس شاگردن جو تعداد تمام گهڻو رهيو آهي. رٽايرمينٽ ڪان بعد پاڻ عبادت ۾ وقت گذاريندو رهيو. ميهڙ جي هن مَان ڀري شخصيت٢٤ جمادي الثاني ١٤٣٢ھ مطابق ٢٨ مئي ٢٠١١ع بروز ڇنڇر پنهنجي اولاد ۽ هزارين چاهيندڙن ۽ روحاني اولاد کي آب اکين ۾ ڏئي داعي اجل جي سڏ تي لبيڪ چئي راهِ رباني اختيار ڪئي. کيس ميهڙ شهر جي رجب شاهہ قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. کيس ٻن پٽن ۽ ٻن نياڻين جو اولاد نصيب ٿيو. وڏو فرزند محترم علي محمد هالو (H.S.T)، هن وقت هاءِ اسڪول وَن ميهڙ ۾ ڇهين درجي جو ڪلاس ٽيچر آهي ۽ ٻيو فرزند نصرالله هالو جيڪو پنهنجو آبائي زمينن جي سنڀال ۾ مصروف رهندو آهي.

محترم مانجهي خان هالو صاحب پنهنجي نالي جيان واقعي مانجهي مرد هو. پاڻ شروع ڪان ئي دين سان محبت ڪرڻ وارو انسان ۽ نماز پنجگانہ باجماعت جو پابند رهيو. ڪجهہ مُدرس پنهنجي ڪردار ۽ محنت سان پنهنجي شاگردن جي دلين ۾ هميشہ لاءِ زندهہ جاويد رهجي ويندا آهن. هي بزرگ شخصيت بہ هڪ اهڙي شخصيت هئي. راقم ڀهراڙيءَ منجهان جڏهن پرائمريءَ جي تعليم حاصل ڪري انگريزي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ شهر ۾ هاءِ اسڪول ٢ ميهڙ ۾ داخل ورتي تہ هڪ اجنبي ماحول ۾ ايڊجسٽمينٽ ٿيڻ ڏاڍو مشڪل نظر آيو. ان وقت سائين مانجهي خان جهڙو استاد نصيب ٿيو. سندس چهرو بارعب ١.. شروع ۾ ڪافي خوف ٿيڻ لڳو.

مون سان گڏ ٻين شاگردن جي خوف کي پرکي اسان کي ڏاڍي پيار ۽ پاٻوهه سان سمجهائڻ شروع ڪيائين. ڪجهه ڏينهن ۾ ايئن محسوس ٿيڻ لڳو ته جڻ شفيق پيءُ جي پرورش ۾ آيا آهيون. هيءَ ڳالهه فخر سان چئي سگهان ٿو ته واقعي هڪ پيءُ جي روپ ۾ اسان کي استاد مليو. اسان کي ايئن محسوس ٿيندو هو ته اسان پنهنجي والد صاحب وٽ پڙهي رهيا آهيون. سائين پاڻ هر هڪ ٻار جو همراز دوست پڻ هوندو هو. هر ٻار جو مسئلو ذاتي مسئلو سمجهي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. سندس پڙهائڻ، سمجهائڻ ۽ سيکارڻ جو منفرد انداز هوندو هو. پاڻ پنهنجي شاگردن کي پنهنجو اولاد سمجهي پڙهائيندو هو. اسان ان وقت ١١٥ کان وڌيڪ شاگرد سندس ڪلاس ۾ پڙهندا هئاسين. پاڻ باقائده اسان کي انگريزي سبق ڏيڻ، ورڊ لکرائڻ، سبق ٻڌڻ، ڊڪٽيشن ڪرائڻ ۽ مضمون وغيره لکرائڻ جو ڪم باآساني ڪندو هو. اڄ اهي ڏينهن ياد ڪري تعجب ٿو لڳي ته ايترن سارن ٻارڙن کي پڙهائڻ ڪيترو ڏکيو ڪم هو، مگر سائين هر هڪ ٻار تي مڪمل ڌيان ڏيندو هو. ڪمزور ٻارڙن کي ڪنهن هوشيار ٻار جي ذمي لڳائيندو هو ته ڪيس پاڻ سان گڏ ويهاري سيکار ۽ سمجهاءِ ته جيئن هي به تو وانگر پڙهي سگهي. سائين کي ڪڏهن به فارغ ويٺل اسان ڪونه ڏٺو سون. پاڻ هر مهيني، ٻئي مهيني پوري ڪلاس جي ٽيسٽ وٺندو هو، ڪامياب ٻارڙن کي پنهنجي کيسي منجهان انعام ڏئي انهن جي حوصله افزائي ڪندو هو. پاڻ ڏاڍو محنتي استاد هوندو هو. هر شاگرد کي چوندو هو ته توهان منهنجا ٻچا آهيو، مان توهان کي پنهنجو اولاد ئي سمجهندو آهيان. بيشڪ توهان جي سٺي منزل حاصل ڪرڻ منهنجو خواب آهي، جيئن توهان جو والد صاحب چاهيندو آهي ته توهان ڪنهن سٺي منزل تي پهچو، تيئن مان به اهو ئي چاهيندو آهيان ته ڪاميابي توهان جا قدم چمي. مان توهان کي واقعي پنهنجو ٻچو سمجهندو آهيان، توهان کي اگر ڪا به ڳالهه پڇڻي هجي ته اهو نه ڏسجو ته ڪنهن اهم ميٽنگ ۾ ويٺو آهيان، بنا خوف ۽ بلاجهجهڪ مون وٽ اچي مون کان پڇندا ڪريو. مان توهان جي ڪاميابي ۾ ئي پنهنجي سعادت سمجهان ٿو. منهنجي ڪوشش آهي ته توهان سڀ منهنجا ٻچا ڪنهن سٺي منزل تي پهچو. اها منهنجي خواهش آهي. سو مون کي منهنجي خواهش ۾ ڪامياب ٿيڻ ڏيو. توهان جي ڪاميابي ۾ ئي منهنجي خوشي

آهي. سائين مانجهي خان هالو پنهنجي وقت جو مايا ناز استاد ٿي گذريو آهي. اڄ سندس هزارين شاگرد کيس دل سان دعائون ڏيڻ سان گڏ لڙڪن سان ياد ڪندا آهن. سندس شاگردن جي ڪاميابي ڏسي اهو چئي سگهجي ٿو ته واقعي سندس خواهش ڪنهن حد تائين پوري ٿي.

٩٨ محبوب علي ”محبوب“ ڏيپر

الله رب العزت هن پوري ڪائنات جو مالڪ ۽ خالق آهي. پنهنجي تخليق منجهان حضرت انسان کي احسن تقويم تي خلقيائين. حضرت انسان کي پنهنجي ساري مخلوقات منجهان ”اشرف المخلوقات“ يعني سڀني مخلوقن منجهان عزت واري مخلوق جو اعزاز به کيس عطا ڪيائين. انسان جي پنهنجي تخليق ئي ربِ ڪائنات جي ڪاريگريءَ جو اعلىٰ ترين مثال آهي. پنهنجي هن معزز مخلوق کي علم، عقل ۽ شعور جهڙي بهترين صفتن سان مالا مال ڪيائين. سندس جي اندر احساس جو مادو رکيائين. انسان جي اندر بيان ڪرڻ جهڙي عظيم صلاحيت پڻ وديعت فرمايائين. انسان کي مختلف صلاحيتن ۽ خوبين سان نوازيو اٿائين. ڪي زبان سان اهڙي ته دلڪش بيان بازي ڪندا آهن جو دليون نه چاهيندي به سندس طرف ڇڪجيو وڃن. ڪن کي قلم جي شاهڪار سان سنواريو اٿائين. ڪن کي شيرين زبان ڏنائين ته ڪن کي قلم جو ڪاريگر بڻايو اٿائين. مطلب ته هر انسان جي اندر ڪانه ڪا خوبي ۽ صلاحيت هوندي آهي. بس رڳو ڪوٽ آهي ته صرف ان ڳالهه جي ته حضرت انسان پاڻ کي سڃاڻي. هر انسان ڪنهن نه ڪنهن محاظ تي پاڻ کي جاکوڙي بڻائي ٿو. هر دل ڪنهن نه ڪنهن شيءِ تي مدهوش ٿي ويندي آهي. ڪنهن نه ڪنهن جي چاهت ۾ بيوس بڻجي پوندي آهي. مگر هر زبان جي اندر اندروني ڪيفيت کي بيان ڪرڻ جي صلاحيت نه هوندي آهي، اگر بيان ڪندي به ته ان ڳالهه جي صحيح نموني ترجماني ڪرڻ کان به قاصر رهندي آهي. مگر قلم جي طاقت اها انمول شيءِ آهي جنهن جي ذريعي انسان پنهنجي دل جي ڳالهه کي اکرن جي صورت ۾ بيان ڪري سگهندو آهي. قلم جي عظمت کان هر انسان بخوبي واقف آهي. قلم کي استعمال ڪرڻ ته قلمڪار ئي ڄاڻي ٿو. هن قلم کي مختلف صنفن ۾ استعمال ڪيو ويو آهي انهن صنفن منجهان شاعري به هڪ صنف آهي.

شاعر عوام جي دلين جي ترجماني ڪندو آهي. شاعر ۽ اديب قوم جو سرمايو هوندا آهن. اديب تاريخ کي نثر جي صورت ۾ محفوظ ڪري ٿو تہ شاعر تاريخ کي ۽ دل جي جذباتن ۽ احساسن کي قلم جي زبان سان بهترين لفظن جي چونڊ ڪري پنهنجي شاعري ۾ سموهي بيان ڪندو آهي. معاشري ۾ موجود برائين خلاف احتجاج ڪندو آهي تہ وري ڪڏهن ڪنهن سٺي ڪم جي عظمت کي وڏي واکي بيان پڻ ڪندو آهي. مطلب تہ شاعر پنهنجي معاشري جي عڪاسي ڪندو آهي. ان عڪاسي کي عوام جي سامهون آڻڻ ۽ عوام تائين اهو پيغام پهچائڻ لاءِ ڪيس ڪيترين ئي ڏکيائين منجهان گذرڻو پوندو آهي. هر ڪو اها ڳالھ خوب چڱيءَ ريت ڄاڻي ٿو تہ حق ۽ سچ کي بيان ڪرڻ ڪيڏو نہ ڏکيو ڪم آهي. شاعر پنهنجي شاعري ذريعي حق ۽ سچ بيان ڪندي ڪڏهن ڪنهن محفل يا مشاعري ۾ عوام آڏو اها ڳالھ رکي پنهنجي دل جو ڪجھ بار هلڪو ڪندو آهي تہ وري ڪڏهن ڪن ورقن ۾ پنهنجو پيغام ايندڙ نسل لاءِ محفوظ ڪرڻ جا جتن پڻ ڪندو آهي.

ڪجھ شاعر حضرات پنهنجي ان پيغام کي نئين نسل تائين پهچائڻ لاءِ پنهنجي شاعريءَ کي سهيڙي ڪتاب جي صورت ۾ پيش ڪري تاريخ ۾ محفوظ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هوندا آهن. ڪتاب پيش ڪرڻ ڪو آسان ڪم ڪونہ آهي. ان لاءِ تمام گهڻي محنت ڪري پنهنجو مواد گڏ ڪجي ٿو. ان کان پوءِ ان مواد کي ڪمپوز ڪرائڻ، ڪتابي شڪل ڏيڻ، پبلش ڪرائڻ وغيره جهڙا مرحلا طئي ڪرڻا پون ٿا. انهن مرحلن لاءِ هڪ اهم مسئلو معاش جو هوندو آهي. اهي ماڻهو ان ڳالھ کي بهتر انداز ۾ سمجهي سگهن ٿا جيڪي انهن مرحلن منجهان گذري ادب ۾ هڪ نئين ڪتاب جو اضافو ڪري چڪا آهن. ڪجھ مسڪين پنهنجي ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪافي قربانيون ڏئي، ڪجھ سپنن ۽ خواهشن کي پاسي رکي پيٽ کي بڪ ڏئي بہ پنهنجي جستجو جاري رکي ادب جي خدمت ڪن ٿا. اهڙن مهان انسانن ۾ محبوب علي "محبوب" ڏيپر بہ هڪ آهي. محبوب جو جنم محترم محمد صادق ڏيپر صاحب جي گهر ۾ سال جي سيني کان وڏيڪ پلاري رات ۽ پلاري مهيني رمضان المبارڪ جي ٢٧ تاريخ جيڪا شب قدر جي رات هئي ۽ ان ڏينهن جو سج اسان پاڪستانين جي لاءِ تمام وڏي نويد کڻي اڀريو يعني ١٤ آگسٽ ١٩٤٧ع ۾ ٿيو.[٣٧] محبوب ڏيپر جنهن ڳوٺ قادر

بخش ڏيپر تعلقي ميهڙ ۾ جنم ورتو اهو ڳوٺ سنڌ جي پسمانده علائقي ۾ آهي جتي تعليم ۽ سهولتن جي اڻهوند هئي غريب گهراڻي وارو محترم محمد صادق دل جو تمام گهڻو سخي انسان هو. سندس باري ۾ ڳوٺ جا وڏڙا ٻڌائن ٿا ته لانگهاڻو شاخ تي ماني ڪٽي وجي ويهي ڪنهن مسافر جو انتظار ڪندو هو ته ڪو مسافر اچي ته ساڻس گڏجي ماني کاوان. سنڌ جي مهمان نوازي عرب توڙي عجم ۾ مشهور رهي آهي. هي جوان به ان جو هڪ مثال هو. محبوب به ان جوان جو فرزند آهي. محبوب جي پرورش سادگيءَ واري ماحول ۾ ٿي. سندس مقدر ۾ صرف پنج درجا پرائمري جي تعليم ئي آئي، جنهن جو سبب غربت ۽ اتان جو ماحول ۽ سهولت نه هئڻ ئي هئي، پر ڪيس والدين طرفان پيار ۽ محبت سان گڏ پاڪيزه تربيت ملي. ان تربيت جو اثر اڄ به ساڻس ملڻ وارو انسان محسوس ڪندو آهي. ڪيس ان ڳالهه جو شدت سان احساس آهي ته هو وڌيڪ تعليم پرائي نه سگهيو. جنهن ۾ سندس ڪوبه قصور نه آهي، وري غربت به سندس تعليم جي حصول ۾ حائل رهي. خير جو نصيب هو سو ڪيس مليو. پنهنجي زمينن ۾ هاريو ڪندي سندس زندگي گذرندي رهي. محبوب ڏيپر ان ماحول ۾ نپنو آهي جنهن ماحول ۾ هر طرف ڏاڍو سو ڳابو ۽ ڏاڍي جي لٺ ڪي به مڃتا وارو رواج رهيو آهي. جتي ظلم جي خلاف اٿندڙ آواز ڪي دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. جتي مظلوم انصاف لاءِ واجهائيندي پنهنجا پساهه پورا ڪندو آهي. جتي حق جو آواز بلند ڪرڻ وارو پنهنجي لاءِ سولي سجائيندو آهي. جس لهن اهي عظيم انسان جيڪي ايترين سختين جي باوجود به معاشري ۾ موجود ظلم ۽ برائين خلاف پنهنجو آواز بلند ڪندا رهندا آهن. محبوب پنهنجي ماحول کان بخوبي واقف رهندو آيو آهي. پنهنجي ماحول ۽ معاشري ۾ موجود برن عنصرن جي به پرک رکندو رهيو آهي.ڪيس حق جي صدا بلند ڪرڻ جو هميشه کان ئي فِڪر رهندو آيو ته ڪجهه انهن ظلمن ۽ برائين خلاف ڪم ڪري عوام کي سجاڳ ڪجي. ان ڳالهه کي مدِنظر رکندي ١٩٨٠ع ۾ هن قلم سان جهاد ڪرڻ جو ارادو ڪيو ۽ ڪجهه لکڻ جي سعي ڪئي. پاڻ صرف پرائمري تعليم هئڻ جي باوجود بلند حوصلا رکڻ وارو انسان رهيو آهي. الله رب العزت انسان جي اندر اگر ڪجهه ڪَمِيون ۽ ڪوتاهيون رکندو آهي ته وري منجهس ڪي ڪمال جا گڻ به ضرور رکندو

آهي. ضرورت صرف ان ڳالهه جي هوندي آهي تہ انسان صرف پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي تہ ڪاميابي سندس قدم چمندي.

محبوب جي اندر بظاهر دنياوي تعليم جي ڪمي ضرور آهي پر خالق ڪل شيءِ ڪيس عقل، دانائي، رحمدلي ۽ مهمان نوازي جهڙين عظيم خوبين سان سرشار فرمايو آهي. محبوب ڏيپر تمام گهڻو ياررويس انسان ۽ شفيق بزرگ آهي. هن پنهنجي خداداد صلاحيت کي پروڙي ان کي انسانيت جي ڀلائيءَ لاءِ استعمال ڪرڻ جو ارادو ڪيو. سو پنهنجي ڀڳل ٽٽل لکائي ۾ پنهنجا جذبات ۽ معاشري ۾ موجود برائين خلاف لکڻ شروع ڪيو. اها الله رب العزت جي ئي ڏين آهي جو هو ظاهري تعليم کان ڪجهه وانجهيل آهي پر باطني تعليم سان ڀرپور آهي. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ لکڻ شروع ڪيو ۽ لکڻ سان سندس اندر لڪيل خوبيون ظاهر ٿيڻ لڳيون. هو فطرت جي هر سونهن ۽ هر پهلوءَ تي لکندو رهيو آهي تہ وري ظلمن، ناانصافين ۽ برائين خلاف بہ لکندو رهيو آهي. سندس شاعري پڙهي ڪري ائين محسوس ٿئي ٿو تہ گويا ظلم خلاف سندس قلم پڙڪا ڪائي اٿندو هجي. ڇهري تي سنتِ رسولﷺ سنت مطابق سجايل، نماز پنجگانہ باجماعت جو سختيءَ سان پابند، هر آئي وئي جو احترام ڪرڻ وارو انسان، مهمان نوازيءَ ۾ مور گويا سر صدقو ڪرڻ وارو، دوستن جي پرگهور لهڻ وارو، ميٺ ۽ محبت سان ملڻ وارو، سندس ڪوشش هوندي آهي تہ پنهنجي ڪيسي منجهان هر ڪنهن جي حتي الامڪان خدمت ڪري. مطلب تہ محبوب واقعي ۾ پنهنجي نالي جو ڀرم رکڻ وارو ۽ محبوب انسان ئي آهي.[٣٨] هو ڪو وڏو زميندار نہ آهي بلڪ غريب گهراڻي جو فرد آهي، پر سلام سندس حوصلي کي آهي جو پنهنجي هڙان خرچ ڪري سنڌي ادب کي پنهنجا اٺ (٨) عدد ڪتاب ارپي چڪو آهي. جس لهڻو هن بزرگ جيڪو سنڌي ادب ۾ پنهنجون محنتون ۽ مال صرف ڪري رهيو آهي. سندس شاعري جو موضوع حمد، نعت، قصيدو، منقبت، بيت، نظم، چؤسٽو، ڇهہ سٽو، وائي، گيت، غزل، سهرو،پنج ڪڙو ۽ ڳجهارت هوندو آهي. مطلب پاڻ هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي اٿائين.[٣٩] سندس مقصد هميشہ اصلاح ئي رهيو آهي.

٩٩ حاجي محمد ايوب ڪوسو

هر هڪ انسان پنهنجي هڪ الڳ سڃاڻپ رکندو آهي. منجهس ڪجهه نمايان خوبيون هونديون آهن. انهن خوبين ۾ ڪا خوبي اهڙي هوندي آهي جيڪا سندس سڃاڻپ بڻجي ويندي آهي. انسان جي اصل سونهن سندس ڪردار جي سونهن هوندي آهي. ڪي انسان ڪردار ذريعي ماڻهن جي دلين ۾ اعليٰ مقام حاصل ڪري وٺندا آهن. اهي پنهنجي ڪردار ذريعي عوام جون دليون کٽي انهن تي راڄ ڪندا آهن. ڪردار ئي انسان کي ذليل ۽ ڪردار ئي انسان کي اتم بڻائي ٿو. انسان پنهنجي عمر پڄاڻان دنيا منجهان رخصت ٿي وڃي ٿو مگر سندس ڪردار ماڻهن جي دلين ۾ ڪيس ڪافي دير تائين زنده رکي ٿو. جسماني طور انسان موت سان گڏ فنا ٿي ويندو آهي مگر سندس ڪردار لافاني هوندو آهي. ڪجهه انسان مرڻ پڄاڻان بين کي ڏکارو ڪري وڃن ٿا.

انسان جو ڪردار انسان جي سڃاڻپ بڻجي ٿو. اهڙي انمول ڪردار واري هڪ شخصيت ميهڙ تعلقي جي ڳوٺ دوست علي ڪوسو ۾ حاجي محمد ايوب ڪوسو جي نالي سان جنم وٺي چڪي آهي. حاجي محمد ايوب ولد مُنڌو خان ڪوسو جو جنم ١٣٧٣هه مطابق ١٩٥٤ع ۾ قاضي عارف کان ٿي ڪلوميٽر اولهه طرف واقع ڳوٺ دوست علي ڪوسو ۾ ٿيو. حاجي صاحب جي ٻچپن وارا ڪجهه سال سندس خاندان ڳوٺ قاضي عارف ۾ اچي رهيو. ان دوران اتي استاد القرآء حافظ قاري محمد صديق مهيسر صاحب تدريس جي خدمت ۾ مصروف رهندو هو. حاجي صاحب قرآن مجيد ۽ تجويد جو علم سندس مدرسي منجهان سندس شاگرديءَ ۾ رهي حاصل ڪيو. ان سان گڏ سنڌيءَ جا پنج درجا پرائمري اسڪول قاضي عارف ۾ سائين استاد سعدالله منگي صاحب وٽ پڙهيو. حاجي صاحب ٻچپن کان وٺي نيڪ سيرت ۽ بااخلاق رهيو. ننڍي وڏي سان ادب ۽ احترام سان پيش اچڻ سندس سڃاڻپ بڻجي چڪو هو. حاجي صاحب جو خاندان واپس پنهنجي اباڻي ڳوٺ موٽي آيو ته پاڻ زمين جي هارپي ڪرڻ جي ڪم ۾ مشغول ٿي ويو. سندس ساري زندگي هارپو ڪندي گذري. حاجي صاحب شروع کان ئي دين جي طرف لاڙو رکڻ وارو انسان هو. شروع کان ئي باشرع ۽ نماز پنجگانه باجماعت جو پابند هو. ڪجهه وقت کان بعد دستار ٻڌڻ واري سنت تي عمل

ڪرڻ شروع ڪيائين. آهستہ آهستہ ان تي مستقل مزاجي اختيار ڪيائين. بعد ۾ موت تائين گهر کان ٻاهر نڪرڻ مهل دستار سان ئي رهندو هو. صرف گهر ۾ رهڻ دوران يا زمين ۾ ڪم ڪار ڪرڻ جي وقت دستار لاهي رکندو هو، ورنہ هر وقت دستار سان ئي رهندو هو. تصوف جي سلسلي ۾ مخدوم پير الله بخش المعروف سهڻا سائين سان دست بيعت ٿيو. سندس مجلسن ۾ باقائدگيءَ سان شريڪ ٿيندو هو. پير صاحب جي وفات کان بعد پير صاحب جي فرزند محمد طاهر المعروف سڄڻ سائين سان بيعت ڪيائين. موت تائين برابر سندس جلسن ۾ شريڪ ٿيندو رهيو. اسان جي پياري رسول ﷺ جن جو فرمان آهي "إِنَّ خِيَارَكُمْ أَحَاسِنُكُمْ أَخْلَاقًا"[٢٠] ترجمو: توهان سيني منجهان سڀ کان بهتر اهو شخص آهي جنهن جا اخلاق سيني کان سٺا هجن. ان حديث جي عملي صورت حاجي صاحب جي شخصيت ۾ نظر آئي. هن بزرگ شخصيت جو اخلاق، ادب ۽ سادگي علائقي ۾ مثالي ۽ مشهور هئا. سندس ڪردار جا گرويده علائقي جا ماڻهو ننڍا توڙي وڏا ساڻس ڏاڍي عزت ۽ احترام سان پيش اچڻ سان گڏ محبت بہ ڪندا هئا. حاجي صاحب جو ڪردار اهڙو هوندو هو جو هڪ دفعو ملاقات ۾ هر ڪنهن کي پنهنجو بڻائي ڇڏيندو هو. ساڻس ملڻ ۽ ڪچهري ڪرڻ کان بعد هر دل سندس محبت ۾ گرفتار ٿي ويندي هئي. ماڻهو چاهيندو هو تہ جيڪر يڪو وينو ساڻس ڪچهري ڪجي. سندس اها خوبي سڀ کان نرالي رهي تہ پاڻ هر ننڍي توڙي وڏي سان نهايت احترام ۽ ادب سان پيش ايندو هو. راقم جي والد صاحب حاجي بخشل سوڍر سان سندس گهري دوستي هوندي هئي، جنهن ڪري ساڻس ملاقات جو ڪافي سلسلو رهيو. هڪ دفعي راقم ڪانئس پڇيو تہ چاچا وڏن جو ايترو احترام تہ ٺيڪ آهي پر ننڍن جو احترام ۽ ادب مناسب نہ ٿو لڳي. اها ڳالهہ ٻڌي وراڻيائين تہ بابا هر ڪنهن کي عزت نفس ڏاڍي عزيز هوندي آهي. اسان جو دين اسان کي ننڍن سان پيار ۽ شفقت وارو رويو رکڻ سيکاري ٿو. ان ۾ ان ڳالهہ کي بہ مدِنظر رکجي تہ اگر ڪو انسان ڪنهن ٻئي انسان سان عزت ۽ احترام سان پيش اچي ٿو تہ هو موٽ ۾ بہ ساڳئي قسم جو ورتاءُ ڪندو آهي. جيءُ چوڻ واري کي موٽ ۾ جيءُ ئي ملندو آهي. ڦوٽ چوڻ واري کي موٽ ۾ جيءُ هرگز نہ ملندو آهي. دراصل انسان ٻئي کي عزت ڏئي پاڻ کي عزت ڏئي ٿو. ٻيو اهو تہ اگر مون ڪنهن کي عزت

ڏني ته ان ۾ منهنجو ڪو خرچ نه ٿو اچي، نه ئي مون کي ڪا تڪليف اچي ٿي. ايئن ڪرڻ سان منهنجي پنهنجي عزت وڌي ٿي، ته ان ۾ مون کي نقصان نه بلڪ فائدو آهي. حاجي صاحب جي ڪردار ۽ حسن اخلاق جا معترف اسان جي علائقي جا سڀ ماڻهو آهن. سندس هر ذات، هر مسلڪ ۽ هر عمر جي ماڻهو سان ساڳيو ئي سلوڪ رهيو. ايئن چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو ته فرشته صفت انسان هو. ديناداري ته گويا کيس ڏاج ۾ ملي هئي. ٻني ٻاري جو چاهي جيترو به ڪم هجي، چاهي ڪيترو به مصروفيت پريو ڪم ڪار هجي مگر نماز جي وقت نماز لاءِ اٿي ڪڙو ٿيندو هو. نماز به ڏاڍي سڪون سان خشوع ۽ خضوع سان ادا ڪندو هو. ڪڏهن به تڪڙ ۾ نماز پڙهندي کيس ڪنهن به نه ڏٺو. نماز ۾ کيس قلبي سڪون ملندو هو.سندس معمول هوندو هو ته فجر جي نماز ادا ڪرڻ کان بعد مراقبو ڪندو هو. مراقبي کان بعد مسجد ۾ ئي ويهي تلاوت ڪلام پاڪ پابنديءَ سان ڪندو هو. تلاوت کان فارغ ٿي درودن جو ورد ڪندو هو. اشراق جي وقت تائين انهن معمولات ۾ مشغول رهڻ کان بعد اشراق جي نماز پڙهي ذڪر ۾ مشغول ٿي ويندو هو. کيس مسجد ۾ ويهڻ سان سڪون ملندو هو. بعد ۾ مسجد مان نڪري پنهنجي ڪم ڪار کي جنبي ويندو هو. سڄو ڏينهن دنياداري سان منهن ڏئي رات جو عشاء نماز ادا ڪرڻ کان بعد مسجد ۾ ئي ويهي سورة حم سجدة، سورة الملڪ ۽ سورة يٰس جي تلاوت ڪري دعا گهري گهر جي طرف روانو ٿيندو هو. سمهڻ کان پهريان سرمو ضرور پائيندو هو. اهو به سندس معمول ۾ شامل هوندو هو.

حاجي محمد ايوب صاحب کي حرمين شريفين ۾ به ڪجهه وقت رهڻ جو شرف حاصل ٿيو. پاڻ تقريبًا پنج حج ۽ ڏهن کان وڌيڪ عمره ڪيائين. کيس هڪ اڪبري حج به نصيب ٿيو. ۱۹۹۴ع ۾ حرمين کان واپس اچي پنهنجي زمين ۾ ڪم ڪرڻ ۾ مصروف رهيو. کيس هميشه حرمين شريفين جي تانگ ۽ سڪ رهندي هئي. حاجي صاحب حسن اخلاق واري ڪردار جو مالڪ هئڻ سان گڏ هڪ سخي جوان ۽ ڏاڍو مهمان نواز شخص به هو. هر آئي وئي جي آئو ڀڳت ڪرڻ، ماني ڪارائڻ ۽ خدمت ڪرڻ ۾ به سندس نمايان ڪردار رهيو. دوستن ۽ مٽ مائٽن جي وس آهر مدد ڪرڻ ۽ ضرورت جي پورائو ڪرڻ لاءِ به فڪرمند رهندو هو. حتیٰ الامڪان پنهنجي

هڙان خرچ ڪرڻ ۾ خوشي محسوس ٿيندو هو. وقتًا فوقتًا ڪنهن مدرسي ۾ وڃي طالبن کي ڪجهه کارائي ۽ سندن ڪجهه خدمت ڪري خوش ٿيو ٿيندو هو ته نبوي علم جي وارثن جي خدمت ڪرڻ جي ڪجهه سعادت نصيب ٿي. حاجي صاحب وٽ ڳوٺ ۾ اگر ڪي طالب ملاقات لاءِ ويندا هئا ته سندن خدمت ايئن ڪندو هو ڄڻ ته ڪي خاص مهمان هجن. حاجي صاحب جي زندگيءَ ۾ ڪي اهڙا به موقعا آيا جو ماڻهن ڪيس تمام گهڻيون تڪليفون ڏنيون، پر انهن تڪليفن کي ڏاڍي صبر سان سهندو رهيو. پنهنجي اولاد کي به ويهاري صبر جي تلقين ڪندو رهيو ته "بابا اسان جي نبي ڪريم ﷺ جن کي به پنهنجن تمام گهڻيون تڪليفون ڏنيون، پر پاڻ اهي سڀ الله تعالىٰ جي رضا خاطر خوشيءَ سان سهندو رهيو ۽ تڪليفن جي بدلي سندن لاءِ هدايت جي دعا گهرندو رهيو. لهٰذا توهان به صبر ڪريو ۽ سنت رسول ﷺ جي پيروي ڪرڻ ۾ پنهنجي نجات سمجهو ۽ ان جي اجر جي اميد پنهنجي رب پاڪ ۾ رکو. هو دلين جا ڀيد ڄاڻندو آهي" وري اولاد کي نصيحت ڪندو هو ته ڏکيا ڏينهن ٿورا هوندا آهن، اهي به گذري ويندا. هيءَ دنيا دارالعمل آهي، جزا ۽ سزا جي جاءِ ته آخرت آهي. تنهن ڪري دنيا جي ڏکن ۽ تڪليفن کي سهڻ جي عادت وجهو. عفو ۽ درگذر کان ڪم وٺو. دنيا ۾ آرام جي اميد نه رکو. هر هڪ سان ڀلائي ڪرڻ جو شوق رکو. اميد آهي ته الله رب جليل توهان کي آخرت ۾ آرام ۽ سڪون جي دولت نصيب ڪندو. حاجي صاحب صله رحمي قائم رکڻ لاءِ ڪيترين ئي قربانيون ڏنيون. پنهنجو جائز حق به رشتيداريءَ کي قائم رکڻ لاءِ ڇڏي ڏيڻ لاءِ هر وقت تيار رهندو هو. پاڻ صله رحمي جي قطع ڪرڻ کان هر وقت ڊنل رهندو هو. پنهنجي اولاد کي به صله رحمي سيکاريندو هو ۽ قطع ڪرڻ جي باري ۾ آقاعليه السلام جن جا فرمان ۽ وعيدون ٻڌائيندو هو. اولاد جي رسول الله ﷺ جن جي هن فرمان "لَايَدْخُلُ الْجَنَّةَ قَاطِعُ رَحِمٍ"[٤١] ترجمو: " قطع رحمي ڪرڻ وارو جنت ۾ داخل نه ٿيندو." جي طرف رهنمائي ڪري صله رحمي ڪرڻ جو تاڪيد ڪندو هو ۽ ڪين قطع رحمي کان بچڻ جي نصيحت پڻ ڪندو هو. حاجي محمد ايوب صاحب صلح ڪرائڻ ۾ به ڏاڍو حريص رهندو هو. ڪيس جڏهن ڪنهن اوسي پاسي جي ماڻهن ۾ ناچاڪي ٿي پوڻ جي خبر به پوندي هئي ته پاڻ جلد انهن وٽ پهچي ڪين صلح لاءِ آماده ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳي

ويندو هو. ان وقت ايئن محسوس ٿيندو هو تہ ڪو وڏو علامہ يا مفڪر وينو ٿو دانائي سان سمجهائي، يا ڪو پيءُ وينو پنهنجن پٽن کي سمجهائي. سندس سمجهائڻ جو هڪ عجيب انداز هوندو هو. جڻ پنهنجي دل جو درد ٻڌائيندو هجي. ان سمجهائڻ دوران سندس اکين منجهان لڙڪ وهندي صاف نظر ايندا هئا. ڏرين وٽ الڳ الڳ وجي پنهنجي دل جو درد ٻڌائيندو هو. اڪثر ماڻهو هن باشرع بزرگ جي ڪردار ۽ حسن اخلاق کان باخبر هوندا هئا. ڪين ان ڳالهہ جو يقيني احساس هوندو هو تہ واقعي دل جي درد منجهان اسان کي سمجهائي ٿو. نتيجًا اڪثر سندس ڳالهين جو اثر وٺي ماڻهوصلح لاءِ آماده ٿي ويندا هئا ۽ صلح ڪندا هئا. ان سلسلي ۾ ڌرين وٽ ڪئي ڪئي دفعا پنڌ ڪرڻ،سمجهائڻ ۽ صلح تي آماده ڪرڻ لاءِ منٿون ڪندو رهندو هو. ايئن محسوس ٿيندو هو گويا ساري علائقي جو درد پنهنجي سيني ۾ سمايون وينو هجي. هن مانجهي مرد جي ڪردار ۽ عمل کي ڏسي قسم تي هيءُ ڳالهہ ڪرڻ جي لائق هئاسون تہ سنڌ اجان بانجهہ نہ ٿي آهي. اجان بہ سنڌي امڙيون اهڙا ٻار پيدا ڪن ٿيون جن جا ڪردار ۽ عمل قابل رشڪ ۽ قابل اتباع آهن. اهڙا ماڻهو نصيبن وارن وٽ بہ ورلي جنم وٺندا آهن. اهڙا ماڻهو ڪنهن هڪ ذات نہ بلڪ پوري قوم جو گڏيل سرمايو هوندا آهن.

حاجي صاحب گهڙا وليج جي محمد موسىٰ ڪوسو جي نياڻي سان شادي ڪئي. جنهن منجهان ڪيس ڇئن پٽن ۽ پنجن نياڻين جو اولاد ٿيو. الله رب العزت حاجي محمد ايوب کي سندس حسن اخلاق ۽ سهڻي ڪردار جي بدلي ۾ هڪ اهڙي پٽ سان نوازيو جيڪو عالم فاضل آهي. ڪردار ۽ اخلاق ۾ پنهنجي والد صاحب جي نقل آهي. حاجي صاحب جو هي فرزند مولانا محمد يونس ڪوسو صاحب ميهڙ شهر ۾ ديني تعليم جي تدريسي خدمت سان گڏ نماز جي امامت جو فرض بہ ادا ڪري رهيو آهي. اهو ٢٦ ربيع الثاني ١٤٤٠ھ مطابق ٣ جنوري ٢٠١٩ع خميس جو ڏينهن هو، جڏهن مولانا محمد يونس صاحب فون ڪري اها دل ڏڪوئيندڙ خبر ٻڌائي تہ اسان اهڙي عظيم شخصيت جي سايہ شفقت کان محروم ٿي چڪا آهيون. حاجي صاحب اسان کي لڙڪ اکين ۾ ڏئي داعي اجل جي سڏ تي لبيڪ چئي پنهنجي رب جي طرف راهي ٿيو.

ہزاروں سال نرگس اپنی بے نوری پہ روتی ہے
بڑی مشکل سے ہوتا ہے چمن میں دیدہ ور پیدا

اهو ڏينهن واقعي ڪنهن عظيم صدمي کان گهٽ نہ هو. راقم کي ايئن لڳو تہ اڄ ٻيهر يتيم ٿي ويو آهيان. سندس جنازي نماز جمعي جي ڏينهن سندس آباڻي ڳوٺ ۾ ٿي. ڏاڍو روح پرور منظر هو. هر اک اشڪبار هئي، هر دل ۾ وڇوڙي جو صدمو هو، هر ماڻهو غمزده هو. سندس جنازي نماز پروفيسر محمد سعيد لاڪير صاحب پڙهائي. ڪيس شاهہ گودڙيو جي قبرستان ۾ مٽيءَ حوالي ڪيو ويو. هن شخصيت جي وڇوڙي اهو خال پيدا ڪيو جيڪو پرجڻ ۾ تمام گهڻو وقت لڳندو. حاجي صاحب جهڙي حسن اخلاق، ديندار، باڪردار، متقي، محب ۽ مشفق شخصيت نصيب وارن وٽ جنم وٺندي آهي. انسان دنيا منجهان وڃڻ تي پنهنجي مرضي جا مالڪ نہ هوندا آهن مگر پوءِ بہ اهڙن انسانن کي ميار ڏيڻ لاءِ دل چوندي آهي تہ ايترين سارين اکين کي آب ڏئي، دلين کي وڇوڙي جي ڏک سان ڀمّار ڪري ايئن اچانڪ وڃڻ نہ ٿو جڳائي. اها ڪردار جي ڪاميابي هوندي آهي جو انسان دنيا ڇڏي وڃي ۽ پنيان ايترا چاهيندڙ روئاري وڃي ۽ هزارين دلين ۾ هميشہ لاءِ امر ٿي وڃي.

١٠٠ سرائي محمد حسن لاشاري

ڪجهہ انسان خدمت خلق ۾ ئي پنهنجي ڪاميابي ڳولهڻ ۾ مصروف رهندا آهن. ڪين هميشہ پنهنجي دردن کان وڌ ٻين جا درد عزيز هوندا آهن. ٻين جي دردن جو دارو ڪرڻ سندن جيون جي جستجو هوندي آهي. اهڙن انمول انسانن سان اسان جي ميهڙ جي جهولي هر دور ۾ ڀريل رهي آهي. اهڙن بي بها ناياب گوهرن ۾ هڪ عظيم شخصيت سرائي محمد حسن بن خيرمحمد لاشاري جي بہ آهي. محترم سرائي محمد حسن لاشاري سن ١٣٥٢هہ مطابق ١٩٣٤ع ۾ ڳوٺ سوجهرو ميرواڻي ۾ جنم ورتو. غربت سبب صرف پنهنجي ڳوٺ جي مسجد منجهان ابتدائي ديني تعليم ئي حاصل ڪري سگهيو. پاڻ هاريو ڪرڻ ۽ مينهون چارڻ ۾ مشغول رهيو. ١٩٤٢ع ۾ جڏهن پوڙ آئي تہ سندس والدين ۽ رشتيدار اتان هجرت ڪري ڳوٺ "جان محمد لاشاري"[٤٢] ۾ اچي آباد ٿيا پاڻ هتي بہ ساڳئي هارپي جي

ڪمن ۾ مصروف رهيو. ١٩٦٥ع ۾ ان ڳوٺ جي پرسان ڳوٺ "عبدالصمد لاشاري" ۾ اچي مستقل طور تي رهائش پذير ٿيو. پنهنجي محنت سان ڪجھ زمينون خريد ڪيائين. پاڻ هميشہ محنت ڪش انسان جي حيثيت سان سڃاتو ويندو هو. پاڻ پنهنجي برادريءَ جي ماڻهن جي خوب دل کولي مدد ڪندو هو، مٽ مائٽ ۽ ڳوٺ جا ٻيا ماڻهو سندس دل سان عزت ڪرڻ لڳا. پاڻ هڪ اوطاق جوڙايائين، ان اوطاق ۾مسافرن ۽ روزي روٽي خاطر ايندڙ گهور ڪرڻ وارن پنجابين ۽ پٺاڻن کي رهائڻ ۽ ماني کارائڻ ۾ ڏاڍي دلچسپي وٺڻ لڳو. آهستہ آهستہ سندس اوطاق ۽ مهمان نوازيءَ جي ڳالھ مشهور ٿيڻ لڳي. سندس اوطاق تي مٽن مائٽن ۽ مهمانن جي آمد جو سلسلو هر وقت جاري رهندو هو. هن جوان جي سخا مشهور ٿيڻ لڳي. وري جڏهن سندس اولاد جوان ٿيو ۽ اهو بہ ڪمائڻ جي عمر کي رسيو تہ پاڻ سخا جي ڪمن ۾ وڌي حصو وٺڻ لڳو. پنهنجي اولاد کي سٺي تعليم ڏيارڻ جي ڪوشش ڪيائين. سندس اولاد بہ پنهنجي والد صاحب وانگر نيڪ دل، رحمدل ۽ مهمان نواز طبيعت جو هجڻ ڪري، هر آئي جي عزت ۽ خدمت ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهڻ لڳو. سرائي محمد حسن صاحب برادري ۽ مٽن مائٽن جي فيصلن ۾ دلچسپي وٺڻ لڳو. سندس فيصلن تي مٽ مائٽ راضي رهندا هئا ۽ پنهنجي حق ۾ ڪيس منصف چوندي پنهنجا مسئلا پاڻ ۾ حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. سرائي محمد حسن صاحب غريب ماڻهن جي ڪفن دفن جو بندوبست پنهنجي ڪيسي منجهان ڪرڻ سعادت سمجهندو هو، جنهن ڪري اڪثر غريبن جي ان سلسلي ۾ مدد ڪندو رهيو. ڪڏهن ڪڏهن ايئن بہ ٿيندو هو تہ اگر ڪو سندس عزيز يا ٻر جو ماڻهو ڪمائڻ لاءِ ٻاهرين ملڪ ويل هوندو هو ۽ سندس وفات ٿي ويندي هئي تہ سندس گهروارا سرائي محمد حسن وٽ ايندا هئا. پاڻ ان سلسلي ۾ ان ماڻهوءَ جي ميت کي واپس پنهنجي ڳوٺ آڻڻ ۾ ڀرپور نموني مدد ڪندو هو. اڪثر غريب مٽ مائٽ ۽ ٻر جي ماڻهوءَ سان اسپتالن ۾ گڏجي ويندو هو ۽ انهن جي دوا دارون تي دل کولي خرچ ڪندو هو، ان ڪري اڪثر ماڻهو دوا وٺي ڏيڻ جي سلسلي ۾ وٽس ايندا هئا ۽ پاڻ بنا ڪنهن عذر جي انهن سان گڏجي نڪري ويندو هو. پاڻ بهترين ڀاڳيو پڻ هو. وٽس هر وقت بهترين مينهون، ڏاند، رڍون ۽ ٻڪرين جو سٺو تعداد موجود هوندو هو. پنهنجي گهروارن کي چيل

هئس تہ جيڪو بہ اچي تہ ان کي کير ڏيندا ڪريو، جڏهن ڪوئي لسي ونڻ اچي تہ لسي سان گڏ مکڻ بہ لازمي ڏيندا ڪريو. اهڙي طرح سندس اوطاق هر وقت مهمانن سان ڀريل رهندي هئي پنهنجي ڳوٺ ۾ معزز شخصيت سمجهيو ويندو هو. هر ڪنهن جي مدد ڪرڻ ۾ خوشي محسوس ڪندو هو. غريب مٺ مائٽن جي خفيہ طور مدد ڪرڻ سندس عادت هوندي هئي تہ جيئن ڪنهن جي عزت نفس مجروح نہ ٿئي. هن شخصيت خدمت خلق ۾ هڪ سنو نالو ڪمائي پنهنجي عاقبت جو هڪ سنو ثمر ڪيو. غريب ۽ مٺ مائٽن جي مدد ڪرڻ سان سندن دعائون ڪٺندو رهيو. پاڻ پنهنجي اولاد جي تربيت بہ پنهنجي طبيعت مطابق ڪيائين تہ جيئن اهي بہ ڀلائي ۽ نيڪيءَ جي ڪمن ۾ اڳرا رهن. هن شخصيت عمده اخلاق ۽ ڀلائي سان ماڻهن جي دل ۾ هڪ اهڙي جاءِ ٺاهي جيڪا ڪيس ڪافي وقت تائين ماڻهن جي دلين ۾ زنده رکندي. هن ڀلاري شخصيت جو وصال ١٣ ذوالحج ١٤٣٧هه مطابق ١٦ سيپٽمبر ٢٠١٦ع بروز جمعہ تي ٿيو. سندس وڇوڙي هزارين دلين کي غمگين بڻائي ڇڏيو. هر اک اشڪبار هئي. هڪ تمام وڏي هجوم کيس نم اکين سان الوداع ڪيو. سندس وفات جي غم ماڻهن کي ڏکارو بڻائي ڇڏيو. سندس خال ڀرجڻ مشڪل هو، پر تنهن هوندي بہ سندس جڳهہ کوٽ کي پورو ڪرڻ ۽ پنهنجي دلين کي مطمئن ڪرڻ خاطر سندس فرزند حافظ وزير علي لاشاري کي برادريءَ جي پڳ ٻڌرائي وئي. حافظ وزير پنهنجي والد صاحب جيان عوام جون دليون کٽي انهن جي خدمت ۾ پاڻ ملهائي رهيو آهي. ماڻهن جو فيصلو بلڪل صحيح هو. پاڻ پنهنجي والد صاحب جي سِڪ پوري ڪري رهيو آهي. پاڻ هر وقت غريبن جي مدد ۽ سهڪار لاءِ تيار رهندو آهي. پاڻ اڪثر ڪنهن نہ ڪنهن جي مدد ۽ خدمت ۾ مصروف رهندو آهي ۽ غريب ماڻهن، مٺ مائٽن ۽ دوستن جون دعائون ڪٺندو رهي ٿو. حافظ وزير فلاحَ جي ڪمن ۾ اڳرو نظر ايندو آهي. پاڻ پنهنجي والد صاحب جي ڪردار کي زنده رکيون اچي ٿو. سرائي محمد حسن صاحب جي اوطاق کي انهيءَ مانَ ۽ شانَ سان سنڀاليندو اچي ٿو. کيس اهو شوق هوندو آهي تہ پاڻ ٻين جي مدد ڪري پنهنجي والد صاحب جي ياد کي تازو ڪندو رهي.

١٠١ ڊاڪٽر محمد خان شيخ

سرزمين سنڌ پنهنجي شاندار ماضيءَ جي ڪري هڪ الڳ مقام رکي ٿي. هن سرزمين جي جهولي هرمحاظ جي عظيم جوڌن جوانن سان شاد رهي آهي. هن جي مٽيءَ منجهان ڪيترن ئي علمي ۽ ادبي شهپارن جنم ورتو آهي. جن جون زندگيون ۽ خدمتون باعث فخر آهن. هن گلشن ۾ ٻهڪندڙ ٻوٽا ۽ گل و غنچا ٽڙندا ۽ مهڪندا رهيا آهن. دنيا جي هر مذهب ۾ انسانيت جي خدمت کي تمام وڏي اهميت حاصل آهي. انسانيت جي خدمت ۾ رب ڪريم جي رضامندي ۽ رب ڪريم جو قرب پنهان آهي. ڪجهه ماڻهو انسانيت جي خدمت کي پنهنجو نصب العين بڻائي پنهنجو پاڻ ان خدمت لاءِ وقف ڪري ڇڏيندا آهن. اهڙا انسان عوام جي دلين جا بي تاج بادشاه هوندا آهن. ڪين دنياوي لالچ تہ هوندي ڪونہ آهي تہ موٽ ۾ عوام کان عزت جا بہ طلبگار ٿين سو هو پنهنجي ڌن ۾ مگن رهي پنهنجي رب جي چاهت جا متلاشي هوندا آهن. اهڙن عظيم ڪردارن تي پوري قوم کي ناز هوندو آهي. اهڙين عظيم ۽ مهان هستين ۾ ڊاڪٽر محمد خان شيخ صاحب جو شمار بہ صف اول ۾ ٿئي ٿو.

ڊاڪٽر محمد خان بن حاجي غلام حيدر شيخ ٢٠ ربيع الاول ١٣٨١ھ مطابق پهرين سيپٽمبر ١٩٦١ع بروز جمعہ ميهڙ شهر ۾ جنم ورتو. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي ابتدائي تعليم ميهڙ جي پرائمري اسڪول منجهان حاصل ڪيائين. ان کان بعد ميهڙ جي هاءِ اسڪول وَن منجهان ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. M.B.B.S چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻو (CMC) منجهان پاس ڪيائين.

ميهڙ جي هن عظيم ڪردار واري انسان کي ميهڙ جو مسيحا سڏجي تہ ان ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو. ڊاڪٽر محمد خان صاحب پنهنجي نالي جو خوب ڀرم رکيو آهي. مٿس امام الانبياء ﷺ جن جو نالو رکيل آهي. ان نالي جي برڪت ڪري مٿس ان عظيم هستيءَ جي گڻن جو ڪجهه اثر بہ نظر اچي ٿو. ڊاڪٽر شيخ صاحب عوام جي خدمت ڪرڻ ۾ ڏاڍو حريص نظر ايندو آهي. ڪيس حد کان وڌيڪ اها لالچ هوندي آهي تہ انسانيت جي خدمت ۾ سرخرو ٿيان، سندس ڪردار خدمتِ انساني ۾ گهٽي کان گهٽو رهي. پاڻ ٢٦، ٢٧ سالن کان وٺي مسلسل هر آچر ڏهاڙي ميهڙ ۾ اڪين جي اسپتال هلائي

رهيو آهي. سندس شمار اکين جي ماهر ۽ قابل ترين ڊاڪٽرن جي فهرست ۾ ٿئي ٿو. وٽس هر آچر تي ماڻهن جي پيهه نظر ايندي آهي. ڊاڪٽر صاحب ميهڙ ۾ اهو ڪم في سبيل الله محض پنهنجي آخرت سنواريءَ لاءِ ڪندو آهي. هتي ڪابه فيس نه ورتندو آهي. هتي فري چيڪ اپ ڪري ماڻهن کي دوائون به شروع کان ئي بلاقيمت ڏيندو رهي ٿو. جس آهي هن شخصيت کي جو ايتري رش سان گُٿم گُٿا واري صورتحال ۾ ايترن سالن کان وٺي نيائي ۽ خدمت ڪري رهيو آهي. ڪڏهن به ايتري هجوم تي بيزاري جا تاثرات به سندس چهري تي نظر نه ايندا آهن. پاڻ بااخلاق ۽ حسن ڪردار واري شخصيت آهي. ڊاڪٽر صاحب سوين ڪئمپن ۾ پنهنجي خدمت ڪري چڪو آهي. ڪيترين ئي ڪئمپون پنهنجي خرچ تي لڳرايون اٿائين. ان ۾ خرچ ڪرڻ لاءِ اڳي کان اڳرو رهندو آيو آهي. ڊاڪٽر شيخ صاحب انساني خدمت ۾ هڪ أمر ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. ميهڙ جي هن سپوت ميهڙ وارن جو ڪنڌ شان ۾ اونچو ڪري ڇڏيو آهي. پاڻ پنهنجي خدمتن عيوض عوام جي دلين ۾ صدين تائين زنده رهڻ جي جاءِ ٺاهي چڪو آهي. ڊاڪٽر صاحب کي اها تمنا رهندي آهي ته الله تعالىٰ سندس هن خدمت کي قبول ڪري ۽ سندس آخرت جو ڪجهه ثمر ڪري. ڊاڪٽر صاحب ڏاڍو دلبر طبيعت وارو انسان آهي. علم جي وڏي مرتبي تي فائز رهڻ وارو ڪلمک انسان آهي. يار ويس ۽ ڪچهري جو مور ماڻهو آهي. جڏهن ڪچهري ۾ ويهندو ته هڪ وڏي فلاسفر جيان محسوس ٿيندو. سندس ڳالهين منجهان دانائي پئي ٽپڪندي آهي. ڊاڪٽر شيخ صاحب ادب سان به ڪافي چاهه رکندو آهي. ان سلسلي ۾ پاڻ لاڙڪاڻي ۾ ”پهرين زوهيب ڪمپيوٽرائيزڊ پريس لاڙڪاڻو“ جو بنياد وڌائين. ان کان علاوه ”ماهوار ڪونج“ رسالي جو باني ۽ چيف ايڊيٽر پڻ رهيو آهي. پاڻ خدمت انساني ۾ ايترو مصروف رهڻ باوجود تصنيف ۾ به خدمت سرانجام ڏيندو رهي ٿو ۽ ادبي محفلن ۾ پڻ شامل ٿيندو رهي ٿو. ”رياست ۽ انقلاب“، ”ڪاميابيءَ جا گُر“ ۽ ”پوليٽيڪل آئيڊيل“ سندس ڇپيل ڪتاب آهن. دعا آهي ته الله رب العزت کيس ڏکهي ڄمار ڪامل صحت سان عطا فرمائي ته جيئن پاڻ وڌ کان وڌ عوام جي خدمت ڪري سگهي ۽ الله رب العزت کيس ان جو اجر عظيم دنيا ۽ آخرت ۾ عطا فرمائي.

١٠٢ محمد صديق هالو

انسان کي الله رب العزت اشرف المخلوقات جو درجو عطا فرمايو آهي. ان عطا جو هڪ سبب کيس عطا ڪرده علم ۽ عقل بہ آهي. ڪي انسان نالي ۽ شهرت کي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي عزت بہ داءَ تي لڳائڻ کان بہ نہ لنوائيندا آهن ۽ ڪجھ انسان چپ چاپ خاموش رهي پنهنجو ڪم احسن طريقي سان انجام ڏيڻ جي جستجو ۾ رهن ٿا. انهن کي دنيا جي واھ واھ ۽ مشهوريءَ جي بلڪل بہ ڪا پرواھ نہ هوندي آهي. بس هو پنهنجي لڳن ۾ لڳا رهن ٿا. اهڙن بزرگ هستين ۾ هڪ نالو محمد صديق هالو صاحب جو بہ آهي. محمد صديق بن نور محمد هالو ڳوٺ جڙيو هالو تعلقو خيرپور ناٿن شاھ ۾ ٢٥ ڊسمبر ١٩٣٥ع مطابق ٢٩ رمضان ١٣٥٤ھ اربع جي ڏينهن پيدا ٿيو. محمد صديق جو والد صاحب عام سِڌو سادو ٻهراڙيءَ جو ماڻهو هو، سچائي ۽ ايمانداري سندس وَڏُ هوندو هو. پنهنجي هن فرزند کي علم جي زيور سان آراستہ ڪرڻ لاءِ پنهنجي پوري ڪوشش ڪيائين. پاڻ پنهنجي ڳوٺ منجهان پرائمري تعليم سان گڏ عربي ۽ فارسي جي تعليم پڻ حاصل ڪيائين. هاءِ اسڪول ميهڙ منجهان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪري تعليم کاتي ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيو. نوڪريءَ سان گڏ پنهنجي تعليم جاري رکيائين. بي اي جي ڊگري حاصل ڪري سنڌي شعبي ۾ ماسٽرس جي ڊگري حاصل ڪيائين. جڏهن ممتاز علي ڀٽو سنڌ جو وزير اعلىٰ هو ان دور ۾ کيس سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ طرفان ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرر مقرر ڪيو ويو. پاڻ پنهنجي والدين جي ضعف ۽ اڪيلائي کي مدِ نظر رکي يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائڻ کان معزرت ڪيائين. پاڻ ٢٧ سال ڪولاچي پرسان ڳوٺ رضامحمد ڏيرو ۾ تدريسي خدمت سرانجام ڏيندو رهيو. پاڻ نهايت قابل استاد رهيو. پاڻ پنهنجن شاگردن کي ڪاميابيءَ سان همڪنار ڪرڻ جي جستجو ۾ لڳو رهيو. سندس محنت جو ڦل سندس شاگردن جي اعلىٰ عهدن تي رسڻ جي صورت ۾ کيس مليو. سندس نمايان شاگردن ۾ مرحوم محمد اسلم سومرو ڊپٽي ڪمشنر جي عهدي تان رٽائرڊ ٿيو، مرحوم علي انور سومرو چيف آفيسر ميونسپل آفيس دادو، ڊاڪٽر علي اصغر سومرو سول اسپتال حيدرآباد ۾ ويهين اسڪيل ۾، ميران محي الدين سومرو اومبڊس مين (فيڊرل) حيدرآباد، محمد اڪرم ويگهيو پرنسيپال راڌڻ اسٽيشن ۽ ڊي

ايس پي عبدالله پرڙو وغيره سرفهرست آهن. سائين محترم محمد صديق هالو صاحب HST جي عهدي رهي گورنمينٽ هاءِ اسڪول قاضي عارف منجهان ١٩٩٥ ع ۾ رٽايرڊ ٿيو.

محمد صديق هالو هڪ بااصول، باڪردار ۽ ديندار شخصيت جو مالڪ آهي. سچائي ايماندار، ديندارِي، علم ۽ احترام سندس سڃاڻپ رهي آهي. پاڻ عربي ۽ فارسيءَ ۾ تمام قابل رهيو. مولانا عبدالڪريم ديروي صاحب سندس عربي ۽ فارسيءَ جو امتحان ورتو هو ۽ سندس استعداد جي تعريف ڪيائين. پاڻ پنهنجي اولاد کي بهترين تربيت ۽ تعليم ڏئي معاشري جا معزز ۽ بهترين فرد تيار ڪيائين. پاڻ پنهنجي اولاد کي ديني ۽ عصري علومن سان سنواريائين. الله رب العزت کيس ست پٽ عطا فرمايا، جيڪي تدريس ۽ طب جهڙي مقدس شعبن سان سلهاڙيل آهن. سندس اولاد ئي سندس محنت ۽ تدريس جو جيتو جاڳندو ثبوت آهي. پاڻ ١٩٨٨ع کان ميهڙ شهر ۾ مستقل رهائش اختيار ڪيائين. سندس ساري زندگي تدريس جي خدمت ڪندي گذري. پاڻ نالي ۽ شهرت کان هميشه پاڻ کي پري رکي گمناميءَ واري زندگي کي ترجيح ڏيندو رهيو. پاڻ نيڪ دل، همدرد ۽ هڏ ڏوکي انسان رهيو. الله رب العزت کيس وڏي ڄمار عطا فرمائي. پاڻ تعليمي ميدان جو شهسوار هو. علم ادب سان سندس تمام گهڻو چاهه هوندو هو. پاڻ ڪتابن ۽ علم جي حاصلات جي هر هڪ ذريعي جي تمام گهڻي تعظيم ڪندو رهيو. پاڻ تعليم کي ئي سڀ کان وڏو هٿيار سمجهيائين. پاڻ اڪثر ٻين کي به تعليم حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجي اولاد کي به ان زيور سان آراسته ڪرڻ جي نصيحت ڪندو رهيو.

محترم محمد صديق هالو صاحب جهڙي علمي شخصيت به تازو اسان کان وڇڙي وئي. سندس شفقت جو سايو ٢٣ ڊسمبر ٢٠٢٠ع مطابق ٧ جماديُ الاول ١٤٤٢ھ بروز اربع اسان مٿان کڄي ويو. سوين نم اکين سان کيس دارالبقا جي طرف روانو ڪيو ويو.

١٠٣ محمد عمر سوڍر

محمد عمر بن محمد يوسف سوڍر ڳوٺ شيروڏيپر ۾ پيدا ٿيو. سنڌي جا ڪجھ درجا پڙھيو. پنھنجو مال چارڻ ۽ پنھنجي زمينن ۾ هارپو ڪرڻ سندس ڪرت رهي. پاڻ ياروپس ۽ سنگت لاءِ سر ڏيڻ وارو انسان هو. جڏهن جوانيءَ کي رسيو تہ ڳوٺ ۾ جمعي جي نماز لاءِ کيس خطبو پڙهڻ جو موقعو مليو. پاڻ مولانا غلام رسول جتوئي صاحب جو خطبو جيڪو سنڌي زبان ۾ شعر و شاعري تي مبني هوندو هو، سو ڪتاب ۾ ڏسي پڙهندو هو. سندس آواز ۾ ايترو تہ سوز هوندو هو جو ٻڌندڙن کي روئاري وجهندو هو. سندس آواز ۾ هڪ عجيب قسم جو درد ۽ مناس پريل هوندو هو. سندس آواز جو جادو ماڻهن جا مَن موهي وجهندو هو. ماڻهو سندس آواز ۾ خطبو ٻڌڻ لاءِ ڏاڍي شوق سان وقت کان پهريان مسجد ۾ پهچي ويندا هئا. محمد عمر جڏهن خطبو پڙهندو هو تہ ماڻهو ايئن خاموش ٿي ٻڌندا هئا ڄڻ سندن مٿن تي پکي وينا هجن، جيڪي سندن ٿوري بہ چرپر سان اڏي ويندا. سندس آواز جا ديوانہ ماڻهو اڄ بہ موجود آهن، جيڪي سندس آواز جي جادو جو ذڪر وقتًا فوقتًا ڪندا رهندا آهن. راقم کي ٻچپن ۾ سندس آواز ٻڌڻ جو شرف حاصل ٿيل آهي، اڄ بہ سندس ان دل گداز آواز جو تصور مسحور ڪن محسوس ٿيندو آهي. پاڻ والدين جو اڪيلو پٽ هوندو هو.

محمد عمر اخلاق جي اعلىٰ درجي تي فائز رهيو. پاڻ پنهنجي نالي جيان واقعي عمر رهيو. سندس دل جي دليري ۽ وعدي جي پختگي بہ مثالي رهي. سندس اخلاق ۽ محبت هر دل کي موهي ڇڏيو. پاڻ مٽ مائٽن لاءِ گويا پتنگ هوندو هو. مٽ مائٽن سان صلہ رحمي خاطر ڪافي ڪجھ برداشت ڪرڻ وارو انسان رهيو. الله رب العزت طرفان کيس صبر جو وافر مقدار پڻ نصيب ٿيو. پنهنجي والد صاحب جو نهايت فرمانبردار هوندو هو. جيئن تہ پاڻ والدين جو اڪيلو پٽ هو، جنهن ڪري سندس والد صاحب کيس جهيڙي فساد کان پري رهڻ ۽ برداشت ڪرڻ جي نصيحت ڪئي. پاڻ پنهنجي پوري زندگي پنهنجي والد صاحب جي ان فرمان مطابق گذاري هڪ فرمانبردار پٽ هئڻ جو ثبوت پيش ڪيائين. زندگيءَ ۾ اهڙا ڪافي موڙ ايندا رهيا جو کيس دوستن ۽ مائٽن طرفان تڪليف ملي پر پاڻ پنهنجي والد صاحب جي ڳالھ کي سامهون رکي هر ڏک سهندو رهيو ۽ درگذر جو معاملو

ڪندو رهيو. محمد عمر مٽ مائٽن ۽ دوستن لاءِ ڀلائي ۽ نيڪي جي ڪمن ۾ اڳيرو رهڻ جي ڪوشش ڪندو هو. پاڻ ڪَس ڪائي ٻين کي ڪَسَرَ ڏيڻ وارن ماڻهن منجهان هو. سندس صبر ۽ سهپ مشهور هوندي هئي. اخلاق حميده جو پيڪر رهيو. هر ڪنهن سان مسڪرائي ملڻ، غم ۽ خوشي ۾ ساٿ ڏيڻ، دوستن جي ڪمن ۾ پنهنجو پاڻ حصو وٺڻ، ماڻهن جي تڪليف جو ازالو ڪرڻ، ضرورت آهر مدد ڪرڻ ۽ اهڙي قسمن جي نيڪ ڪمن ۾ پاڻ ڪڏهن به نه گسندو هو.

پاڻ شروع کان ئي اوطاقي جوان رهيو. سندس اوطاق تي سندس والد محمد يوسف سوڍر هر وقت موجود هوندو هو. هر ايندڙ مهمان جي خدمت ڪرڻ سندس شيوا رهيو. محمد عمر دوستن جي ڪمن ڪارين سان جڏهن ڳوٺ کان ٻاهر هوندو هو ته سندس والد صاحب اوطاق تي مهمانن جي خدمت لاءِ موجود هوندو هو. سندس وٽ به مهمانن جي آمد و رفت تمام گهڻي رهندي هئي. محمد عمر ٻه شاديون ڪيون. پاڻ والدين جو اڪلوتو پٽ هو ، جنهن ڪري الله رب العزت کيس پٽن سان مالا مال ڪري ڇڏيو. کيس ٻارهن پٽ عطا ٿيا. محمد عمر جواني جي عمر ۾ ٢٠ رمضان ١٤١٢ھ مطابق ٢٤ مارچ ١٩٩٢ع بروز اڱارو تي وفات ڪئي. سندس وڇوڙي ڪيترين ئي دليون مرجهائي ڇڏيون. سندس اولاد ۾ سندس وڏو پٽ احمد علي عرف بشير احمد سوڍر پنهنجي والد صاحب جيان يار ويس ۽ مٽن مائٽن لاءِ پتنگ آهي. پاڻ دوستن خاطر دل کولي خرچ ڪرڻ، ڪيترن ئي ڳوٺن ۽ ذاتين جون ذاتي رنجشون ختم ڪرڻ لاءِ ڪوشان رهندڙ ۽ مٽن مائٽن جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ هر وقت پنڌ ۾ رهڻ وارو انسان آهي. وٽس ڪيترن ئي ڳوٺن ۽ ذاتين وارا پنهنجن مسئلن جي حل لاءِ ايندا آهن ۽ کيس پنهنجن فيصلن ۾ منصف بڻايو ويندو آهي. پاڻ حق تي فيصلا ڪرڻ وارو انسان آهي. سندس ان ڪردار جي ڪري ڳوٺ وارا ۽ ٻيا مائٽ کيس عزت ۽ احترام جي نگاهه سان ڏسندا آهن. الله کيس ڊگهي ڄمار عطا ڪري.

١٠٤ محمد منل ڀٽ

هرانسان کي معاشري ۾ پنهنجي حصي جي ذميداري سونپيل هوندي آهي. ڪجھ انسان لايعني ڪمن ڪارين ۾ پنهنجو جيون برباد ڪري رهيا هوندا آهن تہ ڪجھ انسان پنهنجي ان ذميواري کي احسن طريقي سان نڀائي پنهنجو جيون گذاري رهيا هوندا آهن. پنهنجي مگن ۾ مست رهي گمناميءَ واري زندگي گهاري پنهنجو ڪردار احسن طريقي سان نڀائي معاشري کي خوشبودار بڻائي ويندا آهن. اهڙا انسان ڪنهن مخلوق جي واه واه ۽ مشهوريءَ کان ڪافي پري رهڻ جي جستجو ۾ هوندا آهن. اهڙي ڪردار وارن انسانن منجھ هڪ نالو سائين محترم محمد منل ڀٽ صاحب جو بہ آهي. محمد منل بن حاجي عبدالله ڀٽ صاحب ٢٠ شوال ١٣٨٦ھ مطابق ڇهين فيبروري ١٩٦٧ع بروز اربع ڳوٺ ڀٽ سرائي ۾ جنم ورتو. پاڻ پرائمري جي تعليم پنهنجي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول منجهان حاصل ڪري هاءِ اسڪول ميهڙ منجهان ١٩٨٣ع ۾ ميٽرڪ جا امتحان پاس ڪيائين. ان کان پوءِ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڊگري ڪاليج دادو جو رخ ڪيائين. اتان انٽر سائنس جو امتحان ١٩٨٥ع ۾، B.A ١٩٨٧ع ۾ ۽ M.A اڪنامڪس ١٩٨٩ع ۾ پاس ڪري ڊگري حاصل ڪيائين. B.Ed جو امتحان ١٩٩٤ع ۾ علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي اسلام آباد منجهان پاس ڪيائين. ان کان پوءِ M.Ed ريگيولر سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪيمپس حيدرآباد منجهان پاس ڪيائين. ڪيس ١٤ سيپٽمبر ١٩٨٦ع ۾ تعليم کاتي ۾ پرائمري استاد ڀرتي ڪيو ويو. سنڌس جوائننگ پرائمري اسڪول راڌڻ ۾ ٿي. ان کان پوءِ پنهنجي ڳوٺ ڀٽ سرائيءَ ۾ بدلي ٿي آيو. ١٩ نومبر ١٩٨٩ع ۾ سنڌس JST طور پروموشن ٿيو. پاڻ هاءِ اسڪول وَن ميهڙ ۾ تدريسي خدمت ڪرڻ لڳو. ٢٥ مئي ١٩٩٥ع ۾ سنڌس ٻيو پروموشن بطور H.S.T ٿيو. پاڻ انهيءَ پنهنجي مادري علمي ۾ تدريس ڪندو رهيو. پاڻ ڏاڍو محنتي استاد رهيو. پاڻ گورنمينٽ هاءِاسڪول سَري ضلعو ڄامشورو، نيشنل گورنمينٽ هاءِ اسڪول اشاعت الاسلام ڪوٽڙي ۽ هاءِ اسڪول سوجهرو ڳورڙ ۾ مختلف وقتن ۾ تدريس ڪندو رهيو. آخر ۾ واپس هاءِ اسڪول وَن ميهڙ ۾ بدلي ٿي آيو. ١٧ اپريل ٢٠١٠ع ۾ ڪيس سپروائيزر مقرر ڪيو ويو. پاڻ انهيءَ پوسٽ تي بيٺ ميهڙ ٿائون، ٽرڙي محبت ۽ نئون ڳوٺ ۾ خدمت

ڪندو رهيو آهي. هن وقت ٻيٽو ۾ بحيثيت سپروائيزر خدمت تي مامور آهي.

سائين محترم محمد منل بٽ صاحب خوش طبع انسان آهي. پاڻ بهترين ڪردار وارو انسان آهي. هر ڪنهن سان پنهنجائپ وارو رويو سندس سڃاڻپ آهي. هر ڪنهن سان بلاتفريق ادب ۽ احترام سان پيش اچڻ سندس شيوا آهي. ياري دوستيءَ ۾ به نمايان رهندو آهي. استادن کي عزت ڏيڻ ۽ احترام ۽ محبت سان تعليمي پاليسين تي عمل ڪرڻ لاءِ آماده ڪندو آهي. هر استاد کي استاد سمجهي عزت ڏيندو آهي. پاڻ ڪڏهن به استادن کي آفيسر هجڻ جي باور ۾ پيش نه ايندو آهي، بلڪ هر استاد کي پنهنجو دوست سمجهندو آهي. هن شخصيت کي پهرين ملاقات ۾ ئي ڏسي ايئن محسوس ٿيندو آهي گويا ساڻس سالن کان وني دوستي ۽ واقفيت هجي. سائين محمد منل اڪثر گمناميءَ واري زندگي کي پسند ڪندو آهي. پاڻ فلاحي ۽ سماجي ڪم اهڙي طريقي سان ڪندو آهي ته جيئن ٻين کي ان جي ڄاڻ به نه پوي. سندس ڪوشش هوندي آهي ته ٻين جي اهڙي نموني خدمت ڪجي جو ڪنهن جي عزت نفس مجروح به نه ٿئي ۽ سندس اعانت به ٿي وڃي ۽ رب جي رضا به حاصل ٿي وڃي. غريبن جي مدد ۾ به هميشه اڳيرو رهيو آهي. دوستن ۽ شاگردن جي مدد ڪرڻ ۾ خوشي محسوس ڪندو آهي. پاڻ مهمان نوازيءَ ۾ به مور آهي. ڪيس موروثي ملڪيت ۾ ڪافي زمين ملي آهي. پاڻ هارين سان دوستانه رويو رکندو ۽ وقت سر انهن جي مدد پڻ ڪندو آهي. پاڻ پنهنجي ننڍن ٻائرن سان دوستانه ماحول ۾ رهي پيءُ جيان پرورش به ڪندو رهيو آهي. سندس محنت جي نتيجي ۾ الله رب العزت سندس ٻائرن کي سٺي تعليم ۽ ڪردار سان نوازيو آهي. سندس ٻائرن ۾ ڪانئس ننڍو ڀاءُ محمد ياسين هاءِ ڪورٽ ڪراچيءَ ۾ وڪيل آهي، ان کان ننڍو ڀاءُ محمد سليم ڪراچيءَ ۾ سينيئر سول جج آهي ۽ سڀني کان ننڍو ڀاءُ ڪليم الله ميهڙ بار ۾ وڪيل آهي. هي سڀئي ٻائر پنهنجي والد محترم عبدالله بٽ صاحب جي اخلاق ۽ ڪردار جي هوبهو نقل آهن.

١٠٥ محمد نواز "محزون" پنّي

ميهڙ جي ميندي واري خوشبودار مٽيءَ منجهان ڪافي مهان هستين جنم ورتو آهي. انهن مهان هستين مان محمد نواز پنّي صاحب به هڪ آهي. محمد نواز صاحب جو جنم ١٧ ربيع الاول ١٣٥٢هه مطابق ١٠ جولاءِ ١٩٣٣ع بروز سومر ميهڙ شهر ۾ رئيس شفيع محمد پنّي صاحب جي گهر ۾ ٿيو.[٤٣] پاڻ پنهنجي ابتدائي پرائمري تعليم ۽ ديني تعليم ميهڙ شهر منجهان حاصل ڪيائين. ان کان بعد ثانوي تعليم سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي منجهان پاس ڪيائين ۽ بي اي سنڌ مسلم ڪاليج مان پاس ڪيائين. ان کان بعد سنڌ يونيورسٽي منجهان ايل ايل بي ۽ ايم اي جا امتحان پاس ڪيائين. بي ٽي (بيچلر آف ٽيچنگ) جي ڊگري به حاصل ڪيائين. آڪسفورڊ ڪاليج لاهور منجهان هوميوپيٿڪ جو ڪورس پڻ ڪيائين. ان کان پوءِ آرمي ۾ سيڪنڊ ليفٽيننٽ سليڪٽ ٿيو. ٽريننگ دوران بلنديءَ تان جمپ ڏيڻ تي ڪيس پير ۾ مَوچ آئي (فريڪچر ٿي پيو)، جنهن ڪري اَن فِٽ ٿيڻ سبب واپس آيو. ان کان پوءِ ڪسٽمز کاتي ۾ پرووينشو آفيسر مقرر ٿيو، پر اها سندس طبيعت کي پاڻ نه پئي جنهن ڪري اها ڇڏي تعليم کاتي ۾ هاءِ اسڪول ميهڙ ۾ استاد مقرر ٿيو. پاڻ ڏاڍو ذهين انسان هو. خانپور، نصيرآباد، راڌڻ ۽ سنڌي ٻنڙا جي هاءِ اسڪولن ۾ هيڊماستر جي عهدي تي پڻ رهيو. تعليم کاتي ۾ ١٩٨٦ع کان ١٩٨٨ع تائين S.D.E.O جي پوسٽ تي به رهيو. ان کان علاوه ڪراچيءَ ۾ ٽوئرسٽ لاءِ انگريزي ترجمان طور خدمات پڻ سرانجام ڏيندو رهيو. ڪيس انگريزي زبان ۽ ادب تي تمام سٺي دسترس حاصل هئي. پاڻ پنهنجي سماجي طبيعت ۽ عمدا اخلاق جي ڪري شاگردن ۽ عوام ۾ بيحد مقبول ٿيو. ڪيس تمام گهڻي عزت ملي. سندس ناناڻي خاندان جي رئيس بلبل صاحب جهڙي علمي شخصيت ۽ گهراڻي سان نسبت هئڻ ڪري پاڻ به ديني ۽ دنيوي علمن ۾ ماهر ۽ فيض رس انسان هو. جڏهن به رسول الله ﷺ جن جو نالو سندس زبان تي ايندو هو يا ٻڌندو هو، رسول الله ﷺ جن جو ذڪر ڪندو هو يا ٻڌندو هو ته سندس اکيون عشق رسول ﷺ ۾ نم ٿي وينديون هيون. محزون صاحب سدائين ٽپ ٽاپ رهيو. پاڻ اڪيلو ڪم ڪندڙ هو، جنهن ڪري پاڻ کي ٽيبل ورڪر چوندو هو. درس وتدريس، ادب ۽ شاعري ۾

تمام وڏو نالو ڪمايائين. ادبي محفلن ۽ مجلسن کان اڪثر ڪنارا ڪش رهيو، پر دوستن جو دوست ۽ قول و اقرار نڀائڻ وارو جوان رهيو.

سنڌ اندر خليل جبران کي متعارف ڪرائڻ وارو پهريون شخص بڻجي ويو. پاڻ خليل جبران ۽ مولانا ابوالڪلام آزاد کان گهڻو متاثر هو. جنهن ڪري سندن ڪتابن جا ترجما ڪيائين. ترجما ڪرڻ سان گڏ تصنيف جي ميدان ۾ به نمايان ڪم ڪيائين پاڻ علم ۽ ادب جي شروعات تحقيق، ترجمن ۽ شاعري سان ڪيائين [٤٤] پاڻ هميشه خوش اخلاق ۽ خوش پوشاڪ رهندو هو. ماڻهو سندس اخلاق جا گرويده هوندا هئا. پاڻ تعليم کاتي منجهان رٽائرڊ ٿيو ۽ ١٤ جمادي الثاني ١٤١٦ھ مطابق ٨ نومبر ١٩٩٥ع بروز اربع دل جو دورو پوڻ ڪري هي فاني جهان ڇڏي ويو.[٤٥] ادب جو هڪ شاهڪار ميهڙ جي مهڪ کي ڦڪو ڪري هميشه لاءِ ميهڙ جي مٽي سان ملي ويو. سندس قلمي پورهئي ۾ ڪيترائي ڪتاب شامل آهن. جيئن: ١. ڪنوار جي سيج ٢.پڳل ڪنپڙاٽيون ٣. مجنون ٤. پيغامبر جو باغ ٥. مرشد جو نينهن ۽ نياپو ٦. پيغامبر ٧. انسان ۽ شيطان ٨ لڙڪ ۽ مُرڪ ٩. خالد بن وليد ١٠. سلطان صلاح الدين ايوبي ١١. درس محبت ابوالڪلام آزاد ١٢. هڪ دور جو ماتم ١٣. پرنس ميڪاولي ١٤. بائيبل، قرآن ۽ سائنس ١٥. سائين جو سوڳنڌ ١٦. هڪ مجرم جو اعتراف ١٧. مٽي، خواب ۽ خوشبوءِ (فلسطيني ناول) ١٨. اڳواڻ ١٩. زميني ديوتا ٢٠. سيرت النبي ترجمو جلد ٦ علامه شبلي نعماني ٢١. هڪڙي هئي سارا امرتا پريتم جو ڪتاب.

اڻ ڇپيل ڪتاب ١. سمنڊ ۽ جهنگ ٢. محبوب ڏانهن خط ٣.ديوتا ٤. خزانا خدا جا ٥. آسماني آواز ٦. عصمت چغتائي جا ڪتاب ٧. سيرت سيد المرسلين ٨.ريسرچ ورڪ ٩. الله ۽ الله جي رسول ﷺ فرمايو ١٠. سيرت النبي ﷺ ريسرچ ورڪ ١٨ ساله تحقيق ١١.سيل ڪندا ١٢. ڏوهي قبوليو ڏوهه ١٣. ماءُ جو انتقام ١٤.مٽي ۽ جا خواب (فلسطيني ناول).

محزون صاحب کي مصوري جو تمام گهڻو شوق هوندو هو. پاڻ پنهنجن ڪيترن ئي ڪتابن لاءِ ٽائيٽل پاڻ ڊزائن ڪيائين. ان کان علاوه رهبر ڊائجسٽ جو ١٧ سال ٽائيٽل ٺاهيندو رهيو. شعاع ڪتاب جو به ٽائيٽل ٺاهيائين. سندس ڪتاب تي خليل جبران جو پورٽريٽ به سندس جو ئي ٺهيل آهي. پاڻ هٿ ڏسڻ " " جو به ڪافي ماهر هوندو هو.

١٠٦ ڊاڪٽر ممتاز علي سوڍر

حضرت انسان روح ۽ جسم جو سنگم آهي روح بنا جسم جي صرف هڪ روشني يا خالي شيءِ هوندي آهي. روح بنا جسم صرف ميت، جنازو، مڙهه ۽ لاش ئي هوندو آهي. جسم ۽ روح جي سنگم کي ئي زندگي سڏيو وڃي ٿو. انسان منجهه روح به هڪ حيثيت رکي ٿو ته جسم جي به اهميت مسلّم آهي. ڪجهه انسان روحاني طور تي صاف سٿرا ۽ پاڪ رهندا آهن، مگر سندن ظاهري صورت ۾ اها ڪشش نظر نه ايندي آهي. ڪجهه جسماني طور ظاهري صورت سان پُرتاثير هوندا آهن، پر سندن روح ۾ اها صفائي نظر نه ايندي آهي. ڪجهه انسان ٻنهي (روح ۽ جسم) جي صفائي ۾ نمايان نظر ايندا آهن. اهڙن صفائي پسند انسانن منجهان هڪ عظيم شخصيت محترم ڊاڪٽر ممتاز علي سوڍر صاحب به هڪ هو.

ڊاڪٽر ممتاز علي بن نيڪ محمد سوڍر صاحب ١٠ ربيع الثاني ١٣٥٥ھ مطابق ٣٠ جون ١٩٣٦ع بروز خميس ميهڙ شهر ۾ جنم ورتو. سندس چنيءَ جو نالو الهه اوڀايو رکيو ويو. سندس امڙ جيجل سندس نالو ممتاز علي رکيو. سندس والد محترم سردار نيڪ محمد سوڍر صاحب پنهنجي ذات ۽ برادري (سوڍر) جو چيف سردار هو. پنهنجي هن فرزند جي نالي پنيان ڳوٺ ڏبيءَ جو نالو "الهه اوڀايو سوڍر" رکيائين. ممتاز علي جي پرورش ڏاڍي محبت، ۽ چاهه سان ڪئي وئي. امڙ جو پيار غالب اچڻ ڪري ڪيس ممتاز علي جي نالي سان سڏيو ويندو هو. اسڪول ۾ به سندس نالو ممتاز علي لکيو ويو، جنهن ڪري پاڻ انهيءَ نالي سان ئي مشهور ٿيو. ڊاڪٽر ممتاز صاحب پنهنجي ابتدائي تعليم ميهڙ منجهان حاصل ڪئي. ان کان پوءِ حيدرآباد مان تعليم حاصل ڪيائين. ان کان بعد ميڊيڪل ۾ سندس سليڪشن ٿي. پاڻ MBBS لياقت ميڊيڪل ڪاليج (LUMHS) منجهان مڪمل ڪيائين. ڊگري مڪمل ڪرڻ کان بعد کيس دادو ۾ ميڊيڪل آفيسر مقرر ڪيو ويو. پاڻ ڏاڍي دلجوئي سان اتي پنهنجون خدمات سرانجام ڏيندو رهيو. ان کان بعد ڪجهه وقت پان ۾ به ميڊيڪل آفيسر ٿي رهيو. اتان کان پوءِ کيس ٽنڊوڄام ۾ بدلي ڪري مقرر ڪيو ويو. پاڻ اتي ڏاڍي جذبي سان خدمت ڪندو رهيو. اتي ڊيوٽي دوران ١٩٦٥ع ۾ پاڪستان هندستان جي جنگ جي شروعات ٿي. ان جنگ واري وقت ۾ ملڪه ترنم ميڊم نورجهان

جا مِلي نغمہ ۽ قومي گيت ريڊيو تان نشر ٿيندا رهيا. پاڻ ڏاڍي شوق سان اهي ٻڌندو رهيو. انهن مِلي نغمن ۽ قومي گيتن سندس اندر حب الوطني کي پڙڪايو. آخر دل بي قابو ٿي پنهنجن ڪجھ دلي دوستن سان گڏجي پاڪستان آرمي ۾ ڪيپٽن ڊاڪٽر جي حيثيت سان شامل ٿيو. پاڪ آرمي ۾ ڏاڍي جوش و خروش سان پنهنجا فرائض سرانجام ڏيندو رهيو. ڊاڪٽر ممتاز صاحب پاڪ آرمي ۾ ٽي سال ڏاڍي جذبي تحت خدمت ڪندو رهيو. جنگ وارو ماحول ختم ٿيڻ بعد امن جي فضا قائم ٿي. ان ڪان پوءِ پاڻ پاڪ آرمي کي ڇڏي ٽندوڄام ۾ واپس پنهنجي پوسٽنگ کي ريجوائن ڪرڻ چاهيائين، مگر ڪيس پيٽارو ۾ جوائننگ ڪرڻ لاءِ چيو ويو. ڪيس اها ڳالھ پسند نہ آئي، جنهن ڪري اتان واپس اچي ميهڙ شهر ۾ هڪ ڪلينڪ کولي خدمت ڪرڻ جي نيت سان رهڻ لڳو. ان دوران آبائي زمينن جي سارسنڀال بہ ڪرڻ لڳو. سردار نيڪ محمد صاحب جي وفات ڪان پوءِ جڏهن برادري ۾ جهيڳڙا وغيره ٿيڻ لڳا ۽ مسئلا وڌڻ لڳا تہ برادريءَ جي معززن سرداري جي پڳ پهرائڻ لاءِ هڪ پروگرام رکيو. ان پروگرام ۾ سردار نيڪ محمد صاحب جي وڏي فرزند ايڊووڪيٽ محترم سڪندر علي سوڍر صاحب کي پڳ ٻڌرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. محترم سڪندر علي صاحب انهن معززن کي چيو تہ برادري کي سنڀالڻ ۽ انهن جا مسئلا نبيرڻ ۾ منهنجو ننڍو ڀاءُ مون ڪان وڌيڪ قابل آهي. مان اهو بار کڻي نہ سگهندس. ان لاءِ مهرباني ڪري ادا ڊاڪٽر ممتاز علي صاحب جي ڪلهن تي اهو بار رکو. سندس ان اصرار تي برادري جي معززن پاڻ ۾ صلاح ڪري ڊاڪٽر ممتاز صاحب جي ڪلهن تي اهو بار رکيو. ان وقت ڊاڪٽر ممتاز صاحب الله رب العزت کان ان گران بار کڻڻ، حق تي قائم رهڻ ۽ انهن جي خدمت ڪرڻ جي توفيق جي دعا گهري. سندس ڪلهن تي برادريءَ جو وزن پيو. پاڻ ان فرض کي تمام خوش اسلوبيءَ سان نڀائي پنهنجي وڏي ڀاءُ محترم ايڊووڪيٽ سڪندر علي سوڍر صاحب ۽ اڳڪٿيءَ کي سچو ثابت ڪري ڏيکاريو.

سندس ڪردار، زبان، محبت، اصول پسندي ۽ ايمانداريءَ جا گرويده ماڻهو جوڪ در جوڪ وٽس حاضر ٿيڻ لڳا. ڪجھ علاج بهاني ڊاڪٽر ممتاز صاحب سان ملڻ لاءِ بہ حاضر ٿيڻ لڳا. ٿورڙي ئي وقت ۾ هڪ تمام وڏو هجوم سندس منتظر نظر اچڻ لڳو. پاڻ عمده ڪردار وارو انسان

هو. راقم جو والد صاحب حاجي بخشل سوڍر تقريبًا ڏهه سالن کان وڌيڪ جو عرصو سندس صحبت ۾ رهيو. راقم جي چاچي حاجي محمد سوڍر سان به ڊاڪٽر ممتاز صاحب جو ڪافي لڳاءُ هوندو هو، جنهن ڪري اڪثر اسان جي اوطاق تي ڳوٺ شيرو ڏيپر ۾ ايندو هو. راقم ننڍي عمر ۾ ساڻس ملاقاتون ڪيون ۽ سندس باري ۾ ڪجهه يادداشتون اجان به ذهن ۾ منقش آهن. ڊاڪٽر ممتاز صاحب پنهنجي هر ملازم سان اهڙو رويو رکندو هو، گويا اهي سڀ سندس گهر جا ڀاتي هجن. موٽ ۾ اهي به سندس تهہ دل سان عزت ۽ احترام ڪندا هئا. ڊاڪٽر ممتاز صاحب جي ان رويي کيس دوستن ۾ به هڪ نمايان مقام تي رسايو. پاڻ عوام جو همدرد، هڏڏوکي ۽ يار ويس انسان هو. پاڻ پنهنجي ذات وارن سان گڏ ٻين ڪيترين ئي ذاتين جي جهيڙن ۾ منصف ٿيايو ويندو هو. پاڻ فيصلا انصاف مطابق ڪندو هو. ڪڏهن ڪڏهن جهيڙو ٽارڻ خاطر ٻي ڌرهي کي ڏوهي قرار ڏئي ٻي ڌر کان معافي وٺرائيندو هو ۽ جرمانو به ڀري ڏيڻ تي آماده ڪندو هو. سندس اهو فيصلو ڏاڍو عجيب لڳندو هو. ڪجهه ڏينهن کان بعد ان ڌر کي گهرائي ادا ڪيل جرماني جي رقم پنهنجي کيسي منجهان ڏئي کيس سمجهائيندو هو تہ ”بابا معاف ڪجو، مون مڙئي شيطان کي ٽارڻ تي چاهيو. بس ان ڪري صلح ڪرائڻ تي چاهيم، توهان کي معافي وٺڻ لاءِ چيم. معافي وٺڻ سان انسان ننڍو ناهي ٿي ويندو بلڪ سندس مرتبو اجان به وڌي ويندو آهي. صلہ رحمي کي جوڙي رکڻ جو حڪم تہ الله سائين به ڪيو آهي. ايئن ڪرڻ سان توهان صلہ رحمي جو حق به ادا ڪيو آهي، ان شاءَ الله توهان کي ان جو اجر آخرت ۾ ضرور ملندو. باقي توهان تي جرمانو لڳايو، اهو توهان کي مالي نقصان ٿيو. اها رقم مون هاڻي توهان کي ادا ڪري ڇڏي آهي. مهرباني ڪري هن ڳالهہ جو تذڪرو ڪنهن سان به نہ ڪجو ۽ هُن ڌر لاءِ پنهنجي دل کي صاف ڪري ڇڏجو.“ اهڙا انيڪ مثال ڊاڪٽر ممتاز صاحب جي زندگيءَ ۾ ملن ٿا.

سندس اندر جيڪي خوبيون راقم پنهنجي اکين سان ڏٺيون ۽ ان وقت ٻڌيون هيون، انهن ۾ هڪ تہ پاڻ هر وقت صاف سٿرو سنوريل ۽ سجيل رهندو هو. سندس جسم ۽ ڪپڙي تي مٽيءَ جو ذرو به نہ هوندو هو. جنهن وقت به کيس ڏٺو ويو، ان وقت ايئن لڳندو هو تہ جڻ هينئر ئي تيار ٿي وينو آهي. سندس شخصي صفائي به مثالي رهي. نوان ڪپڙا پهرڻ ۽

سينگار ڪرڻ اڄ ڪلهه تہ عام ڳالهه آهي مگر ڊاڪٽر ممتاز صاحب جي شخصيت ان معاملي ۾ بلڪل منفرد رهي. پاڻ هر وقت صاف شفاف ۽ تيار ٿيل محسوس ٿيندو هو. سندس طبيعت ۾ نزاڪت بلڪل عيان نظر ايندي هئي. ڪيس ڪڏهن بہ ان صفائي ۽ سترائي ڪان علاوه ٻي حالت ۾ نہ ڏٺو ويو. سندس صفائي کي بيان ڪرڻ ڏاڍو مشڪل لڳي رهيو آهي تہ ان ڪيفيت کي ڪيئن بيان ڪجي. ايترو ضرور چوندس تہ جن ماڻهن سائين محترم سيد عبدالرحيم شاهہ صاحب ۽ استاد محترم سيد محمد اعظم شاهہ صاحب کي ڏٺو آهي، سي سڀ منهنجي هن ڳالهہ جو اندازو لڳائي سگهندا تہ منهنجي چوڻ مان ڇا مراد آهي. پاڻ هزارن جي مجموعي ۾ بہ صفائيءَ ۾ بلڪل واضع نظر ايندو هو. هر وقت صاف سٿرن ڪپڙن ۾ ملبوس رهندو هو. سندس جسم بہ شيشي جيان چمڪندو هو. سندس ٻي خوبي اها هئي تہ پاڻ اڪثر فيصلن جي سلسلي يا سياسي حمايت جي سلسلي ۾ ٻين ڳوٺن ۾ بہ ويندو هو. اتي ويهڻ لاءِ صرف ڪرسيون ۽ سامهون ٽيبلون رکيل هونديون هيون، جيئن اڄ ڪلهہ وليمي ۾ ويهاري کارائڻ جو طريقو رائج آهي. ڊاڪٽر ممتاز صاحب کي راقم پنهنجي اکين سان ڪئي بار ايئن ڪندي ڏٺو، تہ جڏهن سندس سامهون کائڻ لاءِ ڪابہ شيءِ رکي وئي تہ هميشہ بوٽ لاهي پوءِ اها شيءِ يا ماني کائيندو هو. ڪڏهن بہ بوٽ پائڻ جي حالت ۾ ڪجهہ بہ نہ کائيندو هو. ڪرسي تي ويٺل هوندي بہ بوٽ لاهي پوءِ ماني کائيندو هو. ڪڏهن بہ بوٽ يا چپل پائي ماني نہ کاڌائين. ان جو گواهہ ٻين سان گڏ راقم خود بہ آهي. پاڻ هر ڪنهن سان بهترين سلوڪ ڪرڻ، عزت ۽ احترام سان پيش اچڻ، همدردي ۽ هڏڏوکيءَ وارو رويو رکڻ ۽ ٻين جي درد کي دفع ڪرڻ جي جستجو ۾ رهڻ سندس شيوه هو. پاڻ ٻين جو پلو چاهيندڙن ۾ سرفهرست رهيو. پاڻ چيف سردار هوندي بہ ڪڏهن بہ ڪو بادي گارڊ نہ ڪنيائين، نہ ئي وري پوري زندگي ڪڏهن پنهنجي حفاظت لاءِ ڪو سيڪيورٽي گارڊ مقرر ڪيائين. فيصلن، ڪچهرين ۽ مجلسن ۾ ايئن مِلي جُلي ويندو هو جو ڪير بہ ايئن محسوس نہ ڪري سگهندو هو تہ هو ڪو چيف سردار آهي. باقي صفائي ۾ انهن هجومن ۾ بہ پري کان پڌرو رهندو هو تہ واقعي ڪو صاف شفاف انسان سندس جهڙو ٻيو ڪوبہ نہ آهي.

اهو وقت بہ آيو جو سوڍڙ ۽ چاہرو ذات وارن جو پاڻ ۾ قومي

جهيڙو ٿي پيو. مطلب تہ هر سوڍر ذات وارو ۽ هر چاہرو ذات وارو هر هڪ ٻي ذات واري جو جاني دشمن ٿي بيٺو. ان وقت ۾ هر ڪنهن کي مخالف ڌر واري ماڻهوءَ جي تلاش هئي تہ مَن ڪٿي اڪيلو ملي تہ کيس قتل ڪريون. ان وقت ۾ ڊاڪٽر ممتاز صاحب بنا خوف جي ٻنهي ڌرين جي اوطاقن منجهہ ويندو رهيو. ڪو باڊي گارڊ يا سيڪيورٽي گارڊ ڪٽڻ پنهنجي شان جي خلاف سمجهندو هو. کيس پنهنجي برادريءَ جي ڪجهہ معزز ماڻهن باڊي گارڊ ڪڻڻ ۽ چاہرو ذات وارن ڳوٺن ۾ وڃڻ کان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي. ان تي ڊاڪٽر صاحب جو اهوئي جواب هوندو هو تہ ”ادا مون ڪڏهن بہ ڪنهن جو برو نہ چاهيو آهي، ڪنهن کي بہ ڪا تڪليف نہ ڏني آهي تہ پوءِ مون کي ڪهڙو خوف آهي؟ اگر پوءِ بہ بي گناهہ مون کي ڪو نقصان رسائڻ جي ڪوشش ڪندو تہ اهو پنهنجي رب طرفان پائيندس ۽ انهن تي ڏوهہ نہ ڏيندس. جهڙي ڪرٽي تهڙي پرٽي، مون ڪڏهن ڪنهن کي ڪو ڏک نہ ڏنو آهي تہ پوءِ مون کي تڪليف ڇو پهچندي؟“ الله رب العزت جي فضل سان ان دوران ڊاڪٽر ممتاز صاحب محفوظ رهيو. بعد ۾ ان جهڳڙي جو نبيرو ٿي ويو.

ڊاڪٽر ممتاز صاحب ڏاڍو نيڪ طبع انسان هو. ڪنهن چور، بي ايمان ۽ لوفر سان سندس بلڪل بہ نہ لڳندي هئي. ڪنهن بہ بري انسان سان ملڻ بہ گوارہ نہ ڪندو هو. سندس اسپتال ۽ اوطاق ان وقت جي معزز انسانن سان ڀريل رهندي هئي. هر آئي کي ڪارائڻ ۽ پيارڻ ڏاڍي شوق سان ڏيندو هو. ڊاڪٽر ممتاز صاحب کي عزت ڏيڻ ۽ عزت وٺڻ بهتر طريقي سان ايندو هو. ڊاڪٽر ممتاز صاحب سياست ۾ حصو وٺڻ کان پاسيرو رهيو. ڪڏهن بہ سياست ۾ حصو وٺڻ جي تمنا بہ ظاهر نہ ڪيائين. ١٩٨٥ع ۾ جناب محترم عبدالحميد خان جتوئي صاحب صوبائي اسيمبلي جي ٽڪيٽ ڪٽي سندس هٿ تي رکي تہ ڊاڪٽر صاحب هي وٺو، توهان لاءِ هيءَ ٽڪيٽ آندي اٿم، توهان هڪ دفعو اليڪشن ۾ حصو وٺو. ڊاڪٽر ممتاز صاحب کي اها ڳالهہ بلڪل بہ پسند نہ آئي. خان صاحب کي وراڻيائين تہ ادا سياست ۾ الجهي عوام جي خدمت جهڙي اهم عبادت بہ وڃائي نہ ويهان. الله تعاليٰ مون کي پنهنجي خانداني ميراث منجهان گنج عطا فرمايو آهي، ان سان گڏ ميڊيڪل جو علم بہ عطا فرمايو آهي. پنهنجي حيثيت ۽ وس آهر خدمت

ڪرڻ جي توفيق نصيب ٿي آهي. اهو ئي منهنجي لاءِ ڪافي آهي. سياسي ميدان توهان کي مبارڪ هجي، مان ان جهنجهٽ ۾ ڦاسڻ نہ ٿو چاهيان. ان بڌي خان صاحب کيس قائل بڻائڻ لاءِ تمام گهڻي ڪوشش ڪئي، پر پاڻ پنهنجي ڳالهہ تي اٽل رهيو ۽ سياست ۾ حصو نہ ورتائين. ميهڙ جي قدآور سياسي شخصيات جيئن عبدالحميد جتوئي خان صاحب، ظفر علي لغاري صاحب، رفيق احمد مهيسر صاحب ۽ قاضي شفيق احمد مهيسر صاحب سان قريبي دوستي ۽ قريبي تعلقات هوندا هئس. انهن کي چوندو هو تہ توهان منجهان جيڪو بہ عوام جي صحيح نموني خدمت ڪندو تہ مان پنهنجي پوري برادريءَ سان ڳڏجي ووٽ کيس ڏيندس، پر اگر خدمت نہ ڪندو تہ مون ۾ هڪ بہ ووٽ جي اميد نہ رکي. ڊاڪٽر ممتاز صاحب محض اها ڳالهہ چئي نہ ٻڌائيندو هو بلڪ پنهنجي ان ڳالهہ تي هميشہ قائم بہ رهيو، سندس نظر ۾ جنهن بہ عوام جي خدمت ڪئي تہ پاڻ پنهنجي برادريءَ جي ڳوٺن ۾ وڃي کيس ووٽ ڏيڻ لاءِ چوندو هو. پاڻ جڏهن بہ جنهن کي بہ ووٽ ڏيڻ لاءِ چوندو هو تہ سندس برادري وارين پولنگ اسٽيشنن تي اهي ئي اميدوار ڪامياب ٿيندا هئا. ڪڏهن بہ ايئن نہ ٿيو تہ ڊاڪٽر ممتاز صاحب جنهن کي ووٽ ڪرڻ لاءِ چيو ۽ ان اميدوار اتي جي پولنگ اسٽيشن تي هارايو هجي. ڊاڪٽر ممتاز صاحب جي حسنِ ڪردار کان متاثر ٿي ٻين ذاتين وارا بہ سندس گرويده ۽ عاشق هوندا هئا. اهي بہ ڊاڪٽر ممتاز صاحب کي مان ڏيندي پنهنجا ووٽ سندس چوڻ مطابق ئي ڏيندا هئا.

ڊاڪٽر ممتاز صاحب بردبار، سچار ۽ حق گو هو. سندس گفتگو پُر اثر هئي، ساڻس ڪچهري ڪرڻ ۾ عوام دلي راحت محسوس ڪندو هو. عوامي مسئلن تي دل کولي بحث ڪندو هو، کيس وڏائي بلڪل بہ نہ هوندي هئي. چيف سردار هوندي بہ هميشہ پنهنجي ڪلينڪ ۽ پنهنجي اوطاق تي مهمانن جي خدمت ۾ مصروف رهندو هو. پاڻ مريضن جو علاج بہ عبادت سمجهي ڪندو رهيو. سندس گهر وارا کيس فرمائش ڪندا رهيا تہ ڪجهہ ڏينهن موڪلون ڪري اسان کي ٻاهر ڪٿي ٽوئر ڪرائي اچو. سندس دل بہ ڏاڍو چاهيندي هئي، پر کين اهو جواب ڏئي ٽاري ڇڏيندو هو تہ ”اگر مان توهان سان ڪجهہ وقت لاءِ ڳڏ هلندس تہ پنيان مريض خبر ناهي تہ ڪهڙي تڪليف ۽ درد ۾ هجن ۽ منهنجي نہ هجڻ ڪري کين وڌيڪ تڪليف سهڻي

پوي ۽ هو پريشان ٿين. مون کي ايئن ڪرڻ مناسب نہ ٿو لڳي انهن جو اونو هر وقت رهندو تہ مان ڪيئن گهمي سگهندس؟ مون کي مزو بلڪل نہ ايندو. توهان پلي گهمي اچو پر مان هتي ئي رهندس.“ ڊاڪٽر ممتاز صاحب ۽ عوام جي وچ ۾ ڪابہ رڪاوٽ حائل نہ هوندي هئي. رواجي زميندارن ۽ وڏيرن جيان ڪڏهن بہ ڪو چوڪيدار وغيره نہ رکيائين تہ پهريان ان سان ملجي بعد ۾ ڊاڪٽر ممتاز صاحب سان. بلڪ هر نفس بنا روڪ ٽوڪ جي ساڻس ملي سگهندو هو. ٻهراڙيءَ جو گيڙو ڪپڙا پاتل ابوجهہ شخص بہ سندس اوطاق تي ايندو هو تہ سندس ميزباني ڪئي ويندي هئي ۽ ڊاڪٽر ممتاز صاحب کي اطلاع ڪيو ويندو هو. ڊاڪٽر ممتاز صاحب بلاتمييز هرڪنهن سان ملندو هو. ساڻس ملڻ نهايت آسان هوندو هو. پاڻ هرڪنهن جا مسئلا ٻڌندو هو ۽ انهن کي حل ڪرڻ ۾ ڏاڍو حريص رهندو هو. ڊاڪٽر ممتاز صاحب جي عاشقن جو هڪ وڏو هجوم هر وقت ساڻس ملڻ لاءِ موجود هوندو هو. ڊاڪٽر ممتاز صاحب کي ست پٽ ۽ هڪ نياڻي جو اولاد ٿيو. پٽن ۾ ڊاڪٽر راشد ممتاز، ڊاڪٽر ارشد ممتاز، ڊاڪٽر ساجد ممتاز، انجنيئر جمشيد ممتاز، انجنيئر واجد ممتاز، ريسرچ اسڪالر شهزاد ممتاز ۽ ڊاڪٽر جواد ممتاز شامل آهن.

ڊاڪٽر ممتاز صاحب اڪثر وقت عوام جي مسئلن ۾ الجهيل رهندو هو. اڪثر راتين جو دير تائين مختلف ڳوٺن ۾ انهن مسئلن جي حل جي سلسلي ۾ موجود هوندو هو. سڄو ڏينهن پنهنجي اسپتال ۽ اوطاق ۾ ايندڙن جي خدمت ۾ مصروف رهڻ ڪري راتين جو مختلف ڳوٺن طرف نڪري پوندو هو. مسئلا حل ڪري دير سان واپس ايندو هو. اڪثر رات جو هڪ بجي يا ان کان بہ دير سان واپس ٿيندو هو. پاڻ پنهنجو سڪون ۽ آرام بہ عوام جي خاطر قربان ڪري ڇڏيائين. اوجاڳا ڪرڻ سندس عادت بڻجي چڪا هئا. پاڻ هميشہ ان لڳن ۾ لڳو رهندو هو تہ گهٽ کان گهٽ ماڻهن جا مسئلا حل ڪري انهن جي مدد ڪري پنهنجي آخرت سنوارجي. مسلسل اوجاڳن ۽ مسلسل جدوجهد ڪري کيس دل جي تڪليف ٿي. ان وقت پاڪستان ۾ دل جي باءِ پاس سرجري جي سهولت موجود نہ هوندي هئي، جنهن ڪري گهروارن ۽ دوستن جي زور پرڻ تي ١٩٩٢ع ۾ هارٽ باءِ پاس سرجري جي سلسلي ۾ آمريڪا ويو. آپريشن کان بعد ڊاڪٽرن کيس آرام

ڪرڻ ۽ جدوجهد مسلسل ڪرڻ کان منع ڪئي. پاڻ جڏهن واپس ميهڙ آيو ته سندس دل کيس پنهنجي ساڳي خدمت ۾ مصروف رهڻ تي مجبور ڪيو. دوستن ۽ گهروارن جي ڪافي سمجهائڻ باوجود به پاڻ خدمت خلق کان پٺ تي هڻڻ گوارا نه ڪيائين. سندن روڪڻ تي کين چوندو هو ته "زندگي الله تعاليٰ جي امانت آهي. هڪ ڏينهن پنهنجي رب جي دربار ۾ بيهڻو آهي. ان ڏينهن لاءِ ڪجهه ڪمائڻ چاهيان ٿو. ان ڏينهن جي لاءِ غريبن ۽ مجبورن جي مدد ۽ سندن ڏک دور ڪرڻ کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو ڪم آهي جيڪو اتي منهنجي نجات جو سبب بڻجندو؟ ان لاءِ مون کي نه روڪيو. موت بيشڪ اچڻو آهي. چاهي مان محلات ۾ عياشي ۾ رهان يا هنن ابوجهه ۽ مجبور ماڻهن جي وچ ۾ سندن دردن ۽ تڪليفن کي دور ڪرڻ جي جستجو ۾ رهان. سو چاهيان ٿو ته موت به ان ڳالهه جو گواهه رهي ته گهر ۾ ويهي سڪون ۽ آرام سان سندس منتظر نه رهيس بلڪ خلق خدا جي خدمت ڪندي ساڻس ملاقات ٿي." ڊاڪٽر ممتاز صاحب عوام جي دلين ۾ خراج تحسين حاصل ڪري چڪو هو. پاڻ نيڪ شعاريءَ سان وقت گذارڻ ۽ لايعني خرافات کان بچي عوام جي خدمت ۾ مَهو رهيو.

ڊاڪٽر ممتاز صاحب جهڙي عظيم محسن قوم ۽ هر دلعزيز شخصيت خلق خدا جي خدمت جهڙي عظيم ڪم ۾ مصروف رهندي، پنهنجي ابوجهه ۽ لاچار ماڻهن لاءِ ڪجهه سپنا اڌورا اکين ۾ رکي هزارين دلين کي جدائي ۾ جهوري، اکين ۾ آب ڏئي، نماڻن نيڻن ۾ حسرت ۽ لاچاريءَ ڏئي، اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي پهرين صفر ١٤٢٤ھ مطابق ٤ اپريل ٢٠٠٣ع بروز جمعه پنهنجي رب جي سڏ تي لبيڪ چئي راهه رباني اختيار ڪيائين. پاڻ هميشه "هڪ رانجهو لکان جيها" جو مصداق ٿي رهيو. سندس وفات ڪيترن ئي عشاق جي دلين کي مرجهائي ڇڏيو. سندس وفات تي سندس چاهيندڙن جي اکين ۾ آب ڏئي کيس پنهنجي اباڻي قبرستان ڳوٺ الهه اوبايو سوڍر (ڏبيءَ) ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو.

ماڻهو سڀ نه سهڻا ، پکي سڀ نه هنج
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه، اچي بوءِ بهار جي.

ڊاڪٽر ممتاز صاحب جي وڇوڙي سان هر دل غمگين ضرور ٿي. هر انسان پاڻ کي بي سهارا سمجهڻ لڳو. سندس شخصيت عوام لاءِ فخر جو

باعث هئي. سندس مَسند تي سندس وڏي فرزند ڊاڪٽر راشد ممتاز سوڍر صاحب کي پنهنجي والد صاحب جي پڳ پهرائي عوام جو بار کلهن تي وڌو ويو. ڊاڪٽر راشد ممتاز صاحب شڪل و صورت ۾ پنهنجي والد صاحب جي نقل هئڻ سان گڏ پنهنجي والد صاحب جي ڪردار جو عڪس پڻ آهي. پاڻ پنهنجي والد صاحب وانگر عوام جون دليون کٽي انهن تي راڄ ڪري رهيو آهي. ڪيس ڏسڻ سان ايئن محسوس ٿيندو آهي تہ ڊاڪٽر ممتاز صاحب ڊاڪٽر راشد ممتاز صاحب جي روپ ۾ اسان جي درميان اڄان بہ موجود آهي.

١٠٧ منورعلي ڀٽ

محترم منور علي بن جان محمد ڀٽ ١١ ذوالحج ١٣٧۴ھ مطابق پهرين جولاءِ ١٩٥٥ع بروز جمعہ ڳوٺ ڀُٽ سرائي ۾ جنم ورتو. پاڻ ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ منجهان حاصل ڪيائين. ان ڪان بعد بي اي جي ڊگري حاصل ڪري سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ نوڪري ڪرڻ شروع ڪيائين. اتي خدمت سرانجام ڏيندو رهيو. آخر ۾ سنڌ سيڪريٽريٽ مان سيڪشن آفيسر جي عهدي تان رٽايرڊ ٿيو. منور علي صاحب کي ادب جي دنيا ۾ خدمت ڪرڻ جو تمام گهڻو شوق هو. پنهنجي ان شوق جي پورائي خاطر هن وقت تائين ٢٠ ڪتابن جا سولي سنڌي ۾ ترجما ڪري ڇپائي سنڌي ادب کي ارپي چڪو آهي ۽ ڪجهہ ڪتاب ڇپائي جي مرحلي ۾ آهن. سندس لکڻين ۾ ادب ۽ احترام جو مادو سوايو نظر ايندو آهي. پاڻ اسلامي ڪتاب، ناول، ڪهاڻيون، سوانحي خاڪا، تاريخ ۽ اقوال وغيره جي موضوعن تي مشتمل ڪتابن جا ترجما ڪري چڪو آهي. پاڻ اهي ڪتاب ڇپرائي عوام ۽ نوجوانن ۾ مفت ورهائي ڇڏيندو آهي. حتيٰ ڪہ ان معاملي ۾ ايترو تہ هٿ جو ڪليل آهي جو سندس ڪيترن ئي ڪتابن جي ڪا رڪارڊ ڪاپي بہ وٽس موجود نہ آهي. پاڻ سيرت جو تمام سهڻو انسان آهي. منور علي صاحب جي دل ۾ آل رسول ﷺ جي جو تمام گهڻو ادب ۽ احترام آهي، بلڪہ ان مٿان فدا آهي. پاڻ بهترين ڪردار وارو انسان آهي. ڪيس دين سان دلي لڳاءُ آهي. پاڻ وقتي نماز جي جماعت ۾ شامل ٿيڻ لاءِ وقت کان تمام گهڻو اڳ وڃي مسجد ۾ ذڪر ۾ ويهي رهندو آهي تہ ڪٿي جماعت يا تڪبير اوليٰ فوت نہ

ٿي وڃي. پاڻ مخلص انسان ۽ دسترخوان جو ڪشادو ماڻهو آهي. اخلاق ۽ ادب جو پيڪر نظر ايندو آهي. پنهنجي وس آهر هر ڪنهن جي مدد ڪرڻ ۾ به اڳيرو رهيو آهي. پاڻ دل جو سخي آهي ته ان سان گڏ وطن ۽ وطن جي ماڻهن جو مخلص همدرد پڻ آهي. ٢ ڪيس انسان ذات سان پيار آهي.

١٠٨ ناظم منگي

محترم امان الله منگي بن محمد بچل منگي ٢٥ شعبان ١٣٥٨ھ مطابق ١٠ آڪٽوبر ١٩٣٩ع بروز اڱارو ڳوٺ ترڙي محبت تعلقي ميهڙ ۾ پيدا ٿيو. پاڻ ابتدائي تعليم پرائمري اسڪول نئين گڏ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ پوري ڪرڻ بعد مئٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڏوڪري مان پاس ڪيائين. انٽر جو امتحان گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي مان پاس ڪيائين. ان کان بعد زرعي کاتي ۾ فيلڊ اسٽنٽ طور نوڪري ڪيائين ۽ انهيءَ نوڪريءَ تان ١٩٩٦ع ۾ رٽايرڊ ٿيو. سندس ملازمت جو سمورو وقت دادو ۾ ئي گذريو.

امان الله منگي صاحب ننڍي عمر کان ئي شاعري جي طرف ميلان رکندو هو. اڪثر شاعري جا ڪتاب مطالعو ڪندو رهندو هو. هن شاعري لکڻ جي شروعات باقائده طور تي محترم اسحاق راهي جي صحبت ۾ ڪئي. پنهنجي لاءِ تخلص "ناظم" استعمال ڪندو هو. ان نالي سان ئي مشهور ٿيو. ناظم صاحب شروع کان ئي محبتي ماڻهو هوندو هو، يارويس، سنجيده ۽ مانيٽو هوندو هو. پاڻ هر صنف تي طبع آزمائي ڪيائين. ١٩٧٢ع کان شهيد احمد خان آصف مصراڻي کان اصلاح ۽ رهبري وٺڻ شروع ڪيائين. ڪيس قدرتي ڏانءُ حاصل هو. ڪيس ادبي محفلن ۾ وڏو مان ملندو هو. ڪيترائي شاعر پنهنجي شاعري جي اصلاح جي سلسلي ۾ وٽس ايندا هئا. اهڙي طرح سندس ڪيترائي شاگرد ٿيا. پاڻ ادبي بزمن جو ميمبر ۽ روح روان رهيو. ناظم صاحب شاعري جي ميدان ۾ هڪ سنو نالو ڪمايو. ان دور ۾ ميهڙ جي اعلىٰ پايي جي شاعرن ۾ سندس شمار ٿيڻ لڳو. سندس شاعري ريڊيو تان به نشر ٿيندي رهي ۽ مختلف رسالن ۽ مختلف اخبارن ۾ به ڇپجندي رهي. ڪيترن ئي فنڪارن سندس ڪلام ڳايو. ناظم منگي صاحب ميهڙ جي سڄاڻپ بڻجي چڪو هو. سندس شاعري جا مجموعا

"داستان محبت" ۽ "سنتو چوليون" ڇپيل آهن.[٤٧]

٩ جولاءِ ١٩٩٨ع تي گرميءَ جي شديد سٽ لڳڻ ڪري مٿس فالج جو حملو ٿيو. ان ڪري مسلسل بيهوش رهڻ لڳو. آخر ڪار ١٨ ربيع الاول ١٤١٩ھ مطابق ١٣ جولاءِ ١٩٩٨ع بروز سومر شام جو مهراڻ ميڊيڪل سينٽر لاڙڪاڻي ۾ دم ڏڻي حوالي ڪيو.[٢٨] سندس وفات سان شاعري جو هڪ بهترين باب اختتام تي پهتو.

١٠٩ حاجي نور محمد لاشاري

دنيا ۾ ڪيترائي اهڙا انيڪ ماڻهو گذريا آهن جن پنهنجي ڪردار، نيڪ سلوڪ ۽ خدمت سان ماڻهن جون دعائون حاصل ڪري گمناميءَ جي زندگي گذاري راهه رباني ورتي. اهڙيون شخصيتون پنهنجي خدمتن جو سلو ڪڏهن به ماڻهن کان طلب نه ڪنديون آهن بلڪ اهي الله رب العزت کان ان جي بدلي جي اميد رکنديون آهن ۽ بيشڪ رب ڪريم احسن جزا عطا ڪرڻ وارو آهي. اهڙين گمنام هستين ۾ حاجي نور محمد بن صاحب خان لاشاري به هڪ آهي. حاجي صاحب جي پيدائش ڳوٺ سوجهرو ميرواڻي ۾ ٿي. ١٩٤٢ع ۾ پنهنجي مائٽن سان گڏجي هجرت ڪري ڳوٺ عبدالحميد تنيو ۾ مستقل رهائش اختيار ڪيائين. پاڻ اڻ پڙهيل هو مگر باطني بصارت سان معمور هو. سندس ڪرت هارپو ڪرڻ ۽ مينهون چارڻ هوندو هو. ڪيس پنهنجو مال هوندو هو. هارپو ڪرڻ ۾ تمام گهڻي محنت ڪندو هو. پاڻ محنت ۾ ئي عظمت جو قائل انسان هو. پاڻ ڪو وڏو زميندار نه هو پر پوءِ به پنهنجي مڃي ماني وارو هو. پاڻ نماز پنجگانه جو سخت پابند، باشرع انسان، ذڪر ۽ فڪر ۾ مستغرق رهڻ وارو، مهمان نواز، صلہ رحميءَ خاطر هر قرباني ڏيڻ وارو، محنت ڪش انسان، فقيراڻا طبيعت جو مالڪ ۽ ٻين جو درد دل ۾ رکڻ وارو انسان هو. پاڻ ٻين کي ڪارائڻ ۾ خوشي محسوس ڪندو هو. پاڻ تڪليف ڪائي ٻين کي خوشي رسائڻ ۾ اڳيرو رهيو. پاڻ هر غم مسڪرائيندي سهڻ وارو انسان هو. سندس اهڙي طبيعت جا ماڻهو عاشق هوندا هئا. سندس ڪردار ۽ عمل جو اعتراف ڪندا هئا. پاڻ اوطاقي جوان پڻ هو. سندس اوطاق تي ساڻس ملڻ ۽ سندس صحبت ۾ رهڻ باعث رحمت سمجهڻ وارن جو ڪافي تعداد موجود هوندو هو. ساڻس ملڻ لاءِ

سندس اوطاق تي وڏيرو عبدالحميد تنيو صاحب، وڏيرو عبدالقيوم المعروف محمد پناهه تنيو صاحب ۽ سندن مائٽو ياءُ حافظ محمد صالح سوهو العروف "حال وارو سائين" ڪڏهن اچي ساڻس ڪچهريون ڪندا هئا. سائين محمد صالح سوهو صاحب کيس ڏاڍو پائيندو هو. سندس عمده ڪردار ۽ فقيراڻا طبيعت جي ڪري وٽس ڪافي ايندو هو. حاجي نورمحمد لاشاري صاحب رحمدليءَ ۾ پنهنجي پوري علائقي ۾ ڳوءِ کٽي چڪو هو. کيس رزق جو تمام گهڻو قدر هوندو هو، سندس عادت هوندي هئي ته ڪنهن جي به زمين منجهان گذرندو هو ته زمين ۾ ڪريل سنگ ميڙيندو ويندو هو. آخر ۾ اگر ان زمين جي مالڪ جي ٻار اتي موجود هوندي هئي ته ان تي وجهي سنگ رکي ايندو هو ۽ اگر ان وقت ڪا ٻار وغيره موجود نه هوندي هئي ته اهي ميڙيل سنگ ڪنهن ڪند پاسي تي رکي ايندو هو ته جيئن مالڪ زمين تي اچي ته اهي سنگ کٽي سگهي، جو ڪنهن جو رزق ايئن خراب ٿئي. سندس اها عادت هميشه رهي.

عيد يا ڪنهن اهڙي خاص موقعي تي شهر منجهان ڪافي سامان وني مٽ مائٽن ۽ غريب ماڻهن کي گهر پهچائي ايندو هو ته جيئن هو ۽ سندس ٻچا به خوش ٿين. اهڙن موقعن ۽ غمي جي موقعن تي به دل کولي نقد رقم به لوڪ کان لڪائي ڏيڻ سندس محبوب مشغلو رهيو. غريب مٽ مائٽن ۽ ڳوٺ جي ماڻهن کي پنهنجي حيثيت آهر ڪپڙا، چپل ۽ سيڌو سامان وني ڏيڻ ۾ به اڳرو رهيو. ايئن چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو ته کيس يقين هوندو هو ته ڏهه (١٠) دنيا ۽ ستر (٧٠) آخرت ۾ ملي رهندا، جنهن ڪري اهو سودو تمام گهڻي ججهي مقدار ۾ ڪندو رهيو. پاڻ پنهنجي آخرت جي ثمر لاءِ پنهنجو گهر لٽائيندو رهيو. الله رب العزت ڪنهن جو ٿورو وري ڪڏهن ڪٽندو آهي سو کيس ان جي بدلي ۾ ڏهوڻ تي واپس عطا به ڪندو رهيو. پاڻ دل کولي خرچ ڪندو رهيو. گهر واريءَ کي هميشه چوندو رهيو ته ٻين کي ڏيڻ ۾ منهنجي دل به خوش ٿئي ٿي ۽ منهنجو رب به راضي رهي ٿو. مون وٽ جيڪو آهي اهو سڀ ان مالڪ عطا ڪيو آهي، ته پوءِ منهنجي دل سندس مخلوق تي خرچ ڪرڻ ۾ سڪون محسوس ڪري ٿي، اميد آهي ته آخرت ۾ ان جو بدلو ضرور ملندو. سندس نيڪ دل گهرواري به ان ڳالهه کان خوب واقف هئي ته واقعي جيترو منهنجو مڙس

الله سائين جي ناليِ تي ڏئي ٿو، ان کان ڪئي ڳنا وڌيڪ تہ رب سائين واپس عطا ڪري ٿو. سندس اها عادت هميشہ رهي. پاڻ سدائين ٻين جي مدد ڪندو ۽ انهن تي خرچ ڪندو رهيو. سڀ ڪجھ لوڪ کان لڪي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. حاجي نورمحمد صاحب اندازاً ١٩٧١ع يا ١٩٧٢ع ۾ بحري جهاز جي ذريعي حرمين شريفين جو سفر ڪري حج جي سعادت بہ حاصل ڪئي. حاجي صاحب سيد احمد شاهہ صاحب جي خاندان جي ڪنهن بزرگ سان بيعت پڻ ٿيل هو. پاڻ مرشد جو نهايت گهڻو ادب ۽ احترام ڪندو هو. مرشد جي آمد تي دل کولي خرچ ڪندو هو. مرشد جي صحبت ۾ رهي ذڪر ۽ فڪر جا سبق پڻ حاصل ڪندو رهيو. حاجي نور محمد لاشاري صاحب جي ساري زندگي ٻين جي مدد ڪرڻ، پنهنجي زمين ۾ ڪڙمت ڪرڻ، عبادت گذاري ۽ ذڪر و فڪر ۾ گذري. حاجي صاحب ولي الله صفت شخصيت جو مالڪ هو. هر وقت پنهنجي رب جي رضا حاصل ڪرڻ جي فڪر ۾ رهندو هو. حلال ڪمائڻ، حلال کائڻ ۽ حلال خرچ ڪرڻ سندس سڃاڻپ رهي. سندس عمده ڪردار ۽ اعليٰ اخلاق جا معترف سندس ڳوٺ جا ماڻهو، مٽ مائٽ ۽ دوست هئا. سڀ مٽ مائٽ ۽ دوست سندس تمام گهڻي عزت ۽ احترام ڪندا هئا. هن بابرڪت شخصيت پنهنجي زندگيءَ جو سفر ٢٧ صفر ١٣٩٤ھ مطابق ٢٢ مارچ ١٩٧٤ع ۾ بروز جمعہ تي پورو ڪيو. سندس وڇوڙي هزارين دلين کي غمن سان ٽمٽار تہ ڪري ڇڏيو پر سندس ڪردار ۽ اخلاق ماڻهن جي دلين ۾ اڄ تائين زندهہ رهجي ويو. اهڙيون هستيون قومن لاءِ مثالي زندگيءَ جو اعليٰ ۽ عمده نمونو هونديون آهن. اهڙين شخصيتن کي ياد ڪرڻ بہ اسان لاءِ هڪ سعادت آهي.

الله رب العزت حاجي نورمحمد لاشاري کي سندس نيڪ ڪردار ۽ صلہ رحمي جي عيوض هڪ املهہ ماڻڪ هيري جهڙي فرزند رستم علي لاشاريءَ سان نوازيو. سندس هي فرزند ڪردار ۾ بلڪل پنهنجي والد صاحب جي نقل آهي. رستم علي لاشاري بہ پنهنجي والد صاحب جيان ٻين جي خوشي خاطر پنهنجو سڀ ڪجھ لٽائيندو رهي ٿو. غربت جي هوندي بہ پنهنجي قريبي رشتيدارن تي دل کولي خرچ ڪندو رهي ٿو. تمام اعليٰ اخلاق سان سلهاڙيل هن جوان کي جس آهي جو صلہ رحمي خاطر هر قرباني ڏيندو رهي ٿو. سندس مٽ مائٽ ۽ قريبي رشتيدار پنهنجا اهنج ڪٿي ان

اميد سان وٽس ايندا آهن تہ هو انهن جو درمان ڪندو. رستم علي بہ دل کولي انهن جي مدد ڪندو رهي ٿو. ياري دوستيءَ ۾ سِر قربان ڪرڻ لاءِ بہ تيار هوندو آهي. دوستيءَ ۾ هڙان خرچ ڪرڻ کي قابل فخر سمجهندو آهي. تمام نيڪ نيت، صوم و صلٰوة جو پابند، ايماندار، همدرد ۽ هڏڏوکي آهي. دعا آهي تہ الله رب العزت کيس ڪامل صحت سان ڊگهي جمار عطا فرمائي ۽ سندس روزي رزق ۾ برڪت عطا فرمائي. آمين

١١٠ ڊاڪٽر وزير احمد لُنڊ

ميهڙ جي مانائتي مٽيءَ منجهان انسانيت جي خدمتگار ۽ اعلىٰ ڪردار انسانن جنم ورتو آهي. اهي عظيم ارواح انسانيت جي خدمت ۾ محو ٿي پنهنجي منزل بہ بين جي خدمت ڪرڻ ئي بڻائي ڇڏيندا آهن انهن جوجيون خدمت، خدمت ۽ خدمت ئي هوندو آهي. اهي نالي ۽ شهرت کان دور رهي بس پنهنجي مقصد کي سامهون رکي جيئندا آهن. اهڙن مان پريل مهان انسانن ۾ ڊاڪٽر وزير احمد لُنڊ صاحب بہ هڪ آهي. ڊاڪٽر وزير احمد بن محمد نواز لُنڊ ١٥ ڊسمبر ١٩٥٤ع ۾ ميهڙ شهر ۾ پيدا ٿيو. پاڻ پرائمري تعليم پرائمري مين اسڪول ميهڙ منجهان مڪمل ڪري ١٩٧١ع ۾هاءِ اسڪول ميهڙ منجهان ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائين. انٽرميڊيئيٽ جو امتحان گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادو منجهان ١٩٧٣ع ۾ پاس ڪري ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخل ٿيو. ١٩٨٠ع ۾ ”چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻو“ منجهان ”MBBS“ جي ڊگري حاصل ڪيائين.

ڊاڪٽر وزيراحمد صاحب ١٩٨٢ع ۾ سول اسپتال جيڪب آباد ۾ ميڊيڪل آفيسر مقرر ٿيو. پاڻ انساني خدمت جي جذبي تحت ڏاڍي جوش و خروش سان پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيڻ لڳو. سندس حسن اخلاق ۽ ماڻهن سان همدردانہ رويو عوام جي دلين ۾ پنهنجي لاءِ جاءِ ٺاهيندو ويو. ڊاڪٽر صاحب راڌڻ، فريدآباد، نصيرآباد ۽ پان سعيدآباد ۾ بہ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندو رهيو. ان کان بعد پاڻ ميهڙ جي تعلقہ سول اسپتال ۾ ”Medical Superintendent“ (MS) مقرر ٿيو. ان کان بعد ڊائريڪٽوريٽ جنرل هيلٿ حيدرآباد ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر طور خدمتون سرانجام ڏنائين. ان سان گڏ آئي هاسپيٽل حيدرآباد ۽ سول اسپتال حيدرآباد ۾ ” Additional

طور خدمتون پڻ سرانجام ڏيندو رهيو. ان کان "Medical Superintendent" بعد "DHO" ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر دادو ۽ دادو جي سول اسپتال ۾ سول سرجن طور مقرر ٿيو. آخر ۾ اتان سول سرجن جي عهدي تي رهي ڊسمبر ٢٠١٤ع ۾ رٽايرمينٽ ورتائين. ڊاڪٽر صاحب پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن (PMA) دادو جو ٢٠١٠ع ۽ ٢٠١٤ع ۾ صدر منتخب ٿيو. پاڻ ڊاڪٽرن جي ايسوسيئيشن ۾ پرجوش نموني ڊاڪٽرن جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ جتن ڪندو رهيو. ڊاڪٽر صاحب تنظيمي خدمتن ۾ نمايان رهيو. سندس اهي خدمتون بہ ناقابل فراموش رهيون آهن. پاڻ انهيءَ عهدن تي رهي سدائين ان ڪوشش ۾ رهيو تہ جيترو ٿي سگهي دوستن جي ڪم اچي انهن جون دليون کٽجن. پاڻ انهيءَ ڪوشش ۾ ڪامياب رهيو. ڊاڪٽر وزيراحمد لُنڊ صاحب ميهڙ جي ليجينڊ پرسنلٽي رهيو آهي. هيءَ شخصيت جتي جتي خدمت تي مامور رهي، اتي پنهنجي حسن اخلاق ۽ بهترين ڪردار سان عوام کي پنهنجو گرويده ڪندي رهي. پاڻ مسيحا پيشي سان وابستہ رهيو. ڪيس انهيءَ ڳالھ جو شروع کان ئي احساس رهيو تہ ڊاڪٽر عوام جو مسيحا هوندو آهي، مسيحا جو ڪم عوام جا غم ۽ تڪليفون دور ڪرڻ هوندو آهي، ان ڪري جيترو وس ۾ آهي عوام جي خدمت ڪجي. پاڻ ڪافي هٺ جو ڪليل انسان رهيو آهي ۽ ان سان گڏ غريبن تي ڪافي مهربان پڻ رهيو آهي. ڪيس هروڀرو پئسو ڪمائڻ جي لالچ بہ نہ هوندي آهي، پاڻ مناسب فيس وٺي پنهنجو فرض نڀائيندو رهيو آهي. ساري زندگيءَ سندس اها ڪوشش رهي آهي تہ جيترو ٿي سگهي تہ عوام جي خدمت ڪري پنهنجي آخرت جو ثمر ڪجي. پاڻ غريب ۽ بي پهچ ماڻهن جو سهارو بڻجندو رهيو. پاڻ هميشہ اها ڪوشش ڪندو رهيو تہ جيئن سندس عهدي منجهان غريب عوام وڌ کان وڌ فائدو حاصل ڪري سگهي. سندس ماتحت جيڪو بہ عملو ڪم ڪندو رهيو، اهو پڻ ڊاڪٽر صاحب جي ڪردار جو معترف ۽ گرويده رهيو. راقم کي جڏهن پرائمري استاد جو آرڊر مليو تہ ميڊيڪل ٽيسٽ لاءِ سول اسپتال دادو وڃڻو پيو. ان وقت ڊاڪٽر صاحب اتي سول سرجن هو. اتي جڏهن وڃڻ ٿيو تہ اسان کان سرٽيفڪيٽ جا پئسا گهريا ويا. اسان تقريبًا ٥٠ جي لڳ ڀڳ ماڻهو سرٽيفڪيٽ وٺڻ لاءِ موجود هئاسين. ان وقت خبر پئي تہ ڊاڪٽر وزيراحمد لُنڊ صاحب سول سرجن جي عهدي تي

موجود آهي. راقم ڊاڪٽر صاحب جي فرزند مسٽر فواد احمد لنڊ سان گڏ هاءِ اسڪول ۾ پڙهيو هو، سو ڊاڪٽر صاحب جو تعارف ته ان وقت ئي ٿيل هو. ڊاڪٽر صاحب جڏهن هاءِ اسڪول پنهنجي پٽن سان ملڻ ايندو هو ته اسان کي به ڏاڍي محبت ڏيندو هو. سو ان ڳالهه کي سامهون رکي سندس آفيس ۾ وياسين، منهنجو خيال هو ته ڪيس پنهنجو تعارف سندس فرزند جي ڪلاس فيلو هئڻ سان ڪرائي پنهنجي لاءِ سفارش ونجي. جڏهن ڊاڪٽر صاحب وٽ پهتاسين ته ڊاڪٽر صاحب پڇيو ته پٽ ڪيئن اچڻ ٿيو آهي. اسان صرف اهو چيو ته سائين اسان جي گورنمينٽ طرفان پرائمري استاد طور ڀرتي ٿي آهي، سو ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ لاءِ حاضر ٿيا آهيون، مگر هت اسان کان ٽيسٽن جي فيس کان علاوه ٻيا پئسا به گهريا اٿن ۽ سرجن صاحب سرٽيفڪيٽ صحيح ڪرڻ جا به پئسا گهري ٿو. بس صرف ايترو چوڻ تي ڊاڪٽر صاحب چوڻ لڳو ته بابا توهان پريشان نه ٿيو. ان وقت ليبارٽري جي انچارج کي گهرائي ڪيس تاڪيد ڪيائين ته هنن کان ٽيسٽن جي صرف سرڪار طرفان مقرر ٿيل فيس ئي ونو. ان کان بعد ڊاڪٽر صاحب ٽيسٽن جي رپورٽ ڏسي سرٽيفڪيٽ ٺاهي ان تي سول سرجن جي پنهنجي صحيح ڪري ٻين ڊاڪٽرن کي به صحيح ڪرڻ لاءِ چيائين. مطلب ته بنا سفارش جي اسان کي سرٽيفڪيٽ ملي ويو. ڊاڪٽر صاحب کي اهو به ٻڌائڻ جي نوبت نه آهي ته مان سندس فرزند جو ڪلاس فيلو رهيو آهيان. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي وس آهر هر ڪنهن جي خدمت ڪندو رهيو. پاڻ پنهنجي پوري سروس ۾ حلال ڪمائڻ ۽ حلال کائڻ کي ئي ترجيح ڏيندو رهيو. پاڻ رٽايرمينٽ کان بعد راڌڻ ۾ پنهنجي ذاتي ڪلينڪ کولي اتي خدمت ۾ مصروف آهي. هن شخصيت کي ٻين جي مدد ڪرڻ ۾ سڪون ملندو آهي. پاڻ پنهنجي عهدي منجهان بلاتفريق سيني کي فائدو رسائيندو آيو. ڏاڍي ايمانداري ۽ ديانتداريءَ سان پنهنجي خدمت سرانجام ڏيندو رهيو آهي. ڊاڪٽر صاحب دوستاڻي طبيعت وارو، ملنسار، همدرد ۽ فلاحي سوچ رکڻ وارو انسان آهي. ساڻس ڪچهري ڪرڻ سان هڪ قسم جي پنهنجائپ محسوس ٿيندي آهي. هرڪنهن سان ايئن گهلي ملي ويندو آهي جو ڪوئي نئون ماڻهو اهو محسوس نه ڪري سگهندو ته ڪو ايڏي وڏي ڊاڪٽر سان وينو آهيان. سندس شمار قابل ترين ڊاڪٽرن ۾ ٿئي ٿو، مگر پوءِ به منجهس وڏائيءَ جو ذرو به

نظر نہ ايندو آهي. هر ننڍي توڙي وڏي سان مسڪرائي ملڻ، مهمان نوازيءَ ۾ پنهنجي وسان نہ گهٽائڻ، جيترو ممڪن ٿي سگهي بين جا مسئلا حل ڪرڻ ۽ غريبن جي مدد ڪرڻ ۾ اڳرو رهيو آهي. ميهڙ جي هن ليجينڊ پنهنجون خدمتون جنهن جنهن علائقي ۾ سرانجام ڏنيون اتي جي عوام جي دلين ۾ هميشہ لاءِ امر ٿي ويو آهي. اهي اڄ بہ ڊاڪٽر صاحب جي ڪردار جا چرچا ڪندا رهن ٿا. الله سائين ڪيس ڊگهي صحتمند زندگي عطا فرمائي تہ جيئن اجان بہ وڌيڪ غريبن جي خدمت ڪندو رهي.

ڪري دانهون، پري آنهون، اباڻن ڪي تہ ساريان ٿي
اکين مان نار، وهايم ڌار، اباڻن ڪي تہ ساريان ٿي

روئندي راتيون گذاريم، سڏڪندي ساريون گذاريم
يادن جي سير، سيني ۾ تير، اباڻن ڪي تہ ساريان ٿي

هليو سو وقت ويو، موٽي سو ڪين ايندو
سڪندي ٿيم سال، وڃايم حال، اباڻن ڪي تہ ساريان ٿي

خوشي ساري ختم ٿيم، وهندا لڙڪ رهيم
نير هاري، پرين ساري، اباڻن ڪي تہ ساريان ٿي

راضي رحمان رهي، هرپل اهو ڏيان رهي
نہ ٿيو ديدار، ويا سي پار، اباڻن ڪي تہ ساريان ٿي

خالي سي گهر ٿيا، وڇڙي سي ولر ويا
اٿم اهو ارمان، نہ ٿيو درمان، اباڻن ڪي تہ ساريان ٿي

قيمتي وقت وڃائي وينس
سڀ ڪجهه پنهنجو لُٽائي وينس
مهلت وري ملڻ ناهي ڪار
لڙڪ وهن ٿا زاروزار

لوڪ سڄي مون کي فرمايو هو
وڃايو تن پنهنجو ڪُل سرمايو هو
ان وقت هئس مان شاهوڪار
لڙڪ وهن ٿا زاروزار

دل جن جي مون لئہ آتي هئي
تن مٿان مون نہ پاتي جهاتي هئي
پئي مون مٿان غفلت جي ناهي مار
لڙڪ وهن ٿا زارو زار

مون نہ سڃاتيون سندن آنهون هون
ڪين سٺيم جي سندن دانهون هون
اندر هاڻي تيم چارو چار
لڙڪ وهن ٿا زارو زار

ابوامان وڇڙي ويا ٿم
نير نيڻن ۾ ڏئي ويا ٿم
اندر ٿي ويم ڏارو ڏار
لڙڪ وهن ٿا زارو زار

ياد انهن جي اندر ڳاري ٿي
دل رويو پل پل پڪاري ٿي

ڏک سمايو منهنجي وارو وار
لڙڪ وهن ٿا زارو زار

سوڍر توکي مليا سور سوايا
ويا ابو امان وري نہ آيا
تون هنجون وينو هاڻي هار
لڙڪ وهن ٿا زارو زار

انمول اها ئي آس رهي آ
قسمت ٿي جن جي سهي آ
عزت کن سي تارو تار
لڙڪ وهن ٿا زارو زار

ڏس ميهڙ جا هي منظر پيارا، وڏا عالم، اديب ۽ معلم سارا
علم جي افق تي چمکن ٿا، هر ذات سندا هي روشن تارا.
اديبن سندو استاد هي بلبل، سياست ۾ ڏس سيد جا لشڪارا.
سندي عبدالوهاب، نہ سهي کفرتاب، ميراث ۾ مجيل سوڍر مسجدي وارا.
ولي بہ حڪمت وارو عبدالڪريم اٿئي، قرائت ۾ ڪامل قاري محمد پارا.
الهٰي بخش ايري عاشق رسول رهيو، فيروز شاهي رهيا فضيلت وارا.
آگرا بہ عظيم استاد رهيا هن، استاد ڪل هئا مهيسر رهڙي وارا.
شاهہ سجاتو حاجي رسول بخش آهي، سندس شاگرد لکيا هي اتم انسان اوتارا.
چاندين ۾ چمڪي ڪارو چانڊيو، قاري سعيد هئا سبع قرائت وارا.
عبدالله چانڊيو عظيم استاد آهي، جيءَ جيارا خادم العلوم وارا.
انمول اهي سڀ سر جا سائين، سوڍر گڏريا سڀ ڏينهن سک ۾ سارا.

نيڻ آلا ڪري، باھ سيني ۾ ٻاري
ڏئي جدائي يار هليو وئين
دل کي آتاري، عشق جي آتش اپاري
ڏئي جدائي يار هليو وئين

مسند اها خالي آهي، ديدار جتي ملندا هئا
روئي رات ڏاري، ڳالهيون سي سڀ ساري
ڏئي جدائي يار هليو وئين

اوڙو پاڙو ايندو هو، ملڪ جتي اچي مِڙندو هو
زخم آري پاري، روئي پيم هنجون هاري
ڏئي جدائي يار هليو وئين

اڄ اهي خالي گهرڙا، تو بن ويران چمن آ
دل دانهون ڪري، روئي راهون نهاري
ڏئي جدائي يار هليو وئين

ويران سي ويڙها ڏنم، رلندي تنهنجا عاشق ڏنم
اجائي زندگي گهاري، نيٺ ڇڏيم ماٺ ماري
ڏئي جدائي يار هليو وئين

توتي اڄ ناز ٿئي هان، انمول دل شاد ٿئي هان
رهيو ڪونہ ياري، درد اِهو تو روئاري
ڏئي جدائي يار هليو وئين

علم جن جو افضل هو، قرآءت جن جي ڪامل هئي
عمل جن جي عادت هئي، سي اباڻا هئا منهنجا

قال سنديون ڪچهريون، قال رسول سندي رهاڻ
سچائي جن جي سعادت هئي، سي اباڻا هئا منهنجا

علم سندا سمنڊ هئا، عمل سندا آسمان هئا
ضيافت جن جي غيرت هئي، سي اباڻا هئا منهنجا

قرب جن جي ڪچهري هئي، ادب جن جي عظمت هئي
شهادت جن جي چاهت هئي، سي اباڻا هئا منهنجا

مناظرِ اسلام لقب هئا، استادالعلماء سبق هئا
روزا جن جي راحت هئي، سي اباڻا هئا منهنجا

بهادري ۾ بالاتر رهيا، عبادت ۾ اڳيرا رهيا
فضيلت جن جي فطرت هئي، سي اباڻا هئا منهنجا

فتوائن ۾ جي فائز هئا، ميثاق ۾ جي مجيل هئا
عزت جن جي الفت هئي، سي اباڻا هئا منهنجا

قضا ۾ جي قابل هئا، ميراث ۾ جي ماهر هئا
حياتي جن جي نعمت هئا، سي اباڻا هئا منهنجا

جي بي بها گوهر هئا، تاريخ ٻڌجي سي اڄ ويا
عيان جن جي نذاڪت هئي، سي اباڻا هئا منهنجا

ذڪر جن جو آ عبادت، سوڊر ڪي ملي سعادت
انمول جن جي عبرت هئي، سي اباڻا هئا منهنجا

گناهن ۾ گذاري ڇڏيم، اجائي وئي هيءَ زندگي
هاءِ شرمندگي هاءِ شرمندگي
عاصي رهيم عبادت کان پري، ڪين ڪيم ڪا بندگي
هاءِ شرمندگي هاءِ شرمندگي

سورن سندي هِت سڪرات ٿي، ڪاري قبر ۾ فِڪرات ٿي
غفلت ۾ وئي گذري، هاڻي ڏکي هر هڪ رات ٿي
هاءِ شرمندگي هاءِ شرمندگي

جنهن وقت جدا هي جان ٿي، ويس مان حيران ٿي
جيءُ منهنجو جُهري پيو، ويس غمن ۾ چالاڻ ٿي
هاءِ شرمندگي هاءِ شرمندگي

مٽ مائٽ ويا سڀ ڇڏي، مٽي منجهه ويا هو گڏي
سمجهي ڪين سگهيم، لالڻ ٻه ويا اڳ لڏي
هاءِ شرمندگي هاءِ شرمندگي

سُک اندر سامي آهيان، خوب ڀريل خامي آهيان
دنيا دورنگي دور ٿي، هِت پيو بي دامي آهيان
هاءِ شرمندگي هاءِ شرمندگي

قبر منجهه قيد ٿيس، ٻانئين ڪل ڀَيد ٿيس
شاهي منهنجو شان هو، دنيا اندر ناپيد ٿيس
هاءِ شرمندگي هاءِ شرمندگي

ٿو محشر جو ميدان سُجهي، آهيان گناهن ۾ جُجهي
رسج رهبر تون راهه ۾، متان مجبور ميزان ۾ مُنجهي
هاءِ شرمندگي هاءِ شرمندگي

قادر اڳيان کھڙو کنڌ کٽان، وڄائي سڀ ڪجھ وينس هَڙان
وهي سو وقت وَيَڙو، جيڪو پوکيو سو وينو لڻان
هاءِ شرمندگي هاءِ شرمندگي

پل صراط شل پار ٿئي، غلام تنهنجو نا خوار ٿئي
دوزخ جي دڙڪي کان آجو، پانِهي جو جو هي پارُ ٿئي
هاءِ شرمندگي هاءِ شرمندگي

انمول جو اِهوئي عرض آ، ٻي هاڻي نہ ڪائي غرض آ
سودِر جا سٽج سڌڙا، وڏي ويو سندس هي مرض آ
هاءِ شرمندگي هاءِ شرمندگي

ڀَانئين = واقف، سونهون بي دامي = بي قيمت ڀيد = راز

ميهڙ منجھ ماڻهو مور رهيا ٿئي،
عظيم استاد، اتم انسان رهيا ٿئي،
ميهڙ جي مٽي ڏاڍو مانُ لٽو آ،
سڪندي تن لئہ مون خان ڏنا ٿئي.


ساري تنهنجون ساروٽيون، اندر منهنجو اڏ ٽيوم
ڏسي تن جا وٺاڻ ويران، جيءُ منهنجو جهري پيوم
عالم، فاضل قاري، حافظ، سي مير مجاهد منهنجا اباڻا هئا
انمول ڏسي تن جا خالي گهرڙا، نيڻن منهنجي رت رنوم

مولانا اعجاز علي سودِر (انمول)

حوالا

١. گل اهڙي طرح ٿا هوا ۾ لڏن، ص ٢٥.
٢. دادو ضلعو هڪ اڀياس، ص ٢٨۴.
٣. جيون سفر سڪ جو، ص ٣٦٨
۴. جيون سفر سڪ جو، ص ١٠٧.
۵. سڄڻ ڏنو جن، ص ٣٠
٦. صحيح بخاري، حديث نمبر ٦٠٢٩.
٧. پيار جو مسافر، ص ٢٦، ٢٧.
٨. شرح سر يمن ڪلياڻ
٩. شرح سُر آسا ۽ سُر مومل راڻو، ڇاپو ٻهريون،ص ٢١.
١٠. شرح سُر ڪلياڻ، ڇاپو ٽيون،ص ۴١.
١١. شرح سُر آسا ۽ سُر مومل راڻو، ڇاپو ٻهريون،ص ٢١.
١٢. نئين شرح لطيف، ڇاپو ٻهريون،ص١٩،٢٠.
١٣. احمد بن حنبل، امام، مَسند احمد بن حنبل، باب نسب وغيره جي معاملي ۾ آباء تي فخر ڪرڻ کان ترهيب جو بيان، حديث نمبر: ٢٣٨٨۵
١۴. مشڪوٰة المصابيح، حديث نمبر ٢۵٧.
١۵. سوينئر ٢٠١۵ هاءِ اسڪول ون ميهڙ ضلع دادو، ص ١٠٩.
١٦۔ الترغيب والترهيب، الطبعة الاولى، ١۴١٧، ابراهيم شمس الدين، كتاب القضاء ١١٧:٣-
١٧. مشڪوٰة المصابيح، حديث نمبر ٣٧٣٦.
١٨. مسند احمد، حديث نمبر ٩٧٩٩.
١٩. شمس الدين صاحب جو اشارو مولانا غلام محمد سوڍر صاحب طرف هو.
٢٠. وياسي وينجهار، ڇاپو پيو، ص٢٢١.
٢١. جيون سفر سڪ جو، ص ٢٨٧.
٢٢. ويا سي وينجهار، ڇاپو پيو، ص٢٢٣.
٢٣. دادو ضلعو ڪالھ ۽ اڄ، ص ٢٢٧
٢۴. دادو ضلعو هڪ اڀياس، ص ١۵٣ .
٢۵. دادو ضلعو ڪالھ ۽ اڄ، ص ١۴١.
٢٦. جيون سفر سڪ جو، ص ١٨١.
٢٧. i. دادو ضلعو هڪ اڀياس، ص ٣٠۴ .
ii. قرب ڪريمي، ص ١٩٨.

٢٨. قرب ڪريمي، ص ١٩٨
٢٩. سوينئر ٢٠١٥ هاءِ اسڪول ون ميهڙ ضلع دادو، ص ١٣٦.
٣٠. اهو دور ڪليڪٽر دور هوندو هو ان ڪري ڪيترائي ڪاتا لوڪل بورڊ جي زير نگراني رهندا هئا.
٣١. دادو ضلعي جو اسلامي ورثو هڪ اپياس، ص ٢٢٦ .
٣٢. لفظ لفظ خوشبو، ص ٢٥.
٣٣. مولانا عبدالله سومرو صاحب جي قلمي بياض تان ورتل.
٣٤. سورة الشعراء٢٦: آيت ٢٢٦.
٣٥. دادو ضلعو هڪ اپياس، ص ٢٨١.
٣٦. سلسليوار آوازِ سنڌ، ص ٢٣، حيدرآباد، سيپٽمبر ٢٠١٧ .
٣٧. دادو ضلعو هڪ اپياس، ص ١٨٧.
٣٨. نعتون نانءِ حبيب جي، ص ١٠.
٣٩. جيون سفر سڪ جو، ص ٤٥٦.
٤٠. صحيح البخاري ، حديث نمبر ٦٠٣٥.
٤١. صحيح مسلم، حديث نمبر ٦٥٢١.
٤٢ . هن وقت ان ڳوٺ جو نالو عبدالحميد تنيو آهي
٤٣. سنڌي ادب تي هڪ نظر، ص ٤٥٤.
٤٤. دادو ضلعو هڪ اپياس، ص ١٨٥ .
٤٥. دادو ضلعو ڪالهه ۽ اڄ، ص ٢٢٩ .
٤٦. هڪ نظر هيڏانهن به، ص٢٠٩.
٤٧. دادو ضلعو هڪ اپياس، ص ١٨٦.
٤٨. جيون سفر سڪ جو، ص ٣٨٦.



ساٿي ۽ سونهان

ڪتاب

١. القرآن
٢. ابڙو، رياض الدين، ڊاڪٽر، سنڌ جو گوهر ناياب، شمس الدين بلبل، ڇاپو پهريون، حيدرآباد، ايڊوانس پرنٽنگ ايجنسي ٢٠١٧.
٣. احمد بن حنبل، امام، مسند احمد.
۴. الانا، غلام علي، لاڙجي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ، ڄامشورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ١٩٧٧.
٥. المنذري. عبدالعظيم بن عبدالقوی. الترغيب والترهيب. بيروت. دارالكتب العلمية. الطبعة الأولى. ١۴١٧. ابراهيم شمس الدين. كتاب القضاء۔
٦. امن سيا ۾ شامل ٽيندڙن لاءِ متفقه فتوىٰ، ڪراچي جمعيت علماءِ سنڌ ١٣۴٠ھ.
٧. بلبل، شمس الدين، جام جم، سنڌ جي مسلمانن جا سياسي مسئلا، ١٩١٥.
٨. بخاري، ابو عبدالله، محمد بن اسماعيل، امام، صحيح بخاري.
٩. ٻگهيو، عبدالڪريم، حاجي، لفظ لفظ خوشبو، پارس ڪمپيوٽر سينٽر حيدرچوڪ، حيدرآباد ٢٠١٠.
١٠. ترمذي، امام، ابو عيسىٰ، محمد بن عيسىٰ، جامع الترمذي.
١١. ٽالپر، محمد جمن، سنڌ جا اسلامي درسگاهه، سنڌي ساهت گهر حيدرآباد ٢٠٠٧.
١٢. پير دلبر، محمد ڪرم الله، تذڪرةُ الخلفاءِ الغفاريه، ڪراچي، جامعه مدينة العلم ٢٠٠٩.
١٣. جوکيو، انور، پيار جو مسافر،حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز ٢٠١٣
١۴. جوٽيجو، پاويل، دادو ضلعو ڪالهه ۽ اڄ، حيدرآباد، ايسٽ لائين ڪميونيڪيشن، ڇاپو پهريون ٢٠٠٨.
١٥. جوہر، بروہی، عبدالقیوم، مولانا، تعارف اتحاد المدارس ضلع دادو، (اردو) ، ٹنڈو ولی محمد، نیو امجد پریس١٩٩٩، ٢٠٠٠.
١٦. جي ايم سيد، جنب گذاريم جن سين، جلد پهريون، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٦٧.
١٧. چانڊيو، عبدالحميد خان، حڪيم، سوانح حيات نواب سر غيبي خان چانڊيو، ڇاپو پهريون، ڪنڌڪوٽ، روشني پبليڪيشن ٢٠٠٦.
١٨. چانڊيو، عبدالحميد خان، حڪيم، سنڌ جو اتر ڪاڇو عرف چانڊڪو ڪاڇو، ص٣١٨، حيدرآباد، فيئر فين گرافڪ ۽ پرنٽرس٢٠٠٠.

١٩. خطيب تبريزي، محمد بن عبدالله، مشڪوٰة المصابيح.
٢٠. خليل، محمد ابراهيم، شيخ، بلبل سنڌ، ڇاپو پهريون، حيدرآباد، امرتا پبليڪيشنز ٢٠١٥.
٢١. ڏيپر، محبوب، نعتون ناتءِ حبيب جي، حيدرآباد، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشرز ٢٠١٩.
٢٢. ڏيرو، بشيراحمد، قاري محمد صاحب جي سوانح حيات، قلمي مخطوطو.
٢٣. ڏيرو، حبيب الله، مولانا، سوينئر ٢٠١٥ هاءِ اسڪول ون ميهڙ، حيدرآباد، ساحل پرنٽر٢٠١٥.
٢٤. ڏيرو، حبيب الله، مولانا، ميهڙ جي ديروي (ڏيرا) خاندان جون علمي ۽ ادبي خدمتون، حيدرآباد ، ساحل پرنٽرز اينڊ پبلشر ٢٠١٥.
٢٥. ڏيرو، رسول بخش، حاجي، شرح سُر آسا ۽ سُر مومل راڻو، ڇاپو پهريون، شڪارپور، مهراڻ اڪيڊمي ٢٠١١.
٢٦. ڏيرو، رسول بخش، حاجي، شرح سُر ڪلياڻ، ڇاپو ٽيون، شڪارپور، مهراڻ اڪيڊمي ٢٠٠٥.
٢٧. ڏيرو، رسول بخش، شرح سر يمن ڪلياڻ ، مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور، ڊسمبر ٢٠٠٥.
٢٨. ڏيرو، رسول بخش، حاجي، نئين شرح لطيف، ڇاپو پهريون، فريدآباد، ميهڙ، لطيف پبليڪيشن١٩٧٣.
٢٩. راهي، اسحاق سومرو، گل اهڙي طرح ٽا هوا ۾ لڏن، ڇاپو پهريون، قمبر، ڪنول پبليڪيشن ٢٠١٧.
٣٠. سبط حسن رضوي، سيد، ڊاڪٽر، فارسي گويان پاڪستان، راولپنڊي، انتشارات مرڪز تحقيقات فارسي ايران و پاڪستان ١٩٧٤.
٣١. سوڍر، زينَ العابدين، ڊاڪٽر،عارف باالله، ڪوٽڙي، حسيني ايجوڪيشنل سوسائٽي ١٩٩٩.
٣٢. سولنگي، محمد عرس اظهر، دادو ضلعو هڪ اڀياس، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ٢٠١٣
٣٣. سومرو، مظهرالدين، ڊاڪٽر، تحريڪ آزاديءَ ۾ سنڌ جي عالمن جو حصو، ڪراچي، نقش پبليڪيشنز٢٠٠٨.
٣٤. Abbasi, Niaz Ali, Dr. Dadu at a Galance, Dadu, District Administration,2012.
٣٥. سيتائي، بشير، ڏاها ڏات ڏٺي، دادو، سرجٺهار پبليڪيشن ٢٠٠٤.
٣٦. فهميده حسين، پروفيسر، ڊاڪٽر، انسائڪلوپيڊيا سنڌيانا، جلد پنجون حيدرآباد، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي٢٠١٢.

٣٧. قادري، عبدالرسول، ڊاڪٽر، قرب ڪريمي، ميهڙ، مدرسه عربيه اڪبريه دارالقرآن جامع مسجد سيد عليٰ اڪبر شاھ ٢٠١٨.
٣٨. گرامي، غلام محمد، مولانا، وياسي وينجهار، ڇاپو ٻيو، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ١٩٩٥.
٣٩. ڳورڙ، اعجاز، سڄڻ ڏنو جن، ڪراچي، ذڪي سنز پرنٽرس ٢٠١٤.
٤٠. ڳورڙ، الهرکيو، جيون سفر سک جو، دادو،سرجڻهار پبليڪيشن ٢٠١١.
٤١. لغاري، ڪليم الله، مفتي، قاري، ست ستارا، ڪراچي، قادري پرنٽنگ پريس، ٢٠٠٩.
٤٢. مسلم، مسلم بن حجاج بن مسلم القشيري، امام، صحيح مسلم.
٤٣. مگسي، ڪريم بخش، مفتي، ميهڙ جون ديني درسگاهون، ڪراچي، عربيه پبليڪيشنس ٢٠١٥.
٤٤. مگسي، عبدالله خان، پروفيسر، سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو، ڪراچي، سنڌيڪا اڪيڊمي،١٩٩٤.
٤٥. مگسي، محمد امين، جوڳيئڙا جهان ۾ (مشاهير دادو) ، ميهڙ، علامه آءِ آءِ قاضي اڪيڊمي ١٩٩٨.
٤٦. ملاح مختيار احمد، سنڌي ادب تي هڪ نظر، ڇاپو ٻيو، ٢٠٠٦.
٤٧. وفائي، دين محمد، مولانا، تذکره مشاهير سندھ، جلد دوم، سوم، اشاعت اول، جامشورو، سندھی ادبی بورڈ ٢٠٠٥.
٤٨. وگهيو، نياز، دادو ضلعي جو اسلامي ورثو هڪ اڀياس، دادو، سنڌي ادبي سنگت شاخ، ٢٠١٨.
٤٩. شاڪر، احمد، هڪ نظر هيڏانهن به، ڇاپو پهريون، قمبر ڪنول پبليڪيشن، ٢٠١٩.

رسالا

١. ماهنامہ نئين زندگي، ڊسمبر ١٩٥٧.
٢. ماهوار پيغام، مارچ،اپريل ١٩٨١ع، ڪراچي: شعبہ مطبوعات سنڌ اطلاعات کاتو.
٣. چاچڙ، عبدالوهاب، مفتي، ماهوار شريعت "سوانح حيات نمبر"، جلد٦، شمارو١_٤، روهڙي، روهڙي پرنٽنگ پريس، آڪٽوبر، نومبر ١٩٨١.
٤. ماهوار الصادق، ڪراچي، قاضي پرنٽرس، آگسٽ، سيپٽمبر ١٩٨٢.
٥. مهيسر، منظور علي، ڳوٺ ۽ ڳوٺاڻا، حصو ڇهون، آل پاڪستان مهيسر سوشل ويلفيئر لاڙڪاڻو، ٢٠٠٥.
٦. مهراڻ _ سوانح نمبر، حصو پهريون، ڇاپو ٻيو، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٩٠.
٧. مهراڻ شاعر نمبر، ڇاپو ٻيو، ڄامشورو سنڌي ادبي بورڊ ١٩٩٠.
٨. انڍڙ، شفيع محمد، ماهنامہ نصيحت، جلد٣، شمارو٥ تا ١٢، نومبر، ڊسمبر ١٩٩٥، سکر، نصيحت پبليڪيشن منزل گاهہ.
٩. ماهوار شريعت، جلد٢٣، شمارو٧، فيبروري ١٩٩٦.
١٠. ماهنامہ نصيحت، جلد١١،شمارو٥ تا ١٢، مئي تا ڊسمبر٢٠٠٣.
١١. ماهوار شريعت، جلد٣٨، شمارو٢، روهڙي، آگسٽ٢٠١٠.
١٢. ماهوار صِراط الهدیٰ ، سلسلو نمبر ١٣٤، آڪٽوبر ٢٠١٧.
١٣. سلسليوار آوازِ سنڌ، حيدرآباد، سيپٽمبر ٢٠١٧.

اخبارون

١. روزانہ الوحيد کراچی مؤرخہ ٤ جنوری ١٩٢٢.
٢. روزانہ الوحيد کراچی، مؤرخہ ٩ جنوری ١٩٢٢.
٣. روزانہ الوحيد کراچی، مؤرخہ ٢٢ سيپٽمبر ١٩٢٢.
٤. روزانہ الوحيد کراچی، مؤرخہ ٢٠ مارچ ١٩٢٥.
٥. روزانہ الوحيد کراچی، مؤرخہ ٢٤ فيبروری ١٩٤٢.
٦. روزاني عوامي آواز، ڪراچي، ٦ فيبروري ٢٠٠٦.
٧. روزانہ مهراڻ، حيدرآباد، ١٥ فيبروري ٢٠٠٦.
٨. روزانہ مهراڻ، حيدرآباد، ٢٥ فيبروري ٢٠٠٦.



مولانا اعجاز علي بن حاجي بخشل سوڊر ١٥ ربيع الثاني ١۴٠٢ھ مطابق ١٠ فيبروري ١٩٨٢ع بروز اربع ڳوٺ شيروڏيپر ۾ پيدا ٿيو. پاڻ پنهنجي پرائمري جي تعليم پنهنجي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول مان ١٩٩۴ع ۾ مڪمل ڪيائين. ان ڪان پوءِ ڇهين درجي ڪان ونئي ڏهين ڪلاس تائين مون سان گڏ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٿو ميهڙ ۾ پڙهيو. ڪافي ذهين ۽ هوشيار هوندو هو. ڀراڙيءَ جو ٻار هوندي اڪثر مضمونن ۾ قابليت حاصل ڪيائين. اسان ميٽرڪ ١٩٩٩ع ۾ مڪمل ڪئي. مولانا صاحب انٽر گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ميهڙ مان ٢٠٠١ع ۾ پاس ڪئي ۽ اتان ئي B.Sc ٢٠٠٣ع ۾ مڪمل ڪئي. ان دوران پاڻ ديني تعليم جامعة الرشيد ڪراچي مان حاصل ڪندو رهيو. اتان ئي 2007ع ۾ فارغ التحصيل ٿيو ۽ اتي ئي سندس دستاربندي ٿي. ان ڪان بعد ٢٠١۴ع جي آخر ۾ تعليم کاتي ۾ پرائمري استاد مقرر ٿيو. ٢٠١۴ع ۾ ايم اي اسلامڪ ڪلچر جو امتحان پاس ڪيائين. وري بي ايڊ ۽ ايم ايڊ جا امتحان ٻ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ميرس سان ايفليئيٽيڊ ياسر ڪاليج دادو مان پاس ڪيائين. هن وقت پاڻ ڪوندي جي پرائمري اسڪول ۾ استاد آهي، ان سان گڏ سنڌ يونيورسٽي ۾ ايم فل جو ريسرچ اسڪالر پڻ آهي. سندس صلاحيتن ڪان هاءِ اسڪول جي وقت ڪان ئي واقف آهيان. پاڻ ذهين ته آهي پر ان سان گڏ سٺي اخلاق ۽ ڪردار وارو پڻ آهي. ڪيس لکڻ جو شوق هاءِ اسڪول جي دور ڪان ونئي آهي، مگر باقائده لکڻ جي شروعات ٢٠١٧ع ڪان ڪئي اٿائين. ڪيس نثر ۾ لکڻ جو شوق آهي، سندس ڪجهه مضمون رسالن ۾ ڇپيل آهن ۽ 6 ريسرچ آرٽيڪل HEC ڪان ريڪزنائيز ٿيل جنرلن Al A'jaz جلد 2 شماره 1۾ ”حضرت مولانا حماداللہ ہالیجویؒ کی زندگی پر ایک نظر“ ۽ جلد 2 شماره 2 ۾ ”Tasawwuf in Islam“، الحبيبيه جلد 3 شماره 1 ۾ ”والدین اللہ کی رحمت قرآن وحدیث کی روشنی میں“ ۽ جلد 3 شماره 2 ۾ ”معلم اسلام ﷺ اور ان کی تعلیمات کے معیارات“، دنیائے تصوف جلد 1 شماره 1۾ ”بصرہ کی ایک لازوال صوفی عورت: حضرت رابعہ بصری“ ۽ جلد 1 شماره 2 ۾ ”حضرت مولانا عبدالکریم قریشی بیرائی ایک عظیم مصلح“ ڇپجي چڪا آهن ۽ ڪجهه ڇپائي هيٺ آهن. پاڻ شاعري جي صنف تي ٻ پاڻ ڪي آزمائيندو رهي ٿو. هي ڪتاب سندس تحقيقي ڪتاب آهي. پنهنجي آخرت لاءِ ذخيري جي نيت سان هن ڪتاب کي تصنيف ڪيو اٿائين. دعا آهي ته الله تعالیٰ سندس هن محنت کي قبول فرمائي ۽ سندس لاءِ آخرت جو ذخيرو بڻائي.

زاهد ابڙو ڳوٺ ”ٽيٻا“ ميهڙ